# ابن بطوطہ جو سفر

[redacted]

(سنڌ ۽ هندستان جي سفر متعلق)


مدير و مرتب

عمر حسين الخشاب

مترجم

محمد ابراهيم عباسي

بي. اي ، بي. ٽي

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

١٩٧٦ع

Marfat.com

# ابن بطوطہ جو سفر

(سنڌ ۽ هندستان جي سفر متعلق)

مدير و مرتب

عمر حسين الخشاب

مترجم

محمد ابراهيم عباسي بي،اي،بي،ڊي

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

١٩٧٦ع

چاپو پهريون آڪٽوبر ۱۹۷۶ع ڪاپيون ۱۰۰۰

13807

سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم

ملڻ جي ايڊريس

سنڌي ادبي بورڊ ڪ اسٽال

سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس

پوسٽ باڪس نمبر ۱۲، حيدرآباد سنڌ

هي ڪتاب سردار پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتو، حيدرآباد
۾ ڇپيو ۽ غلام رباني آگري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڈ، حيدرآباد
مان شايع ڪيو.

Marfat.com

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| ديباچو | ا |
| ابن بطوطه جي سوانح حيات | ۵ |
| **باب پهريون** | |
| درياءَ سنڌ | |
| **فصل پهريون** | ۱ |
| خوفناڪ گينڊو | |
| **فصل ٻيو** | ۶ |
| سنڌوندي جو سفر | |
| **فصل ٽيون** | ۱۳ |
| عجيب ڪنڊهرات | ۱۵ |
| **فصل چوٿون** | |
| بادشاه جي سخاوت | ۱۷ |
| ملتان جو حاڪم | ۱۸ |
| **باب ٻيو** | |
| **فصل پهريون** | |
| هندستان جي وڻن ۽ ميون جو بيان | ۲۳ |
| **فصل ٻيو** | |
| هندستان ۾ اناج جي پوک | ۲۷ |
| ڪافرن لٽيرن سان امان جو پهريون مقابلو | ۲۹ |
| **فصل ٽيون** | |
| هندستان ۾ ستي لڪڙي جو رواج | ۳۲ |
| **فصل چوٿون** | |
| دهلي جو شهر | ۳۷ |
| دهلي جو شهرپناهه ۽ ان جا دروازا | ۳۸ |
| دهلي جي جامع مسجد | ۳۹ |
| دهلي جا وڏا حوض | ۴۲ |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| دهليءَ شهر جا مزارات | ۴۳ |
| سندس ڪراٽ | ۴۵ |
| **باب ٽيون** | |
| **فصل پهريون** | |
| دهليءَ جي فتح ۽ مختلف بادشاه | ۴۷ |
| سلطان شمس الدين (التمش) | ۴۸ |
| سلطان رڪن الدين | ۴۹ |
| رضيه سلطان | ۵۰ |
| سلطان ناصر الدين | ۵۱ |
| **فصل ٻيو** | |
| سلطان غياث الدين بلبل | ۵۳ |
| بادشاه جي ڪهاڻي | ۵۳ |
| سلطان معزالدين بن ناصرالدين بن سلطان غياث الدين بلبن | ۵۶ |
| **فصل ٽيون** | |
| جلال الدين فيروز خلجي | ۵۹ |
| سلطان علاؤ الدين محمد شاه خلجي | ۶۰ |
| سلطان شهاب الدين | ۶۴ |
| سلطان قطب الدين | ۶۵ |
| سلطان خسرو خان ناصر الدين جو بيان | ۶۸ |
| **فصل چوٿون** | |
| سلطان غياث الدين تغلق شاه | ۷۲ |
| سندس پٽ جي ناڪام بغاوت | ۷۶ |
| تغلق جو لکنوتي ڪاهي وڃڻ ۽ موت ٿي سندس اچانڪ موت | ۷۷ |
| **باب چوٿون** | |
| **فصل پهريون** | |
| سلطان ابي المجاهد محمد شاه ابن سلطان غياث الدين تغلق | ۸۰ |
| بادشاه جون خصلتون | ۸۰ |
| شاهي محل جا دروازا ۽ ديوان خانا | ۸۱ |


Marfat.com

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| بادشاھ جو مجلس عام ۾ وڃڻ جو طريقو | ۸۳ |
| **فصل ٻيو** | |
| ٻاھرين ملڪن جي مسافرن جي نذرائي رکڻ جو طريقو | ۸۶ |
| سرڪاري ماڻھن جي نذرائي پيش ڪرڻ جو طريقو | ۸۷ |
| عيد نماز لاءِ جلوس ڪڍڻ جي رسم | ۸۷ |
| عيد جي مجلس ۽ تخت وغيره جو بيان | ۹۰ |
| **فصل ٽيون** | |
| بادشاھ جي سفر تان واپسيءَ جو جلوس | ۹۳ |
| بادشاھ جو خاص دسترخوان | ۹۴ |
| بادشاھ جو عام دسترخوان | ۹۴ |
| **باب پنجون** | |
| **فصل پھريون** | |
| بادشاھ جي سخاوت ۽ نيڪي | ۹۷ |
| بادشاھ جو شھاب الدين گازروڻيءَ کي بخشش ڏيڻ جو قصو | ۹۷ |
| شيخ الشيوخ رکن الدين کي بخشش | ۱۰۰ |
| واعظ ترمذي ناصر الدين کي بخشش | ۱۰۱ |
| عبدالعزيز اردويليءَ کي بخشش | ۱۰۳ |
| شمس الدين الدڪانيءَ کي بخشش | ۱۰۳ |
| قاضي مجدالدين کي بخشش | ۱۰۳ |
| برھان الدين ساغر کي بخشش | ۱۰۵ |
| حاجي ڪاون کي بخشش ۽ سندس ڪمال | ۱۰۴ |
| **فصل ٻيو** | |
| ابن الخليفہ جو بادشاھ وٽ اچڻ | ۱۰۶ |
| حڪايت | ۱۰۹ |
| حڪايت | ۱۰۹ |
| ابن الخليفہ جي ڪنجوسائيءَ جون ڪي ڪمالھيون | ۱۱۱ |
| **فصل ٽيون** | |
| امير سيف الدين عزا بن ھبة الله بن مھني امير عبدالشاعر | |


Marfat.com

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| تي بادشاه جي نظر عنايت | ١١٤ |
| بادشاه جي ڀيڻ جي امير سيف الدين سان شادي ٿيڻ جو بيان | ١١٥ |
| امير الغرا جو بيان | ١١٩ |
| سلطان جو وزير جي ڌين جي شادي خداوند زاده قوام الدين جي پٽن سان ڪرڻ | ١٢٢ |
| بادشاه جي تواضع ۽ انصاف مطابق ڳالهه | ١٢٢ |
| اهڙي هڪ ٻي ڳالهه | ١٢٢ |
| هڪ ٻي ڳالهه | ١٢٣ |
| نماز لاءِ سختي | ١٢٣ |
| شرعي حڪمن لاءِ سختي | ١٢٤ |
| مظلومن جي فرياد رسي ۽ انصاف | ١٢٤ |
| ڏڪار ۾ ماڻهن کي کاڌو رسائڻ | ١٢٥ |
| **باب ڇهون** **فصل پهريون** | |
| بادشاه جا ظلم | ١٢٦ |
| پنهنجي ڀاءُ کي قتل ڪرڻ جو بيان | ١٢٧ |
| بادشاه جو هڪ ئي وقت ساڍا ٽي سو ماڻهو مارائڻ | ١٢٧ |
| شيخ شهاب الدين کي عذاب ڏيئي قتل ڪرائڻ | ١٢٨ |
| مدرسي جي فقيه عفيف الدين ڪاشاني کي ۽ ٻن فقيهن کي هن سان گڏ قتل ڪرائڻ | ١٣١ |
| بادشاه جو ٻن سنڌي فقيهن کي، جيڪي سندس نوڪريءَ ۾ هئا، قتل ڪرائڻ | ١٣٢ |
| شيخ هود کي قتل ڪرائڻ | ١٣٤ |
| ابن تاج العارفين ۽ ان جي اولاد کي قيد ڪرائڻ ۽ مارائڻ | ١٣٦ |
| شيخ علي حيدريءَ کي قتل ڪرائڻ | ١٣٨ |
| طوغان ۽ ان جي ڀاءُ کي قتل ڪرائڻ | ١٣٩ |
| ملڪ التجار کي قتل ڪرائڻ | ١٤٠ |
| خطيب الخطباء کي موت جي مار ڏيارڻ | ١٤١ |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| دهليءَ جي شهر کي برباد ڪرڻ ۽ انڊي ۽ سندي کي مارائڻ جو عجيب واقعو | ۱۴۱ |
| غياث الدين بهادر (پوري) جو قتل | ۱۴۳ |
| **فصل ڏهو** | |
| بادشاه جي ٻڌات جي بغاوت | ۱۴۵ |
| ڪشلو خان جي بغاوت ۽ سندس موت | ۱۴۷ |
| قراجيل جي جبل ۾ بادشاه جي لشڪر سان ٿيڪ واقعو | ۱۴۸ |
| امير حلاجون جي بغاوت | ۱۴۹ |
| شريف جلال الدين جي معبر جي ملڪ ۾ بغاوت ۽ وزير جو پنهنجي پاڻيجي کي، جيڪو انهيءَ سان شامل هو، قتل ڪرائڻ جو بيان | ۱۵۱ |
| امير حلاجون جي بغاوت | ۱۵۳ |
| بادشاه جي لشڪر ۾ وبا پوڻ | ۱۵۴ |
| بادشاه جي موت جو افواه ۽ ملڪ هوشنج جو پڄي وڃڻ | ۱۵۵ |
| شريف ابراهيم جي بغاوت | ۱۵۶ |
| تلنگانا ۾ بادشاه جي نائب جي بغاوت | ۱۵۸ |
| **فصل ڏهون** | |
| بادشاه جو گنگانديءَ جي ڪناري تي شهر ٻڌائڻ ۽ عين الملڪ جي بغاوت | ۱۶۰ |
| بادشاه جو دارالخلافه ۾ واپس اچڻ، علي شاهڪر (هوڙي) جي بغاوت | ۱۷۰ |
| امير بخش جو پڄي وڃڻ ۽ قيد ٿيڻ | ۱۷۱ |
| شاه افغان جي سنڌ ۾ بغاوت | ۱۷۳ |
| قاضي جلال جي بغاوت | ۱۷۳ |
| ابن ملڪ مل جي بغاوت | ۱۷۵ |
| ملڪ مقبل ۽ ابن الڪوتيءَ جي لڙائي | ۱۷۸ |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| **باب ستون** | |
| هندستان ۾ ڏکار ٻوڙ | ۱۸۰ |
| **فصل ٻهريون** | |
| اسان جو بادشاه جي غيرحاضريءَ ۾ شاهي محل ڏانهن وڃڻ | ۱۸۱ |
| بادشاه جي والده جو گهر ٻهڃڻ ۽ سندس خصلتن جو بيان | ۱۸۲ |
| مهمانيءَ جو بيان | ۱۸۴ |
| منهنجي ڏيءَ جي وفات ۾ منهنجي همدردي | ۱۸۶ |
| بادشاه ۽ وزير جا مون تي احسان | ۱۸۹ |
| بادشاه جي غير حاضريءَ ۾ عيد | ۱۹۰ |
| اسان جو بادشاه جي استقبال لاءِ باهر وڃڻ | ۱۹۱ |
| **فصل ٻيو "الف"** | |
| بادشاه جو دارالخلافي ۾ اچڻ ۽ اسان کي سواريءَ لاءِ | |
| پنهنجي گهوڙن مان گهوڙا عطا ڪرڻ | ۱۹۴ |
| بادشاه جي دربار ۾ حاضر ٿيڻ ۽ اسان کي جاگيرون ۽ عهدا ملڻ | ۱۹۵ |
| بادشاه جو ٻيو عطيو ۽ ان ۾ دير ٿيڻ | ۲۰۰ |
| لهٽيدارن جو مون کي تنگ ڪرڻ، منهنجو بادشاه جي مداح ۽ قصيدو لکڻ، بادشاه جو قرض جي ادائگيءَ لاءِ حڪم ڏيڻ، ۽ دير ٿيڻ | ۲۰۲ |
| **فصل ٻيو "ب"** | |
| بادشاه جو شڪار لاءِ باهر وڃڻ ۽ اسان جو هن سان گڏ وڃڻ | ۲۰۷ |
| بادشاه کي مون هڪ ان تحفي طور ڏنو | ۲۱۱ |
| بادشاه جو باهر وڃڻ ۽ مون کي دارالخلافي ۾ رهڻ جو حڪم ڏيڻ | ۲۱۴ |
| مقبري جو انتظام | ۲۱۷ |
| ماڻهن کي وليمي مان ڪاڏي ڏيڻ جو رواج | ۲۱۹ |
| **فصل ٽيون** | |
| هزار امروه ڏانهن سفر | ۲۲۰ |
| ڪن دوستن جي مون سان مهرباني ڪرڻ | ۲۲۲ |


Marfat.com

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| بادشاه جو منزل ڏانهن وڃڻ | ٢٢٤ |
| بادشاه جي ناراضگي ۽ خدا جي فضل سان منهنجي جند آزاد ٿيڻ | ٢٢٤ |
| منهنجو نوڪري ڇڏي تارڪ دنيا ٿيڻ | ٢٢٥ |
| بادشاه جو مون کي واپس نوڪريءَ لاءِ سڏڻ ۽ منهنجو انڪار ڪري عبادت ۾ جهد ڪرڻ | ٢٢٦ |
| بادشاه جو مون تي راضي ٿيڻ ۽ مون کي چين جو سفير ڪري موڪلڻ | ٢٢٦ |
| چين جي بادشاه ڏانهن تحفا موڪلڻ | ٢٢٧ |
| ڪول جي ڀرسان اسان جي ڪافرن سان لڙائي | ٢٣١ |


## فصل چوٿون


| | |
|---|---|
| منهنجو مصيبت ۾ پوڻ ۽ هڪ ولي الله جي مدد سان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ | ٢٢٣ |
| شيخ جي ڳالهه | ٢٤٢ |
| قاضيءَ جي ڳالهه | ٣٤٤ |
| ڳالهه | ٢٤٦ |
| علاپور جي حاڪم جي شهادت | ٢٤٧ |
| جوڳين جي جادوءَ جو بيان | ٢٤٩ |
| ڳالهه | ٢٥٠ |
| ڳالهه | ٢٥١ |
| ڳالهه | ٢٥٥ |
| ڳاني بجاني جي بازار | ٢٥٨ |
| ڳالهه | ٢٦٣ |
| اتي جي راجا جو بيان | ٢٦٤ |


## باب اڻون — فصل پهريون


| | |
|---|---|
| اسان جي سمنڊ رستي سفر جو بيان | ٢٦٦ |
| پتي جو راجا | ٢٦٨ |


Marfat.com

| عنوان | | صفحو |
|---|---|---|
| ان جوگيءَ جي گالهه | | ٢٦٨ |
| هنور جي بادشاه جو بيان | | ٢٧٢ |
| هن جي ڪاڏي جو نمونو | | ٢٧٢ |
| ڪارن سرڇن جو بيان | | ٢٧٧ |
| هتي جي راجا جو بيان | | ٢٧٩ |
| هتي جي بادشاه جو بيان | | ٢٨٠ |
| هتي جي بادشاه جو بيان | | ٢٨٢ |
| جامع مسجد جي سامهون عجيب شان وارو وڻ | | ٣٨٣ |
| گالهه ٠ | | ٢٨٥ |
| هتي جو راجا | | ٢٨٦ |
| **فصل ٻيو** | | |
| ڇڻ جا جهاز | | ٢٨٨ |
| امان جو ڇڻ جي سفر ڏي سنڌ ۽ تباهيءَ جو اچڻ | | ٢٩٠ |
| دار چيني ۽ بقم | | ٢٩٤ |
| هتي جو راجا | | ٢٩٥ |
| امان جو سنڌا پور ڏي ڪاهي وڃڻ ۽ فتحياب ٿيڻ | | ٢٩٧ |
| **فصل ٽيون** | | |
| هتي جا وڻ | | ٣٠٣ |
| هن ٻيٽ جا باشندا ۽ انهن جي رهائش | | ٣٠٤ |
| هتي جون عورتون | | ٣٠٨ |
| هنن ٻيٽن ۾ اسلام پکڙڻ جو سبب | | ٣١٠ |
| هنن ٻيٽن جي حڪمران ملڪ | | ٣١٣ |
| وزير، ان جون خلعتون ۽ ٻيا عهديدار | | ٣١٥ |
| مان هنن ٻيٽن ۾ ڪيئن آيس | | ٣١٥ |
| وزير جا خون ڏي ڪي احسان | | ٣٢٠ |
| **فصل چوٿون** | | |
| وزير جو رخ برلڇ ۽ سنهنجو اتان هليو وڃڻ جو ارادوڪرڻ | | ٣٢٢ |


Marfat.com

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| منهنجي هنن سان عيد ڪرڻ | ٣٢٤ |
| منهنجي شادي ڪرڻ، ۽ منهنجو قاضي مقرر ٿيڻ | ٣٢٦ |
| وزير عبدالله بن محمد الحرضرميءَ، جنهن کي سلطان شهاب الدين "سويد" جي ٻيٽ ۾ جلاوطن ڪري موڪليو هو، جو اچڻ ۽ منهنجي ۽ هن جي وچ ۾ اٽڪٽ ٿيڻ | ٣٢٨ |
| منهنجي هنن کان جدائي ۽ ان جو سبب | ٣٢٩ |
| هڪ پستان واري عورت | ٣٣٤ |
| **باب نائون** | **فصل پهريون** |
| سيلان جو راجا | ٣٣٨ |
| آتي جو بادشاه | ٣٤١ |
| ياقوت | ٣٤٢ |
| باندر | ٣٤٣ |
| اڏامندڙ ڄؤر | ٣٤٤ |
| | **فصل ٻيو** |
| سرانديپ جو جبل | ٣٤٦ |
| قدم شريف | ٣٤٧ |
| | **فصل ٽيون** |
| معبر جي ملڪ جو بادشاه | ٣٥٢ |
| منهنجو سلطان غياث الدين وٽ پهچڻ | ٣٥٣ |
| اسان جو سفر ۾ زالن ۽ ٻارن جي قتل جو وحشتناڪ نظارو ڏسڻ | ٣٥٤ |
| ڪافرن سان لڙائي ۽ اسلام جي شاندار فتح | ٣٥٦ |
| بادشاه جو فوت ٿيڻ ۽ سندس ڀائٽئي جو تخت تي ويهڻ ۽ منهنجو اتان روانو ٿيڻ | ٣٦٠ |
| | **فصل چوٿون** |
| هرزو ڊاڪن جو اسان کي ڦرڻ | ٣٦٤ |


Marfat.com

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| بنگال جو بادشاه | ۳٦۸ |
| گالهه، | ۳٦۹ |
| شيخ جلال الدين جو بيان | ۳۷۰ |
| سندس کرامت | ۳۷۰ |
| سندس ٻي کرامت | ۳۷۱ |
| شيخ جون ٻيون عجيب کرامتون | ۳۷۲ |




Marfat.com

# ديباچو

خداوند ڪريم جا لک شڪرانا، جو اڄ منهنجي دل جي هڪ مراد پوري ٿي آهي، جنهن لاءِ مون کي عرصي دراز کان انتظار هو. اصل ۾ مون کي اڊونچر (Adventure) يا حقيقت تي بنياد رکندڙ پُرخطر ڪهاڻيون ، قصا يا آپ بيتيون ننڍيءَ عمر کان وٺندیون آهن. مون کي ياد آهي ته مان جڏهن پڙهڻ لائق ٿيو هوس، تڏهن مون کي الف ليلیٰ جي قصن مان قصو، چار درويش، حاتم طائي ۽ ان جا ڏاکڙا، سنڌ بساد ميلاڻيءَ جا جڙيل سنڌي قصا ڏاڍا پسند اينداهٿا ۽ انهن جي سفرن ۽ ان ۾ ڏنل ڪالهيون ڏاڍيءَ دلچسپيءَ سان رات جو دير تائين پڙهندو رهندو هوس، ۽ اڄين محسوس ٿيندو هوم، جڏ ته مان خود به هنن سان گڏ خيالي دنيا ۾ گڏ هلندو ٿي رهيس. جيتوڻيڪ مٿيان سڀ قصا فرضي هٿا ۽ جلد پڙهي ختم ڪيم ، تڏهن به انهن جي پيٽ ۾ مون کي ٻيا ديون ۽ پرين جا فرضي قصا اصل ڪين وٺندا هٿا. ان کان پوءِ هڪ اهڙو به دور آيو، جو انگريزي جاسوسي ناولن تان ترجمو ٿيل، سنڌي جاسوسي ناول پڙهڻ شروع ڪيم، ۽ پنجمن يا چوٿين درجي تائين پڙهي ختم ڪري ڇڏيم. پوءِ وري ٻئي قسم جي ادب ڏانهن ڏيان ڇڪجي ويم، تان جو جڏهن بي - اي جو امتحان، عربي سبجيڪٽ سان ، پاس ڪيم، تڏهن هڪ استاد کان مصر ۾ ڇپيل "ابن بطوطه ۽ ان جا سفر" رنگين باتصوير رسالو وٺي پڙهيم. آن مون کي ايترو ته لطف ڏنو، جو اڳيون سڀ بادبون تازيون ٿيڻ لڳيون ۽ هڪ دفعو وري اڊونچر (Adventure) قسم جي ناولن پڙهڻ ۾ شوق جاڳيو.

Marfat.com

ائين ابن بطوطہ جا ٻيئي حصا ڏاڍي شوق سان پڙهي پورا ڪيم، ۽ خيال ڪيم تہ هن عربي ڪتاب ڏان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپرائجي. پر ان وقت ڪنهن خاص سبب جي ڪري ڪجهہ ڏهاڪي ڪين سگهيس، ۽ وقت گذرندو رهيو. آخر اهو وقت اچي ويو، جو سنڌيءَ ۾ ايم - اي پريويس پاس ڪرڻ کان پوءِ ايم - اي فائينل لاءِ ڪو ڪتاب ترجمو ڪرڻو ٿيم. ۽ چاڪاڻ تہ مون کي ائڊونچر (Adventure) قسم جي ڪتابن سان خاص انس هو، تنهنڪري ڪتاب پڻ اهڙي ڪنهن يونيورسٽيءَ اختياريءَ وارن صاحبن کي پيش ڪيم. اهي ڪل ڏي ڪتاب هئا، جن ۾ ٻہ، انگريزيءَ ۾ ۽ ٽيون ابن بطوطہ جا سفر، سنڌ ۽ هندستان متعلق، (عربي ۾) هو. خوش قسمتيءَ سان يونيورسٽي اختياريءَ وارن جي قابل داد چونڊ سبب مون کي ابن بطوطہ جا سفر حصو ٻيو (جنهن ۾ سندس سنڌ ۽ هندستان جو مڪمل سفر اچي ٿي ويو) ترجمي لاءِ مليو. سان هن ڪم کي شوق سان لڳي ويس، پر هيءُ ڪم مون جهڙو آسان سمجهيو هو، تهڙوئي مون لاءِ مشڪل ثابت ٿيو. بهرحال ٻن سالن جي مسلسل محنت کان پوءِ آخر ان ڏکئي ڪم کي ختم ڪيم. هن ڪم ۾ پنهنجي محترم استاد ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي مشفقانہ رهبريءَ ۽ همت افزائيءَ جو بہ گهڻي قدر هٿ آهي، چاڪاڻ تہ سندن ڏي صلاح سان مان ڪراچي يونيورسٽيءَ جي عربيڪ ڊپارٽمنٽ جي هيڊ، مسٽر عبدالعزيز ميمڻ سان ملڻ ويس، جنهن صاحب ڪمال مهربانيءَ فرمائي، مون کي ابن بطوطہ جي سفرن متعلق مناسب چاپي حاصل ڪرڻ ۽ ان مان ترجمي ڪرڻ لاءِ صحيح رهبري ڏيڻ ۾ ڪابہ ڪسر ڪانہ ڇڏي، ۽ پوءِ موڪي اچي پنهنجي گهر کي لڳس.

ترجمي جي دوران مون کي جيڪي مشڪلاتون پيش آيون، تن مان کي هيٺ ڏجن ٿيون:

۱- چاڪاڻ تہ "ابن بطوطہ" تقريباً سڄيءَ دنيا جو سير ڪيو آهي، تنهنڪري هن هر ملڪ جا لفظ هر هنڌ استعمال

Marfat.com

پئي ڪيا آهن. نتيجو اهو ٿو نڪري، جو پڙهڻ وارو انهن جي ڳولا عربي ڊڪشنرين ۾ ڪندو ٿو رهي، پر اهي لفظ ملي ڪين ٿا سگهنس. انهيءَ خاص تڪليف لاءِ مون کي جناب مولانا عبدالعزيز عرب جي مدد وٺڻي پيئي، جنهن هر وقت مون کي مفيد مشورو ڏيئي، منهنجي هن ڪم ۾ تمام گهڻي مدد ڪئي.

٢- ڪيترن شهرن جا نالا هن وقت گهڻو ڪري بدلجي ويا آهن ۽ ڪي شهر اصل بلڪل نابود ٿي ويا آهن، جن جو ڪٿي نشان به ملي نٿو سگهي. پر تنهن هوندي به انڊين امپيريل گزيٽيئر، ابوالفضل جو آئين اڪبري، تاريخ معصومي، چچ نامو، تاريخ فرشته ۽ تحفة الڪرام جهڙين تاريخن، ڪننگهام جي رپورٽن، جيڪي هن آثار قديم متعلق لکيون آهن ۽ ٻين ڪن سندس همعصر مؤرخن ۽ سياحن جا ڪتاب هٿ ڪري، انهن مان انهن شهرن جا نشان ۽ پتا هٿ ڪيم. پر جيڪڏهن اڃا به ڪجهه رهجي ويا هجن ته پڙهندڙ حضرات انهن بابت مون کي ڪا معلومات ڏيندا ته سندن نوازش ۽ پنهنجي همت افزائي سمجهندس.

٣- ابن بطوطه جو اصل لکيل سفر جو احوال ته سندس بيان مطابق ڪانئس دريائي ڊاڪن ڦري ورتو هو؛ تنهنڪري جيڪي ڪجهه به لکيو اٿس، سو رڳو پنهنجي يادگيريءَ ۽ ذهن مان لکيو اٿس. ان لاءِ به ڪوشش ڪري، هن جي ڪن ڳالهين کي فوٽ نوٽن وسيلي ڪجهه درست ڪيو ويو آهي.

٤- ابن بطوطه ڪيترن هندستاني لفظن کي عربي جيءَ اچارن موجب لکي ويو آهي ۽ وري عربي ڪاتبن ته اصل انهن جي صورت ئي بدلائي ڇڏي آهي، مثلاً گواليار کي ڪاليور (ڪيالير)، گجرات کي الجزرات ڪري لکيو ويو آهي؛ تنهن لاءِ پڻ ڪٿي ڪٿي اصل متن وارو لفظ لکي، اتي ئي ڏنگين ۾ صحيح لفظ لکيو ويو آهي.

مطلب ته هن ڪتاب جي دقيق محاورن کي سلجهائڻ ۽

سوليءَ ۽ بامحاوره سنڌيءَ ۾ ترجمي ڪرڻ لاءِ ٻه سال ڪافي نه هئا، پر مون محنت ڪري، سنڌيءَ جي علم ادب جي خدمت ڪرڻ خاطر، هن ڪتاب ۾ پنهنجي حتي المقدور ڪوشش صرف ڪئي آهي. اميد ته هيءُ ڪتاب تاريخي ذوق رکندڙ حضرات ۽ سنڌي علم ادب جي شائق سڄڻن لاءِ ڪافي دلچسپ ثابت ٿيندو.

وَ آخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين.

محمد ابراهيم عباسي

بي - اي، بي - ٽي - ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد سنڌ

۱۹ اپريل ۱۹۵۹ع

Marfat.com

# ابن بطوطہ جي سوانح حيات

ابن بطوطہ جي حياتيءَ متعلق وڌيڪ جاڻ ڪانہ آهي، پر رڳو ايترو ئي معلوم آهي، جيڪو هو خود پنهنجي زباني، پنهنجي سفرن جي دوران ۾ ٻڌائي ٿو.

ابن جزي، جيڪو سندس سفرن جو اصل مؤلف ۽ مدير آهي، تنهن جي لکڻ موجب هو طنجير (Tangier) جي شهر ۾ ۲۴ فبروري سن ۱۳۰۴ع ۾ جاڏو هو، ۽ سندس سفرن جي تفصيل وار بيان موجب، معلوم ٿو ٿئي تہ هن جي موراکو موڙڻ کان پوءِ هن کي اتي موراکي جي هڪ شهر ۾ قاضيءَ جو عهدو ڏنو ويو هو، جتي هو سن ۱۳۶۸ع يا ۱۳۶۹ع ۾ وفات ڪري ويو. هن جو اصل نالو محمد بن عبدالله هو. ابن بطوطہ سندس خاندائي لقب هو. اهو خاندان اڳ ۾ موراکو ۾ موجود آهي. سندس حياتيءَ جو وڌيڪ احوال سندس سفرن مان خود سندس زباني هن ڪتاب ۾ موجود آهي، ۽ تنهن هوندي ۾ اسان سندس سڀني سفرن جو مختصر بيان هيٺ ڏيون ٿا، تہ ڪيئن هن کي پهرياڻين سفر جو شوق ٿيو ۽ ڪيئن هو هندستان ۾ آيو.

زير نظر ڪتاب ۾ رڳو سندس انهيءَ سفر بابت احوال آهي، جيڪو هن سنڌ، هندستان ۽ آسپاس جي ڪن مختلف ٻيٽن ۾ ڪيو هو.

## ابن بطوطہ جي سفر جو اختصار

ابن بطوطہ جي سفر ۾ڙهڻ وقت معلوم ٿيندو تہ هن اٺين صدي هجريءَ ڏاري، ان وقت جي دنيا جي تقريباً سڀني آباد

Marfat.com

ملڪن جو سفر ڪيو هو. هڪ طرح سان ڏنو وڃي تہ اُن وقت رڳو هُن هڪ ئي شخص اهڙو سفر ڪين ڪيو هو، بلڪ هن وانگر ٻيا بہ ڪيترائي سياح هئا، پر هين سياحن جي گهٽي خبر ڪانہ ٿي پنجي سگهي، ڇو تہ هنن ابن بطوطہ وانگر ڪو بہ ڪتاب ڪونہ لکيو هو.

ٻاويهن سالن جي عمر ۾ ابن بطوطہ سفر تي نڪتو هو، جنهن جي شروعات هن هيئن ڪئي، جو هو پنهنجي ملڪ طنجير مان حج ڪرڻ جي ارادي سان روانو ٿيو هو، ۽ آفريڪا جي سڀني خاص خاص شهرن جو سير ڪندو، مصر ۾ پهتو. اُتان عيذاب جي بندر تائين اچي پهتو، جتان سندس ارادو مڪي معظمہ ڏانهن وڃڻ جو هو. اهو بندر عدن کان ٽورو ئي پري آهي. پر انهن ڏينهين اتي جو بادشاه منگولن سان لڙائي ڪري رهيو هو، تنهنڪري جهاز ملي ڪين سگهيس ۽ ابن بطوطہ واپس مصر هليو ويو، جتان سنہ ۷۲۶ هجريء جي شعبان مهيني ۾ شام ڏانهن هليو ويو، جتي دمشق وڃي، وقت جي ڪن مشهور عالمن کان علم حديث ۽ فيض حاصل ڪيائين. اتان ساڳئي سال شوال جي مهيني ۾ حاجين جي هڪ قافلي سان مديني شريف ۽ اتان مڪي معظمہ ۾ پهتو. اتي حج ڪرڻ کان پوء نجمين جي هڪ قافلي سان گڏجي، هو عراق ۾ پهتو، جتان نجف اشرف جي زيارت ڪري، هو بغداد هليو ويو. اتان واسطہ ۽ اتان وري رواق ۾ پهچي، سيد احمد رفاعيء جي قبر جي زيارت ڪري، اتان بصري ۾ پهتو، جتان اچي ايران کان نڪتو. ڪجهہ ڏينهن وشوستر ۾ رهي، اصفهان کان ٿيندو، هو وڃي شيراز کان نڪتو، جتي قاضي مجدالدين شيرازيء سان ملاقات ۽ شيخ ابو عبدالله خفيف ۽ شيخ سعدي عليہ الرحمت جي قبرن جي زيارت ڪيائين. اتان وري گازرون جي بندر تي پهتو، جتان وري عراق وڃڻ ۽ ڪوفي کان ٿيندو وڃي بغداد پهتو. ان وقت بغداد ويران ٿي ويو هو، پر تڏهن بہ ڪافي وڏو شهر هو. هو اتان موصل ۽ ماروين کان ٿيندو، وري ٻئي حج لاء

Marfat.com

سنہ ٧٢٨ هجريءَ ۾ مڪي معظمہ ڏانهن هليو ويو. هڪ سال اتي ترسي، پوءِ جدي ويو، جتان جهاز ۾ چڙهي، آفريڪا جو سير ڪندو، وڃي يمن ۾ پهتو. وري عدن مان هڪ جهاز رستي هو مقدشو ڏانهن ويو. جيڪو آفريڪا جي ايرندي ڪناري تي آهي. اتان زنزيبار ۽ ممباسا جي بيٺن مان گهمندو، جهاز ۾ چڙهي، عربستان جي ڏاڪڻ ڪناري تي حضرموت جي ظفار شهر ۾ پهتو. اتان وري عمان کان ٽيندو، هرموز جي شهر ۾ پهتو، جتان هو اتي جي سخي بادشاه تهمتن سان ملاقات ڪري، اناطول ڏانهن ويو. اتي هر هنڌ فساد لڳا پيا هئا ۽ اڇا تازو اتي عثمانيہ خاندان جو بنياد پيو هو. اتان جي بروصہ شهر کان ڪاري سمنڊ جي ڪناري وارا شهر گهمندو، وڃي قبچاچ کان نڪتو، جتان ڇهن مهينن جو رستو لتاڙي ڪريميا ۾ پهتو، جتي ان وقت سلطان ازبق، هڪ مسلمان بادشاه حڪمران هو. هو چنگيز خان جي اولاد مان هو ۽ روس جو گچ ملڪ سندس حڪومت ۾ داخل هو ۽ وولگا نديءَ تي سراءِ نالي شهر سندس تخت گاه هو. اتان هو بلغار ڏانهن ويو. اهو رمضان جو مهينو هو ۽ وڏن ڏينهن ٽيڙ جي موسم پئي هئي، تنهنڪري مغرب ۽ عشا جي نماز ڏي پڙهجي مس پوري ٽيندي هئي تہ صبح ٽي ويندو هو. اتان هن جو ڪنهن ٻئي پاسي وڃڻ جو ارادو هو، پر عيد جي ڏينهن اتفاق سان هو بادشاه جي ڪئمپ ۾ هليو ويو، جتان جڏهن هو حاجي ترخان جي شهر ۾ بادشاه وٽ آيو، تڏهن ان وقت بادشاه جي هڪ ملڪ جيڪا ڪنهن نصراني بادشاه جي ڏيءَ هئي، قسطنطنيہ، وڃڻ جي بادشاه کان اجازت گهري. پوءِ ابن بطوطہ هن ملڪ سان گڏجي قسطنطنيہ ويو، جتان واپس سراءِ جي شهر ۾ ويو. اتان هو دشت جي رستي خوارزم ويو، جتان بخارا ڏانهن هليو ويو. اتي ڪجهہ وقت هو سلطان علاؤ الدين طرم شيرين، ترڪستان جي بادشاه جي دربار ۾ رهيو. اهو بادشاه چنگيز خان جي اولاد مان هو. اتان هو سمرقند ويو، جتان بلخ ۽ هرات مان ٽيندو جام، مشهد

Marfat.com

شريف، ليشا پور ڏسندو، قندار جي رستي هندوڪش کان ٽيندو، الوراب ۽ پنج سئو جي رستي پشاڻي ۽ پروان مان گهمندو، غزني، تنهن کان پوء وري ڪابل کان هلي اچي سنڌ ۾ پهتو. ان کان پوء سندس هي سفر شروع ٿئي ٿو، جنهن جا سڀ احوال هن ڪتاب ۾ سڏا سنوان تفصيل وار ڏنل آهن.

Marfat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

## فصل پهريون

# درياء سنڌ

سنہ ۷۲۴ هجري جي ماه محرم‌الحرام جي پهرين تاريخ اسين سنڌو درياء تي اچي پهتاسين. ان درياء کي پنج آب (پنجاب) به ڪري چوندا آهن. هيءُ درياء دنيا جي تمام وڏن دريائن مان هڪ شمار ڪيو ويندو آهي. گرميءَ جي مند ۾ هن کي چاڑهه ٿيندو آهي، ۽ جهڙيءَ طرح مصر جي باشندن جي زراعت جو مدار نيل نديءَ جي چاڑهه تي آهي، اهڙيءَ طرح هن ملڪ جي رهاڪن جي زندگي به هن درياءَ جي چاڑهه تي منحصر آهي. هتان ڪان وٺي سلطان محمد شاهه (۱) هندستان ۽ سنڌ جي مسلمان بادشاهه جي حڪومت شروع ٿئي ٿي.

جڏهن اسين هن درياء تي پهتاسين، تڏهن بادشاهه جا اخبار نويس اسان وٽ آيا ۽ اسان جي اچڻ جي خبر يڪدم ملتان جي حاڪم قطب‌الملڪ کي ڏياري موڪليائون. بادشاهه جي طرفان انهن ڏينهين سنڌ جو امير سرتيز (۲) هو. هيءُ شخص بادشاهه جو

---

(۱) هيءُ غياث‌الدين تغلق، جيڪو تغلق گهراڻي جو پهريون حاڪم هو، تنهن جو پٽ هو. سندس اصل نالو جونا خان هو، ۽ پيءُ جي مرڻ کان پوءِ محمد شاه تغلق جي لقب سان تخت تي ويٺو.

(۲) سرتيز (عمادالملڪ)، پنهنجي قوم جو سردار ۽ بادشاهه محمدشاه تغلق جو نائي ۽ فوج جو سپهه سالار هو. سنہ ۷۴۸ هجري ۾، هو جڏهن دکن ۾ حسن ڪاڪوئي بهمنيءَ جي بغاوت بند ڪرڻ ۾ مصروف هو، تڏهن هڪ لڙائيءَ ۾ مارجي ويو.

Marfat.com

سلام ۽ فوج جو سڀ سالار هو. جڏهن اسين سنڌ ۾ پهتاسين، تڏهن شهر جو امير سيوستان (١) ۾ ترسيل هو.

سيوستان کان ملتان تائين ڏهن ڏينهن جو رستو آهي ۽ ملتان کان دارالخلافه دهليءَ تائين پنجاهه ڏينهن جو رستو آهي. اخبار نويس جيڪا خبر بادشاهه کي لکندا آهن، اها هن وٽ ٽپال جي ذريعي پنجن ڏينهن ۾ پهچي ويندي آهي.

ٽپال کي هن ملڪ ۾ برید (٢) چوندا آهن، جيڪا ٻن قسمن جي ٿيندي آهي، هڪ گهوڙي واري ۽ ٻي پيادي. گهوڙي واريءَ ٽپال کي "اولاق" چوندا آهن ۽ هر چئن ڪوهن کان پوءِ گهوڙو بدلايو ويندو آهي. هي گهوڙا بادشاهه جي طرفان ملهيل هوندا آهن. پيادي ٽپال جو انتظام وري هيئن ٿيندو آهي، جو هڪ ميل ۾، جنهن کي هتي جا ماڻهو "ڪروهه" (٣) چوندا آهن، ٽي چونڪيون پيادن جون هونديون آهن. ان چونڪيءَ کي "داوهه" (٤) ڪري سڏيندا آهن. وري هر هڪ ميل جي ٽئين حصي جيتري فاصلي تي هڪ گوٺ ٻڌل هوندو آهي ۽ اهڙي هر هڪ گوٺ جي ٻاهران پيادن لاءِ هڪ حاطو (چونڪي) ٺهيل هوندو آهي. هر هڪ حاطي ۾ پيادا ڪمر کشيو بيٺا هوندا آهن، جن مان هر هڪ پيادي وٽ هڪڙي ۾ گز ڊگهي لٺ هوندي آهي، جنهن جي مٿي تي ٽامي جا گهنگهرا ٻڌل هوندا آهن.

---

(١) شهر سيوستان سان ابن بطوط، جو مطلب سيوهڻ (ضلعو دادو) آهي.

(٢) عربيءَ ۾ قاصد يا ٻارنهن ميلن جي مفاصلي کي برید چوندا آهن. گب صاحب لکي ٿو ته هن قسم جي پوسٽل سروس رکي سرڪاري ڪمن لاءِ مقرر هوندي هئي ۽ اها عام ماڻهو خانگي طرح سان انهن وقتن ۾ ڪڏهن ڪڏهن استعمال ڪري ڪين سگهندا هئا.

(٣) ڪروهه ۽ ڪرهه هڪ ئي لفظ. سنڌ ۾ هن وقت ٻن ميلن جي مفاصلي کي ڪرهه چوندا آهن

(٤) داوهه = دابه = دابه = داپو (من جانب مهربان جناب مهربان استاد صاحب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)

Marfat.com

جڏهن شهر مان ٽپال نڪرندي آهي، تڏهن مقرر ٽيل پيادو هڪ هٿ ۾ لفافو جهليندو آهي ۽ ٻئي هٿ ۾ لٺ کڻي وڃي پنهنجي پوريءَ طاقت سان دوڙندو آهي. ٻيو پيادو وري هن جي گهنگهرن جو آواز پري کان ٻڌي، تيار ٿي بيهندو آهي، ۽ هن کان لفافو وٺندي ئي يڪدم اڳتي دوڙندو آهي. اهڙيءَ طرح سان جنهن طرف خط وغيره پهچائڻو هوندو آهي، پهچائيو ويندو آهي. هن قسم جي ٽپال گهوڙن کان به جلد پهچي ويندي آهي. ڪٿ هن ڪڏهن هن ٽپال جي ذريعي خراسان جا تازا ميوا پڻ رڪابين ۾ رکي، خاص بادشاهه لاءِ پهچايا ويندا آهن. ۽ ڪڏهن ته ڪي سنگين مجرم کٽ تي (سمهاري چوکنيو ٻڌي)، اهڙيءَ طرح چونڪي به چونڪي پيادا کڻي وڃي پهچائيندا آهن. بادشاهه جڏهن دولت آباد ۾ هو، تڏهن ان لاءِ گنگا نديءَ (جيڪا هندن جو حج يعني ياترا جي جڳهه آهي،) جو پاڻي پڻ ٽپال ۾ موڪليو ويندو هو. دولت‌آباد گنگا نديءَ کان چاليهن ڏينهن جي فاصلي تي آهي.

اخبار نويس هر ڪنهن مسافر جا احوال تفصيل وار لکندا آهن. مثلاً هن جي شڪل (حليو) هيءَ آهي، لباس هيءُ پهريل اٿس، نوڪر، رفيق ۽ جانور هن قسم جا ساڻ اٿس. اٺي ويهڻي هن نموني جي اٿس، وغيره. مطلب ته ڪابه گهاڻ باقي ڪين ڇڏيندا آهن. جڏهن ڪوبه مسافر ملتان جي شهر ۾ (جيڪو سنڌ جو دارالخلافه آهي) پهچندو آهي، تڏهن جيستائين بادشاهه جي طرف کان، هن جي روانگيءَ، مهمان نوازيءَ جي انتظام ٿيڻ ۽ اخراجات مقرر ٿيڻ جو حڪم نه اچي، تيستائين هن کي اتي ڏي (ملتان ۾) ترسڻو پوندو آهي، هر ڪنهن مسافر جي آڇپاڇ، هن جي ساز و سامان ۽ اٺي ويهڻيءَ مطابق ٿيندي آهي. ڇو ته ان وقت تائين سنڌس حسب ۽ نسب جي خبر پڇي ڪين سگهندي آهي.

هندستان جو بادشاهه محمد شاه تغلق پرديسين جي عزت ۽ آدر تمام گهڻي ڪندو آهي ۽ انهن سان ڏاڍي محبت ڪندو

Marfat.com

آهي، ايتري قدر جو کين وڏا وڏا عهدا پڻ بخشيندو آهي. سندس خاص درباري، حاجب (خط لکندڙ) وزير، قاضي ۽ نائي گهڻو ڪري غير ملڪي ماڻهو هوندا آهن. هن جو حڪم آهي ته "پرديسيءَ کي هميشه عزيز ڪري سڏيو وڃي." انهيءَ ڪري باهريان ماڻهو سڀ عزيز جي لقب سان سڏيا ويندا آهن.

جيڪو شخص بادشاهه جي سلام تي ويندو آهي، سو هن لاءِ ڪو نه ڪو تحفو ضرور کڻي ويندو آهي، جو نه اهو سڀني کي معلوم آهي ته بادشاهه انهن تحفن جي عيوض ٻيڻو يا ٽيڻو انعام ضرور ڏيندو آهي. انهيءَ ڪري سندس جي ڪن سوداگرن جو اهو پيشو ئي ويو آهي ته هو اهڙي شخص کي هزارها دينار قرض ڏيندا آهن، ان لاءِ تحفا تيار ڪندا آهن، ڪيس نوڪرن، گهوڙن ۽ (شانائتي) سواريءَ جو انتظام ڪري ڏيندا آهن، ۽ نه رڳو ايترو بلڪ پاڻ به نوڪرن وانگر ان جي اڳيان هٿ ٻڌيو بيٺا هوندا آهن، پوءِ جڏهن آهو شخص بادشاهه جي سلام کان شرفياب ٿيندو آهي ۽ ڪيس انعام ملندو آهي تڏهن هو انهن سوداگرن جو سمورو قرض ادا ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ طرح هي سوداگر تمام گهڻو نفعو حاصل ڪندا رهندا آهن.

ماڻ به جڏهن سنڌ ۾ پهتس تڏهن اهو ئي طريقو اختيار ڪيم ۽ اهڙن سوداگرن کان گهوڙا، اٺ ۽ غلام خريد ڪيم. هڪ عراق جو سوداگر جنهن جو نالو محمد دوري هو ۽ تڪريت (۱) جو رهواسي هو، تنهن کان شهر غزنيءَ ۾ ٽيهه گهوڙا ۽ هڪ اٺ، جنهن تي تير ۽ ڪمان لڏيل هئا، خريد ڪيم، جو ته اهڙيون ئي شيون بادشاهه کي تحفي طور ڏنيون ويندڙيون هيون. جڏهن اهو سوداگر خراسان کان واپس آيو، تڏهن اڇي مون کان پنهنجو قرض گهريائين ۽ تمام گهڻو فائدو حاصل ڪيائين، ايتري قدر جو هو فقط منهنجي ڪري ئي هڪ وڏو

---

(۱) عراق ۾ بغداد ۽ موصل جي وچ تي هڪ وڏو شهر آهي.

واپاري بنجي ويو. اهوئي شخص ڪيترن سالن کان پوءِ وري مون سان حلب جي شهر ۾ مليو. اتي جي ڪافرن (١) مون کان منهنجي تن جا ڪپڙا به ڦري ورتا هئا، پر هن شخص منهنجي ڪا به مدد ڪانه ڪئي.

---

(١) حلب جي ڪافرن مان ابن بطوطه جو مطلب دريائي ڊاڪو ٿي سگهي ٿو، جيڪي ان وقت ڪٿي ڪٿي قابض هئا.

Marfat.com

# فصل ٻيون

## خوفناڪ گينڊو

جڏهن اسين سنڌو درياءَ ، جيڪو پنج آب مشهور آهي ، پار ڪري هڪڙي گهاٽي جهنگل ۾ گهڙياسين ، جتان رستو ٽي لنگهيو ، تہ اتي اوچتو امان گينڊو ڏٺو . هيءُ حيوان رنگ جو ڪارو ۽ وڏي جسم وارو ٿيندو آهي . هن جو منهن تمام وڏو ٿيندو آهي . ڪن جو منهن وڏو ۽ ڪن جو ننڍو پڻ ٿيندو آهي . انهيءَ لاءِ هڪ مثال مشهور آهي تہ "ڪرڪردن (۱) سر بي بدن" . هيءُ جانور هاٿيءَ کان ننڍو ٿيندو آهي . پر آن جو منهن هاٿيءَ جي منهن کان گهڻو وڏو ٿيندو آهي ۽ پنهنجي اکين جي ٽيڪ وچ تي ، پيشانيءَ جي مٿان هڪ سڱ ٿيندو اٽس ، جنهن جي ڊگهائي ٽي هٿ ۽ ويڪرائي هڪ گرانٽ کن ٿيندي . جڏهن اهو گينڊو جهنگل مان نڪتو ، تڏهن آن جي ساهڙن هڪ سوار اڇي ويو . گينڊي

---

(۱) ڪرڪردن عربي لفظ آهي ، جنهن جي معنيٰ آهي گينڊو . هيءُ بن قسمن جو ٿيندو آهي : (۱) هڪ سڱ وارو ، (۲) بن سڱن وارو . بن سڱن وارو سوماترا ۽ جاوا ۾ ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ ڪڏهن چٽگانگ ۽ برما ۾ پڻ لهندو آهي . هڪ سڱ وارو گهڻو ڪري آفريڪا ۾ ٿيندو آهي ، پر ڪڏهن برهمپترا (نديءَ) جي ڪناري تي ۽ ڏسڻ ۾ ايندو آهي . گهڻو ڪري هيءُ جانور گپ ۽ ڏهڙ وارن هنڌن تي رهندو آهي . وڏي مٿي ۽ سڱ جي ڊگهائي ۽ ويڪرائيءَ بيان ڪرڻ ۾ ابن بطوطہ مبالغو ڪيو آهي . انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ آن جي جسر جي مناسبت کان آن جو منهن وڏو ٿو ٿئي ، پر آن جو منهن هاٿيءَ جي مٿي کان ڪڏهن وڏو ڪين ٿيندو آهي . آن جي ڪل جيڪا ڪاري ۽ ٽلهي ٿيندي آهي تنهن سان تڪو خنجر يا چاقو لنگهي ڪين سگهندو آهي . انهيءَ ڪري آن جي ڪل سان ڍالون ناهيون ويندڙيون هيون . — مترجم

Marfat.com

گهوڑي تي (حملو ڪيو) ۽ پنهنجو سڳ اهڙو ته زور سان هنيائين، جو سوار جي سڄي ران چيرجي پئي ۽ هو ڏو وڃي زمين تي ڪريو. ان بعد آهو گيندو جهنگل ۾ ائين گم ٿي ويو، جو وري ان جو ڪٿي پتو نه ڪيئن پيو.

انهيءَ رستي سان هڪ ڏينهن عصر جي نماز کان پوءِ وري ٻئي دفعي مون گيندو ڏٺو، جو ان وقت گاه چري رهيو هو. اسان ان کي مارڻ جو ارادو ڪيو پر هو ڀڄي ويو. ان بعد هڪ دفعي اسان بادشاه جي سواريءَ سان گڏ هئاسين ۽ جهنگل مان وڃي رهيا هئاسين، ته وري به مون گيندو ڏٺو. بادشاهه هاٿيءَ تي سوار هو ۽ مان پڻ ٻئي هاٿيءَ تي ويٺل هوس. سوار ۽ پيادا گيندي کي يڪدم گهيري ۾ وٺي آيا ۽ ان کي ماري وڌائون. پوءِ سندس سر ڪپي ڪٽمپ ۾ کڻي آيا.

پوءِ اسان سنڌو نديءَ کان پار ڏينهن پنڌ ڪري اچي جنانيءَ (۱) جي شهر ۾ پهتاسين. هيءُ سنڌو نديءَ جي ڪناري تي هڪ وڏو ۽ سهڻو شهر آهي ۽ منجهس وڻندڙ بازاريون آهن. هن شهر ۾ سومرا قوم جا ماڻهو آباد آهن، جيڪي قديم زماني کان هتي رهندڙ آهن، جيڻن "سنڌ جي فتح" ۾ مورخ لکن ٿا ته "حجاج بن يوسف جي وقت ۾ سنڌ فتح ٿي، ته هنن جا وڏا هن شهر ۾ رهندا هئا."

شيخ رڪن‌الدين بن شيخ شمس‌الدين بن شيخ بهاؤالحق ذڪريا ملتانيءَ (رح) مون کي ٻڌايو ته سندس پڙ ڏاڏو، محمد ابن قاسم قريشي فاتح سنڌ جي ان لشڪر ۾ موجود هو، جيڪو حجاج بن يوسف عراق کان موڪليو هو. پوءِ هو هن ملڪ ۾ ترسي پيو ۽ هن جو اولاد وڌي ويو. هيءُ شيخ رڪن‌الدين اهو

---

(۱) هن شهر جو هن وقت پتو نه آهي ته ڪٿي آهي پر گب صاحب جي تحقيقات موجب اهو شهر ضرور سکر روهڙيءَ جي وچ تي ٻڌل هوندو، جو هن وقت ختر ٽي، زبون حالت کي پهچي ويو آهي. — مترجم

Marfat.com

آهي، جنهن جي بازي ۾ سون کي شيخ برهان الدين اعرج (١) اسڪندريا جي شهر ۾ چيو هو ته تون ان سان ملندين.

هي سومرا قوم جا ماڻهو کنهن سان به گڏ کين کائيندا آهن ۽ جڏهن به هو کائيندا آهن تڏهن کوبه شخص هنن جي طرف ڏسڻ جي جرئت کري کين سگهندو آهي. هو پنهنجي قوم وارن کان سواءِ ٻي کنهن سان به ماڻڻي کمن گهنايندا آهن. ان زماني ۾ سندن سردار "ونار" (٢) نالي هڪ شخص هو جنهن جو اڳتي هلي بيان کندس. ان بعد شهر جنانيءَ کان کوچ کري اسين شهر سيوستان ۾ اچي پهتاسين. هيءُ هڪ وڏو شهر آهي ۽ اهڙي هڪ ريگستان ۾ آباد آهي، جتي کرڙ کان سواءِ ٻيو کوبه وڻ کونه آهي.

هتي جي واهه (٣) جي کناري تي، سواءِ گدرن جي پوک جي ٻي کابه شيءِ پوکي نٿي سگهجي. هن شهر جا ماڻهو جوئر

---

(٢) شيخ برهان الدين اعرج ابن بطوطه کي اسکندريه (مصر) ۾ مليو هو ۽ کيس ٻڌايو هئائين ته سنڌ ۾ هو شيخ رکن‌الدين سان ملندو. هن پيشگوئيءَ جو سچو بيان "ابن بطوطه جو سفر"- حصي پهرئين ۾ آيل آهي. — مترجم

(٣) ابن بطوطه جو مطلب "چام انڙ" آهي. عربي ۾ انڙ کي "ونار" کري لکيو ويو آهي. — مترجم

(٢) سيوهڻ جي پرسان اڙل واهه آهي، جنهن جي کناري تي گدرا ۽ چانهيون پوکيون ويندیون آهن. ابن بطوطه به شايد سيوهڻ جا گدرا ۽ چانها ڏاڍا پسند کيا هئا، جو انهن جو بيان خاص طرح سان کيو اٿائين. هن وقت ته سيوهڻ چڱو آباد آهي ۽ کافي ونڻ به اتي موجود آهن. باقي شايد انهيءَ وقت ايئن هجي، جيئن ابن بطوطه ٻڌائي ٿو ته ريگستان آهي، وٽن جو نالو ئي کونهيس. باقي جاهلو پاسو هجڻ کري، واري هن وقت به هتي جام آهي، ۽ گرسي به اها ئي بدستور هتي موجود آهي. — مترجم

Marfat.com

۽ جلبان (١) جنهن کي مشنڪ به چوندا آهن، جي ماني ٺاهي کائيندا آهن. هتي مڇي ۽ مينهن جو کير جام ملندا آهن. هتي جا ماڻهو اسقنقور (٢) پڻ کائيندا آهن. هيءُ جانور پيرن تي هلندو آهي ۽ ڳوهه جهڙو ٿيندو آهي، پر ان کي پڇ ڪين ٿئي. هتان جا ماڻهو ان کي واريءَ مان کوٽي ڪڍندا آهن ۽ ان جو پيٽ چيري گندگي صاف ڪري ان ۾ زعفران جي بدران ڪرڪم يعني زردچو (هيڊ) ڀري پوءِ کائيندا آهن. مون ان جانور کي اصل ڪين کاڌو، ڇو ته ٻين کي کائيندو ڏسي مون کي ڏاڍي نفرت ايندي هئي.

جڏهن اسين شهر ۾ پهتاسين تڏهن گرمي تمام گهڻي هئي. ان ڪري منهنجا دوست گهڻو ڪري ننگا رهندا هئا ۽ هڪ وڏو رومال پاڻيءَ ۾ ڀڄائي لنگوٽ ڪري ٻڌندا هئا، اهڙيءَ طرح ٻيو رومال وري ڪلهن تي رکندا هئا. پوءِ ٿوري ٿوري دير کان پوءِ جڏهن اهي رومال خشڪ ٿي ويندا هئا تڏهن انهن کي وري اڳئن وانگر ڀڄائي، ڍڪيندا رهندا هئا. هن شهر جو خطيب (جامع مسجد جو امام) شيباني آهي، جنهن مون کي اميرالمؤمنين عمر بن عبدالعزيز رضي الله تعاليٰ عنه جو اهو پروانو ڏيکاريو، جو سندس ڏاڏي کي خطيب ٿيڻ وقت مليو هو. هيءُ پروانو ان جي خاندان ۾ پشت به پشت هليو ٿو اچي ۽ ان تي هيءَ عبارت لکيل آهي: "هذا ما امر به عبدالله اميرالمومنين عمر بن عبدالعزيز بن فلان". ان تي تاريخ تحرير سنه ٩٩ هجري لکيل آهي. هن خطيب جو چوڻ هو ته اهي اکر خود خليفي جي هٿ جا لکيل آهن. هن شهر ۾ مون کي هڪ عمر رسيده شخص، شيخ محمد بغدادي نالي مليو، جيڪو عثمان مرونديءَ جي خانقاهه ۾ رهندو هو ۽ ڪنهن شخص مون کي ٻڌايو ته هن شيخ جي عمر هڪ سئو چاليهه

---

(١) جلبان 'A Certain plant or a Certain grain'
Lanes Arabic English Lexicon, page 440

(٢) اسقنقور - ريگ ماهي (گلوئي) — مترجم

Marfat.com

ورهن کان به مٿي آهي، ۽ هو خليفي معتصم بالله (١) عباسين جي آخري خليفي جي قتل ٿيڻ وقت، جڏهن هن کي هلاکو خان بن چنگيز خان مارايو هو، بغداد ۾ موجود هو. هيءُ شخص هيتري عمر هوندي به جسم ۾ ڪافي مضبوط هو ۽ چگيءَ طرح سان گهمي ڦري ٿي سگهيو.

هن شهر ۾ سومرا قوم جو سردار (٢) (امير ونار يا انڙ) ۽ امير قيصر روسي رهندا هئا. اهي پئي سلطان جا تابعدار هوندا هئا (٣) ۽ انهن وٽ اٽڪل ١٨٠٠ سوار هئا. هن ٽي شهر ۾ "رتن" نالي هڪ هندو (ڪافر) پڻ رهندو هو، جو حسابن ۽ لکپڙهه ۾ ماهر هو؛ پوءِ هو ڪن امير سان گڏجي هندستان جي بادشاهه (سلطان محمدشاهه تغلق) وٽ ويو. بادشاهه کيس پسند ڪري سندس نالو "سنڌ سردار" رکيو ۽ کيس انهيءَ ملڪ جو حاڪم بنائي، سندس ۽ ان جا برگٹا جاگير طور عطا ڪرڻ سان گڏ کيس سڀئي مرتبا جهڙوڪ نقارا، جهنڊو ۽ ٻيون سڀ اهي نشانيون جڪي ونڊ امير کي ڏيڻيون ويندڙيون آهن، عطا ڪيون. هن جي هٿي پهچڻ تي "ونار" (انڙ) ۽ قيصر کي هڪ هندوءَ جي اطاعت ڪرڻ سشڪل معلوم ٿي، سو سندس قتل ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيائون. سندس اچڻ کان ٿورا ڏينهن پوءِ کيس حال

---

(١) معتصم بالله عباسي خليفن ۾ آخري خليفو ٿي گذريو آهي سنه ٦٥٦ هجريءَ ۾ هلاکو خان، چنگيزخان جي پٽ، هن کي کٽي ۾ وڙهائي، ڏکن سان مارائي ڇڏيو هو. تاريخ الخلفا ۾ "قتل الخليفة رفساً" لکيل آهي، يعني هن کي لتون هڻي مارايائين. هن خليفي تي بغداد جي خليفن جي حڪومت، جا ٥٢٠ سالن کان هلي ٿي آئي، ختم ٿي. — مترجم

(٢) ڊاڪٽر صاحب عمر بن محمد مرحوم جي تحقيقات موجب، ابن بطوطه هت پل ڪئي آهي، ۽ ونار يا انڙ سمن جي خاندان سان هو پر انهي وقت ڪيس سامرهه يعني سومرن جو سردار مقرر ڪيو هئائون.

(٣) هتان معلوم ٿو ٿئي ته انهيءَ زماني ۾ سومرا ٽوڙي سما دهليءَ جي بادشاهن جي هٿ هيٺ هئا. سلطان جو لفظ هتي "سلطان محمد شاه تغلق" ڏانهن اشارو آهي. — مترجم

Marfat.com

احوال معلوم ڪرڻ لاءِ شهر جي آس پاس ۾ نڪرڻ جي صلاح ڏنائون، جنهن تي هو ساڻن گڏ نڪتو.

رات جي اونداهي ٿيڻ تي، وٺي محل ۾ شور کڙو ڪيائون ۽ چوڻ لڳا ته انهيءَ تي ڪنهن شينهن حملو ڪيو آهي. پوءِ ان هندوءَ جي تنبوءَ تي ڪاهي ويا ۽ کيس قتل ڪري ڇڏيائون، ۽ شهر ۾ موٽي اچي، اتي جيڪو سلطان جو مال هو، تنهن تي قبضو ڪيائون، جو ٻارنهن لک دينار هو، ۽ مٿئين ونار (انڙ) کي پنهنجو سردار بنائي، کيس ملڪ فيروز جو لقب ڏنائون.

هن سمورو مال لشڪر کي ورهائي ڏنو؛ پوءِ پنهنجي قبيلي کان پري هجڻ ڪري اچي کيس ڊپ ورايو، سو جيڪي ساڻس مٽ مائٽ هئا تن سوڌو نڪري پنهنجي قبيلي ڏانهن هليو ويو. باقي بچيل لشڪر قيصر روميءَ کي پنهنجو سردار بنايو. اها خبر وڃي سلطان جي غلام عمادالملڪ سرتيز کي پهتي، جو انهن ڏينهين سنڌ جو اميرالامراء هو ۽ ملتان ۾ رهندو هو. هو لشڪر گڏ ڪري، خشڪيءَ ۽ سنڌو نديءَ رستي تيار ٿيو؛ ملتان ۽ سيوهڻ جي وچ ۾ ڏهن ڏينهن جو پنڌ هو.

قيصر هن جي مقابلي لاءِ نڪتو ۽ لڙائي لڳي، جنهن ۾ قيصر ۽ سندس لشڪر بريءَ طرح شڪست کائي وڃي شهر ۾ قلع بند ٿيا. هن (عمادالملڪ) هنن جو گهيرو ڪيو ۽ منجنيقون استعمال ڪيائون، جنهن ڪري گهيرو وڌيڪ سخت ٿيو. آخر چاليهن ڏينهن کان پوءِ انهن امان گهريو جنهن تي هن کين امان ڏنو، پر جڏهن وٽس حاضر ٿيا تڏهن ساڻن واعدي خلافي ڪري، سندن مال ضبط ڪري، انهن جي قتل جو حڪم ڏنائين. پوءِ هر روز انهن مان چونڊ ڪري ڪن کي قتل ڪرائيندو هو ۽ ڪن جون کلون لهرائي، اهي کلون بهه سان ڀرائي، قلعي جي ديوار تي لٽڪائيندو هو، جنهن ڪري قلعي جي اڪثر حصي تي اهي کلون لڙڪنديون هيون، جن کان ڏسندڙ دهلجي ويندا هئا. انهن جون سسيون وري وچ شهر ۾ گڏ ڪرايون هئائين، جيڪي

Marfat.com

هڪ ٽڪريءَ وانگر پئي لڳيون. آءٌ هن شهر ۾ هن واقعي کان پوءِ وڃي، اتي جي هڪ وڏي مدرسي ۾ رهيو هوس ۽ ان جي ڇت تي سمهندو هوس؛ جڏهن رات جو جاڳندو هوس تڏهن رات جو اهي لڙڪايل کلون ڏسندو هوس، جن کان دل پريشان ٿيندي هئي ۽ مدرسي ۾ ٽڪڻ دل کي نه وٺيو، تنهن ڪري اتان (ٻئي هنڌ) هليو ويس.

علاءُالملڪ فصيح‌الدين خراساني قاضي، رات جو هڪ فاضل فقيهه (مولوي) هو. ٿورو عرصو اڳ هو بادشاه جي ملازمت لاءِ پنهنجي وطن مان هلي آيو هو. ٻادشاهه هن کي لاهري (١) (سنڌ ۾) ان جي علائقي سميت جاگير ۾ ڏيئي ڇڏي هئي. هو پڻ سرتيز جي مدد لاءِ پنهنجو لشڪر وٺي آيو هو. هو پنهنجو ساز و سامان سنڌو نديءَ رستي پندرهن جهازن ۾ کڻي آيو هو. اتي مون پڻ هن سان لاهري وڃڻ جو ارادو ڪيو.

---

(١) لاهري (بندر) — هي ٺٽي ضلعي ۾ ڳوٺ آهي، جنهن کي هاڻي شاه بندر جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. ابن بطوطه جي وقت ۾ هيءُ بندر سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو بندر ڪري ليکيو ويندو هو. ابوالمتقل ان بندر جي آمدني هڪ لک اٺيهه هزار لکي آهي ۽ ارڙهين صديءَ جي آخر تائين ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي هڪ تجارتي ڪوٺي به اتي موجود هئي. مٿين ڳالهن مان ثابت آهي ته هيءُ بندر ڪنهن وقت تمام مشهور هوندو هو. — مترجم

Marfat.com

# فصل ڏيون

## سنڌوندي ۽ جو سفر

قاضي علاءُ الملڪ وٽ هڪڙو جهاز هو، جنهن کي "آهورة" پئي سڏيائون. جيئن اسان جي ملڪ ۾ "طريرة" ٽيندو آهي. اهڙي ئي نموني جو هي ۽ جهاز هو، پر ان کان "طريرة" ڪجهه وڏيڪ ڏگهو ۽ ڪشادو هو. ان جهاز جي اڏ کي ڏاڪڻ وانگر ناهي ڪجهه مٿانهون ڪيو ويو هو، جنهن تي وري تختا لڳائي ويهڻ جي جڳهه ناهي وئي هئي. ان جاءِ تي قاضي ويهندو هو ۽ سندس نوڪر وري ساڃي ڪاپي ۽ سامهون ويهندا هئا.

هن جهاز کي چاليهه ملاح هلائيندا هئا ۽ ان سان گڏ چار ننڍيون ٻيڙيون پڻ ان تي موجود هيون، جيڪي به ان جي ڪاپي طرف ۽ به ساڃي طرف رکيل هيون. انهن مان ٻن ٻيڙين تي گهاٽ وارا ويهندا هئا ۽ باقي ٻن تي نقارا، شرنايون ۽ جهنڊو وغيره هئا. جڏهن هي ٻيڙي هلندي هئي تڏهن ڪنهن وقت رڳو وڄت ٽيندي هئي ۽ ڪنهن وقت گهاٽيندڙ راڳ شروع ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح صبح کان وٺي ناشتي جي وقت تائين گهاٽيندا وڄائيندا هلندا هئا. جڏهن کاڌي جو وقت ٽيندو هو، تڏهن سڀ جهاز تي پهچي ويندا هئا. ان بعد دسترخوان وڇايو ويندو هو ۽ جيستائين امير علاءُ الملڪ ماني کائيندو هو تيستائين راڳيندڙ گهاٽيندا رهندا هئا ۽ سڀ کان پوءِ هو کاڌي پي وري پنهنجي پنهنجي ٻيڙين ۾ هليا ويندا هئا.

جڏهن رات ٽيندي هئي تڏهن جهاز کي درياءَ جي ڪناري تي ٻيهاري زمين تي طنبو لڳايا ويندا هئا، جن سان هڪ ۾ امير علاءالملڪ رات بسر ڪندو هو. جڏهن سڄو لشڪر رات جي

ماني کائي پوري ڪندو هو ۽ سڀ عشا جي نماز کان فارغ ٿيندا هئا تڏهن سڀ آرام ڪندا هئا ۽ چوڪيدار واري واري سان پهرو ڏيندا هئا. جڏهن هڪڙو چوڪيدار پنهنجو وارو ختم ڪندو هو تڏهن وڏي آواز سان پڪاري چوندو هو ته يا آخوند ملڪ هيتري رات گذري چڪي آهي. صبح جي وقت نقارا ۽ شرنائيون وڄڻ شروع ٿينديون هيون. پوءِ صبح جي نماز پڙهي، ماني کائي، وري اٿي هلندا هئا. جيڪڏهن امير درياءَ جي رستي هلڻ چاهيندو هو ته وڃي جهاز ۾ ويهندو هو پر جيڪڏهن خشڪيءَ جي رستي هلڻ تي دل ٿيندي هيس ته سڀ کان اڳ ۾ نقارن وارا هلندا هئا، ان کان پوءِ حاجب (پوليس جا عملدار) هوندا هئا جن جي اڳيان ڇهه عدد گهوڙا هوندا هئا، انهن مان ٽن گهوڙن تي نقارا ۽ ٽن تي شرنائين وارا هوندا هئا.

سواريءَ جي ڪنهن ڳوٺ يا شهر وٽان گذرڻ وقت خاص طرح سان نقارا وڄايا ويندا هئا. ۽ اهڙيءَ طرح هلندي هلندي، منجهند جي مانيءَ مهل منزل انداز ٿيندا هئا. مان پڻ امير علاءُالملڪ سان پنج ڏينهن رهيس. آخر پنجين ڏينهن اسين اچي لاهري شهر ۾ پهتاسين. هيءُ نهايت خوبصورت شهر سمنڊ جي ڪناري تي ٻڌل آهي ۽ درياءَ سنڌ (سنڌوندي) پڻ ان جي ئي ڀرسان اچي ٿو سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري. اصل ۾ هيءُ شهر هڪ وڏو بندرگاه آهي. جتي يمن ۽ فارس جا جهاز ۽ واپاري تمام گهڻا ٿا اچن. انهيءَ ڪري ئي هيءُ شهر تمام مالدار آهي. هتي محصول تمام گهڻو وصول ڪيو ويندو آهي.

علاءُالملڪ مون کي ٻڌايو ته هن بندر جو محصول سٺ لک دينار آهي ۽ کيس ان جو ويهون حصو ملندو آهي، يعني ڏهين حصي جو اڌ. انهي حساب سان بادشاه (محمد شاه تغلق) پنهنجي ڪاردارن کي جدا جدا علائقا سپرد ڪندو آهي.

---

Marfat.com

# عجيب کنڊر

هڪ ڏينهن مان امير علاءُ الملڪ مان گڏجي سير تي نڪتس. شهر کان ستن ميلن جي مفاصلي تي هڪ ڪشادو ميدان آهي، جنهن کي "تارنه" چوندا آهن. اتي بيشمار انسانن ۽ حيوانن جون پٿر مان تراشيل ڀڳل ٽٽل ۽ ڪي سالم مورتيون پکڙيون پيون هيون. انهن ۾ اناج جي قسم جون شيون جهڙوڪ ڪڻڪ، چڻا، مهري ۽ اهڙي قسم جون ٻيون شيون پڻ پٿر مان تراشيل موجود هيون. ازانسواءِ شهرپناه ۽ گهرن جي چوديواريءَ جا سامان پڻ ڏسڻ ۾ پئي آيا.

انهن کنڊرن (۱) ۾ پٿر اندر هڪ جاءِ هئي، جنهن جي پوري وچ تي هڪ ٿلهو ٺهيل هو، جو هڪ ئي پٿر مان ٺاهيو ويو هو. هن ٿلهي تي پٿر جو تراشيل، هڪ ماڻهوءَ جو بت رکيل هو، جنهن جو گردن ڪجهه ڊگهو، وات هڪ طرف ڦريل ۽ ٻئي هٿ ڪمر جي پٺيان ٻڌل هئا. انهي هنڌ تمام بدبودار بيٺل پاڻي پڻ موجود هو. اتي ڪيترين ئي ديوارين تي سنڌي زبان ۾ ڪي اکر لکيل هئا. امير علاءُ الملڪ مون کي ٻڌايو ته هن ملڪ جي تاريخ دانن جو خيال آهي ته هي شهر برباد ٿي ويو هو ۽ ٿلهي تي جيڪو بت آهي سو انهي وقت جو بادشاه هو، اهو ئي سبب آهي جو هاڻي به هن جاءِ کي "نرجا جو محل" ڪري چوندا آهن، ۽ ڪن ديوارين تي لکيل اکرن مان معلوم ٿو ٿئي ته اها بربادي تقريباً هڪ هزار سال اڳ ۾ ٿي گذري هوندي.

مان هن امير وٽ پورا پنج ڏينهن ٽڪيس. هن حد کان

---

(۱) جنرل ڪننگهام جي تحقيقات موجب اهي کنڊرن جا نشان ديبل بندر جا هئا ۽ لاهري بندر کان پنجن ميلن جي مفاصلي تي هئا. ابن بطوطه ستن ميلن جو مفاصلو لکيو آهي سنوالاجي ڪئين.

Marfat.com

وڌيڪ منهنجي خاطرداري ڪئي. پوءِ اتان بکر (١) ويس. هيءَ هڪ چڱو ۽ خوشنما شهر آهي. درياءَ سنڌ جي هڪ شاخ هن شهر جي بلڪل وچ مان لنگهي ٿي جنهن جو وڌيڪ بيان مان اڳتي هلي ڪندس. مذڪور شاخ جي وچ ۾ هڪ خانقاهه آهي، جتان مسافرن کي کاڌو ملندو آهي. هيءَ خانقاهه، ڪشلو خان (جنهن جو بيان اڳتي ايندو) پنهنجي دور حڪومت ۾ ٺهرائي هئي. هن شهر ۾ منهنجي ملاقات فقيه (مولوي) امام الدين حنفي، شهر جي قاضي ابو حنيفه ۽ شيخ شمس الدين محمد شيرازي سان ٿي هئي، جن مان شيخ شمس الدين جي عمر سندس بيان مطابق هڪ سؤ ويهه سال هئي.

پوءِ اسان بکر کان هلي اچي آچ (٢) جي شهر ۾ پهتاسين. هيءَ سنڌونديءَ جي ڪناري تي هڪ وڏو شهر آهي ۽ منجهس تمام عمدي بازار ۽ مضبوط عمارتون آهن. انهن ڏينهن هن شهر جو حاڪم جلال الدين ڪيجي هو، جو بهادريءَ ۽ سخا جي ڪري مشهور هو.

---

(١) هن وقت بکر فقط ان قلعي کي چوندا آهن جو سنڌونديءَ جي وچ ۾ مکر ۽ روهڙيءَ جي وچ تي آهي. — مترجم

(٢) هيءُ هن وقت آچ بهاول پور رياست ۾ آهي ۽ ملتان کان ستر ميل پري آهي. ڪنهن زماني ۾ پنجاب جون پنج ئي نديون سنڌونديءَ سان آچ وٽ اچي ملنديون هيون، پر هاڻي چاليهه ميل هيٺ مٺن ڪوٽ وٽ اچي ٿيون گڏجن. نصيرالدين قباچه جي وقت ۾ هيءَ شهر سنڌ جو دارالخلافه هو. سادات بخاري ۽ جيلاني هن شهر ۾ رهندا آهن. سيد جلال الدين بخاري ۽ مخدوم جهانيان جا مزار پڻ هن شهر ۾ آهن. — مترجم

Marfat.com

# فصل چوڏون

## بادشاهم جي سخاوت

هن امير (جلال الدين) سان منهنجي دوستي ٿي ويئي، تنهن ڪري منهنجو هن سان گهڻو ميل جول رهندو هو. ان بعد اسان دهليءَ ۾ پڻ ملیا هئاسين. جڏهن بادشاهم (محمد شاه تغلق) دولت آباد ويو هو، تڏهن سيد جلال پڻ هن سان گڏجي ويو ۽ ويندي وقت مون کي اجازت ڏيئي ويو هو ته جيڪڏهن مون کي کا ضرورت پوي ته سنڌس گوث جو محصول وصول ڪري ان مان پنهنجو خرچ هلائيندو رهان، تنهن ڪري مون ان (وصولي) مان پنج هزار دينار خرچ ڪري چڏيا هئا.

هن شهر ۾ منهنجي ملاقات شيخ قطب‌الدين حيدري علوي سان ٿي، جيڪو هڪ وڏو عابد، زاهد، متقي ۽ بزرگ شخص هو. هن مون کي پنهنجو چوغو پڻ عنايت ڪيو هو، جيڪو ان ڏينهن تائين مون سانڍي رکيو، جنهن ڏينهن مون کي ڪافر ساموندي ڏاکڻ سمنڊ ۾ ڦريو هو. ان بعد اڇ مان ڪوچ ڪري اڇي ملتان (۱) پهتاسين. اهو شهر سنڌ جي ملڪ جو دارالخلافو

---

(۱) ملتان تمام قديم شهر آهي ۽ اڳئين زماني کان وٺي اڄ تائين مشهور آهي. ڇڇ نامي مان معلوم ٿو ٿئي ته سنه ۷۱۴ء ۾ جڏهن محمد بن قاسم ثقفيءَ هي شهر فتح ڪيو هو، تڏهن ان وقت بياس ندي هن ضلعي جي ڏکڻ ۽ اوپر تائين وهندي هئي ۽ راوي ندي قلعي ۽ شهر جي وچ مان لنگهندي هئي. انهي وقت هن شهر ۾ سندر ۽ گهڻائي بت موجود هئا. ڪن تاريخن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته سنه ۸۷۵ع تائين هتي هڪ وڏو بت هوندو هو، جنهن لاءِ سڄي سنڌ ملڪ مان ياتري ايندا هئا ۽ ڏاڙهي ۽ متو ڪوڙائي، هن بت واري مندر جو طواف ڪندا هئا. —مترجم

آهن ۽ اتي جو امير الامراءُ به انهيءَ ئي شهر ۾ رهندو آهي.

هن شهر ۾ پهچڻ کان اڳ ڏهه ميل اورتي هڪ واديءَ مان لنگهڻو پوي ٿو. هيءَ وادي تمام وڏي آهي، تنهن ڪري ٻيڙين کان سواءِ ان جي پار وڃڻ مشڪل آهي. هن هنڌ پار وڃڻ وارن جي حال احوال جي پڇا ڳاڇا ٿيندي آهي ۽ سندن سامان جي تلاشي ورتي ويندي آهي. ان زماني ۾، هن جاءِ تي هر هڪ سوداگر کان سندس مال اسباب جو چوٿون حصو بطور محصول ورتو ويندو هو، ۽ هر هڪ گهوڙي جا ست دينار محصول لڳندو هو. پر منهنجي هندستان پهچڻ کان ٻه سال پوءِ بادشاه اهي سڀ محصول معاف ڪري ڇڏيا، ۽ جڏهن بادشاه عباسي خليفي جي بيعت ڪئي، تڏهن هن جي حڪم موجب عشر ۽ زڪوات کان سواءِ ٻيو ڪوبه محصول ڪونه ورتو ويندو هو.

مون کي تلاشيءَ جو تمام گهڻو فڪر هو، ڇو ته بظاهر منهنجو ساز و سامان تمام گهڻو ٿي معلوم ٿيو، پر اندر ڪجهه به ڪين هو، جنهن ڪري مون کي ڊپ لڳو ته متان ڪٿي سڄو راز نه کلي پوي. پر قطب الملڪ ملتان مان هڪ فوجي آفيسر موڪلي ڇڏيو هو، جنهن کي هدايت ڪئي هئائين ته ڪوبه شخص منهنجي تلاشي نه وٺي، تنهن ڪري ائين ئي ٿيو ۽ مون خداوند تعاليٰ جو شڪر ڪيو. اها رات اسان واديءَ جي ڪناري تي ترسي پياسين. صبح جو مون وٽ دهقان سمرقنديءَ نالي هڪ ٽپال جو آفيسر، جو بادشاه جو اخبار نويس پڻ هو، آيو، جنهن سان منهنجي ملاقات ٿي ۽ پوءِ ساڻس گڏجي ملتان جي حاڪم وٽ ويس.

## ملتان جو حاڪم

انهن ڏينهن ملتان جو حاڪم قطب الملڪ هو. هيءُ شخص وڏو امير ۽ فاضل هو ۽ جڏهن سان هن وٽ ويس تڏهن هو منهنجي تعظيم خاطر اٿي بيٺو ۽ مون سان هٿ ملائي مون کي

پنهنجي پرسان ويهاريائين. سون کيس ھڪ غلام ، ھڪ گھوڙو ۽ کشمش ۽ بادام تحفي طور پيش کيا. کشمش ۽ بادام سنڌ ملھ ۾ کمن ٿين ، تنھن ڪري اھي تحفي طور ڏنا ويندا آھن ۽ خراسان کان ايندا آھن. ھيءُ امير (قطب الملڪ) به ھڪ ڪشادي ڏاھي ٿي ويڙھ هو ، جنھن ٿي ھڪ عمدو غاليچو وڇايل ھو. ھن وٽ ھالار نالي شھر جو قاضي ، ۽ شھر جو خطيب (پيش امام) جنھن جو نالو سون کي ياد نہ آھي ، ويٺا ھئا. سندس ساڄي ۽ کاٻي فوج جا آفيسر ۽ سيراندي۽ کان مسلح سپاھي ويٺا ھئا. سامھون لشکر مارچ ڪري رھيو ھو. انتي تمام گھٽيون ڪمانون رکيل ھيون. لشکر جي جنھن ماڻھوءَ تيراندازي۽ جو ڪمال ڏيکارڻ ٿي چاھيو ، تنھن انھن مان کا ڪمان کڻي پنھنجي طاقت آھر ان کي استعمال ٿي ڪيو.

جڏھن ڪنھن (فوجي) گھوڙي سواري۽ جو ڪمال ڏيکارڻ ٿي چاھيو تہ ھو پنھنجو گھوڙو ڊوڙائي سامھون ديوار سان اٽکايل نقاري تي پنھنجي نيزي کي اڇلائي ، ان تي نشان چٹيندو ٿي ويو. ھڪ ڀيري۽ ديوار تي وري ھڪ سنڊي رکيل ھئي ، جنھن مان گھوڙي سوار پنھنجو گھوڙو ڊوڙائي ، نيزي جي نوڪ ان مان لنگھائي ، ان کي کڻي ٿي ويو. انتي ھڪ ڪينھون پڻ موجود ھو ، جنھن کي گھوڙي سوار گھوڙي تان چوگان ھڻي پنھنجو ڪمال ڏيکاري رھيو ھو. ھنن راندين ۾ ڪوبہ (فوجي) جيترو ڪمال ڏيکاريندو ھو اوترو ئي ان کي عھدي ۾ ترقي ملندي ھئي.

جڏھن اسان قطب الملڪ وٽ وڃي سندس سلامي پيري ، تڏھن اسان کي حڪم ڏنائين تہ وڃي شيخ رکن الدين وارن سان گڏجي رھو. ھنن ( شيخ رکن الدين ۽ ان جي ماڻھن ) جو اھو دستور ھوندو ھو تہ حاڪم جي اجازت کان سواءِ ھو ڪنھن کي به پاڻ وٽ مھمان ڪري ڪين ٽکائيندا ھئا.

Marfat.com

# هندستان جي بادشاهه جي دربار ۾ اسان جو ٻين مسافرن سان گڏجي وڃڻ

ان شهر ۾ ٻيا به گهڻائي بزرگ شخص آيل هئا، جيڪي بادشاهه جي نوڪريءَ لاءِ دهليءَ وڃي رهيا هئا. انهن مان خداوند زاده (١) قوام الدين ترمذ جو قاضي (پنهنجي خاندان ۽ پٽن سان گڏ)، سندس ڀائر عماد الدين، ضياءُ الدين، برهان الدين سمرقند جو هڪ رئيس مبارڪ شاهه، بخارا جو هڪ رئيس ارن بغا، ملڪ زاده، جو خداوند زاده قوام الدين جو ڀاڻيجو هو ۽ بدرالدين فضال قابل ذڪر هئا. انهن مان هر هڪ سان گڏ سندس ڊوست خادم ۽ ٻيا متعلقين پڻ شامل هئا.

ملتان ۾ پهچڻ کان ٻه مهينا پوءِ بادشاه جو پوشنجي نالي هڪ حاجب ۽ ملڪ محمد هروي ڪوتوال، خداوند زاده قوام الدين جي استقبال لاءِ آيا. انهن سان ٽي غلام به هئا، جن کي بادشاهه جي والده مخدوم جهان، خداوند زاده ۽ سندس بيگم جي استقبال لاءِ روانو ڪيو هو. اهي پاڻ سان خداوند زاده ۽ ان جي اولاد لاءِ خلعتون پڻ کڻي آيا هئا. مون چيو ته منهنجو ارادو آخوند عالم يعني بادشاهه وٽ نوڪري ڪرڻ جو آهي. بادشاهن کي هني جا ماڻهو آخوند عالم چوندا آهن. بادشاهه جو حڪم هو ته جيڪو شخص خراسان جي طرف کان اچي ۽ سندس ارادو هن ملڪ ۾ رهڻ جو نه هجي ته ان کي اڳتي وڌڻ نه ڏنو وڃي.

جڏهن مون چيو ته منهنجو هن ملڪ ۾ رهڻ جو ارادو

---

(١) خداوند زاده. فرشته لکيو آهي ته ان وقت جي اصطلاح موجب خداوند زاده ان کي چوندا هئا جو سلاطين غور جي اولاد مان هوندو هو ۽ مخدوم زاده ان کي چوندا هئا جيڪو خلفاء عربيه جو اولاد هوندو هو. ائين ٿو معلوم ٿئي ته خداونده قوام الدين سيد هو ۽ شايد والده جي طرف کان سندس نسب سلاطين غور سان ملندو هوندو، تنهن ڪري هن کي انهيءَ لقب سان سڏيو ٿي ويو.

آهي تڏهن هڪدم قاضي ۽ گواه گهرايا ويا ۽ هڪڙي عهدنامي تي مون کان صحي ورتي وئي. منهنجي ساٿين سان ڪن صحي ڪرڻ کان انڪار ڪيو، ۽ مون سفر جي تياري ڪئي. ملتان کان اڳتي چالیهن ڏينهن جو رستو آهي ۽ سڄي رستي سان آبادي هلندي ٿي اچي.

حاجب ۽ ان جي ساٿين خداوند زاده قوام الدين جي مهماني ۽ جو انتظام ملتان کان ٻي ڪري چڏيو ۽ ويهه بورچي پاڻ سان کنيا هئائون. هيءُ حاجب هڪ هڪ منزل اڳ ۾ روانو ٿيندو هو ۽ خداوند زاده جي منزل تي پهچڻ کان اڳ سڄو انتظام ڪري چڏيندو هو. جن ماڻهن جو مون اڳ ۾ ذڪر ڪيو آهي، مي جدا جدا تنبن ۾ رهندا هئا پر ڪاڏو هڪ ٻي دسترخوان تي خداوند زاده سان گڏجي کائيندا هئا. سان فقط هڪ دفعو انهن سان ڪاڏي ۾ شريڪ ٿيو هوس. ڪاڏو هن ترتيب سان آڻيندا هئا: پهريائين مانيون آڻيندا هئا، جيڪي سنهيون چپاتيون هونديون هيون. پڪري کي پڄي، ان جا چار ٽڪرا ڪري، هر هڪ ماڻهوءَ جي سامهون رکندا ويندا هئا. پوءِ گيهه ۾ تريل مانيون آڻيندا هئا، جن جي پيٽ ۾ حلوه صابونيه پريل هوندو هو، ۽ هر هڪ ٽڪيءَ تي هڪ مٺي ساني رکندا ويندا هئا، جنهن کي نشاستي چوندا هئا ۽ ان کي اتي کنڊ ۽ گيهه سان تيار ڪندا هئا. پوءِ هڪ شيءِ آڻيندا هئا جنهن کي سمبوسا ڪري چوندا هئا، جيڪي قيمي کيل گوشت ۾ پستا، بادام، جائفل، بصر ۽ گرم مصالحا ملائي، ان جي مٿان تمام سنهي ماني ويڙهي، گيهه ۾ ترڻ سان ٺاهيندا هئا. هر هڪ شخص جي اڳيان چار يا پنج سمبوسا رکندا هئا. ان بعد گيهه ۾ رڌل چانور آڻيندا هئا، جنهن جي مٿان هڪ پڪل ڪڙ هوندو هو. پوءِ لقيمات القاضي آڻيندا هئا جنهن کي هاشمي به چوندا هئا. آخر ۾ قاهريه آڻيندا هئا. ڪاڏي شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ حاجب دسترخوان تي اٽي بيهندو هو ۽ سڀني حاضرين سان گڏجي بادشاه جي تعظيم ڪندو هو.

Marfat.com

تعظيم هن ملڪ ۾ هيءَ آهي جو مٿو رڪوع وانگر هيٺ جهڪائيندا آهن. جڏهن هي سڀ ڪري رهندا آهن تڏهن دسترخوان تي ويهي رهندا آهن ۽ کاڌي شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ چاندي، سون، ۽ شيشي جي پيالين ۾ مصريءَ ۽ گلاب جو شربت پي پورو ڪندا آهن. اُن کان پوءِ حاجب بسم الله چوندو آهي ۽ ان وقت سڀئي کاڌو کائڻ شروع ڪندا آهن. کاڌي ختم ٿيڻ تي فقاع (١) جا پيالا ايندا آهن. جڏهن فقاع پي پورو ڪندا آهن تڏهن پان سوپاري آڻيندا آهن ۽ پان سوپاريءَ کان پوءِ حاجب بسم الله چوندو آهي ته سڀ، وري اٿي بيهندا آهن ۽ جيئن کاڌي کان اڳ تعظيم ڪئي هئائون اهڙيءَ طرح پوءِ به ساڳيءَ طرح ڪري، دسترخوان تان اٿي هليا ويندا آهن.

پهريون شهر جنهن ۾ ملتان کان هلي اچي لڳاسين، اهو هو ابوهر (٢) جيڪو هندستان جي شهرن مان پهريون شهر آهي. هيءُ هڪ ننڍو ۽ خوبصورت شهر آهي، جنهن ۾ عمديون عمارتون آهن، منجهس نهرون ۽ وڻ به جام آهن. اسان جي ملڪ جي وڻن مان سواءِ ٻير جي وڻ جي ٻيو ڪوبه وڻ هتي ڪين ٿئي. ٻير اسان جي ملڪ جي ٻير کان وڏو ۽ تمام مٺو ٿيندو آهي ۽ حبة العفص (٣) داڻي جي برابر ٿيندو آهي.

---

(١) فقاع لغت ۾ پيلي رنگ واري شيءِ ڪري لکيل آهي، تنهن ڪري هيءَ ضرور ڪا پيڻ جي شيءِ هوندي جيڪا هن وقت استعمال نٿي ڪئي وڃي. — مترجم

(٢) اولهه پنجاب جي ضلعي فيروزپور ۾ پاڪ پٽن ۽ سرسه واري رستي سان، پاڪ پٽن کان اٽڪل سٽ ميل کن پري دهليءَ جي طرف سائوٿ پنجاب ريلوي تي موجود آهي. — مترجم

(٣) حبة العفص: ماوا (پسار جي دوائن مان هڪ دوا، جنهن جا ٻير جيڏا داڻا ٿيندا آهن ۽ انهن کي دلي تي گهي، اکين ۾ ڦلي پوڻ ڪري وجهندا آهن.) — مترجم

Marfat.com

# باب ٻيون

## فصل ٻهريون

### هندستان جي وڻن ۽ ميون جو بيان

هندستان جو هڪ ميوو انب ٿيندو آهي. ان جو وڻ نارنگيءَ جي وڻ جهڙو ٿيندو آهي پر ان کان گهڻو وڏو ۽ وڏيڪ پٽن وارو ٿيندو آهي. چانو ۾ گهاٽي ٿيندي اٿس، پر جو به ماڻهو ان جي چانوَ ۾ ننڊ ڪندو آهي سو سست ٿي پوندو آهي. ان جو ميوو آلو بخاري کان وڏو ۽ ڇڪ کان اڳ سائي رنگ جو ٿيندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ جڏهن وڻ مان ڪري پوندو آهي تہ ان ۾ لوڻ وغيره وجهي آچار ٺاهيندا آهن جيئن اسان جي ملڪ ۾ ڪٽائي ۽ ليمي جو آچار ٺاهيندا آهن. اهڙيءَ طرح سان هتي ادرڪ ۽ مرچ جو آچار پڻ ٺاهيندا آهن ۽ هر هڪ لقمي سان گڏ تورو آچار کائيندا رهندا آهن.

جڏهن خريف جي موسم ۾ انب پچندو آهي تڏهن پيلي رنگ جو ٿي ويندو آهي ۽ ان کي صوف وانگي کائيندا آهن. کي ماڻهو ان کي چلي کائيندا آهن ۽ کي ان کي چوسيندا آهن. ان ۾ مٺاڻ سان گڏ ڪجهہ ترشي به ٿيندي آهي. ڪڪڙي وڏي نڪرندي اٿس ۽ ان کي پوکڻ سان وڻ جهي پوندو آهي آهي، جيئن نارنگيءَ جو بيج پوکيندا آهن.

Marfat.com

ٻيو وڻ شڪي ۽ برڪي (١) جو ٿيندو آهي. هي وڻ ڪافي وڏو ٿيندو آهي ۽ پن اخروٽ جي پنن جهڙا ٿيندا اٿس. هن جو ميوو وڻ جي پاڙ ۾ لڳندو آهي. جيڪو ميوو زمين تي ٿيندو آهي ان کي برقي چوندا آهن ۽ مٺاڻ ۾ وڌيڪ چڱي ذائقي وارو ٿيندو آهي، ۽ جيڪو مٿي وڻ ۾ لڳندو آهي تنهن کي شڪي چوندا آهن. ان جو ميوو وڏي ڪدوءَ جيڏو ٿيندو آهي ۽ کل ڳئون جي کل جهڙي ٿيندي اٿس. جڏهن خريف جي مند ۾ تمام پيلو ٿي ويندو آهي، تڏهن ان کي پٽي ڪپيندا آهن ته منجهانئس سؤ يا ٻه سؤ داڻا ٻڄن جي صورت ۾ نڪرندا آهن. انهن داڻن جي وچ ۾ هڪ پيلي رنگ جو پردو ٿيندو آهي. هر هڪ داڻي ۾ ککڙي ٿيندي آهي. انهن ککڙين کي پچائي يا ڀڃي کائيندا آهن. انهن ککڙين کي ڳاڙهي مٽيءَ ۾ پوري ڇڏيندا آهن ته ٻئي سال تائين خراب ٿيڻ کان سواءِ رهي سگهنديون آهن. هيءُ ميوو هندستان جي تمام عمدن ميون مان هڪ آهي.

---

(١) شڪي و برڪي— هن ميوي جي معلومات لاءِ ڪافي وقت صرف ڪيو ويو ۽ ڪافي معلومات جي صاحبن کي تڪليف ڏني ويئي. ڇاڪاڻ ته هي هندستان جو ميوو آهي ۽ ٻيو ابن بطوطه جي طرز بيان ڪجهه منجهائيندڙ به آهي، تنهن ڪري گهڻن صاحبن کي ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو: پر جيڪي ڪجهه هٿ آيو سو عرض رکجي ٿو. شڪي چڪي جو معرب آهي ۽ چڪي ڪٺل ميوي کي چوندا آهن. صاحب مخزن الادويه لکيو آهي:

”چکی ثمر درختے جه ست که بهندی و بنگالی کٹهل نامند و در بنگاله به ست بلاد دیگر وفوردارد و خوب می شود و درخت آن عظیم و بزرگ تر از گردگان (اخروٹ) .... کٹهل مشابه بشکنه (اوجهری) حیوانیست که اندرون آنرا بالا کرده او را از چیزے پر کنند - تخم آن را درجوف کرده باشند وباتش بریان کرده می خورند“

صاحب مخزن الادويه جو مٿيون بيان ابن بطوطه جي بيان سان ٺهڪي اچي ٿو: جيئن مٿي ظاهر آهي، مصنف سيدالمتاخرين لکيو آهي ته بنگال ۽ بهار ۾ ۾ ڪٺل ميوو ايڏو ته وڏو ٿيندو آهي جو هڪ ماڻهو به ان کي مشڪل سان کڻي سگهندو.

Marfat.com

تندو: آبنوس جي وڻ جو ميوو آهي. هي ذردالو جيڏو ٿيندو آهي ۽ رنگ به اهڙوئي ٿيندو اٿس. هي تمام گهڻو مٺو ٿيندو آهي.

ڄمون: هن جو وڻ وڏو ٿيندو آهي. هي ميوو زيتون جي شڪل جهڙو ٿيندو آهي، پر رنگ ڪارو ٿيندو اٿس، ۽ زيتون وانگر هن ۾ به بج ٿيندا آهن.

مٺي نارنگي هن ملڪ ۾ تمام گهڻي ٿيندي آهي پر کٽي نارنگي تمام گهٽ ٿي ٿئي. هن مان هڪ قسم، کٽمٺو به ٿيندو آهي جيڪو مون کي تمام خوش ذائقو معلوم ٿيندو هو. مان ان کي ڏاڍي مزي سان کائيندو هيس.

مهوا: هي وڻ تمام وڏو ٿيندو آهي ۽ پن اخروٽ جي پنن جهڙا پر ڳاڙهاڻ ۽ پيلاڻ ڏانهن مائل ٿيندا اٿس. ان جو ميوو ننڍي آلو بخاري جيڏو ۽ تمام مٺو ٿيندو آهي. هر هڪ داڻي جي مٿان انب جي ڦونڊ وانگر هڪ ننڍو داڻو ٿيندو اٿس ۽ سندس وچ خالي هوندو آهي. هن ميوي جي گهڻي کائڻ ڪري مٿي ۾ سور ٿي پوندو آهي. اس تي سڪائڻ سان هيءُ انجير جهڙو ٿي پوندو آهي. مان ان کي انجير جي بجاءِ استعمال ڪندو هئس، ڇاڪاڻ ته انجير هندستان ۾ تمام گهٽ ٿيندو آهي.

انگور: هي به انب جهڙو خوش ذائقه ميوو ٿيندو آهي. هي هندستان ۾ تمام گهٽ ٿيندو آهي، ۽ صرف دهلي يا ڪن ٻين ٿورن هنڌن تي ٿيندو آهي. هي ميوو سال ۾ ٻه دفعا لهندو آهي ۽ ان جي ککڙين مان تيل ڪڍي ڏين ۾ ٻاريندا آهن.

هتي جي ميون مان هڪ ٻيو ميوو به آهي جنهن کي ڪسيرا (١) ڪري چوندا آهن. هن کي زمين مان کوٽي ڪڍيو

---

(١) ڪسيرا: اسان جي خيال موجب ابن بطوطه گجر، گوگڙو يا بيهه جو بيان ٿو ڪري. ڇو ته بيهه به زمين مان کوٽي ڪڍيو ويندو آهي. — مترجم

Marfat.com

ويندو آهي، جو تمام مٺو ۽ قسطل (١) جي شڪل جهڙو ٿيندو آهي.

اسان جي ملڪ جي ميون مان، ڏاڙهون به هندستان ۾ ٿيندو آهي، ۽ سال ۾ ٻه دفعا ميوو جهليندو آهي. جزائر ذيبة المهل (٢) ۾ ڏٺو هئم ته اتي هيءُ ميوو ٻارهين مهيني لهندو هو. ان کي انار سڏيندا آهن.

---

(١) قسطل: هڪ قسم جو عربي ميوو.
(٢) مالديپ جا ٻيٽ: ذيبة = ديپ، مهل = مال.

Marfat.com

فصل ڏيو

# هندستان ۾ اناج جي پوک

هندستان ۾ سال ۾ ٻه دفعا فصل لهندو آهي. جڏهن گرميءَ ۾ مينهن پوندو آهي تڏهن خريف جو فصل پوکيندا آهن ۽ سٺ ڏينهن کان پوءِ ان کي کڻي ڇڏيندا آهن. خريف جي اناج جي قسمن مان کذرو (۱) ۽ شاماخ (مانڻون) به ڏيندا آهن. مانڻون گهٽو کري عابد، زاهد، فقير ۽ مسڪين ماڻهو کائيندا آهن. هڪ هٽ ۾ ڇڇ کڻي ٻڌي هٽ سان هڪ ننڍيءَ لٽ سان وڙهي کي ڏوڻيندا آهن ته مانڻون اڇي ڇڇ ۾ کرندو آهي. هن جا داڻا تمام ننڍا ڏيندا آهن. آس ۾ انهن کي سکائي، کاٽ جي آکرين ۾ انهن کي کڏي، سندن کلون الڳ کندا آهن ته اندران سفيد داڻا نکري پوندا آهن. مينهن جي کير ۾ ان جي کيرڻي ناهيندا آهن، جيکا ان جي پکل مانيءَ کان وڌيڪ لذيذ ڏيندي آهي.

ماش: هيءُ مٺر جو هڪ قسم آهي ـ مگ وري ماش جو هڪ قسم آهي، پر شڪل ۾ ڏگهو ۽ رنگ جو ساڏو ڏيندو آهي. مگ ۽ چانور ملائي، هڪ کاڏو تيار کندا آهن، جنهن کي کشري (۲) کري سڏيندا آهن ۽ ان کي گيهه سان گڏي کائيندا آهن. کشري، صبح جو نيرن تي کائيندا آهن، جيئن اسان جي ملڪ ۾ حريره استعمال ڏيندو آهي.

---

(۱) کذرو: "آئين اکبري" ۾ هن اناج جو نالو کدرون ۽ کدرم لکيل آهي. "آئين اکبري" ۾ لکيل آهي ته کدرون سانئين جهڙو ڏيندو آهي پر سندس مٿين کل کاراڻ ڏانهن مائل ڪاڙهي ڏيندي آهي.

(۲) کشري: ابن بطوطه کچڙيءَ کي سڏي ٿو، جيکا گهٽو کري بيمار ماڻهن کي پرهيزيءَ ۾ کارائبي آهي. عربيءَ ۾ ک، چ ۽ ڻ کونه، ٿين، جن جي بجاءِ ک، ش ۽ ر استعمال کئي ويئي آهي. عرب رکو اهڙائي اچار کري سگهندا آهن.

لوبيا (١) به هڪ قسم جو اناج ٿيندو آهي، موٺ به اناج جو قسم آهي، جيڪو ڪذرو وانگر ٿيندو آهي. پر داڻا ان جا "ڪذرو" کان ڪجهه ننڍا ٿيندا آهن. گهوڙن ۽ ڍڳن کي داڻو ڪري ڏنو ويندو آهي. چڻا به ساڳيءَ طرح داڻو ڪري کارايا ويندا آهن. مائهن جو خيال آهي ته جون ۾ طاقت گهٽ آهي، تنهنڪري چڻا ۽ موٺ ڏري، پاڻيءَ ۾ ڀڄائي، گهوڙن کي کارائيندا آهن، ۽ گهوڙن کي ڪڻڪ جو سائو گاه به لڻي کارائيندا آهن. جنهنڪري هو ٿلها متارا ٿي پوندا آهن. پهريائين ڏهه ڏينهن انهن کي صرف گيهه پيارينٺدا آهن — ڪي ٽي رتل ۽ ڪي چار رتل، ۽ انهن ڏينهن ۾ انهن تي سواري ڪين ڪندا آهن. ان بعد هڪ مهينو سائي ماش کارائيندا اٿن.

اهي سڀ خريف جا اناج هئا. خريف جي فصل پوکڻ کان سٺ ڏينهن پوءِ زمين ۾ ربيع جو اناج پوکڻ شروع ڪندا آهن — جيئن ته ڪڻڪ، چڻا، مسور ۽ جَوَ وغيره. زمين سڀ سٺي ۽ آباد آهي. اهڙيءَ طرح سان چانوَر سال ۾ ٽي دفعا پوکيندا آهن. تنهنڪري چانورن جي پيدائش سڀني اناجن جي قسمن کان وڌيڪ ٿيندي آهي. تر ۽ ڪمند به خريف جي فصل سان گڏ پوکيندا آهن.

هاڻي اسين سفر جو بيان ٿا ڪريون ابوهر جي شهر مان نڪري، اسان هڪ بيابان مان لنگهياسين، جنهن جو سفر هڪ ڏينهن جو هو. ان بيابان جي پاسن کان وڏا وڏا جبل هئا ۽ انهن ڏکين ڏونگرن ۾ ڪافر رهندا آهن، جن مان گهڻا رهزن ۽ لٽيرا آهن. ڪافرن مان ڪي بادشاه جي رعيت آهن، جيڪي

---

(١) لوبيا: "لغات ڪشوري" ۾ هن جي معنيٰ هيئن لکي ويئي آهي = هڪ قسم جي ڦري، جنهن جي ڀاڄي ٺاهي کائيندا آهن. هت شايد لوبيا، ابن بطوطه چئنرن کي ٿو سڏي، ۽ "لغات ڪشوري" به ساڳي معنيٰ ٿو لکي. ڇو ته چئنرن جون به ڦريون ٿينديون آهن.

(٢) رتل: اڌ سير جي برابر وزن.

Marfat.com

سندس مدد لاءِ ٻهراڙين ۾ رهندا آهن ۽ انهن جو حاڪم مسلمان هوندو آهي، جن جو آفيسر وري اهو عامل يا جاگيردار هوندو آهي، جنهن جي جاگير ۾ اهو ڳوٺ يا شهر هوندو آهي. ڪي ڪافر نافرمان هوندا آهن، جي بادشاه سان وڙهندا رهندا آهن ۽ ڪي وري جبلن ۾ رهي رستن تي ڦريون ڪندا رهندا آهن.

## ڪافر لٽيرن سان اسان جو پهريون مقابلو

جڏهن اسين ابوهر مان ٿي هلياسين، تڏهن ٻيا ماڻهو صبح جو سوير اٿي هليا. پر مان ۽ ڪي ٿورا ماڻهو ٻپهرن تائين اتي رهياسين ۽ ٻپهرن کان پوءِ هلياسين. اسان تي آسي ڪافرن حملو ڪيو. جن مان ٻه سوار هئا. منهنجا همراه سڀئي چڱا جوان ۽ بهادر هئا. تمام زبردست لڙائي لڳي. اسان انهن مان ٻارهن ماڻهن ۽ هڪ سوار کي ماري وڌو ۽ سندس گهوڙي تي قبضو ڪيوسون. مون کي ۽ منهنجي گهوڙي کي تير جو زخم هو. پر ڇاڪاڻ ته هنن جا تير تمام ڪمزور ٿا ٿين، تنهنڪري اهي زخم به معمولي هئا. اسان مان هڪڙي ساٿيءَ جو گهوڙو سخت زخمي ٿي پيو، تنهن کي اسان مئل ڪافر جو گهوڙو ڏنو ۽ زخمي گهوڙي کي کڻي ڪٺوسين، جنهن کي ترڪ سوار، جيڪي اسان سان گڏ هئا، کائي ويا. پوءِ مئل ڪافرن جا سر ڪپي، اسان ابي بکر (١) جي قلعي ۾ کڻي وياسين، جتي شهر جي ديوار تي

(١) ابي بکر: پاڪ پٽن کان اٽڪل هڪ منزل جي مفاصلي تي هيءُ شهر ملتان، ضلعي (مغربي پنجاب) ۾ موجود آهي. هتي هڪ قديمي بزرگ ابوبڪر دقاق جي نالي سان هڪ خانقاه موجود آهي، جتي هر سال چيٽ جي مهيني ۾، چڱي پيماني تي ميلو لڳندو آهي.

تنگي چڏيامين. ابي بکر اسان اڏ رات مهل پهتاسين ۽ اتان کان پن ڏينهن جي سفر بعد اجوڏن (١) ۾ پهتاسين. هي هڪ ننڍو شهر آهي، جو شيخ فريدالدين "بدايوني" جي ملکيت آهي. مون کي برهان الدين اسکندريءَ هلندي وقت چيو هو تہ تنهن جي ملاقات شيخ فريدالدين سان ٿيندي ۽ خدا جو شڪر آهي جو مان ان سان اچي مليس. هو هندستان جي بادشاهه جو مرشد آهي، ۽ ان کيس هي شهر انعام طور ڏنو آهي. شيخ انتها درجي جو وهمي آهي؛ ايتري قدر جو نہ کنهن سان هٿ ٿو ملائي، ۽ نہ وري کنهن کي پرسان ٿو اچڻ ڏئي. جيڏهن سندس ڪپڙو کنهن ٻئي جي ڪپڙي سان لڳي وڃي؛ تہ پوءِ ان ڪپڙي کي ڏوئي ٿو ڇڏي.

مان سندس خانقاه ۾ ويس ۽ ساڻس ملاقات ڪندي شيخ برهان الدين جا سلام پهچايامانس، جنهن تي کين گهڻو عجب لڳو ۽ فرمايائون تہ کنهن ٻئي لاءِ سلام ڏنا هوندائين. پوءِ سندس ٻنهي عالم ۽ فاضل پٽن سان ملاقات ڪيم. هڪڙي جو نالو معزالدين ۽ ٻئي جو علم‌الدين هو. معزالدين وڏو هو ۽ پنهنجي پيءِ جي وفات کان پوءِ سجاده نشين ٿيو.

مون سندن ڏاڏي شيخ فريدالدين بدايوني جي قبر جي به زيارت ڪئي. بدايون سنڀل جي علاڪي ۾ هڪ شهر آهي، جتان

---

(١) اجوڏن: پاڪ پٽن جو قديمي نالو اجوڏن هوندو هو. شيخ فريدالدين گنج شڪر جي خانقاه جي ڪري، اڪبر بادشاهه جي حڪم سان هن کي پاڪ پٽن سڏيو ويو. تنهن کان ڪجهه اڳ هن کي "پٽن فريد" پڻ ڪري چوندا هئا. هتي شيخ فريد گنج شڪر جي مزار تي هڪ ميلو پڻ لڳندو آهي، جنهن ۾ هزارين ماڻهو اچي گڏ ٿيندا آهن، ۽ بهشتي دريءَ سان لنگهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. "آئين اڪبري" ۾ هن شهر کي فقط پٽن ڪري لکيو ويو آهي، ۽ "تاريخ فرشته" ۾ پٽن بابا فريد ڪري سڏيو ويو آهي.

Marfat.com

جڏهن مان وڃي رهيو هيس، تڏهن اتي علم‌الدين سون سان ملیو ۽ خواهش ڏيکاريائين ته منهنجي والد بزرگوار سان ضرور ملندا وڃو. سندس والد انهيءَ وقت تمام مٽاهينءَ ڇت تي بيٺو هو، ڪيس سفيد ڪپڑا پهريل هئا ۽ متي تي وڏو پٽڪو ٻڌل هيس، جنهن جو ٻرو هڪ طرف لڙڪيل هو. اتي ڏي سون سان گهالهايائين ۽ پوءِ سون ڏانهن مصري ۽ نباتون ڏياري موڪلياڻين.

## فصل ٽيون

# هندستان ۾ ستي لڪڙيءَ جو رواج

مان شيخ صاحب جي زيارت کان واپس پئي آيس، تہ مون ڏٺو تہ ڪيترائي ماڻهو، جن مان ڪي اسان جا ماڻهو پڻ هئا، اسان جي تنبن جي طرف کان ڀڄندا پئي آيا. مون پڇيو مان تہ ڪهڙي ماجرا آهي؟ جواب ڏنائون تہ هڪ هندو مري ويو آهي، ۽ ان جي ساڙڻ لاءِ جيڪا چڪيا تيار ڪئي ويئي آهي، انهيءَ ۾ سندس زال بہ ساڻس گڏ سڙندي. جڏهن اهي ٻيئي سڙي ويا، تڏهن اسان جا همراه واپس آيا ۽ ٻڌايائون تہ عورت ڪيئن ميت سان چنبڙي، سڙي مري ويئي. ٻئي دفعي مون ڏٺو تہ هڪ هندو عورت، ٺهي ٺهڪي، سينگار ڪري، گهوڙي تي سوار ٿي وڃي رهي هئي. هندو ۽ مسلمان، سندس پٺيان هئا، اڳيان دهل دماما وڄندا پئي ويا. برهمڻ جيڪي هنن جا مذهبي اڳواڻ هوندا آهن، سي هن سان گڏ هئا. اهو علائقو بادشاهہ جو هو، تنهنڪري بادشاهہ جي اجازت کان سواءِ، هو کيس جلائي نٿي سگهيا. جڏهن بادشاهہ جي طرفان اجازت ملين، تڏهن کيس وڃي ساڙيائون. ڪجهہ عرصي کان پوءِ هڪ بيو اتفاق ٿيو، جو مان هڪڙي اهڙي شهر ۾ هيس، جنهن جا گهڻا رهاڪو هندو هئا؛ انهن کي ابرجي بہ ڪري ڪوٺيندا هئا. هڪ دفعي انهن رستي تي ڦر ڪئي، تنهنڪري اهو امير، هندن ۽ مسلمانن جو گڏيل لشڪر وٺي، انهن سان لڙائي ڪرڻ لاءِ ويو. تمام سخت لڙائي لڳي، جنهن ۾ ست هندو رعيتي ماڻهو مارجي ويا، جن مان ٽن کي زالون هيون. انهن زالن ستيون ٿيڻ جو ارادو ڪيو. ستي ٿيڻ هندن ۾ ڪو واجب ڪونهي، پر جيڪي رنون زالون پنهنجن مڙسن سان گڏ سڙنديون آهن، انهن جو خاندان عزت وارو ليکيو ويندو آهي، ۽ عورتون وفادار سمجهيون وينديون آهن. جيڪي زالون ستيون نہ ٿينديون آهن انهن کي ٿلها ڪپڙا پائڻ ۽ طرح طرح جي خواريءَ سان زند

بسر ڪرڻي پوندي آهي. ازانسواءِ انهن کي بي وفا پڻ سمجهيو ويندو آهي، مگر ڪنهن کي ستي ٿيڻ لاءِ مجبور ڪونه ڪيو ويندو آهي.

جن ٽن زالن ستيون ٿيڻ جو ارادو ڪيو هو، اهي ٽي ڏينهن اڳ ڳائڻ وڄائڻ ۽ کائڻ پيئڻ ۾ مشغول ٿي ويون. ڇو ته هو هن دنيا مان وڃي رهيون هيون. انهن وٽ هر طرف کان زالون پئي آيون. چوٿين ڏينهن انهن وٽ هڪ هڪ گهوڙو آندو ويو، ۽ هر هڪ بيوه، سينگار ڪري، خوشبوءِ لڳائي، ان تي سوار ٿي. انهن جي ساڄي هٿ ۾ ناريل هئا، جن کي اڇلائي ۽ جهٽي رهيون هيون ۽ کاٻي هٿ ۾ آئينو هون، جنهن ۾ هر هڪ منهن پئي ڏٺو. برهمڻ انهن جي چوڌاري جمع هئا. سندن مائٽ مٽ به ساڻن گڏ هئا. اڳيان دهل دماما وڄندا پئي ويا ۽ هندن مان هر هڪ انهن کي چئي رهيو هو ته منهنجي فلاڻي پيءُ، ماءُ، ڀاءُ، يا دوست کي سلام چئجان، ۽ جنهن تي هو کلنديون، هائو ڪنديون پئي ويون. مان به پنهنجي دوستن کي وٺي سندن سڙڻ جو منظر ڏسڻ ويس. اسان انهن سان ٽي ميل کن گڏ وياسين ۽ هڪ اهڙيءَ جڳهه تي پهتاسين، جتي پاڻي تمام گهڻو هو ۽ گهاٽي وڻراه هجڻ ڪري انڌيرو ٿي رهيو هو. اهڙيءَ جڳهه جي ٺيڪ وچ تي چار گنبذ ٺهيل هئا، جن مان هر هڪ گنبذ ۾ هڪ بت رکيل هو ۽ وچ تي هڪ حوض ٺهيل هو، جنهن تي وڻن جي ڇانو هجڻ سبب ۽ اس جي نه پوڻ ڪري، اهو اونداهو ائين پئي معلوم ٿيو، جو ڄڻ ته جهنم جو ٽڪرو هو. جڏهن هي عورتون انهن گنبذن وٽ پهتيون، تڏهن انهيءَ حوض ۾ لهي غسل ڪيائون، پوءِ پنهنجا ڪپڙا ۽ زيور لاهي، انهن جي جاءِ تي هڪ ٿلهي ساڙهي ٻڌائون. حوض جي ڀرسان هڪ هيٺاهين زمين تي باهه ٻاري ويئي، جنهن ۾ سرنهن جي تيل وجهڻ سان، باهه ڀنڀٽ ڪري ٻرڻ لڳي. پندرهن کن ماڻهن جي هٿن ۾ ٻڌل هلڪين ڪاٺين جون ڀريون هيون ۽ ڏهاڪو کن ماڻهو وڏا وڏا

Marfat.com

بُنڊ کنيون بيٺا هئا، دهلن ۽ شرنائين وارا، عورتن جي انتظار ۾ بيٺا هئا. باهه جي اڳيان ڪپڙي جي اوٽ ڪئي ويئي هئي، ته جيئن عورتن جي نظر ان تي نه پوي. انهن مان هڪ عورت زبردستيءَ انهن ماڻهن کان اهو ڪپڙو ڦري ورتو ۽ چيائين ته ”ڇا، مون کي خبر نه آهي ته اها باه آهي؟ مون کي ڊيڄاريو ٿا؟“ پوءِ جلهه ڪري باه ڏانهن وڌي ۽ پاڻ کي باه ۾ اڇلائي وڌائين. انهيءَ وقت دهل ۽ شرنايون وڄڻ شروع ٿيون، جيڪي ماڻهو سنهيون ڪاٺيون کنيون بيٺا هئا، تن اهي باه ۾ وجهڻ شروع ڪيون ۽ انهن جي مٿان وڏا بنڊ وجهي ڇڏيائون، جيئن اها عورت چُري پُري به نه سگهي. اتي بيٺل ماڻهن وٺي گوڙ ڪيو. مان هي سڀ ڏسي، بيهوش ٿي ويس ۽ گهوڙي تان ڪرڻ تي هوس ته منهنجي دوستن مون کي سنڀالي ورتو ۽ پائيءَ سان منهجو منهن ڌوئاريائون. پوءِ مان اتان موٽي آيس. اهڙيءَ طرح هندو پاڻ کي درياءَ ۾ به ٻوڙي ڇڏيندا آهن. گهڻو ڪري اهي گنگا نديءَ ۾ ٻڏندا آهن. گنگا ڏانهن هندو حج لاءِ ويندا آهن ۽ پنهنجي مردن جي خاڪ به انهيءَ ۾ لوڙهي ڇڏيندا آهن، ڇو ته هنن جو گمان آهي ته اها ندي بهشت مان ٿي نڪري. جيڪڏهن ڪو شخص انهيءَ درياءَ ۾ ٻڏڻ چاهيندو آهي ته حاضرين کي چوندو آهي ته مان ڪنهن به دنياوي تڪليف يا مفسليءَ کان تنگ اچي، ائين نٿو ڪريان، پر پنهنجي ڪسائيءَ (گوسائين) جي رضامندي لاءِ ائين ڪري رهيو آهيان. ”ڪسائي“ انهن جي زبان ۾ خدا جو نالو آهي. جڏهن اهو شخص ٻڏي مري ويندو آهي، تڏهن کيس ڪڍي ساڙي، سندس خاڪ گنگا نديءَ ۾ لوڙهي ڇڏيندا آهن.

ان بعد اجوڌن کان هلي اسان سرستي (١) پهتاسين.

---

(١) سرستي: قديم تاريخن ۾ سرستي جو نالو ”سرسه“ لکيل آهي. تاريخ فرشته ۾ به ”سرسه“ لکيل آهي. ممڪن آهي ته سرسوتي درياءَ جي ڪناري تي هجڻ ڪري سندس اصلي نالو ”سرستي“ هجي. — مترجم

Marfat.com

جيڪو هڪ وڏو شهر آهي ۽ منجهس چانور تمام گهڻا ۽ سڻي قسم جا ٽيندا آهن، جيڪي اڏان دهليءَ ڏانهن پڻ موڪليا ويندا آهن. هن شهر مان آمدني به گهڻي ٽيندي آهي. حاجب شيخ شمس‌الدين بوشنجيءَ مون کي آمدنيءَ جو حساب ٻڌايو هو، پر اهو مون کي ياد نه رهيو آهي.

اڏان کان پوءِ اسان حانسي (١) جي شهر ۾ ويا سين. هيءُ هڪ خوبصورت ۽ مضبوط شهر آهي، ۽ منجهس وڏيون وڏيون عمارتون آهن. هن شهر جي پناهه جي ديوار به ڪافي وڏي آهي. چون ٿا ته هيءُ شهر هڪ هندو راجا "تور" ٻڌايو هو ۽ ان راجا جي متعلق اڃي جا ماڻهو، ڪيتريون ئي حڪايتون بيان ڪري رهيا هئا. قاضي ڪمال‌الدين صدر جهان قاضي القضات، هندستان، ۽ ان جا پائر قطلو خان، بادشاه جو استاد، ۽ شمس‌الدين، جو هجرت ڪري مڪي هليو ويو هو، ۽ اڃي ئي وفات ڪئي هئائين، هن ئي شهر جا رهاڪو هئا. پوءِ اڏان ٻن ڏينهن جي سفر بعد مسعودآباد (٢) پهتاسين. هي شهر دهليءَ کان ١٠ ميل اوري آهي. اڃي اسان ٻي ڏينهن ترسياسين. حانسي ۽ مسعودآباد ملڪ هوشنگ ابن ملڪ ڪمال گرگ جي جاگير ۾ آهن. جڏهن اسان اڃي پهتاسين، تڏهن بادشاه دارالخلافه ۾ ڪونه هو ۽ قنوج جي طرف ويل هو. قنوج دهليءَ کان ١٠ ميل پري آهي. دهليءَ ۾ بادشاه جي والده مخدومه جهان ۽ وزير احمد بن غياث رومي موجود هئا. وزير

---

(١) حانسي: هي هندستان ۾ هڪ ڇڪو شهر آهي. هتي ابن بطوط جو اشارو شايد اننگ پال تور ڏي آهي، جنهن هيءُ شهر ٻڌايو هو. آئين اڪبري ۾ هن شهر لاءِ فقط هيترو لکيل آهي -- قلع دارد از خشت پخته.

— مترجم

(٢) مسعودآباد: اڪبر بادشاه جي وقت تائين هي شهر آباد هو، ۽ آئين اڪبري ۾ لکيل آهي ته هي هڪ پراڻو قلعو آهي. شايد هيءُ اهوئي ٽنل شهر آهي، جنهن جا کنڊر اڃان تائين نجف ڳڙه جي ويجهو، دهليءَ کان ١٢ ميل ڏري موجود آهن.

— مترجم

Marfat.com

اسان مان هر هڪ لاءِ سندس شان ۽ مرتبي مطابق ماڻهو استقبال لاءِ موڪليا. منهنجي استقبال لاءِ شيخ بسطامي شريف مازندراني، جو پرديسي مسافرن جو حاجب هو ۽ فقيه مولوي علاءُ الدين قند ملتاني آيا هئا. وزير اسان جي اچڻ جي خبر بادشاه کي ٽپال ذريعي موڪلي ۽ ٽئين ڏينهن کيس جواب اچي ويو. انهيءَ سبب ڪري اسان کي ٽي ڏينهن مسعودآباد ۾ ترسڻو پيو. ٽن ڏينهن کان پوءِ اسان جي استقبال لاءِ قاضي، فقيه، مشائخ ۽ امراءُ آيا. مصر ۾ جن ماڻهن کي امير چوندا آهن، تن کي هتي ملوڪ ڪري سڏيندا آهن. شيخ ظهيرُالدين رنجاني به استقبال لاءِ آيو، جيڪو سلطان جي معزز مقربن مان هڪ هو. پوءِ اسان مسعودآباد کان هلي، هڪ ڳوٺ جي ڀرسان اچي لٿاسين، جنهن کي پالم (١) ڪري چوندا آهن. هي ڳوٺ سيد شريف ناظرالدين مطهر اوهريءَ جي جاگير آهي. هي سيد صاحب بادشاهه جي مصاحبن مان آهي، ۽ بادشاهه جي سخاوت مان تمام گهڻو فائدو ڪيو اٿائين. اتان هلي، ٻپهرن جي وقت اچي دارالخلافه دهليءَ ۾ پهتاسين، جيڪو هڪ عظيم الشان شهر آهي. هن عمارتن ۾ خوب صورتي ۽ مضبوطي، ٻيئي موجود آهن. هن جي شهر پناه اهڙي ته مضبوط آهي، جو دنيا ڀر ۾ سندس نظير ملي ڪين سگهندو. مشرق ۾ ڪوبه شهر، اسلامي خواه غير اسلامي، هن شهر جي عظمت جي مقابلي جو نه آهي.

---

(١) پالم: هي شهر دهليءَ کان ٿوروئي پري، اٽڪل ڏهاڪو ميلن جي مفاصلي تي، دهليءَ کان ريواڙيءَ طرف ويندڙ ريلوي لائين تي، پهرين اسٽيشن آهي. — مترجم

Marfat.com

فصل چوڏون

# دهليءَ جو شهر

هيءُ شهر تمام ڪشادو آهي ۽ منجهس گهڻيون عمارتون آهن. اصل ۾ هي چار شهر آهن، جيڪي هڪٻئي سان لڳولڳ آهن. انهن مان پهريون دهلي (۱) آهي، جو هندن جي وقت جو قديم شهر آهي، ۽ سنہ ۵۸۴ع ۾ فتح ٿيو هو. ٻيو شهر سيري آهي، جنهن کي دارالخلافو به چوندا آهن. هي شهر بادشاهه غياث‌الدين، خليفي مستنصر عباسيءَ جي پوٽي کي، جڏهن هو دهليءَ ۾ رهندو هو، ڏنو هو. سلطان علاءُالدين ۽ قطب‌الدين پڻ هن شهر ۾ رهندا هئا. ٽيون شهر تغلق‌آباد آهي، جنهن کي بادشاهه جي پيءُ غياث‌الدين تغلق شاهه آباد ڪيو هو. غياث الدين هڪ ڏينهن سلطان قطب الدين خلجيءَ جي خدمت ۾ بيٺو هو، ۽ سلطان سان گالهيون ڪندي عرض ڪيو هئائين ته "اي آخوند عالم، هن جاء تي هڪ نئون شهر ٻڌائڻ گهرجي. جنهن تي سلطان طنز سان چيو جڏهن تون بادشاهه ٿين، تڏهن اتي شهر آباد ڪجان. پوء جڏهن هو قدرت الاهيءَ سان بادشاهه ٿيو، تڏهن هيءُ شهر آباد ڪيائين ۽ پنهنجي نالي تي هن جو نالو رکيائين تغلق‌آباد. چوٿون شهر جهان پناهه آهي، جنهن

---

(۱) دهلي: ابن بطوطه جي وقت ۾ هي شهر چئن جاين تي آباد هو ۱- دهلي (۲) سيري (۳) تغلق‌آباد (۴) جهان پناه، جن مان دهلي ۽ تغلق‌آباد موجود آهن. باقي سيري ۽ جهان پناه ڦٽي ويا آهن، جن جا نشان ۽ ڪنڊر دهليءَ جي ويجهو موجود آهن. جهان پناه، جنهن ۾ سلطان محمد بن تغلق رهندو هو، سو دهلي ۽ سيريءَ جي وچ تي ابباد هو، جتي بادشاه جي هزار ٿنين واري محلات جا ڪنڊر اڃا به موجود آهي. سيريءَ جو قلعو سلطان علاءُالدين خلجيءَ پنهنجي وقت ۾ ٺهرايو هو ۽ اڃا تائين دهليءَ جي ويجهو سندس نشانات موجود آهن. هن قلعي کي علاول به ڪري سڏيندا هئا.

— مترجم

Marfat.com

۾ سلطان محمد بن شاهه تغلق وقت جو بادشاهه رهندو آهي ۽ هن ئي هي شهر آباد ڪيو. بادشاهه جو ارادو هو ته چارئي شهر ملائي، انهن جي چوڌاري هڪ شهرپناهه ٺهرائجي، جيڪا پوءِ ٺهرائڻ شروع به ڪئي هئائين پر تمام گهڻو خرچ ايندي ڏسي، اتي ڇڏي ڏنائين.

## دهليءَ جي شهرپناهه ۽ ان جا دروازا

هن شهرپناهه جو مثال سڄيءَ دنيا ۾ ملڻ مشڪل آهي. هن ديوار جي ويڪرائي يارنهن هٿ آهي، جنهن ۾ ننڍيون ڪوٺڙيون ۽ جايون ٺهيل آهن، جن ۾ چوڪيدار ۽ دروازن جا محافظ رهندا آهن. منجنيق (١)، لڙائيءَ جا سامان ۽ رعادات (٢) به هنن ئي گدامن ۾ رکيا ويندا آهن. هر قسم جو اناج هنن گدامن ۾ گڏ ڪندا آهن. هيءُ اناج هر ڪنهن آفت کان محفوظ رهندو آهي، ۽ اڪثر رنگ به ڪين ڦيريندو آهي. منهنجي سامهون هنن گدامن مان چانور ڪڍيا ويا هئا، جن جو رنگ مٿان ڪجهه ڪارو ٿي ويل هو، پر مزي ۾ ڪجهه به فرق ڪونه هون. مڪئي ۽ جوار به ان گدام مان ڪڍيا هئائون. چون ٿا ته شاه بلبن جي وقت ۾، جنهن کي نوي سال گذري چڪا آهن، هيءُ اناج ڀريو ويو هو. ديوار جي مٿان ڪيترائي گهوڙي سوار ۽ پيادا، سڄي شهر جي چوڌاري گهمي سگهن ٿا.

---

(١) منجنيق: ڪي مورخ لکن ٿا ته محمد بن قاسم سنه ٩٤ هجري، ديبل جي قلعي تي اهڙي هڪڙي منجنيق استعمال ڪئي هئي، جنهن تي پنج سؤ ماڻهو ڪم ڪندا هئا ۽ ان جو نالو العروس يعني ڪنوار هو.
— مترجم

(٢) رعادات: هن لفظ ۾ ابن بطوطه غلطي ڪئي ٿي ڏسجي. اصل ۾ هيءُ لفظ عزده يعني ننڍي منجنيق آهي. تاريخ معصومي جي مترجم جناب حضرت مولانا امير احمد صاحب هيٺين معنيٰ، Staingass نالي انگريزي فارسي ڊڪشنريءَ مان ڳولي ڪڍي آهي، "A kind of hastila or engine for hurling missiles, a cart, a truck, a gun carriage". — مترجم

شهر جي اندرئين پاسي گدامن سان لڳل روشندان آهن، جن مان روشني ملي ٿي. هن شهر پناه جو هيٺيون حصو پٿر جو، مٿيون پاسو پڪين سرن جو ٺهيل آهي، ۽ مٿائنس برج تمام گهڻا آهن، جيڪي ٿوري ٿوري مفاصلي تي ٺهيل آهن. هن شهر جا اٺاويهه دروازا آهن، جن مان ڪن جو بيان ڪريون ٿا. بدايون دروازو، جو هڪ وڏو دروازو آهي، ۽ شهر بدايون جي نالي مشهور آهي. مندوي دروازو، جنهن جي ٻاهران پوکون آهن. گل دروازو، جنهن جي ٻاهران باغ آهن. نجيب دروازو ۽ ڪمال دروازو، جيڪي ڪن شخصيتن جي نالن تي آهن. غزني دروازو، جنهن جي ٻاهران عيدگاه ۽ قبرستان آهن. هي قبرستان گهڻو ڪري سڀ خوبصورت آهن. هر هڪ قبر تي جيڪڏهن گنبذ نه ته محراب ضرور هوندو آهي، ۽ وچ تي وڻ ۽ خوشبودار گلن جا ٻوٽا پوکيل اٿس، جن مان قل شبة (گل شنبو)، (١) ريبول (رابيل)، گل نسرين ۽ ٻيا قسمين قسمين گل ٻوٽا موجود آهن.

## دهليءَ جي جامع مسجد

هي جامع مسجد (٢) تمام وڏي ۽ ڪشادي آهي. سندس ديواريون، ڇتيون (گنبذ) ۽ فرش هر هڪ شيءِ تراشيل سفيد پٿر جي ٺهيل آهي. هن ۾ ڪاٺ ته بلڪل ڪم آندل ڪين آهي. منجهس تيرهن گنبذ آهن، جي پٿر جا آهن ۽ منبر به پٿر جو

---

(١) قل شبة ۽ ريبول — ابن بطوطه عرب هو، تنهنڪري سنڌي اچار پورا پورا لکي نه سگهيو. ازانسواءِ قل انهيءَ لاءِ ٿو چوي، جو "گ" عربي ٻوليءَ ۾ حرف آهي ئي ڪونه، تنهنڪري "گ" جي جاءِ تي "ق" ٿو استعمال ڪري. وري رابيل جو اچار جيڪو ٻڌو هوندائين، اهو دل تان لهي ويو هوندس، تنهنڪري رابيل کي ريبول ڪري ٿو استعمال ڪري. — مترجم

(٢) هيءَ جامع مسجد اهائي قوت‌السّلام جي نالي آهي، جيڪا اڄ به پراڻي دهليءَ ۾ قطب مينار جي ڀرسان موجود آهي. مٿي بيان ڪيل قلعي جا نشان پڻ اڄ تائين اتي موجود آهن. (وڌيڪ ڏسو حاشيو صفحي ٤٠ تي.)

اٽس. (هن کي) چار اکڻ آهن، جن جي وچ ۾ هڪ ٽنبيو لڳل آهي. خبر نہ آهي ته هي ٽنبيو ڪهڙي ڏاتوءَ مان ٺهيل آهي. ڪنهن مون کي ٻڌايو ته هن کي "هفت جوش" ڪري ڏا چون، ۽يعني ستن ڏاتن کي پگهاري هيءُ ٽنبيو تيار ڪيو ويو آهي. ڪنهن شخص هن ٽنبي مان اگر جيترو ٽڪرو ويڻي ڪيو آهي ۽ اهو هنڌ بلڪل لسو ٿي لڳو. اوهم هن تي ڪوبہ اثر نٿو ڪري. هن جي اوچائي ٽيهہ هٿ آهي، جيڪا مون پنهنجي پنڪي مان ماپي هئي.

مسجد جي اپرندي پاسي واري درواري جي ٻاهران بہ وڏا وڏا پٿر جا بت گتا پيا آهن ۽ مسجد ۾ اندڙ ويندڙ انهن کي لتاڙيندا رهندا آهن. هن مسجد جي جاءِ تي اڳ ۾ هڪ بتخانو هوندو هو. جڏهن دهلي فتح ٿي، تڏهن انهيءَ بتخاني جي جاءِ تي هيءَ مسجد تعمير ڪئي ويئي. مسجد جي اتر واري اکڻ ۾ هڪ صومعہ (۱) (مينار) ٺهيل آهي، جنهن جو مثال دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ ڪونہ هوندو. هيءُ مينار گاڙهي پٿر مان تيار ڪيو ويو آهي، مگر مسجد سڄي سفيد پٿر مان ٺهيل آهي. مينار تي سهڻا نقش اڪريل آهن. آن جي مٿان جيڪو ڇت آهي، سو خالص سنگ مرمر جو ٺهيل آهي. هن جي اندر جيڪا ڏاڪڻ ٺهيل آهي، سا ايتري قدر ويڪري آهي، جو انهيءَ تي هڪ هاڻي خلاصائي مان چڙهي سگهي ٿو. هڪ عمر رسيدہ شخص مون کي ٻڌايو تہ جڏهن هيءُ مينار پڻي ٺهيو، تڏهن مون هاڻين کي هن جي مٿان پٿر ڪٽي چڙهندي ڏٺو هو.

هيءُ مينار معزالدين بن ناصرالدين ابن سلطان غياث الدين بلبن ٺهرايو هو ۽ وري قطب‌الدين خلجيءَ الهندي اکڻ ۾ هڪ ٻئي مينار ٺهرائڻ جو ارادو ڪيو هو، جيڪو هن مينار کان

---

(۱) "صومعة" جي معنيٰ آهي مينار، جيڪا مٿي ڏنگين ۾ ڏٺل آهي.
— مترجم

Marfat.com

تمام ڪشادو ۽ اوچو هجي ها، پر اڄا ان جو ٽيون حصو مس ٺهرايائين ته مارجي ويو. پوءِ سلطان محمد تغلق ان کي مڪمل ڪرائڻ جو ارادو ڪيو، پر فال بد سمجهي، پنهنجو ارادو ترڪ ڪري چڏيائين. ورنه اهو مينار دنيا جي عجائبن مان هڪ هجي ها. هي نامڪمل مينار اندران ايتري قدر ڪشادو آهي، جو ٽي هاڻي گڏ هڪٻئي جي برابر ٽي، هن جي ڏاڪڻ ٽي چڙهي سگهبو تا. هي فقط ٽيون حصو ٺهيل مينار ۾ اوتروئي اوچو آهي، جيترو اتر واري اڳڻ جو سڄو مينار. سون هڪ دفعي انهيءَ تي چڙهي ڏٺو ته شهر جا اوچا اوچا گهر ۽ شهر پناهم باوجود گهٽيءَ اوچائيءَ جي تمام ننڍا پئي معلوم ٿيا ۽ انهيءَ هيٺان بيٺل ماڻهو جهڙا ننڍڙا ٻار پئي ڏسڻ ۾ آيا. هيٺان بيهي ڏسڻ سان هي منارو وڏي ۽ ڪشادي هڻڻ سبب گهٽ اوچو ٿو لڳي.

سلطان قطب‌الدين خلجيءَ سيريءَ ۾ هن (۱) جهڙي ئي مسجد ٺهرائڻ جو ارادو ڪيو هو، پر فقط هڪ ديوار ۽ محراب کان سواءِ وڌيڪ ٺهرائي نه سگهيو، جنهن ۾ اڃو ۽ گاڙهو، ساڏو ۽ ڪارو پٿر استعمال ڪيو ويو، جو جيڪڏهن هيءَ مسجد ٻي وڃي ها ته هن جهڙي مسجد ڪنهن به شهر ۾ نه ملي سگهي ها. وري سلطان محمد تغلق ان کي ٺهرائڻ جو ارادو ڪيو. ڪاريگرن ۽ رازن کان خرچ جو اندازو ڪرايائين ته پنجٽيهه لک روپيا خرچ اچي ٿي ويو. گهٽو خرچ ايندي ڏسي، هن اهو ارادو ترڪ ڪري چڏيو. پر بادشاهم جي هڪ مصاحب کان خبر پيئي ته فال بد جي سبب اهو ارادو ترڪ ڪيل هو، چاڪاڻ ته قطب‌الدين تعمير

---

(۱) "جامع مسجد" — هن مسجد جو اصل نالو قوت‌السلام هو. هندن جي دور ۾ هي هڪ بتخانو هو. جڏهن شهاب‌الدين غوري سنہ ۵۸۹ هجريءَ ۾ دهلي فتح ڪئي، تڏهن هن پنهنجي غلام ۽ سپه سالار قطب‌الدين ايبڪ جي معرفت هن مسجد جو بنياد وجهرايو. بت، جيڪي مسجد جي ٻاهر بيل هئا، سي وڪرماجيت جا هئا، جيڪي اجين جي فتح ڪرڻ وقت التمش اتان کٽارائي دهليءَ آيو هو.

— مترجم

Marfat.com

ڪرائيندي ٿي مارجي ويو هو.

## دهلي شهر جا وڏا حوض

شهر دهليءَ جي ٻاهران هڪ حوض (۱) آهي، جو سلطان شمس الدين التمش ڏانهن منسوب ٿيل آهي. شهرواسي هن حوض جو پاڻي پيئندا آهن، ۽ عيدگاهه به ويجهو اٿس. هن ۾ بارش جو پاڻي گڏ ٿيندو آهي. سندس ڊيگهه ٻه ميل ۽ ويڪر هڪ ميل آهي. سندس الهندي ۾ عيدگاهه طرف پٿر جا ٻه منزلا ٿلها ٺهيل آهن. انهن ٿلهن کان پاڻيءَ تائين ڏاڪڻيون ٺهيل آهن ۽ هر هڪ ٿلهي جي ڪنڊ تي گنبذ ٺهيل آهي، جنهن ۾ ويهي، تماشائي نظارو ڏسندا آهن. حوض جي ٺيڪ وچ ۾ وري منقش پٿرن مان هڪ ٻه منزلو گنبذ ٺهيل آهي. جڏهن تلاءَ ۾ پاڻي گهڻو هوندو آهي، تڏهن ماڻهو ٻيڙين ۾ وچواري گنبذ ڏانهن ويندا آهن ۽ جڏهن پاڻي گهٽ ٿيندو آهي تڏهن ماڻهو اتي ائين ئي هليا ويندا آهن. اتي هڪ مسجد به ٺهيل آهي ۽ اڪثر ڪري پرهيزگار ۽ متوڪل شخص اتي وڃي رهندا آهن. جڏهن حوض جا ڪنارا مڪي ويندا آهن، تڏهن انهن ۾ ڪمند، رسنگاڙا، هنداڻا، ۽ گدرا پوکي ڇڏيندا آهن. هتي جا گدرا ننڍا، پر تمام ٻٺا ٿيندا آهن.

دهلي ۽ دارالخلافه جي وچ تي وري هڪ ٻيو حوض آهي، جنهن کي حوض خاص (۲) ڪري سڏيندا آهن. هي حوض پهرئين حوض (شمسي) کان به وڏو آهي. جنهن جي ڪنارن تي چاليهه گنبذ ٺهيل آهن. هن حوض جي چوڌاري گهڻي ئي راڳ ڳائيندڙ رهندا آهن. تنهنڪري انهيءَ آباديءَ کي طرب آباد (راڳيندڙن جي

---

(۱) هي "حوض شمسي" جي نالي سان مشهور آهي. حوض جي ڪناري تي شيخ عبدالحق محدث دهلوي جي مزار آهي، جنهن جو سنه ولادت ۹۵۸ھ ۽ سن وفات ۱۰۲۵ھ آهي. هن حوض جا رسنگاڙا اڃا تائين مشهور آهن.

(۲) هي حوض اصل ۾ سلطان علاءُ الدين خلجي ٺهرايو هو، جنهن جي ڪناري تي فيروز شاهه تغلق جو مقبرو اڃان به موجود آهي. — مترجم

بستي) ڪري چوندا آهن. هت ڳائيندڙن جي هڪ تمام وڏي بازار آهي، جنهن ۾ هڪ جامع مسجد پڻ آهي، ۽ انهيءَ کان سواءِ اتي ٻيون به ڪيتريون ئي مسجدون آهن. چون ٿا ته جيڪي گاني بجاني واريون عورتون هت رهنديون آهن، سي رمضان شريف ۾ تراويح جي نماز جماعت سان پڙهنديون آهن ۽ انهن جا امام پڻ مقرر هوندا آهن. عورتون تعداد ۾ گهڻيون آهن ۽ ڳائڻ وارا مرد به ڪافي تعداد ۾ موجود آهن. مون امير سيف‌الدين ابن مهتيٰ جي شاديءَ ۾ ڏٺو ته اذان ٻڌڻ سان هر هڪ گويّو وضو ڪري، مسلو وڇائي، نماز ۾ بيهندو ٿي ويو.

## دهلي شهر جون مزارون

مزارن ۾ مشهور قبر شيخ‌الصالح قطب‌الدين بختيار ڪعڪي (۱) (ڪاڪيءَ) جي آهي. هن جي قبر جي برڪت مشهور آهي ۽ ماڻهو ان جي تمام گهڻي تعظيم ڪندا آهن. شيخ صاحب جو نالو ڪعڪي هن سبب جي ڪري مشهور ٿيو آهي، جو ائين مشهور آهي ته هن وٽ جيڪو به غريب يا مقروض شخص ايندو هو ۽ غريبيءَ يا قرض جي شڪايت ڪندو هو، يا ڪو اهڙو شخص ايندو هوس، جنهن کي جوان ڌيءَ گهر ۾ هوندي هئي ۽ ان جي شاديءَ جو سامان نه هوندو هوس، ته شيخ صاحب اهڙي شخص کي هڪ ڪعڪ (ٽڪي) سون يا چانديءَ جي ڏيندو هو. ٻي مزار فقيه نورالدين ڪرلانيءَ جي آهي. ٽي فقيه علاءُالدين ڪرمانيءَ جي، جيڪا گهڻي برڪت واري سمجهي ويندي آهي ۽ ان تي

---

(۱) ڪعڪ: هن لفظ لاءِ گهڻي محنت ڪئي وئي. آخر هڪ اردو ڊڪشنري اٿلائنيدي (کاک) لفظ تي وڃي نظر پيئي، جنهن جي معنيٰ هئي (ٽڪيه). هونئن به ڪعڪ هڪ هندستاني لفظ آهي، ڇو ته ڪنهن به عربي ڊڪشنريءَ ۾ اهڙو لفظ نٿو ملي. ابن بطوطه به "کاکي" ٻڌو هوندو، پر عربيءَ ۾ انهي لفظ کي (کعکي) ٿو لکي، سو کاک معنيٰ "ايک قسم کی روغني ٽکيه". ڏسو فيرز الفات اردو جديد، صفحو ۹۳۸. — مترجم

Marfat.com

نور وسندو آهي. هيءَ جڳهه عيدگاهه جي ٻئين طرف آهي. هت ٻين به ڪيترن اوليائن جون مزارون آهن.

## دعاءِ جي ڪن زندهه عالمن ۽ صالحن جو بيان

زندهه عالمن مان شيخ محمود ڪيا وڏو بزرگ شخص آهي. هن لاءِ مشهور آهي ته کيس دست غيب حاصل آهي، ڇو ته هو خرچ تمام گهڻو ڪندو آهي ۽ بظاهر سندس آمدنيءَ جو ڪوبه ذريعو معلوم نه آهي. هو صاحب هر مسافر کي ماني کارائي ٿو. ازانسواءِ رپيا، اشرفيون ۽ ڪپڙا پڻ غريبن ۾ تقسيم ڪندو آهي. سندس ٻيون به ڪيتريون ڪرامتون مشهور آهن. مون ڪيترائي دفعا سندس زيارت ڪري فيض حاصل ڪيو.

ٻيو بزرگ شخص شيخ علاءُالدين نيلي آهي. جيڪو مصر جي نيل نديءَ سان منسوب ٿو ڀانئجي. هي صاحب شيخ نظام الدين بدايونيءَ جو خليفو آهي، ۽ هر جمعي جي ڏينهن واعظ ڪندو آهي. ڪيترائي "واعظ" ٻڌندڙ سندس هٿ تي توبهه ڪندا آهن ۽ مٿو ڪوڙائي صاحب وجد ٿي پوندا آهن.

هڪ دفعي واعظ پئي ڪيائين، ته اتي مان به موجود هوس. قاريءَ هيءَ آيت پڙهي- يَا اَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمْ اِنَّ زَلْزَلَةَ السَّاعَةِ شَيْءٌ عَظِيْمٌ يَوْمَ تَرَوْنَهَا تَذْهَلُ كُلُّ مُرْضِعَةٍ عَمَّا اَرْضَعَتْ وَ تَضَعُ كُلُّ ذَاتِ حَمْلٍ حَمْلَهَا وَ تَرَى النَّاسَ سُكَارَا وَ مَا هُمْ بِسُكَارَا وَلٰكِنَّ عَذَابَ اللّٰهِ شَدِيْدٌ شيخ صاحب اها آيت دوباره پڙهائي، ته هڪ ڪنڊ ۾ ويٺل هڪ فقير کان چيخ نڪري ويئي. شيخ صاحب وري

---

(۱) معنيٰ: اي انسانو! الله کان ڊڄو. تحقيق زمين جو لوڏو کائڻ (هڪ) وڏي شيءِ آهي. ان ڏينهن (قيامت) ۾ تون ڏسندين ته کير پياريندڙ (ماءُ) پنهنجي کير پيئندڙ (ٻچي) کان بيزار هوندي. ۽ پيٽ واري، جو ڪجهه پيٽ ۾ هوندس (ڪچو ٻار يا ڦر)، سو ڪيرائي ڇڏيندي. انسانن کي نشي جي حالت ۾ ڏسندين، جيتوڻيڪ هو نشي وارا نه هوندا. پر (اهو) الله جو سخت عذاب هوندو. — مترجم

ٻه ساڪي آيت ڏهرائي. فقير وري ٻي ڏانهن ڪئي، ۽ ٻي جان ٿي، ڪري پيو. ٻون ٻه انهيءَ فقير جي جنازي نماز پڙهي.

ٽيون بزرگ عالم، شيخ صدرالدين آهي، جيڪو ڏينهن جو روزو ۽ رات جو نماز ۾ مشغول رهندو آهي. هن دنيا بلڪل ترڪ ڪري ڇڏي آهي، ۽ سندس لباس فقط هڪ ڪمبل آهي. بادشاه ۽ امير سندس زيارت لاءِ ايندا آهن، مگر هو انهن ڪان لڪندو رهندو آهي. هڪ دفعي بادشاه ڪيس درخواست ڪئي ته لنگر جي خرچ لاءِ ڪجهه جاگير قبول ڪري. پر شيخ صاحب بلڪل انڪار ڪري ڇڏيو. هڪ دفعي بادشاه زيارت لاءِ آيو، ۽ ڏه هزار دينار نذرانو ڪيائين، جيڪي شيخ قبول نه ڪيا. هي شيخ صاحب ڏينهن ڪان روزو نه ڪوليندو آهي. ڪنهن شخص عرض ڪيو ته انهيءَ جو ڪهڙو سبب؟ تنهن تي فرمايائين ته جيستائين مضطر نه ٿيندو آهيان، تيستائين روزو نه ڪوليندو آهيان، ۽ مضطر کي مردار ٻه حلال آهي.

چوٿون وقت جو امام الصالح ڪمال الدين عبدالله غازي آهي. هي بزرگ، شيخ نظام‌الدين بدايوني جي خانقاه جي پرسان، هڪ غار ۾ رهندو آهي. مون انهيءَ غار ۾ ئي دفعا سندس زيارت ڪئي.

## سندس ڪرامت

هڪ دفعي منهنجو هڪ غلام پڇي ويو هو، مون انهيءَ غلام کي هڪ ترڪ وٽ وڃي موڪلايو، ۽ ڪيس واپس وراڻڻ گهريم. شيخ صاحب منع ڪئي ته اهو شخص تنهنجي لائق نه آهي، تنهنڪري ڇڏي ڏينس. ترڪ جيڪو مون سان اڳهئي صلح ڪري پيو گهري، تنهن ڪان هڪ سؤ دينار ونيو، مون پنهنجو غلام هن وٽ ڇڏي ڏنو. ڇهن مهينن ڪان پوءِ ٻڌڻ ۾ آيو ته هن پنهنجي آقا کي قتل ڪري ڇڏيو، ۽ ان کي پڪڑي، بادشاه وٽ وٺي آيا. بادشاه ڪيس انهيءَ ترڪ جي ٻڌن جي حوالي ڪيو

ته وڃي پنهنجو قصاص وٺنس. هنن کيس اتي جو اتي ماري وڌو.
مان شيخ صاحب جي هيءَ ڪرامت ڏسي، سندس معتقد
ٿي پيس، ۽ دنيا کي ترڪ ڪري، سندس ملازمت اختيار ڪيم.
مون ڏٺو ته هو ڏهه ڏهه ۽ ويهه ويهه ڏينهن جو روزو رکندو
هو ۽ رات جو گهڻو وقت عبادت ۾ گذاريندو هو. مون انهيءَ
وقت تائين، جيستائين بادشاه مون کي گهرايو ۽ وري دنيا کي
وڃي چنبڙيس، تيستائين سندس خدمت ۾ گذاريو. هن وقت هيءَ
ڳالهه هت ختم ڪري، سندس بيان اڳتي ڪندس.

Marfat.com

## باب ٽيون

### فصل پهريون

# دهليءَ جي فتح ۽ مختلف بادشاهه

قاضي القضاة علامه ڪمال‌الدين محمد بن برهان‌الدين المقلب به "صدر جهان" مونکي ٻڌايو ته دهليءَ جي فتح سنه ۵۸۴ هه ۾ ٿي هئي ۽ جامع مسجد جي محراب ۾ به اهو ڏيئي سنه هجري لکيل هو، جيڪو مون خود پڙهيو. دهلي قطب الدين ايبڪ فتح ڪئي هئي. هيءُ شخص سلطان شهاب‌الدين محمد بن سام غوري، غزني ۽ خراسان جي بادشاه، جو غلام ۽ سندس طرفان سپه سالاريءَ جو عهديدار هو. محمد بن غوري، سلطان ابراهيم بن سلطان محمود غازي سبڪتگين جنهن هندستان جي فتح شروع ڪئي هئي، تنهن جي ملڪ تي زبردستيءَ قابض ٿي ويو هو. سلطان شهاب‌الدين، قطب‌الدين ايبڪ کي هڪ وڏو لشڪر ڏيئي، هندستان تي چاڙهي موڪليو. جنهن پهريائين اچي لاهور فتح ڪيو ۽ اتي ئي رهائش اختيار ڪري، هڪ عظيم‌الشان بادشاه بنجي ويو.

بادشاه جي مصاحبن مان، ڪن هن تي چغلي هنئين ته، هو هندستان ۾ هڪ الڳ بادشاهت قائم ڪري، اطاعت کان باهر نڪرڻ ٿو چاهي. هيءَ خبر قطب‌الدين کي به پهچي ويئي، جنهن تي هو تن تنها غزني ڏانهن روانو ٿيو، ۽ اتي رات جو پهچڻ شرط سڌو وڃي بادشاه جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. سندس اچڻ جي ڪنهن کي به خبر نه پيئي. ٻئي ڏينهن جڏهن بادشاه اچي دربار ۾ ويٺو، تڏهن قطب‌الدين تخت جي هيٺان لڪو ويٺو هو.

جڏهن سڀ درباري ويهي ويا، تڏهن بادشاه قطب الدين ايبڪ جو حال پڇيو. جن مصاحبن چغلي هنئين هئي، تن وري به ساڳيو بيان ڪيو ته اسان کي پڪي خبر آهي ته هو خودسر بادشاه بنجي ويٺو آهي. بادشاه تخت تي پير هنيو ۽ تازي

Marfat.com

وڃائي ڀڪاريائين، ”ايبڪ“. قطب‌الدين ”جيءُ حضور“ چئي، ٻاهر نڪري آيو، ۽ درٻار ۾ سڀني جي سامهون بيهي رهيو. چغلخور ڏاڍا شرمندا ٿيا ۽ ڊپ کان زمين چمڻ لڳا. بادشاه فرمايو ته مون هن دفعي توهان جو قصور معاف ڪيو، پر آئينده ڪجهه به ايبڪ جي خلاف مون کي نه چئجو، ۽ قطب‌الدين کي حڪم ڏنائين ته تون واپس هندستان وڃ، جنهن تي هو واپس هليو ويو ۽ وڃي دهلي ۽ ٻيا شهر فتح ڪيائين. تڏهن کان دهلي اسلام جو دارالخلافه هليو ٿو اچي. قطب‌الدين دهليءَ ۾ ئي وفات ڪئي.

## سلطان شمس‌الدين للمش (التمش)

سلطان شمس‌الدين للمش (۱) دهليءَ جو ٻهريون مستقل بادشاه ٿي گذريو آهي. ٻهريائين هيءُ قطب‌الدين جو غلام، سپه سالار ۽ نائب هو، پوءِ قطب‌الدين جي مرڻ کان پوءِ مستقل (۲)

---

(۱) للمش: هن لفظ جي حرڪات ۽ اشتقاق ۾ جيتوڻيڪ ڪيترن مصنفن اختلاف ڪيا آهن — ڪن التمش ته ڪن ايلتمش وغيره لکيو آهي — پر للمش ڪنهن به نه لکيو آهي. قطب مينار جي ٻيءَ منزل تي هيءُ ڪتبو لکيل آهي. ”امر با تمام هذه العمارت ..... من السماع شمس‌الحق والدين ايلتمش السلطاني ناصر اميرالمومنين“. وري سلطان شمس‌الدين جي پٽ ناصرالدين جي تخت نشينيءَ وقت شاعر هڪ قصيدو پيش ڪيو هو، جنهن جو ٻهريون شعر هو: آن خداوندے که حاتم بذل و رستم کوشش است — ناصر دنيا ودين محمود الدين التيمش است“. مٿين مثالن مان معلوم ٿو ٿئي ته ان زماني ۾ ا ل ت م ش، اي ل ت م ش ۽ ا ل ت ي م ش ٽنهي طرح سان نالا لکيا ويندا هئا. پر للمش ابن بطوطه جي نسخي تان ڪاتب غلطي ڪري لکي ويو آهي. التمش اصل ۾ ڇويهه سال حڪومت ڪئي هئي. ابن بطوطه ويهه سال لکي، غلطي ڪئي آهي. — مترجم

(۲) وچ ۾ ڪجهه مهينا آرام شاه قطب‌الدين جي پٽ حڪومت ڪئي هئي، جنهن جو ذڪر ابن بطوطه ڪونه ڪيو آهي. آرام شاه جا ڪجهه سڪا مليا آهن، تنهن مان ثابت آهي ته هو تخت تي ڪجهه وقت ضرور رهيو آهي. ۽ انهيءَ وقت التمش بدايون جو حاڪم هو. — مترجم

Marfat.com

بادشاه ٿيو. بادشاه ٿيڻ وقت ماڻهن کان بيعت ونڻ شروع کياڻين. سڀ عالم ۽ فقيه قاضي وجيهه‌الدين کاشانيءَ سان گڏجي آيا ۽ بادشاه جي سامهون ويهي رهيا. قاضي حسب عادت، بادشاه سان گڏ وڃي ويٺو. بادشاه سڀ ڪجهه سمجهي ويو ته سڀ ڇا ٿا چوڻ گهرن. پوءِ پنهنجي گاديلي جي هڪ ڪنڊ مٿي ڪري، هڪ ڪاغذ جو ٽڪر ڪيو، قاضيءَ کي ڏناڻين، جنهن مان معلوم ٿيو ته، قطب‌الدين کيس آزاد ڪري ڇڏيو هو. قاضيءَ ۽ فقيهن انهيءَ ڪاغذ کي پڙهي، پوءِ سندس بيعت ڪئي.

ويهن ورهيه تائين هن حڪومت ڪئي. هو نيڪ چال، انصاف پرور، عالم ۽ فاضل بادشاه هو. انصاف جي طرف سندس توجهه حد کان وڌيڪ هوندو هو. سندس حڪم هو ته جنهن تي به ڪو ظلم ٿيل هجي، سو رنگيل ڪپڙا پائي گهمي، جيئن بادشاه کيس هڪدم سڃاڻي وڃي، ڇو ته هندستان ۾ گهٽو ڪري، سفيد ڪپڙا پهريندا آهن. رات جو وري هيءَ تجويز ڪئي هٿائين، جو پنهنجي دروازي جي برجن تي ٻه سنگمرمر جا ٿهيل شينهن رکائي، انهن جي گلي ۾ زنجير وجهائي، انهن جي چيڙن تي گهنڊ ٻڌائي ڇڏيا هٿائين. جڏهن به ڪو مظلوم اچي زنجير ڇڪيندو هو، ته بادشاه کي هڪدم خبر پوندي هئي ۽ هڪدم سندس فرياد رسي ڪندو هو. ابتري هوندي به هو راضي نه رهندو هو، ۽ چوندو هو ته رات جو ماڻهن تي ظلم ٿيندا هوندا، تنهنڪري هڪدم فريقين کي گهرائي فيصلو ڪيو وڃي.

## سلطان رڪن‌الدين

سلطان شمس‌الدين (التمش) کي ٽي پٽ ۽ هڪ ڏيءَ هئي. سندس پٽ رڪن‌الدين (۱) هن کان پوءِ تخت تي ويٺو.

---

(۱) رڪن‌الدين: هي شعبان سن ۶۳۳ هـ ۾ پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ تخت تي ويٺو. هن کي التمش پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي ولي عهد مقرر ڪري ڇڏيو هو. هو خود گهٽو عيش پسند هو، تنهنڪري ڪل اختيارات سندس ماءُ شاهه ترخان جي هٿ ۾ هوندا هئا.

Marfat.com

تخت تي ويهڻ سان هن پنهنجي ڀاءُ معزالدين، جيڪو رضيه سلطانه جو حقيقي ڀاءُ ۽ رڪن الدين جي ماٽيجي ماءُ جي پيٽ مان هو، تنهن کي قتل (١) ڪرائي ڇڏيائين. رضيه انهيءَ تي ناراض ٿي، ته ان کي به مارائڻ چاهيائين. بادشاه هڪ ڏينهن جمعي نماز پڙهڻ لاءِ جامع مسجد ۾ ويل هو. رضيه، مظلومن جي جي پوشاڪ پهري، پراڻي بادشاهي محل يعني دولت خاني جي ڇت تي چڙهي بيهي رهي. اهو محل جامع مسجد سان بلڪل گڏ هو. اتان بيهي، رضيه ماڻهڻ کي پنهنجي پيءَ جا عدل ۽ انصاف ياد ڏياري، پڪاريو ته رڪن الدين منهنجي ڀاءُ کي قتل ڪرائي ڇڏيو آهي، ۽ هاڻ مون کي به مارائڻ ٿو چاهي. هيءُ ٻڌي، مائهو تمام ناراض ٿيا ۽ رڪن الدين تي هلان ڪري آيا. کيس مسجد مان پڪڙي رضيه وٽ وٺي آيا، جنهن پنهنجي ڀاءُ جي قصاص ۾ کيس مارائي ڇڏيو. ناصرالدين (٢) سندس ٽيون ڀاءُ اڃا ننڍو هو، تنهنڪري لشڪر ۽ اميرن کيس تخت تي ويهاريو.

## رضيه سلطانه

هن ڪل چار سال بادشاهي ڪئي. هيءَ عورت ٿي ڪري، مردن وانگر هٿيار ٻڌي، گهوڙي تي سوار ٿيندي هئي، ۽ پردو اصل ڪانه ڪندي هئي. جڏهن هن تي تهمت لڳائي ويئي ته

---

(١) ابن بطوطه، رڪن الدين جي پنهنجي ڀاءُ معزالدين کي مارائڻ بابت، جيڪو واقعو لکيو آهي، تنهن ۾ غلطي ڪئي اٿائين. ڇو ته رضيه جي مرن کان پوءِ معزالدين بهرام شاه التمش جي ٻئي پٽ حڪومت ڪئي آهي. — مترجم

Marfat.com

سندس تعلق حبشي غلام (١) سان آهي، تڏهن ماڻهن اتفاق راءِ سان کيس تخت تان لاهي، سندس نڪاح هڪ ويجهي عزيز سان ڪري ڇڏيو ۽ سندس ڀاءُ ناصرالدين کي تخت تي ويهاريائون.

## سلطان ناصرالدين

جڏهن رضيه سلطانه کي تخت تان لاٿو ويو، تڏهن سندس ننڍو ڀاءُ (٢) تخت تي ويٺو ۽ ڪافي وقت تائين حڪومت ڪندو رهيو. هن بادشاه جي دوران حڪومت ۾ رضيه سلطانه ۽ سندس مڙس گڏجي تخت حاصل ڪرڻ لاءِ بغاوت ڪئي. هو پنهنجا غلام ۽ ساٿي وٺي مقابلي لاءِ آئي. ناصرالدين ۽ بلبن، جيڪو کانئس پوءِ بادشاه ٿيو، ٻنهي گڏجي سندس مقابلو ڪيو. رضيه جي لشڪر کي شڪست آئي ۽ رضيه ميدان مان ڀڄي نڪتي.

هوءَ جڏهن ٿڪجي پيئي ۽ بک اڃ اچي ماندو ڪيس، تڏهن هڪ فريبيءَ هاريءَ کان، جنهن انهيءَ وقت هر پئي ڪاهيو، کائڻ لاءِ ڪجهه گهريائين. هن هڪ سانيءَ جو ٽڪرو ڏنس، جيڪو کائي سمهي رهي. ان وقت هوءَ مرداني لباس ۾ هئي. ننڊ ۾ سندس اندريان ڪپڙا جن ۾ جواهرات جڙيل هئا، ڪجهه ظاهر ٿي پيا. اچانڪ هاريءَ جي نظر پئجي ويئي ۽ تاڙي ورتائين ته هيءَ اصل ۾ عورت آهي.

پوءِ ان هاريءَ کيس ننڊ ۾ ئي قتل ڪري، سندس ڪپڙا ۽ ٻيو سامان لاهي، گهوڙي کي جهنگ ڏانهن ڀڄائي، لاش کي انهيءَ ئي ٻنيءَ ۾ دفن ڪري، انهن لاٿل ڪپڙن مان هڪ ڪپڙو بازار ۾ وڪڻڻ لاءِ کڻي ويو. بازار وارا هن تي شڪ ڪري،

---

(١) هيءَ حبشي غلام جمال الدين ياقوت هو، جنهن تي رضيه مهربان هئي. — مترجم

(٢) هت وري ابن بطوطه غلطيءَ ڪئي آهي. اصل ۾ رضيه کان پوءِ معزالدين بهرام شاه گاديءَ تي ويٺو. انهيءَ کان پوءِ سلطان علاءُالدين مسعود شاه، جيڪو رڪن الدين جو پٽ هو، سو گاديءَ تي ويٺو، ۽ انهيءَ کان پوءِ ناصرالدين حڪومت ڪئي آهي. — مترجم

Marfat.com

ڪيس شهر جي ڪوٽوال وٽ پڪڙي وٺي ويا. ڪوٽوال جي مار موچڙي تي هاريءَ سچي ڪئي ۽ سربستو احوال کولي ٻڌايائين. پوءِ سندس پورڻ واري جاءِ ٻه وڃي ڏيکاريائين. جتان هنن لاش کي ڪڍي غسل ۽ ڪفن وغيره ڏيئي، انهيءَ جاءِ تي وري کيس دفنائي ڇڏيو، ۽ قبر تي هڪ گنبذ ٺهرائي ڇڏيائون. هاڻي هن جي قبر هڪ زيارت گاهه آهي ۽ جمنا نديءَ جي ڪناري تي شهر کان هڪ فرسخ پري آهي.

ان کان پوءِ ناصرالدين اطمينان سان ٢٠ سال حڪومت ڪئي. هي بادشاه نهايت نيڪ ۽ پرهيزگار هو ۽ پنهنجي هٿ سان قرآن شريف لکي، ان جي قيمت تي گذارو ڪندو هو. قاضي ڪمال الدين مون کي سندس هٿ سان لکيل قرآن شريف پڻ ڏيکاريو هو، جنهن ۾ نهايت صاف ۽ سٺا اکر لکيل هئا. آخر سندس نائب غياث الدين بلبن کيس قتل (١) ڪري، پاڻ بادشاه بنجي ويٺو.

---

(١) هت به ابن بطوطه غلطي ڪئي آهي، ڇو ته ڪنهن به تاريخ ۾ ڪونهي ته ڪو بلبن، ناصرالدين کي ماري، پاڻ بادشاه ٿيو. ناصرالدين پنهنجو قدرتي موت مئو هو. — مترجم

Marfat.com

## فصل ڏيو

# سلطان غياث الدين بلبن

بلبن پنهنجي مالڪ کي قتل ڪري، پاڻ بادشاه بنجي ويٺو، ۽ ويهن سالن تائين حڪومت ڪندو رهيو. ان کان اڳ ويهه سال نائب ٿي رهندي به سلطنت جا سڀ اختيارات مندس هٿ ۾ رهندا هٿا. هي بادشاه منصف مزاج، بردبار ۽ نهايت نيڪ بخت هو، ۽ عالم ۽ فاضل پڻ هو. هن هڪ جاءِ ٺهرائي هئي، جنهن جو نالو دارالامن (چوڪاري جو گهر) رکيو هٿائين. جيڪو به مقروض ان گهر ۾ اينڊو هو، تنهن جو قرض بادشاه ادا ڪري ڇڏيندو هو، ۽ جيڪو ماڻهو خون ڪري يا ڪو ٻيو سنگين ڏوه ڪري ان ۾ گهڙي اينڊو هو، تہ مقتول يا مظلوم جي وارثن کي ان جو عيوض ڏيئي راضي ڪري ڇڏيندو هو. هن بادشاه جي قبر به انهيءَ جاءِ (دارالامن) ۾ ٺهيل آهي. مون به اها قبر وڃي ڏني هئي. هن بادشاه لاءِ هڪ عجيب ڪهاڻي بيان ڪندا آهن.

## بادشاه جي ڪهاڻي

چون ٿا تہ بخارا جي بازار ۾ ڪيس هڪ فقير مليو. بلبن قد جو بندرو، ڪجهه قدر ڪبڙو ۽ بدصورت هوندو هو. فقير چيس تہ "اي ترڪ" (ترڪڙا)! ڇا تہ، نفرت سان مندس نالو ورتائين، جنهن جي جواب ۾ هن چيو "حاضر منهنجا سائين." فقير جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائينس تہ "مون کي ڏاڙهون وٺي ڏي." هن چيو تہ چگو؛ ۽ ڪيسي سان، جيڪي هن وٽ پئسا هٿا سي ڪيائين. جيتوڻيڪ انهن پئسن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونہ هئس، تڏهن به هڪدم ڏاڙهون خريد ڪري فقير کي ڏنائين. فقير اهو ڏاڙهون وٺي چيو تہ "اسان نوڪي هندستان جو ملڪ

Marfat.com

بخشش ۾ ڏنو." بلبن پنهنجو هٿ چمندي، چيو ته مون کي قبول آهي. ۽ اها ڳالهه هن جي دل تي ويهي ويئي.

اتفاق سان سلطان شمس الدين التمش هڪ سوداگر موڪليو ته بخارا، ترمز ۽ سمرقند مان وڃي هن لاءِ غلام خريد ڪري اچي. هن هڪ سو غلام خريد ڪيا ۽ انهن ۾ بلبن به هڪڙو هو. جڏهن اهي غلام بادشاه جي سامهون حاضر ڪيا ويا، تڏهن ٻيا سڀ غلام کيس پسند آيا پر فقط بلبن کي ناپسند ڪيائين ۽ چيائين ته هي مون کي نه گهرجي. بلبن تنهن تي عرض ڪيو ته "اي آخوند عالم، هي سڀ غلام حضور جن ڪنهن جي واسطي خريد ڪيا آهن؟" بادشاه چيو ته "پنهنجي واسطي." بلبن جواب ۾ عرض ڪيو ته "نوانوي غلام توهان پنهنجي واسطي خريد ڪيا آهن، ته هڪ غلام توهان خدا جي واسطي ئي کڻي خريد ڪريو." التمش انهيءَ مذاق تي کلي ڏنو ۽ هن کي به کڻي خريد ڪيائين. ڇاڪاڻ ته هو ڪپڙو هو، تنهنڪري کيس پائي ڍوئڻ جي ڪم تي لڳايو ويو. جلدي نجومين بادشاه کي اطلاع ڏنو ته تنهنجي اولاد کان تنهنجو هڪ غلام سلطنت وٺندو ۽ ان تي قابض ٿي ويندو. نجومي هميشه پيا اها ڳالهه ڪندا هئا پر بادشاه پنهنجي نيڪ بختيءَ ۽ انصاف پروريءَ جي ڪري انهن جي ڳالهين تي توجه ئي ڪونه ڏيندو هو.

آخر هنن بادشاه جي بيگم سان اها ڳالهه ڪئي، جنهن جڏهن بادشاه کي چيو، تڏهن وڃي بادشاه جي دل تي ڪجهه اثر ٿيو، ۽ نجومين کي گهرائي چيائين ته "توهان انهيءَ شخص کي سڃاڻي سگهندا؟" انهن چيو ته "سندس ڪي نشانيون آهن جن تي اسان کيس سڃاڻي سگهنداسين." بادشاه حڪم ڪيو ته سڀ غلام منهنجي سامهون لنگهن. بادشاه ويهي رهيو. غلام ٽوليون ٽوليون ڪري سامهون لنگهندا ويا ۽ نجومي ڏسندا چوندا رهيا ته هنن ۾ اهو شخص ڪونهي. ظهر جو وقت ٿي ويو. پائي ڀرڻ وارن غلامن جو اڃا وارو نه آيو هو.

Marfat.com

هو پاڻ ۾ چوڻ لڳا تہ اسان تہ بک مري ويا سين، ۽ پئسا جمع ڪري بلبن کي مانيون ونڻ لاءِ بازار ڏانهن موڪلي ڏنائون. هن کي ويجهي بازار ۾ مانيون ملي نہ سگهيون، تنهنڪري پيءَ بازار ڏانهن هليو ويو، جيڪا ڪجهہ پريرو هئي. جڏهن پاڻيءَ وارن جو وارو آيو ۽ بلبن واپس نہ آيو، تڏهن هنن هڪ چوڪر کي ڪجهہ ڏيئي، بلبن جي مشڪ ۽ هن جو ٻيو سامان سندس ڪلهي تي رکي، ڪيس بلبن جي بجاءِ پيش ڪيو. جڏهن بلبن جو نالو پڪاريو ويو تڏهن اهو چوڪرو سندس جاءِ تي اڻي بيهي رهيو. هي سپ ڪجهہ ٿي چڪو، مگر نجومين کي اهو شخص ملي نہ سگهيو، جنهن جي کين تلاش هئي. بلبن انهيءَ وقت آيو جڏهن سپ پيش ٿي چڪا هئا.

چو تہ تقدير الاهي پوري ٿيڻي هئي. بلبن پنهنجي لياقت سان ترقي ڪندي، پاڻيءَ وارن جو امير مقرر ٿيو، پوءِ لشڪر ۾ داخل ٿيو ۽ آهستي آهستي سردار ٿي ويو. سلطان ناصرالدين بادشاه ٿيڻ کان اڳ پنهنجي ڏيءَ جو نڪاح هن سان ڪري ڇڏيو، ۽ جڏهن بادشاه ٿيو تڏهن کيس پنهنجو نائب مقرر ڪيائين. ويهہ ورهيہ هو نائب رهيو ۽ پوءِ سلطان ناصرالدين کي قتل ڪري خود بادشاه بنجي ويو. بلبن کي ٻہ پٽ هئا.

سندس وڏو پٽ خان شهيد هو، جو سندس ولي عهد ٿيڻ هو. هو ٻيءُ جي طرفان سنڌ جو حاڪم هو ۽ ملتان ۾ رهندو هو. هڪ دفعي هو "تاتارين" (منگولين) سان لڙندي هڪ لڙائيءَ ۾ شهيد ٿي ويو. هن جا ٻہ پٽ هئا، هڪ ڪيقباد ۽ ٻيو ڪيخسرو. بلبن جي ٻئي پٽ جو نالو ناصرالدين هو، جو پنهنجي ٻيءُ جي وقت ۾ لکنوتي (لکنوتي) ۽ بنجال (بنگال) جو حاڪم هو. جڏهن خان شهيد مارجي ويو تڏهن بلبن سندس پٽ ڪيخسرو کي پنهنجو ولي عهد مقرر ڪيو ۽ پنهنجي پٽ ناصرالدين کي ولي عهد نہ ڪيائين، ۽ ان ناصرالدين جو معزالدين نالي هڪ پٽ هو، جو ان وقت بادشاه وٽ رهندو هو.

Marfat.com

# سلطان معزالدين بن ناصرالدين بن سلطان غياث‌الدين بلبن

جنهن رات سلطان غياث الدين بلبن وفات ڪئي، تنهن رات سندس پٽ ناصرالدين (بغرا خان) بنگال ۾ هو. بادشاه پنهنجي پوٽي ڪيخسرو کي پنهنجو ولي عهد مقرر ڪري ڇڏيو. پر بادشاه جو نائب ڪيخسرو سان عداوت رکندو هو. بادشاه جي مرڻ کان پوءِ هو هڪدم هڪ تجويز سوچي ڪيخسرو وٽ لنگهي ويو ۽ ساڻس همدردي ۽ غمگيني ظاهر ڪندي، هڪ جعلي دستاويز ڏيکاريائين، جنهن ۾ سڀني اميرن اتفاق راءِ سان معزالدين جي هٿ تي بيعت ڪري کيس پنهنجو بادشاه تسليم ڪيو هو، ۽ ائين به چيائين ته مون کي ته تنهنجي سر جو به خير ڏسڻ ۾ نٿو اچي. جنهن تي ڪيخسرو ڊڄي ويو ۽ پڇيائينس ته ”هاڻ ڇا ڪرڻ گهرجي؟“ نائب صلاح ڏنيس ته توهان هن ئي وقت سنڌ ڏانهن هليا وڃو. ڪيخسرو چيو ته ”هينئر ته دروازو به بند هوندو.“ جنهن تي نائب چيو ته ”ڪنجون مون وٽ آهن ۽ توهان کي دروازي مان لنگهائي وري دروازو بند ڪري ڇڏيندس.“ ڪيخسرو سندس احسان مڃيو ۽ راتو واه ملتان ڏانهن ڀڄي ويو.

جڏهن ڪيخسرو شهر کان ٻاهر نڪري ويو، تڏهن نائب معزالدين وٽ ويو ۽ کيس جاڳائي چيائين ته سڀ امير توهان جي بيعت لاءِ تيار آهن. معزالدين جواب ڏنو ته ”منهنجو سوٽ، جو ولي عهد آهي، تنهن جو ڇا ٿيو؟ ۽ منهنجي بيعت جو مطلب آخر ڇا آهي؟“ تنهن تي نائب سمورو قصو بيان ڪري ٻڌايس. معزالدين سندس شڪريو ادا ڪيو. پوءِ سڀني اميرن ۽ خاص ماڻهن کان راتو واه بيعت ورتي ويئي ۽ ٻئي صبح جو اعلان ڪيو ويو. ان بعد سڀ عام و خاص بادشاه جي بيعت ۾ داخل ٿي ويا. معزالدين جي ٻيءُ کي جڏهن تخت نشينيءَ جي خبر پيئي، تڏهن چيائين ته اهو حق منهنجو آهي ۽ منهنجي زندگيءَ

۾ منهنجو پٽ بادشاه ٿي نٿو سگهي. يڪدم هن پنهنجو لشڪر جمع ڪيو ۽ وڏي ڪٽڪ سان هندستان ڏانهن روانو ٿيو. هوڏانهن نائب، بادشاه کي ساڻ ڪري، مقابلي لاءِ نڪتو. ٻيئي لشڪر گنگا نديءَ جي ٻنهي ڪنارن تي هڪٻئي جي سامهون ڪڙا (١) شهر جي ڀرسان اچي خيمه زن ٿيا. لڙائي شروع ٿيڻ تي هئي ته خدا تعاليٰ ناصرالدين جي دل ۾ خيال وڌو ته آخر معزالدين تنهنجو پٽ آهي، توکان پوءِ هو ئي بادشاه ٿيندو، تنهنڪري ماڻهن جي خونريزيءَ مان ڪهڙو فائدو. هوڏانهن پٽ جي دل ۾ به محبت جوش ۾ آئي ۽ آخر ٻيئي بادشاه پنهنجي ٻيڙين ۾ ويهي، درياءُ جي وچ ۾ اچي پاڻ ۾ مليا. بادشاه پنهنجي پيءُ جي پيرن تي ڪري پيو. ناصرالدين کيس اٿاري، گلي لڳائيندي چيو ته "جيڪو منهنجو حق هو، سو مون توکي بخشيو"، ۽ سندس هٿ تي بيعت ڪيائين. هن ملاقات لاءِ شاعرن گهڻيئي قصيدا (٢) لکيا آهن. هن ملاقات جو نالو لقاءُ السعدين (٣) رکيو ويو. پوءِ بادشاه پنهنجي پيءُ کي دهليءَ وٺي ويو. سندس پيءُ

---

(١) ڪڙا شهر: هيءُ شهر هندستان ۾ الهه آباد جي ضلعي ۾ گنگا نديءَ جي ڪناري تي آهي. — مترجم

(٢) خاص طرح سان امير خسرو جا فارسي شعر، ان موقعي جي خاصيت متعلق قابل ذڪر آهن. (وڌيڪ ڏسو سندس شعر جون ڪي جهلڪون پٺئين صفحي تي.)

(٣) لقاءُ السعدين جي باري ۾ امير خسرو طوطيءَ هند جو هڪ شعر هيٺ ڏجي ٿو، جيڪو هن ئي موقعي تي ڏنو هئائين:

بافت خبر خسروِ مشرق پناه — ناصر حق وارث اين تخت گاه
که افراد را پسر انبار گشت — دين شرف ازوئے به پسر باز گشت
خشم بسر کرد و علم بر کشيد — ساخته کين شد و لشکر کشيد
تند چو باد آمد ازان خار خار — از پئے گلگشت بسوئے بهار

Marfat.com

ڪيس تخت (١) تي ويهاري، سندس سامهون بيهي رهيو.

پوءِ ناصرالدين واپس بنگال هليو ويو ۽ ڪجهه عرصو حڪومت ڪري مري ويو. اتي سندس اولاد به هو، انهيءَ مان سندس هڪ پٽ (اهو ئي) غياث‌الدين بهادر "ڀورو" هو، جنهن کي سلطان غياث‌الدين تغلق قيد ۾ رکيو هو، پر سلطان محمد تغلق پنهنجي پيءُ جي مرڻ کان پوءِ کيس ڇڏي ڏنو هو. معزالدين چئن سالن تائين حڪومت ڪئي. اهو عرصو هن بادشاه لاءِ هر روز عيد ۽ هر رات شب بارات هئي. هيءُ بادشاه تمام سخي ۽ رحمدل هو. جن ماڻهن کيس ڏٺو هو، ڪن مان ڪن سان منهنجي ملاقات ٿي، جي سندس نهٺائيءَ، انسانيت ۽ سخاوت جي گهڻي تعريف ڪري رهيا هئا. هن جامع مسجد دهليءَ جو هڪ مينار (٢) ٺهرايو آهي؛ جنهن جو مثال سڄيءَ دنيا ۾ مشڪل آهي. عياشيءَ ۽ ڪثرت شراب خوريءَ جي ڪري کيس اڌرنگ جي بيماري ٿي پيئي. طبيبن گهڻيئي علاج ڪيا، پر ڪجهه فرق نه ٿيو.

---

(١) اليٽ صاحب "اسٽڊيز ان انڊين هسٽري" صفحي ١٣٣ تي امير خسرو جي هڪ شعر جي انگريزي ترجمي ۾ لکي ٿو:

"*He then seized his son's hand and seated him on the throne, and when he had descended again from it,* **he stood with his hands joined**, *and all were astonished at the scene. The son sat but a short time on the throne when he descended and approached his father. The officers of the State stood on each side, holding trays of jwels in their hands, which they poured upon the heads of two kings, and the ground before them was strawed with rubies, pearls, silver and gold.*"

(٢) هتي ابن بطوطه غلطي ڪئي آهي، جنهن جو سبب آهي: سندس معزالدين سال (محمد غوريءَ) ۽ مٿين معزالدين کي (جيڪو ڪيقباد ڪري سڏيو ويندو هو) هڪ ئي ڪري سمجهڻ. اصل ۾ اهو مينار محمد غوريءَ ٺهرايو هو.

فصل ڏيون

# جلال الدين فيروز خلجي

اِئين جڏهن بادشاه بلڪل بيڪار ٿي ويو، تڏهن سندس نائب جلال الدين فيروز خلجيءَ بغاوت ڪئي، ۽ شهر ڪان ٻاهر ڪري، قبي حبيشانيءَ جي پرسان جيڪو ڏڙو آهي، تنهن تي وڃي خيما کوڙي ويهي رهيو. معزالدين پنهنجن اميرن کي لڙائيءَ لاءِ موڪليو. جيڪو به امير لڙائيءَ لاءِ ويو ٿي، سو جلال الدين فيروز جي هٿ تي بيعت ڪري، ساڻس ملي ٿي ويو. ٻوءِ جلال الدين شهر ۾ داخل ٿي، محل کي گهيرو ڪري ويهي رهيو. بادشاه بڪ ڪان مرڻ لڳو. هڪ شخص مون سان گالهه ڪئي ته سندس پاڙي ۾ هڪ شريف ساڻهوءَ جو گهر هو، جيڪو ڪيس ڪاڏو موڪلينڈو رهندو هو.

آخر لشڪر محل ۾ داخل ٿي، ڪيس قتل ڪري ڇڏيو — جنهن جو ذڪر اڳتي ڪندا سين. ان ڪان ٻوءِ جلال الدين بادشاه ٿيو. هيءُ بادشاه وڏو بردبار ۽ عقلمند هوندو هو. ليڪن هن جي بردباري ٿي سندس موت جو سبب ٿي ٻڌي. جڏهن هيءُ مستقل طرح سان بادشاهه ٿي ويو، تڏهن هن پنهنجي نالي ٿي هڪ محل ٺهرايو، جيڪو بعد ۾ سلطان محمد تغلق پنهنجي نانيءَ عذا بن مهني کي ڏيئي ڇڏيو هو. هن بادشاه کي هڪ پٽ هو، جنهن جو نالو هو رڪن الدين، ۽ علاءالدين نالي هڪ ڀائٽيو پڻ هئس، جيڪو سندس نائي به هو، جنهن کي بادشاه ڪڙا ۽ ماڻڪ پور جو حاڪم مقرر ڪري ڇڏيو هو. هيءُ علائقو هندستان ۾ تمام گهڻو آباد ۽ زرخيز ليکيو ويندو آهي. هتي ڪڪ، چانور ۽ ڪمند جي پيداوار جام ٿيندي آهي. اتي ڪپڙو به تمام قيمتي ٺهندو آهي، ۽ دهليءَ ۾ وڪاڻ لاءِ ايندو آهي. شهر ڪڙا دهليءَ کان ارڙهن منزلون دور آهي.

Marfat.com

علاءُالدين جي زال کيس هميشه ستائيندي رهندي هئي، تنهن جي شڪايت هو پنهنجي چاچي سان ڪندو رهندو هو، جنهنڪري ٻنهي زال ۽ مڙس جي دلين ۾ هڪٻئي کان نفرت پيدا ٿي پيئي. علاءُالدين هڪ بهادر، دانشمند ۽ خود حڪومت قائم ڪرڻ جي طاقت رکندڙ جوان هو، پر هن جي مالي حالت تمام خراب هئي. هڪ دفعي هن ديوگڙهه تي حملو ڪيو. هيءُ شهر مالوا جي مرهٽن جي گاديءَ جو هنڌ هو. اتي جو راجا انهن ڏينهن ۾ هندستان جي سڀني راجائن کان وڏو سمجهيو ويندو هو. رستي تان هلندي، علاءُالدين جي گهوڙي جو پير هڪ هنڌ زمين ۾ گهڙي ويو، ته اتان ٺڙڪي جو آوار نڪتو. انهيءَ هنڌ کوٽائي ڪرائي، ته اتان بيشمار مال هٿ لڳس، جيڪو سڄو پنهنجي فوج ۾ ورهائي ڇڏيائين.

پوءِ اتان ديوگڙه ڏانهن روانو ٿيو. اتي جي راجا بنان لڙائيءَ جي آڻ مڃي ۽ گهڻو ئي مال ڏيئي کيس واپس ڪيائين. علاءُالدين واپس ڪڙا ۾ آيو، مگر بادشاه ڏانهن انهيءَ مال مان ڪجهه به نه موڪليائين. درٻارين بادشاه کي گهڻو ڀڙڪايو، جنهن تي بادشاه کيس پاڻ وٽ سڏايو، پر هو سڏ تي به نه ويو. جنهن تي بادشاه خود وڃي کيس وٺي اچڻ جو ارادو ڪيو، جو کيس پنهنجي اولاد وانگر ڪري ڀائيندو هو. بادشاه لشڪر ۽ سفر جو سامان تيار ڪري، ڪڙا ڏانهن روانو ٿيو. هو درياءَ جي ڪناري تي، جتي اڳي معزالدين لٿو هو، ترسي پيو. ٻيڙيءَ ۾ ويهي، ڀائٽئي ڏانهن وڃڻ لڳو. ٻئي طرف کان علاءُالدين پڻ ٻيڙيءَ ۾ ويهي، کيس ملڻ لاءِ وڌيو. هن پنهنجي نوڪرن کي سمجهائي ڇڏيو هو ته، جنهن وقت مان بادشاه سان ڀاڪر پائي ملان، تنهن وقت توهان هڪدم کيس ختم ڪري ڇڏجو. ۽ هنن واعدي مطابق ائين ئي ڪيو.

## سلطان علاءُالدين محمد شاهه خلجي

بادشاه جي اوچتي قتل ٿيڻ تي سندس لشڪر جو ڪجهه

Marfat.com

حصو ته علاءُالدين سان ملي ويو ۽ ڪجهه دهليءَ ڏانهن واپس ڀڄي ويو. اتي اچي هنن بادشاه جي پٽ رڪن‌الدين کي پنهنجو بادشاه ڪيو. جڏهن رڪن‌الدين انهن کي پاڻ سان وٺي علاءُالدين سان لڙائي ڪرڻ لاءِ وڌيو، تڏهن اهي به علاءُالدين جي لشڪر سان وڃي مليا. رڪن‌الدين جان بچائي سنڌ ڏانهن ڀڄي ويو. تنهن کان پوءِ علاءُالدين دارالخلافه ۾ داخل ٿيو ۽ ويهن سالن تائين بادشاهي ڪيائين.

علاءُالدين بهترين بادشاهن مان هڪ ڳڻيو ويندو آهي، ۽ هندستان جا باشندا اڃا تائين به سندس تعريف ڪندا آهن. حڪومت جي ڪمن ۾ هو گهڻي دلچسپي وٺندو هو ۽ ڪيترا ئي ڪم پنهنجي سر ڪندو هو. هر روز شين جي اگهن جي پڇا ڪندو هو ۽ محتسب کان اهڙي رپورٽ وٺندو هو. محتسب کي هن ملڪ ۾ "رئيس" چوندا آهن. ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ ڀيري محتسب کان پڇيائين ته گوشت جي مهانگي ٿيڻ جو سبب ڇا آهي؟ هن ٻڌايس ته ڳئن ۽ ٻڪرين تي زڪوات (محصول) ورتي ٿي وڃي. بادشاه انهيءَ ئي ڏينهن کان اهڙي قسم جا محصول معاف ڪري ڇڏيا. نه رڳو ايترو، پر واپارين کي گهرائي، پنهنجي خزاني مان کين رپيا ڏنائين ته انهن جون ڳئون ۽ ٻڪريون خريد ڪري، انهن جو گوشت وڪڻي، قيمت خزاني ۾ جمع ڪن. ۽ سندن ڪجهه ڪميشن مقرر ڪري ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح سان جيڪو ڪپڙو دولت آباد کان ايندو هو، تنهن جو به مناسب انتظام ڪيائين.

هڪ دفعي اناج سخت مهانگو ٿي ويو هو، ۽ بادشاه يڪدم سرڪاري گدام کولائي ڇڏيا؛ نتيجو اهو ٿيو، جو اگهه سستو ٿي ويو. بادشاه اناج جو هڪ واجبي اگهه مقرر ڪري ڇڏيو هو، ته انهي مطابق خريد و فروخت ڪئي وڃي. اناج جي واپارين انهيءَ اگهه تي اناج وڪڻڻ کان انڪار ڪيو. بادشاه جواب ۾ پنهنجو گدام کولائي ڇڏيو ۽ کين وڪڻڻ کان بلڪل منع ڪري ڇڏيائين.

Marfat.com

اهڙيءَ طرح ڀاڻ ڇڪ مڇيءَ کي وکرو ڪندو رهيو. جڏهن ذخيره- اندوزن ڏٺو ته سندن اناج کيڙي لڳڻ ڪري خراب ٿيو ٿئي، تڏهن اهو بادشاه کي وڃي پيش ڪيائون. بادشاه وري کين اهڙو اڳهه مقرر ڪري ڏنو، جيڪو اڳي کان به سستو هو، جو لاچار کين قبول ڪرڻو پيو.

هيءُ بادشاه نم ته جمعي ڏينهن سواريءَ تي ٻاهر نڪرندو هو، نه عيد جي ڏينهن، ۽ نه ئي وري کين ٻئي اهڙي ڏينهن، ان جو سبب اهو بيان ڪيو ٿو وڃي ته هن کي هڪ سليمان نالي پائٽيو هوندو هو، جنهن سان هن (علاءالدين) کي تمام گهڻي محبت هوندي هئي. هڪ ڏينهن بادشاهه شڪار تي ويو ته هن کي به ساڻ وٺي ويو. سليمان ارادو ڪيو ته سان به بادشاه سان اهڙو ئي سلوڪ ڪريان، جهڙو هن پنهنجي چاچي جلال الدين سان ڪيو هو. جڏهن ناشتي کان لاءِ هڪ جاءِ تي لٿا، تڏهن سليمان بادشاه کي اهڙو تير ڪڻي هنيو، جو لڳڻ سان بادشاهه اوندو ٿي وڃي ڪريو. سندس غلامن سان ڪنهن هن تي ڏال رکي ڇڏي. سليمان پرسان آيو ته بادشاه کي صفا ختم ڪري ڇڏي، پر غلامن ڏٺائين ته هو مري چڪو آهي. سندن گمانهه سچي سمجهي، سليمان دارالخلافه ڏانهن راهي ٿيو، ۽ حرم ۾ هليو ويو.

هوڏانهن بادشاه هوش ۾ اچي ويو. سچو لشڪر اچي انتي گڏ ٿيو. آخر سندس پائٽيو جيڪو پڇي ويو هو، تنهن کي گرفتار ڪري، هن وٽ وٺي آيا. علاءُالدين ڪيس اتي ئي قتل ڪرائي ڇڏيو. انهيءَ واقعي کان پوءِ هو ڪڏهن به سوار ٿي ٻاهر نه نڪتو. بادشاه جا پنج پٽ هتا ــــ خضر خان، شادي خان، ابوبڪر خان، مبارڪ خان (جنهن جو پيو نالو قطب‌الدين خان هو) ۽ شهاب الدين. انهن مان قطب الدين کي بادشاه ڪم عقل، بدنصيب ۽ بيڪار ڪري سمجهندو هو. هن جي ٻين پاڻرن کي وڏا وڏا عهدا، علم ۽ طبل عطا ٿيل هئا، پر هن (قطب الدين) کي ڪجهه به نه ڏنو ويو هو. هڪ ڏينهن بادشاه ڪيس چيو ته مون کي

اها تعظيم ۽ اهي مرتبا توکي بہ ڏيڻا پيا، جيڪي تنهنجي ٻين پائرن کي ڏنا اٿم. تنهن تي قطب الدين جواب ڏنس تہ مون کي سنهنجو خدا ڏيندو. هن جواب تي بادشاه خوفزده ٿي ويو ۽ کانئس وڌيڪ ناراض ٿي ٻيو.

هن واقعي کان پوء بادشاه بيمار ٿي پيو. سندس وڏي راڻي خضر خان جي ماءُ هئي، جنهن جو نالو هو ماهڪ. ان راڻيءَ جو سنجر (۱) نالي هڪ پاءُ هو، جنهن کان قسم ورتو هئائين تہ بادشاه جي مرڻ کان پوء هو سندس پٽ خضر خان کي حڪومت وٺي ڏيڻ ۾ مدد ڪندو. اهـا خبر بادشاهہ جي هڪ نائب کي پهتي، جنهن کي الفي ڪري چوندا هئا ـــ چو تہ بادشاهہ کيس هڪ هزار دينار ڏيئي خريد ڪيو هو. هن اها خبر وڃي بادشاهہ کي پهچائي، تہ هن قسم جو واعدو ٿيو آهي. بادشاهہ يڪدم پنهنجن خاص ماڻهن کي حڪم ڏنو تہ جڏهن سنجر مون وٽ اچي ۽ مان کيس خلعت ڏيان، جيڪا اڇا هو پهرڻ شروع ڪري، تہ ٽوهان سندس مشڪون ٻڌي، کيس زمين تي ڪيرائي، ساڻي چڏجو. حڪم جي بجا آوري ڪئي ويئي.

ان ڏينهن خضر خان سندپت (۲) ڏانهن شهيدن جي زيارت

---

(۱) سنجر: سندس خطاب الپ خان هو: الپ خان، الغ خان (بادشاهہ جو پاڻ)، ظفر خان ۽ نصرت خان بادشاهہ جي سلطنت جا چار رڪن هئا، جن کي چار يار ۽ ڪري چوندا هئا. — مترجم

(۲) سندپت: اسان جي خيال موجب ابن بطوطہ جو اشارو سوني پٽ ڏانهن آهي، جيڪو موجوده شهر دهليءَ کان اٽڪويهہ ميل پري لاهور جي پراڻي رستي تي آهي. ڪنهن زماني ۾ جمنا ندي شهر جي ڪوٽ هيٺان وهندي هئي. هن وقت ان جي پيٽ کي ٻيو نالو ڪري سڏيندا آهن. هيءُ شهر تمام پراڻو آهي ۽ چون ٿا تہ يڏشٽر راجا دريودن کان جيڪي پنج پٽ گهريا هئا، تن ۾ هيءَ بہ هڪ پٽ هو، ۽ ائين بہ چيو وڃي ٿو تہ هيءُ شهر راجا سوني، "جيڪو ارجن جي تيرهينءَ پيڑهيءَ مان هو"، تنهن ٻڌايو هو. موجوده شهر جي ايراضي هڪ ميل کن ٿيندي، جنهن ۾ اٽڪل چوڏهن يا پندرهن هزار کن ماڻهو رهن ٿا. — مترجم

لاءِ ويو هو. هي جڳهه دهليءَ کان هڪ منزل پري آهي. خضر خان اها باس باسي هئي ته پيرين اگهاڙو وڃي زيارت ڪندو ۽ پنهنجي پيءُ جي صحت يابيءَ لاءِ وڃي دعا گهرندو. جڏهن هن کي اها خبر پهتي ته سندس پيءُ هن جي مامي کي قتل ڪرائي ڇڏيو آهي، تڏهن پنهنجو گريبان ڦاڙي ڇڏيائين. هندستانين ۾ اها رسم آهي ته جڏهن ڪو سندن عزيز مرندو آهي، ته پنهنجو گريبان ڦاڙي ڇڏيندا آهن. بادشاهه کي جڏهن اها خبر پيئي، تڏهن ڏاڍي ڪاوڙ لڳيس. خضر خان جڏهن هن وٽ ويو، تڏهن مٿس ڏاڍو ناراض ٿيو ۽ کيس لعنت ملامت ڪري حڪم ڪيائين ته هن جا هٿ پير ٻڌي، کيس ملڪ نائب (ملڪ ڪافور يعني الفي خان) جي حوالي ڪيو وڃي؛ جنهن کي حڪم ڪيائين ته هن کي گاليور (گواليار) جي قلعي ۾ وڃي قيد ۾ رکي.

هيءُ قلعو هندن جي رياستن جي وچ ۾ آهي ۽ دهليءَ کان ڏهه منزلون پري آهي. هيءُ هڪ نهايت مضبوط قلعو ڪري سمجهيو ويندو آهي. مان به هن قلعي ۾ ڪجهه عرصو رهيو آهيان. خضر خان کي هت آئي، ڪوٽوال ۽ قلعي جي محافظين جي سپرد ڪيو ويو، ۽ قلعي جي عملدارن کي چيو ويو ته توهان هن کي بادشاه جو پٽ ڪري نه سمجهجو، بلڪ هن جي اهڙيءَ طرح چوڪسي ڪجو، جهڙي بادشاهه جي سخت دشمن جي ڪئي ويندي آهي. ان کان پوءِ بادشاهه جي بيماري وڌندي ويئي. آخر بادشاه حڪم ڪيو ته خضر خان کي گهرائي وٺو ته کيس ولي عهد مقرر ڪريان. نائب چيو ته حاضر، کيس جلد گهرائي ٿا وٺون. پر ڄاڻي وائي گهرائڻ ۾ دير ڪيائين. بادشاهه جي وري ٻڇا ڪرڻ تي کيس چيو ويو ته اجهو آيو ڪي آيو. پر ايتري ۾ بادشاهه مري ويو.

## سلطان شهاب الدين

جڏهن علاءُ الدين مري ويو، تڏهن ملڪ نائب (الفي) سندس سڀ کان ننڍي پٽ شهاب الدين کي تخت تي وبهاريو ۽

Marfat.com

ماڻهن کان ان جي بيعت ڪرائي ڇڏيائين. هينئر ملڪ جو سڄو ڪاروبار ملڪ نائب جي هٿ ۾ رهيو. هن شادي خان ۽ ابوبڪر خان جون اکيون ڪڍرائي، کين گواليار جي قلعي ۾ موڪلي ڏنو. خضر خان لاءِ حڪم ڪيائين ته هن کي به انڌو ڪيو وڃي. قطب‌الدين کي به قيد ڪيائين، پر سندس اکيون ڪونه ڪڍايائين. سلطان علاءُ الدين جي خاص غلامن مان بشير ۽ مبشر نالي به غلام هوندا هئا. انهن کي بادشاهه بيگم، جيڪا سلطان معزالدين جي ڌيءُ هئي، هيءُ پيغام موڪليو ته ملڪ نائب الفيءَ جيڪو سلوڪ منهنجي پٽن سان ڪيو آهي، سو توهان ڄائو ٿا، هينئر هو قطب‌الدين کي به قتل ڪرڻ ٿو چاهي. غلامن جواب ۾ چوائي موڪليس ته اسان جيڪي ڪرڻ وارا آهيون، سو توکي سگهو ئي معلوم ٿيندو.

هنن جي عادت هئي ته هو رات جو نائب وٽ رهندا هئا ۽ کين نائب وٽ هٿيارن سان اچڻ جي پڻ اجازت مليل هوندي هئي. ان رات به هو اهڙيءَ طرح سان آيا. نائب ان رات ڪاٺ جي بالاخاني ۾ ويٺو هو. هيءُ بالاخانو سڀ کان مٿينءَ ڇت تي هو — جنهن کي هن ملڪ ۾ خرمقه ڪري چوندا آهن. نائب هڪ غلام کان تلوار وٺي، اها اونڌي پاسيري ڪري، ڏسي، وري کيس موٽائي ڏني. ان وقت يڪدم انهن مان هڪ تلوار جو وار ڪيو ۽ پوءِ ٻئي به تلوار هلائي. ٿوري دير بعد، ٻيئي هن جو سر قطب‌الدين وٽ قيدخاني ۾ کڻي آيا ۽ اچي اڳيان ڦٽي ڪيائونس. پوءِ قطب‌الدين کي ٻاهر ڪڍي آيا. قطب‌الدين ڪجهه ڏينهن تائين پنهنجي ڀاءُ شهاب‌الدين جو نائب ٿي ڪم ڪندو رهيو، پر آخر کيس تخت تان لاهي، پاڻ بادشاه ٿي ويٺو.

## سلطان قطب‌الدين

قطب‌الدين تخت تي ويهڻ سان شهاب‌الدين جون آڱريون وڍائي، هن کي به ٻين ڀائرن ڏانهن گواليار جي قلعي ڏانهن موڪلي

Marfat.com

ڏني، ۽ پاڻ دولت آباد ڏانهن هليو ويو. دولت آباد دهليءَ کان چاليهن ڏينهن جي پنڌ تي آهي، ۽ سڄي رستي جي ٻنهي پاسي قسم قسم جا ٻڳها وڻ سڌين قطارن ۾ اهڙيءَ طرح لڳل آهن، جو اڻان لنگهندي ائين ٿيو پاڻجي، جڻ ته ڪنهن باغ جي وچ مان ٿيو لنگهجي. هر هڪ منزل تي ٽپال جي هرڪارن جون ٽي چونڪيون آهن، جنهن جو اسين مٿي بيان ڪري آيا آهيون. هر چونڪيءَ تي مسافرن جي ضرورت جي هر شيءِ موجود ملي سگهي ٿي، جڻ ته هو بازار مان ٿيا ويندا آهن. اهڙيءَ طرح مان هيءَ رستو تلنگانا ۽ معبر جي ملڪ تائين هليو ٿو وڃي، جو دهليءَ کان ڇهن مهينن جو پنڌ آهي. هر هڪ منزل تي بادشاهي محل ۽ مسافرن لاءِ سراءَ آهي. مسافرن کي رستي لاءِ سيڌي وغيره ڪٿ جي ڪابه ضرورت ڪانه ٿي پوي.

سلطان قطب‌الدين رستي ۾ ڏي هو، ته ڪن ايرن سندس خلاف بغاوت ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ سندس ڏهن سالن جي عمر جي پاڻٽئي کي، "جيڪو خضر خان جو پٽ هو"، تخت تي ويهارڻ چاهيائون. قطب‌الدين پنهنجي پاڻٽئي کي ڏسن کان جهلي، سندس مٿو زور سان پٽر تي هڻي، سندس مغز ڇڄي، ڪيس ماري وڌو، ۽ پنهنجي هڪ امير کي، "جنهن جو نالو ملڪ شاه هو"، گواليار ڏانهن موڪليائين ۽ ڪيس حڪم ڏنائين ته چوڪري جي پيءُ ۽ سندس سڀني چاچن کي قتل ڪري ڇڏي. قاضي زين‌الدين مبارڪ، گواليار جي قاضيءَ، مون کي ٻڌايو هو ته جنهن ڏينهن ملڪ شاه قلعي ۾ ڏٺو، ان وقت مان خضر خان وٽ ويٺو هوس. ملڪ شاه جي اچڻ جي خبر پڙي، سندس رنگ اڏامي ويو. ملڪ شاه جڏهن خضر خان وٽ آيو، تڏهن پڇيائينس ته ڪيئن آيو آهين؟ جنهن تي امير جواب ڏنس ته، آخوند عالم، ڪنهن ضروري ڪم مان آيو آهيان. جنهن تي خضر خان وري به پڇيس ته منهنجي جان جو خير ته آهي؟ امير چيو ته هائو. پوء هن ڪوتوال کي گهرايو ۽ قلعي جي عملدارن "جيڪي

Marfat.com

ٽي سؤ شخص هئا"، مون کي ۽ ٻين شاهدن کي گهرائي، سڀني جي روبرو بادشاهہ جو حڪم پڙهايائين.

هو پهريائين شهاب‌الدين وٽ آيا ۽ هن کي اچي ماريائون. هن ڪنهن قسم جو ڊپ يا بي‌قراري ظاهر نہ ڪئي. پوءِ ابوبڪر ۽ شادي خان جا سر جدا ڪيا ويا. پر جڏهن خضر خان جو وارو آيو، تڏهن هو وٺي رڙيون ۽ واڪا ڪرڻ لڳو. هن جي ماءُ بہ هن سان گڏ هئي، جنهن کي گهر ۾ بند ڪيو ويو. پوءِ خضر خان کي ماري، انهن سڀني جا لاش بنان ڪنهن ڪفن دفن جي هڪ کڏ کوٽي ان ۾ پوري ڇڏيائون. ڪيترن ئي سالن کان پوءِ کين اتان ڪڍي، سندن خالداني مقبري ۾ دفن ڪيو ويو. خضرخان جي ماءُ دير تائين زنده رهي، جو مون کيس ٧٢٨ هہ ۾ مڪي معظم ۾ ڏٺو هو.

گواليار جو قلعو هڪ جبل جي چوٽيءَ تي اهڙيءَ طرح ٺهيل آهي، جو ڄڻ تہ پٿر کي تراشي ٺاهيو ويو آهي. ان جي آس پاس ايڏو بلند جبل ٻيو ڪوبہ ڪونهي. قلعي جي اندر پاڻيءَ جو هڪ تلاءُ ۽ ويهارو کن کوه آهن. هر هڪ کوه تي پناه جي ديوار آهي، جنهن تي منجنيق ۽ عراده رکيل آهن. قلعي جي چاڙهيءَ جو رستو ايترو تہ ڪشادو آهي، جو هڪ هاٿي آسانيءَ سان اچي وڃي سگهي ٿو. قلعي جي دروازي تي پٿر جو تراشيل هاٿيءَ جو هڪ مجسمو فيلبان سميت ٺهيل موجود آهي، جيڪو پري کان جنسي هاٿي پيو لڳي. قلعي جي هيٺان وري شهر آباد آهي، جيڪو تمام خوبصورتيءَ سان اڏيل آهي. سڀ عمارتون ۽ مسجدون سفيد پٿر جون ٺهيل آهن. دروارن کان سواءِ ڪاٺ ڪٿي بہ استعمال ڪيل نہ آهي. رعيت گهڻو ڪري هندو آهي. اتي بادشاه جي طرفان ڇهہ سؤ سوار رهندا آهن، جيڪي گهڻو ڪري لڙائيءَ ۾ مشغول رهندا آهن، ڇو تہ هي قلعو هندن جي رياستن جي بلڪل وچ ۾ آهي.

جڏهن قطب‌الدين پنهنجي سڀني ڀائرن کي مارائي ڇڏيو ۽ سندس حريفن مان ڪو بہ باقي نہ رهيو، تڏهن خدا تعاليٰ وري هن تي هڪ قاتل مقرر ڪري ڇڏيو، جو سندس نهايت دادلو

Marfat.com

امير كبير هو. آخر انهيءَ امير قطب‌الدين کي قتل ڪري چڏيو، جنهن کي وري خداتعالي سلطان تغلق جي هٿان قتل ڪري چڏايو. هينئر تفصيل سان اُن قاتل امير ڪبير جو بيان ٿا ڪريون.

## سلطان خسرو خان ناصرالدين جو بيان

خسرو خان (١) قطب‌الدين جي اميرن مان هڪ وڏو بهادر ۽ خوبصورت جوان هوندو هو. چندري ۽ سمر وارو ملڪ هن ئي فتح ڪيو هو. هي ملڪ هندستان ۾ نهايت سرسبز ۽ آباد ليکيو ويندو آهي ۽ دهليءَ کان ڇهن منهن جي پنڌ تي آهي. قطب‌الدين خسرو ملڪ سان تمام گهڻي محبت رکندو هو.

قطب الدين جو استادُ قاضي خان (٢) صدر جهان اسراءُ عظيم‌الشان مان هڪ هوندو هو، جنهن کي ڪليد داريءَ جو عهدو به ملهيل هو، يعني تہ بادشاهي محل جي ڪنجي هن وٽ رهندي هئي. هن جي ڏيوڙي هوندي هئي تہ هو رات جو بادشاهي محل جي دروازي تي رهندو هو، ۽ هڪ هزار ماڻهو سندس زيردستيءَ ۾ ڪم ڪندا هئا. هر رات ايائي ايائي سؤ ماڻهو پهري تي رهندا هئا. باهرئين دروازي کان اندرئين دروازي تائين اهي پهريدار رستي جي ٻنهي پاسي قطار ٻڌي، هٿيارن سان ٻيٺا هوندا هئا. تنهنڪري جڏهن ڪوبہ ماڻهو محل جي اندر اينڈو هو، تہ هن کي انهن قطارن جي وچ مان لنگهڻو پوندو هو. انهن پهريدارن کي ”نوبت وارا“ ٻہ ڪري چوندا هئا. انهن جي مٿان آفيسر ۽ منشي هوندا هئا، جيڪي گشت ڪندا رهندا هئا، ۽ سندن حاضري

---

(١) خسرو خان: هي اصل گجرات جو باشندو هو. ڪن تاريخ نويسن سندس ذات پروار لکي آهي ۽ ائين ، لکيو آهي تہ هيءَ هڪ گهٽ ذات ٻيندي آهي. بدايوني هن کي براؤ ٿو لکي. پوءِ هو مسلمان ٿيو هو ۽ سندس نالو حسن هو. — مترجم

(٢) قاضي خان صدر جهان: مولانا ضياءُالدين بن مولانا شهاب‌الدين خطاط جو اهو لقب هوندو هو. هن بادشاه کي خوش نويسي سيکاري هئي ۽ ڪليد داريءَ جي عهدي تي مامور هو. — مترجم

Marfat.com

به وٺندا هئا ته ڪو غير حاضر نه هجي. رات وارا جڏهن پهرو ڏيئي بس ڪندا هئا، تڏهن ڏينهن وارا سندن جاءِ تي پهري لاءِ اچي بيهي ويندا هئا.

قاضي خان خسرو ملڪ کان تمام گهڻي نفرت ڪندو هو، ڇو ته هو اصل ۾ هڪ هندو هو ۽ هندن جي تمام گهڻي پاسخاطري ڪندو هو. تنهنڪري قاضي خان هن کان ناراض رهندو هو. هر موقعي تي قاضي خان بادشاه کي عرض ڪندو رهيو ته هن کان خبردار رهڻ گهرجي، پر بادشاه ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيندو هوس. ڪڏهن هيئن چئي ٽاري ڇڏيندو هوس، ته اهڙين ڳالهين کي ڇڏي ڏي. ڇاڪاڻ ته خدا تعاليٰ هن لاءِ اها قضا مقرر ڪري ڇڏي هئي ته هن جي هٿان قتل ڪيو وڃي، تنهنڪري ئي بادشاه اهڙي بي رخي اختيار ڪندو رهيو.

هڪ ڏينهن خسرو خان بادشاه کي چيو ته ڪي هندو مسلمان ٿيڻ ٿا چاهين. ان وقت اهو دستور هوندو هو ته جيڪڏهن ڪو هندو (١) مسلمان ٿيڻ چاهيندو هو، ته هو پهريائين بادشاه

---

(١) بادشاه جي هن طرح قتل جي واقعي جو بيان سواءِ ابن بطوطه جي ٻئي ڪنهن به مورخ ڪونه لکيو آهي. بلڪ اصل حقيقت هن ريت هئي ته خسرو خان کي بادشاه نائب مقرر ڪري، چنديري ۽ معبر فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو، تڏهن اميرن کي سندس سرداري نا گوار لڳي؛ تنهنڪري هن کي هميشه منجهائن ڊپ رهندو هو. هڪ دفعي بادشاه کي عرض ڪيائين ته "مون کي اجازت ملي ته پنهنجي قوم جا ڪجهه ماڻهو گهرائي وٺان." ان بهاني سان هن چاليهه هزار گجراتي لشڪر ۾ ڀرتي ڪيا. هڪ ڏينهن بادشاه کي عرض ڪيائين ته مان گهڻو ڪري رات جو توهان جي خدمت ۾ ٿو رهان ۽ ڏينهن جو گهڻيئي ڪم ڪاريون آهن، تنهنڪري منهنجا وطني ماڻهو شڪايت ٿا ڪن ته کين ملي نٿو سگهان. بادشاه چبس ته پنهنجي دوستن کي ڀلي رات جو هتي ئي گهرائيندو ڪر. اهڙيءَ طرح محل جي ننڍي دروازي جي ڪنجي به هن کي ڏيئي ڇڏيائين. اهو ئي سبب هو، جو هو ڪن بدمعاش ۽ اواره قسم جي ماڻهن کي گهرائي، بادشاه ۽ پاڻ کي وندرائيندو رهندو هو. ۽ آخر بادشاه جو ڪم ختم ڪرائي ڇڏيائين. — مترجم

کي سلام ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيندو هو ۽ بادشاه جي طرفان کيس خلعت ۽ سونا ڪنگڻ انعام ۾ ملندا هئا. بادشاهه خسرو خان کي چيو ته "انهن هندن کي اندر وٺي اچ." جنهن تي خسرو ملڪ عرض ڪيو ته "هو رات جو اچڻ ٿا گهرن، ڇو ته ڏينهن جو پنهنجي عزيزن ۽ مذهب وارن کان ڪين شرم ٿو اچي." بادشاه چيو ته "چگو رات جو ڏي ڪين وٺي اچج." خسرو ملڪ سڏا سڏا بهادر هندو چونڊي هن ڪم لاءِ ڪڍيا هئا، جن ۾ سندس پيءُ خان خانان پڻ هڪ هو.

گرميءَ جي موسم هئي، بادشاه سڀ کان مٿيئن ڇت تي هو. ان وقت بادشاه وٽ سواءِ ڪُن ٿورن غلامن جي ٻيو ڪوبه موجود ڪونه هو. اهي هندو جڏهن چٽن دروازن کان لنگهي، پنجين دروازي تي پهتا، ته انهن کي هٿيارن سان ڏسي، قاضي خان کي شڪ پيدا ٿيو. هن کين روڪيندي چيو ته "ترسو، جيستائين مان آخوند عالم (بادشاه) کان اجازت وٺي اچان." جنهن تي يڪدم انهن حملو ڪري، قاضي خان کي ماري وڌو. گوڙ گهمسان تي بادشاه پڇيو ته "اهو سڀ ڇا ٿي رهيو آهي؟" ايتري ۾ خسرو خان بادشاه تائين پهچندي چيو، ته "هو هندو اچي رهيا آهن ۽ قاضي خان کين روڪيو، تنهنڪري ڪجهه تڪرار ٿي پيو آهي." هي ٻڌي، بادشاه خوفزده ٿي، محل ڏانهن ڀڳو، ۽ در دروازو بند هو. هن دروازو کڙڪايو، پر اوچتو پٺيان خسرو ملڪ اچي جهليس. بادشاه زبردست هو، تنهن ڪٽي کيس دسيو ۽ مٿان چڙهي ويٺس. ايتري ۾ هندو اچي ويا. خسرو خان رڙ ڪري ٻڌايو ته بادشاه مون کي هيٺان دسيو ويٺو آهي. کا واهر ڪريو. هن يڪدم بادشاه کي قتل ڪري وڌو، ۽ سندس سر ڪپي، ڪٽي اڳ ۾ ڦٽو ڪيو.

هن ڪم کان پوءِ خسرو خان يڪدم امير ۽ آفيسرن کي گهرايو. انهن کي هن واقعي جي کاڌ خبر ڪانه هئي. تنهنڪري هو جيئن اندر آيا تيئن خسرو خان کي تخت تي ويٺل

Marfat.com

ڏنائون. انهن سڀني سندس بيعت ڪئي ۽ صبح تائين اتي ئي ترسيا. صبح ٿيڻ سان هن پڙهو ڏياريو، ۽ دارالخلافه کان ٻاهر جيڪي به امير هئا، تن جي نالي پروانا ۽ قيمتي خلعتون روانيون ڪيائين. سڀني سندس اطاعت مڃي، مگر دبال پور (١) جي حاڪم تغلق شاه سندس خلعت کي ڦاڙي، پٽ تي ڦٽي ڪري، ان جي مٿان چڙهي ويهي رهيو. خسرو خان پنهنجي ڀاءُ خان خانان کي هن تي چاڙهي موڪليو: جنهن کي تغلق شاه شڪست ڏيئي ڀڄائي ڪڍيو.

خسرو ملڪ جڏهن بادشاه ٿيو تڏهن هندن کي وڏا وڏا عهدا ڏنائين ۽ حڪم ڪيائين ته سڄي ملڪ ۾ ڪوبه ڳئون نه ڪهي. هندو ڳئون کي مارڻ ناجائز سمجهندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪو ڳئون ڪهندو هو ته ان کي سزا طور انهيءَ ڳئون جي کل ۾ سبارائي، ساڙي ڇڏيندا هئا. هي ماڻهو ڳئون جي تمام گهڻي عزت ڪندا هئا ۽ ان جو پيشاب ثواب لاءِ يا دوا طور استعمال ڪندا هئا. ازانسواءِ ان جي پائخاني سان پنهنجي گهرن کي ليپو پڻ ڏيندا آهن. خسرو خان چاهيو ٿي ته مسلمان به ائين ڪن. تنهنڪري اهي کانئس نفرت ڪرڻ لڳا ۽ سڀني گڏجي تغلق جي طرفداري ڪئي. اهڙيءَ طرح سندس دور حڪومت وڌيڪ هلي نه سگهيو — جنهن جو هيٺ بيان ٿا ڪريون.

---

(١) دبال پور: پاڪستان ۾ مانٽگمريءَ جي ضلعي ۾ پاڪ پٽن کان ٢٨ ميل اوڀر طرف، اوکاڙا جي اسٽيشن کان ١٧ ميل ڏکڻ طرف هي شهر موجود آهي، ۽ چڱو مشهور آهي. جنرل ڪننگهام جي تحقيقات موجب، هي شهر اصل ۾ راجا ديوپال آباد ڪيو هو، پر اهو معلوم ٿي نٿو سگهي ته اهو راجا ڪهڙي وقت جو حڪمران هو.

Marfat.com

## فصل چوٿون

# سلطان غياث الدين تغلق شاهه

شيخ امام صالح عالم عامل عابد رڪن الدين بن شيخ صالح شمس الدين ابي عبدالله ابن ولي امام عالم عابد بهاء الدين زڪريا قرشي (قريشي) ملتانيءَ مون کي ٻڌايو ته تغلق اصل قرونه (١) ترڪن جي قوم مان هو. هن قوم جا ماڻهو ترڪستان ۽ سنڌ جي وچ وارن جبلن ۾ رهندا آهن. تغلق هڪ تمام مفلس ماڻهو هو، ۽ پهريائين جڏهن سنڌ ۾ آيو، تڏهن هڪ سوداگر وٽ مال چاريندو هو. هيءَ سلطان علاءُ الدين جي وقت جي ڳالهه آهي. انهن ڏينهن بادشاه جو ڀاءُ اولو خان (الغ خان) سنڌ جو حاڪم هو. تغلق آخر اچي سندس نوڪريءَ ۾ داخل ٿيو. پهريائين پيادن جي لشڪر ۾ ڀرتي ٿيو، پر پوءِ جڏهن الغ خان کي سندس بهادريءَ ۽ شرافت جي خبر پيئي، تڏهن کيس ترقي ڏيئي سوارن ۾ داخل ڪيائين. ترقي ڪندي، هو آفيسر ٿيو. ان کان پوءِ هن کي مير آخور (طبيلن جو داروغو) ڪيو ويو ۽ آخرڪار وڃي امراء عظيم الشان مان هڪ ٿيو.

مون ملتان ۾ تغلق جي ٺهرايل مسجد ۾ هڪ ڪتبو لکيل پڙهيو آهي، جنهن ۾ لکيل آهي ته "هن اٺٽيهه دفعا تاتارين (منگولن) سان وڙهي، کين شڪست ڏيئي، "ملڪ غازيءَ" جو خطاب حاصل ڪيو هو." آخر سلطان قطب الدين هن کي دبال پور جو حاڪم مقرر ڪيو ۽ سندس پٽ جونا خان کي ميرآخور

---

(١) قرونه: مارڪوپولو جي لکڻ موجب قرونه انهن ماڻهن کي چيو وڃي ٿو، جن جا ٻيءُ تاتاري ۽ مائرون هندستاني هجن. انهن ماڻهن جو گذران، ترمذ ۽ راه زنيءَ تي آهي.

Marfat.com

جو عهدو ڏنائين. خسرو خان به سندن اهيئي عهدا قائم رکيا. جڏهن تغلق خسرو خان جي خلاف بغاوت ڪرڻ جو ارادو ڪيو تنهن وقت هن وٽ رڳو ٽي سو کن سپاهي هئا، جن تي هن کي پورو ڀروسو هوندو هو. هن ڪشلو خان کي لکيو، جو ان وقت ملتان جو حاڪم هو، ته منهنجي هن ڪم ۾ ضرور مدد ڪر ۽ پنهنجي پياري بادشاه جي خون جو بدلو وٺ. ڪشلو خان جواب موڪليس ته جيڪڏهن منهنجو پٽ خسرو خان وٽ نه هجي ها ته مان هر صورت ۾ تنهنجي مدد ڪريان ها. ملڪ غازي غياث الدين تغلق تنهن تي يڪدم پنهنجي پٽ جونا خان کي لکيو ته منهنجو ارادو هي آهي، تنهنڪري ڪرئن به ڪري تون ڪشلو خان جي پٽ کي ساڻ ڪري نڪري، مون وٽ هليو اچ.

جونا خان سوچيندو رهيو ته ڪهڙي تجويز ڪجي. آخر کيس موقعو ملي ويو. هڪ ڏينهن خسرو خان کيس چيو ته گهوڙا تمام ٿلها ٿي پيا آهن ۽ وڃن ٿا بدن تي گوشت چاڙهيندا، تنهنڪري هنن کان ڪم وٺ. اهڙيءَ طرح سان جونا خان هر روز انهن کي گهمائڻ وٺي ويندو هو. هو ڪڏهن ڪلاڪ ۾ واپس موٽندو هو ته ڪڏهن ٻه يا ٽي ڪلاڪ به لڳي ويندا هئس. هڪ ڏينهن ظهر جي وقت تائين ڪونه موٽيو. مانيءَ جو وقت ٿي ويو. بادشاه حڪم ڏنو ته هن جي خبر ورتي وڃي. ماڻهو هن جي تلاش ڪري موٽي آيا ۽ اچي ٻڌايائون ته اسان کي معلوم ٿيو آهي ته ڪشلو خان جي پٽ سوڌو پنهنجي پيءُ ڏانهن ڀڄي ويو آهي.

هوڏانهن تغلق پٽ جي پهچندي ئي بغاوت جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ ڪشلو خان جو لشڪر گهرائڻ شروع ڪري ڏنائين. خسرو خان پنهنجي ڀاءُ خان خانان کي هن سان لڙائيءَ لاءِ چاڙهي موڪليو، پر هو شڪست کائي موٽي آيو ۽ سندس سڀ ساٿي مارجي ويا. هن لڙائيءَ مان تغلق کي تمام گهڻو خزانو ۽ ٻيو

Marfat.com

مال هٿ لڳو. تغلق دهليءَ ڏانهن وٽڻ لڳو. هوڏانهن خسروخان پنهنجو لشڪر ساڻ ڪري مقابلي لاءِ شهر کان ٻاهر نڪتو ۽ اچي (١) آسيا آباد (آسيا آباد) جي جاءِ تي خيمه زن ٿيو. هن دل کولي خزانو لٽايو، لشڪر کي ڳوٺين جون ڳوٺيون رپين سان ڀريل بخشش طور ڏنائين. هندو جيڪي خسروخان جي لشڪر ۾ هئا تن اهڙي ته بهادريءَ ۽ همت سان مقابلو ڪيو، جو تغلق جو لشڪر ڀڄي ويو ۽ سندن سڄو سامان لٽجي ويو. تغلق ڇا ڪيو، جو انهن پنهنجن ٽن سو جانباز سپاهين کي گڏ ڪري چيائين ته هينئر اسان جي ڀڄڻ جي ڪابه جاءِ ڪانه آهي، تنهنڪري وارو ڪريو. ان وقت خسرو خان لٽ مار ۾ مشغول هو ۽ ان وٽ تمام ٿورا ماڻهو وڃي رهيا هئا. تغلق پنهنجي ماڻهن کي وٺي يڪدم اچي هن تي حملو ڪيو.

هندستان جي بادشاه جي جاءِ سندس ڇٽ جي وسيلي سڃاڻي سگهبي. مصر ۾ ڇٽ کي طير يا قبه چوندا آهن ۽ بادشاه رڳو عيد جي ڏينهن مٿي تي رکندا آهن. پر چين ۽ هندستان ۾ بادشاهه سفر ۾ هجن يا وطن ۾، ڇٽ ضرور هوندو اٿن. جڏهن تغلق بادشاهه تي حملو ڪيو، تڏهن تمام سخت لڙائي لڳي، جنهن ۾ بادشاهه جو لشڪر ڀڄي ويو ۽ سندس هڪ ساٿي به هن سان نه رهيو. بادشاهه پنهنجي گهوڙي تان لهي پيو ۽ هٿيار ۽ ڪپڙا ڦٽا ڪيائين. پوءِ ڇا ڪيائين، جو پنهنجي مٿي جا وار کولي کڻي پوئتي ڇڏيائين، جيئن هندستان جا فقير ڪندا آهن، ۽ ڀڄي وڃي هڪ باغ ۾ لڪو.

سڀ ماڻهو اچي تغلق وٽ گڏ ٿيا، جن سان گڏجي هو شهر ۾ آيو. ڪوتوال شهر جون ڪنجيون اچي سندس حوالي ڪيون. پوءِ هو محل ۾ ويو ۽ ان جي هڪ ڪنڊ ۾ وڃي ويٺو.

---

(١) آسياباد - هن جڳهه جو پورو پتو پئجي نٿو سگهي، پر هيءَ جڳهه اسان جي گمان موجب ضرور ڪٿي دهليءَ جي ويجهو هوندي. — مترجم-
آسيا = چڪي، باد = هوا.

Marfat.com

تنهن کانپوءِ تغلق ڪشلو خان کي چيو ته تون بادشاهه ٿي، جنهن تي ڪشلو خان چيو ته نه تون بادشاهه ٿي. هن ڳالهه تي ٻنهي جو پاڻ ۾ جڏهن تڪرار ٿيو، تڏهن ڪشلو خان آخر ۾ چيو ته جيڪڏهن تون بادشاهه نٿو ٿين، ته اسين تنهنجي پٽ کي ٿا بادشاهه ڪريون. هيءَ ڳالهه تغلق منظور نه ڪئي ۽ پاڻ بادشاهه ٿيڻ قبول ڪيائين. سڀني عام خاص ماڻهن سندس بيعت ڪئي.

خسرو خان ٽن ڏينهن تائين باغ ۾ لڪو ويٺو هو؛ ٽئين ڏينهن جڏهن بک ڇتو ڪيس، تڏهن ٻاهر نڪتو، ته مالهيءَ ڏسي ورتس. هن مالهيءَ کان ڪجهه کائڻ لاءِ گهريو، پر مالهيءَ وٽ ڪجهه به ڪونه هو، جو ڏئيس. آخر مالهيءَ کي پنهنجي منڊي ڏيئي چيائين ته هيءَ ڪٿي گروي رکي، منهنجي لاءِ کاڌو وٺي اچ. مالهي بازار ۾ ويو ۽ منڊي وڃي ماڻهن کي ڏيکاريائين، جن هن تي شڪ ڪيو ته اهڙي قيمتي منڊي هن وٽ ڪٿان آئي؟ سو پڪڙي کيس ڪوٽوال وٽ وٺي آيا. ڪوٽوال وري هن کي تغلق وٽ وٺي آيو. تغلق هن سان گڏ پنهنجي پٽ جونا خان کي موڪليو ته وڃي خسرو خان کي گرفتار ڪري اچي. جونا خان اچي خسرو ملڪ کي پڪڙيو ۽ هن کي خچر تي چاڙهي، بادشاهه جي سامهون وٺي آيو. جڏهن هو بادشاهه جي روبرو آيو، تڏهن دانهن ڪري چيائين ته مان ڏاڍو بکايل آهيان. جنهن تي بادشاهه حڪم ڪيو ته کاڌو ۽ شربت آندو وڃي. پوءِ بادشاهه هن کي کارائي پياري کائڻ لاءِ پان ڏنو. جڏهن کائي بس ڪيائين، تڏهن تغلق بادشاهه کي چيائين ته "او تغلق! مون کي وڌيڪ ذليل ۽ خوار نه ڪر؛ ٿي سگهيئي ته مون سان شانائتو سلوڪ ڪر." تغلق چيس ته اکين سان؛ پوءِ حڪم ڪيائين ته هن کي انهيءَ جاءِ تي وٺي وڃو جتي هن قطب الدين کي قتل ڪيو هو، ۽ سندس سر لاهي، انهيءَ سر ۽ ڌڙ کي هيٺ ڦٽي ڪريو، جيئن هن قطب الدين سان ڪيو هو! ان کان پوءِ حڪم ڏنائين ته هن کي غسل ۽ ڪفن ڏيئي، قطب الدين جي مقبري ۾ دفن ڪريو.

Marfat.com

هن واقعي کان پوءِ تغلق چار سال حڪومت ڪئي. هيءُ نهايت انصاف وارو، عالم ۽ فاضل بادشاهه هو.

## سندس پٽ جي ناڪام بغاوت

جڏهن تغلق مڪمل طرح سان بادشاه ٿيو، تڏهن پنهنجي پٽ کي تلنڪ (تلنگانه) نالي ملڪ فتح ڪرڻ لاءِ موڪليائين. هيءُ ملڪ دهليءَ کان ٽن مهينن جي پنڌ تي آهي. تغلق پنهنجي پٽ کي وڏو لشڪر ڏنو، جنهن ۾ وڏا وڏا امير، ۽ ملڪ تيمور، ملڪ تگين ۽ ملڪ ڪافور مهردار جهڙا پڻ هن سان گڏ موڪليائين. جڏهن هو تلنگ جي ملڪ ۾ پهتو، تڏهن هن بغاوت جو ارادو ڪيو. هن سان گڏ هڪ مصاحب عبيد نالي هو، جيڪو وڏو شاعر ۽ فقيهه هوندو هو، تنهن کي چيائين ته تون ماڻهن کي وڃي ٻڌاءِ ته بادشاه (تغلق شاه) مري ويو. هن جو خيال هو ته اها خبر ٻڌي، لشڪر جا ماڻهو هڪدم اچي منهنجي بيعت ڪندا. پر هن خبر کي ڪنهن به سچ نه سمجهيو ۽ هر هڪ امير سندس مخالفت ڪئي ۽ ويا هن کان ڇڄندا. انهيءَ حد تائين، جو جونا خان سان ڪوبه ماڻهو نه بچيو. ماڻهن هن کي قتل ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو، پر ملڪ تيمور کين منع ڪئي.

جونا خان پنهنجن ڏهن همراهن سان (جن کي هو پنهنجو رازدار سمجهندو هو) دهليءَ ڏانهن ڀڄي نڪتو. بادشاه هن کي رپيا ۽ لشڪر ڏيئي، وري تلنگانه ڏانهن واپس موڪليو. پوءِ جڏهن بادشاهه کي هن حقيقت جي خبر پيئي، تڏهن هن عبيد کي قتل ڪرائي ڇڏيو ۽ ملڪ ڪافور مهردار لاءِ هڪ نوڪدار سڌي ڪاٺي زمين ۾ کوڙائي، هن جو منهن زمين جي طرف ڪرائي، ان ڪاٺيءَ جي نوڪ سندس گردن ۾ چڀائي، پاسرين مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين. باقي رهيل باغي امير خوف کان، سلطان ناصرالدين جي پٽ سلطان شمس الدين وٽ، جو غياث الدين بلبن جو پوٽو هو، ڀڄي ويا.

## تغلق جو لکنو تي ڪاهڻ ۽ موٽندي سندس اچانڪ موت

اهي ڀڳل امير اتي رهجي ويا، تانجو سلطان شمس الدين وفات ڪري ويو ۽ سندس ولي عهد سلطان شهاب الدين لکنوتيءَ جو بادشاه ٿيو. پر سندس ننڍو ڀاءُ غياث الدين بهادر (ڀورو)، کيس تخت تان لاهي، پاڻ بادشاه ٿي ويٺو ۽ پنهنجي ٻئي ڀاءُ قطلو خان کي مارائي ڇڏيائين. سندس باقي ڀائر شهاب الدين ۽ ناصر الدين تغلق شاه ڏانهن ڀڄي ويا. تغلق سندن مدد لاءِ هنن سان گڏجي لکنوتيءَ تي ڪاهي ويو ۽ پنهنجي پٽ کي پنهنجو نائب مقرر ڪري، دهليءَ ۾ ڇڏي ويو. تغلق، غياث الدين بهادر (ڀوري) کي قيد ڪري، پاڻ سان گڏ وٺي، واپس موٽيو.

دهليءَ ۾ هڪ ولي، نظام الدين براؤني نالي، رهندو هو. جونا خان هميشه سندس خدمت ۾ حاضر ٿيندو رهندو هو ۽ هن ۾ تمام گهڻو عقيدو رکندو هو. هڪ ڏينهن پنهنجن خادمن کي چئي ڇڏيائين ته جنهن وقت شيخ جذبي ۽ وجد جي حالت ۾ اچي ته هڪدم مون کي خبر ڏجو. اهڙيءَ طرح سان جڏهن اهو موقعو آيو تڏهن هنن وڃي جونا خان کي ٻڌايو، جو يڪدم اچي حاضر ٿيو. شيخ کيس ڏسي چيو ته اسان توکي سلطنت بخشي، ۽ پوءِ انهيءَ ئي وجد واريءَ حالت ۾ دم ڏنائين. پوءِ جونا خان سندس جنازي کي ڪلهو ڏنو.

هيءَ خبر جڏهن بادشاه کي پيئي، تڏهن گهڻو ناراض ٿيو. انهي کان سواءِ جونا خان جي ماڻهن جي دلين جي خبر رکڻ (علم قافيه)، بيجا سخاوت، غلامن جي گهڻي انداز ۾ خريداري ۽ ٻين اهڙي قسم جي ڪمن سبب، بادشاه اڳ ۾ هن کان ناراض رهندو هو. هينئر هن خبر تي ويتر سندس ناراضگي وڌي. کيس اها به خبر ملي ته جونا خان کي ڪنهن نجوميءَ اهو به ٻڌايو آهي ته

Marfat.com

هن سفر تان بادشاه زنده واپس کين موٽندو. بادشاه جڏهن دارالخلافه جي ويجهو پهتو، تڏهين پنهنجي پٽ کي چوائي موکليائين تہ هن جي لاءِ هڪ نئون محل "جنهن کي کشک ڪري چوندا آهن" افغان پور ۾ تيار ڪرائي ڇڏي. جونا خان تن ڏينهن ۾ اهو محل تيار ڪرائي ڇڏيو، جنهن جو بنياد کات جي تنهن تي زمين کان مٿي رکايائين، جنهن ۾ گهڻو ڪري کات جو ڪم ٿيل هو. احمد بن اياس، جيکو پوءِ خواجہ جهان جي لقب سان مشهور ٿيو ۽ محمد تغلق جي وڏن وزيرن مان ٿيو، سو انهن ڏينهن بادشاه جو ميز عمارت (انجنير) هوندو هو؛ تنهن هن محل جو بنياد اهڙيءَ تہ ڪاريگريءَ سان رکيو هو، جو جيڪڏهن هڪ هاٿي ان جي اندر هڪ خاص طرف بيهاريو وڃي تہ محل اڇي پٽ تي ڪري.

بادشاه به ان محل ۾ اڇي ترسيو ۽ ماڻهن جي مهماني ڪرائين. جڏهن ماڻهو کائي پي هليا ويا، تڏهين جونا خان بادشاه کان اجازت گهري تہ سان خدمت ۾ هڪ هاٿي پيش ڪندس. ٿوري دير بعد هڪ ساز ۽ سامان سان سينگاريل هاٿي آندو ويو. شيخ رڪن الدين ملتانيءَ مون کي ٻڌايو تہ ان وقت سان بادشاه وٽ ويٺو هئس ۽ بادشاه جو لاڏلو پٽ محمود به اتي موجود هو؛ جونا خان مون کي ٻڌايو تہ آخوند عالم وڃينءَ جي نماز جو اڇي وقت ٿيو آهي، اڄ تہ نماز پڙهڻ هلون؛ اسان جنهن وقت محل کان ٻاهر نڪتاسون، تنهن وقت هاٿي (ان مقرر جاءِ تي) آندو ويو؛ هاٿي اڃا محل جي (ان طرف) پهتو مس تہ سڄو محل اڇي بادشاه ۽ شهزادي جي مٿان ڪريو.

شيخ رڪن الدين قصو جاري رکندي چيو تہ جڏهن مون آواز ۽ آواز ٻڌا تڏهن نماز پڙهڻ کان سواءِ واپس موٽي آيس ۽ اڇي ڏٺم تہ محل ڪريو پيو هو. جونا خان حڪم ڪيو تہ کوڙين ۽ بيلچا کڻي اڇي بادشاه کي کوٽي ڪڍو، ۽ اهو به اشارو ڪري ڇڏيائين تہ ڪجهہ دير سان اچن. آخر انهيءَ وقت کوڙن شروع

Marfat.com

کياڻون، جڏهن سج لهي چکو هو. کوٽائيءَ کان ٻوءِ ڏنو ويو
ته بادشاه پنهنجي نديڙي پٽ جي مٿان جهکيو پيو هو، جڏ ته
هن کي موت جي چنبي مان ڇڏائي ٻاهر کڌي اڇڻ جي کوشش
ئي کياڻين. کي ماڻهو چون ٿا ته بادشاه انهيءَ وقت تائين به
زنده هو پر ٻوءِ سندس کم ختم کيو ويو. ٻوءِ راتو واه کيس
انهيءَ مقبري ڏانهن، جيکو بادشاه پنهنجي لاءِ تغلق آباد ۾ ٺهرايو
هو، کٽائي ويا ۽ اتيئي کيس دفن کياڻون.

تغلق آباد شهر ٻڌائڻ جو سبب مان اڳ ۾ بيان کري
آيو آهيان ته ان ۾ بادشاه جو محل ۽ خزانو هوندو هو. هن قلعي
۾ بادشاه هڪ وڏو شاندار محل تيار کرايو هو، جنهن جي سرن
تي سون جا پٽ چاڙهيا ويا هئا، جو جڏهن سج اپرندو هو، تڏهن
سندس چمڪ جي تيزي اهڙي ته هوندي هئي، جو کو به ماڻهو
ان ڏانهن نظر چمائي ڏسي کين سگهندو هو. هن محل ۾ بادشاه
جو تمام گهڻو قيمتي سامان گڏ کيل هو. چون ٿا ته ان ۾ هڪ
حوض ٺهرائي، سون ٻگهاري ان جي اندر وڏو ٻيڙو هو، جو اتي
جهي هڪ چکو تي پيو هو. آخر سندس پٽ (جونا خان) اهو
سڄو سون کپائي چٽ کري چڏيو.

خواجه جهان انهيءَ کشڪ محل ناهڻ ۾، جيکو بادشاه
جي مٿان کريو هو، ڏاڍي کاريگري ڏيکاري هئي؛ تنهنکري
بادشاه جي دل ۾ جهڙي هن لاءِ جڳهه هئي، تهڙي ٻئي کنهن
به ماڻهوءَ لاءِ کانه هئي، ۽ هو سڀني وزيرن ۽ اميرن کان بلند
مرتبي وارو ليکيو ويندو هو.

---

Marfat.com

## باب چوٿون

### فصل پهريون

# سلطان ابي المجاهد محمد شاهہ ابن سلطان غياث الدين تغلق

جڏهن سلطان تغلق مري ويو تڏهن سندس پٽ بنا مقابلي ۽ مخالفت جي تخت تي ويٺو. مان اڳ ۾ به بيان ڪري آيو آهيان ته سندس نالو جوناخان هو. بادشاه ٿيڻ کان پوءِ هن پنهنجو نالو "المجاهد محمد شاه" رکيو. مان هن کان اڳ اڳين بادشاهن جو جيڪو احوال لکي آيو آهيان، تنهن جو ڳچ حصو شيخ ڪمال الدين غزنوي، قاضي القضاة، مون کي ٻڌايو هو. پر هن بادشاه بابت جيڪي ڪجهه مون لکيو آهي سو منهنجو اکين ڏٺو واقعو آهي.

### بادشاه جون خصلتون

هيءُ بادشاه تمام گهڻيءَ سخاوت ۽ خونريزيءَ جي ڪري مشهور آهي. ڪوبه ڏينهن اهڙو ڪونه ٿو گذري، جنهن ۾ ڪو فقير امير نٿو بڻجي ۽ ڪو زنده انسان قتل نٿو ڪيو وڃي. هن جي سخاوت، بهادريءَ، سختيءَ ۽ خونريزيءَ جون ڪيتريون ئي ڳالهيون عام ماڻهن جي زبان تي آهن. تنهن هوندي به ڪوبه شخص هن بادشاه کان وڌيڪ بردبار ۽ انصاف پسند مون ڪٿي ڪونه ڏٺو. هو شريعت جو سخت پابند آهي ۽ نماز جو تاڪيد

Marfat.com

تمام گهڻو ڪندو رهندو آهي، ۽ جو شخص نماز نٿو پڙهي تنهن کي سزا ڏيندو آهي. ٻين سڀني نيڪ بخت ۽ ايماندار بادشاهن جي مقابلي ۾ جيڪي به ڳالهيون مان هن بادشاه جي باري ۾ بيان ڪندس سي بلڪل عجيب ۽ سمجهه کان ٻاهر آهن. پر مان خدا تعاليٰ، ان جي رسول ۽ ملائڪن کي شاهد ڪري ٿو چوان ته جيڪي ڪجهه به سندس سخاوت ۽ ڪرم بابت لکندس، سو حرف به حرف صحيح هوندو. هيءُ پڻ لکڻ ضروري ٿو سمجهان ته جيڪي مون لکيو آهي سو ڪيترن ئي ماڻهن کي سمجهه ۾ نٿو اچي ۽ هو ان کي (١) مبالغو ڪري ٿا سمجهن. پر جيڪي به مون بيان ڪيو آهي سو بلڪل منهنجي اکين جي اڳيان ٿي گذريو آهي ۽ هر طرح سان ان جي صحيح هجڻ جي پڪ ڪئي اٿم.

## شاهي محل جا دروازا ۽ ديوان خانو

شاهي محل، جيڪو دهليءَ ۾ آهي، ان کي دارالسرا چوندا آهن. هن محل ۾ اندر وڃڻ لاءِ ڪيترن ئي دروازن مان لنگهڻو ٿو پوي. پهرئين دروازي تي پهريدار سپاهي موجود رهندا آهن. تنهن کان سواءِ نفيرين، نقارن ۽ شرناين وارا به انهي دروازي تي ويٺا هوندا آهن. جنهن وقت ڪو امير يا وڏو ماڻهو ايندو آهي ته هو نقارا ۽ نفيريون وڄائڻ شروع ڪندا آهن. هو وڄائڻ ۾ اهو پڻ آواز ڪڍندا آهن ته فلاڻو يا فلاڻو شخص آيو آهي. اهڙيءَ طرح ٻئي ۽ ٽئي دروازي تي پڻ ائين ٿيندو آهي. پهرئين دروازي

---

(١) مٿيون بيان ابن بطوطه انهيءَ لاءِ ڏنو آهي، جو مشرقي ملڪن ۾ جڏهن سندس سفر جي واقعن جون خبرون پهتيون، تڏهن ڪيترائي ماڻهو ان کي سچ نه پيا سمجهن يا مبالغو پيا خيال ڪن؛ تن کي پڪ ڏيڻ لاءِ هن ائين لکيو آهي. خود ابن خلدون جيڪو سندس همعصر هو تنهن کي پڻ سندس بيان ۾ شڪ محسوس ٿيو هو. ڏسو "مقدمه ابن خلدون". — مترجم.

جي ٻاهران هڪ چبوترو ٺهيل آهي، جنهن تي جلاد ويٺا هوندا آهن. جڏهن بادشاه ڪنهن کي مارڻ جو حڪم ڏيندو آهي، تڏهن ان کي "محل هزار ستون" (هزار ٿنڀن واري محل) جي سامهون ماريو ويندو آهي ۽ ان جو سر ٽن ڏينهن تائين پهرئين درواري جي ٻاهران لٽڪندو رهندو آهي.

پهرئين ۽ ٻئي دروازي جي وچ ۾ هڪ دهليز (ڏيڍي) آهي، جنهن جي ٻنهي طرفن چبوترا ٺهيل آهن، جن ۾ نوبت ۽ نقارن وارا ويٺا هوندا آهن، ۽ ٻئي درواري تي ان دروازي جا پهريدار هوندا آهن. ٻئي ۽ ٽئي درواري جي وچ تي وري هڪ وڏو چبوترو ٺهيل آهي جنهن تي نقيب النقبا ويٺو هوندو آهي. ان کي هڪ چمڪندڙ سونيءَ زريءَ لڳل ڪلاهه، جنهن جي مٿان مور جا کنڀ لڳل هوندا آهن، پهريل هوندو آهي. ٻين نقيبن جي چيلهه ۾ هڪ چمڪندڙ پٽو ٻڌل، مٿي تي سون جو پٽ لڳل شاشيو (ٽوپ جو قسم) ۽ هٿ ۾ چانديءَ يا سون جي مٺي سان چهبڪ هوندو اٿن.

ٻئي دروازي سان لڳ هڪ وڏو ديوان خانو ٺهيل آهي، جنهن ۾ عام ماڻهو ويٺا هوندا آهن. ٽئين دروازي تي وري منشي ويٺا هوندا آهن، جن وٽ هڪ ڪتاب رکيل هوندو آهي ۽ هنن جو ڪم آهي ته ڪنهن به ماڻهوءَ کي، سندس نالو انهي ڪتاب ۾ درج ڪرڻ کان سواءِ، اندر نه ڇڏين. هر هڪ امير جي ساٿين جي الڳ الڳ داخلا ڪئي ويندي آهي ۽ منشي پنهنجي روزنامچي ۾ لکندا ويندا آهن ته فلاڻي امير سان گڏ هيترا ماڻهو فلاڻي وقت آيا. بادشاه اهو روزنامچو عشا جي نماز کان پوءِ ڏسندو هو. ان روزنامچي ۾ دروازن تي جيڪي وهيو واپريو، تنهن جو مفصل احوال لکيو ويندو هو. بادشاهه جي پٽن مان هڪ جو اهو فرض هوندو هو ته اهو روزنامچو بادشاهه جي سامهون پڙهڻ لاءِ پيش ڪري.

هيءُ به دستور هوندو هو ته ڪو به امير ٽن ڏينهن يا

Marfat.com

وڏڪ عرضي ٿاڻين ڪنهن سبب جي ڪري يا بنان ڪنهن سبب جي غير حاضر رهندو هو، تہ وري بادشاهہ جي خاص اجازت نٿين طرح حاصل ڪرڻ کان سواءِ دروازي جي اندر وڃي نہ سگهندو هو. جيڪڏهن اهو اسير بيماريءَ يا ٻڍي ڪنهن خاص سبب ڪري اچي نہ سگهندو هو، تہ هو جنهن ڏينهن ڏينهن بہ ايندو هو تہ پنهنجي حيثيت مطابق ڪجهہ نہ ڪجهہ تحفو ضرور پاڻ سان آڻي بادشاه جي اڳيان پيش ڪندو هو. اهڙيءَ طرح سان اهو بہ دستور هوندو هو تہ ڪوبہ شخص پهريون دفعو جڏهن بادشاهہ جي سلامي لاءِ ايندو هو تہ بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ تحفي طور ضرور پيش ڪندو هو. جيڪڏهن مولوي هوندو هو تہ قرآن شريف يا ٻيو ڪو ڪتاب، فقير تہ تسبيح يا مصلو يا ڏندڻ، امير وري گهوڙا يا آٽ يا هٿيار. مطلب تہ حيثيت آهر سڀئي نذرانا پيش ڪندا هئا.

هن ٿين دروازي جي اندرئين پاسي هڪ وڏو ميدان آهي، جنهن ۾ هڪ ديوان خانو ٿهيل آهي. ان ديوان خاني جو نالو هزار ستون آهي، ڇو تہ ان جي ڇت جيڪا سڄي ڪاٺ جي آهي، سا ڪاٺ جي هڪ هزار ٿنڀن تي بيٺل آهي. انهن ٿنڀن ۾ ڇت تي روغن ڪيل آهي ۽ طرح طرح جا نظارا ۽ ڇت انهن تي ڇڻيل آهن. سڀ ساڻهو هن جي هيٺان اچي ويهندا آهن ۽ عام جلسي وقت بادشاه بہ اچي اتي ويهندو آهي.

## بادشاه جو مجلس عام ۾ ويهڻ جو طريقو

گهڻو ڪري هيءَ مجلس عصر جي نماز کان پوءِ ٿيندي آهي، ۽ ڪڏهن ڏينهن جي پهرئين وقت ۾ ٻڌ ٿيندي آهي. بادشاهہ جي ويهڻ جي جاءِ خاص مقرر ٿيل آهي، جيڪا ڪجهہ بلنديءَ تي ٿهيل آهي ۽ ان تي صدي قسم جو غاليچو وڇايل هوندو آهي. بادشاهہ جي پٺيان هڪ وڏو طول ۽ ساڄي ۽ کاٻي پاسي کان بہ ننڍا طول هوندا آهن، اها بہ ڪڪ اهڙي هوندي آهي،

Marfat.com

جهڙو ڪو ماڻهو قعد جي حالت ۾ ويهندو آهي، ۽ گهڻو ڪري هندستان ۾ اهڙي ئي بيٺڪ استعمال ڪئي ويندي آهي.

جڏهن بادشاهه ويهي رهندو آهي تڏهن سندس سامهون وزير اچي بيهندو آهي ۽ ڪاتب وري وزير جي پٺيان هوندا آهن. انهن جي پٺيان وري حاجب ۽ نائب حاجب هوندا آهن. اڄڪلهه حاجبن جو سردار بادشاهه جو سوٽ ملڪ فيروز آهي. ان جي پٺيان سندس نائب هوندو آهي. ان کان پوءِ خاص حاجب، تنهن کان پوءِ نائب، خاص حاجب ڪليدار ۽ ان جو نائب شريف الحجاب، سيد الحجاب، ۽ انهن سڀني کان پوءِ نقيب، جيڪي تعداد ۾ هڪ سؤ هوندا آهن، بيهي ويندا آهن. جنهن وقت بادشاهه ويهي رهندو آهي، تنهن وقت نقيب بسم الله چوندا آهن. بادشاهه جي پٺيان ملڪ قبولو بيهندو آهي، جنهن جي هٿ ۾ هڪ مورڇل هوندو آهي، جنهن سان هو مکيون هڪليندو آهي.

بادشاهه جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي هڪ هڪ سؤ مسلح سپاهي هٿن ۾ ڍالون، تلوارون ۽ تير ڪمان جهليو بيٺا هوندا آهن. ديوان خاني جي ويڪر ۾ کاٻي ۽ ساڄي طرف قاضي القضاة، ان کان پوءِ خطيب الخطباء، پوءِ ٻيا وڏا وڏا فقيهه، پوءِ سيد، پوءِ ٻيا مشائخ، پوءِ بادشاهه جا ڀائر ۽ ناٺي، انهن کان پوءِ وڏا وڏا امير، پوءِ پرديسي ۽ ڌارين ملڪن جا سفير، ۽ پوءِ فوج جا آفيسر بيهي ويندا آهن. ان کان پوءِ سٺ گهوڙا زينن ۽ لغامن سميت ايندا آهن، جن کي تمام عمدا ساز سامان ۽ زيور پهريل هوندا آهن. ڪن جا لغام ۽ پٽا ڪاري ريشم جا ته ڪن جا سفيد ريشم جا هوندا آهن. انهن تي بادشاهه کان سواءِ ٻيو ڪو به سواري نه ڪندو آهي. اهي گهوڙا اڌ ساڄي ۽ اڌ کاٻي طرف اهڙيءَ طرح بيهاريا ويندا آهن، جو جيئن انهن سڀني تي بادشاهه جي نظر پئجي سگهي.

ان بعد پنجاهه هاٿي ايندا آهن، جن تي سونيءَ زري سان ريشم جا ڪپڙا پيل هوندا آهن. انهن جي ڏندن ( tusks ) تي

Marfat.com

لوهي پٽ چڙهيل هوندا آهن. گهڻو ڪري هنن هاٿين کان ڏوهه دار (مجرم) ماڻهن کي مارڻ جو ڪم ورتو ويندو آهي. هر هڪ هاٿيءَ جي مٿان فيلبان هوندو آهي، جنهن جي هٿ ۾ لوهه مان ٺهيل تبرزين (Hook) نالي اوزار هوندو آهي، جنهن سان هو هاٿيءَ کي هڪليندا آهن. انهن هاٿين جي مٿان هڪ ڍڪ سان پيتي ٻڌل هوندي آهي، جنهن ۾ ويهه يا انهن کان ڪجهه گهٽ وڌ، هاٿيءَ جي ويڪر آهر، جنگي سپاهي ويهي سگهندا آهن. هي هاٿي اهڙا ته سيکاريل آهن، جو جنهن وقت حاجب بسم الله چوندو آهي، تنهن وقت هو سر جهڪائي سلام ڪندا آهن. هي هاٿي به اڌ هڪ طرف ۽ اڌ ٻئي طرف قطار ۾ بيهاريا ويندا آهن.

هر هڪ شخص پهريائين بادشاهه وٽ اچي، سلام ڪري، پوءِ وڃي پنهنجي مقرر جڳهه تي بيهي رهندو آهي. جڏهن ڪو هندو سلاميءَ تي ايندو آهي ته حاجب ۽ نقيب بسم الله چوڻ جي بدران هداڪ الله (خدا توکي هدايت ڏئي) چوندا آهن. بادشاهه جا غلام هٿن ۾ تلوارون ۽ ڍالون کڻي، ماڻهن جي پٺيان اهڙيءَ طرح بيٺا هوندا آهن، جو ڪوبه ماڻهو هنن وٽان لنگهي، اندر وڃي ڪين سگهندو آهي، بلڪ جيڪو به شخص ايندو آهي، سو نقيبن ۽ حاجبن جي بيهڻ واريءَ جاءِ تان لنگهي، پوءِ اندر ايندو آهي.

Marfat.com

فصل ٻيو

# ٻاهرين ملڪن جي مسافرن جي نذراني رکڻ جو طريقو

جيڪڏهن ڪو ٻاهرئين ملڪ جو ماڻهو بادشاهه جي سلامي لاءِ ايندو آهي تہ پهريائين دروازي تي اطلاع ڪندو آهي. پوءِ سڀ کان اڳ ۾ امير صاحب، انهيءَ جي پٺيان ان جو نائب پوءِ سيد الحجاب، شرف الحجاب هڪڙي جي پٺيان هلندا اچي بادشاهه جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا آهن ۽ ٽي دفعا جهڪي سلام ڪري، عرض ڪندا آهن تہ فلاڻو شخص سلام لاءِ حاضر ٿيو آهي. جڏهن اجازت ملندي آهي تڏهن ان ماڻهوءَ جا تحفا اهڙيءَ طرح رکايا ويندا آهن، جيئن بادشاهه جي انهن ڏي نظر پڄي سگهي. پوءِ حڪم ٿيندو آهي تہ تحفا آڻيندڙ کي گهرايو وڃي. پوءِ اهو شخص بادشاهه جي ويجهو پهچڻ کان اڳ ئي ٽي دفعا اڃي ئي جهڪي سلام ڪندو آهي. پوءِ اتان هلي، حاجبن جي ٻاهر واريءَ جاءِ تي پهچي، وري به اهڙيءَ طرح سلام ڪري، باادب بيهي رهندو آهي.

جيڪڏهن ڪو وڏو ماڻهو هوندو آهي تہ ميرِ حاجب واريءَ صف ۾ اچي بيهندو آهي، تہ ان جي پٺيان ئي بيهندو آهي. بادشاهه هن سان تمام فرمائيءَ ۽ گهٽيءَ مهرباني سان گفتگو ڪندو آهي ۽ سندس مرحبا ڪندو آهي. جيڪڏهن وڏيءَ عزت جو لائق هوندو آهي تہ بادشاهه ساڻس هٿ ملائيندو آهي يا

ڀاڪر پائي ساڻس ملندو آهي ۽ هن جي نذراني رکيل شين مان ڪي گهرائي ڏسندو آهي، جيڪڏهن ڪو ڪپڙو يا هٿيار هوندو آهي، ته ان کي ڦيرائي گهيرائي ڏسندو آهي، ۽ ان ماڻهوءَ جي دل وٺڻ لاءِ ان شيءِ جي تعريف ڪندو آهي. پوءِ هن کي مناسب خلعت ڏني ويندي آهي ۽ ان بعد سندس لياقت آهر کيس دستور موجب مٿي ڌوئارڻ جي رقم ڏيڻ جو حڪم ڏنو ويندو آهي.

## سرڪاري ماڻهن جي نذراني پيش ڪرڻ جو طريقو

جڏهن سرڪاري ماڻهو نذرانو پيش ڪندا آهن يا ڪنهن ملڪ جي ڍل آڻيندا آهن، ته ڪي سون جا برتن جهڙوڪ تشتريون يا ڪونئرا يا اهڙي قسم جون ٻيون شيون ۽ سون جون سرون، جن کي خشت به ڪري چوندا آهن، ٺهرائي کڻي ايندا آهن. فراش جيڪي بادشاهه جا غلام هوندا آهن، انهن مان هڪ هڪ شيءِ يا سر هٿ ۾ کڻي، بادشاهه جي سامهون اچي بيهندا آهن. جيڪڏهن ڪو هاٿي نذراني لاءِ آڻيندا آهن، ته اهو هاٿي به اتي پيش ٿيندو آهي. ان کان پوءِ ساز ۽ سامان سان گهوڙا، خچر ۽ اٺ، جن تي مال متاع لڏيل هوندو آهي، پيش ڪيا ويندا آهن.

جڏهن بادشاهه دولت آباد مان موٽي آيو هو، تڏهن وزير خواجه جهان شهر بيانه مان ٻاهر نڪري، اهڙيءَ ترتيب سان پيش ڪيو هو، جهڙيءَ طرح هينئر مٿي بيان ڪيو اٿم. انهيءَ نذراني ۾ هن هڪ ٿالهي ياقوتن جي، هڪ ٿالهي زمردن جي ۽ هڪ ٿالهي موتين سان ڀريل پيش ڪيون هيون. ان موقعي تي عراق جي بادشاهه سلطان ابو سيده جو سوٽ حاجي ڪائون به موجود هو. بادشاهه ان نذراني جو ڳچ حصو هن کي بخشي ڇڏيو هو، جنهن جو بيان اڳتي ڪنهن موقعي تي ڪندس.

## عيد نماز لاءِ جلوس ڪڍڻ جي رسم

عيد واريءَ رات بادشاهه پنهنجي طرفان اميرن، وزيرن،

Marfat.com

مصاحبن، مسافرن، منشين، حاجبن، نقيبن، آفيسرن، غلامن ۽ اخبار نويسن ڏانهن سندن مرتبي آهر هڪ هڪ خلعت سوڪلينڊو آهي. جڏهن صبح ٿيندو آهي تڏهن هاڏي سينگاريا ويندا آهن، جن تي سون ۽ هيرا جواهر لڳل ريشمي جهاڀا ۽ جهولٽا وڌا ويندا آهن. انهن مان هڪ سؤ هاڏي خاص بادشاهه جي سواريءَ جا هوندا آهن. انهن سيني تي هيرن ۽ جواهرن سان جڙيل ريشمي چٽ لڳل هوندا آهن. هر هڪ چٽ جي وچين ڏندي خاص سون جي هوندي آهي.

هرهڪ هاڏيءَ تي هڪ جواهرات سان جڙيل ريشمي گدي رکي ويندي آهي. هڪ هاڏيءَ تي بادشاهه سواري ڪندو آهي. سندس اڳيان هڪ سينگاريل زين، جنهن تي به هيرا ۽ جواهر مڙهيا ويندا آهن، هوندي آهي، جنهن تي هڪ چند تاري وارو برچم لهرايو ويندو آهي. بادشاهه جي هاڏيءَ جي اڳيان، غلام ۽ پيا نوڪر چاڪر پيرن پيادا هلندا آهن، جن مان هرهڪ کي مٿي تي ٽوپ ۽ سوني زري لڳل ڪمر پٽا، جن مان ڪن تي جواهرات به لڳل هوندا آهن، پهريل هوندا آهن. بادشاهه جي اڳيان ڏي سؤ کن جي تعداد ۾ نقيب پڻ هوندا آهن، جن جي مٿي تي مخملي ڪلاه، سون لڳل ڪمر پٽا ۽ هٿن ۾ سوني مٿي سان چهبڪ هوندا آهن. صدر جهان قاضي القضاة ڪمال الدين غزنوي، صدر جهان قاضي القضاة ناصر الدين خوارزمي ۽ پيا سڀ قاضي، ۽ بلند مرتبي جا غير ملڪي ماڻهو جيئن ته عراقي، خراساني، شامي، مصري، مغربي وغيره سڀ هاڏين تي سوار ڪيندا آهن.

هت سڀني غير ملڪي ماڻهن کي گهٽو ڪري خراساني ڪري سڏيندا آهن. مؤذن پڻ هاڏين تي چڙهندا آهن ۽ تڪبيرون هڻندا هلندا آهن. بادشاهه جي سواري مٿين نموني سان شاهي محل جي دروازي سان باهر ايندي آهي. لشڪر باهر منتظر بيٺو هوندو

Marfat.com

آهي ۽ هر هڪ امير پنهنجو لشڪر وٽي الڳ الڳ بيٺو هوندو آهي. هرهڪ لشڪر وٽ پنهنجي پنهنجي بٽنڊ (نغارن ۽ شرنائين سان) هوندي آهي. سڀ کان پهريائين بادشاهه جي سواري اڳتي وڌندي آهي. بادشاهه جي اڳيان اهي ٽي ساڻهو هوندا آهن جن جو مٿي بيان ڪيو ٿو، ۽ قاضي ۽ موذن تڪبيرون هڻندا هلندا آهن. بادشاهه جي پٺيان وري بٽنڊ باجي وارا هوندا آهن ۽ انهن جي پٺيان سندس خدمتگار هلندا آهن. پوء بادشاهه جي پاڻ مبارڪ خان جي سواري، سندس لشڪر ۽ بٽنڊ باجي وارن سميت. اهڙيءَ طرح سان ان کان پوء بادشاهه جي پائٽي بهرام خان جي سواري، ان کان پوء بادشاهه جي سوٽ ملڪ فيروز جي سواري، پوء وزير جي سواري، پوء ملڪ مجير بن ذرالرجا جي سواري، ۽ پوء ملڪ قبوله جي سواري.

هي امير (ملڪ قبوله) بادشاهه جو تمام گهڻو پيارو ۽ دادلو آهي ۽ بادشاهه ٽي گهڻي حجت رکندو آهي ۽ تمام وڏو دولتمند پڻ آهي. سندس ديوان، ملڪ علاءُ الدين مصري، جڏهو ابن مرشي جي نالي سان مشهور آهي، مون سان گالهيون ڪندو هو ته رڳو سندس لشڪر ۾ نوڪرن چاڪرن جو سالياڻو خرچ چٽيهه لک روپيا اڇي ويندو آهي. ان کان پوء ملڪ ڪبير جي سواري، پوء ملڪ بغرا جي سواري، پوء ملڪ مخلص جي سواري، پوء قطب الملڪ جي سواري، جن سان هر هڪ سان گڏ سندن لشڪر ۽ بٽنڊ باجا وڄائيندڙ هوندا آهن. هي ساڻهو، جن جي سواريءَ جو مون بيان ڪيو آهي، سي وڏا امير ليکيا ويندا آهن ۽ هميشه بادشاهه جي خدمت ۾ رهندا آهن. عيد جي ڏينهن هو سڀ بادشاهه سان گڏ بٽنڊ باجن سميت گڏجي ويندا آهن، ۽ باقي بيا امير اٽين ٽي ڏنان ڪنهن بٽنڊ باجي ۽ لشڪر جي، گڏجي ويندا آهن، چاڪاڻ ته اهي درجي ۾ گهٽ هوندا آهن. عيد جي ڏينهن هر هڪ شخص پنهنجي گهوڙي تي زرهپوش سوار ٿي، جلوس ۾ شامل ٿيندو آهي.

Marfat.com

جڏهن بادشاه عيدگاه جي دروازي تي پهچندو آهي، تڏهن اتي ترسي، حڪم ڪندو آهي ته قاضي، مؤذن، وڏا وڏا امير ۽ وڏي مرتبي وارا غير ملڪي ماڻهو پهريائين اندر داخل ٿين. تنهن کان پوءِ بادشاه لهي اندر ويندو آهي. پوءِ امام نماز شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ خطبو پڙهندو آهي. جيڪڏهن بقر عيد هوندي آهي ته هڪ اٺ آڻيندا آهن، جنهن کي بادشاه رمح سان، جنهن کي نيزو ڪري چوندا آهن، نحر (قرباني) ڪندو آهي. هن قرباني ڪرڻ کان اڳ بادشاه پنهنجي ڪپڙن جي مٿان هڪ ريشمي ڪپڙو ڏيکيندو آهي، جيئن رت لڳڻ ڪري ڪپڙا خراب نه ٿين. هن قرباني ۽ کان پوءِ هو هاڻي ۽ تي سوار ٿي محل ڏانهن واپس ايندو آهي.

## عيد جي مجلس ۽ تخت وغيره جو بيان

عيد جي ڏينهن سڄي ديوان خاني ۾ گلم ۽ غاليچا وڇائي، ان کي طرح طرح جي نمونن سان سينگاريو ويندو آهي. ۽ ديوان خاني جي ڪشادي اڳڻ ۾ بارڪة (بارگاه) (١) لڳائي ويندي آهي. اها بارڪ اصل ۾ هڪ وڏو تنبو ٿيندو آهي، جنهن کي تمام مضبوط ٽنبين تي بيهاريو ويندو آهي ۽ ان جي چئني طرفن کان ننڍا ننڍا تنبو لڳايا ويندا آهن. ازانسواءِ اتي ريشم مان تيار ڪيل ننڍڙا وڻ پڻ لڳايا ويندا آهن، جن ۾ رنگا رنگي ريشمي ننڍڙا گل هوندا آهن. سڄي ديوان خاني ۾ انهن وڻن جون ڏي قطارون لڳايون ويندڙيون آهن. پن پن وڻن جي وچ تي هڪ سون جي ڪرسي رکيل هوندي آهي، جنهن جي مٿان رومال سان ڊکيل

---

(١) بارڪة: "آئين اڪبري" جي پهرئين جلد ۾ صفحي ٣٣ تي هڪ بارڪ جي شڪل ڏيکاري ويئي آهي. ابوالفضل لکي ٿو ته وڏي بارگاه جي هيٺان اٽڪل ڏهه هزار ڪن ماڻهو ويهي سگهن ٿا ۽ ان کي هڪ هزار فراش (غلام) ستن ڏينهن جي عرصي ۾ کڙو ڪري سگهن ٿا. ساري بارگاه جي ناهڻ تي گهٽ ۾ گهٽ ڏهه هزار روپيا خرچ اچي ٿو، پر جيڪڏهن زري، زربفت ۽ مخمل جو ڪم هجيس ته ان کان گهڻو وڌيڪ خرچ اچيس ٿو.
— مترجم

Marfat.com

هڪ گدي رکي ويندي آهي. ديوان خاني جي وچ تي وري هڪ وڏو تخت رکيو ويندو آهي.

هيءَ تخت خاص سون جو ٿهيل آهي، جنهن ۾ جواهرات لڳل هوندا آهن. ان جي ڏيگهه ۳۲ هٿ ۽ ويڪر ان جي اڌ جيتري. ان جا ٽڪرا الڳ الڳ هوندا آهن. جڏهن ان کي ديوان خاني ۾ لڳائڻو هوندو آهي، تڏهن جدا جدا ٽڪرا ڪنديءَ اهو تخت ٺاهيو ويندو آهي. انهن ٽڪرن کي ڪيترائي ماڻهو کڻندا آهن. ان جي مٿان وري هڪ ڪرسي رکي ويندي آهي، جنهن جي مٿان ڇت هوندو آهي. بادشاه جڏهن تخت تي ويهندو آهي، تڏهن نقيب ۽ حاجب بسم الله چوندا آهن. پوءِ هڪ هڪ ماڻهو سلام لاءِ اڳتي وڌندو رهندو آهي. سڀ کان پهريائين قاضي، خطيب، عالم، سيد، مشائخ ۽ بادشاه جا عزيز قريب اڳتي وڌندا آهن. انهن کان پوءِ غير ملڪي ماڻهو، پوءِ وزير، پوءِ فوج جا وڏا وڏا آفيسر، پوءِ جوونا جهوڻا غلام ۽ پوءِ فوج جا سردار وغيره وڌندا ايندا آهن. اهڙيءَ طرح سان (واري واري سان ايندي،) هر هڪ ماڻهو سهوليت سان سلام ڪري واپس اچي پنهنجي جاءِ ويندو آهي.

هيءَ به دستور آهي ته عيد جي ڏينهن، اهي ماڻهو جن کي جاگيرون ۽ ڪوٺ وغيره مليل آهن، سي ڪجهه اشرفيون هڪ رومال ۾ ٻڌي، جنهن تي پيش ڪرڻ واري جو نالو لکيل هوندو آهي، سون جي وڏن ٿالهن ۾، جڪي انهيءَ مطلب لاءِ ٺهرايا ويا آهن، وجهندا ويندا آهن. اهڙيءَ طرح سان تمام گهڻو مال گڏ ٿي ويندو آهي، جنهن سان بادشاه جنهن کي چاهي، تنهن کي انعام ڏيندو ويندو آهي. جڏهن سلام ختم ٿيندو آهي، تڏهن کاڌو آڻيندا آهن.

عيد جي ڏينهن، درج جي شڪل جهڙي، خالص سون سان ٺهيل هڪ وڏي چلهه آڻي رکندا آهن. ان جا به الڳ الڳ ٽڪرا هوندا آهن، جڪي باهران آڻي، انهن کي ڪنديءَ، اها ٺاهي رکندا آهن. ان ۾ لڳ عدد خالا ٿيندا آهن، جن ۾ فراش (غلام)

اندر وڃي، عود، الائچي ۽ مشڪ عنبر جلائي ڇڏيندا آهن.
انهن جي خوشبوءِ سان سڄو ديوان خانو واسجي ويندو آهي.
غلامن جي هٿن ۾ وري گلابدانيون هونديون آهن، جن سان
هو حاضرين مجلس تي گلاب ۽ ٻين گلن جا عرق ڇڙڪائيندا
رهندا آهن. هيءُ وڏو تخت ۽ چلهه (مجنرة العظمي) فقط عيد جي
ڏينهن ئي ٻاهر ڪڍيا ويندا آهن.

عيد ڪان پوءِ بادشاه هڪ ٻئي تخت تي ويهندو آهي، جو
ڀڻ سون سان ٺهيل هوندو آهي. اها مجلس بارگاه ۾ ٿيندي آهي.
بارگاه جا ٽي دروازا ٿيندا آهن، جن جي اندر بادشاه ويهندو آهي.
پهرئين دروازي تي مرتير عمادالملڪ، ٻئي دروازي تي ملڪ
نڪبه ۽ ٽئين دروازي تي يوسف بغرا بيهندا آهن. بادشاه جي
ساڄي ۽ ڪابي طرف وري ٻيا امير ٻيٺا هوندا آهن. بارگاه جو
ڪوتوال ملڪ طغني آهي، جنهن جي هٿ ۾ سون جو لڪڻ ۽
ان جي نائب جي هٿ ۾ چاندي جو لڪڻ هوندو آهي. هي
ٻئي درٻارين کي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ويهاريندا ۽ سندن صفون
سڌيون ڪندا رهندا آهن. وزير ۽ ڪاتب انهن جي پٺيان ٻيٺا
هوندا آهن، ۽ اهڙيءَ طرح سان حاجب ۽ نقيب به پنهنجي مقرر
جاءِ تي هوندا آهن.

ان ڪان پوءِ راڳ ۽ ناچ وارا ايندا آهن. سڀ ڪان اول
هندو راجائن جون ڏيون، جيڪي لڙائيءَ يا جنگ ڪان پوءِ قيد
ڪري آنديون ويندڙون آهن، اڇي نچڻ ڏيون ۽ راڳ ڳائيندڙون
آهن. انهن کي بادشاه پنهنجي ويجهن عزيزن، نائبن ۽ شهزادن ۽
امين تي ورهائي ڇڏيندو آهي. هيءَ مجلس عصر جي وقت ڪان
پوءِ ٿيندي آهي. عيد جي ٽئين ڏينهن، بادشاه جي عزيزن خويشن
جا نڪاح وغيره ٿيندا آهن ۽ ڪيئن جاگيرون انعام ۽ ملندڙون آهن.
چوٿين ڏينهن غلامن کي آزاد ڪيو ويندو آهي، پنجين ڏينهن
ڀانڊن آزاد ڪيون ويندڙون آهن، ڇهين ڏينهن ڀاڻن ۽ ڀانڊن
جون شاديون ۽ نڪاح ٿيندا آهن ۽ ستين ڏينهن عام طرح سان
خير خيرات ڪئي ويندي آهي.

Marfat.com

## فصل ڏيون

# بادشاه جي سفر ڏان واپسيءَ جو جلوس

بادشاه جڏهن سفر ڏان واپس ايندو آهي، تڏهن هاڻين کي سينگاريو ويندو آهي ۽ سورنهن هاڻيون تي سورنهن زريءَ ۽ جواهرات سان جڙيل چٽ لڳايا ويندا آهن، ۽ غلام سندس اڳيان جواهر ۽ موتين سان جڙيل ڪپڙو ڪٽي هلندا آهن. ازانسواءِ ڪاٽ جا ڪيترين ئي منزلن جا برج ناهيندا آهن، جن کي ريشمي ڪپڑا ويڙهي ڇڏيندا آهن، جن ۾ هرهڪ منزل تي ٻاڻهيون Slave girls هار سينگار ڪري، موجود رهنديون آهن. هرهڪ برج جي وچ ۾ هڪ چمڙي جو حوض ٿهيل هوندو آهي، جنهن ۾ ڏڏو شربت پريل هوندو آهي. هي غلام زادهون هرهڪ ماڻهوءَ، شهري توڙي پرديسي مسافر، کي انهيءَ حوض مان پاڻي پيارينديون رهنديون آهن؛ جڏهن اهي پاڻي پي بس ڪندا آهن، تڏهن انهن کي يڪدم ٻاڻ ۽ سوٻارهون ڪائڻ لاءِ ڏينديون آهن.

شهر کان شاهي محل تائين رستي جي ٻنهي طرفن ديوارين کي ريشمي ڪپڙن سان سينگاري ڇڏيندا آهن، ۽ اهڙيءَ طرح انهيءَ رستي تي ۽ ريشمي ڪپڑي جو فرش وڇايو ويندو آهي، جنهن تان بادشاه جو گهوڙو هلندو آهي. بادشاه جي اڳيان هزارين غلام هلندا آهن ۽ پٺيان فوج هلندي ايندي آهي. ڪن وقتن تي سون اهو به ڏٺو آهي ته هاڻين تي ٽي يا چار ننڍيون منجنيقون ڇاڙهي ڇڏيندا آهن، جن جي وسيلي دينار ۽ درهم ماڻهن ڏانهن اڇلائيندا رهندا آهن. اها دينارن ۽ درهمن جي

Marfat.com

ورکا (وس) شهر جي دروازي کان شاهي محل تائين جاري رهندي آهي.

## بادشاه جو خاص دستر خوان

بادشاه جي محل ۾ ٻن قسمن جا دستر خوان ٿيندا آهن، هڪ خاص ٻيو عام. خاص اهو آهي، جنهن مان بادشاه خود نوش فرمائيندو آهي ۽ جنهن ۾ رڳو خاص خاص امير، بادشاه جو سوٽ فيروز، عمادالملڪ سر تيز ۽ مير مجلس يا غير ملڪي ماڻهن مان ڪو جنهن تي بادشاه کي خاص نوازش ڪرڻ منظور هوندي آهي، شرڪت ڪندا آهن. ڪنهن وقت، جيڪڏهن بادشاه کي حاضرين مجلس مان ڪنهن تي خاص مهرباني ڪرڻي هوندي آهي، ته پاڻ هڪ پليٽ کڻي، ان تي هڪ ماني رکي، پنهنجي هٿن سان ان شخص کي ڏيندو آهي. اهو شخص وري اِها پليٽ کاٻي هٿ سان وٺي، ساڄي هٿ سان ڊگهو سلام ڪندو آهي.

ڪڏهين انهيءَ خاص دستر خوان مان ڪنهن غير حاضر شخص لاءِ پڻ کاڌو موڪليو ويندو آهي، ته هو به اهڙي طريقي سان اهو کاٻي هٿ ۾ وٺي ساڄي سان سلام ڪندو اهي، جيئن حاضر ماڻهو ڪندا آهن، ۽ پوءِ جيڪي به ٻيا ماڻهو اتي موجود هوندا آهن انهن سان گڏجي اهو کاڌو کائيندو آهي. مان پاڻ به انهيءَ خاص دستر خوان ۾ ڪيترائي ڀيرا شريڪ ٿيو آهيان. هن خاص دستر خوان ۾ ڏهاڪو کن ماڻهو شامل ٿيندا آهن.

## بادشاه جو عام دستر خوان

هن دستر خوان جو کاڌو شاهي باورچي خاني مان آندو ويندو آهي. ان جي اڳيان نقيب هلندا آهن جيڪي بسم الله چوندا ايندا آهن ۽ انهن سڀني جي اڳيان وري نقيب النقباء هوندو آهي، جنهن جي هٿ ۾ سونو لڪڻ ۽ سندس نائب جي هٿ

Marfat.com

۾ چانديءَ جو لڪڻ هوندو آهي. جڏهن اهي چوٿين دروازي تائين ايندا آهن تڏهن جيڪي به ماڻهو اتي حاضر هوندا آهن سي سندن آواز ٻڌي، اٿي بيهندا آهن. رڳو بادشاه ويٺو هوندو آهي. باقي ٻيا سڀ اٿندا آهن. پوءِ کاڌو زمين تي رکي، سڀ نقيب قطار ٻڌي، هڪ طرف بيهي ويندا آهن. بادشاه جي تعريف سندن سردار ڪندو آهي ۽ هيٺ نمي زمين چمندو آهي. اهڙيءَ طرح سڀ نقيب ۽ سڀ حاضرين نمي زمين چمندا آهن.

اهو به دستور آهي ته هن موقعي تي جيئن ئي نقيب جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي، تيئن جيڪو ماڻهو هلندڙ هوندو آهي سو اتي جو اتي بيهي ويندو آهي ۽ جيڪو بيٺل هوندو آهي سو اتي ئي ڄمي ويندو آهي. نقيب ۽ سندس نائب جي تعريف ختم ٿيڻ کان اڳ ڪوبه شخص نه ئي چري پري سگهندو آهي نه وري ڪو آواز وات مان ڪڍي سگهندو آهي. پوءِ سڀ ويهي ويندا آهن ۽ سڀ بادشاه جي اڳيان نمي زمين چمندا آهن. منشي وري سڀني حاضرين جا نالا لکي ڇڏيندو آهي. نالا سڀني جا لکيا ويندا، توڙي بادشاه کي انهن ماڻهن جي هجڻ جي خبر به هجي. پوءِ بادشاه جي ڇوڪرن مان هڪ، اها نالن جي لسٽ بادشاه وٽ کڻي ويندو آهي، جنهن کي ڏسي بادشاه حڪم ڏيندو آهي ته اڄ فلاڻو امير ماني کارائي.

سندن کاڌي ۾ ڪڻڪ جون مانيون، ڀڳل گوشت، چانور، مرغ ۽ سنبوسا وغيره هوندا آهن، جن جو مان اڳئي تفصيل سان بيان ڪري آيو آهيان. دسترخوان جي وچ تي قاضي، خطيب، فقيه، سيد ۽ مشائخ هوندا آهن. انهن کان پوءِ بادشاه جا عزيز ۽ وڏا وڏا امير حيثيت آهر ويهندا آهن. هر هڪ ماڻهوءَ جي ويهڻ جي جاءِ مقرر هوندي آهي، جيڪا کيس معلوم هوندي آهي، ۽ ان ۾ ڪنهن به قسم جي تڪليف ڪانه ٿيندي آهي. جڏهن سڀ ماڻهو ويهي ويندا آهن تڏهن شربدار ايندا آهن، جن جي

Marfat.com

هٽن ۾ سون، چاندي، ٽامي ۽ شيشي جا ٻيالا شربت سان پريل هوندا آهن. جڏهن سڀ شربت پي پس ڪندا آهن، تڏهن حاجب بسم الله چوندا آهن. ان وقت سڀ کائڻ شروع ڪندا آهن.

هر هڪ ماڻهوءَ جي اڳيان قسم قسم جا طعام ۽ هڪ وڏي پليٽ رکيل هوندي آهي. هڪ پليٽ ۾ ٻه ٻه ماڻهو کڏهن به نه کائيندا آهن، بلڪ سڀ الڳ الڳ کائيندا آهن. کاڌي کان پوءِ نقاءِ، قلعي جي ٻيالن ۾، آڻيندا آهن، جنهن کي حاجب جي بسم الله چوڻ تي ٻيئڻ شروع ڪندا آهن. ان کان پوءِ پان ۽ موپاريءَ جون ڳالهيون آڻيندا آهن جن مان هر هڪ ماڻهوءَ کي مٽ ڪن سوپارين ۽ پندرهن پان ريشمي ڏاڪي سان ويڙهيل ڏيندا ويندا آهن. ٻالن وغيره جي ورهاست ختم ٿيڻ تي حاجب وري بسم الله چوندا آهن، ته يڪدم سڀ اٿي بيهي رهندا آهن. امير جيڪو ڪاڏو ڪارائڻ تي مقرر ڪيو ويندو آهي، سو نمي زمين چمندو آهي، ۽ پوءِ سڀ حاضرين به اهڙيءَ طرح زمين چمي، هليا ويندا آهن. هيءُ ڪاڏو ڏينهن ۾ به دفعا ٿيندو آهي، هڪ ظهر جي وقت کان اڳ ۽ ٻيو عصر جي وقت کان پوءِ.

Marfat.com

# باب پنجون

## فصل پهريون

# بادشاه جي سخاوت ۽ نيڪي

مان هن بادشاه جي سخاوت جي باري ۾ صرف اهو بيان ڪندس، جو مون پاڻ ڏٺو آهي، ۽ خداوند ڪريم ٿو چاڻي ته جيڪي به مان بيان ٿو ڪريان سو يمن، خراسان ۽ فارس جا سڀ ماڻهو چاڻن ٿا ۽ انهن جي شاهدي ڏي منهنجي سچيءَ حقيقت کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. مسافرن ۽ پرديسين تي هن جيڪي مهربانيون ڪيون، تن جي باري ۾ هنن ملڪن جي گهر گهر کي چاڻ آهي. هو غير ملڪين جو تمام گهڻو قدر ڪندو آهي ۽ انهن کي هندستانين تي ترجيح ڏيندو آهي، ڪين جاگيرون، انعام ۽ وڏا وڏا عهدا عطا ڪندو آهي. ازانسواءِ هن جو حڪم آهي ته ڪنهن به غير ملڪيءَ کي ڏاريو نه سمجهيو وڃي، بلڪ ان کي عزيز ڪري مخاطب ڪيو وڃي، چاڪاڻ ته هن جي خيال موجب غير ملڪي ماڻهوءَ کي ڏاريو سڏڻ هن جي دل شڪني ڪرڻي آهي.

## بادشاه جو شهاب‌الدين گازروني ۽ کي بخشش ڏيڻ جو قصو

گازرونْ شيراز جي پرسان هڪ شهر آهي، تنهن جو هڪ وڏو واپاري پرويز نالي هوندو هو، جنهن کي ملڪ التجار به ڪري چوندا هئا. شهاب الدين هن جو گهرو دوست هوندو هوو

Marfat.com

ملڪ برار کي بادشاهه جي طرفان ڪيل ڏاڍ ۽ ظلم جاگير ۾ ملڻ ۽ بادشاه هن سان وعدو ڪيو هو تہ هو ڪيس وزارت جي عهدو پڻ ڏيندو. هن پنهنجي دوست شهاب الدين کي گهرائي ورتو ۽ هن جي پڇڻ تي ڪيس چيائين تہ بادشاه جي لاءِ نذر تيار ڪر. هو ريشمي ۽ ڪمخواب جان گلن ۽ هوڏن جي زرين سان پرت پريل تنبو ۽ تولان، پيو سامان ۽ خچر وغيره ۽ پيون تمام قيمتي ۽ اعليٰ قسم جون شيون تيار ڪرائي، پنهنجي دوست ملڪ التجار وٽ ڪٽي آيو، جو اڳئي پنهنجي ملڪ جي دل ۽ نذر تيار ڪيو ويٺو هو.

هوڏانهن بادشاه جي وزير خواجه جهان کي اها خبر هئي تہ بادشاه پرويز کي وزارت جي عهدي ڏيڻ جو ساڻس وعدو ڪيو آهي. هي ڳاله، ڪيس تمام ناگوار لڳي، ۽ چاڪاڻ تہ هن ڏان اڳ ڪيات ۽ گجرات ڪيس جاگير ۾ ملڻ هٿا ۽ اتي جي ساڻهن سان هن جو دلي تعلق رهندو هو، جن سان گهٽا اهڙا هندو هوندا هئا، جن جو بادشاه سان تڪرار هلندو هو. انهن سان ڪن کي هن، يعني خواجه جهان، اشارو ڪري چڏيو تہ ملڪ التجار کي رستي ۾ ئي ختم ڪيو وڃي. تنهنڪري جڏهن ملڪ التجار نذر ۽ دل وغيره ڪٽي دارالخلافو ڏانهن راهي ٿيو ۽ هڪ ڏينهن، پوءِ ڪن ڏينهن چڙهڻي جو ٽيرن جي وقت هڪ منزل تي لهي سڀ پنهنجي ضرورت کان فارغ ٿيڻ ۾ مشغول هٿا ۽ ڪي تہ سمهي پيا، تڏهن اوچتو هندن جو هڪ وڏو ڪڪ اچي هنن تي ڪڙڪيو.

ملڪ التجار قتل ڏي ويو ۽ هن جو سڀ مال لٽيو ويو، پر دل ۽ سرڪاري نذر جو خزانو به اهي هندو ڪٽي ويندا رهيا. شهاب الدين جو به سڀ سامان لٽجي ويو. مگر سندس جان بچي ويئي. بادشاه جي اخبار نويسن سچي حقيقت بادشاه کي لکي، جنهن جو حڪم آيو تہ نهروال جي خزاني سان هن (شهاب الدين) کي ٽي هزار دينار ڏنا وڃن، جيئن هو پنهنجي ملڪ واپس وڃي

Marfat.com

سگهي. شهاب الدين کي جڏهن هيءُ حڪم ٻڌايو ويو تڏهن هن چيو ته مان بادشاه جي زيارت لاءِ نڪتو آهيان، تنهنڪري ضرور وڃي هن جي چالشٺ چمندس. بادشاه ڏانهن هن جو اهو جواب لکيو ويو، جنهن تي بادشاه ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اجازت ڏنائين ته شهاب الدين ڀلي دارالخلافه ڏانهن هليو اچي. جنهن ڏينهن هو دارالخلافه ۾ پهتو، تنهن ڏينهن اسان کي به بادشاه جي سامهون پيش ٿيڻو هو، تنهنڪري هو به اسان سان گڏجي هليو هو. بادشاه اسان کي خلعتون ڏنيون ۽ ترسڻ لاءِ چيائين ۽ شهاب الدين کي به گهڻو ئي ڪجهه ڏنائين. ان کان پوءِ بادشاه حڪم ڏنو ته مون (ابن بطوطه) کي ڇهه هزار تنڪا ڏنا وڃن. ۽ انهيءَ ئي ڏينهن شهاب الدين جي باري ۾ دريافت ڪيائين ته هو ڪٿي آهي. جنهن تي بهاء الدين ابن فلڪي چيو ته "آخوند عالم نميدانم" معنيٰ خبر ڪانه اٿم، پر پوءِ چيائين ته "شنيدم زحمت دارد" معنيٰ ٻڌو اٿم ته هو بيمار ٿي پيو آهي. تنهن تي بادشاه فرمايو ته "برو ہميں زماں در خزانت يک لک تنکهٔ زر بگيري و پيش او ببري- تا دل او خش (خوش)، يعني ته هن ئي وقت خزاني ۾ وڃي، هن کي هڪ هزار تنڪا سون جا ڏيئي، هن کي خوش ڪيو وڃي.

اهو به حڪم ڏنائين ته هندستان ۾ تيار ٿيل جيڪو به سامان هن کي وڻي سو خريد ڪري ۽ جيستائين هن جي خريداري جاري رهي، ان وقت تائين ڪوبه شخص خريداري نه ڪري. ازانسواءِ بادشاه جي حڪم موجب ٽي جهاز سامان سان ڀريل ۽ راه خرچ لاءِ پيسا پڻ کيس ڏنا ويا.

جڏهن شهاب الدين هرمز پهتو، تڏهن اتي پنهنجي لاءِ هڪ وڏو عاليشان گهر تيار ڪرايائين. انهيءَ شهاب الدين کي مون وري شيراز ۾ ڏٺو، ته اتي هو سلطان ابو اسحاق جي بخشش جو طلبگار لڳو ويٺو هو، ڇو ته ان وقت هو پنهنجو سڀ ڪجهه

Marfat.com

خرچ ڪري بلڪل صفائيءَ تي ويٺو هو. هندستان جي دولت (١) جو حال هي آهي، جو پهريائين ته اها دولت هن ملڪ مان ٻاهر وڃي نٿي سگهي. پر جي ڪٿي اها وڃي به ته خدا تعاليٰ وري الهي ڪٿي ويندڙ تي اهڙي ڪا آفت نازل ٿو ڪري، جو اها هن وٽ اصل نٿي رهي سگهي. اهڙيءَ طرح سان شهاب الدين جي بيشمار دولت به سندس ڀائٽين ۽ هرمز جي بادشاه جي وچ ۾ هلندڙ تنازعي ۾ بلڪل ختم ٿي ويئي.

## شيخ الشيوخ رڪن الدين کي بخشش

هڪ دفعي بادشاه، مصر جي خليفي ابوالعباس ڏانهن تحفا وغيره موڪلي، درخواست ڪئي ته کيس منڊ ۽ هندستان تي حڪومت ڪرڻ جو اجازت نامو موڪليو وڃي. اصل ۾ هيءَ درخواست فقط اعتقاد جي ڪري موڪلي ويئي هئي. جنهن تي خليفي ابوالعباس هڪ اجازت نامو شيخ الشيوخ رڪن الدين جي هٿان ڏياري موڪليس. جڏهن شيخ رڪن الدين دارالخلافه ۾ پهتو، تڏهن بادشاه سندس استقبال تمام شاندار نموني سان ڪيو ۽ ڪابه

---

(١) ابن بطوط جو اهو خيال بلڪل غلط آهي. ٿي سگهي ٿو ته کيس پنهنجو ڪو تجربو هجي، جو جڏهن هندستان مان پنهنجي ملڪ موٽيو ٿي ويو، تڏهن هن کي ڦري بلڪل ڪنگال ڪري ڇڏيو ويو هو. جنهن جو تفصيل سان ذڪر ديباچي ۾ ڪيل آهي. شايد پنهنجي دل خوش ڪرڻ لاءِ به اهو خيال آڻي پنهنجي دل ٺاري اٿس، ۽ شهاب الدين جو مثال به کيس دل سان لڳو ٿو ڀانئجي، تنهن ته هيڪاري سندس خيال کي وڌيڪ پختو ڪيو آهي ۽ دل جو ارمان نڪري ويو اٿس. ورنه انگريز جو هينئر ايترا شاهوڪار آهن، سي ڪيئن ٿيا؟ هنن پنهنجي هندستان جي ٢٠٠ سالن جي دوران حڪومت ۾ جيڪو هندستان جو خزانو لٽيو سا سڀني کي خبر آهي. ابن بطوط ۽ ٻين مؤرخن جي روايت موجب هندستان ڪيڏو نه شاهوڪار ملڪ هو، جنهن ۾ ڪيترا هيرا، جواهر، قيمتي پٿر ۽ سون چاندي هئا. اهي سڀ مال هو پنهنجي ملڪن ۾ کڻي ويا، ۽ آهو سڄو مال ۽ سامان کين ڦٻي ويو ۽ هو دنيا جا وڏي ۾ وڏا تاجر بنجي ويا. — مترجم

ڪسر نہ ڇڏيائين. ازانسواءِ هو جڏهن بہ بادشاه وٽ سلاميءَ لاءِ ايندو هو تہ بادشاه اٿي بيهي کيس ادب سان ملندو هو. تنهن کان سواءِ هن کي جيڪي ڪجهہ بخشش ۾ ڏنائين تنهن جو تہ حساب ئي ڪونهي. رڳو گهوڙا جيڪي کيس ڏنائين، سي بہ سونن سنجن ۽ سامانن سوڌا هئا. نہ رڳو ايترو پر بادشاه کيس اهو پڻ حڪم ڏنو هو تہ موٽندي جڏهن هو جهاز تان لهي خشڪيءَ تي هلڻ شروع ڪري، تڏهن گهوڙي کي نعل بہ سون جا هڻائي.

پوءِ شيخ صاحب کنڀات ڏانهن راهي ٿيو، جتان جهاز ۾ چڙهي کيس پنهنجي ملڪ ڏانهن وڃڻو هو. رستي تي قاضي جلال الدين بغاوت ڪري ابن الڪرمي ۽ شيخ رڪن الدين کي ڦري هليو ويو. شيخ صاحب جان بچائي اچي بادشاه جي دربار ۾ نڪتو. بادشاه هن کي ڏسي مذاق ۾ چيو: ”آمد کہ زر بری باد کری (دلربائی) صنم خوری زر نہ بری- سرنهی-“ پوءِ چيائين تہ تون خاطري ڪر، مان دشمنن تي چڙهائي ڪري، سندن اهڙو ئي حال ڪندس جهڙو هنن تنهنجو ڪيو آهي، بلڪ انهي کان بہ وڌيڪ. جڏهن مان هندستان مان وڃي رهيو هوس، تڏهن مون ٻڌو تہ بادشاه پنهنجو وعدو پورو ڪيو ۽ شيخ کي اڳئين کان بہ وڌيڪ انعام اڪرام ڏيئي روانو ڪيائين.

## واعظ ترمذي ناصرالدين کي بخشش

هيءُ فقيهہ واعظ ترمذي بادشاه جي خدمت ۾ سلام عرض ڪرڻ لاءِ پنهنجي ملڪ مان آيو هو ۽ گهڻي وقت تائين سندس نوڪريءَ ۾ رهندو آيو. آخر هن کي پنهنجي وطن ورڻ جو شوق ٿيو. جنهن تي بادشاه کيس اجازت ڏني. اڃا تائين بادشاه سندس تقرير ۽ نصيحت ڪانہ ٻڌي هئي، تنهنڪري هن جي وڃڻ کان اڳ ۾ هڪ دفعو سندس تقرير ٻڌڻ جو ارادو ڪيائين ۽ حڪم

ڏنائين ته سفيد صندل مقاشيري (١) مان هڪ منبر تيار ڪيو وڃي، جنهن ۾ ڪوڪا ۽ ڪليون سون جا هنيا وڃن ۽ ان جي مٿان هڪ وڏو ياقوت رکيو وڃي. ازانسواءِ ناصر الدين کي هڪ خلعت عباسيه ڪاري رنگ جي، جنهن تي زري ۽ هيرا ۽ موتي لڳل هئا ۽ هڪ عمامو (پڳ) پهرڻ لاءِ ڏنائين.

انهيءَ جلسي جو انتظام هڪ قيمتي خيمي ۾ ڪيو ويو، جتي بادشاه اچي تخت تي ويٺو ۽ سندس ساڄي ۽ کاٻي خاص خاص امير، قاضي ۽ مولوي پنهنجي جاين تي ويٺي ويا. پوءِ واعظ ترمذيءَ هڪ خطبو نهايت فصاحت ۽ بلاغت واريءَ عبارت ۾ پڙهيو ۽ ان کان پوءِ تقرير ڪيائين. جيڪا ڪا خاص نصيحت آموز ڪانه هئي. پر تقرير نهايت سٺي ڪيائين. جڏهن واعظ (ترمذي) منبر تان اٿو، تڏهن بادشاه هن ڏانهن وڌي آيو ۽ ڀاڪر پائي کيس ڇاتيءَ سان لڳايائين ۽ پاڻ سان گڏ هاٿيءَ تي سوار ڪرايائينس. سڀني ماڻهن کي حڪم ٿيو ته هن جي اڳيان پنڌ هلن، جن ۾ مان پاڻ شامل هوس. پوءِ هن کي هڪ سراجه (خيمي) ۾ وٺي آيا جيڪو خاص هن لاءِ کڙو ڪيو ويو هو ۽ بادشاه جي خيمي جي سامهون هو. هي خيمو رنگ برنگي ريشمي ڪپڙي مان تيار ڪيل هو ۽ ان جي قنات ۽ رسيون پڻ ريشم مان تيار ڪيون ويون هيون.

خيمي جي هڪ طرف سون جا برتن رکيل هئا جيڪي بادشاه هن کي انعام ۾ ڏنا هئا. انهن برتنن ۾ هڪ تنور، جنهن ۾ هڪ ماڻهو آسانيءَ سان ويهي سگهي، ٻه وڏيون ديڳيون، ٿالهيون جن جو تعداد سون کي ياد نه رهيو آهي، ڪبترائي جگ، هڪ ڪؤنرو، هڪ تمسينه نالي چئن پيرن سان خوانچو ۽ هڪ ڪتابن جي پيتي وغيره هئا. هيءُ سڀ سامان سون جو هو. عماد الدين

---

(١) جاوا ۽ بورنيو جي ويجهو هڪ ٻيٽ مڪاسر نالي آهي؛ اتي سفيد صندل پيدا ٿيندو آهي، جو تمام قيمتي ليکيو ويندو آهي.

Marfat.com

سڏائي ٿو الهيءَ خيمي جرن ۾ ڪيرن کي جاڄي ڏنيون تہ هڪ پتل ۽ ٻي قلعي ڪيل تاسي جون هيون، جي ائين پڻي معلوم ٿيون جڏ تہ سون ۽ چانديءَ جون نهيل آهن، مگر اصل ۾ سون ۽ چانديءَ جون نہ هيون. ارانسواءِ هن کي هڪ لک دينار ۽ پڻ سؤ غلام ۽ بادشاه جي طرفان ملیا، جو انهن غلامن مان کن کي هن آزاد ڪري ڇڏيو ۽ کي پاڻ وٽ رکيائين.

## عبدالعزيز اردويليءَ کي بخشش

عبدالعزيز هڪ فقيہ ۽ محدث هوندو هو، جنهن دمشق ۾، تقي الدين ابن تميم، برهان الدين البرکي، جمال الدين المزي ۽ شمس الدين ذهبي جهڙن عالمن وٽان علم حاصل ڪيو هو. هو جڏهن بادشاه وٽ ذوکريءَ لاءِ آيو تڏهين سندس تمام گهڻو قدر ڪيو ويو. هڪ ڏينهن اتفاق سان هن حضرت عباس ۽ سندس اولاد جي تعريف ۾ کي حديثون تمام مٺي نموني سان پيش ڪيون ۽ کن عباسي خليفن جو بہ بيان ڪيائين. بادشاه بني عباس سان تمام گهڻي محبت ۽ عقيدت رکندو هو، سو هي گالهيون کيس ڏاڍيون وڻيون ۽ يڪدم وڃي عبدالعزيز اردويليءَ جا قدم چميائين. پوءِ حڪم ڏنائين تہ هڪ سون جي ٿالهيءَ ۾ بہ هزار مهرون ڪٽي اڇو، جڪي سڀ هن کي بخشش ۾ ڏنائين.

## شمس الدين انڪاڻيءَ کي بخشش

فقيہ انڪاڻي هڪ حڪيم ۽ شاعر هوندو هو، هڪ دفعي هن بادشاه جي تعريف ۾ هڪ قصيدو پڙهيو، جنهن ۾ ستاويهہ شعر هئا. بادشاه هن کي هرهڪ بيت جي عيوض هڪ هزار درهم ڏنا. سون جيڪو وڌ ۾ وڌ انعام بابت ٻڌو هو، سو هو تہ کنهن کي، هر شعر جي عيوض هڪ هزار درهم ڏنا ويا هئا، پر اهو بادشاه جي هيڻ انعام جي ڏهين ٻيءَ جيترو مس هو.

## قاضي مجدالدين کي بخشش

بادشاه جڏهين شيراز جي قاضي مجدالدين جي، جيڪو عالم،

Marfat.com

صالح ۽ ڪرامت وارو هوندو هو، تعريف ٻڌي، تڏهين هن ڏانهن شيراز جي شهر ۾ شيخ زاده دمشقيءَ جي معرفت ڏهه هزار دينار موڪلي ڏنائين.

## برهان الدين ساغر کي بخشش

برهان الدين هڪ وڏو واعظي هوندو هو. هو اهڙو ته سخي هو، جو جيڪي ڪجهه به وٽس هوندو هو، سو غريبن ۽ بکايلن کي ڏيئي ڇڏيندو هو، بلڪ قرض کئي به سخاوت جاري رکندو هو. جڏهين بادشاه کي هن جي خبر پهتي تڏهين هن ڏانهن چاليهه هزار دينار موڪلي ڏنائين ۽ هندستان اچڻ لاءِ به عرض ڪيائينس. برهان الدين اهي چاليهه هزار دينار وٺي، پنهنجو قرض وغيره لاهي، بادشاه ڏانهن وڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ هيئن چئي خطا جي ملڪ ڏانهن هليو ويو ته "بادشاه عالمن کي پنهنجي سامهون بيهاري ٿو ڇڏي، تنهنڪري مان اهڙي ماڻهوءَ جي نوڪري نه ڪندس."

## حاجي ڪاون کي بخشش ۽ سندس ڳالهه

حاجي ڪاون شاه عراق جو سوٽ هو. سندس موسيٰ نالي ڀاءُ عراق جي ڪنهن علائقي جو حاڪم هو، جنهن حاجي ڪاون کي بادشاه وٽ سفير ڪري موڪليو. بادشاه هن کي تمام گهڻي عزت ڏني ۽ ڪافي مال به ڏنائينس. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته وزير خواجه جهان بادشاه ڏانهن تحفو موڪليو جنهن ۾ ٽي ٿالهيون به هيون، جن مان هڪ ۾ ياقوت، ٻيءَ ۾ زمرد ۽ ٽينءَ ۾ موتي ڀريل هئا. ان وقت حاجي ڪاون پڻ موجود هو. بادشاه هن مال مان گهڻو ئي کيس ڏنو ۽ موڪلاڻيءَ وقت به تمام گهڻو خزانو کيس ڏنائين. حاجي ڪاون جڏهين عراق پهتو تڏهين سندس ڀاءُ مري ويو هو ۽ ان جي جاءِ تي سليمان حاڪم بنجي ويٺو. هن پنهنجي ڀاءُ جو ورثو گهريو، ملڪ جي دعويٰ پڻ ڪيائين. ماڻهن ۽ لشڪر سندس هٿ تي بيعت ڪئي، جن سان گڏ هو

Marfat.com

فارس هليو ويو.

جڏهن هو شونڪاره جي شهر ۾ پهتو (هن شهر جي امام عضدالدين جو بيان پهرئين حصي ۾ ڪري آيا آهيون)، تڏهين اتي جي چگن ماڻهن هن وٽ اچڻ ۾ ڪجهه دير ڪئي ۽ پوء جڏهين آيا تڏهن هنن کان دير ڪرڻ جو سبب پڇيائين. هنن جيڪو سبب ڏنو سو هن کي پسند نه آيو ۽ يڪدم پنهنجن سپاهين کي حڪم ڏنائين ته قلج (جڪار) يعني تلوارون ڪيو. هنن تلوارون ڪڍي، چگن مڙسن جا سر لاهي ڪٽي ڦٽا ڪيا. ان وقت هن وٽ تمام گهٽو لشڪر هو.

مٿين واقعي جي خبر جڏهن اتي جي اميرن ۽ ماڻهن کي پئي تڏهن هنن کي گهٽي مٿيان لڳي ۽ سڀني گڏجي شمس‌الدين سمنانيء کي جيڪو وڏو فقيهه ۽ امير هو، مدد لاء لکيو. هو پنهنجو لشڪر وٺي اتي ڪڙوڙتيو ۽ وڃي اتي جي ماڻهن سان ملیو، جيڪي پنهنجن چگن ماڻهن جي انتقام وٺڻ لاء گڏ ٿيا هئا. هنن حاجي ڪاون جي لشڪر تي رات جو حملو ڪيو ۽ انهن کي پڇائي ڪيائون. پوء حاجي ڪاون، جيڪو شهر ۾ محل جي اندر هو، جو اچي گهيرو ڪيائون. هو وڃي بيت الطهارة (غسل خاني) ۾ لڪو. آخر هن کي پڪڑي، سندس سر وڍي، سليمان ڏانهن ڏياري موڪليائون ۽ باقي عضوا سڄي ملڪ ۾ ورهائي، پنهنجي انتقام جي باهه وسايائون.

Marfat.com

## فصل ٻيو

# ابن الخليفہ جو بادشاہ وٽ اچڻ

امير غياث الدين محمد بن عبدالقادر بن يوسف بن عبدالعزيز بن خليفہ المستنصر باالله عباسي بغدادي، النهر ماوراء جي بادشاہ سلطان علاءُ الدين طرمشيرين وٽ آيو. سلطان کيس حضرت قثم بن عباس رضہ جي خانقاہ جو متولي ڪري رکيو جتي هو ڪيترائي سال رهيو. هڪ دفعي هن ٻڌو تہ هندستان جو بادشاہ بني عباس جو شيدائي آهي. تنهنڪري هن پنهنجي طرفان محمد بن ابي شرفي حرباوي کي، جيڪو سندس قديمي دوست هو، ۽ محمد همداني صوفيءَ کي قاصد ڪري موڪليو. هو ٻيئي اچي بادشاہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. ناصرالدين ترمذي، جنهن جو مٿي بيان ڪري آيا آهيون، سو بہ امير غياث الدين کي سڃاڻندو هو، ڇاڪاڻ تہ بغداد ۾ هن جي حسب نسب جي ڪافي جاچ ڪئي هئائين تہ اتي جي مشائخن بہ هن جي خاندان جي تصديق ڪئي هئي، تنهنڪري هن بہ بادشاہ سان اهوئي احوال ڪيو، جو قاصدن ڪيو هو.

بادشاہ قاصدن کي پنج هزار دينار عنايت ڪيا ۽ امير غياث الدين ڏانهن ٽي هزار دينار راهہ خرچ لاءِ موڪلي، هڪ خط ۾ کيس هندستان اچڻ لاءِ دعوت ڏياري موڪليائين. هن خط پهچڻ شرط غياث الدين اٿي هليو. جڏهن سنڌ ۾ پهتو تڏهن اخبار نويسن بادشاہ کي خبر موڪلي ڏني. بادشاہ دستور موجب سندس استقبال لاءِ مائهو موڪليا. جڏهن هو مرسہ ۾ پهتو، تہ قاضي

Marfat.com

ڪمال الدين صدر جهان کي حڪم ڏنائين ته ڪجهه فقيهه پاڻ سان وٺي وڃي هن جي سواريءَ سان شامل ٿئي؛ پوءِ وري اميرن کي موڪليائين.

جڏهين هو مسعود آباد پهتو تڏهين بادشاه پاڻ پنهنجن خاص اميرن سان گڏجي سندس استقبال لاءِ ٻاهر آيو. جڏهين ملاقات ٿي، تڏهين غياث الدين گهوڙي تان لهي پنڌ هلڻ لڳو، ته بادشاه به پنهنجي سواريءَ تان هيٺ لهي آيو. پوءِ دستور موجب غياث الدين بادشاه جي سامهون نوڙي کيس فرشي سلام ڪيو ته بادشاه پڻ سندس اڳيان اهڙيءَ طرح سان نمي سلام ڪيو. امير غياث الدين پاڻ سان ڪجهه نذر به آندو هو، جنهن ۾ ڪي ڪپڙي جا ٿان به هئا. بادشاه انهن ٿانن مان هڪ ٿان پنهنجي ڪلهي تي رکي، اهڙيءَ طرح کيس سلام ڪيو جهڙيءَ طرح کيس ٻيا ماڻهو سلام ڪندا هئا. پوءِ گهوڙا آندا ويا؛ هڪ گهوڙي کي وٺي بادشاهه غياث الدين کي قسم ڏيندي چيو ته توهان هن تي سواري ڪريو، ۽ پاڻ رڪاب جهلي بيهي رهيو.

غياث الدين جي سوار ٿيڻ کان پوءِ بادشاه به سوار ٿيو ۽ ساڻس گڏ هلڻ لڳو. هنن ٻنهي جي مٿان ڇانوَ لاءِ شاهي ڇٽ کڙو ڪيو ويو هو. پوءِ بادشاه پنهنجي هٿ سان امير کي پان پيش ڪيو. هيءَ سڀ کان وڏي خاطر تواضع هئي، ڇو ته بادشاه ڪڏهين به ڪنهن کي پنهنجي هٿ سان پان نه ڏيندو هو. بادشاه هيئن به چيس ته جيڪڏهين مون خليفي ابو العباس جي بيعت نه ڪئي هجي ها ته هينئر توهان جي بيعت ڪريان ها. جنهن جي جواب ۾ هن چيو ته مون خود ابوالعباس جي بيعت ڪئي آهي ۽ نهٺائيءَ سان فرمايائين ته "رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي حديث آهي ته جنهن ڪلراٺي زمين کي آباد ڪيو اها زمين ان جي ملڪيت آهي." سندس مطلب هو ته بادشاه جي احسانن ڄڻ ته اسان کي نئين زندگي بخشي آهي؛ جنهن تي

Marfat.com

بادشاه گهڻي ادب سان ان جو جواب ڏنو.

جڏهن هو خيمي ۾ پهتا جڏهن بادشاه جي لاءِ لڳايو ويو هو، تڏهن بادشاه غياث الدين کي ان ۾ ڪايو ۽ پنهنجي لاءِ وري ٻيو تنبو کوڙايو. اها رات دارالخلافه کان ٻاهر ترميا ۽ پئي ڏينهن شهر ۾ داخل ٿياه بادشاه سيريءَ وارو محل جڏهن سلطان علاءالدين خلجي ۽ سلطان قطب الدين نهرايو هو، سو هن جي رهائش لاءِ مقرر کيو، ۽ پاڻ پنهنجي امير سان گڏ وڃي ان محل ۾ سڀ سامان موجود کيائين. ان سامان ۾ سون ۽ چانديءَ جي برتنن کان سواءِ هڪ سون مان ٺهيل حمام غسل لاءِ پڻ موجود کيو ويو. پوءِ چار لک دينار انهيءَ ئي وقت سندس مٿي ڏوڪارڻ لاءِ موکليائين. ازانسواءِ پانهنجون ۽ غلام چوکرا به سندس خدمت لاءِ موکليائين ۽ روزاني خرچ لاءِ ٽي سؤ دينار مقرر کري ڏنائينس. ان کان علاوه هر وقت پنهنجي خاص دسترخوان مان کيس کاڌو موکليندو رهندو هو.

ان کان پوءِ سيريءَ جو سڄو شهر گهرن، باغن، زمينن ۽ گودامن سميت کيس جاگير ۾ ڏنو ويو. ان کان سواءِ سؤ گهوٽ پيا به کيس جاگير ۾ ڏنا ويا ۽ دهليءَ جي ايرندي پاسي وارن علاقن جي حڪومت به کيس عطا کئي ويئي. آخر ۾ ٽيهه خچر زري لڪل زينن سان به کيس ڏنا ويا، جن جو ڏاڍو سرڪاري گودامن مان ايندو هو. هن لاءِ بادشاه جو حڪم هو ته جڏهين شاهي محل ۾ اچي تڏهن گهوڙي تان اصل نه لهي ۽ جيستائين بادشاه جي سواري ويندي آهي، ان جاءِ تائين اهڙيءَ طرح هليو اچي. بيءَ صورت ۾ کنهن شخص کي سوار ٿي، شاهي محل ۾ داخل ٿيڻ جي اصل اجازت کانئن هوندي هئي. ماڻهن کي بادشاه جو حڪم هو ته جهڙيءَ طرح سون کي نمي فرشي سلام کندا آهيو، تهڙيءَ طرح هن جي پڻ تعظيم کندا کريو.

جڏهن به هو بادشاه جي خدمت ۾ ايندو هو تہ بادشاه تخت (ڪرسي) تان هيٺ لهي ايندو هو ۽ جيڪڏهين تخت جي چوڪي اندر هوندو هو تہ اٿي بيهندو هو. پوءِ ٻيئي هڪٻئي کي سلام ڪندا هئا ۽ بادشاه ڪيس پاڻ سان گڏ تخت تي ويهاريندو هو. ۽ جڏهين هو موڪلائيندو هو تڏهن وري به اٿي بيهندو هو، پوءِ بادشاه هن کي سلام ڪندو هو ۽ هُو بادشاه کي. جڏهن هو مجلس مان اٿي باهر ويندو هو تہ باهر هڪ سند، جيڪا خاص هن لاءِ وچارائي چڏيندو هو، آن تي جيترو وقت ڪيس وٽندو هو، وڃي ويهندو هو. اهڙيءَ طرح ڏينهن ۾ به دفعا ٿيندو رهندو هو.

## حڪايت

امير غياث الدين دهليءَ ۾ مقيم هو تہ بنگالي جو وزير آيو. بادشاه حڪم ڏنو تہ وڏا وڏا امير سندس استقبال لاءِ وڃن. پوءِ پاڻ به سندس استقبال لاءِ نڪتو ۽ هن جي تمام گهڻي عزت ڪيائين. شهر کي به اهڙيءَ طرح سان سينگاريو ويو جيئن بادشاه جي اچڻ وقت ان کي سينگاريندا آهن. ابن الخليفو، امير غياث الدين، قاضي، فقيهہ ۽ مشائخ به هن سان ملڻ لاءِ آيا. جڏهن بادشاه واپس آيو تڏهن وزير کي چيائين تہ تون مخدوم زاده جي گهر وڃ. وزير اٿي ويو ۽ وڃي ٻه هزار اشرفيون ۽ ڪپڙن جا ٽان پيش ڪيائين. هن سان گڏ امير قبولو ۽ سان به گڏجي ويا هئاسين.

## حڪايت

هڪ دفعي بهرام تالي غزنيءَ جو حاڪم بادشاه وٽ آيو. ابن الخليفي ۽ هن جي وچ ۾ قديمي دشمني هوندي هئي. بادشاه جو حڪم ٿيو تہ شاه غزنيءَ کي سيريءَ جي هڪ گهر ۾ رهائش ڏني وڃي ۽ هي به بادشاه جي طرفان حڪم ڪيو تہ هن جي لاءِ اتي هڪ ٻئون گهر ڏهرايو وڃي. هيءَ خبر جڏهين ابن الخليفي

کي پهتي تڏهن ڏاڍو غصو لڳس. هو يڪدم بادشاهي محل ۾ وڃي پنهنجي سند تي ويهي رهيو ۽ وزير کي گهرائي چيائين ته آخوند عالم (بادشاه) کي وڃي چؤ ته جيڪي ڪجهه توهان مون کي عطا ڪيو آهي سو سڀ ڪجهه منهنجي گهر ٻيو آهي، مون ان مان ڪجهه به خرچ نه ڪيو آهي. ٻاڻ مرن ڪيترو سامان وڌايو آهي ۽ هاڻي مان هتي وڌيڪ رهي ڪونه سگهندس. ائين چئي هو محل مان هليو ويو.

وزير سندس دوستن کان سبب معلوم ڪيو، جن ٻڌايس ته بادشاه غزنيءَ جي شاه لاءِ سيريءَ ۾ محل تعمير ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو آهي، تنهنڪري ابن الخليفو ڪاوڙيو آهي. وزير سڄي حقيقت وڃي بادشاه مان ڪئي. بادشاه ٻڌڻ شرط پنهنجن ماڻهن کي سان ڪري گهوڙي تي سوار ٿي ابن الخليفي جي جاءِ تي آيو. اتي پهچي، گهوڙي تان لهي، باهر بيهي، اندر وڃڻ جي اجازت گهريائين. پوءِ ابن الخليفي سان ملي، پنهنجي غلطي مڃي، پنهنجي حڪم جو مناسب سبب ڏنائين، جنهن تي ابن الخليفو راضي ٿيو. پر بادشاه چيو ته اڃا به مون کي اطمينان ڪونه ٿيو آهي ته توهان راضي ٿيا آهيو. هاڻي جيستائين توهان منهنجي ڪنڌ تي پنهنجو پير نه رکندؤ، تيستائين مان مطمئن ڪونه ٿيندس. جنهن تي ابن الخليفي چيو ته چاهي بادشاه مون کي قتل ڪري ڇڏي مگر مون کان اهڙي گهالهه ٿي نه سگهندي. بادشاه کيس پنهنجي سر جو قسم ڏيندي چيو ته توهان کي ائين ڪرڻو پوندو ۽ انهيءَ سان گڏ پنهنجو مٿو زمين تي ڪٽي رکيائين. ملڪ قبولي ڇا ڪيو جو ابن الخليفي جو پير وڃي بادشاه جي ڪنڌ تي ڪٽي رکيو. انهيءَ کان پوءِ بادشاه اٿي کڙيءَ تيو ۽ چمائين ته هاڻ مون کي پڪ ٿي ته توهان مون مان راضي آهيو. اهڙي عجيب و غريب گهالهه، مون اڄ تائين ڪنهن به ملڪ جي بادشاه بنسبت ڪانه ٻڌي آهي.

عيد جي ڏينهن مان مخدوم زاده وٽ ويس ته ملڪ ڪبير

Marfat.com

بادشاه جي طرفان هن لاءِ ٽي خلعتون کڻي آيو، جن مان چوغن تي ريشمي ڦندڻن جي بجاءِ ٻير جيڏا وڏا وڏا موتي لڳل هئا. ملڪ ڪبير اهي خلعتون کنيون دروازي تي بيٺو هو ۽ جيئن ابن الخليفو هيٺ لٿو تيئن کيس خلعت پهرايائين. بادشاه هن کي بي انداز مال ۽ خزانو ڏنو هو، پر تنهن هوندي به هو انتها درجي جو ڪنجوس انسان نڪتو. ۽ جيتري قدر بادشاه سخي هو اوتري قدر وري هو بخيل ثابت ٿيو، جن مان ڪي ڳالهيون هيٺ ڏجن ٿيون.

## ابن الخليفي جي ڪنجوسپائيءَ جون ڪي ڳالهيون

منهنجي ۽ ابن الخليفي جي وچ ۾ تمام گهري دوستي ٿي ويئي هئي. تنهنڪري مان هن وٽ گهڻو ايندو ويندو هوس. مان جڏهن سفر لاءِ نڪتس، تڏهين پنهنجي پٽ کي به هن وٽ ڇڏي آيو هوس، جنهن جي مون کي هينئر تائين خبر نه آهي ته سندس الاجي ڪهڙو حال ٿيو. مون هڪ ڏينهن کانئس پڇيو ته توهان اڪيلا ڇو ٿا کائو ۽ پنهنجن دوستن کي دسترخوان ۾ ڇو نٿا شامل ڪيو؟ تنهن تي جواب ڏنائين ته مان گهڻن ماڻهن کي پنهنجو کاڌو کائيندي ڏسي، سهي نه ٿو سگهان. اهو سبب آهي جو مان اڪيلو کائيندو آهيان.

هو فقط پنهنجي هڪ خاص دوست محمد بن ابي شرفيءَ کي کائڻ لاءِ ڪجهه ڏيندو هو. باقي سڀ پاڻ کائيندو هو. جڏهن مان سندس گهر ويندو هوس ته ٻاهرينءَ ڏيڍيءَ ۾ اونده لڳي پيئي هوندي هئي، ڇو ته ڏيو ڪونه ٻاريو ويندو هو. مون ڪيترائي ڀيرا هن کي پنهنجي باغ ۾ ڪاٺيون ۽ ڪک گڏ ڪندي ڏٺو. هن انهن ڪکن ۽ پنن سان پنهنجا گودام ڀرائي ڇڏيا هئا. مون هن کان پڇيو ته جناب مخدوم زادا هي ڇا ٿا ڪريو! تنهن تي جواب ڏنائين ته ڪاٺين جي ڪڏهن ضرورت ٿي پوي، تنهنڪري گڏ ڪندو ٿو وڃان.

Marfat.com

اهڙيءَ طرح مان پنهنجن غلامن، نوڪرن ۽ دوستن کان باغ ۾ ڪم ڪرائيندو هو ۽ چوندو هو تہ مان ڏيو چاهيان تہ هي سڀ ماڻهو مفت ۾ منهنجو ڪائي وڃن. هڪ دفعي مون تي ڪجهہ قرض چڙهي ويو تنهنڪري مون ان جي ادائگي لاءِ ڪانئس قرض گهريو. هڪ ڏينهن چيائين تہ منهنجي دل گهٽيئي ٿي گهري تہ تنهنجو قرض ادا ڪري ڇڏيان، پر ڇا ڪريان ايتري همت ڏي نٿي ٿئي. آخر مون کي ڪجهہ ٻہ نہ ڏنائين.

## حڪايت

هڪ ڏينهن گالهين ڪندي مون کي ٻڌايائين تہ هڪ دفعي چار ڇڪ، جن مان هڪ سندس دوست محمد بن ابي شرفي ٻہ، هو، بغداد کان ٻاهر ٿي وياسين. اسان پنڌ وڃي رهيا هئاسين ۽ ڪاڪ لاءِ ڪجهہ ٻہ ڪوٺ هئوسين. هڪ چشمي وٽان لنگهندي هڪ درهم لڌوسين. اسان سوچيو تہ هڪ درهم کي ڇا ڪيون. آخر سڀني اتفاق راءِ مان فيصلو ڪيو تہ انهيءَ درهم جي مانيءَ گهرائي ڪاڪجي. اسان مان هڪ ماڻهو مانيءَ وٺڻ لاءِ شهر ۾ ويو. نانبائيءَ چيس تہ مان مانيءَ ۽ ان جو ڇاڪ گڏ وڪڻندو آهيان، جدا جدا مان ڪوٺہ ڏيئي سگهندس. آخر هن هڪ قيراط (اڌ درهم) جي مانيءَ خريد ڪئي ۽ ٻئي قيراط جو ڇاڪ وٺي اچي نڪتو. ڇاڪ جي تہ اسان کي ضرورت ڪانہ هئي (جو گهوڙو يا خچر هوئي ڪوٺہ)، سو ڪٿي ڦٽو ڪيوسين. باقي مانيءَ مان ڏڪر ڪري ڪاڏوسين.

ڏورو ترسي وري چيائين تہ هاڻي خدا تعالي سون کي ڪيتري قدر نہ مال ڏنو آهي! تنهن تي مون چيس تہ خدا تعالي جو شڪر بجا آڻيو ۽ غريبن ۽ مسڪينن کي خير خيرات ڪريو. چوڻ لڳو تہ انهن سڀن کان ڇي ڪوٺہ سگهندو. مون ڪڏهين بہ هن کي خيرات ڏيندو ڪوٺہ ڏٺو، نہ ڏي وري ڪنهن مان

ڪا وڳائي ڪندي ڏٺومانس. خدا شال اهڙيءَ ڪنجوسپائيءَ کان پناه ڏئي.

## حڪايت

هندستان مان وڃڻ کان پوءِ مان بغداد هليو ويو هوس. هڪ ڏينهن مستنصريه مدرسي جي دروازي تي ويٺو هوس، جيڪو سندس ڏاڏي المستنصر بالله ٺهرايو هو، ته مون هڪ مفلوڪ الحال نوجوان کي ڏٺو، جو هڪ شخص جيڪو مدرسي کان نڪري رهيو هو، تنهن جي پٺيان وڃي رهيو هو. هڪ طالب العلم مون کي ٻڌايو ته اهو جوان امير غياث الدين جيڪو هندوستان ۾ آهي تنهن جو پٽ آهي. هي ٻڌي، يڪدم مون ان نوجوان کي سڏ ڪري چيو ته مان هندوستان کان پيو اچان ۽ تنهنجي پيءُ جي خبر کان تو کي واقف ڪري ٿو سگهان. تنهن تي هو چوڻ لڳو ته تازو سندس احوال مون کي پهتو آهي. ائين چئي وري به ان شخص جي پٺيان ڊوڙندو هليو ويو.

مون پڇا ڪئي ته اهو شخص جنهن جي پٺيان اهو عباسي نوجوان وڃي رهيو هو سو ڪير آهي. جنهن تي ڪنهن ماڻهوءَ مون کي ٻڌايو ته اهو شخص جيلخاني جو ناظر آهي ۽ نوجوان اتان جي مسجد جو امام آهي، جتان کيس هڪ درهم روز ملندو آهي، ۽ ان شخص کان پنهنجو روز وٺڻ لاءِ سندس پٺيان ڊوڙي رهيو هو. هي ٻڌي مون کي تمام گهڻو عجب لڳو ۽ سوچڻ لڳس ته ابن الخليفو پنهنجي خلعت مان جيڪڏهين رڳو هڪ موتي ڪڍي کڻي هن ڏانهن موڪلي ڏئي، ته جيڪر هن نوجوان کي عمر ڀر ڪمائڻ جي ڪا ضرورت ئي نه ٿئي.

Marfat.com

# فصل ڏيون

## امير سيف الدين غرا بن هبتم الله بن مهني، امير عرب الشام، ڏي بادشاه جي نظر عنايت

جڏهين امير سيف الدين بادشاه، وٽ آيو تڏهن بادشاه سندس تمام گهڻي آجيان ڪئي ۽ ڪيس بيحد عزت ڏنائين. ڪيس سلطان جلال الدين فيروز (خلجي) وارو محل، جيڪو ڪشڪ لعل (گاڙهو محل) جي نالي سان مشهور آهي ۽ دهليءَ ۾ آهي، رهائش لاءِ ڏنائين. هيءُ محل تمام وڏو آهي جنهن ۾ اڳڻ تمام وڏو آهي ۽ ڏيڏي ۾ تمام وڏي اٽس. انهيءَ ڏيڏيءَ جي مٿان هڪ برج نهيل آهي جنهن ۾ اندر وڃبي، اندرئين ۽ باهرئين اڳڻ کي چگيءَ طرح ڏسي سگهجي ٿو. سلطان جلال الدين هن برج ۾ ويهي، اندرئين پاسي کيهوڙءَ راند ڏسندو هو.

جڏهين امير سيف الدين کي هن محل ۾ ترسايو ويو تڏهن سان آراسته ٽيبل هو. ۽ سپني شين تي مٽي چڙهي ويئي هئي، ڇو ته هندستان ۾ اهو دستور آهي ته جيڪڏهن ڪو بادشاه مري ويندو آهي ته ان جي محل کي ڇڏي، نئون بادشاه پنهنجي لاءِ هڪ ٻيو محل ٺهرائي ان ۾ رهندو آهي، ۽ اڳئين بادشاه جي محل جي ڪنهن به ٻئي شيءِ کي انان هٽايو نه ويندو آهي. سون انهيءَ محل کي چگيءَ طرح سان گهمي ڏٺو ان جي ڇت تي به ويس. هر شيءِ عجيب هئي، منهنجي ته اکين مان ڪوڙها ڪري پيا.

Marfat.com

فقيه جلال الدين مغربي، جيڪو ننڍي هوندي پنهنجي پيءُ سان گڏ هندستان آيو هو، ان وقت مون سان گڏ هو ۽ هي شعر پڙهيائين —

و سلاطينهم سل الطين عنهم
فالرئوس الغطام صارت عظاما

ترجمو — ۽ انهن بادشاهن جي خبر مٽيءَ کان پڇ — جن ۾ وڏن وڏن سرن جا به هڏا ٿي ويا.

انهيءَ محل ۾ امير سيف الدين جي شاديءَ جي دعوت ٿي هئي. بادشاه عرب جي ماڻهن کي گهڻو ڀائيندو هو ۽ انهن جو گهڻو قدر ڪندو هو. جڏهن هيءُ امير آيو تڏهين هن سان به سٺو سلوڪ ڪيائين ۽ ڪيترائي ڀيرا هن کي وڏا وڏا انعام اڪرام ڏنائين. هڪ دفعي ملڪ اعظم بايزيدي، ماڻڪپور جي حاڪم، جو نذر آيو ته ان مان به يارنهن اصيل گهوڙا کيس ڏنائين. ٻئي دفعي ڏه گهوڙا جن تي زريدار زينون ۽ سون جا لغام هئا، کيس ڏيئي ڇڏيائين. ازانسواءِ پنهنجي ڀيڻ فيروز خوندة (فيروزه) هن کي پرڻائي ڏنائين.

## بادشاه جي ڀيڻ جي امير سيف الدين سان شاديءَ جو بيان

جڏهن بادشاه جو حڪم ٿيو ته سندس ڀيڻ جي شادي امير سيف الدين سان ڪئي وڃي، تڏهن دعوت وليمه ۽ ٻين اخراجات جو بندوبست ملڪ فتح الله شونويس جي حوالي ڪيو ويو، ۽ مون کي حڪم مليو ته مان اهي ڏينهن امير سيف الدين سان گڏ رهان. ملڪ فتح الله وڏا وڏا شاميانا آندا جيڪي هن انهيءَ ڳاڙهي محل جي ٻنهي اڱڻن ۾ لڳارايا ۽ هر هڪ اڱڻ ۾ هڪ وڏو خيمو لڳارايائين، جن جي اندر قسمين قسمين عمدا گلم ۽ غاليچا لڳرائي، امير المطربين،

Marfat.com

شهن ڀاڳين ڏمريري، ان جا گهاٽا ۽ گهاڻ نڇڻ واريون عورتون جيڪي سڀ بادشاه جا نوڪر ۽ نوڪرياڻيون هيون، وڻي آيو. ازانسواءِ بورچي، مانيون پچائڻ وارا، حلوائي، ڀخالي ۽ تنبول دار به حاضر ٿيا.

پوءِ پڪي ۽ جانور حلال ڪيا ويا ۽ پندرهن ڏينهن تائين سڀني ماڻهن کي کاڌو کارايو ويو. ان کانڌي ۾ وڏا وڏا امير ۽ غير ملڪي ماڻهو به ٻيڻي وقت شرڪت ڪندا رهيا. نڪاح جي رات کان به راتيون اڳ شاهي محل مان خواتين (بيگمون) آيون، جن اڇي مٿا مٿا غاليچا وغيره وڇائي، ان محل کي سينگاريو. ڏاڙهه امير سيف الدين کي، جيڪو غير ملڪي ماڻهو هو ۽ ڪوبه سٽ ساڻت ڪرڻ هوس، گهرائي هڪ هنڌ ويهاريائون. بادشاه جي حڪم موجب بادشاه جي ساڻيجي ماءُ جيڪا مبارڪ خان جي ماءُ هئي، سا سيف الدين جي ماءُ ٿي. ۽ ٻين بيگمن سان گڏ سندس ٻيڙ ٿي، ڪا سندس ڦڦي ته ڪا سندس ساسي ٿي. جيئن هو اڳين سمجهي ته سندس سڄو خاندان هتي موجود آهي.

هنن کيس هڪ مسند تي ويهاري، سندس هٿن ۽ پيرن ۾ مينديءَ لڳائي ۽ ٻيون زالون وري سندس مٿن کان ٻيهي گهاڻ ۽ نڇڻ لڳيون. بيگمون هي سڀ ڪجهه تيار ڪري قصرالزفاف (١) ڏانهن هليون ويون، ۽ هو پنهنجن دوستن سان گڏ محل کان ٻاهر رهيو. بادشاه حڪم ڪيو ته ڪجهه امير هن جي طرف ٽين ۽ ڪجهه ڪنوار جي طرف ٽين، ڇو ته هن ملڪ ۾ اهو دستور آهي ته جڏهن گهوٽ ڪنوار کي پنهنجي گهر وڻي اچڻ لاءِ ڪنوار جي گهر جي دروازي تي ويندو آهي ته اڳي ڪنوار جي طرف جا ماڻهو ٻيڻا هوندا آهن. جنهن وقت گهوٽ پنهنجي طرف جي ماڻهن سان اڳي ويندو آهي ته ڪنواريٽا گهوڙيٽن کي اندر

---

(١) قصرالزفاف- زفاف جي معنيٰ آهي گهوٽ ۽ ڪنوار جي پهريون دفعو هڪ ڪمري ۾ گڏ وڃي جاءِ ڪرڻ. اڳتي ڏسو صفحو ٢٢٨)

اچڻ کان روڪيندا آهن. پوءِ جيڪڏهن گهوٽيتا هنن تي غالب ايندا آهن ته اندر هليا ويندا آهن، پر جي اتفاق سان مغلوب ٿي ويندا آهن ته ڪنوار جي طرفدارن کي هزارين روپيه ڏنڊ طور ڏيڻا پوندا اٿن.

مغرب جي نماز کان پوءِ امير سيف الدين وٽ هڪ نيري ريشم جي خلعت، جنهن تي جواهر ايتري انداز ۾ لڳل هئا جو ان ڪپڙي جو رنگ به مشڪل نظر ٿي آيو، ۽ اهڙي ئي نموني جي دستار کڻي آيا. مون اهڙي پوشاڪ اڳ ۾ ڪڏهن به ڪانه ڏٺي هئي. بادشاه جيڪي پوشاڪون پنهنجن ناٿين جيئن ته عمادالدين سمنانيءَ کي، ملڪ العلما جي پٽ کي، شيخ الاسلام جي پٽ کي ۽ صدر جهان بخاريءَ جي پٽ کي ڏنيون هيون، سي هن جي اڳيان ڪجهه به نه هيون. پوءِ سيف الدين پنهنجن دوستن ۽ غلامن سان گڏ گهوڙي تي سوار ٿيو. هنن سڀني پنهنجن پنهنجن هٿن ۾ هڪ هڪ لڪڻ کنيو.

پوءِ هڪ تاج وانگر ٺهيل شيءِ (١) جيڪا ياسمين، نسرين ۽ رابيل جي گلن سان تيار ڪئي ويئي هئي، جنهن جون جهالرون منهن ۽ سيني تي لٽڪيون ٿي، کڻي آيا، ۽ امير کي چيو ويو ته اها مٿي تي رکي. پر هن انڪار ڪيو، ڇو ته هو هڪ بدوي عرب هو، سو بادشاهي معاملن مان ڇا ڄاڻي، ۽ پهرڻ کان صفا نابري واري ويٺو، تنهن تي مون قسم وجهي، مس مس مٿي تي رکايومانس. پوءِ هن جي جماعت حرم جي دروازي تي پهتي جتي ڪنوار جي طرف جي جماعت اڳئي مقابلي لاءِ تيار بيٺي هئي.

امير پنهنجي ساٿين سان هنن تي عربي نموني جو حملو ڪيو ۽ هنن کي دسي دسي ڀڄائي ڪڍيائون. بادشاه کي جڏهن

---

(١) هتي ابن بطوطه انهيءَ سهري جي ڳالهه ٿو ڪري جيڪو شاديءَ وقت گهوٽن کي ٻڌندا آهن. سنڌيءَ ۾ ان سهري کي موڙ ڪري چوندا آهن. موڙ هندستان جي قديمي رسم آهي. — مترجم

Marfat.com

هيءُ خبر پيئي تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ هو اڱڻ ۾ داخل ٿيو جتي هڪ منبر تي، جيڪو ديباج (ڪپڙي) سان سينگاريل هو ۽ ان تي جواهرات جڙيل هئا، ڪنوار کي آڻي ويهاريو هئائون. اتي ڳائڻ وڄائڻ واريون زالون به ويٺيون هيون، جي هن کي ڏسي سڀ اٿي بيٺيون. امير جو گهوڙو جڏهن منبر تائين پهتو، تڏهن اتي اچي، گهوڙي تان لهي، منبر جي پهرئين ڏاڪي تي بيهي زمين چميائين. ان وقت ڪنوار اٿي بيٺي ۽ امير کي پنهنجي هٿن سان پان ڏنائين، جيڪو هن ورتو.

ان کان پوءِ امير ڪنوار کان هڪ ڏاڪو هيٺ ويهي رهيو. پوءِ سندس ساٿين تي سونا ورق نثار ڪيا ويا. عورتون ڳائيندي، تڪبيرون هڻنديون پئي ويون. ٻاهر دهل ۽ شرنايون وڄي رهيون هيون. پوءِ امير اٿي، پنهنجي ڪنوار کي هٿ کان وٺي، هيٺ لهڻ لڳو ته عورتون به سندن پٺيان هلڻ لڳيون. پوءِ امير گهوڙي تي سوار ٿيو ۽ ڪنوار وري ڏوليءَ ۾ وڃي ويٺي. ان وقت وري ٻنهي تي درهم ڇٽيا ويا. ڏوليءَ کي غلامن پنهنجي ڪلهن تي کنيو. بيگمون گهوڙن تي چڙهيون ۽ ٻيون عورتون وري سڀني جي اڳيان پنڌ هلڻ لڳيون. اهڙيءَ طرح سان هيءَ سواري جنهن به امير جي دروازي وٽان ٿي لنگهي، تنهن امير ٻاهر نڪري، انهن جي مٿان پنهنجي پڄندي آهر دينار ٿي ڇٽيا. تان جو اچي پنهنجي محل ۾ لٿا.

ٻئي ڏينهن ڪنوار، پنهنجي گهوٽ جي دوستن جي گهر ڪپڙا، دينار ۽ درهم موڪليا. بادشاه به انهن مان هرهڪ کي ساز ۽ سامان سوڌو گهوڙو ۽ هڪ هڪ ڳوٿري، جن ۾ ٻن سون کان وٺي هڪ هزار تائين دينار هئا، پنهنجي طرفان موڪليا. ملڪ فتح الله بيگمن کي قسمين قسمين ڪپڙا ۽ رپين جون ڳوٿريون موڪليون ۽ اهڙيءَ طرح ڳائڻ وارن کي به موڪليائين. هتي هندستان ۾ اهو رواج آهي ته ڳائڻ وارن کي گهوٽيتن کان سواءِ

Marfat.com

ٻيو ڪوبہ ماڻهو ڪجهہ ب٠ نہ ڏيندو آهي٠

انهيءَ ڏينهن وري سينهي جي دعوت ڪئي ويئي، ۽ اڃان شادي ختم ٿي٠ بادشاه حڪم ڏنو تہ امير کي مالوه الجزات (۱) ڪنپات ۽ ڏهروالہ وارا پرڳٽا جاگير ۾ ڏنا وڃن ۽ مذڪور ملڪ تي فتح الله کي سندس نائب مقرر ڪيو وڃي٠ مطلب تہ سندس عزت افزائيءَ ۾ ڪابہ ڪمي ڪانہ ڪئي ويئي؛ ۽ آخر هو هڪ بدوي عرب هو سو قدر سڃاڻي نہ سگهيو ۽ آخر سندس اها بدويت جي جهالت هن تي غالب آئي، جنهن ڪيس شاديءَ جي پورن ويهن ڏينهن ڪان پوء بچڙو ڪرايو٠

## امير الغرا جو قيد ٿيڻ

شاديءَ جي ويهن ڏينهن ڪان پوء هو شاهي محل ڏانهن ويو ۽ بنا اجازت اندر وڃڻ ڇاهيائين٠ تنهن تي امير برداريۃ (پرده دار) ڪيس منع ڪئي٠ امير غرا هن جي ڪا پرواه ڪانہ ڪئي ۽ زبردستيءَ اندر وڃڻ لڳو٠ انهيءَ دربان ڪيس وارن ڪان جهلي ڪڍي پوئتي ڌڪو ڏنو٠ امير غرا کي جو لڳي ڪاوڙ، سو لڪڻ جيڪو سندس هٿ ۾ هو سو اهڙو تہ زور سان وهائي ڪيائينس، جو رت نڪري آيس٠ هيءُ دربان بہ هڪ وڏو امير هو، جنهن جو پيءُ غزنيءَ جو قاضي هو، جيڪو سلطان محمود بن سبڪتگين جي اولاد مان هو ۽ بادشاه ڪيس پيءُ جي بجاء ڪري سمجهندو هو ۽ سندس پٽ کي، جنهن کي امير غرا مار ڏني، هُن پاءُ ڪري سڏيو هو٠ هو پنهنجا رت سان پريل ڪپڑا ڪڍي سڏو بادشاه وٽ وڃي ڏانهن ٽيو تہ امير غرا سون کي ماريو آهي٠ بادشاه ڪجهہ وقت سوچيندو رهيو، آخر چيائينس تہ قاضيءَ وٽ وڃي فرياد ڪر٠

بادشاه جي محل ۾ زبردستيءَ گهڙڻ اهڙو ڏوهہ آهي، جو

---

(۱) الجزات- هتي ابن بطوطہ شايد گجرات جو ذڪر ٿو ڪري، ڇو تہ الجزات جو ڪوبہ ملڪ هندستان ۾ ڪونهي٠ — مترجم

Marfat.com

بادشاه کڏهن بہ معاف نہ کندو آهي ۽ ان ماڻهوءَ جي يقيني سزا موت هوندي آهي. پر چاکاڻ تہ هو غير ملکي ماڻهو هو تنهنکري هن سان رعايت ڪئي ويئي. قاضي ڪمال الدين ان وقت ديوان خاني ۾ ويٺو هو. بادشاه ملک تتر کي چيو تہ هنن ٻنهي کي قاضيءَ وٽ وڃي. ملک تتر حاجي هو ۽ عربي تمام سٺي ڳالهائيندو هو. جڏهن ٻنهي کي قاضيءَ وٽ حاضر ڪيائين، تڏهن امير غرا کي ڳالهيون ڪندي ڏسائين تہ تو هن شخص کي ماريو آهي؟ جڪڏهين نہ ماريو اٿئي تہ چئو تہ مون نہ ماريو آهي. يعني سندس مطلب هو تہ چوي تہ نہ. پر هو جو اهل جاهل هو ۽ ڪجهہ مغرور بہ ٿي پيو هو، سو زور ڏئي ٻيهي رهيو تہ هائو مون برابر ماريو اٿس.

ايتري ۾ زخميءَ جو پيءُ بہ اچي نڪتو، تنهن بہ ڪوشش ڪئي تہ ٻنهي جي وچ ۾ صلح ٿئي تہ ڇڪو. پر سيف الدين اهل اِت هٽي ٻيهي رهيو. قاضيءَ فيصلو ڪيو تہ هو سڄي رات جيل ۾ رهي. سندس زال بادشاه جي خوف کان نہ هن ڏانهن منهن لاءِ بسترو موڪليو ۽ نہ وري ڪا خبر لڏائينس. سندس دوستن کي بہ اچي خوف ورتو، سو سڀني پنهنجا مال وڃي ماڻهن وٽ امانت رکيا. مون ارادو ڪيو تہ قيد خاني ۾ وڃي سائس ملاقات ڪريان. هڪ امير مون کي ملڻ جنهن منهنجو مطلب سمجهي چيو تہ تو کي وسري ويو آهي ڇا تہ تو شيخ شهاب الدين بن شيخ احمد جام سان ملاقات جو ارادو ڪيو هو ۽ ڪيئن بادشاه تنهنجي قتل جو حڪم ڏنو هو. هن واقعي جو بيان اڳتي ڪندس.

اهو ٻڌي مان واپس موٽي آيس. ٻئي ڏينهن ظهر جي وقت امير غرا کي آزاد ڪيو ويو. ان کان پوءِ بادشاه هن کان منهن موڙي ڇڏيو ۽ سندس جاگير جو حڪم بہ رد ڪري ڇڏيائين. نہ رڳو ايترو پر جلاوطن ڪرڻ جو بہ ارادو ڪيائينس.

بادشاه جو هڪ ٻيو ڀيٽيو مغيث الدين ابن الملک الملوک

Marfat.com

نالي هوندو هو. بادشاه جي پيٺ هميشه ان جي شڪايت ڪندي ڪندي، آخر سري ويئي. ان وقت سندس پاڻهين بادشاه کي ياد ڏياريو ته هوءَ ويچاري به هن جي ظلم جي سبب ڪري مئي آهي، ۽ هو اصل خاندان ۾ ڪونہ آهي. جنهن تي بادشاه پنهنجي هٿ سان حڪم ڪيو ته قيط (حرامي) ۽ موش خوار کي ملڪ بدر ڪيو وڃي. حرامي۽ مان سندس اشارو مغيث الدين ڏانهن هو ۽ موش خوار مان سندس مطلب امير سيف الدين هو۔ جو ته بدوي عرب يربوع نالي هڪ جانور کائيندا آهن، جيڪو جهنگلي ڪٽي جي شڪل جهڙو ٿيندو آهي. يڪدم نقيب آيا ته هن کي ملڪ مان باهر ڪڍن. هن چاهيو ٿي ته پنهنجي گهر وڃي پنهنجي زال کان موڪلائي اچي، پر نقيب هر هر ڪيس ڏئي لاءِ اڃي رهيا هئا. تنهنڪري روڪيندو انهن سان هليو ويو.

مان ان وقت محل ۾ ويس ۽ سڄي رات اتي ترسي رهيس. هڪ امير مون کان پڇيو ته رات هتي ڇو ترسيو آهين. مون چيو ته امير سيف الدين جي ياري ۾ بادشاه کي چوڻو اٿم ته هن کي ملڪ نيڪالي نه ڏئي ۽ هن کي واپس گهرائي وٺي. هن جواب ڏنو ته اڄين بلڪل ناممڪن آهي. تنهن تي مون چيو ته جيڪڏهن سون کي هڪ سو راتيون به هتي رهڻيون پيون ته به رهندس، پر پنهنجو مطلب ضرور حاصل ڪندس.

بادشاه کي جڏهن اها خبر پهتي ته تڏهن حڪم ڏنائين ته امير سيف الدين کي واپس گهرايو وڃي ۽ ٻوءِ حڪم ڏنائين ته هو ملڪ قبولي لاهوريءَ جي خدمت ۾ رهي. آخر چار سال جڏهن هن سان سوارين ۽ سفرن ۾ گذ رهي، هو تهذيب ۽ ادب ڇڳيءَ طرح سکي ويو، تڏهن وري هن کي پنهنجي مرتبي تي واپس ڪيو ويو ۽ ڪيس ساڳيون جاگيرون ۽ لشڪر ڏيئي، سندس عزت افزائي ڪئي ويئي.

## سلطان جي وزير جي ڌين جي شادي خداوندزاده قوام الدين جي پٽن سان ٿيڻ

خداوند زاده قوام الدين جڏهن بادشاه وٽ آيو، تڏهن سندس تمام گهڻي خاطرداري ڪرڻ کان سواءِ ساڻس نهايت سٺو سلوڪ ڪيو ويو. پوءِ بادشاه سندس ٻنهي پٽن جي شادي وزير خواجه جهان جي ٻن ڌين سان ڪئي. وزير جي گهر آيو ۽ اچي سندس ڌين جي نڪاح ۾ شريڪ ٿيو. هو جيستائين قاضيءَ نڪاح ٿي پڙهايو تيستائين بادشاه بيٺو رهيو ۽ ٻيا امير ۽ حاضرين ويٺا رهيا. پوءِ بادشاه پنهنجي هٿن سان ڪپڙا ۽ رپين جون ڳوٿريون کڻي قاضيءَ ۽ خداوندزاده جي پٽن کي ڏنيون. هي ڏسي امير اٿي عرض ڪرڻ لڳا ته بادشاه سلامت ايتري تڪليف نه وٺن. تنهن تي بادشاه کين ويهي رهڻ جو حڪم ڏيئي، پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ وڏي امير کي بيهاري پاڻ هليو ويو.

## بادشاه جي تواضع ۽ انصاف جي متعلق ڳالهه

هڪ دفعي هڪ وڏي هندن جي امير بادشاه تي ڪيس داخل ڪيو ته بادشاه سندس ڀاءُ کي بي خطا مارائي ڇڏيو آهي. قاضيءَ جي سڏ تي بادشاه بنا هٿيارن جي پيرين ٻنڌ وڃي قاضيءَ جي ڪورٽ ۾ پيش ٿيو. اتي وڃي سلام ڪري آداب بجا آندائين. قاضيءَ کي اڳيئي چوائي موڪليو هئائين ته جڏهن مان اچان تڏهن هرگز اٿي نه بيهجانءِ، نه ئي وري منهنجي ٻي ڪا خوشامد ڪجانءِ. جڏهن هو قاضيءَ جي سامهون آيو تڏهن قاضيءَ حڪم ڪيو ته هن جي ڀاءُ جي خون لاءِ هن کي راضي ڪر. پوءِ بادشاه وڃي هن کي راضي ڪيو.

## اهڙي هڪ ٻي ڳالهه

هڪ دفعي ڪنهن مسلمان شخص بادشاه تي ڪجهه مال

Marfat.com

جي دعويٰ داخل ڪئي. قاضيءَ حڪم ڏنو تہ بادشاہ هڪدم سندس مال موتائي ڏئي، ۽ بادشاہ هن کي سندس مال موٽائي ڏنو.

## هڪ ٻي ڳالهہ

هڪ دفعي ڪنهن بادشاہ جي عهديدار جي پٽ بادشاہ تي ڪيس ڪيو تہ بادشاہ بنان ڪنهن سبب جي هن کي مار ڏني آهي. قاضيءَ حڪم ڏنو تہ بادشاہ چوڪري کي راضي ڪري يا ان جو قصاص (۱) ڏئي. سون ڏنو تہ بادشاہ پنهنجي مجلس ۾ ان چوڪري کي گهرائي، سندس هٿ ۾ هڪ لڪڙ ڏيئي، هن کي پنهنجو قسر وڃهي ڇڏي تہ پنهنجو بدلو سون کان وٺ ۽ جهڙيءَ طرح سون تو کي ماريو آهي اهڙيءَ طرح تون بہ سون کي مار. چوڪري بادشاہ کان لڪڙ وٺي ايڪوئيهہ دفعا ڪيس هنيو. ايتري قدر جو هڪ دفعي ڏڪ لڳڻ سان بادشاہ جو (ڪلاءُ) ڪلاہ بہ سندس مٿي تان ڪري پيو.

## نماز لاءِ سختي

هيءُ بادشاہ نماز لاءِ تمام گهڻو تاڪيد ڪندو هو. سندس حڪم هو تہ جيڪو بہ شخص جماعت سان نماز نہ پڙهي، تنهن کي سزا ڏني وڃي. هڪ دفعي انهيءَ ڳالهہ تان نو ماڻهو قتل ڪرائي ڇڏيائين، جن سان هڪ ڪائيندڙ بہ هو. هن ڪم لاءِ بادشاہ ڪيترائي ماڻهو مقرر ڪري ڇڏيا هئا، جن جو فرض هوندو هو تہ جماعت جي وقت جيڪو بہ ماڻهو بازار ۾ ڏسندا هئا، تنهن کي پڪڙي ايندا هئا، ايتري قدر جو سٽس جيڪي ديوانخاني

---

(۱) قصاص- خون جو بدلو خون. خون جو قصاص ائين ٿيندو آهي، جو خونيءَ کي خون ٽيل جي وارثن جي حوالي ڪيو ويندو آهي، جيڪي قصاص ۾ ان کي ماري ڇڏيندا آهن؛ يا وري جي خوني انهن کي رپيا ڏيئي راضي ڪري، تہ بہ ٽي سگهي ٿو. بادشاہ يا هندوءَ کي مال ڏيئي راضي ڪيو هو، نہ تہ قصاص ۾ مارجي وڃي ها. - مترجم

Marfat.com

جي در تي گهوڙا جهليو بيٺا هوندا هئا تن کي به پڪڙڻ شروع ڪري ڏنائون. شاهي فرمان هو ته هر شخص، وضو ۽ نماز جا فرض ۽ اسلام جا شرائط سکي، ۽ ماڻهن کان انهيءَ متعلق سوال به ڪيا ويندا هئا. پوءِ جيڪڏهن ڪو چڱيءَ طرح سان جواب ڏيئي نه سگهندو هو، ته هڪدم کيس سزا ملندي هئي. تنهنڪري سڀ ماڻهو بازارين ۾ ڪاغذن تي نماز وغيره جا مسئلا لکارايو، ياد ڪندا وتندا هئا.

## شرعي حڪمن لاءِ سختي

شرعي حڪمن لاءِ به هيءُ بادشاه تمام گهڻي سختي ڪندو هو. پنهنجي ڀاءُ مبارڪ خان کي هن جو حڪم هو ته هو ديوانخاني ۾ قاضي القضاه ڪمال الدين سان گڏ ويهي انصاف ڪرائي. هن کي اهو به حڪم هو ته هڪ بلند برج ۾ ٿي ويهي. قاضيءَ لاءِ انهيءَ ئي برج ۾ بادشاه جي بيٺڪ وانگر هڪ مسند لڳائي ويئي هئي. بادشاه جو ڀاءُ قاضيءَ جي ساڄي پاسي کان ويهندو هو. پوءِ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪنهن وڏي امير تي دعويٰ هوندي هئي ته بادشاه جي ڀاءُ جا ماڻهو کيس وٺي، اچي قاضيءَ جي سامهون پيش ڪندا هئا، ۽ اهو قاضي ان ماڻهوءَ کي سندس حق ڏياريندو هو.

## مظلومن جي فرياد رسي ۽ انصاف

سنه ٧٤١ هجريءَ ۾ بادشاه حڪم ڪڍيو ته سڄي ملڪ ۾ زڪوات ۽ عشر کان سوا، ماڻهن کان ٻيو ڪوبه ٽئڪس وغيره نه ورتو وڃي. پاڻ هفتي ۾ ٻه دفعا سومر ۽ خميس جي ڏينهن تي انصاف ڪرڻ لاءِ اچي ديوانخاني جي سامهون ميدان تي ويهندو هو. انهن ڏينهن تي، هن جي سامهون صرف چار ماڻهو موجود هوندا هئا، جي هئا امير حاجب، خاص حاجب، سيدالحجاب ۽ شرف الحجاب. سڀني ماڻهن کي عام اجازت هوندي هئي ته اچي پنهنجون تڪليفون

Marfat.com

۽ فرياد پيش ڪن. چئن اميرن کي وري چئن ئي دروازن تي مقرر ڪيو ويو ته فريادين جو بيان لکندا رهن. انهن چئن اميرن مان چوٿون بادشاه جو سوٽ ملڪ فيروز هوندو هو.

اهڙيءَ طرح سان جيڪڏهن پهرئين دروازي وارو فرياديءَ جي شڪايت لکي بادشاه کي موڪليندو هو ته واه، نه ته فريادي وري ٻئي دروازي تي ويندو هو. جي اهو به نه لکندو هو ته فريادي وري ٽئين ۽ چوٿين دروازي تي ويندو هو. جيڪڏهن انهن مان ڪنهن به ٻوٽو نه ٻاريو ته فريادي صدر جهان سرڪاري قاضيءَ وٽ ويندو هو. اتفاق سان جيڪڏهن انهي به سندس فرياد رسي نه ڪئي، ته پوءِ هو سڌو بادشاه وٽ لنگهي ويندو هو، جنهن جي عام اجازت هوندي هئي. پوءِ بادشاه کي جيڪڏهن بلڪل يقين ٿي ويندو هو ته انهن اميرن ۽ قاضيءَ وٽ فريادي ويو هو ۽ هنن مان ڪنهن به شڪايت نه لکي موڪلي، ته هنن کي تمام گهڻو ڳالهائيندو هو. اهڙيءَ طرح فريادين جا سڀ لکيل بيان بادشاه، عشا کان پوءِ، خود پڙهندو هو.

## ڏڪار ۾ ماڻهن کي کاڌو رسائڻ

جڏهين هندستان ۽ سنڌ جي ملڪن ۾ ڏڪار پيو، تڏهن مهانگائي ايتري ته وڌي ويئي جو، ڪڻڪ ڇهه دينار في مڻ ٿي ويئي. ان وقت بادشاه حڪم ڏنو ته دهليءَ جي سڀني رهواسين، ننڍي، وڏي، غلام خواه آزاد کي، ڏيڍ رطل مغربي في ماڻهوءَ جي حساب سان ڇهن مهينن جو راشن (سرڪاري) گودامن مان، هڪدم ڏنو وچي. پوءِ فقيه ۽ قاضي شهر جي هرهڪ محلي وارن جون لسٽون ٺاهي حاضر ڪندا پئي ويا، ۽ هر ماڻهوءَ کي ڇهن مهينن جو راشن ملندو ٿي رهيو.

# باب ڇهون

## فصل پهريون

# بادشاه جا ظلم

هن وقت تائين بادشاه جي تواضع، انصاف ۽ سخاوت جون ڳالهيون جيڪي غير معمولي هيون، پئي بيان ڪيون اٿم. انهن سڀني چڱين عادتن کان سواء هو خونخوار به انتها درجي جو هوندو هو. ڪڏهن ڪو اتفاق هوندو هو، جو سندس دروازي تي ڪنهن کي قتل نه ڪيو ويندو هو. گهڻو ڪري دروازي تي ماڻهن جا لاش پيا هوندا هئا. هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي ته مان محل ڏانهن ويس ته اتي ڪنهن سفيد شيء کي ڏسي منهنجي گهوڙي وٺي ٿاه کاڌو. مون سان گڏ هڪ ماڻهو هو، جنهن ٻڌايو ته اهو هڪ شخص جو ڌڙ آهي، جنهن مان ٽي ٽڪرا ڪيا ويا آهن.

هي بادشاه ننڍي خواه وڏي ڏوهه جي هڪجهڙي سزا ڏيندو هو، جنهن ۾ علم وارن، شريفن يا صالحين سان به ڪنهن قسم جي رعايت نه ڪئي ويندي هئي. ديوان خاني ۾ هر روز سوين ماڻهو هٿڪڙين ۽ زنجير پيل حاضر ڪيا ويندا هئا، جن مان ڪن کي قتل ڪيو ويندو هو، ڪن کي عذاب ڏنا ويندا هئا ته ڪن کي وري مارون ڏنيون وينديون هيون. هن جو دستور هوندو هو ته جمعي جي ڏينهن کان سواء ٻين ڏينهن تي سڀني قيدين کي ديوان خاني ۾ گهرائيندو هو. جمعي جي ڏينهن هو (قيدي) ٻاهر ڪونه نڪرندا هئا، ڇو ته ان ڏينهن هو حجامت

Marfat.com

وغيره ڪرائي آرام ڪندا هئا. خدا انهيءَ مصيبت کان پناه ڏئي.

## پنهنجي ڀاءُ کي قتل ڪرائڻ جو بيان

هن جو ڀاءُ هوندو هو جنهن جو نالو هو مسعود خان. هن جي ماءُ سلطان علاءالدين (خلجي) جي ڌيءُ هئي. هيءُ شهزادو اهڙو ته سهڻو هوندو هو، جو سندس مٽ مون اڄ تائين ڪونه ڏٺو آهي. هن ويچاري تي الزام لڳايو ويوهو ته هو بغاوت ٿو ڪري. جڏهن هن کان انهيءَ بابت پڇيو ويو تڏهن عذابن جي خوف کان کڻي مڃيائين. ڇاڪاڻ ته کيس خبر هئي ته اهڙي ڏوه جي ملزمن جي انڪار تي کين ڪيترا ئي عذاب ڏنا ويندا هئا، تنهن کان هڪ دفعو مرڻ بلڪل آسان هو. بادشاه حڪم ڏنو ته مارڪيٽ جي وچ تي سندس سر جدا ڪيو وڃي. اهڙيءَ طرح سان قتل ٿيڻ کان پوءِ حسب دستور ٽي ڏينهن سندس لاش اتي ئي پيو هو. هن واقعي کان ٻه سال اڳ هن مسعود خان جي ماءُ انهيءَ ساڳئي جاءِ تي سنگسار ڪئي ويئي هئي. هن زنا جو اعتراف ڪيو هو، تنهنڪري قاضي ڪمال الدين هن کي سنگسار ڪرايو هو.

## بادشاه جو هڪ ئي وقت ساڍا ٽي سؤ ماڻهو مارائڻ

هڪ دفعي بادشاه، جابلو ڪافرن سان لڙائي ڪرڻ لاءِ، ملڪ يوسف بغرا جي سپهه سالاريءَ ۾ هڪ وڏو لشڪر موڪليو. يوسف جڏهن انهيءَ وڏي لشڪر سان ٻاهر نڪتو تڏهن واٽ تي انهن مان ڪيترا اختلاف ڪري لشڪر مان ڀڄي ويا ۽ اچي شهر ۾ پنهنجن گهرن ۾ ويهي رهيا. هيءُ سڄو واقعو يوسف بادشاه کي لکي موڪليو، جنهن حڪم ڪيو ته سڄي شهر جي حصن ۾ سپاهي ڦري وڃن ۽ ڀڄندڙن مان جيڪو به ملي سگهي، تنهن کي گرفتار ڪيو وڃي. اهڙيءَ طرح سان ٽي سو پنجاه اهڙا ماڻهو پڪڙيا ويا جن کي هڪ ئي هنڌ مارايو ويو.

Marfat.com

## شيخ شهاب الدين کي عذاب ڏيئي قتل ڪرائڻ

هيءُ شيخ شهاب الدين بن شيخ احمد جام خراساني، شهر جي وڏن مشائخن، صالحن ۽ فاضلن مان هڪ هوندو هو ۽ چوڏهن ڏينهن جو روزو رکندڙ هو. هن جي زيارت لاءِ اڳين بادشاهن مان، سلطان قطب الدين ۽ تغلق شاه پڻ ويندا هئا، سندس دعا جا خواهشمند رهندا هئا ۽ کيس تمام گهڻي عزت ڏيندا هئا.

جڏهن سلطان محمد شاه بادشاه ٿيو تڏهن ارادو ڪيائين ته شيخ شهاب الدين کي به پنهنجي نوڪريءَ ۾ رکان. ڇو ته هو عادت موجب سڀني مشائخن ۽ عالمن کي نوڪريءَ ۾ رکندو ويندو هو ۽ اها حجت اٿاريندو هو ته صدر الاول رضي الله عنهم (خلفاء راشدين) اهل علم ۽ اهل صلاح کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به ڪا نوڪري ڪونه ڏيندا هئا. شيخ شهاب الدين هن جي آڇ تي انڪار ڪيو. جڏهن بادشاه ڀريءَ عام دربار ۾ عرض ڪيس تڏهن به صاف جواب ڏيئي ڇڏيائينس. بادشاه کي تنهن تي ڏاڍا خار لڳا ۽ شيخ ضياءُ الدين سمناميءَ کي حڪم ڏنائين ته شيخ شهاب الدين جي ڏاڙهي پٽ. ضياءُ الدين تنهن تي انڪار ڪندي چيو ته اهڙو ڪم مون کان نه ٿيندو. تنهن تي بادشاه حڪم ڏنو ته هنن ٻنهي جي ڏاڙهي پٽي وڃي. جڏهن ٻنهي جي ڏاڙهي پٽي ويئي، تڏهن ضياءُ الدين کي تلنڪ (تلنگانه) ڏانهن ڪڍي ڇڏيائين. جتان ڪجهه وقت کان پوءِ کيس (وزوکل) وارنگل جو قاضي مقرر ڪري موڪليائين، جتي ئي هو آخري دم تائين رهيو. ۽ شهاب الدين کي وري دولت آباد موڪلي ڇڏيائين، جتي هو ست سال کن رهيو، پوءِ هن کي واپس گهرايو ويو ۽ گهڻي عزت ۽ آبروءَ سان هن کي عاملن کان بقايائن وصول ڪرڻ جي ڪم تي مقرر ڪيائين. پوءِ وري هن کي اتان به گهرائي تمام گهڻي عزت ڏيئي کيس عاملن کان بقايائن وصول ڪرڻ وارن جي شعبي تي، ديوان مقرر ڪري، وري به کيس عزت ۽ مال ڏنائين ۽

Marfat.com

اميرن کي حڪم ڪيائين تہ هن جي سلاميءَ لاءِ هن وٽ وينڊا ڪن، ۽ جيئن هو چوي تيئن ڪن. ايتري قدر، جو بادشاه جي گهر ۾ هن کان وڌيڪ عهديدار ٻيو ڪونہ هو.

جڏهن بادشاه پنهنجي لاءِ گنگا نديءَ جي ڪناري تي هڪ محل ٺهرايو جنهن جو ٻالو رکيائين سرڪ دوار (سرگ دوار) معني بهشت جو ٻڪرو (شبة الجنت) ۽ ٻين ماڻهن کي ٻڌ حڪم ڏنائين تہ پنهنجا پنهنجا گهر آڻي ناهيو، تڏهن شيخ شهاب الدين کي ٻڌ اهڙو حڪم ڏنائين، پر هن پنهنجيءَ جاءِ تي رهڻ جي اجازت گهري، جنهن تي بادشاه کيس اجازت ڏني ۽ دهليءَ کان ڇهن ميلن جي مفاصلي تي هڪ غير آباد زمين جي ابراضي ٻڌ هن کي ڏيئي ڇڏي. شيخ شهاب الدين انهيءَ زمين ۾ هڪ وڏو غار کوٽايو، جنهن ۾ گهر، گودام، تنور، حمام ۽ ٻيون ضروري جايون ٺهرايائين، ۽ جمنا نديءَ مان هڪ واهہ کڌائي پنهنجي زمين آباد کرايائين.

انهن ڏينهين ملڪ ۾ ڏڪار هو، تنهنڪري هن کي اناج جي واپار مان تمام گهڻو فائدو ٿيو. ايڏائي سالن تائين، جيسين بادشاه دهليءَ کان ٻاهر رهيو، تيسين شهاب الدين اطمينان سان پنهنجي غار ۾ ويٺو رهيو. سندس نوڪر ڏينهن جو زمين تي ڪم ڪار ڪري، پنهنجن ديورن ديڳن سميت رات جو غار ۾ وڃي دروازو بند ڪري چڏيندا هئا، چو تہ آسپاس جي جبلن ۾ چور ۽ ڏاڪو رهندا هئا، جن مان هر وقت ڪين خطرو هوندو هو.

بادشاه جڏهن دارالخلافہ ڏانهن واپس اچي رهيو هو، تڏهن شيخ شهاب الدين متن ميلن جي مفاصلي تي وڃي سندس استقبال ڪيو. بادشاه سندس تمام گهڻي عزت ڪئي. ساڻس ڏاڍا ٻاڪر ٻاڻي مليو. ان کان پوءِ شيخ پنهنجي غار ڏانهن هليو آيو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ، بادشاه شيخ کي گهرايو، جنهن تي شيخ وڃڻ کان انڪار ڪيو، بادشاه وري مخلص الملڪ الندر باريءَ کي

Marfat.com

جيڪو وڏن امير ملان هر، ڏن وٺ موڪليو، جنهن اڃي شيخ سان تمام نهايٺي ۽ نرميءَ سان گفتگو ڪئي ۽ ڪيس سمجهائيندي بادشاه جي غصي کان ٻ ڊيڄارايائين. شيخ جواب ڏنس تہ ملان هن ظالر بادشاه جي نوڪري وغيره اصل نہ ڪندس.

مخلص الملڪ واپس بادشاه وٽ اينو ۽ جيڪو شيخ چيو هو، سو اڃي ٻڌايائين، جنهن تي بادشاه حڪر ڪيو تہ شيخ کي گرفتار ڪري پيش ڪيو وڃي. شيخ کي جڏهن پڪڙي آندو ويو، تڏهن بادشاه پڇيس تہ ڇا تون مون کي ظالم ٿو چوين؟ شيخ ترکي بترکي جواب ڏنس تہ هڪو تون وڏو ظالم آهين ۽ تو فلاڻا فلاڻا ظالر ڪيا آهن. شيخ دهايءَ جو شهر ڦاڙڻ ۽ اڏي جي رهواسين کي دولت آباد وڃي وڃ جو ٻ بيان ڪري ٻڌايس. بادشاه يڪدم پنهنجي تلوار ڪيي صدرالجهان قاضيءَ جي هٿ ۾ ڏني تہ مون کي ظالم ثابت ڪري هڻ تلوار ملان منهنجي سسي لاهي چڏ. تڏهن شهاب الدين چيس تہ جيڪو شخص توڏي ظالم هجڻ جي گواهي ڏيندو سو خود قتل ڪيو ويندو، تنهنڪري تون ڪيٽن ظالم ثابت ٿيندين، پر تون پاڻ چاڻين ٿو تہ تون ظالم آهين. هي ٻڌي بادشاه کين دويداريه (دوادار) جي سردار ملڪ نڪبه جي حوالي ڪيو، جيڪو هن کي سندس هٿ ٻڌي، پيرن ۾ چار زاڃرون وجهي، وٺي ويو.

چوڏهن ڏينهن ٿائين شيخ نہ ڪجهہ کاڌو نہ پيتو، بلڪ اکين ڏي رهيو. هر روز ڪيس ديوان خاني ۾ وٺي اينداهئا، جتي فقيهہ ۽ مشائخ گڏ ٿي ڪيس چوندا هئا تہ پنهنجا لفظ واپس وٺي. پر هو هر وقت چوندو رهيو تہ ملان پنهنجا لفظ واپس ڪڏهن ڪونہ وٺندس ۽ ملان شهيدن ۾ شامل ٿيڻ ٿو گهران. آخر چوڏهين ڏينهن بادشاه هن کي مخلص الملڪ جي هٿان کاڌو ڏياري موڪليو. پر شيخ کائڻ کان جواب ڏيندي چيس تہ اهو کاڌو بادشاه ڏانهن واپس ڪڍي وڃ، جو منهنجو رزق هيٺر هن زمين تان ڪڍي ويو آهي.

بادشاه هن خبر پهچن سان حڪر ڪيو تہ شيخ کي پنج

استار پائخاني جا ـ جيڪو ايائي رطل مغربي جيترو ٿيندو ـ ڪارايو وڃي. هن ڪم تي جي ڪافر مقرر ٿيل هوندا هٿا سي يڪدم انيا. چا ڪيائون، جو شيخ کي زمين تي سٽون سمهاري، سندس وات لوهه جي ڪليل سان کولي، پائخانو پاڻي ۾ سلائي، پياري چڏيائونس! پئي ڏينهن شيخ کي صدر جهان قاضيء وٽ وڃي وياء جتي فقيهن ۽ مشائخن گهڙي سمجهايس ۽ هيئون سٽيون ڏنائونس ته، پنهنجا لفظ واپس وٺ. ۽ هن صفا انڪار ڪري چڏيو. آخر ۾ سندس سر ڪپو ويو. خدا شل هن تي رحمت ڪري.

## مدرسي جي فقيه عفيف الدين کاشانيء کي ۽ پن فقيهن کي هن سان گڏ قتل ڪرائڻ

ڏکار جي زماني ۾ بادشاه حڪم ڪيو هو ته داوالملڪ (دارالخلافه) کان باهر ڪوٽائي ان تي آبادي ڪرائي وڃي ۽ ماڻهن کان ان لاء هڪ ۽ پوڪ لاء ضرورت آهر مدد وٺي وڃي. هي سڀ زبردستيء سان، سرڪاري گوداڻن کي ڀرڻ لاء ڪيو تي ويو. فقيهه عفيف الدين کي جڏهن اها خبر پيئي تڏهن هو چوڻ لڳو ته، اهڙيء پوڪ مان عوام کي ڪوبه فائدو ڪونه ٿيندو، وغيره.

ڪنهن بادشاه کي به هيءَ خبر وڃي ڪئي، جنهن تي بادشاه هن کي سلطنت جي ڪمن ۾ دست اندازي ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ڪئي جيل ۾ رکيو، ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوء ڇڏي ڏنائينس. آزاديء ملڻ کان پوء جڏهن هو گهر وڃي رهيو هو، تڏهن وات تي به دوست، جي ٻ. فقيهه هٿا ملهس. انهن چيس ته خدا جا لک شڪرانا جو تون آزاد ٿنين! تنهن تي فقيهه (عفيف الدين) وراڻي ڏني ته هاڻو خدا جو شڪر آهي، جنهن مون کي ظالمن جي قوم کان بچايو. اڃا هو ٿئي ڏڙي يڪڙي پنهنجي گهرن ۾ سس پهتا، ته اها خبر بادشاه تائين پهچي ويئي، جنهن

Marfat.com

تنهي کي حاضر ڪرڻ جو حڪم ڪيو.

جڏهن ٽيئي ڄڻا حاضر ڪيا ويا تڏهن بادشاه جي حڪم موجب عفيف الدين جو سر ڌڙ سوڌو وڍي کيس ٻه ٽڪر ڪيو ويو ۽ ٻن فقيهن لاءِ بادشاه حڪم ڪيو ته هنن جا سر وڍي ڦٽي ڪيا وڃن. هنن ٻنهي التجا ڪئي ته عفيف الدين کي سندس بدڪلاميءَ سبب اها سزا ڏني وئي، پر اسان ته نه ڪجهه چيو نه آکيو، اسان کي آخر ڪهڙي گناه جي سزا ڏني ٿي وڃي! تنهن تي بادشاه چيو ته توهان هن جي ڳالهه ٻڌي ان جي مخالفت نه ڪئي ۽ کڻي ماٺ ڪيوَ، ڄڻ ته توهان به هن سان شامل راءِ هئا. آخر تنهي کي اهڙيءَ طرح قتل ڪيو ويو. خدا شل هنن سڀني تي رحم ڪري.

## بادشاه جو ٻن سنڌي فقيهن کي، جيڪي سندس نوڪري ۾ هئا، قتل ڪرائڻ

هنن ٻن سنڌي فقيهن کي بادشاه حڪم ڏنو ته توهان فلاڻي امير سان، جنهن کي فلاڻي ملڪ جو والي مقرر ڪيو اٿم، گڏجي اتي وڃو ۽ ائين به چيائين ته مون ان ملڪ جي رعيت توهان جي سپرد ڪئي آهي، تنهنڪري هيءُ امير به جيئن توهان چوندا تيئن ڪندو رهندو. تنهن تي هنن ٻنهي عرض ڪيو ته اسان هن امير تي شاهدن وانگر رهنداسين ۽ جيڪي ڪجهه سچ هوندو، هن کي چوندا رهنداسين. بادشاه هي ٻڌي چيو ته توهان جي نيت ٺيڪ نه آهي ۽ توهان جو خيال آهي ته توهان منهنجو مال کائيندا رهو ۽ هن بيوقوف ترڪي امير تي ان جو الزام لڳائيندا رهو! هي ٻڌي ٻنهي سنڌي فقيهن هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته اي اخوند عالم! خدا جو قسم، اسان جي اها نيت نه آهي. بادشاه فرمايو ته انهيءَ کان سواءِ توهان جي ٻي ڪابه نيت ڪانه آهي ۽ حڪم ڏنائين ته هنن ٻنهي کي شيخ زاده

نهاونديءَ وٽ وٺي وڃو.

هيءُ شيخ زادو ماڻهن کي عذاب ڏيڻ تي مقرر ٿيل هوندو هو. جڏهن هنن فقيهن کي ان وٽ آندو ويو تڏهن هن کين سمجهائيندي چيو ته بادشاه توهان ٻنهي کي قتل ڪرڻ ٿو چاهي، تنهنڪري خيريت انهيءَ ۾ اٿوَ ته کڻي پنهنجو ڏوهه قبول ڪريو ۽ پاڻ کي عذابن کان بچايو. هنن جواب ڏنو ته اسان جي جيڪا نيت هئي تنهن جو عرض بادشاه کي ڪري ڇڏيو اٿون. هي ٻڌي شيخ زاده نهاونديءَ پنهنجي نوڪرن کي حڪم ڪيو ته هنن کي عذاب جو مزو چکايو وڃي. جنهن تي هنن ٻنهي فقيهن کي زمين تي سنئون سمهاري، سندن سينن تي تتل لوهه جون سرون کڻي رکيون. ٿوري وقت کان پوءِ جڏهن اهي سرون انهن تان مٿي کنيائون ته هنن جي سينن جو سڄو گوشت انهن سرن سان گڏ هليو آيو. پوءِ سندن انهن زخمن تي پيشاب سان مليل خاڪ رکي ويئي.

هن عذاب کان پوءِ هنن ڏوهه قبول ڪندي چيو ته اسان جي برابر اهائي نيت هئي جيڪا بادشاه سمجهي هئي ۽ اسان برابر قتل جا حقدار آهيون، ڇو ته سچا پچا ڏوهاري آهيون ۽ اسان پنهنجي قتل لاءِ ٻنهي جهانن ۾ دعويٰ نه ڪنداسين. هيءَ سڄي خبر خط ذريعي بادشاه کي پهچائي ويئي. بادشاه سڄوئي ڪيس وري قاضيءَ کي فتوا لاءِ موڪلي ڏنو، جنهن ان تي مهر هڻي پنهنجي هٿ سان نوٽ لکيو ته هي ٻيئي فقيهه بنا ڪنهن عذاب ۽ سختيءَ جي پنهنجو ڏوهه قبول ٿا ڪن. — جيڪڏهن هو کڻي ائين به لکائين ها ته اسان پنهنجو ڏوهه عذابن جي تڪليفن کان پوءِ قبول ڪيو آهي ته وري به کين نموني نموني جا عذاب ڏنا وڃن ها، تنهنڪري هنن انهيءَ ڳالهه کي سمجهي، هڪ دفعي سر لهڻ انهن عذابن کان وڌيڪ آسان ٿي ڄاتو. آخر سندن سر لاٿا ويا. خدا هنن ٻنهي تي شل رحمت ڪري.

## شيخ هود جي قتل کان اڳ

هن جو اصل نالو شيخ زاده هود هو ۽ الشيخ الصالح الولي رکن الدين بن بهاء الدين بن ابي ذکريا ملتانيءَ جو پوٽو هو. بادشاه سندس ڏاڏي رکن الدين ۽ ان جي پاءُ عماد الدين جي تمام گهڻي عزت کندو هو. عماد الدين شڪل ۾ هوبهو بادشاه جي شڪل جهڙو هوندو هو. تنهنڪري هن کي ڪنڌار خان واريءَ لڙائيءَ جي ڏينهن دشمنن خود بادشاه سمجهي ماري ڇڏيو هو. ان جي بدلي ۾ بادشاه شيخ رکن الدين کي هڪ سو گهوڙن جاگير ۾ ڏنا هٿا ته انهن جي آمدنيءَ مان خانقاه جي لنگر جو خرچ هلائيندو رهي.

شيخ رکن الدين جي وفات کان پوءِ شيخ هود پنهنجي ڏاڏي جي وصيت موجب انهيءَ خانقاه جو سجاده نشين ٿيو. پر شيخ رکن الدين جو هڪ پائٽيو هو جنهن پنهنجي چاچي جي ورتي لاءِ حقدار هجڻ جي دعويٰ ڪئي. ٻئي نمبري لاءِ بادشاه وٽ دولت آباد آيا. دولت آباد ملتان کان اسي منزلون پري آهي. بادشاه شيخ رکن الدين جي وصيت موجب شيخ هود کي سجاده نشين مقرر ڪيو. شيخ هود عمر ۾ وڏو ۽ شيخ رکن الدين جو پائٽيو اڃا نوجوان هو. بادشاه حڪم ڏنو ته شيخ هود جي گهڻي عزت ۽ آبرو ڪئي وڃي ۽ جنهن به منزل تي لهي ته اتي بادشاه جي طرفان سندس دعوت جو انتظام ڪيو وڃي. تنهن کان سواءِ شهر جي سڀني عملدارن کي حڪم ٿيو ته هن جي استقبال کڻڻ لاءِ وڃن. تنهنڪري هو جڏهن دارالخلافه ۾ پهتو تڏهن شهر جا سڀ فقيهه، قاضي ۽ مشائخ سندس استقبال لاءِ باهر آيا، جن ۾ مان به شامل هوس.

شيخ هڪ پائڪيءَ ۾ ويٺو هو، جنهن کي ساڻهو ڪٿي هلي رهيا هٿا ۽ سندس گهوڙا ڏڙڪي هلي رهيا هٿا. امان هن کي

Marfat.com

ظاهري سلام ڪيو پر اسان کي سندس پالڪيءَ ۾ سواري ڪرڻ بلڪل ڪانه وڻي. مون ڪنهن شخص سان ڳالهه پئي ڪئي ته هن کي گهوڙي تي سوار ٿي، قاضي ۽ مشائخ وغيره جيڪي سندس استقبال لاءِ آيا آهن، تن سان گڏ هلڻ گهرجي. هن کي به ڪنهن اها ڳالهه وڃي ٻڌائي؛ تنهن تي هو گهوڙي تي سوار ٿي هلڻ لڳو، ۽ پالڪيءَ جي سواري ڪرڻ جو سبب پئي ڏنائين ته ڪنهن سور (درد) جي ڪري گهوڙي تي چڙهي نٿي سگهيو.

جڏهن هو دارالخلافه ۾ پهتو، تڏهن بادشاه جي خرچ سان هڪ دعوت جو انتظام ڪيو ويو جنهن ۾ قاضي، فقيهه ۽ غير ملڪي ماڻهن کي به شامل ڪيو ويو. کاڌي کان پوءِ هرهڪ کي سندس درجي آهر انعام ۽ اڪرام ڏنا ويا. جيئن ته قاضي القضاة کي پنج سو دينار مليا ۽ مون کي اڍائي سو دينار، وغيره. هي هن ملڪ جو رواج آهي ته هرهڪ شاهي دعوت جي موقعي تي هن قسم جا انعام ۽ اڪرام ڏنا ويندا آهن. هن کان پوءِ شيخ هود پنهنجي شهر ڏانهن روانو ٿيو. بادشاه هن سان گڏ شيخ نورالدين شيرازيءَ کي به موڪليو ته هو اتي وڃي کيس پنهنجي ڏاڏي جو سجاده نشين بنائي. اتي پڻ بادشاه جي خرچ سان هڪ وڏي دعوت ڪئي ويئي هئي.

شيخ هود ڪيترن ئي سالن تائين سجاده نشين رهيو. هڪ دفعي سنڌ جي حاڪم عماد الملڪ بادشاه کي لکي موڪليو ته شيخ هود ۽ سندس عزيز دولت ۽ مال گڏ ڪندا ٿا وڃن ۽ اجاين ڪمن تي خرچ ڪندا ٿا رهن. باقي خانقاه ۾ ڪنهن کي به ماني نٿا کارائين. جنهن تي بادشاه حڪم ڏنو ته سندس مال ضبط ڪيو وڃي. عماد الملڪ هنن سڀني کي گهرايو ۽ ڪن کي ته جيل ۾ وجهي ڇڏيائين ۽ ڪن کي مار موچڙو ڪري، هنن کان ويهه هزار دينار روزانا وصول ڪندو رهيو. ايتري قدر، جو هنن وٽ آخر ڪجهه نه رهيو. هنن جي گهرن مان تمام گهڻي دولت ۽ قيمتي

Marfat.com

سامان نڪتو، جن سان هڪ جتيءَ جو جوڙو اهڙو ته عملو هو، جو ان تي ياقوت ۽ جواهرن جو ڪم ٿيل هو ۽ انهن جي قيمت ست هزار دينار ڇڻي ٿي ويئي. ڪهن ٿي چيو ته اهو جتيءَ جو جوڙو شيخ هرد جي ڏيءَ جو هو ۽ ڪهن ٿي چيو ته اهو سندس دلپسند پالهيءَ جو هو.

جڏهن شيخ تي تمام گهڻي سختي ڪئي ويئي، تڏهن هن ترڪستان پڃي وڃڻ جو ارادو ڪيو، پر هي پڪڙجي پيو. عمادالملڪ بادشاه کي سمورو احوال لکي موڪليو، جنهن تي بادشاه حڪم ڪيو ته شيخ هود ۽ جنهن شخص کيس پڪڙيو آهي، انهي کي سون ڏانهن موڪلي ڏي. هو پهتي جڏهن دارالخلافه ۾ پهتا، تڏهن جنهن شخص شيخ هود کي پڪڙيو هو، تنهن کي آزاد ڪيو ويو، باقي شيخ هرد کان بادشاه پڇيو ته تون ڪيڏانهن ٿي پڃي وڃين؟ تنهن تي شيخ لڳو عذر ۽ بهانا ڪرڻ ۽ نٽائڻ. بادشاه آخر چيس ته تو ارادو ڪيو هو ته ترڪستان پڃي وڃي اتي ڇڪين ته سان شيخ بهاءالدين ذڪريا جو پٽ آهيان ۽ اتي جي بادشاه سون سان هيءُ ملوڪ ڪيو آهي ۽ پوء تون انهن کي پنهنجي مدد لاء وڃي اڇي امان کي قتل ڪرائين ها. بادشاه ائين چئي، سندس سر لاهڻ جو حڪم ڏنو ۽ اهڙيءَ طرح سان هو قتل ڪيو ويو. خدا شل هن تي رحمت ڪري.

## ابن تاج العارفين ۽ ان جي اولاد کي قيد ڪرائڻ ۽ دارائڻ

شيخ شمس الدين ابن تاج العارفين، ڪول جي شهر ۾ رهندو هو، ۽ هڪ وڏو تارڪ الدنيا عابد شخص هوندو هو. جڏهن بادشاه ڪول جي شهر ۾ ويو هو، تڏهن شيخ شمس الدين کي پاڻ وٽ گهرايو هئائين. پر هو بادشاه جي سڏ تي نه ويو. تنهنڪري بادشاه پاڻ علي هن جي ملاقات لاء ويو، بادشاه جڏهن هن جي گهر جي ويجهو پهتو، تڏهن هو ڪيڏانهن ڪسڪي اڪري ويو ۽

Marfat.com

بادشاهہ سان ملاقات نہ ڪيائين.

ان واقعي کان پوءِ ڇا ٿيو، جو هڪ امير بادشاهہ جي خلاف بغاوت ڪئي ۽ ڪيترن ئي ماڻهن وڃي سندس بيعت ڪئي. بادشاهہ کي ڪنهن وڃي خبر ڪئي تہ هڪ دفعي جڏهن شيخ شمس الدين جي مجلس ۾، انهيءَ امير جي ڳالهہ نڪتي هئي، تڏهن شيخ صاحب سندس گهڻي تعريف ڪندي چيو هو تہ واقعي هو بادشاهہ ٿيڻ جي لائق آهي. اهو ٻڌي بادشاهہ يڪدم هڪ امير کي حڪم ڏنو تہ وڃي شيخ شمس الدين کي گرفتار ڪري اسان وٽ وٺي اچ. جنهن تي هو وڃي شيخ، سندس پٽن، ڪول جي قاضيءَ ۽ محتسب کي ٻڌي وٺي آيو، ڇو تہ اهي سڀيئي انهيءَ مجلس ۾ شريڪ هئا، جنهن ۾ شيخ صاحب انهيءَ باغي امير جي تعريف ڪئي هئي. بادشاهہ حڪم ڏنو تہ انهن کي قيد ۾ رکيو وڃي. پوءِ محتسب ۽ ڪول جي قاضيءَ کي انڌو ڪيو ويو ۽ شيخ شمس الدين قيد ۾ ئي وفات ڪئي. ان بعد قاضيءَ ۽ محتسب کي قيدخاني وارا هر روز ماڻهن کان خيرات پنڻ لاءِ ٻاهر وٺي ويندا هئا ۽ اهڙيءَ طرح وري کين وڃي قيد ۾ وجهندا هئا.

بادشاهہ کي اها بہ خبر پهتي هئي تہ شيخ صاحب جي پٽن جو هندن سان تمام گهڻو رستو هوندو هو ۽ ڪيترائي باغي هندو هنن وٽ ايندا ويندا رهندا هئا. جڏهن شيخ صاحب وفات ڪري ويو، تڏهن سندس پٽن کي قيدخاني مان ڪڍي بادشاهہ جي سامهون وٺي آيا. بادشاهہ کين چيو تہ جيڪي ڪجهہ بہ بہ توهان ڪيو سو ڪيو، پر هن کان پوءِ وري ڪڏهن بہ نہ ڪجو. تنهن تي جواب ڏنائون تہ اسان اڳ ۾ بہ ڪجهہ نہ ڪيو آهي. بادشاهہ هنن جي جواب تي ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ حڪم ڏنائين تہ هنن سڀني کي هڪدم قتل ڪيو وڃي. ان بعد بادشاهہ قاضيءَ مذڪور کي گهرائي چيو تہ هنن قتل ٿيل جوانن جي پوئلڳن ۽ دوستن جا نالا ٻڌاءِ. جنهن تي هن ڪيترن ئي ماڻهن

جا ڏاڍا ٻڌائي ڇڏيا. جڏهن بادشاه انهن ڏاڍ ظالمن جي خبرداري ڏني تڏهن (غصي ۾ پرجي) چيائين ته هيءُ شخص سڄي شهر کي برباد ڪرڻ ٿو گهري، تنهنڪري هن جو سر ڪپو وڃي. ٻيءَ ان جو به سر لاٿو ويو. خدا هن تي رحمت ڪري.

## شيخ علي حيدريءَ کي قتل ڪرائڻ

شيخ علي حيدريءَ نالي هڪ بزرگ شخص ڪنيات جي شهر ۾، جڪو هندستان جو هڪ بندرگاهه آهي، رهندو هو. هو هڪ وڏو مشهور ۽ معروف درويش ڪري سڏبو ويندو هو. ايتري قدر جو سمنڊ ۾ ڏکڻ ولڻ تي، سوداگر هن جي نالي جون بامون باسيندا هئا ۽ جڏهن (صحيح سلامت) هن بزرگ جي سلام لاءِ ايندا هئا تڏهن هيءُ ڪشف جي زور تي ڪين سندن سڀ احوال ٻڌائي ڇڏيندو هو. ڪنهن وقت جڪڏهن ڪو سوداگر وڏي باس باسيندو هو ۽ نيت ڦيرائي ڇڏيندو هو ته شيخ وٽ اچڻ وقت، شيخ ڪيس چوندو هو ته تو هيتري باس باسي هٿي، تنهنڪري هاڏي پنهنجي گاله، پوري ڪر. ڪيترائي دفعا جو اهڙا اتفاق ٿيا، سو شيخ پاڻ اڳي ڪان ٻڌ وڏيڪ مشهور ٿيڻ لڳو.

جڏهن قاضي جلال الدين افغانيءَ ۽ ان جي قبيلي هن ملڪ ۾ بغاوت ڪئي، تڏهن بادشاهه کي معلوم ٿيو ته شيخ حيدريءَ قاضي جلال الدين لاءِ دعا گهري آهي ۽ پنهنجي مٿي جي ٽوپي ڀڻ هن کي ڏني اٿس، ته رکجو ايترو پر هن جي هٿ ۾ بيعت ڪري ڇڏي اٿس. جڏهن بادشاه پاڻ پنهنجي سر ان بغاوت کي بند ڪرڻ لاءِ آيو ۽ قاضي جلال الدين کي شڪست نصيب ٿي، تڏهن شرف الملڪ امير بخت کي ڪنيات ۾ ڇڏي، پاڻ واپس موٽي ويو ۽ هن کي حڪم ڏيئي ويو ته باغين کي گولي هٽ ڪري، ۽ هن مطلب سڄاڻن ڏسي ڇڏيو. جن سان ڏاڍ بادشاهه کي

Marfat.com

فقيهه، به چڏي وبو، جن لاءِ کيس حڪم ڏنو هئائين تہ هنن جي صلاح موجب هلندو رهي. شرف الملڪ، شيخ علي حيدريءَ کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ جڏهن اهو ثابت ٿيو تہ هن قاضي جلال الدين کي پنهنجي ٽوپي ڏني هئي ۽ هن جي لاءِ دعا بہ گهري هئائين، تڏهين فقيهن (يڪراءِ) هن جي قتل جو حڪم ڏنو. پر جڏهن جلاد هن تي تلوار هلائي، تڏهن تلوار پنهنجو ڪم ڪري نہ سگهي. ان تي ماڻهن کي ڏاڍو عجب لڳو ۽ سمجهيائون تہ هاڻي هن کي معاف ڪبو ويندو. پر شرف الملڪ وري هڪ ٻئي جلاد کي حڪم ڪيو، جنهن هن جو سر لاهي چڏيو. خدا شل هن تي رحمت ڪري.

## طوغان ۽ ان جي پاءَ کي قتل ڪرائڻ

طوغان فرغاني ۽ ان جو پاءُ، فرغانہ جي وڏن ماڻهن مان ليکيا ويندا هئا. هو جڏهن بادشاه وٽ لنگهي آيا هئا، تڏهن هنن جي تمام شاندار سرحبا ڪئي ويئي هئي ۽ گهڻو ڪجهه کين عطا ڪيو ويو هو. پوءِ هو ڪيترو وقت بادشاه وٽ رهيا ۽ جڏهن کين ڪافي عرصو گذري ويو، تڏهن هنن پنهنجي ملڪ ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو. هنن پڇڻ جو سڄو انتظام ڪري چڏيو هو. پر سندن ڪنهن دوست وڃي بادشاه کي سڄي حقيقت ٻڌائي، جنهن تي بادشاه حڪم ڏنو تہ (هنن کي پڪڙي) کين وڃان ويڙي، اڏو اڏ ڪيو وڃي. پوءِ هنن جو سمورو مال انهيءَ ماڻهوءَ جي حوالي ڪيو ويو، جنهن سندن خلاف بادشاه کي خبر ڏني هئي. هن ملڪ ۾ اهو رواج آهي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي خبر پهچائي ۽ اها سچ هجي تہ ان ماڻهوءَ کي قتل ڪري سندس سمورو مال خبر ڏيندڙ کي ڏنو ويندو آهي.

Marfat.com

## ملڪ التجار جي پٽ کي قتل ڪرائڻ

ملڪ التجار جو هڪ پٽ، جيڪو اڃا ننڍڙو جوان هو ۽ ڀڄڻ جي ساوڪ به ڪانه لٿي هئس، سو عين الملڪ جي بغاوت وقت، (جنهن جو سڄو احوال اڳتي ايندو،) ساڻس شامل هو. جڏهن عين الملڪ کي شڪست آئي، تڏهن هن کي ۽ هن جي سڀني همراهن کي پڪڙي وٺي آيا، جن ۾ ملڪ التجار جو پٽ ۽ سندس ڀيڻيوئي قطب الملڪ جو پٽ به هئا. بادشاه هنن ٻنهي لاءِ حڪم ڏنو ته سندن هٿ ڪاٺ جي ٿنڀي سان ٻڌي کين مٿي ٽنگيو وڃي ۽ ان بعد اميرن جي پٽن کي حڪم ڏنو ويو ته انهن تي تيرن جا 'نشان' ڇٽين. اهڙيءَ طرح ٻنهي کي قتل ڪيو ويو.

جڏهن هو ٻيئي مري ويا، تڏهن خواجه امير علي تبريزيءَ نالي هڪ حاجب، قاضيءَ ڪمال الدين کي چيو ته هن ننڍڙي جوان تي قتل واجبي نه هو. بادشاه کي جڏهن اها خبر پيئي، تڏهن کيس گهرائي چيائين ته هنن جي مرڻ کان اڳ ۾ تو اها ڳالهه ڇو نٿي ڪئي، ۽ حڪم ڏنائين ته هن کي به سو درا هنيا وڃن. ان کان پوءِ کيس قيد ۾ رکيو ويو ۽ سندس سمورو مال جلادن جي سردار کي ڏنو ويو. ٻئي ڏينهن مون ان (جلاد) کي ڏٺو ته هو امير علي تبريزيءَ جا ڪپڙا ۽ پڳ پهريو، هن جي گهوڙي تي چڙهيو پئي ويو، ۽ پري کان مون ڀانئيو ته امير علي تبريزي آهي.

ان بعد امير علي تبريزي ڪيترائي مهينا جيل ۾ رهيو ۽ ڪجهه عرصي گذرڻ بعد هن کي آزاد ڪري وري کيس ساڳيو عهدو موٽائي ڏنو ويو. ان کان پوءِ وري ٻئي دفعي بادشاه هن تي ڪاوڙجي، هن کي خراسان جي طرف ڪڍي ڇڏيو. تنهنڪري هو وڃي هرات ۾ رهيو. اتان هن بادشاه ڏانهن هڪ درخواست لکي موڪلي، جنهن ۾ رحم ۽ نظر عنايت جي تمام گهڻي عاجزيءَ

سان گهڙ ڪيائين. بادشاه سندس الهيءَ ڏي درخواست جي ٻڌان لکي موڪليس ته "اگر بار آمدي بار (آ)" يعني جيڪڏهن توبهه ٿو ڪرين ته پلي موڪي اڇ، جنهن ڏي هو موڪي آيو.

## خطيب الخطباء کي موت جي مار ڏيارڻ

هڪ دفعي سفر ۾ دهليءَ جي خطيب الخطباء کي بادشاه حڪم ڏنو ته "جواهرات واري خزاني جي تون سنڀال ڪر." اتفاق سان هڪ رات کي هندو ڀاڪو آيا ۽ اڇي خزاني کي ڏاڙو هڻي، ان مان ڪجهه مال کڻي ويندا رهيا. (ٻئي صبح جو) بادشاه (غصي سان) حڪم ڏنو ته خطيب کي ڏاڍي مار ڏني وڃي، جنهن تي هن کي ايترو ماريو ويو، جو آخر هو مري ويو. خدا هن ني رحمت ڪري.

## دهليءَ جي شهر کي برباد ڪرڻ ۽ انڊي ۽ مندي کي مارائڻ جو عجيب واقعو

بادشاه سڀ کان وڏي گالهه اها ڪئي هئي، جنهن لاءِ اڪثر ڪيس ذميدار ٺهرايو ويندو آهي، ته هن دهليءَ جي سڀني رهواسين کي شهر نيڪالي ڏيئي شهر کي برباد ڪري ڇڏيو هو. الهيءَ جو خاص سبب هيءُ هو، جو ڪي ماڻهو بادشاه جي لاءِ خط لکي، سيل سهر ڪري، مٿان لکندا هئا ته "بادشاه جي سر جو قسم، هيءُ خط خود بادشاه کان سواءِ ٻيو ڪوبه شخص نه کولي." پوءِ هو آهي خط رات جو وڃي، ديوان خاني ۾ رکي ايندا هئا. بادشاه وري جڏهن اهي خط کولي پڙهندو هو تڏهن انهن ۾ سواءِ گارين جي ٻيو ڪجهه به لکيل ڪين هوندو هو.

تنهن تي بادشاه غصي ۾ پرجي دهليءَ جي سڄي شهر کي برباد ڪرڻ جو ارادو ڪيو. تنهنڪري ڇا ڪيائين جو اتي جي

Marfat.com

رهواسين کي سندن رهڻ جي جاين جي اصل قيمت ادا ڪري، شهر جون سڀ جايون خريد ڪري، ماڻهن کي حڪم ڏنائين ته وڃي دولت آباد ۾ رهن. ماڻهن وڃڻ کان انڪار ڪيو ته هڪدم ڍنڍورو گمهارايائين ته پورن ٽن ڏينهن کان پوءِ شهر ۾ ڪوبه ماڻهو ڏسڻ ۾ اچڻ نه گهرجي! جنهن تي ڪيترا ئي ماڻهو هليا ويا. پر اڃا به ڪي ماڻهو اتي لڪي ويهي رهيا. بادشاه پنهنجن غلامن کي حڪم ڏنو ته وڃي ڏسو ته شهر ۾ ڪو ماڻهو اڃا به رهيو ته ڪونه پيو آهي. هو ويا سو وڃي ٻن ماڻهن کي، جيڪي هڪ گهٽيءَ ۾ لڪا ويٺا هئا، پڪڙي بادشاه وٽ وٺي آيا. انهن مان هڪ انڌو هو، ٻيو منڊو.

بادشاه انهيءَ منڊي کي ته منجنيق ۾ ويهاري کيس هوا ڪري ڇڏيو، باقي انڌي لاءِ حڪم ڏنائين ته هن کي دهليءَ کان دولت آباد تائين، (جيڪو چاليهن ڏينهن جو پنڌ آهي،) گهلي پهچايو وڃي. هن کي اهڙيءَ طرح گهليندي جڏهن دولت آباد پهچايو ويو، تڏهن هن جو صرف هڪ عدد پير سلامت پهتو، باقي ٻيو سڄو جسم واٽ تي ئي گسي ويس. شهر ۾ باقي ترسيل ماڻهن، جو اهو واقعو ٻڌو، سو ڊپ ۾ پنهنجا مال ۽ متاع اتي ئي ڇڏي وٺي ڀڳا. اهڙيءَ طرح سڄو شهر بلڪل ويران ٿي ويو. هڪ معتبر شخص مون سان ڳالهه ڪئي ته هڪ رات بادشاه پنهنجي محل جي ڇت تي چڙهي، شهر جي طرف ڏنو ته اتي هن کي نه ڪو دونهون نظر آيو ۽ نه ئي وري ڪٿي ڪو ڏيو ٻرندو ڏسڻ ۾ آيس. اهو حال ڏسي، بادشاه چوڻ لڳو ته هاڻي منهنجي دل تي ڇنڊو پيو آهي. ان بعد بادشاه ٻين شهرن جي ماڻهن کي حڪم ڏنو ته اچي دهليءَ ۾ رهن. اهڙيءَ طرح سان وري ٻيا شهر به برباد ٿي ويا، ۽ دهلي ته وري اڳئين وانگر آباد ٿي نه سگهي. جنهن وقت امان دهليءَ جي شهر ۾ داخل ٿيا هئاسين ان وقت تائين هيءُ شهر بلڪل غير آباد لڳو پيو هو ۽

Marfat.com

رکيو ڪٽي ڪنهن گهر ۾ ڪي ماڻهو پئي رهيا. باقي ٻوءِ جا واقعا ۽ حادثا جيڪي انهيءَ وقت ۾ ٿيا هئا، (جن جو تعلق بادشاه سان آهي،) تن جو بيان اڳتي هلي ڪنداسين.

## غياث الدين بهادر (پوري) جو قتل

جڏهن هيءُ بادشاه (محمد شاه تغلق) پنهنجي پيءُ جي موت کان پوءِ تخت تي ويٺو ۽ ماڻهن سندس بيعت ڪئي، تڏهن غياث الدين بهادر * (پوري) کي سندس اڳيان حاضر ڪيو ويو. سلطان تغلق هن کي ان وقت ڏاڍين قيد ۾ رکيو هو. بادشاه هن تي احسان ڪري، قيد مان ڪڍي، ڪپس هٿي، گهوڙا ۽ ٻيو سامان ڏيئي، پنهنجي ماڪ ڏانهن وڃڻ جي اجازت ڏني. هن سان گڏ بادشاه پنهنجي پاڻٽي ابراهيم خان کي به موڪليو ۽ ڪانڌس انجام ورڻائين ته پيئي گڏجي حڪومت ڪندا، پنهي جا نالا سڪن تي لکارايا ويندا ۽ پنهي جي نالي جو خطبو پڙهايو ويندو. ازانسواءِ بادشاه، غياث الدين کان اهو به وعدو ورتو ته هو پنهنجو پٽ محمد، جيڪو برباط جي نالي سان مشهور هوندو هو، بادشاه ڏانهن ضمانت طور موڪلي ڏيندو.

غياث الدين پنهنجي ملڪ ۾ پهچي، ٻيا سڀ شرط پورا ڪيا، باقي پنهنجي پٽ کي بادشاه ڏانهن ڪين موڪلياڻين ۽ بهانو ڪيائين ته هو منهنجو ڇيو ڏيو مڃي ۽ ڳالهاڙ ۾ به گستاخيءَ

---

* هيءُ اهو ئي غياث الدين آهي، جنهن جي باري ۾ ابن بطوطه، اڳ ۾ سلطان تغلق شاه واري دور حڪومت ۾ لکي آيو آهي ته ڪيئن هو پنهنجي هڪ پاءُ کي ماري، پاڻ تخت تي ويٺو هو، ۽ سندس ٻيا پائر ڪيئن سلطان تغلق شاه وٽ مدد لاءِ پهچي آيا هئا، ۽ ان بعد ڪيئن سلطان تغلق شاه لکنوتيءَ تي ڪاهي ويو هو ۽ هن کي قيد ڪري پاڻ سان وٺي اڇي ڏهليءَ جي قيد خاني ۾ رکيو هئائين. -- مترجم

سان ٿو پيش اچي. بادشاه يڪدم ابراهيم خان ڏانهن دلجلي تتريءَ جي سرداريءَ هيٺ هڪ لشڪر ڏياري موڪليو، جنهن وڃي غياث الدين جو مقابلو ڪيو ۽ ان کي قتل ڪري، سندس (لاش جي) کل لهرائي، ان ۾ بُهه ڀرائي، ساري ملڪ گهمارايو.

Marfat.com

## فصل ٻيو

# بادشاهه جي ڦڦاٽ جي بغاوت

سلطان تغلق کي ڀاڻيجو بهاءالدين گشت اسپ نالي هوندو هو، جنهن کي هن ڪنهن علائقي جو حاڪم مقرر ڪري موڪليو هو. جڏهن هن جو مامون وفات ڪري ويو تڏهن هن بادشاهه (محمد شاه تغلق) جي بيعت ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هو هڪ وڏو بهادر انسان هوندو هو، (تنهنڪري) بادشاهه هڪ لشڪر جنهن ۾ ملڪ مجير ۽ خواجه جهان امير عليءَ جهڙا وڏا وڏا امير شامل هئا، هن تي چاڙهي موڪليو. زبردست لڙائيءَ ۾ بهاءُ الدين شڪست کائي، راءِ ڪنبيله جي ملڪ ڏانهن پڄي ويو. راءِ جو لفظ هت ائين آهي جيئن روم ۾ بادشاهه لاءِ استعمال ڪندا آهن ۽ ڪنبيله ان ملڪ جو نالو هو جنهن تي هن بادشاهي ٿي ڪئي. هن راجا جو ملڪ تمام ڏکين جبلن ۾ هو ۽ اهو راجا سڀني هندو راجائن ۾ وڏي ۾ وڏو ڪري ليکيو ويندو هو.

جڏهن بهاءُ الدين انهيءَ راجا وٽ ڀڄي ويو، تڏهن شاهي لشڪر به هن جي پٺيان وڃي شهر کي گهيرو ڪيو. جڏهن راجا جو اناج اچي کٽو تڏهن اچي خوف ٿيس ته ڄاڻ ته هائي قيد ٿيو. ان وقت راجا بهاءُ الدين کي گهرائي چيو ته "اسان جو حال توکي معلوم آهي، جو تون خود ڏسي رهيو آهين. مون پنهنجي ۽ پنهنجي سڄي خاندان جي موت جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي، تنهنڪري هاڻي تون فلاڻي راجا وٽ هليو وڃ". ان بعد هن کي انهيءَ راجا وٽ (سلامتيءَ سان) پهچائي ڇڏيائين.

Marfat.com

آخر راءِ ڪنبيلہ هڪ وڏي باهہ ٻارائي، پنهنجو سڀ مال ۽ متاع ان ۾ وجهائي، ساڙائي ڇڏيو ۽ پوءِ پنهنجين زالن ۽ ڌيئرن کي سڏائي چيائين تہ ”مون مرڻ جو پڪو ارادو ڪيو آهي. توهان مان جنهن کي بہ مون وانگر ڪرڻو هجي سو (بيشڪ) ڪري“ ان بعد هر هڪ عورت وهنجي، مقاصري صندل بدن تي ملي، سندس اڳيان اچي زمين چمي، پنهنجو پاڻ باهہ ۾ آڻيو ٿي اڇلايو ۽ موت ٿي حاصل ڪيو. پوءِ هن جي اميرن، وزيرن ۽ عوام مان بہ جن چاهيو تن پاڻ کي باهہ ۾ اڇلائي ماريو. ان بعد راجا غسل ڪري، بدن تي صندل لائي، زرهہ کان سواءِ ٻيا سڀ هٿيار ٻڌي، پنهنجن ماڻهن کي وٺي، اچي شاهي لشڪر جي سامهون ٿيو ۽ وڙهندي وڙهندي سڀني سان گڏ مارجي ويو.

پوءِ بادشاهہ جي لشڪر شهر ۾ داخل ٿي، اتي جي سڀني رهواسين کي گرفتار ڪيو. انهن ۾ راجا جا ٻارنهن پٽ بہ پڪڙيا، جن کي بادشاهہ وٽ وٺي آيا. بادشاهہ سندن خاندان ۽ ٻيءَ جي بهادريءَ جو لحاظ ڪيو، ۽ هنن اسلام بہ قبول ڪيو، تنهنڪري انهن سڀني ڳالهين کي خيال ۾ رکي، کين وڏا عهدا عطا ڪيا ويا. مون بہ انهن مان ٽن ڄڻن کي ڏٺو هو، جن مان هڪ جو نالو ناصر هو، ٻئي جو بختيار ۽ ٽئين کي مهردار پئي سڏيائون. هن (مهردار) عهديدار وٽ بادشاهہ جي مهر (منڊي) رهندي هئي، جيڪا بادشاهہ جي انهيءَ پاڻيءَ تي لڳائي ويندي هئي، جيڪو پاڻ بادشاهہ استعمال ڪندو هو. هن جي ڪنيت ابو مسلم هئي ۽ منهنجي هن سان خاصي دوستي بہ ٿي ويئي هئي.

جڏهن ڪنبيلہ جو راجا مارجي ويو، تڏهن شاهي لشڪر وري انهيءَ راجا جي علائقي ڏانهن روانو ٿيو، جتي بهاءُ الدين ڀڄي وڃي پناهہ ورتي هئي ۽ وڃي اتي جو گهيرو ڪيائون. اهو حال ڏسي، اتي جي راجا بهاءُ الدين کي چيو تہ ”مان راءِ ڪنبيلہ

Marfat.com

وانگر ڪري ڪين سگھندس." تنھنڪري ھن چا ڪيو، جو بھاءُ الدين ڪي پڏي، اچي شاھي لشڪر جي حوالي ڪيائين. لشڪر وارن ھڪدم ھن ڪي زنجير ۽ ھٿڪڙيون وجھي بادشاھ ڏانھن ڏياري موڪليو. جڏھن ھو بادشاھ جي ساھون پيش ٿيو تڏھن بادشاھ حڪم ڏنو تہ ھن ڪي (حرم ۾) سندس عزيز عورتن ڏانھن موڪليو وڃي. اتي انھن عورتن کيس گھٽوئي گھٽ وڌ گالھايو ۽ ڪن تہ کيس ٽڪون بہ ھنيون. ان بعد بادشاھ حڪم ڪيو تہ ھن جي جيڙي ڪڍ لاٿي وڃي. ان ڪان پوءِ ھن جي گوشت ۾ پلاءُ رڌائي، ان مان ڪجھ ھن جي اھل ۽ اولاد ڪي موڪليو ويو ۽ باقي بچيل پلاءُ ٽالھيءَ ۾ وجھي، ھڪ ھاڻ ڪي ڪائڻ لاءِ ڏنو ويو، جو ھن نہ ڪاڏو. ارانسواءِ سندس لٽل ڪل ۾ ٻُڌ پرائي، بھادر پوري جي ڪل، مان گڏ ساري ملڪ ۾ ان کي گھمايو ويو.

جڏھن ھي پٽي ڪلون سنڌ جي ملڪ ۾ پھتيون، تڏھن ان وقت سلطان تغلق جو دوست 'ڪشلو خان' سنڌ جو حاڪم ھو. بادشاھ انھيءَ ڪري سندس تمام گھڻي عزت ڪندو ھو ۽ ڪيس چاچا ڪري سڏيندو ھو ۽ جڏھن ھو دارالخلافي ڏانھن ايندو ھو تڏھن خود ھن جي استقبال لاءِ ويندو ھو. ڪشلو خان انھن ڪلن کي (ھڪدم) دفن ڪرڻ جو حڪم ڏنو. جڏھن اھا خبر بادشاھ کي پھتي تڏھن ھن کي ان تي ڏاڍي ملھان لڳي ۽ ڪشلو خان کي قتل ڪرائڻ جو ارادو ڪيائين.

## ڪشلو خان جي بغاوت ۽ سندس قتل

جڏھن ڪلن کي دفن ڪرائڻ جي واقعي جي خبر بادشاھ کي ملي تڏھن بادشاھ کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ ھڪدم ڪشلو خان کي گھرائڻ لاءِ ماڻھو موڪليائين، جنھن تي ڪشلو خان وڇڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، ڇو تہ کيس خبر ھئي تہ بادشاھ جو ارادو

Marfat.com

ڪيس سزا ڏيڻ جو آهي. ان بعد بادشاه جي خلاف ڪاڪي عالم بغاوت جو جهنڊو بلند ڪري، گهڻا ربا خرچ ڪري، وڏو لشڪر گڏ ڪيائين. ته رڳو ايترو ئي نه ترڪن، افغانن ۽ خراسان جي رهاسين کان پڻ مدد ورتائين. جڏهن ڪيس انهن جي مدد پهتي تڏهن سندس لشڪر بادشاهه جي لشڪر جيترو پاڻ اڳيا وڌيڪ ٿي ويو.

بادشاهه خود هن لڙائيءَ لاءِ ونو ۽ ابوهر جي صحرا ۾ ملتان کان ٻه منزلون اوري، پنهي جو مقابلو ڪيو. ان ڏينهن بادشاهه هڪ چالاڪي ڪئي، چا ڪيائين جو شاهي ڇٽ جي هيٺان، پنهنجي بدران شيخ عماد الدين کي، جيڪو شيخ رڪن الدين ملتانيءَ جو پاڻ هو ۽ بادشاهه جي شڪل جهڙو هو، ڪئي ڏيهاريائين، ۽ جڏهن لڙائي زور شور سان هلي رهي هئي، تڏهن پاڻ پنهنجا چار هزار ماڻهو وٺي، هڪ پاسي هليو ويو. هوڏانهن ڪشلو خان جي لشڪر شاهي ڇٽ تائين پهچي، عماد الدين کي قتل ڪري ڇڏيو. ٻوءِ سڄي لشڪر ۾ مشهور ٿي ويو ته بادشاهه مارجي ويو. هيءُ ٻڌي ڪشلو خان جو لشڪر وڃي لٽ مار ۽ مال گڏ ڪرڻ کي لڳو ۽ ڪشلو خان وٽ تمام ٿورا ماڻهو وڃي رهيا. بادشاهه هن موقعي جو فائدو وٺي يڪدم پنهنجن ماڻهن سان اچي هن تي ڪاوڙيو ۽ ڪيس قتل ڪري ڇڏيائين. ڪشلو خان جي لشڪر هيءَ خبر ٻڌي وٺي پاڻ ڪاڏي.

ٻوءِ بادشاهه ملتان جي شهر ۾ وڃي، اتي جي قاضي ڪريم الدين کي ڪڍائي، مقدس کل لهرائي، ۽ ڪشلو خان جو مر وڃائي شهر جي دروازي تي لٽڪائي ڇڏيو، جو مان جڏهن ملتان ۾ پهتس تڏهن هن جو سر اڃي لٽڪيل ڏٺو هوم. بادشاهه ٻوءِ عماد الدين جي ٻاهءُ شيخ رڪن الدين ۽ سندس پٽ شيخ صدرالدين کي هڪ مؤڪوٽ انعام طور جاگير ۾ ڏاتو. پنهنجو گذران ڪندا رهن ۽ پنهنجي ڏاڏي شيخ بهاءُ الدين ذڪريا ملتانيءَ جي خانقاه جو خرچ هلائيندا رهن. ان بعد بادشاهه پنهنجي وزير خواجه

جهان کي حڪم ڏنو ته ڪمال پور (١) جي شهر ڏانهن وڃي، جتي جي رهواسين به بغاوت مچائي ڏني هئي.

هيءُ شهر تمام وڏو آهي ۽ سمنڊ جي ڪناري تي ٻڌل آهي، هڪ فقيهه مون سان ڳالهه ڪئي ته ان وقت هو ڪمال پور جي شهر ۾ هو. جڏهن وزير خواجه جهان اتي پهتو ۽ شهر جو قاضي ۽ خطيب وزير جي سامهون پيش ڪيا ويا تڏهن هن حڪم ڪيو ته هنن جي کل لاٿي وڃي. هنن وزير کي چيو ته اسان کي ڪنهن ٻئي طريقي سان ڇو نٿو ماريو وڃي. وزير جواب ڏنو ته ڀلا توهان کي ڇو ٿو قتل ڪيو وڃي. تنهن تي هنن چيو ته بادشاه جي نافرمانيءَ ڪرڻ ڪري. هيءُ ٻڌي وزير جواب ڏنو ته پوءِ مان ڪيئن بادشاه جي حڪم جي نافرماني ڪريان، بادشاه جو حڪم آهي ته توهان کي اهڙيءَ طرح سان بي جان ڪيو وڃي. پوءِ وزير کل لاهڻ وارن کي حڪم ڏنو ته هنن جون کلون لاهين ۽ سندن منهن جي هيٺان ٻه کڏون کوٽين جيئن هو ساهه کڻي سگهن، ڇو ته کل لاهڻ وقت ڏوهين کي منهن ڀر ليٽائي پيرن کان کل لاهڻ شروع ڪندا آهن. ان کان پوءِ سنڌ ۾ بلڪل صلح سانت ٿي ويئي، ۽ بادشاه پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽي ويو.

## قراجيل (٢) جي جبل ۾ بادشاه جي لشڪر سان هڪ واقعو

قراجيل جبل هڪ وڏو جبل آهي جنهن جي ڊيگهه اٽڪل

---

(١) ڪمال پور — انگريز مورخ هنٽر موجب هي شايد اهو ڪمال پور شهر آهي، جيڪو ڪاٺياواڙ ۾ پائو ننگر ۽ ڪولڊن جي لمري ريلوي اسٽيشن کان سترهن ميل پري اڀرندي پاسي هڪ ڳوٺ آهي. انهيءَ وقت هي سڄو سنڌ جو ملڪ ڪري ليکيو ويندو هو.

(٢) قراجيل جبل "ابن بطوط" هن هماليه جبل جو بيان ٿو ڪري ڇو ته اڀترو ڊگهو جبل سواءِ هماليه جي ٻيو نٿو ٿي سگهي.

Marfat.com

ٽن مهينن جي پنڌ جيتري ٿيندي ۽ دهليءَ کان ڏهن منزلن جي مفاصلي تي آهي. اتي جو هندو راجا تمام وڏن راجائن مان هڪ شمار ڪيو ويندو آهي. بادشاه ملڪ نڪبه جي سرداريءَ ۾ هڪ وڏو لشڪر ان جبل تي لڙائيءَ لاءِ ڏياري موڪليو. ان لشڪر ۾ هڪ لک گهوڙي سوار ۽ ٻيا ڪيترائي پيادا ماڻهو شامل هئا. هنن وڃي جريه جي شهر تي جيڪو جبل جي هيٺان آهي، قبضو ڪيو ۽ ملڪ کي ساڙي برباد ڪري ڇڏيائون. ارانسواءِ ڪيترن هندن کي به گرفتار ڪيائون. هيءُ ڏسي، ڪافر پنهنجي ملڪيت، مال ۽ خزانا ٻڌي مٿي جبل تي چڙهي ڀڄي ويا.

هن جبل ۾ صرف هڪ لڪ هو، هيٺ هڪ ندي وهندي هئي ۽ مٿي رڳا جبل ئي جبل لڳا پيا هئا، ۽ هڪ دفعي سان هڪ ماڻهوءَ کان وڌيڪ مٿي چڙهي نٿي سگهيو. بادشاه جي لشڪر اتان چڙهي وڃي شهر درنڪل (دارنگل) تي، جيڪو جبل جي مٿان آهي، قبضو ڪيو ۽ بادشاه کي فتح جي مبارڪ لکي موڪلي. بادشاه وري هڪ قاضيءَ ۽ هڪ خطيب کي اتي ڏياري موڪليو ۽ انهن کي حڪم ڏنائين ته انهن سان وڃي شامل ٿيو. ان کان پوءِ جڏهن برسات جي موسم شروع ٿي تڏهن لشڪر ۾ اچي بيماري پيئي، جنهن سپاهين کي هيٺو ڪري ڇڏيو، گهوڙا مرڻ لڳا ۽ تيرن جون ڪمانون گهم جي ڪري بيڪار ٿي پيون. اتي اميرن بادشاه کي درخواست ڪئي ته جيستائين برسات جي موسم آهي تيستائين اسان کي جبل تان هيٺ لهي ترسڻ ۽ ان موسم جي ختم ٿيڻ تي وري مٿي چڙهي وڃڻ جي اجازت ملي.

بادشاه جي اجازت ملڻ تي ملڪ نڪبه سڄو خزانو جواهرات سميت هيٺ کڻائڻ لاءِ ماڻهن کي ورهائي ڏنو. هندن کي جو هيءَ خبر پئي سو ڇا ڪيائون جو غارن ۽ سوڙهن لنگهن ۾ سندن گهٽ جهلي ويهي رهيا. تنهن کان سواءِ وڏا وڏا وڻ ڪپي جبل جي هر طرف پکيڙي ڇڏيائون. نتيجو اهو نڪتو، جو جيڪو به ماڻهو انهيءَ ڪنهن وڻ جي لپيٽ ۾ ٿي آيو سو وڃي ٿي هيٺ کڏن ۾

Marfat.com

ڪريو، ۽ اهڙيءَ طرح سان ڪيترائي ماڻهو انين مري ويا ۽ ٻيا وري انهن جي هٿان گرفتار ٿياء آخر سڄو خزانو، هٿيار ۽ گهوڙا انهن جي هٿ لڳا ۽ سڄي لشڪر مان فقط ڏي ماڻهو وڃي بچيا، جن مان هڪ هو ملڪ نڪبر، ٻيو هو بدرالدين ملڪ دولت شاهه باقي ٽئين جو نالو هينئر ياد نه اٿم.

هن واقعي جو شاهي لشڪر تي تمام گهڻو اثر ٻيو ۽ آهو تمام گهڻو ڪمزور ٿي ويو. آخر بادشاه انهن جبلن جي اڙانگائي خيال ۾ آئي، انهي جي ماڻهن کان ڪجهه ڏنڊ طور وٺي، ساڻن صلح ڪري، آنان ڦريو ۽ هنن ماڻهن ۾ ان کي غنيمت ڄاتو، ڇو ته سندن زمينون وغيره ۾ جبل جي هيٺان هيون، جن کي هو بادشاه جي اجازت کان سواءِ آباد ڪري ڏئي سگهيا.

شريف جلال الدين جي معبر جي ملڪ ۾
بغاوت ۽ وزير جو پنهنجي پاڻيجي کي
جيڪو انهيءَ سان شامل هو، قتل ڪرڻ جوبيان

هڪ دفعي بادشاه معبر جي ملڪ ٿي جيڪو دهليءَ کان ڇهن سهينن جي پنڌ تي آهي، شريف جلال الدين احسن شاه کي حاڪم ڪري موڪليو. هو اتي وڃي، بادشاه کان باغي ٿي، بادشاه جي نائب ۽ ٻين عملدارن کي قتل ڪري خودمختار حاڪم ٿي ويٺو ۽ هن پنهنجا سڪا ۽ درهم جاري ڪيا، جن جي هڪ پاسي "سلالة طه و ياسر ابوالفقراء والمساكين جلال الدين والدين،" ۽ ٻئي طرف "الواثق بتائيد الرحمان احسن شاه السلطان" ڇپرايو. بادشاه هن بغاوت جي خبر ٻڌي، هن جي قتل جو ارادو ڪري، پاڻ هن تي چڙهي ويو ۽ هڪ جاءِ تي جنهن جو نالو هو ڪوشڪ زر يعني سون جو محل، انهن ڏينهن تائين سامان ۽ ٻين ضرورتن پورين ڪرڻ لاءِ ترسي ٻيو. انهن ڏينهن وزير خواجه جهان جي پاڻيجي ۽ ٻين جئن پائن اميرن کي گرفتار ڪري، بادشاه جي سامهون آندو ويو.

Marfat.com

بادشاه وزير کي پاڻ کان ڪجهه اڳ ۾ روانو ڪري ڇڏيو هو، جڏهن هو طهار (ڏار) جي شهر ۾ پهتو، جيڪو دهليءَ کان ڇويهن منزلن جي مفاصلي تي آهي، تڏهن اتي ڪجهه وقت لاءِ نرسي پيو. اتي سندس ڀاڻيجي، جيڪو تمام همت پرتو ۽ بهادر هوندو هو، ڪن اميرن سان سازش ڪئي ته وزير کي قتل ڪري، سڀ خزانو ۽ مال کڻي، شريف جلال الدين ڏانهن معبر جي ملڪ ۾ ڀڄي هلجي. ان صلاح ۾ هڪ مائهو ملڪ نصرت نالي حاجب پڻ شريڪ هو، جنهن اچي سڄي حقيقت وزير کي ٻڌائي ۽ ثابتيءَ لاءِ ٻڌايائين ته هينئر به ڪپڙن جي هيٺان فولادي زرهون پهريل اٿن، جيڪا سندن ارادي جي پوري پوري ثابتي آهي. وزير يڪدم هنن کي گهرايو ۽ جيئن ملڪ نصرت ٻڌايو هئس تيئن سندن ڪپڙن جي اندران فولادي زرهون نڪري پيون. وزير پوءِ هنن کي گرفتار ڪري بادشاه ڏانهن ڏياري موڪليو.

ان وقت مان به بادشاه وٽ ويٺو هئس. جڏهن هو سڀ اتي پهتا تڏهن انهن مان هڪ امير کي مون ڏٺو ته هن جي ڏاڙهي وڏي رکيل هئي ۽ ڊپ ۾ ڏڪندي سوره ياسين پڙهي رهيو هو. بادشاه وزير جي ڀاڻيجي کي موٽائي وزير ڏانهن موڪليو ته هن کي قتل ڪرائي، باقي ٻين اميرن لاءِ حڪم ڪيائين ته هنن کي هاٿين جي اڳيان ڦٽو ڪيو وڃي. انهن هاٿين، جن کان ماڻهن جي مارائڻ جو ڪم ورتو ويندو آهي، تن جي ڏندن تي ڏندا لڳل پٽ چڙهيل هوندا آهن. اهي ڏندا وري هر جي چونيءَ وانگر ننهي پاسي تيز هوندا آهن، هاٿين جي مٿان وري فيل بان چڙهيل هوندا آهن، ۽ جنهن ماڻهو کي هاٿيءَ جي هيٺان ڦٽو ڪيو ويندو آهي تنهن کي هاٿي پنهنجيءَ سونڊ ۾ ويڙهي وٺي مٿي اڇلائيندو آهي ۽ پوءِ اتي جو اتي وري ان کي ڏندن تي جهٽي وٺندو آهي، پوءِ کيس زمين تي پنهنجي سامهون رکي، اڳيون پير ان جي سيني تي رکي وٺي زور ڏيندو آهي. اتي فيلبان جيڪڏهن کيس چوندو

Marfat.com

آهي ته هن جا به اڏ ڪن، ته هڪدم پنهنجن تيز ڏندن سان هن جا به ٽڪر ڪري چڏيندو آهي، پر جي فيلبان چوندو اٿس ته ان کي اتي چڏي ڏي ته چڏي ڏيندو اٿس. جنهن کي به اڏ نه ڪرائيندا آهن، ان جي وري جيئري کل لهرائي ويندي آهي.

هنن امیرن جي به کل لهرائي ويئي ۽ مغرب کان پوءِ بادشاه جڏهن محل مان نڪتو ڏي ته ان وقت هنن جو گوشت ڪتن پٽي کاڏو ۽ سندن کلن ۾ منڊي پٽي پرياڻون. توبه، خدا پناه ڏئي. ان کان پوءِ بادشاه معبر ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو ۽ مون کي دارالخلافه ۾ رهڻ جو حڪم ڏنائين. اڃا بادشاه دولت آباد مس پهتو ته وري اسير حلاجون پنهنجي ملڪ ۾ بغاوت ڪئي ۽ وزير خواجه جهان دارالخلافه ۾ لشڪر گڏ ڪرڻ لاءِ ترسي پيو.

## امير حلاجون جي بغاوت

جڏهن بادشاه دولت آباد ۾ پهتو ۽ پنهنجي ملڪ کان کاڻي ري نڪري ويو، تڏهن لاهور ۾ امير حلاجون بغاوت ڪئي ۽ خود مختار بادشاهت جي دعويٰ ڪيائين. امير قلجند، (ڪلچند) به هن جي مدد ڪئي، تنهنڪري حلاجون کٽي کيس پنهنجو وزير ڪيو. هيءَ خبر خواجه جهان کي پنڄي ويئي جيڪو ان وقت دهليءَ ۾ هو. هن ماڻهو گڏ ڪرڻ شروع ڪيا ۽ جيڪي خراساڻي اتي هئا تن کان سواءِ پيو به جيڪو لشڪر دهليءَ ۾ موجود هو، سو وٺي لاهور روانو ٿيو. سنهنجا ساڻي به هن سان گڏجي ويا هئا. بادشاه وري هن جي مدد لاءِ به امير، هڪ قيران ملڪ صفدار يعني لشڪر جون صفون درست ڪندڙ، ۽ پيو ملڪ تحور شربدار يعني ساقي روانا ڪيا.

هوڏانهن حلاجون به مقابلي لاءِ سنبري آيو ۽ پنهي جو مقابلو هڪ وڏي درياءَ جي ڪناري تي ٿيو، جنهن ۾ حلاجون شڪست کائي پڇي ويو ۽ هن جو ڪيترو ئي لشڪر درياءَ ۾

Marfat.com

غرق ٿي ويو. وزير شهر ۾ اتي جي ڪن رهواسين جون جيئري کلون لهرايون، ۽ ڪن کي ٻيءَ طرح سان قتل ڪرايو، ۽ باقي رهيل ڪم محمد بن نجيب، نائب وزير جي حوالي ڪيائين. هن شخص کي اجر ملڪ به ڪري سڏيندا هئا ۽ سندس خطاب هو صڪ (سگ) السلطان ۽ صڪ (سگ) هن ملڪ ۾ ڪتي کي چوندا آهن. هو تمام ظالم ۽ سخت دل انسان هوندو هو. بادشاه هن کي بازارين جو شينهن پڻ ڪري سڏيندو هو. هو ڇا ڪندو هو، جو ڇتو ٿي، ڏوهين کي پنهنجن ڏندن سان چڪ پائي، زخمي ڪري ڇڏيندو هو.

پوءِ وزير باغين جي اٽڪل ٽي سؤ کن عورتن کي ڪاليور (گواليار) جي قلعي ڏانهن قيد ڪري موڪليو. انهن زالن ۾ هڪ فقيهه جي زال پڻ هئي، جيڪو هن زال وٽ ايندو ويندو هو، ايتري قدر جو هن کي انهيءَ جيل خاني ۾ ٻار به ڄائو هو.

## بادشاه جي لشڪر ۾ وبا پوڻ

جڏهن بادشاه ملڪ تلنڪ (تلنگانه) ۾ پهتو، جيڪو معبر جي رستي تي آهي، تڏهن بدر ڪوٽ جي شهر ۾ ترسي پيو. بادشاه معبر ڏانهن شريف جلال الدين جي بغاوت بند ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو هو. هن شهر کان معبر جو ملڪ اڃان به ٽن مهينن جي پنڌ جيترو پري آهي. اوچتو اتي بادشاه جي لشڪر ۾ اچي وبا جو مرض پکڙيو، جنهن ۾ لشڪر جا ماڻهو، غلام ۽ امير جن مان ملڪ دولت شاه جنهن کي بادشاه چاچا ڪري چوندو هو، ۽ امير عبدالله هروي جهڙا وڏا وڏا امير به هئا، مري ويا. هي امير عبدالله هروي اهو آهي، جنهن جو بيان مان پهرئين سفر ۾ ڪري آيو آهيان ته ڪيئن بادشاه چيو هو ته خزاني مان جيترو مال کڻي سگهين سو کڻي وڃ. ۽ هو تيرنهن ناڻي جون ٿيلهيون پاڻ سان ٻڌي کڻي ويو هو. هيءُ حال ڏسي، بادشاه دولت آباد

Marfat.com

ڏانهن موٽي ويو. هن کان پوءِ سڄي ملڪ ۾ بغاوت ۽ بدانتظامي پکڙجي ويئي، ايتري قدر جو جيڪڏهن بادشاه جي قسمت چڱي نه هجي ها ته هوند حڪومت سندس هٿان هميشه لاءِ هلي وڃي ها.

## بادشاه جي موت جو افواه ۽ ملڪ هوشنج (هوشنگ) جو ڀڄي وڃڻ

بادشاه جڏهن دولت آباد واپس اچي رهيو هو تڏهن رستي تي بيمار ٿي پيو ۽ مائهن وٺي افواه اٿاريو ته بادشاه مري ويو. هيءَ خبر سڄي ملڪ ۾ پکڙجي ويئي ۽ هر هنڌ فتنو، فساد شروع ٿي ويو. ان وقت ملڪ ڪمال الدين کرلڪ (گرگ) جو پٽ ملڪ هوشنگ دولت آباد ۾ هو. هن کان بادشاه انجام وٺي ڇڏيو هو ته بادشاه جي زندگيءَ ۾ يا موت کان پوءِ، ٻنهي صورتن ۾، هو ڪنهن جي بيعت نه ڪندو. هن، جو بادشاه جي موت جي خبر ٻڌي، سو هڪ بربرڌ نالي هندو بادشاه وٽ جبلن ۾ ڀڄي ويو. هن هندو بادشاه جو ملڪ، دولت آباد ۽ ڪوڪن تا نه (ڪوڪن ٿاڻي) جي وچ ۾ هو.

بادشاه ملڪ هوشنگ جي ڀڄي وڃڻ جي خبر ٻڌي، انهيءَ خيال کان ته ڪٿي فتنو وڌي نه وڃي، تڪڙو تڪڙو هلي اچي دولت آباد پهتو، جتان يڪدم ملڪ هوشنگ جي پٺيان ويو ۽ وڃي ان هنڌ راجا جي شهر کي گهيرو ڪيائين ۽ ان کي چوائي موڪليائين ته ملڪ هوشنگ کي منهنجي حوالي ڪيو وڃي. هن جواب ڏنو ته ”مان پنهنجي پناه ۾ آيل ماڻهوءَ کي هرگز تنهنجي حوالي نه ڪندس، چاهي مون کي به راءِ ڪنبيله وانگر ڪرڻو پوي. هنن ڳالهين هلندي، ملڪ هوشنگ کي جو اچي خوف کنيو سو بادشاه سان خط و ڪتابت شروع ڪري ڏنائين. جنهن ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته بادشاه دولت آباد ڏانهن هليو وڃي ۽ پٺيان

پنهنجي استاد قطلو خان کي ڇڏي وڃي، جنهن وٽ ملڪ هوشنگ وڃي حاضر ٿئي. جنهن تي بادشاه روانو ئي ويو ۽ ملڪ هوشنگ قطلو خان وٽ اچي پيش پيو.

قطلو خان هن سان واعدو ڪيو ته بادشاه نه هن کي قتل ڪرائيندو، نه ئي هن جي مال ۽ مرتبي مان ڪجهه گهٽائيندو. ان کان پوءِ ملڪ هوشنگ پنهنجو مال، اهل و عيال ۽ ساٿي وغيره وٺي بادشاه وٽ هليو آيو. بادشاه هن جي واپس اچڻ تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ خلعت ڏيئي کيس راضي ڪري ڇڏيائين. هيءُ قطلو خان وعدي جو ڏاڍو پڪو هوندو هو، تنهنڪري ماڻهو هن ۾ گهڻو ويساه رکندا هئا. بادشاه به ڏاڍي عزت ڪندو هوس ۽ جڏهن به هو بادشاه وٽ ويندو هو تڏهن بادشاه اٿي بيهي سندس آجيان ڪندو هو. هو انهيءَ سبب جي ڪري به بادشاه وٽ گهڻو ڪونه ويندو هو ته متان بار بار اٿڻ جي تڪليف وٺي. هو صدقو ۽ خيرات به تمام گهڻي ڪندو هو ۽ فقيرن ۽ مسڪينن کي گهڻوئي ڪجهه ڏيندو هو.

## شريف ابراهيم جي بغاوت

هيءُ شريف ابراهيم خريطه دار جي لقب سان مشهور هوندو هو، يعني بادشاه جي لکڻ جو سامان هن وٽ رهندو هو. ازانسواءِ هو سرستيءَ ۽ هاتسيءَ جو والي به بادشاه جي طرفان مقرر ٿيل هو. هن شريف ابراهيم جي پيءُ (شريف جلال الدين) جڏهن معبر ۾ بغاوت ڪئي، ۽ بادشاه معبر تي ڪاهي ويو، ۽ جتي ان وقت بادشاه جي موت جي افواه جو ٻڌي شريف ابراهيم کي به اچي بادشاهت جو حرص لڳو. هو ڏاڍو بهادر، سخي ۽ شڪل جو سهڻو هوندو هو. منهنجو نڪاح به هن جي ڀيڻ حورنسب سان ٿيو هو، جا ڏاڍي نيڪ ۽ پرهيزگار هوندي هئي. هوءَ رات جو اٿي تهجد پڙهندي هئي ۽ گهڻو ڪري خدا تعاليٰ جي عبادت ۾

Marfat.com

مشغول رهندي هئي. هن جي پيٽ مان مون کي هڪ نياڻي به ٿي هئي. پر هاڻي خبر نه آهي اتي هنن ٻنهي جو ڪهڙو حال ٿيو! هوءَ پڙهي سگهندي هئي، باقي لکي ڪانه ڄاڻندي هئي.

جڏهن ابراهيم بغاوت جو ارادو ڪيو تڏهن هڪ امير، جيڪو سنڌ مان بادشاه جو خزانو کنيو، هن جي علائقي مان ٿي لنگهيو، تنهن کي هن پاڻ وٽ ترسائي ڇڏيو ۽ چيائينس ته ”هينئر رستي تي تمام گهڻو خوف ۽ خطرو آهي، تنهنڪري ڪجهه وقت هتي ترس ته امن امان قائم ٿئي، پوءِ ڀلي وڃجانءِ.“ اصل ۾ هن جو ارادو هو ته ايتري ۾ ڀلي بادشاه جي موت جي حقيقت معلوم ٿئي، ته پوءِ خزانو مان ڦٻائي وڃان. پر جلدي خبر پيس نه بادشاه اڃا زنده آهي، تنهنڪري ان امير کي ڇڏي ڏنائين. ان امير جو نالو ضياءُ الملڪ بن شمس الملڪ هو. هن واقعي کان اڍائي سال پوءِ بادشاه جڏهن دارالخلافه ۾ موٽي آيو تڏهن شريف ابراهيم سندس سلاميءَ لاءِ حاضر ٿيو. هن جي هڪ غلام وڃي بادشاه وٽ جوڻي کنئين ۽ سندس ارادي بابت بادشاه کي سڄي ڳالهه ٻڌائي ڇڏيائين. جنهن تي بادشاه کيس مارائڻ چاهيو، پر هن سان ڪجهه پيار هوندو هئس تنهنڪري پنهنجي ارادي کي في الحال درگذر ڪري ڇڏيائين.

هڪ دفعي ڇا ٿيو، جو بادشاه وٽ هڪ ڪٺل هرڻ آندو ويو، جنهن کي بادشاه خود ڪسندي ڏٺو هو. بادشاه چيو ته هيءُ پوريءَ طرح سان ذبح نه ڪيو ويو آهي، جنهنڪري هن کي ڦٽو ڪيو وڃي. ابراهيم جڏهن انهيءَ ذبح ٿيل هرڻ کي ڏٺو تڏهن چيائين ته هي صحيح طريقي سان ذبح ڪيو ويو آهي. ۽ مان هن کي کائڻ لاءِ تيار آهيان. هيءَ خبر جڏهن بادشاه کي پيئي تڏهن ڏاڍي ڪاوڙ لڳيس ۽ هن کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. پوءِ هن تي الزام لڳايو ويو ته هن اهو شاهي خزانو، جيڪو ضياءُ الملڪ سنڌ مان آڻي رهيو هو، ڦٻائڻ ٿي چاهيو. اتي

Marfat.com

ابراهيم کي پتو پئجي ويو تہ منهنجي پيءُ جي بغاوت جي عيوض بادشاه مون کي قتل کرائڻ ٿو گهري. تنهنکري کوبہ حيلو بهانو کرڻ بيکار آهي ۽ ناحق عذاب ۽ سختيون سهڻيون پونديون.

ٻوءِ هن موت کي عذابن جي سختين کان آسان سمجهي کڻي پنهنجو ڏوهہ قبول کيو. بادشاه ٻوءِ هن کي ہ اڏ کري مارڻ جو حکم ڏنو. هن ملک ۾ اهو رواج آهي تہ جنهن ماڻهوءِ کي بادشاه قتل کرائيندو آهي، ان جو لاش ڏسن ڏينهن ناڻين انهيءِ جاءِ تي ٻيو هوندو آهي ۽ ڏسن ڏينهن کان پوءِ کافر جيکي انهي کم تي مقرر ٿيل هوندا آهن، سي انهيءِ لاش کي کڻي وڃي شهر جي ٻاهر خندق ۾ ڦٽو کندا آهن. اهي ماڻهو رات جو خندق جي نگهباني کندا رهندا آهن، جيئن مقتولن جا وارث الهن جا لاش کڻي نہ وڃن. ٻوءِ مقتولن جا وارث ڇا کندا آهن، جو الهن ماڻهن کي کجهہ رقم ڏيئي اهي لاش سڃاڻي کڻي ويندا آهن ۽ وڃي دفن کري ڇڏيندا آهن. اهڙيءِ طرح سان شريف ابراهيم جو لاش ہ حاصل کيو ويو ۽ ان کي دفن کيو ويو. خدا شل هن تي رحمت کري.

## تلنگانا ۾ بادشاه جي نائب جي بغاوت

جنهن وقت بادشاه تلنگانا کان واپس ٿي آيو تہ پٺيان تاج الملک نصرت خان ترک کي، جيکو سندس ديرينو خاص دوست ہ هو، پنهنجو نائب مقرر کندو آيو. اڃا هو وات ئي هو تہ سندس موت جو افواه اڏاريو ويو. نصرت خان کي جڏهن هيءَ خبر پهتي تڏهن هن رسم موجب بادشاه جو پٽر کيو ۽ پوءِ بادشاهت جي دعويٰ کيائين. ماڻهن اڻي جي (تلنگانا جي) دارالخلافہ بدر کوٽ (بيدر جي قلعي) ۾ هن جي بيعت کئي. بادشاه کي جڏهن هيءَ خبر پهتي تڏهن هن پنهنجي استاد قطلوخان کي هڪ وڏو لشکر ڏيئي هن ئي چڑهي موکليو.

Marfat.com

قطلو خان سخت لڑائيءَ کان پوءِ (جنھن ۾ کيترائي ماڻھو مارجي ويا) اچي بدر کوٽ جو گھيرو کيو. ھي تمام مضبوط قلعو ھوندو ھو، ٽنھنڪري وڃي آن جي پٺيان سرنگ کوٽائڻ شروع کيائين. ھيءُ حال ڏسي نصرت خان اچي امان گھريو، جنھن تي قطلو خان کيس امان ڏني. پوءِ ھن کي بادشاھ وٽ موکليو ويو. اھڙيءَ طرح سڀني شھرواسي ۽ لشکر جا ماڻھو بچي ويا.

Marfat.com

# باب ڏيون

بادشاه جو گنگا نديءَ جي ڪناري تي شهر بڏائط ۽ عين الملڪ جي بغاوت

جڏهن ملڪ ۾ اچي ڏڪار پيو تڏهن بادشاه پنهنجو لشڪر وٺي گنگا نديءَ جي ڪناري ڏانهن هليو ويو. هن نديءَ کي هندو تمام پاڪ (پوتر) ڪري سمجهندا آهن ۽ هر سال اتي حج (ياترا) ڪرڻ لاءِ ويندا آهن. هيءَ جڳهه جتي بادشاه وڃي رهيو هو، سا دهليءَ کان ڏهن منزلن تي هئي. بادشاه ماڻهن کي حڪم ڏنو ته اتي اچي پنهنجا گهر ٺاهين. تنهنڪري پهريائين هو گاهه ۽ ڪنڊ جون پنگيون اڏي انهن ۾ رهڻ لڳا، جن ۾ گهڙو ڪري باهيون پيون لڳنديون هيون. ماڻهن باهين کان بچڻ لاءِ چا ڪيو، جو زمين جي اندران ته خانا به ٺاهي ڇڏيائون. پوءِ جڏهن باهه لڳندي هين ته سموري سامان انهن ته خانن ۾ وڃي، مٽان مٽيءَ سان ان جو منهن بند ڪري ڇڏيندا هئا.

مان به انهن ڏينهن بادشاه جي ڪئمپ ۾ آيل هوس. گنگا نديءَ جي الهندي ڪناري سخت ڏڪار هو، ۽ ايرندي پاسي بلڪل سڪار هو ۽ اتي بادشاه جي طرفان عوض (اوڏ)، ظفر آباد ۽ لکنو وغيره شهرن تي امير عين الملڪ حاڪم مقرر ڪيل هو. هيءَ امير بادشاه جي ڪئمپ ۾ پنجاهه هزار مڻ ڪڻڪ، چانور، ۽ ڇٽا چوپائي مال جي لاءِ موڪليندو رهندو هو. پوءِ بادشاه حڪم ڏنو ته هاڻي، گهوڙا ۽ خچر وغيره ايرندي ڪناري ڏانهن

Marfat.com

چارڻ لاءِ موڪليا وڃن ۽ عين الملڪ کي انهن جي نظرداريءَ تي مقرر ڪيائين.

عين الملڪ کي چار ٻيا به ڀائر هوندا هئا، جن مان ٽن جا نالا هئا: شهرالله، نصرالله، فضل الله ـ باقي چوٿين جو نالو مون کي ياد نه آهي. انهن پنهنجي ڀاءُ (عين الملڪ) سان صلاح ڪئي ته بادشاه جا هاٿي ۽ ٻيو چوپايو مال ڀڄائي وڃجي، ۽ پوءِ عين الملڪ جي هٿ تي بيعت ڪري کيس بادشاه بنائجي. نيٺ هڪ رات عين الملڪ اوچتو غائب ٿي ويو، ۽ شايد هنن جي اها رٿ ڪامياب ٿي وڃي ها ۽ بادشاه کي ان جي ڪابه خبر نه رهي ها. پر هندستان جي بادشاهن جو اهو طريقو آهي ته هر هڪ ننڍي خواهه وڏي امير وٽ بادشاهه جو هڪ غلام ضرور رهندو آهي، جيڪو انهيءَ امير جي هر معاملي جي خبر بادشاه تائين پهچائيندو رهندو آهي. اهڙيءَ طرح سان انهن اميرن جي گهرن ۾ جيڪي وهي واپري، تنهن جي خبر رکڻ لاءِ وري بادشاه جي طرفان ٻانهيون مقرر ٿيل هونديون آهن جيڪي انهن اميرن جي گهرن ۾ رهنديون آهن. اهي ٻانهيون وري ڀنگيائين کي، جيڪي صفائي وغيره لاءِ اينديون آهن، خبرون ڏيندون آهن، جي اهي خبرون کڻي سڌو وڃي ملڪ المخبرين کي پهچائينديون آهن، جو وري بادشاه کي موڪلي ڏيندو آهي.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ دفعي ڪو امير پنهنجي زال سان گڏ سمهيو پيو هو ته امير کي هن سان گڏ ٿيڻ جو خيال ٿيو، جنهن تي سندس زال کيس بادشاه جي سر جو قسم وجهي ائين ڪرڻ کان منع ڪئي. پر امير هن جي هڪ به نه ٻڌي ۽ آخر ڪين مڙيو. صبح جو انهيءَ امير کي بادشاهه سڏايو ۽ پڇيائين ته تو هيئن ڪيو آهي؟ ۽ انهيءَ ئي سبب جي ڪري هن کي قتل ڪيو ويو.

بادشاه جو هڪ غلام، ابن ملڪ شاهه، نالي عين الملڪ وٽ رهندو هو؛ تنهن بادشاه کي هن جي ڀڄي وڃڻ جي خبر

موڪلي ڏني. هيءَ خبر ٻڌندي ئي بادشاه جا حواس باختہ ٿي ويا ۽ ائين ڄاڻائين تہ موت آيو ڪي آيو. ڇو تہ هن جا گهوڙا، هاٿي ۽ اناج، سڀ شيون عين الملڪ جي قبضي ۾ هيون. ازانسواءِ سندس لشڪر بہ هيڏي هوڏي پکڙيو پيو هو. آخر بادشاه دارالخلافہ ڏانهن واپس وڃڻ جو ارادو ڪيو، جيئن اتان لشڪر گڏ ڪري عين الملڪ جي مقابلي لاءِ تيار ٿي اچي. سيئي امير اچي گڏ ٿيا ۽ صلاح مشورو ڪرڻ لڳا. خاص ڪري خراسانين ۽ غير ملڪي ماڻهن کي تہ عين الملڪ مان تمام گهڻو خطرو هو، ڇو تہ انهن تي بادشاه ڏاڍو مهربان هوندو هو، جنهن سبب کان هندستاني هنن کي حسد جي نگاهہ سان ڏسندا هئا، ۽ عين الملڪ بہ هندستاني هو.

ماڻهن بادشاه جي صلاح صحيح نہ سمجهي عرض ڪيو تہ اي آخوند عالم! جيڪڏهن توهان دارالخلافہ هليا ويندا ۽ عين الملڪ کي اها خبر پوندي، تہ هو انهيءَ عرصي ۾ گهڻو ئي لشڪر گڏ ڪري وٺندو ۽ گهڻائي باغي ۽ فتنہ انگيز ماڻهو هر هنڌ پکڙيل آهن، تن کي هو گڏ ڪري پنهنجي طاقت وڌائيندو؛ بهتر ائين ٿيندو تہ هن تي هڪدم حملو ڪرڻ گهرجي. هيءَ ڳالهہ شروع ناصرالدين مطهر اوهريءَ ڪئي ۽ باقي ماڻهن ان جي تائيد ڪئي. بادشاه سڀني جي صلاح کي بهتر ڄاڻي ان تي عمل ڪيو. ويجهو ويجهو جيڪي بہ امير ۽ لشڪر هئا، تن کي انهيءَ وقت خط لکي گهرائي موڪليائين. هو خط پهچندي ئي اچڻ شروع ٿيا. بادشاه هيءَ تجويز ڪئي، جو جيڪڏهن انهن مان هڪ سؤ ماڻهو ٿي آيا تہ سندن استقبال لاءِ وري هڪ هزار ماڻهو ٿي موڪليائين جي ڪن يارهن سؤ ماڻهو ٿي، گڏجي ڪئمپ ۾ ٿي گهڙيا. انهيءَ لاءِ تہ جيئن دشمنن کي سندن تعداد وڌيڪ معلوم ٿئي.

پوءِ بادشاه درياءَ جو ڪنارو ئي ڪنارو ڏيئي اڳتي وڌيو. هن جو ارادو هو تہ قنوج جو شهر پنهنجي پٺيان پٺيان رکي، اڳتي

وڌندو رهي، جيئن وقت تي انهيءَ ۾ قلعي بند ٿي سگهجي- ڇو ته قنوج جو قلعو تمام مضبوط ڪري ليکيو ويندو هو. پر اهو اڃا ٽن منزلن جي پنڌ جيترو پري هو. بادشاه جڏهن پهرين منزل ڪري آيو، تڏهن پنهنجي لشڪر کي لڙائيءَ لاءِ تيار ڪندي، انهن کي هڪ قطار ۾ بيهاري ڇڏيائين. هر هڪ سپاهيءَ جي بدن تي سڀ هٿيار ٻڌل هئا، ۽ ڀرسان ان جو گهوڙو هو.

بادشاه سان گڏ هڪ ننڍڙو تنبو هو، جنهن ۾ هو ماني کائيندو ۽ غسل ڪندو هو. وڏي ڪئمپ اتان ڪجهه پري هئي. ٽن ڏينهن تائين بادشاه تنبوءَ ۾ نه آرام ڪيو ۽ نه ئي ڇانوَ جي هيٺان ويٺو. هڪ ڏينهن سان پنهنجي تنبوءَ ۾ ويٺو هوس ۽ مون سان گڏ ٻانهيون به هيون ته منهنجي هڪ نوڪر، سنبل نالي، مون کي سڏ ڪيو ۽ چيائين ته جلدي ٻاهر اچو. منهنجي ٻاهر اچڻ تي هن ٻڌايو ته بادشاه اڃا هينئر حڪم ڏنو آهي ته جنهن به ماڻهوءَ سان ان جي زال يا ڪا ٻانهي هجي ته ان کي قتل ڪيو وڃي.

اميرن به اهو حڪم ٻڌو. سو بادشاه کي وڃي انهن لاءِ عرض ڪيائون. تنهن تي بادشاه وري حڪم ڏنو ته ڪيئن به ڪري ڪئمپ ۾ ڪا به عورت رهڻ نه گهرجي. آخر سڀني زالن کي ڪنبيل نالي قلعي ۾ موڪليو ويو، جيڪو اتان ٽي ميل پري هو. اهڙيءَ طرح سان ڪا به عورت پٺتي نه بچي، ايتري قدر جو خود بادشاه سان به ڪا عورت ڪانه هئي. اها رات اسان تياريءَ ۾ گذاري. ڏينهن ٿيڻ تي بادشاه سڄي لشڪر کي فوجن ۾ ورهايو ۽ هرهڪ فوج سان گڏ زره سان ڍڪيل پالڪين سان هاٿي هئا جن جي مٿان جنگي جوان ويٺا هئا.

سڄي لشڪر کي زره پوش رهڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ پوءِ سڀئي لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي ويا. ٻي رات به تياريءَ ۾ ئي گذري، ۽ جڏهن صبح ٿيو تڏهن خبر پهتي ته عين الملڪ درياءُ پار ڪري

Marfat.com

آيو آهي. هيءُ ٻڌي بادشاه کي ڪجهه خوف پيدا ٿيو ته هو متان درياءَ پار ٻين رهيل اميرن سان مدد لاءِ لکپڙهه نه ڪري آيو هجي. پوءِ بادشاه حڪم ڏنو ته منهنجي سڀني دوستن ۾ ڀلا گهوڙا ورهايا وڃن. ان ڪري مون ڏانهن به ڪجهه گهوڙا موڪليا ويا. منهنجو هڪ ساٿي امير اميران ڪرماني نالي هوندو هو، جو وڏو پهلوان ۽ بهادر سمجهيو ويندو هو. ان کي مون هڪ ڪميت (شهبه الاول) گهوڙو ڏنو. هو ان تي اڃا سوار مس ٿيو ته گهوڙو وٺي ڀڳو. هن گهڻيئي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر گهوڙو هن کان روڪيو نه ٿيو ۽ آخر هن کي زمين تي ڪيرائي ڇڏيائين. جنهنڪري هو اتي جو اتي مري ويو.

بادشاه انهيءَ ڏينهن ڏاڍو تڪڙو اڳتي وڌيو ۽ عصر جي وقت کان پوءِ اچي قنوج جي شهر ۾ پهتو. بادشاه کي ڏاڍو ڊپ هو ته متان هن جي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي عين الملڪ هن شهر تي قبضو ڪري وڃي. ان رات بادشاه خود لشڪر کي ٺاهي رکيو ۽ اسان وٽ اچي بيٺو. ان وقت اسان لشڪر جي اڳئين حصي ۾ هئاسين ۽ اسان سان گڏ بادشاه جو سوٽ ملڪ فيروز جو ساٿي، امير غرا بن مزا، سيد ناصرالدين ۽ ڪي خراسان جا امير به هئا، ۽ اسان کي چيائين ته توهان منهنجي خاص ماڻهن مان آهيو تنهنڪري توهان مون سان گڏ رهو.

انهيءَ ۾ به ڪا ڀلائي هئي، جو رات جي پوئين پهر عين الملڪ لشڪر جي اڳئين حصي تي حملو ڪيو هو. وزير خواجه جهان به لشڪر جي انهيءَ حصي ۾ هو. ڏاڍو هل هنگامو برپا ٿيو. بادشاهه حڪم ڏنو ته ڪوبه پنهنجي جاءِ تان نه چري ۽ صرف تلوارن سان لڙائي ڪئي وڃي. سڄي لشڪر پنهنجون تلوارون سنڀاليون ۽ دشمنن ڏانهن وڌيا. ڏاڍي زور شور سان لڙائي هلي. ان رات بادشاهه پنهنجي سڃاڻپ جي نشاني 'دهلي' ۽ 'غزني' مقرر ڪئي. يعني جڏهن اسان جي لشڪر مان ڪو ڪنهن سان

ملي ته دهلي جو لفظ چوي، پوءِ ٻيو جيڪڏهن غزنيءَ جو جواب ڏئي ته چئبو ته هو پنهنجي لشڪر مان آهي، ٻيءَ صورت ۾ حڪم هو ته هن کي هڪدم قتل ڪيو وڃي.

عين الملڪ جو ارادو هو ته انهيءَ حصي تي حملو ڪري جتي بادشاهه موجود هو. پر هن جي رهنما هن کي غلط ٻڌايو، تنهنڪري هو اچي وزير واري حصي تي ڪڙڪيو. عين الملڪ ان رهنما کي قتل ڪري ڇڏيو. وزير واري لشڪر جي حصي ۾ عجمي، ترڪ ۽ خراساني گهڻي انداز ۾ هئا ۽ ڇو ته هو هندستانين جا دشمن هئا، تنهنڪري هو سر جي بازي لڳائي وڙهيا. عين الملڪ جي لشڪر ۾ پنجاهه هزار جي قريب ماڻهو هئا، جيڪي صبح ٿيڻ تائين سڀيئي شڪست کائي ڀڄي ويا.

ملڪ ابراهيم تتري (تاتاري)، جيڪو "ڀنگي" جي لقب سان مشهور هو، تنهن کي بادشاهه عين الملڪ جي شهر مان هڪ سندريله نالي هڪ ڳوٺ جدا ڪري ڏنو هو. هن به بغاوت ۾ عين الملڪ سان اتفاق ڪيو، تنهنڪري هن کڻي کيس پنهنجو نائب مقرر ڪيو هو. قطب الملڪ جو پٽ داؤد ۽ ملڪ التجار جو پٽ پڻ، جيڪو گهوڙن ۽ هاٿين جو آفيسر مقرر ٿيل هو، اچي هن سان شامل ٿيا هئا. ۽ هن داؤد کي عين الملڪ پنهنجو حاجب مقرر ڪيو هو. جڏهن عين الملڪ اچي وزير واري لشڪر تي حملو ڪيو هو، تڏهن داؤد بادشاهه کي وڏي سڏ ڏاڍيون گنديون گاريون بڪي رهيو هو، جيڪي بادشاهه ٻڌيون پئي ۽ داؤد جي آواز کي به سڃاتائين پئي.

جڏهن عين الملڪ جي لشڪر کي شڪست آئي تڏهن هن پنهنجي نائب ابراهيم کي چيو ته "او ابراهيم! هاڻي تنهنجو ڇا خيال آهي. گهڻو لشڪر ۽ وڏا وڏا سردار ته ڀڄي ويا آهن، هاڻي جيڪڏهن تنهنجي به اها صلاح هجي ته اسان به ڀڄي پنهنجو سر بچايون." جنهن تي ابراهيم يڪدم پنهنجن ساٿين کي پنهنجي

Marfat.com

ٻوليءَ ۾ چيو ته جيڪڏهن عين الملڪ ڀڄڻ جي ڪندو ته ان وقت مان کيس وارن کان کڻي جهليندس ۽ توهان چهبڪ هڻي سندس گهوڙي کي ڀڄائي کيس هيٺ ڪيرائي ڇڏجو؛ پوءِ هن کي ٻڌي بادشاه وٽ وٺي هلنداسين، شايد منهنجي هن خدمت جي بدلي ۾ بادشاه اسان کي معاف ڪري ڇڏي.

جڏهن عين الملڪ ڀڄڻ جو ارادو ڪيو تڏهن ابراهيم چيس ته سلطان علاءُ الدين ڪيڏانهن ٿو وڃين. عين الملڪ پنهنجو لقب سلطان علاءُ الدين رکيو هو. ائين چئي کڻي وارن کان جهليائينس. هن جي ساٿين وري چهبڪ هڻي سندس گهوڙي کي ڀڄائي ڇڏيو ۽ هو اچي زمين تي ڪريو. ابراهيم هن کي کڻي پاڻ وٽ قابو ڪيو ۽ جڏهن وزير جا ماڻهو هن کي گرفتار ڪرڻ آيا تڏهن انهن کي روڪيندي چيائين ته ”هن کي مان پاڻ وزير وٽ وٺي ويندس... مان وڙهندي وڙهندي مارجي وڃان پر هن کي ڪنهن ٻئي ماڻهو هٿان ڇهڻ نه ڏيندس.“ تنهن تي هن کي ڇڏي ڏنائون. پوءِ ابراهيم عين الملڪ کي وزير وٽ وٺي ويو.

ان وقت صبح ٿي ويو هو ۽ مان بادشاه وٽ، جيڪي هاٿي جهنڊا پيش ٿي رهيا هئا، ڏسي رهيو هوس، ته ڪنهن عراقيءَ اچي مون کي ٻڌايو ته عين الملڪ گرفتار ڪيو ويو آهي، ۽ هن کي وزير وٽ وٺي آيا آهن. مون کي اعتبار ئي نٿي آيو. مان ٿورو ئي اڳتي وڌيس ته ملڪ تمور (تيمور) شربدار اچي مون کي هٿ کان جهليو ۽ مبارڪ ڏيندي چيائين ته ”عين الملڪ گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ وزير جي حوالي ٿيو آهي.“ هيءُ ٻڌي بادشاه به اسان سان گڏجي عين الملڪ جي ڪئمپ ڏانهن هليو. جيڪا گنگا نديءَ جي ڪپ تي هئي. لشڪر هن جي سڄي ڪئمپ کي ڦري ماري اجاڙي ڇڏيو هو، ۽ عين الملڪ جا ڪيترائي ماڻهو درياءَ ۾ گهڙي پيا ۽ ٻڏي مئا.

قطب الملڪ جو پٽ ۽ ملڪ التجار جو پٽ به پڪڙجي

Marfat.com

پيا هئا. بادشاهہ انهيءَ ڏينهن ڪناري تي ئي ڪئمپ ڪئي ۽ جڏهن وزير عين الملڪ کي بادشاه جي سامهون آندو، تڏهن هو هڪ ڏاند تي سوار هو ۽ سڄو بدن اگهاڙو هوس، صرف هڪ پراڻي ڦاٽل ڪپڙي جي لنگوٽ اوگهڙ واريءَ جاءِ تي ٻڌل هيس جنهن کي ورائي سندس ڪنڌ ٻڌي ڇڏيو هئائون. وزير عين الملڪ کي شاهي خيمي جي دروازي تي بيهاري پاڻ بادشاه وٽ ويو. بادشاه کيس پيئڻ لاءِ شربت ڏنو. هوڏانهن اميرن جا ڇوڪرا عين الملڪ وٽ اچي کيس گاريون ڏيڻ، سندس منهن ۾ ٿڪون هڻڻ ۽ سندس ساٿين تي مار موچڙو ڪرڻ لڳا.

بادشاه هن کي هڪ وڏي امير هٿان چوائي موڪليو تہ "تو هي سڀ ڇا ڪيو؟" جنهن تي هو ماٺ ۾ رهيو ۽ ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنائين. پوءِ بادشاه حڪم ڪيو تہ هن کي غريبن جهڙا ڪپڙا پهرائي، پيرن ۾ چار زنجير وجهي ۽ سندس هٿ ڪنڌ سان ٻڌي، وزير جي حوالي ڪيو وڃي تہ هن کي پنهنجي حفاظت ۾ قابو رکي؛ عين الملڪ جا ڀائر درياءُ پار ڪري اؤڌ ڏانهن ڀڄي ويا، جتان پنهنجا ٻار ٻچا، مال متاع جيڪي کڻي سگهيا سو کڻي ڪنهن طرف ڀڄي ويا.

هنن وبندي، پنهنجي ڀاءُ عين الملڪ جي زال کي بہ چيو تہ تون بہ پنهنجا ٻار ٻچا وٺي اسان سان گڏ ڀڄي هل. پر هن وڃڻ کان انڪار ڪندي، جواب ڏنن تہ "مان هڪ هندو عورت کان بہ گهٽ آهيان ڇا، جيڪا پنهنجي مڙس سان گڏ سڙي مرندي آهي. جيڪڏهن منهنجو سرتاج مرندو تہ مان بہ مرنديس، پر جي هو زندهہ رهندو تہ مان بہ هن لاءِ زندهہ رهنديس." پوءِ هو هن کي ڇڏي هليا ويا. بادشاهہ کي جڏهن هن جواب جي خبر پيئي، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ان زال تي ڏاڍو رحم آيس.

سهيرا نالي هڪ جوان عين الملڪ جي ڀائرن مان هڪ، نصرالله، کي پڪڙي وڌو، ۽ کيس قتل ڪري، ان جو سر بادشاه وٽ کڻي آيو؛ ۽ ان سان گڏ عين الملڪ جي زال، ماءُ ۽

Marfat.com

ان جي ڀيڻ کي به پاڻ سان وٺيو آيو. بادشاه انهن کي به وزير جي حوالي ڪيو. هنن لاءِ عين الملڪ جي خيمي جي ڀرسان هڪ خيمو لڳايو ويو، جتي عين الملڪ اچي ويهي سائن ڳالهيون ڪري وري قيد خاني ڏانهن هليو ويندو هو. فتح واري ڏينهن عصر جي وقت کان پوءِ بادشاه حڪم ڏنو ته اهي بيڪار ماڻهو جيڪي ذليل، بازاري ۽ غلام قسم جا آهن ۽ هنن سان گڏ پڪڙيا ويا آهن انهن کي آزاد ڪيو وڃي.

ملڪ ابراهيم تتريءَ (ڀنگي) کي به بادشاه جي سامهون پيش ڪيو ويو، جنهن لاءِ سچهه سالار ملڪ بغرا رٿ ڏني ته "اي آخوند عالم هن کي به قتل ڪرڻ گهرجي ڇو ته هن به بغاوت ۾ حصو ورتو هو." تنهن تي وزير جواب ڏنس ته "عين الملڪ کي گرفتار ڪرڻ جي سلسلي ۾ هن جو قصور معاف ڪيو ويو آهي، ۽ بادشاه به کيس معافي ڏني آهي." پوءِ هن کي حڪم ڏنو ويو ته هو پنهنجي جاگير ڏانهن هليو وڃي. بادشاه مغرب کان پوءِ هڪ ڪاٺ جي برج ۾ اچي ويٺو، جتي عين الملڪ جي ساٿين مان ٻاهٺ وڏا وڏا امير سندس سامهون پيش ڪيا ويا، پوءِ انهن کي هاٿين جي اڳيان ڦٽو ڪيو ويو. انهن مان ڪن کي هاٿين پنهنجي فولاد جي پٽ چڙهيل ڏندن سان ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو ۽ ڪن کي مٿي هوا ۾ اڇلائي اڇلائي ماري ڇڏيو، ان وقت نغارا ۽ واڄا وڄي رهيا هئا. عين الملڪ هيءُ سڀڪجهه خاموشيءَ سان ڏسي رهيو هو، ۽ انهن جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري هن ڏانهن اڇلايا پئي ويا.

پوءِ هن کي قيد خاني ۾ وٺي ويا. ماڻهن جي گهڻائيءَ ۽ ٻيڙين جي ٿورائيءَ سبب بادشاه درياءَ جي ڪناري تي ترسي پيو. شاهي سامان ۽ خزانو وري هاٿين ذريعي درياءَ جي هن پار پهچايو ويو. بادشاه ڪجهه هاٿي پنهنجي خاص خاص اميرن ۾ به ورهائي ڏنا ته هو پنهنجو سامان درياءَ جي پار پهچائين. تنهنڪري مون کي

Marfat.com

بہ ھڪ ھاڻي ملیو، جنھن تي سون پنھنجو سامان لڏي ھن پر پھچایو ۰

ان کان پوء بادشاہ برابچ (پڙاڻچ) وچ جو ارادو ڪیو۰ ان وقت اسان ہ ھن سان گڏ ھئاسین۰ ھيءُ ھڪ تمام خوبصورت شھر آھي ۽ سرو ندي‌ء جي ڪناري تي ٻڌل آھي۰ ھي‌ء ندي تمام وڏي آھي ۽ اکثر ڪناري کي ڪاڌيندي رھندي آھي۰ ھتي رسم موجب بادشاہ، شیخ ( الصالح البطل ) سالار جي قبر جي زیارت ڪرڻ لاء دریاءُ پار ڪري آیو ھو۰ شیخ سالار ھن طرح جا گھڻائي ملڪ فتح ڪیا ھٿا ۽ ساڻھن ہ ھن لاء ڪیترین ئي عجیب و غریب گالھیون مشھور ھوندیون ھیون۰ ساڻھن جي دریاءُ پار ڪرڻ وقت ڏاڍي ٻڙ اچي لڳي، ایتري قدر جو ھڪ ٻیڙي جنھن ہ ۾ سؤ ساڻھو چڙھیل ھٿا سا ٻڏي ویئي ۽ صرف ھڪ عرب جیڪو امیر غرار جي ساڻین مان ھڪ ھو، بچي سگھیو۰

اسان ھڪ نندي‌ء ٻیڙي‌ء ہ چڙھیل ھئاسین، جنھنڪري الله ساڻین‌ء اسان کي بچایو۰ عرب جیڪو ٻڏڻ کان بچي ویو ھو تنھن جو نالو سلام ھو۰ اني عجیب اتفاق اھڙو ٿیو، جو ھن عرب جو پھریائین ارادو ھو تہ اسان واري‌ء ٻیڙي‌ء ہ چڙھي ۽ پر اسان جي ٻیڙي ڪجھ اڳتي نڪري ویئي ھئي، تنھنڪري ھو وچي وڏي‌ء ٻیڙي‌ء ہ چڙھیو ھو، جیڪا ٻڏي ویئي۰ جڏھن ھو بچي دریاءُ آڪري آیو، تڏھن ساڻھن خیال ڪیو تہ ھو اسان واري‌ء ٻیڙي ہ چڙھیل ھو۰ ان تي اسان جي ساڻین ہ اچي ٽرٽلو پیو جو سمجھیائون تہ شاید اسان ٻڏي ویاسین۰ پر پوء جڏھن اسان کي صحیح سلامت ڏٺائون تڏھن اسان کي اچي مبارڪ ڏنائون ۰

پوء اسان شیخ سالار جي قبر، جیڪا ھڪ گنبذ ہ آھي، جي زیارت تہ ڪئي، باقي ان ساڻین پھچڻ جي وات، گھڻي‌ء ٻیڙ سبب، ھٿ نہ آئي۰ پوء اسان ھن طرف جي ھڪ ڪاٺھن جي ٻیلي مان ٿي لنگھیاسین تہ اسان گینڈو ڏٺو۰ ساڻھن ان کي

Marfat.com

ساري وڏو ۽ ان جي سسي ويڊي ڪٽي آيا، جو هاڻيءَ کان ننڍو ۽ سڀني سسي هاڻيءَ جي سسيءَ کان ڪافي وڏي هئي.

## بادشاه جو دارالخلافہ ۾ واپس اچڻ ۽ علي شاهڪر (ٻوڙي) جي بغاوت

جڏن بادشاه عين الملڪ کي شڪست ڏني، تڏهن ايڏائي سالن کان پوءِ هو دارالخلافہ ۾ آيو. عين الملڪ جو گناهہ ڪيس بخش ڪيو ويو؛ تنهن سان گڏ نصرت خان جنهن تلنگاڻہ جي ملڪ ۾ بغاوت ڪئي هئي، تنهن کي به معاف ڪيو ويو. بادشاه هنن ٻنهي کي پنهنجي باغن ۾ نظر مقرر ڪري ڇڏيو ۽ کين خلعت ۾ سواري به عطا ڪيائين. ازانسواءِ انهن کي گوشت به هنن لاءِ روزانو بادشاه جي طرفان مقرر ڪيو ويو هو.

هن کان پوءِ خبر آئي تہ قطلو خان جو هڪ ساٿي علي شاهڪر بادشاه کان باغي ٿي ويو آهي. هي شخص ڏاڍو بهادر، چڱين عادتن وارو ۽ شڪل جو به سهڻو هوندو هو. هن بدرڪوٽ (بيدر جو قلعو) فتح ڪري، ان کي پنهنجي ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ بنايو. بادشاهہ پنهنجي استاد کي هن سان لڙائي ڪرڻ لاءِ چاڙهي موڪليو، جنهن وڃي بدرڪوٽ جو گهيرو ڪيو ۽ قلعي جي برجن جي هيٺان سرنگ لڳائڻ شروع ڪيائين. آخر علي شاهڪر جڏهن ڏاڍو پريشان ٿيو، تڏهن امان گهرڻ لڳو. قطلو خان کيس امان ڏيئي، قيد ڪري بادشاه ڏانهن ڏياري موڪليو.

بادشاه هن جو ڏوهہ معاف ڪري کيس خراسان جي طرف غزنيءَ جي شهر ڏانهن ڪيڏيو. اتي هو ڪجهہ وقت رهيو. آخر هن کي جو ڪنڌيءَ اچي ڪنيو، سو وطن جي اکير اچي لڳيس، جنهنڪري هو واپس هليو آيو. سنڌ ۾ پهچڻ ئي هو پڪڙجي پيو ۽ بادشاه وٽ پيش ڪيو ويو. بادشاهہ کيس چيو تہ "تون وري پنهنجي ملڪ ۾ فساد ڪرڻ آيو آهين" ۽ حڪم ڪيائين تہ هن کي قتل ڪيو وڃي. پوءِ هن جو سر ڪپيو ويو.

## امير بخت جو ڀڄي وڃڻ ۽ قيد ٿيڻ

بادشاه جڏهن امير بخت تي ڪاوڙيو، جنهن جو لقب شرف ملڪ هوندو هو، تڏهن هن جو عهدو چار هزاريءَ مان گهٽائي هڪ هزاري ڪري کيس دهليءَ ۾ وزير ڏانهن ڏياري موڪليائين. هيءُ شخص انهن ماڻهن مان هو جيڪي اسان سان گڏجي بادشاه وٽ آيا هئا. اتفاق سان امير عبدالله هروي تلنگانه واريءَ وبا ۾ مري ويو. هن جو سڀ سامان سندس سائين وٽ دهليءَ ۾ رکيل هو، سو انهن به امير بخت سان گڏ ڀڄڻ جي صلاح ڪئي. ۽ جڏهن وزير، بادشاه جي استقبال لاءِ، دهليءَ کان نڪتو تڏهن هو وجهه وٺي امير بخت سان گڏ ڀڄي نڪتا.

هو چاليهن ڏينهن جو رستو ستن ڏينهن ۾ طئي ڪري اچي سنڌ ۾ پهتا. هنن وٽ ڏاڍا عمدا تيز رفتار گهوڙا هئا هنن چيو ته سنڌوندي تري پار هليو وڃجي. پر امير بخت ۽ سندس پٽ تري ڪونه ٿي سگهيا، تنهنڪري ڪانن جو ترهو ٺاهي، ان ۾ ريشمي رسيون ٻڌي، پار اڪرڻ چاهيائون؛ پر هو نديءَ جي ڪناري تي پهچي، انهيءَ ۾ گهڙڻ کان ڊڄي بيهي رهيا.

پوءِ هنن اوجة (اچ) جي حاڪم جلال الدين ڏانهن ٻه ماڻهو موڪليا، جن وڃي جلال الدين کي چيو ته ڪجهه سوداگر درياءُ پار ڪرڻ ٿا چاهين ۽ هيءَ زين توڏانهن تحفي طور موڪلي اٿن ته هنن کي درياءَ پار اڪرڻ جي اجازت ۽ ان ۾ مدد ملي. جلال الدين هڪدم سمجهي ويو ته اهڙي قسم جي زين سوداگرن وٽ ڪانه هوندي آهي ۽ ضرور ڪو گهوٽالو آهي. تنهنڪري حڪم ڏنائين ته هنن ٻنهي ماڻهن کي گرفتار ڪيو وڃي.

انهن مان هڪ ڪنهن طرح سان ڇڏائي، ڀڄي وڃي شرف ملڪ وٽ نڪتو، جي مسلسل پنڌ جي ٿڪاوٽ ۽ اوجاڳي سبب ننڊ پيا هئا. ايندڙ شخص هڪدم شرف الملڪ کي سڄي روئداد ٻڌائي، جنهن تي هو سڀ گهوڙن تي سوار ٿي اٿي ڀڳا. جلال الدين

Marfat.com

حڪم ڪيو ته جيڪو ماڻهو پڪڙيو ويو آهي تنهن کي خوب موچڙا هڻي سچي ڪرائي وڃي، جنهن آخر شرف الملڪ جو سمورو احوال ٻڌائي ڇڏين. پوءِ جلال الدين پنهنجي نائب کي حڪم ڪيو ته هو لشڪر پاڻ سان وٺي يڪدم شرف الملڪ ۽ سندس ساٿين ڏانهن وڃي.

هو ڏس واريءَ جاءِ تي پهتو ته هو اڳيئي ڊپ ۾ ڀڄي ويا هئا. پر نائب سندن پيڇو ڪيو ۽ آخر وڃي رسين. لشڪر وارن هنن تي تير وسائڻ شروع ڪيا ۽ نائب جو تير اتفاق سان شرف الملڪ جي پٽ طاهر جي هڪ ٻانهن ۾ وڃي لڳو، جنهن تي هو ڪري پيو. نائب هنءَ کي سڃاڻي کڻي قابو ڪيو. آخر ٻيا به سڀ پڪڙجي پيا ۽ سڀني کي جلال الدين جي سامهون آندو ويو، جنهن کين پيرن ۾ زنجير وجهي، سندن مشڪون ٻڌي، کڻي پاڻ وٽ قيد ۾ رکيو. پوءِ وزير کي لکيائين ته هنن کي ڇا ڪيو وڃي. وزير حڪم ڏنس ته هنن کي دارالخلافه ڏانهن موڪليو وڃي.

پوءِ جلال الدين هنن کي دارالخلافه ڏانهن موڪليو، جتي کين قيد ۾ رکيو ويو. پوءِ بادشاه حڪم ڪيو ته شرف الملڪ کي هڪ سو چهبڪ زور سان هنيا وڃن. هو هر روز اهڙي مار کائيندو رهيو ۽ آخر تائين زنده رهي سگهيو. تنهن تي بادشاهه کي هن تي رحم اچي ويو ۽ سندس ڏوهه معاف ڪري کيس چنديريءَ ڏانهن امير نظام الدين وٽ ڏياري موڪليائين. هن کان پوءِ شرف الملڪ جي حالت تمام خراب ٿي پيئي ۽ تنگدستيءَ اچي ورايس، ايتري قدر جو هن وٽ سواريءَ لاءِ ڪو گهوڙو ڪونه رهيو، تنهنڪري هو ڏاند تي سواري ڪندو هو.

ڪيترو ئي وقت هو هن حال ۾ رهيو. پوءِ امير نظام الدين جڏهن بادشاه ڏانهن ڪجهه ماڻهو موڪلي ڏنا، انهن ۾ هيءُ به شامل هو. بادشاه هن کي کڻي پنهنجو (جاشنگير) چاشگير مقرر

Marfat.com

ڪيو. هن عهديدار جو ڪر اهو هوندو هو ته هو گوشت ڏڪرا ٽڪرا ڪري، دستر خواني تي رکندو ويندو هو ۽ ڪاڏو ڪٽي بادشاه وٽ حاضر ٿيندو هو.

پوء بادشاه هن تي تمام گهڻو مهربان ٿيو ۽ سندس مرتبو ايترو ته وڌائي ڇڏيائين جو جڏهن هو بيمار ٿيندو هو ته بادشاه خود سندس مزاج پرسيءَ لاء هن وٽ ويندو هو، ۽ هن کي سون ۾ توري اهو سون به هن کي عنايت ڪيو هٿائين. اها سموري گالهه مان پهرئين سفر ۾ ڪري آيو آهيان. پوء ڪيس پنهنجي پيٽ سان شادي ڪرائي، چنديريءَ جو حاڪم مقرر ڪري موڪليائين. هيءَ اها جاء هئي جتي هو پهريائين امير نظام الدين جي ذڪري ڪندو هو ۽ ڏڪي تي سواري ڪندو هو. خدا جا شان آهن، هو دلين جو مالڪ آهي جيئن وٺيس تيئن ڪري.

## شاه افغان جي سنڌ ۾ بغاوت

شاه افغان سنڌ جي ملڪ، ملتان، ۾ بغاوت ڪئي ۽ اتي جي امير بهزاد کي قتل ڪري بادشاهت جي دعويٰ ڪيائين. بادشاه هن کي مارائڻ جو ارادو ڪيو، پر هو پنهنجي قوم جي پٺاڻن جيڪي ڏکڻ جبلن ۾ رهندا هئا، ڏانهن ڀڄي ويو. بادشاه کي ڏاڍو غصو آيو ۽ پنهنجي نائبن کي لکي موڪليائين ته جنهن هنڌ به ڪو پٺاڻ موجود هجي ان کي هڪدم گرفتار ڪيو وڃي. ۽ اهو ئي قاضي جلال الدين جي بغاوت جو سبب بنيو.

## قاضي جلال جي بغاوت

قاضي جلال ۽ پٺاڻن جي هڪ قوم شهر ڪنڀات ۽ بلوذره جي پرسان رهندي هئي. جڏهن بادشاه پنهنجي نائبن کي پٺاڻن جي پڪڙ جو حڪم ڏنو تڏهن ملڪ مقبل کي، جو انهيءَ وقت وزير جي طرفان الجزرات (گجرات) ۽ نهروالا ۾ نائب هو، هي

حڪم ڏنائين تہ ڪنهن طريقي سان قاضي جلال ۽ ان جي ساڻين کي گرفتار ڪري. بلوڏره جو علائقو ملڪ الحڪما جي جاگير ۾ هوندو هو، جنهن جي شادي بادشاه جي ساڻيجي ماءُ جي ڏيءَ سان، جنهن کي بادشاه پاليو هو، ٿي هئي. انهيءَ ٿي ماءُ سان وري بادشاه کي به پيٽ هئي جنهن جو نڪاح امير غـرا سان ڪيو هئائين.

اهو ملڪ الحڪما انهيءَ وقت ملڪ مقبل وٽ هو، چاڪاڻ تہ سندس جاگير ملڪ مقبل جي علائقي ۾ هئي. جڏهن هو گجرات ۾ پهتا تڏهن ملڪ مقبل، ملڪ الحڪما کي حڪم ڏنو تہ قاضي جلال ۽ ان جي ساڻين کي مون وٽ وٺي اچ. جڏهن ملڪ الحڪما انهن جي علائقي ۾ پهتو، تڏهن هنن کي گجهيءَ طرح سان نياپو ڏياري موڪلياڻين تہ ملڪ مقبل توهان کي گرفتار ٿو ڪرڻ چاهي، تنهنڪري توهان کي پاڻ وٽ گهرايو اٿس، سو توهان هٿيار ٻڌي تيار ٿي هن وٽ وڃجو.

نتيجي ۾ قاضي جلال ٿي سو زره پوش تيار ڪري پاڻ سان گڏ وٺي آيو ۽ اچي چياڻين تہ اسان سڀئي اندر ويندا سين. ملڪ مقبل سمجهي ويو تہ هنن کي پڪڙ ڏيو ڏکيو آهي ۽ انهن کان ڊجي حڪم ڏنائين تہ واپس هليا وڃو ۽ هن کي امان ڏيڻ جو خيال ظاهر ڪيائين. پر هنن بغاوت ڪئي. ڪنيات جي شهر ۾ داخل ٿي، شاهي خزانو ۽ ماڻهن جو مال قرياڻون. انهيءَ قرمار ۾ ابن الڪوسي نالي واپاريءَ جو سمورو مال قرجي ويو. هي اهو شخص هو جنهن اسڪندريه جي شهر ۾ هڪ عاليشان مدرسو ٺهرايو آهي، جنهن جو اڳتي هلي بيان ڪندس.

پوءِ ملڪ مقبل، قاضي جلال جي مقابلي لاءِ آيو، پر شڪست کاڌائين. تنهن کان پوءِ ملڪ عزيز خمار به هنن کان شڪست کاڌي. اهڙيءَ طرح ملڪ جهان بنبل به ست هزار ماڻهن جو لشڪر وٺي هن سان لڙائي ڪئي، پر انهيءَ به شڪست کاڌي. هي ٻڌي، ملڪ

Marfat.com

۾ جيڪي فسادي ۽ جرائم پيشي ماڻهو هئا سي به اچي قاضي جلال سان مليا، جنهنڪري هن بادشاهيءَ جي دعويٰ ڪري، پنهنجن سائين کان بيعت وٺي ڇڏي. بادشاه هن ڏانهن ڪيترائي لشڪر موڪليا پر سڀني کي شڪست نصيب ٿي. انهن ڏينهين دولت آباد ۾ هڪ پٺاڻن جو گروه رهندو هو، جن به بغاوت ڪئي.

## ابن ملڪ مل جي بغاوت

دولت آباد ۾ جيڪا پٺاڻن جي جماعت رهندي هئي ان ۾ ابن ملڪ مل به رهندو هو. بادشاه پنهنجي نائب نظام الدين کي، جيڪو سندس استاد قطلو خان جو ڀاءُ هو، موڪليو ته انهن پٺاڻن کي گرفتار ڪري ۽ گڏوگڏ هٿڪڙيون، زنجير، ۽ سياري جون خلعتون به موڪلي ڏنائينس. هندستان ۾ اهو رواج آهي ته هرهڪ شهر جي حاڪم ڏانهن ۽ فوج جي عملدارن ڏانهن سال ۾ ٻه ڀيرا خلعتون موڪليندا آهن، يعني هڪ خلعت اونهاري جي ۽ ٻي سياري جي. جڏهن خلعتون آنديون وينديون آهن، تڏهن اهو حاڪم ۽ سڄو لشڪر انهن جي استقبال لاءِ شهر کان ٻاهر ايندو آهي. ۽ جڏهن خلعت آڻيندڙ جي ڀرسان پهچندا آهن، تڏهن پنهنجي سوارين تان لهي پوندا آهن. پوءِ انهن مان هرهڪ پنهنجي پنهنجي خلعت وٺي، ڪلهي تي رکي، بادشاه جي طرف منهن ڪري، دستوري سلام ڪندو آهي.

بادشاه نظام الدين کي لکي موڪليو هو ته جڏهن اهي پٺاڻ شهر کان ٻاهر اچن ۽ خلعتون وٺڻ لاءِ گهوڙن تان لهن تڏهن انهن کي گرفتار ڪري وٺي. خلعت آڻيندڙن مان هڪ سوار اها خبر پٺاڻن کي اڳواٽ موڪلي ڏني، جنهنڪري نظام الدين جي ڪوشش ناڪام ٿي پيئي. جڏهن هو (نظام الدين) ۽ پٺاڻ سوار ٿي شهر کان ٻاهر آيا ۽ خلعت آڻيندڙ جي ڀرسان پهتا، تڏهن نظام الدين پنهنجي گهوڙي تان لهي پيو. يڪدم [illegible] ڪري

Marfat.com

هن کي ڪٽي قيد ڪيو ۽ سندس سائين مان ڪيترن کي قتل ڪري، وڃي شهر جي خزانن تي قبضو ڪيائون ۽ ناصرالدين ملڪ مل جي پٽ کي ڪٽي پنهنجو حاڪم مقرر ڪيائون. هن واقعي کان پوءِ ڪيترائي فسادي ماڻهو به اچي هنن سان شامل ٿيا، تمهنکري پاڻ هنن وڏيڪ زور ورتو.

جڏهن بادشاه کي ڪنپات ۽ دولت آباد ۾ پٺاڻن جي بغاوت جي خبر پهتي، تڏهن بذات خود ڪنپات جي طرف وڃڻ جو ارادو ڪيائين، ۽ پوءِ دولت آباد ڏانهن روانو، پنهنجي نائي اعظم ملڪ بايزيدي ۽ کي چار هزار لشکر ڏيئي، پاڻ ڪان اڳ ۾ موڪلي ڏنائين، جو وڃي قاضي جلال جي لشکر سان سامهون ٿيو ۽ کين شڪست ڏنائين. پوءِ هو پڄي وڃي قلعي ۾ لڪا ۽ اتي ٽي لڙائي جاري رکيائون. قاضي جلال جي لشکر ۾ هڪ شيخ جلول نالي هوندو هو، جو اهڙو تہ زبردست هوندو هو، جو دشمن جي لشکر ۾ زبردستي گهڙي پوندو هو ۽ ڪيترائي ماڻهو ماري وجهندو هو. هو اعلان ڪري چوندو هو تہ مون سان مقابلي لاءِ ڪو ماڻهو ٻاهر اچي، پر ڪنهن کي به هن سان وڙهڻ جي همت نہ ٿيندي هئي.

هڪ ڏينهن اهڙو اتفاق ٿيو: جو هن وٽي پنهنجي گهوڙي کي تيز دوڙايو، جو هن کي ڪٽي هڪ غار ۾ وڃي ڪيو. جلول گهوڙي تان ڪري پيو هو، تنهن کي اتي هڪ لکل شخص ڪرندي ئي يڪدم قتل ڪري ڇڏيو. پوءِ سلوڻ ٿيو تہ هن جي بدن تي به زرهون چڙهيل هيون. پوءِ هن جو سر بادشاه ڏانهن موڪليو ويو ۽ سندس بدن باوزره (۱) جي شهر جي ديوار تي لٽڪائي، سندس تنگون ۽ هاٿهون ٻين شهرن ڏانهن نموني طور موڪليون ويون.

پوءِ بادشاه به لشکر وٽي اچي پهتو. قاضي جلال، بادشاه جي اچڻ جو ٻڌي، ثابت قدم رهي نہ سگهيو، سو پنهنجن سائين کي وٽي، پنهنجي مال اولاد کي ڇڏي، پڄي وهو. لشکر انهن

(۱) بزود و.

Marfat.com

سڀني کي ڦري شهر ۾ داخل ٿيو. بادشاه اتي ڪيترائي ڏينهن ترسي پيو. پوءِ اتان اڳتي وڌيو ۽ پنهنجي ناٺي شرف الملڪ امير بخت کي، جنهن جو اڳ ۾ بيان ڪري آيو آهيان، پٺيان ڇڏي ويو ۽ هن کي حڪم ڏنائين ته جن ماڻهن قاضي جلال جي بيعت ڪئي هئي، انهن کي ڳولي هٿ ڪري. ان کان سواءِ ڪيترائي فقيهه به هن وٽ ڇڏي ويو ته انهن جي فيصلي جي مطابق عمل ڪندو رهي. شيخ علي حيدري جو قتل به، جنهن جو بيان اڳ ۾ ڪري آيا آهيون، هن موقعي تي ڪرايو ويو هو.

قاضي جلال هتان سڌو ملڪ مل جي پٽ ناصر الدين وٽ دولت آباد ۾ ڀڄي آيو ۽ ان جي ساٿين ۾ اچي شامل ٿيو. بادشاه خود انهن سان مقابلي لاءِ آيو. باغين جو لشڪر ڪل چاليهه هزار کن گڏ ٿي ويو هو، جنهن ۾ افغان، ترڪ، هندو ۽ غلام به شامل هئا. انهن سڀني قسم کنيو هو ته ڪنهن به لڙائيءَ جي ميدان مان ڪونه ڀڄنداسين ۽ بادشاه سان مقابلو ڪنداسين. جڏهن بادشاه هنن سان مقابلي لاءِ آيو تڏهن شاهي ڇٽ ڪونه لڳارايائين. هنن سمجهيو ته بادشاه لڙائيءَ ۾ موجود ڪونهي. جڏهن لڙائي زور شور سان جاري ٿي، تڏهن اوچتو ئي اوچتو شاهي ڇٽ کڙو ڪيو ويو. دشمن جا ماڻهو ڇٽ ڏسي عجب ۾ پئجي ويا ۽ بدحواسيءَ ۾ ڀڄي ويا.

ابن ملڪ مل، قاضي جلال ۽ انهن چئن سون خاص ماڻهن (دويتر) ديوگير جي قلعي ۾ وڃي پناه ورتي. هيءُ قلعو سڄيءَ دنيا ۾ نهايت مضبوط ڪري ليکيو ويندو آهي. پوءِ بادشاه دولت آباد جي شهر ۾ ترسي پيو. ديوگير ان شهر جو قلعو آهي. بادشاه هنن کي قلعي تان لهي اچڻ لاءِ چوائي موڪليو. پر هنن جواب ڏنو ته جيستائين امان کي امان نه ڏنو ويندو، تيستائين نه لهنداسين. پر بادشاه امان ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ انهن جي دل وٺڻ لاءِ کين کاڌو ڏياري موڪليائين، ايستائين منهنجو اکين ڏٺو احوال آهي، اڳتي الاجي ڇا ٿيو.

Marfat.com

## ملڪ مقبل ۽ ابن الڪوميءَ جي لڙائي

هيءَ لڙائي قاضي جلال الدين جي خروج ۽ بغاوت کان اڳ ۾ لڳي هئي. تاج الدين ابن الڪومي هڪ وڏو سوداگر هوندو هو. هن بادشاه جي لاءِ تمام قيمتي تحفا، جن ۾ غلام، اٺ، ڪپڙا ۽ هٿيار وغيره به هئا، ترڪستان مان کڻي آيو هو. بادشاه هن تي ڏاڍو راضي ٿيو ۽ انهن تحفن جي عيوض کيس ٻارهن لک رپيا ڏنائين. چون ٿا ته انهن تحفن جي قيمت هڪ لک رپين کان زياده ڪانه هئي. پوءِ بادشاه هن کي کنڀات جو حاڪم مقرر ڪري موڪليو. اهو علائقو وزير جي نائب مقبل جي هٿ هيٺ هوندو هو.

ابن الڪومي کنڀات پهچي اتان ملبار ۽ سيلان جي ٻيٽن ڏانهن جهاز موڪلڻ شروع ڪيا، جتان کيس قسم قسم جا تحفا ۽ هديا ايندا رهندا هئا. جنهنڪري هو تمام وڏو شاهوڪار ٿي ويو. جڏهن هن دارالخلافه ڏانهن پنهنجي ملڪ جو سرڪاري مال ڪونه موڪليو، تڏهن ملڪ مقبل هن کي چوائي موڪليو ته دستور موجب تحفا ۽ سرڪاري مال دارالخلافه ڏانهن موڪلي ڏي، جنهن تي ابن الڪوميءَ جواب ۾ چوائي موڪليس ته مان پاڻهي سڀ ڪجهه اوڏانهن کڻي ويندس يا نوڪرن جي هٿان ڏياري موڪليندس. ۽ ايترو به چيائينس ته مان ڪو نائب وزير يا وزير جو زيردست نه آهيان. اصل هو بادشاه جي مهربانيءَ جي ڪري ڪجهه مغرور ٿي ويو هو. نائب وزير سڄي حقيقت وزير کي لکي موڪلي، جنهن سندس خط جي پٺيان لکي موڪليس ته جيڪڏهن منهنجي علائقي جو انتظام تون نٿو رکي سگهين ته هڪدم واپس هليو اچ.

هن جواب پهچڻ شرط هن لڙائيءَ جو سامان تيار ڪيو ۽ پنهنجا غلام ۽ لشڪر گڏ ڪري وڃي ابن الڪوميءَ سان مقابلو ڪيائين. ابن الڪوميءَ کي شڪست آئي، پر ٻنهي طرف ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا. پوءِ هن ابن الڪوميءَ جي لشڪر جي سڀني

اميرن کي مارائي ڇڏيو ۽ کيس چوائي موکلياڻين تہ جيکڏهن بادشاه جو مال ۽ تحفا وغيره موکلين تہ تو کي امان ڏيان ۽ هي شرط ابن الکوميء منظور کيو۔ ٻوء ملک مقبل هن کان سڀ مال ونی بادشاه ڏانهن موکلي ڏنو ۽ انهيء مان گڏ بادشاه ڏانهن ابن الکوميء جي شڪايت ۾ لکي موکلياڻين ۽

هوڏانهن ابن الکوميء ۾ بادشاه ڏانهن هن جي شڪايت جو خط ڏياري موکليو، جنهن تي بادشاه ملک الحڪما کي ٻنهي جي جهگڙي جي فيصلي کرڻ لاء موکليو۔ انهيء کان سگهو ئي ٻوء قاضي جلال ٻغاوت کئي، جنهن ۾ ابن الکوميء جو مال قرجي ويو ۽ هو جان بچائي ٻنهنجي ملک ڏانهن ڀڄي ويو، جتان بادشاه وٽ هليو ويو ۽

Marfat.com

## باب ستون

### فصل پهريون

# هندستان ۾ ڏڪار پوڻ

جڏهن بادشاه دارالخلافه کان معبر ڏانهن هليو ويو، تڏهن هندستان ۾ اچي سخت ڏڪار پيو ۽ اگهه ايترا ته چڙهي ويا، جو اناج جو اگهه وڌي وڃي ڇهه درهم في مڻ ٿيو. ان کان پوءِ پاڻ وڌيڪ اگهه چڙهي ويا ۽ مهانگائيءَ سبب ماڻهن جا حال ڏاڍا خراب ٿي ويا. هڪ دفعي مان وزير سان ملڻ لاءِ وڃي رهيو هوس، رستي تي ٽي عورتون هڪ مئل گهوڙي جي کل لاهي ان کي کائي رهيون هيون، ۽ هيءُ گهوڙو ڪن مهينن کان اتي مئو پيو هو. مائهو ته جانورن جا چمڙا لاهي، ان کي وڌي، بازار ۾ وڪڻندا هئا.

ڪن خراساني طالب علمن مون سان ڳالهه ڪئي ته هو (اکروهه) اگروه جي شهر ۾، جيڪو هانسي ۽ سرستي جي وچ ۾ آهي، ويا ته ڏٺائون ته سڄو شهر سڄو لڳو پيو هو. پوءِ هو هڪ گهر ۾ رات بسر ڪرڻ لاءِ گهڙي ويا. گهر جي هڪ ڀاڱي ۾ هنن هڪ مائهوءَ کي ڏٺو، جنهن جي اڳيان باهه پئي ٻري ۽ هو هڪ انساني ٽنگ پچائي کائي رهيو هو. جڏهن ماڻهن کي ڏاڍي تڪليف پهتي، تڏهن بادشاه حڪم ڪيو ته دهليءَ جي سڀني رهواسين کي ڇهن مهينن جو راشن ڏنو وڃي. پوءِ قاضي، منشي ۽ امير شهر جي هر هڪ گهٽيءَ ۽ محلي ۾ گهمندا،

Marfat.com

ماڻهن جا نالا لکندا پئي ويا ۽ انهن مان هرهڪ کي ڇهن مهينن جو راشن، ڏيڍ رطل روزاني جي حساب سان، ڏيندا پئي ويا. مون به ان وقت ۾ سلطان قطب الدين جي مقبري جي لنگر مان ماڻهن ۾ کاڌو پئي ورهايو. پوءِ آهستي آهستي ماڻهن جي حالت درست ٿيندي ويئي. خداوند ڪريم مون کي به منهنجي انهيءَ خدمت لاءِ جزاي خير ڏيندو.

هن وقت تائين مون رڳو بادشاه جي زماني جي واقعن جو بيان پئي ڪيو، پر هاڻي مان صرف پنهنجي بابت بيان ڪندس. جنهن ۾ اسان جو دارالخلافه ۾ پهچڻ جو احوال، بادشاه جي نوڪري ڪرڻ ۽ ڇڏي ڏيڻ، پوءِ بادشاه جي طرفان چين جو سفير ٿي وڃڻ ۽ آخر چين کان واپس پنهنجي ملڪ موٽڻ وغيره جو بيان هوندو. انشاءالله تعاليٰ.

## اسان جو بادشاه جي غير حاضريءَ ۾ شاهي محل ڏانهن وڃڻ

جڏهن اسين دارالخلافه دهليءَ ۾ پهتاسين، تڏهن سڌو شاهي محل ڏانهن هليا وياسين. اسين اتي پهچي پهرئين دروازي مان لنگهياسين، پوءِ ٻئي دروازي مان، ٽئين دروازي تي نقيب موجود هئا، جن جو اڳي ئي تفصيل سان بيان ڪري آيو آهيان. جڏهن اسان نقيبن وٽ پهتاسين، تڏهن انهن مان هڪ نقيب اسان کي هڪ ڪشادي اڱڻ ۾ وٺي آيو، جتي وزير خواجه جهان، اسان جو انتظار ڪري رهيو هو. اسان مان سڀني کان اڳيان خداوندزادو ضياءُ الدين هو. ان جي پٺيان سندس ڀاءُ قوام الدين، ان کان پوءِ انهن جو ڀاءُ عماد الدين، پوءِ مان ۽ منهنجي پٺيان هنن جو ڀاءُ برهان الدين، پوءِ امير مبارڪ سمرقندي، ان جي پٺيان ارن بغا ترڪي، پوءِ خداوندزادي جو ڀائيجو ملڪزادو ۽ ان جي پٺيان بدر الدين فصال.

Marfat.com

اهڙيءَ طرح نمبروار جڏهن اسان ٽئين دروازي مان لنگهياسين، تڏهن اسان کي هڪ وڏو ديوان خانو نظر آيو، جنهن کي هزار سطون (هزار ٿنڀن وارو) ڪري سڏيندا آهن. هن ۾ بادشاه عام مجلس ڪندو آهي. هت پهچي وزير جهڪي سلام ڪيو. هو ايتري قدر ته جهڪيو، جو هن جو مٿو زمين جي بلڪل ويجهو ٿي ويو. پوءِ اسان به جهڪي سلام ڪيو، پر اسان رڳو رڪوع جيترو جهڪياسين، تنهن هوندي به اسان جون آڱريون زمين کي ڇهي ٿي سگهيون. هيءَ سلامي بادشاه جي تخت جي هئي. پوءِ ٻيا مائهو جيڪي اسان سان گڏ هئا، تن به اهڙيءَ طرح جهڪي سلام ڪيو. جڏهن اسان هن طرح خدمت بجا آڻڻ کان فارغ ٿياسين، تڏهن ٻاهر هليا آياسين.

## بادشاه جي والده جي گهر پهچڻ ۽ سندس خصلتن جو بيان

بادشاه جي والده کي مخدوم جهان ڪري سڏيندا آهن. هيءَ تمام نيڪ ۽ پرهيزگار زال آهي ۽ خير خيرات تمام گهڻو ڪندي رهندي آهي. هن ڪيتريون ئي خانقاهون ٺهرايون آهن، جتان مسافرن کي باقائدي کاڌو ملندو آهي. هوءَ اکين کان نابينا آهي، جنهن جو سبب اهو بيان ڪيو ٿو وڃي ته جڏهن سندس پٽ بادشاه ٿيو، تڏهن سڀ بيگمون ۽ امير زاديون چمڪ دمڪ وارا ڪپڙا پهري هن وٽ آيون هيون، ان وقت هوءَ هڪ سون جي تخت تي، جنهن تي هيرن ۽ جواهرن جو ڪم ٿيل هو، ويٺي هئي. هيترين چمڪندڙ شين جي تيزي ۽ چمڪاٽ اهڙو ته ٿيو، جو انهيءَ ئي وقت سندس نظر هلي ويئي. پوءِ ڏاڍا علاج ۽ حيلا ڪيا ويا، پر ڪجهه فائدو ڪونه ٿيس.

بادشاه هن جي ڏاڍي عزت ڪندو آهي ۽ سندس فرمانبرداري پنهنجو فرض اولين سمجهندو آهي. چون ٿا ته هوءَ هڪ دفعي

Marfat.com

بادشاه سان گڏ سفر تي ويئي، جتان بادشاه هن کان ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ هليو آيو. پوءِ جڏهن هوءَ دارالخلافه ڏانهن آئي، تڏهن بادشاه هن جي استقبال لاءِ آيو ۽ گهوڙي تان لهي پيو ۽ جنهن وقت هوءَ پالڪيءَ ۾ سوار ٿي تنهن وقت هن جا پير چميائين، جو ان وقت سڀ ماڻهو ڏسي رهيا هئا. هاڻي مان پنهنجي اصل مقصد تي ٿو اچان.

جڏهن اسان شاهي محل مان نڪتاسين تڏهن وزير ۽ اسان سڀ حرمسرا جي دروازي ڏانهن ويا سين. مخدوم جهان به اتي ئي گهر ۾ رهندي آهي. اسان سندس دروازي تي پهچي سوارين تان لهي پياسين. اسان مان هر هڪ پنهنجي پڄنديءَ آهر مخدوم جهان جي لاءِ تحفو کڻي آيو هو. اسان سان قاضي القضاة ڪمال الدين ابن برهان الدين به گڏجي آيو هو. وزير ۽ قاضيءَ مخدوم جهان جي دروازي جي اڳيان اچي دستوري سلام ڪيو. پوءِ اسان به اهڙيءَ طرح سلام ڪيو. هڪ منشي جيڪو دروازي تي موجود هو تنهن اسان جا سڀ تحفا لکي ڇڏيا. پوءِ ڪي نوجوان ڇوڪرا آيا، جن مان جيڪو وڏو هو، سو وزير ڏانهن وڌي آيو ۽ اچي آهستي سان سائس ڪجهه ڳالهه ٻولهه ڪري محل ڏانهن هليو ويو. اهڙيءَ طرح هو وري آيا ۽ ساڳيءَ طرح هليا ويا. ايترو وقت اسين اتي ئي بيٺا رهياسين.

پوءِ اسان کي هڪ ڇت واريءَ جاءِ هيٺان ويهڻ جو حڪم ٿيو. انهيءَ کان پوءِ کاڌو کڻي آيا، جنهن مان گڏ سون جا مٽ، جن کي "سين" چوندا آهن ۽ ديڳين جهڙا ٿيندا آهن، آندائون. انهن جون گهڙامنجيون به سون جون ٺهيل هيون. ازانسواءِ پيالا، رڪابيون ۽ ڪونئرا، جيڪي پڻ سون جا هئا، آندا ويا. دسترخوان وڇائجي ويا ۽ هر هڪ دسترخوان تي ٻه ٻه صفون هيون. صف ۾ سڀ کان اڳ اهو ماڻهو ويهندو آهي جيڪو پين سڀني کان مرتبي ۾ وڏو هوندو آهي.

جڏهن اسان کاڌي ڏانهن وڌياسين؛ تڏهن حاجبن ۽ نقيبن جهڪي آداب بجا آندا ۽ اسان به ائين ڪيو. شروع ۾ شربت آندو ويو، جنهن جي ختم ٿيڻ تي حاجبن بسم الله چيو ۽ ان وقت اسان کائڻ شروع ڪيو. کاڌي کان پوءِ فقاع (مشروبات جو قسم) آندو ويو ۽ آخر ۾ پان ڏنا ويا. پوءِ حاجبن بسم الله چيو، جنهن تي اسان وري آداب بجا آندا. ۽ پوءِ اسان کي هڪ جاءِ ڏانهن وٺي ويا، جتي اسان کي ريشمي خلعتون، جن تي سوني زريءَ جو ڪم ٿيل هو، ڏنيون ويون. ان بعد اسان سڀني محل جي دروازي تي پهچي، وري ڇهڪي، اڳئين وانگر سلام ڪيو.

حاجبن وري بسم الله چيو ته وزير اتي ترسي پيو. جنهن سان گڏ اسان به ترسياسين. ٿوري وقت کان پوءِ محل مان ريشمي، اوني ۽ سوٽي ڪپڙي جا اڻ سبيل ٿان کڻي آيا، جن مان اسان مان هر هڪ کي ان جو حصو ڏنو ويو. ان کان پوءِ سون جا ٿالهه آندائون، جن مان هڪ ۾ سڪو ميوو هو ۽ اهڙيءَ طرح سان ٻئي ۾ گلاب ۽ ٽئي ۾ پان هئا. هي سڀ شيون انهيءَ لاءِ آنديون ويون، جو هن ملڪ ۾ اهو ئي دستور آهي. هنن شين وٺڻ جو اهو طريقو آهي ته ٿالهه هڪ هٿ تي رکي، ٻئي هٿ سان زمين ڇهي آداب بجا آئبا آهن. وزير به اهو ٿالهه هٿ ۾ کڻي، پهريائين ائين ڪري مون کي ڏيکاريو، جيئن مان به ائين ڪريان. پوءِ مون به ساڳيءَ طرح ڪيو. پوءِ اسان ان گهر ڏانهن وياسين جيڪو دهلي شهر ۾ اسان لاءِ مخصوص ڪيو ويو هو. هيءُ گهر پالم دروازي جي ويجهو هو، جتي اسان جي مهمانيءَ جو سڀ بندوبست ڪيو ويو هو.

## مهمانيءَ جو بيان

جڏهن مان انهيءَ گهر ۾ پهتس تڏهن اتي ضرورت جي هر ڪا شيءِ مثلاً گلم غاليچا، ٿانو، کٽون ۽ هنڌ وغيره موجود ڏٺم. هندستان ۾ کٽون اهڙيون ته هلڪيون ٿينديون آهن، جو

Marfat.com

هڪ ساڻهو هڪ ڪٽ ڏاڍيءَ سولائي سان ڪٽي سگهندو آهي. تنهنڪري سفر ۾ هر ڪو ساڻهو ڪٽ پاڻ سان ڪٽندو آهي. جيڪا سندس غلام مٿي تي ڪٽي هلندو آهي. هن کي مخروطي قسم جا چار پاوا هوندا آهن، جن جي ديگهه ويڪر ۾ چار ڪانيون (ايسون ۽ اوپرا) ٿوڪيلون هونديون آهن. ان کي ريشمي يا سوٽي وان سان واڻيندا آهن. جڏهن ان تي ڪو ساڻهو سمهندو آهي، تڏهن ان کي پسائڻو ڪونہ پوندو آهي، ڇو تہ اها اڳ ئي ٽڏي ٽيندي آهي.

انهيءَ ڪٽ سان گڏ ٻہ پٽراڻيون، ٻہ وهاڻا ۽ هڪ سوڙ ٻہ موجود ڪيون ويون هيون. هي سڀ ريشم جا ٿهيل هٿا ۽ هن ملڪ جو رواج آهي تہ پٽراڻين ۽ سوڙين تي سوٽي ٻا اوني غلاف چاڙهي چڏيندا آهن. ۽ جڏهن اهي ميرا ٽيندا آهن، تڏهن انهن کي ڏوئي، وري انهن تي چاڙهي چڏيندا آهن. اهڙيءَ طرح انهن جي اندران سوڙين ۽ پٽراڻين کي هٿ وقت هلي سگهنديون آهن.

انهيءَ رات اسان وٽ ٻن ساڻهن کي آندو ويو، جن سان هڪ اٺي وارو هو جنهن کي خراص چوندا آهن ۽ ٻيو گوشت وارو جنهن کي قصاب ڪري چوندا آهن. اسان کي چيو ويو تہ انهن کان هيتري انداز ۾ اڏو ۽ گوشت وٺندا رهو. اهو انداز سون کي ياد نہ آهي. هن ملڪ ۾ اهو بہ رواج آهي تہ اڏو ۽ گوشت هڪ جيترو ڏيندا آهن. هيءَ مهمان نوازي بادشاه جي والده جي طرفان ٿي رهي هئي ۽ ان کان پوءِ بادشاه جي طرفان ضيافت اچڻ شروع ٿي. جنهن جو بيان اڳتي هلي ڪندس.

انهيءَ کان پوءِ ٻئي ڏينهن اسان شاهي محل ڏانهن ويا سين ۽ وڃي وزير کي سلام ڪيوسين. وزير سون کي هزار هزار دينارن جون ٻہ ڪوٿرين ڏنيون ۽ چيائين تہ اها رقم تنهنجي سرسٿي (يعني مٿي ڏنارڻ) لاءِ آهي. ۽ ان کان پوءِ سون کي هڪ ريشمي خلعت ڏنائين. پوءِ وزير منهنجي ساڻين، غلامن ۽ نوڪرن جا نالا لکي، انهن جا چار درجا مقرر ڪيا، ۽ پهرئين درجي وارن سان

هر هڪ کي ٻه سو دينار، ٻئي درجي وارن کي ڏيڍ سو، ٽئين درجي وارن کي هڪ هڪ سو ۽ چوٿين درجي وارن کي منو سو دينار ڏنائين.

مون سان گڏ ڪل چاليهه ماڻهو هئا، جن کي اهڙيءَ طرح سان اٽڪل ۴ هزار دينار مليا. ان کان پوءِ بادشاه جي طرفان ضيافت جو حڪم ٿيو ۽ هڪ هزار رطل اٽو ۽ هڪ هزار رطل گوشت اسان کي ڏنو ويو. اٽي جو ٽيون حصو ميدو هو ۽ باقي ٻه حصا اڻ ڇڻيل اٽو هو. ازانسواءِ ڪيترا ئي رطل (سڪر) کنڊ، گيهه، سوپاريون ۽ هڪ هزار پنا پان جا اسان کي ڏنا ويا. هيءُ هندستاني رطل مغرب جيءَ ويهن رطلن ۽ مصر جي پنجويهن رطلن جي برابر ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح خداوند زادي جي ضيافت ۾ به هن کي چار هزار رطل اٽو ۽ چار هزار رطل گوشت ٻين ضروري شين سميت ڏنو ويو.

## منهنجي ڌيءَ جي وفات ۾ منهنجي همدردي

منهنجي هت اچڻ کان ڏيڍ مهينو پوءِ منهنجي هڪ ڌيءَ جنهن جي عمر سال کن هئي، وفات ڪئي. هن جي فوت ٿيڻ جي خبر وزير کي پيئي. هن حڪم ڏنو ته هن کي پالم دروازي ٻاهران، شيخ ابراهيم قونوي جي مقبري ڀرسان هڪ خانقاهه ۾، جيڪا پاڻ ٺهرائي هئائين، دفن ڪيو وڃي. وزير بادشاه کي لکيو، ۽ جيتوڻيڪ بادشاهه ڏهه منزلون پري هو، تڏهن به ٻئي ڏينهن شام جو اچي ويو. هن ملڪ ۾ رواج آهي ته ٽئين ڏينهن صبح جو سوير ميت جي قبر تي ويندا آهن ۽ ان جي چوڌاري ريشمي ڪپڙا ۽ گديلا وڇائي قبر تي گل وغيره رکندا آهن.

هي گل هر موسم ۾ ملي سگهندا آهن. مثلاً ياسمين، گل شنيو، (هي زرد رنگ جا گل ٿيندا آهن)، رابيل جيڪي سفيد ٿيندا آهن ۽ نسرين (هي ٻن قسمن جا ٿيندا آهن - هڪڙا سفيد ۽ ٻيا زرد). ازانسواءِ نارنگي ۽ ليمي جون ٽاريون به ميون سميت

قبر تي وکندا آهن. پوءِ جيڪڏهن انهن ۾ ميوا نه هوندا آهن ته ڌاڳي سان انهن ميون جا داڻا مبي، اٽڪائي ڇڏيندا آهن؛ ۽ پاڻ سان گڏ ڪلام الله کڻي اچي اتي پڙهندا آهن. ختمو پورو ڪري، پوءِ ماڻهن کي گلاب آڻي پياريندا آهن ۽ ٻيو گلاب انهن جي مٿان ڇٽڪاريندا آهن، پان ۽ سوپاريون ورهائيندا آهن، تنهن کان پوءِ سڀڪو هليو ويندو آهي.

جڏهن ٽئين ڏينهن جو صبح ٿيو تڏهن دستور موجب مان قبر تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيس ۽ جيڪي ڪجهه مون وٽ موجود هو سو به کنيم، پر اتي وڃي ڏٺم ته وزير اڳيئي موجود هو، جنهن سڀڪجهه تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ هڪ تنبو لڳائڻ جو به حڪم ڏنائين، جيڪو انهيءَ قبر تي لڳايو ويو. اتي حاجب شمس الدين فوشنجي، جيڪو اسان کي سنڌ ۾ مليو هو، قاضي نظام الدين ڪرواني ۽ ٻيا شهر جا وڏا وڏا ماڻهو به آيا. هي سڀ ماڻهو منهنجي اچڻ کان اڳ اتي آيل هئا ۽ انهن جي سامهون حاجب بيٺو هو. هو سڀ قرآن شريف پڙهي رهيا هئا.

مان به پنهنجن ساٿين سميت اچي قبر تي ويٺس. جڏهن ختمو پورو ڪيائون تڏهن قارين نهايت مٺي آواز ۾ ڪلام الله پڙهڻ شروع ڪيو. ان کان پوءِ قاضي اٿي منهنجي ڌيءَ لاءِ مرثيو پڙهيو ۽ بادشاهه جي ثنا ڪيائين. جڏهن بادشاه جو نالو ورتائين تڏهن سڀ اٿي بيٺا ۽ آداب بجا آندائون. پوءِ سڀ حاضرين ويهي رهيا ۽ قاضيءَ دعا گهري. ان کان پوءِ حاجب ۽ سندس مددگارن گلاب جو پاڻي ماڻهن تي ڇٽڪارڻ، نباتن جو شربت پيارڻ ۽ ان کان پوءِ پان ورهائڻ شروع ڪيا.

جڏهن هي سڀ ختم ٿيو تڏهن مون کي ۽ منهنجي ساٿين کي ٻارهن خلعتون ڏنيون ويون. پوءِ حاجب سوار ٿي بادشاه جي محل ڏانهن روانو ٿيو ۽ اسان به ان سان گڏ وياسين. شاهي تخت وٽ پهچي، دستوري آداب بجا آڻي، مان پنهنجي گهر هليو آيس. اتي اچي معلوم ٿيو ته انهيءَ ڏينهن جو کاڌو بادشاه جي والده

Marfat.com

وٽان آيل هو. اسان سڀني اهو کاڌو، ۽ غريبن، مسڪينن ۾ به ورهايو ويو. تنهن کان پوءِ به ڪيتريون ئي مانيون، حلوو ۽ نباتون بچي پيون، جيڪي ڪيترن ڏينهن تائين پيون هيون. هي سڀڪجهه بادشاه جي حڪم سان ڪيو ويو هو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مخدوم جهان، بادشاه جي والده، جي گهران هڪ دولت (ڏولي) ڪي جوان کڻي آيا. هيءُ هڪ قسم جو محفو ٿيندو آهي، جنهن ۾ عورتون چڙهنديون آهن، پر ڪڏهن انهن تي مرد به چڙهندا آهن. هيءَ کٽ جي شڪل جهڙي ٿيندي آهي ۽ ريشمي يا سوٽي واڻ سان وائيل هوندي آهي. هن جي مٿان هڪ مضبوط بانس جي لڪڙيءَ کي ڏنگو ڪري، ڇٽيءَ وانگر ٺاهي ڇڏيندا آهن، جنهن کي اٺ ماڻهو واري واري سان کڻندا آهن، يعني چار ماڻهو ان کي کڻي هلندا آهن ته چار وري ساهي کڻندا هلندا آهن. هي ڏوليون هندستان ۾ اهڙوئي ڪم ڏينديون آهن جهڙو مصر ۾ گڏه.

ڪيترن ئي ماڻهن جو روزگار هنن ڏولين تي منحصر آهي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ وٽ غلام هوندا آهن، ته اهي ڏولي کڻي هلندا آهن، پر جيڪڏهن غلام نه هوندا اٿس ته ماڻهو مزدوريءَ تي ملي سگهندا آهن. اهڙي قسم جا مزدور شهر ۾ تمام گهڻا ملي سگهندا آهن، جيڪي بازارين ۾، شاهي محل جي دروازي وٽ يا ماڻهن جي دروازن تي بيٺل نظر ايندا آهن، ته ڪو انهن کي ڏولي کڻائڻ لاءِ مزوريءَ تي وٺي وڃي. عورتن جي ڏولين تي ريشمي پردا لڳل هوندا آهن. انهيءَ ڏوليءَ ۾، جيڪا بادشاه جي والده جي گهران سندس غلام کڻي آيا هئا، پڻ ريشمي پردو لڳل هو، جنهن ۾ منهنجي انهيءَ ٻانهيءَ کي، جيڪا منهنجي فوتي ڌيءَ جي ماءُ هئي، ويهاريو ويو. مون ان سان گڏ هڪ ترڪي ٻانهي به تحفي طور موڪلي ڏني هئي.

اها رات منهنجي ٻانهي (فوتي ڌيءَ جي ماءُ) هنن وٽ

Marfat.com

رهي، ٻئي ڏينهن واپس مون وٽ آئي، هن کي بادشاه جي ساڻ جي طرفان هڪ هزار دينار، سون جا جڙاءُ ڪنگڻ، اهڙوئي سوئو جڙاءُ هار، سوئي زريءَ جو پرت پريل ڪڙتو، زري دار ريشمي خلعت ۽ ڪيترن ئي قسمن جي ڪپڙن جا ٿان مليا. جڏهن هوءَ اهي سڀ مون وٽ کڻي آئي، تڏهن مون پنهنجي وقار ۽ عزت قائم رکڻ لاءِ، اهي پنهنجن دوستن ۽ سوداگرن، جن جو مون تي قرض هو، ڏيئي ڇڏيا. پوءِ اها خبر بادشاه کي پڻجي ويئي، جو تہ مخبر منهنجي سموري احوال کان ڪيس واقف ڪندا رهندا هئا.

## بادشاه ۽ وزير جا مون تي احسان

جڏهن منهنجي هن خبر کان بادشاه واقف ٿيو، تڏهن حڪم موڪليائين تہ منهنجي لاءِ جاگير ۾ ايترا ڳوٺ مقرر ڪيا وڃن، جن جي آمدني پنج هزار دينار کن ساليانو هجي. پوءِ وزير ۽ اهل ديوان منهنجي لاءِ ڳوٺ "بدلي"، ڳوٺ "سهي" ۽ اڌ ڳوٺ "بالره" جاگير طور مقرر ڪيا. اهي ڳوٺ دارالخلافہ کان سورنهن ڪوهن جي مفاصلي تي هئا ۽ هند پت جي صدي ۾ شامل هئا. صدي هن ملڪ ۾ هڪ سو ڳوٺن جي مجموعي کي چوندا آهن. هر هڪ صدي‌ءَ تي هڪ چوڌري (اڇڪلهہ جو چوڌري) هوندو آهي، جيڪو هندن ۾ وڏي مرتبي وارو ڪري ليکيو ويندو آهي؛ انتي هڪ متصرف پڻ هوندو آهي، جيڪو ديل گڏ ڪندو آهي.

انهن ڏينهين ڪيترين ئي هندو عورتون لٽ جي مال ۾ آيون، انهن مان ڏهہ وزير مون کي ڏياري موڪليون هيون، جن مان هڪ مون آڻيندڙ کي ڏني پر هو ان تي بہ راضي ڪين ٿيو. انهن مان ننڍيون ننڍيون ٻي چوڪريون تہ منهنجن ساڻين ڪنيون، باقي خبر نہ آهي تہ ڪيئن ٿيون. اصل ۾ لٽ جي مال ۾ جيڪي بہ عورتون ايندڙيون هيون، سي هن ملڪ ۾ ڏاڍيون

Marfat.com

سستيون وڪامنديون هيون، ڇو ته هو سڀ تهذيب کان غير واقف ۽ نهايت گنديون هيون. هت سڌارڻ ۽ سيکاريل ٻانهيون تمام سستيون هونديون آهن، تنهنڪري لٽ وارين عورتن کي ڪوبه خريد ڪرڻ پسند نه ڪندو آهي.

هندستان ۾ هندو ملڪ جي مسلمانن سان ملي جلي رهندا آهن ۽ مسلمان انهن تي هر طرح غالب آهن. ڪيترائي هندو تمام اڻانگن جبلن، غارن ۽ بانس جي ٻيلن ۾ لڪا رهندا آهن. هت بانس پورو ڪونه ٿيندو آهي، ۽ تمام ڊگهو ٿيندو آهي، ان جون ٽاريون هڪٻئي کان ايتريون ته پري هونديون آهن، جو باهه به انهن تي اثر نه ڪندي آهي. هي هندو بانس جي جهنڊلن ۾ گهڙي وڃي اتي رهائش اختيار ڪندا آهن؛ هنن کي بانس ديوار جو ڪم ڏيندا آهن، جن جي اندر سندن چوپايو مال ۽ آباديون هونديون آهن، ۽ ڪهڙو به لشڪر انهيءَ بانس جي ديوار کي ضروري اوزارن سان ڪپڻ کان سواءِ انهن تي غالب اچي نه سگهندو آهي.

## بادشاه جي غير حاضريءَ ۾ عيد

عيدالفطر به اچي ويئي پر بادشاه اڃا دارالخلافه ۾ ڪونه پهتو. جڏهن عيد جو ڏينهن ٿيو، تڏهن خطيب هاٿيءَ تي سوار ٿيو ۽ هاٿيءَ جي پٺيءَ تي هڪ چوڪنڊيارو صندل تخت وانگر وڇايو ويو ۽ چار جهنڊا انهيءَ جي چئني ڪنڊن ۾ لڳايا ويا. خطيب کي ڪارا ڪپڙا پهريل هئا ۽ مؤذن سندس اڳيان هاٿين تي سوار، تڪبيرون هڻندا، ٿي هليا. شهر جا فقيهه ۽ قاضي به اهڙيءَ طرح سوار هئا ۽ انهن سان گڏ صدقا به آيا هئا، جيڪي هو عيدگاهه جي رستي تي ورهائيندا پئي هليا.

عيدگاه تي سوٽي ڪپڙي جو شاميانو لڳايو ويو هو، جنهن ۾ گلم ۽ غاليچا وڇايل هئا. جڏهن سڀ نمازي گڏ ٿيا،

ٽڏهن خطيب نماز پڙهائي خطبو پڙهيو. ان کان پوءِ سڀکو پنهنجي گهر ڏانهن هليو ويو، پر اسان شاهي محل ڏانهن وياسين، جتي سڀني اميرن ۽ غير ملڪين گڏجي کاڏو تناول ڪيو ۽ پوءِ پنهنجي گهر هليا وياسين.

## اسان جو بادشاه جي استقبال لاءِ باهر وڃڻ

شوال جي چوڏهن تاريخ بادشاه، دارالخلافه کان ست ميل دور، ٽلپت نالي محل ۾ اچي لٿو. وزير اسان کي حڪم ڏنو هو ته بادشاه جي استقبال لاءِ اوڏانهن وڃو. تنهنڪري اسان شهر کان باهر نڪتاسين ۽ اسان سان هر هڪ کي تحفي طور پيش ڪرڻ لاءِ گهوڙا، اٺ، خراساني ميوا، مصري، تلوارون، غلام ۽ ترڪستان جي ملڪ جا دنبا هتا. جڏهن اسان انهيءَ محل جي دروازي تي پهتاسين، تڏهن اچڻ وارن ماڻهن جي سخت پيڙ لڳي ويئي. پوءِ سڀکو پنهنجي مرتبي آهر اندر داخل ٿيندو ويو، جتي هر هڪ کي نفيس ڪپڙي جي زريدار خلعت پئي ملي.

جڏهن سڀني اندر وڃڻ جو وارو آيو، تڏهن مون اندر وڃي ڏٺو ته بادشاه هڪ ڪرسيءَ تي ويٺو آهي. پهريائين مون سمجهيو ته ڪو حاجب آهي، پر جڏهن هن جي پرسان ملڪ النسا ناصر الدين ڪافي هرويءَ کي ٻيئل ڏٺم، جنهن کي مان چڱيءَ طرح سڃاڻندو هوس، تڏهن پڪ ٿيم ته اهو ئي بادشاه آهي. حاجب نمي سلام ڪيو. ۽ مون به اهڙيءَ طرح سلام ڪيو. تنهن تي امير حاجب جيڪو بادشاه جو سؤٽ فيروز هو، سو اڳي منهنجي استقبال لاءِ آيو. مون وري ٻيو دفعو نمي سلام ڪيو. پوءِ ملڪ النسا چيو ته بسم الله مولانا بدر الدين. مون کي هندستان ۾ بدر الدين چوندا هتا ۽ اڳي هر هڪ عالم عرب کي مولانا چوندا آهن.

مان بادشاه جي ويجهو ٿيس ته بادشاه پڪدم مون سان

Marfat.com

هٿ ملايو ۽ منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي، تمام نرمائيءَ سان پارسي زبان ۾ مون کي چوڻ لڳو ته ”تون ڀلي ڪري آئين! يقين ڄاڻ ته مان تو تي تمام گهڻي نوازش ڪندس. توکي ايترو ته انعام ڏيندس، جو تنهنجا وطني اهو ٻڌي مون وٽ اچڻ شروع ڪندا.“ تنهن کان پوءِ مون کان پڇيائين ته ”تنهنجو ملڪ ڪهڙو آهي؟“ مون جواب ڏنو ته ”مغرب“، تنهن تي چيائين ته ”اميرالمؤمنين جو ملڪ!“ مون چيو ته ”هاڻو“.

هو ڪا به ڳالهه ڪري بس ٻيو ڪري، ته مان سندس هٿ پيو چمان، اينري قدر جو گفتگو جي دوران ۾ مون سندس ست دفعا هٿ چميو. آخر خلعت ملڻ کان پوءِ مان واپس وريس. جڏهن سڀ نوان ملاقاتي اچي گڏ ٿيا، تڏهن انهن جي لاءِ دستر خوان وڇايو ويو، جنهن جي مٿن کان قاضي القضاة صدر جهان ناصر الدين خوارزمي، جيڪو هڪ وڏو فقيهه هو، قاضي القضاة صدر جهان ڪمال الدين غزنوي، عماد الملڪ عرض المماليڪ (آزاد) جلال الدين ڪبجي ۽ ٻيا ڪيترا ئي حاجب ۽ امير بيٺا هئا.

ان دسترخوان تي خداوند زادو غياث الدين به موجود هو، جيڪو خداوند زادي قوام الدين ترفر جي قاضيءَ جو مؤٽ هو، جنهن جي بادشاه تمام گهڻي عزت ڪندو هو ۽ کيس ڀاءُ ڪري سڏيندو هو، ۽ هو پنهنجي ملڪ مان ڪيترا ئي دفعا بادشاه وٽ آيو ۽ ويو هو. ان ڏينهن مسافرن مان هيٺين مصاحبن کي خلعتون مليون. خداوند زادي قوام الدين ۽ ان جي ڀائرن، ضياءُ الدين، عماد الدين ۽ برهان الدين کي، ۽ انهن جي ڀاڻيجي امير بخت بن سيد تاج الدين کي، جنهن جو ڏاڏو وجيهه الدين خراسان ۾ وزير هو ۽ سندس مامون علاءُ الدين هندستان ۾ امير وزير هو، ۽ امير هبة الله ابن الفلڪي تبريزيءَ کي، جنهن جو ٻيءُ عراق ۾ نائب وزير هو، جنهن تبريز ۾ مدرسه فلڪيه ٺهرايو هو، ۽ ملڪ ڪسريٰ کي، جيڪو بهرام جور (چوبين) صاحب ڪسريٰ جي اولاد

Marfat.com

مان هو ۽ بدخشان جي جبل جو رهاڪو هو، جتان ياقوت بلخش (لعل بدخشاني) ۽ لازورد (لاجورو) آڻيندا آهن، ۽ امير مبارڪ شاه سمرقنديءَ کي، جيڪو هڪ سوداگر هو ۽ تبريز مان بادشاه جي لاءِ تحفو ڪٽي آيو هو، پر رستي تي ڦرجي ويو هو.

Marfat.com

فصل ٻيو الف

# بادشاه جو دارالخلافه ۾ اچڻ ۽ اسان کي سواريءَ لاءِ پنهنجي گهوڙن مان گهوڙا عطا ڪرڻ

ٻئي ڏينهن اسان مان هر هڪ کي بادشاه پنهنجي خاص گهوڙن مان هڪ هڪ گهوڙو عطا ڪيو ۽ انهيءَ سان گڏ زين ۽ لغام به ڏنائين، جن تي سون ۽ چانديءَ جو ڪم ٿيل هو. دارالخلافه ۾ داخل ٿيڻ لاءِ بادشاه سوار ٿي هليو ۽ اسان به اڳيان اڳيان صدر جهان سان گڏ گهوڙن تي سوار ٿي هلياسين. اڳيان هاٿي هئا، جن مان سورنهن هاٿين کي تمام گهڻو سينگاريو ويو هو ۽ انهن جي مٿان جهنڊا چاڙهيا ويا هئا. هر هڪ هاٿيءَ تي هڪ ڇٽ لڳل هو انهن ڇٽن مان ڪي هيرن ۽ جواهرن سان مرصع هئا ته ڪن تي سون ۽ چانديءَ جو ڪم ٿيل هو. انهن مان هڪ ڇٽ بادشاه جي مٿان جهليو ويو هو.

ڪن هاٿين تي وري ننڍيون ننڍيون رعادات (منجنيقون) رکيون ويون هيون. جڏهن بادشاه شهر ۾ قدم رکيو، تڏهن انهن منجنيقن وسيلي دينار ۽ درهم ملائي، اڇلائيندا پئي ويا، ۽ بادشاه جي اڳيان جيڪي هزارها پيادا، سپاهي ۽ عام ماڻهو هئا، تن اهي پئي چونڊيا. محل ۾ پهچڻ تائين اهي درهم ۽ دينار وسائيندا پئي هليا. رستي ۾ چپي چپي تي ڪاٺ جا برج ٺاهيا ويا هئا، جن تي ريشمي ڪپڙا لڳل هئا، ۽ انهن ۾ وري ڳائڻ

Marfat.com

وڃائڻ واريون عورتون ويٺيون هيون، جن جو مان اڳ ۾ بيان ڪري آيو آهيان.

## بادشاه جي درٻار ۾ حاضر ٿيڻ ۽ اسان کي جاگيرون ۽ عهدا ملڻ

ٻئي ڏينهن جمعي جو ڏينهن هو. اسان ديوان خاني جي دروازي ۾ داخل ٿي، ٽئين دروازي جي ڇت جي هيٺان وڃي، ويهي رهياسين. اسان جي اندر وڃڻ جي اجازت اڃا ڪانه آئي هئي. ڪجهه وقت کان پوءِ شمس الدين فوشنجي حاجب آيو ۽ اچي متصدين کي اسان جي نالن لکڻ جو حڪم ڏنائين ۽ ائين به چيائين ته هنن سڀني کي اندر اچڻ جي اجازت آهي. پوءِ اسان مان هر هڪ سان سندس انهن ساٿين جو تعداد مقرر ڪيو ويو، جن کي اندر وڃڻ جي اجازت ڏني ويئي هئي. مون کي به اجازت ڏني ويئي ته پنهنجن اٺن ماڻهن کي اندر وٺي وڃان.

پوءِ اسان سڀ پنهنجي پنهنجي ساٿين سان اندر وڃڻ لڳاسين، جتي اڳي ئي دينارن جون ڳوٿريون ۽ تارازي کڻي آيا هئا. قاضي القضاة ۽ متصدي اتي ويٺا هئا ۽ دروازي تان غير ملڪين کي سڏيندا، هر هڪ کي، جيڪو سندس حصو مقرر ڪيو ويو هو، سو انهن کي پڪاري ڏيندا ٿي ويا. منهنجي حصي ۾ پنج هزار دينار آيا، ۽ هنن وٽ ان وقت ڪل هڪلک دينار هئا. هي سڀ مال بادشاه جي والده پنهنجي پٽ جي خير و عافيت سان واپس اچڻ تي صدقي طور ورهائڻ جي لاءِ ڏنو هو. ان ڏينهن پوءِ اسين واپس هليا وياسين. تنهن کان پوءِ اسين واپس هليا وياسين. تنهن کان پوءِ ڪيترائي ڀيرا اسان کي پنهنجي دستر خوان تي کاڌو کارائڻ لاءِ بادشاه اسان کي سڏايو ۽ تمام نرمائيءَ سان اسان کان حال احوال پڇيو.

بادشاه اسان کي چوڻ لڳو ته "توهان منهنجي ملڪ ۾ اچي، مون تي تمام گهڻي مهرباني ڪئي آهي. توهان جي تڪليفن جو

عيوضو وڌيڪ توهان کي ڏيئي نٿو سگهان. باقي توهان مان جيڪو وڏيءَ عمر وارو ماڻهو آهي، سو منهنجي پيءُ جي برابر آهي، منهنجي هم عمر منهنجو ڀاءُ آهي ۽ مون کان ننڍو مون کي پنهنجي اولاد وانگر آهي. منهنجي سڄي ملڪ ۾ هن شهر کان ٻيو ڪوبه وڏو شهر ڪونه آهي ۽ اهو شهر توهان جي ملڪيت آهي." اهو ٻڌي اسان سندس شڪرانا بجا آندا ۽ سندس حق ۾ دعا گهري.

ان کان پوءِ اسان جون پگهارون ۽ عهدا مقرر ڪيا ويا. ٽي ڳوٺ اڳي ئي مون کي جاڳير ۾ ڏنا ويا هئا ۽ هينئر منهنجي پگهار ٻارهن هزار دينار ساليانی مقرر ڪئي ويئي، ۽ ٻه ڳوٺ وڌيڪ جاگير طور ڏنا ويا، جن مان هڪ ڳوٺ جو نالو جوره ۽ ٻئي جو ملڪپور هو.

هڪ ڏينهن بادشاه اسان ڏانهن خداوندزادي غياث الدين ۽ سنڌ جي حاڪم قطب الملڪ کي موڪليو، جن اچي چيو ته آخوند عالم جن فرمائين ٿا ته وزارت يا منشگيري يا اميري يا قضا يا تدريس يا مشيخة جي عهدي مان جهڙو عهدو توهان پنهنجي لاءِ پسند ڪريو، سو توهان کي ڏنو وڃي. هي ٻڌي سڀ في الحال خاموش رهيا. ڇو ته اسان سڀني جو خيال هو ته جيڪي ڪجهه اسان کي انعام ملندو سو وٺي پنهنجي وطن هليا ويندا سين. پر آخر امير بخت بن تاج الدين، جنهن جو بيان مان اڳ ڪري آيو آهيان، چيو ته منهنجا وڏا وزير ٿي رهيا هئا ۽ مان پاڻ ڪاتب آهيان ۽ انهن ٻن ڪمن کان سواءِ ٽيون ڪم مان ڪري ڪونه سگهندس.

پوءِ هبة الله فلڪي به ڪجهه اهڙيءَ طرح چيو. آخر ۾ خداوندزادي مون کي عربي زبان ۾ چيو ته "سيدنا! توهان جو ڇا ارادو آهي؟" هن ملڪ جا ماڻهو عربن کي سيد ڪري سڏيندا آهن، ڇو ته بادشاه کين عزت ڏيڻ جي خاطر کين هن لفظ سان

Marfat.com

مخاطب کندو آهي. مون جواب ڏنو تہ "وزارت يا کتابت تہ منهنجو ڏنڏو ڪونهي، باقي قضا ۽ مشيخة منهنجو ڏنڏو آهي، ۽ اهو ئي منهنجي ابن ڏاڏن جو ڏنڏو هو. ازانسواء فوج جي آفيسريءَ بابت توهان خود چاڻو ٿا تہ عربن جي تلوار جي ئي زور سان سنڌو عجم مسلمان ٿيو آهي. مطلب تہ سپہ گيري ۽ تلوار بازي اسان جو آبائي ڏنڏو آهي."

بادشاہ جڏهن منهنجو هي جواب ٻڌو، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو. ان وقت بادشاهہ هزار سطون ۾ ڪاڏو نوش فرمائي رهيو هو، جتي اسان سڀني کي گهرائي ورتائين. ٻوءِ اسان بادشاہ سان گڏجي ڪاڏو. ان بعد اسان هزار سطون مان ٻاهر نڪري آياسين، ۽ منهنجا سڀ ساڻي اڃا اتي ويٺا رهيا، چو تہ مون کي هڪ ڦرڙي اچي پيئي هئي، جنهن سبب جي ڪري ويهي نٿي سگهيس، تنهنڪري پنهنجي گهر هليو آيس. هوڏانهن بادشاہ وري به سڀني کي مڏايو. ٻيا سڀ ويا پر منهنجي باري ۾ معذرت ڪيائون. پر مان عصر جي نماز کان پوءِ اوڏانهن هليو ويس، ۽ ديوانخاني ۾ وڃي، مغرب ۽ عشا جون نمازون پڙهيم، تہ حاجب باهر آيو ۽ اڃي چيائين تہ توهان سڀني کي بادشاہ ياد فرمايو آهي.

پهريائين خداوند زادو ضياء الدين، جيڪو سڀني پاڻ ۾ وڏو هو، سو اندر ويو. بادشاہ کيس ميرداد مقرر ڪيو. هن عهدي تي تمام وڏي ماڻهوءَ کي مقرر ڪيو ويندو آهي، جنهن جو ڪم هوندو آهي: قاضيءَ سان گڏ ويهڻ، ۽ جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن امير يا وڏي ماڻهوءَ تي فرياد داخل ڪري تہ هن کي قاضيءَ جي روبرو آڻي حاضر ڪرڻ. هن جي پگهار پنجاہ هزار دينار سالياني مقرر ڪئي ويئي، جنهن لاءِ هن کي اها جاگير ڏني ويئي، جنهن جو ڏاڏو ايتريءَ آمدنيءَ جي برابر هو، ۽ پنجاہ هزار پوشکي ڏيڻ جو به حڪم ڪيو ويو. ازانسواءِ ڪيس زريدار ريشمي خلعت پهرائي ويئي، جنهن کي شير صورت ڪري سڏيندا آهن، چاڪاڻ تہ انهيءَ

خلعت جي پٽ ۽ سڀني تي شينهن جي شڪل ٺهيل هوندي آهي ۽ ان خلعت جي اندر هڪ ڪاغذ ويڙهي سڀي ڇڏيندا آهن، جنهن ۾ لکيل هوندو آهي ته هن خلعت ۾ هيتري مقدار ۾ سون آهي. پوءِ ڪيس هڪ پهرئين درجي وارو گهوڙو ۽ ان عطا ڪيو ويو. هن ملڪ ۾ گهوڙن جا چار درجا مقرر هوندا آهن. گهوڙن جون زينون سڀري زين جهڙيون ٿيندڙون آهن، جن جي گهٽي حصي تي سون جي پاڙيءَ چڙهيل چاندي لڳل هوندي آهي.

ان کان پوءِ اميربخت اندر ويو، جنهن جي لاءِ حڪم ٿيو ته وزير سان گڏ مسندءَ تي ويهي، ۽ ديوانن جي حساب جي جانچ ۾ هن جي حوالي ڪئي ويئي، ۽ سندس پگهار چاليهه هزار دينار سالياڻو مقرر ڪيو ويو. جنهنڪري ڪيس ايتري جاگير ڏني ويئي جنهن جو فائدو چاليهه هزار دينارن جي برابر ٿئي ۽ چاليهه هزار نقد ڪيس انهيءَ وقت ڏنا ويا. ازانسواءِ گهوڙو ۽ خلعت جيئن اڳ ۾ بيان ڪري آيو آهيان، تيئن ڪيس ۾ مليا ۽ شرف الملڪ جو خطاب مليس. ان کان پوءِ هبة الله بن ملڪي اندر ويو، جنهن کي رسولدار جو عهدو ڏنو ويو، جنهن جي معني آهي حاجب الارسال (پوسٽ جو بالا عملدار)، ۽ سندس پگهار ۲۴ هزار مقرر ٿيو. انهيءَ حساب سان ڪيس جاگير ملي ۽ ۲۴ هزار پيشگي مليس ۽ بهاء الملڪ خطاب مليس. ان کان پوءِ سان اندر ويس.

بادشاه محل جي چت سٽان تخت تي آرام سان ويٺو هو ۽ وزير خواجه جهان پرسان ويٺو هوس. ملڪ قبولو سامهون ٻيٺو هوس. جڏهن مون وڃي سلام ڪيو، تڏهن ملڪ ڪير مون کي چيو ته شڪرانا بجا آڻ، جو آخوند عالم توکي دارالخلافه دهليءَ جو قاضي مقرر ڪيو آهي ۽ تنهنجو پگهار ۱۲ هزار دينار سالياڻو مقرر فرمايو آٿس، جنهن جيتري توکي جاگير ملندي ۽ اهو به حڪم ڪيو آٿس ته پهاڻي خزاني مان توکي ۱۲ هزار دينار پيشگي ڏنا وڃن، ازانسواءِ هڪ گهوڙو، زين ۽ لغام سميت،

Marfat.com

هڪ محرابي خلعت ۽ توکي ملندي. هن خلعت جي پٺ ۾ سٽي ٿي محراب جي شڪل ٿيندي آهي. سون آداب بجا آندا. پوءِ ملڪ ڪبير سون کي هٿ کان وٺي، بادشاهه جي سامهون وٺي ويو. بادشاه چيو تہ دهليءَ جي قضاء جو عهدو ڪو معمولي عهدو ڪونهي ۽ اسان ان کي تمام وڏو عهدو ڪري سمجهندا آهيون.

مان پارسي سمجهندو هوس، پر ان ۾ جواب ڏيئي ڪونہ سگهندو هوس ۽ بادشاه وري عربي سمجهندو هو، پر ان ۾ جواب ڏيئي ڪونہ سگهندو هو. سون عرض ڪيو "يا مولانا! مان تہ امام مالڪ جي مذهب تي آهيان ۽ شهر جا سڀ رهواسي حنفي آهن. ازانسواءِ مان هتي جي زبان ۾ غير واقف آهيان." تنهن تي بادشاه فرمايو تہ سون بهاء الدين ملتانيءَ ۽ ڪمال الدين بجنوريءَ کي اڳي ئي تنهنجي مدد لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو آهي، جيڪي تو ڪان هر معاملي ۾ صلاح وٺندا رهندا ۽ سڀني ڪاغذن تي تنهنجي مهر لڳندي. پوءِ بادشاه ايتري قدر ۾ چيو تہ تون سون کي پنهنجي اولاد وانگر آهين، جنهن تي مون عرض ڪيو تہ مان حضور جو ادنيٰ غلام ۽ نوڪر آهيان. ان جي جواب ۾ بادشاه سون کي مان ڏيندي چيو تہ "انت سيدنا مخدومنا".

ان کان پوءِ بادشاه، شرف الملڪ ڏي منهن ڪري، چيو تہ هن شخص جي هن پگهار مان پوري کائي ٿيندي، چو تہ هي تمام گهٽو خرچائو آهي؛ تنهنڪري منهنجي مرضي آهي تہ هڪ خانقاه ۾ ڪٽي تو هن جي حوالي ڪريان، جيئن هو فقيرن جي سنڀال لهي سگهي. پوءِ شرف الملڪ کي چيائين تہ اها گالهہ هن کي عربيءَ ۾ ٻڌاءِ. بادشاه جو گمان هو تہ هو عربي تمام سٽي گالهائيندو آهي، جيڪو بلڪل صحيح هو. بادشاه هن کي سمجهيو ۽ چيائين تہ "برو يكجا بخشي آن حكايت براو بگوئي و تفهم كن تافردا انشاء الله پيش من بيائي و جواب او بگوئي" — يعني "وڃو ۽ ٻئي ڇڻا رات هڪ هنڌ بسر ڪريو ۽ تون کيس سموري

Marfat.com

گالهه سمجهائي، سپاڻي اچي مون وٽ حاضر ٿجانءِ ۽ مون کي ٻڌائجانءِ ته هو چا ٿو چوي."

اسان اتان واپس آياسين ته ٽيون حصو رات گذري چڪي هئي، نوبت وڄي چڪي هئي. نوبت وڄڻ کان پوءِ کوبه شخص باهر نه نڪرندو هو، انهيءَ کري اسان وزيرن جي اچڻ تائين ترسي پياسين ۽ هنن سان گڏجي باهر آياسين. شهر جا دروازا بند ٿي چڪا هئا، تنهنکري اسان اها رات سيد ابوالحسن عبادي‌ءَ جي گهر سمهي پياسين. هيءُ شخص بادشاه جي طرفان واپار کندو هو ۽ عراق ۽ خراسان سان بادشاه جي لاءِ هٿيار ۽ ٻيو سامان خريد کري ايندو هو.

ٻئي ڏينهن اسان کي گهرائي، روڪ ٻڌسا، گهوڙا ۽ خلعتون ڏنيون ويون. اسان سان هڪ، هن ملڪ جي دستور موجب، خلعت کلهي ٿي رکي، بادشاه جي سامهون وڃي آداب بجا آندا. اسان گهوڙن کي، جن تي ڪپڙا وڌا وبا هئا، لغام کان جهلي، خود شاهي محل جي دروازي تائين وٺي وياسين، جتان انهن ٿي سوار ٿي پنهنجي گهر هليا وياسين. بادشاه منهنجي ساڻهن کي ٻه هزار دينار ۽ ڏهه خلعتون ڏنيون. باقي ٻئي کنهن جي به ساڻين کي ڪجهه به کين ڏنو ويو، چاکاڻ ته منهنجا ساڻي اڳ اجرا ۽ ڏيڪ ويڪ وارا هئا، جن کي ڏسي بادشاه خوش ٿيو هو، هو به بادشاه جي اڳيان جهڪي نياز ۽ نئڙت سان پيش آيا، جنهن تي بادشاه شڪريو به ادا ڪيو.

## بادشاه جو ٻيو عطيو ۽ ان ۾ دير ٿيڻ

قاضي مقرر ٿيڻ کان ڪيترا ڏينهن پوءِ هڪ ڏينهن سان ديوانخاني جي باهران هڪ وڻ جي هيٺان ويٺو هوس ۽ منهنجي پرسان مولانا ناصرالدين ترمذي عالم ۽ واعظ ويٺو هو ته هڪ حاجب آيو ۽ مولانا ناصرالدين کي سڏي وٺي ويو. جڏهن هو

Marfat.com

بادشاه جي سامهون وڃي حاضر ٿيو تڏهن بادشاه هن کي هڪ خلعت ڏني ۽ هڪ ڪلام الله شريف، جنهن تي موتي جڙيل هئا، ۽ عنايت ڪيائين. ايتري ۾ هڪ حاجب ڊوڙندو مون وٽ آيو ۽ اچي چيائين ته بادشاه تنهنجي لاءِ ۱۲ هزار دينار انعام ڏيڻ جو حڪم ڪيو آهي؛ جيڪڏهن مون کي به ڪجهه ڏين ته "خط خورد" پاڻ سان ڪڍي اچان. مون سمجهيو ته هو مذاق ٿو ڪري يا انهيءَ بهاني سان مون کان ڪجهه چڏائڻ ٿو چاهي، پر حقيقت ۾ هن نيڪ ٿي چيو. اڄي منهنجي هڪ دوست هن کي چيو ته چگو مان ٿو توکي به ڏيان، تون وڃي خط خورد ڪڍي اچ. ٻوءِ هو وڃي اهو ڪڍي آيو.

خط خورد جي معني آهي، نندي چٺي، جنهن تي لکيل هوندو آهي ته "آخوند عالم جو حڪم آهي ته فلاڻي شخص کي. فلاڻي حاجب جي معرفت هيترا روپيا فوراً خزاني مان ڏنا وڃن. ٻوءِ انهيءَ چٺيءَ تي ان چٺيءَ جو آڻيندڙ، جنهن جي سڃاڻپ تي روپيا ڏنا ويندا آهن، پنهنجي صحيح وجهندو آهي. جنهن کان ٻوءِ ٽن پين اميرن جون به صحيحون پوندیون آهن. اهي امير آهن: خان اعظم قطلو خان- بادشاه جو استاد، امير حريط دار- جنهن وٽ بادشاه جو قلمدان رهندو آهي، ۽ امير نڪبه دوات‌دار- جنهن وٽ بادشاه جي مس ڪپڙي رهندي آهي. هي سڀ جڏهن صحيحون ڪري ختم ڪندا آهن، تڏهن ان کي وري ديوان وزارت ڏانهن ڪڍي ويندا آهن. جتي متصدي ان جو نقل ڪري پاڻ وٽ رکندا آهن. ٻوءِ وري ان جا نقل ديوان اشرف ۾ ڪندا آهن، ۽ تنهن کان ٻوءِ ديوان النظر ۾. ان کان ٻوءِ پروانو لکيو ويندو آهي، جنهن ۾ وزير خزانچيءَ کي حڪم ڏيندو آهي ته مقرر روپيا ڏئي. خزانچي وري پنهنجي حساب ۾ داخل ڪري، ان ڏينهن جي سڀني پروانن جو هڪ ڇڻو ناهي، بادشاه جي سامهون وڃي پيش ڪندو آهي.

جنهن لاءِ بادشاه جو حڪم هوندو آهي ته هڪدم پنهنجا

Marfat.com

ڏنا وڃن، ان کي انهيءَ وقت ادائگي ڪئي ويندي آهي، ۽ جنهن جي لاءِ حڪم هوندو آهي ته ڪجهه دير ٿئي ته پرواهه نه آهي، ان کي ادائگي دير سان ٿيندي آهي، پر ٿيندي ضرور آهي، پوءِ کڻي ڪيترا به ڏينهن لڳي وڃن! اهڙيءَ طرح اهو انعام مون کي ڇهن مهينن کان پوءِ ٻئي انعام سان گڏ مليو، جنهن جو اڳتي هلي بيان ڪندس. هندستان ۾ اهو رواج آهي ته ڪيتري به انعام جو حڪم ملي ته ان جو ڏهون حصو ڪاٽجي ملندو آهي، يعني جيڪڏهن هڪ لک جو انعام ملي ته نوي هزار ملندا آهن ۽ جيڪڏهن ڏهن هزارن جو انعام ملي ته ٩ هزار ملندا آهن.

## لهڻيدارن جو مون کي تنگ ڪرڻ، منهنجو بادشاه جي مداح ۾ قصيدو لکڻ، بادشاه جو قرضن جي ادائگيءَ لاءِ حڪم ڏيڻ، ۽ دير پوڻ

مان اڳ ۾ بيان ڪري آيو آهيان ته رستي ۾ ايندي، جيڪو منهنجو خرچ ٿيندو رهيو، بادشاه جي نذر ۽ تحفن تي خرچ ڪيم، ۽ ارانسواءِ ان کان پوءِ به جيڪي ڪجهه خرچ ڪيم، سو سڀ مون سوداگرن کان قرض کڻي ڪيو هو. جڏهن اهي سوداگر پنهنجي وطن ورڻ لڳا تڏهن اچي قرض جي ادائگيءَ لاءِ مون کي سوڙهو ڪرڻ لڳا، جنهنڪري مون بادشاه جي تعريف ۾ هڪ قصيدو * لکيو، جنهن جو مطلعو ۽ متن هو:

١ـ اليلڪ اميرالمومنين المبجلا آتينا نجدالسير مخولڪ في الفلا

٢ـ فجئت محلامن علائڪ زائرا وَ مغنالڪ ڪهف للزيارة اهلا

---

* ١- اي عزت وارا اميرالمومنين، مان جهنگل مان تو ڏانهن هلي آيس.

٢- پوءِ توهان جي محل ۾ ان جي زيارت ڪرڻ آيس جيڪو زيارت ڪرڻ جي لائق آهي.

Marfat.com

٣ـ فلوان فوق الشمس المجد رتبة - لكنت لاعلاها اماما مؤهلا
٤ـ فانت الامام الماجد الاوحد الذي - سجاياه حتما ان يقول وَ يفعلا
٥ـ ولي حاجة من فيض جودك ارتي - قضاها وَ قصدي عند مجدك سهلا
٦ـ اذكرها ام قد كفاني حياؤكم - فان حيا كم ذكره كان اجملا
٧ـ فجعل لمن وافي محلك زائرا - قضا دينه ان الغريم تعجلا

هڪ ڏينهن بادشاه ڪرسيءَ تي ويٺو هو تہ مان به قصيدي مان وڃي سندس اڳيان پيش ٿيس؛ جنهن کي بادشاه گوڏن تي رکي، هڪ چيڙي کان جهلي ويٺو، ٻيو چيڙو منهنجي هٿ ۾ رهيو. پوءِ مان هڪ هڪ شعر پڙهندو ٿي ويس ۽ قاضي القضاة کمال الدين غزنوي ان جو ترجمو ڪندو ٿي ويو، جو ٻڌي بادشاه ڏاڍو خوش ٿي ٿيو. هندستان جا ماڻهو عربي شعر ٻڌي گهڻو پسند ڪندا آهن. جڏهن مون ستون شعر پڙهيو، تڏهن بادشاه چيو "مرحمت"، جنهن جو مطلب هي ٿيندو آهي تہ "مون توتي رحم ڪيو." ان وقت حاجب اڇي سون کي هٿ کان وٺي، منهنجي بيهڻ واريءَ مقرر جاءِ تي وٺي ويو تہ مان آداب بجا آڻيان. تنهن تي بادشاه حاجب کي چيو تہ چڏي ڏينس تہ پنهنجو

---

٣- جيڪڏهن سڄ کان مٿي ڪو درجو هجي ها تہ تون ضرور ان کان به مٿي هجين ها.
٤- تون امام آهين، عزت وارو آهين، اڪيلو آهين ۽ جيڪي چوندو آهين سو ڪندو آهين.
٥- منهنجو به هڪڙو ڪم آهي، جو تنهنجي فيض، سخاوت ۽ ادائگيءَ جو اميدوار آهيان، چو تہ منهنجو توهان جي حضور ۾ اڇڻ آسان آهي.
٦- مان ڪجهه بيان ڪرڻ ٿو چاهيان، پر توهان جي مهرباني ڪافي آهي. پوءِ بيشڪ توهان جي احسان جي يادگيري چڱي آهي.
٧- پوءِ ان لاءِ جلدي ڪريو، جيڪو توهان جي گهر ۾، توهان جي زيارت لاءِ آيو آهي، ان جو قرض ادا ڪريو، جو قرض وارا جلدي ڪري رهيا آهن.

قصيدو پورو ڪري وڃي. پوءِ سون سڄو قصيدو پورو ڪري وري به آداب بجا آندا. ماڻهن سون کي مبارڪون ڏنيون. پر ڪيترو وقت گذري ويو، ڪابه خبر پئجي ڪانه سگهي (نه انعام جو ڇا ڏيو).

آخر سون هڪ درخواست لکي منڊ جي حاڪم قطب الملڪ کي ڏني، جيڪا ان وچي بادشاه جي اڳيان پيش ڪئي. بادشاه هن کي چيو ته خواجه جهان وٽ وڃ ۽ وچي چئينس ته هن جو قرض ادا ڪري ڇڏي. قطب الملڪ وچي هن کي چيو، پر نڊهن به کو نتيجو ڪونه نڪتو، ڇاڪاڻ ته انهن ڏي ڏينهن بادشاه دولت آباد ڏانهن سفر جو حڪم ڏنو هو. ڪجهه ڏينهن لاءِ وري شڪار لاءِ باهر هليو ويو هو، ته وزير به هن سان گڏ ويو هو. اهوئي سبب هو، جو انعام سون کي ڪيترن ڏينهن کان پوءِ مليو، ۽ ڏير جو سبب سان هيٺ تفصيل سان بيان ٿو ڪريان.

جڏهن منهنجن قرض خواهن سفر تي وڃڻ جو ارادو ڪيو، تڏهن سون انهن کي چيو ته "سان جڏهن بادشاه جي دروازي تي پهچان، تڏهن توهان هن ملڪ جي رواج موجب اچي اڏي ڏرٿو هڻي ويهجو، ته بادشاه کي اها خبر پوي ۽ قرض جي ادائگي ڪري ڇڏي." هن ملڪ ۾ اهو رواج هوندو آهي ته جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو قرض ڪنهن وڏي ماڻهوءَ تي هوندو آهي ۽ هو ادا ڪري نه سگهندو آهي ته ان جا قرض خواهم وچي بادشاه جي دروازي تي ويهي رهندا آهن. پوءِ جڏهن اهو مقروض شخص شاهي محل ۾ وڃڻ لاءِ دروازي سان لنگهندو آهي، ته اهي وڏي زور زور سان کيس قرض جي ادائگيءَ لاءِ وڏي سڏ چوندا آهن ۽ بادشاه جي سر جو قسم وجهي چوندا آهن ته جيستائين سان جو قرض ادا نه ڪندين تيستائين اندر نه ويندين. ان وقت مقروض شخص لاءِ پنهنجي قرض ادا ڪرڻ

Marfat.com

کان سواءِ ٻيو کو چارو ڪونہ هوندو آهي يا هنن کان منٿ
ميڙ ڪري ڪجهہ وقت لاءِ هو مهلت ونندو آهي.

هڪ ڏينهن اهڙو اتفاق ٿيو، جو بادشاه پنهنجي ٻيءُ جي
قبر جي زيارت لاءِ ويل هو ۽ اتي هڪ محل ۾ ترسيل هو.
مون به پنهنجي قرض خواهن کي چيو تہ "هن وقت موقعو اٿو"
سو جڏهن مان محل ۾ اندر وڃڻ لڳس تہ انهن اڇي ڏرڻو هنيو
۽ بادشاه جو قسم وڌائون تہ اسان جي قرض ادا ڪرڻ کان سواءِ
اندر نہ وڃ. متصدين اها خبر يڪدم وڃي بادشاه ٽائين پهچائي،
جنهن تي شمس الدين حاجب، جيڪو هڪ وڏو فقيهہ هو، باهر
نڪتو ۽ اڇي انهن ماڻهن کان پڇيائين تہ "توهان ڇو اڇي ڏرڻو
هنيو آهي." هنن جواب ڏنو تہ هن شخص تي اسان جو قرض
آهي. اهو ٻڌي هو اندر هليو ويو ۽ وڃي بادشاه کي خبر
ڏنائين. بادشاه پڇائي موڪليو تہ ڪيترو قرض آهي، جنهن تي
هنن ٻڌايو تہ پنجويهہ هزار دينار. فقيهہ اهو سپ ڪجهہ وڃي
بادشاه کي ٻڌايو ۽ پوءِ باهر اچي هنن کي چيائين تہ بادشاه
سلامت فرمائي ٿو تہ اسان قرض جا ذميدار آهيون، ۽ اسان جي
طرفان اهو قرض ادا ڪيو ويندو ۽ هن ماڻهوءَ کان قرض جي
گهر نہ ڪريو.

پوءِ بادشاه عماد الدين سمناني ۽ خداوندزادي غياث الدين
کي حڪم ڏنو تہ هزار سطون ۾ ويهي، هنن قرض خواهن جا
دستاويز ۽ رسيدون وغيره جانچي ڏسو ۽ تحقيقات ڪريو تہ اهي
درست آهن يا نہ. هو ٻيئي حڪم موجب وڃي اتي ويٺا، جتي قرض
خواهن مان هر هڪ پنهنجا دستاويز آڻي، هنن کي ڏيکاريندو ٿي ويو.
آخر هنن وڃي بادشاه کي عرض ڪيو تہ رسيدون وغيره بلڪل
صحيح آهن. اهو ٻڌي بادشاه کلي ڏنو ۽ کلندي چيائين تہ مان
چاڻان ٿو تہ هو قاضي آهي ۽ پنهنجي ڪم کان چڱيءَ طرح
مان واقف آهي. پوءِ خداوندزادي کي حڪم ڏنائين تہ هن جو
قرض ادا ڪري ڇڏ. پر هن رشوت جي لالچ ڪئي ۽ "خط خورد"

Marfat.com

لکڻ ۾ دير ڪيائين. مون هن ڏانهن ٻه سؤ تنڪا موڪليا پر هن وٺڻ کان انڪار ڪيو، ۽ سندس هڪ نوڪر اچي مون کي ٻڌايو ته ٥٠٠ تنڪا ٿو گهري، جي مون ڏيڻ کان انڪار ڪيو.

اها ڳالهه مون عمادالدين سمنانيءَ جي پٽ عبدالملڪ ساڻ ڪئي، جنهن وڃي پيءُ کي ٻڌايو، هن وري وڃي وزير کي ٻڌايو. وزير ۽ خداوندزادي جي وچ ۾ ڪجهه اٺبڻت هئي، تنهنڪري هن وڃي بادشاه کي اها ڳالهه ٻڌائي ۽ تنهن سان گڏ ٻيون به سندس ڪيتريون شڪايتون ڪيون، جنهنڪري بادشاه خداوندزادي تي ڏاڍو ناراض ٿيو ۽ هن کي شهر ۾ نظربند ڪري رکيائين. پوءِ بادشاه چيو ته فلاڻو شخص هن کي رشوت ڇو پيو ڏيئي؟ ۽ حڪم ڏنائين ته هن ڳالهه جي تحقيقات ڪئي وڃي ته هن رشوت ٿي ڏني ۽ خداوندزادي نه ورتي يا خداوندزادي رشوت پئي گهري ۽ هن ڏيڻ کان انڪار ٿي ڪيو بس، اهوئي سبب هو، جو منهنجي قرض جي ادائگيءَ ۾ دير ٿي ويئي.

Marfat.com

## فصل ٻيو - ب

# بادشاه جو شڪار لاءِ ٻاهر وڃڻ ۽ اسان جو هن سان گڏ وڃڻ

جڏهن بادشاه شڪار لاءِ دارالخلافه کان ٻاهر نڪتو، تڏهن مان ساڻس گڏ ويس. مون هن سفر لاءِ سڀ شيون خريد ڪيون هيون، جن ۾ هڪ تنبو به خريد ڪيو هوم. هن ملڪ ۾ تنبو هرڪو شخص رکي سگهندو آهي ۽ اميرن لاءِ ته بلڪل هڪ ضروري شيءِ آهي. فرق رڳو ايترو هوندو آهي، جو شاهي تنبو رنگ جو ڳاڙهو ٿيندو آهي ۽ اميرن جا تنبو سفيد ٿيندا آهن، جن تي نيري رنگ جا چٽ نڪتل هوندا آهن. مون هڪ شاميانو به خريد ڪيو هو، جيڪو تنبوءَ تي ڇانو ڪرڻ لاءِ لڳايو ويندو آهي ۽ ٻن ڊگهن ٿنڀن (لڪڙن) تي بيهاريو ويندو آهي. اهي لڪڙا ماڻهو (جن کي ڪيواني ڪري چوندا آهن) ڪلهن تي کڻي هلندا آهن. هندستان ۾ رواج آهي ته مسافر هنن ڪيوانن کي پگهار تي رکندا آهن، ۽ اهڙيءَ طرح سان اهي ماڻهو، جيڪي چوپائي مال لاءِ گاه ڪندا آهن، پڻ پگهار تي رکيا ويندا آهن، ڇو ته هن ملڪ ۾ گهوڙن کي بهه ڪونه کارائيندا آهن. اهڙيءَ طرح ڪهار به رکيا ويندا آهن، جيڪي بورچيخاني جا ٿانو کڻي هلندا آهن؛ ۽ ڏولي کڻڻ وارا به رکيا ويندا آهن، جن جو ڪم هوندو آهي تنبو لڳائڻ؛ ان ۾ گلم غاليچن وغيره وڇائڻ ۽ سامان اٺن تي لڏڻ لاءِ دوا دوي به رکيا ويندا آهن، جيڪي اڳيان اڳيان

Marfat.com

ڊوڙندا هلندا آهن ۽ رات جو مشعلون کڻي روشني ڪندا هلندا آهن.

مون به انهن قسمن جي سڀني ماڻهن کي روزانيءَ مزدوريءَ تي پاڻ سان کنيو ۽ ڏاڍي ٺٺ سان اٿي هليس. مان ته انهيءَ ڏينهن شهر کان ٻاهر نڪتو هوس، جنهن ڏينهن بادشاهي سواري ٻاهر نڪرڻي هئي. مون کان سواءِ ٻيا ماڻهو ٻه ٻه، ٽي ٽي ڏينهن پوءِ آيا. بادشاه، سواريءَ نڪرڻ واري ڏينهن عصر کان پوءِ، ارادو ڪيو ته هاٿيءَ تي سوار ٿي ڏسڻ وڃي ته ڪير ڪير تيار آهي ۽ ڪنهن ڪنهن تياريءَ ۾ جلدي يا دير ڪئي آهي. ان وقت بادشاه پنهنجي تنبوءَ جي ٻاهران هڪ ڪرسيءَ تي ويٺو هو. مون وڌي وڃي سلام ڪيو ۽ ساڄي پاسي پنهنجي مقرر جڳهه تي وڃي بيهي رهيس.

بادشاه ملڪ قبولي سرجامدار کي مون وٽ موڪليو. هن جو ڪم آهي ته بادشاه جي مٿان مکيون هڪليندو آهي. هن اچي مون کي چيو ته بادشاه جو حڪم آهي ته ويهي رهو. هيءَ بادشاه جي خاص مهرباني هئي. ورنه انهيءَ ڏينهن ڪنهن کي به ويهڻ جي اجازت ڪانه هئي. ايتري ۾ هاٿي اچي پهتو، جنهن تي ڏاڪڻ لڳائي ويئي. بادشاه سوار ٿيو، مٿانئس ڇٽ لڳايو ويو، ۽ پوءِ بادشاه جا خاص ماڻهو به سوار ٿيا. ٿوري دير گهمي، وري بادشاه پنهنجي تنبوءَ ڏانهن واپس آيو. هتي اهو رواج آهي ته جڏهن بادشاه سوار ٿيندو آهي تڏهن هر هڪ امير پنهنجي فوجي جهنڊي، طبل، نفيري ۽ شرنائن، جن سڀني کي گڏي مراتب چيو ويندو آهي، ساڻ ڪري سوار ٿيندو آهي.

بادشاه جي اڳيان فقط پرديدار يعني حاجب ۽ گاني بجاني وارا هوندا آهن، جن مان ڪي دهان وارا دهل ڳچيءَ ۾ وجهي وڄائيندا هلندا آهن ۽ شرنائن وارا وري شرنايون وڄائيندا هلندا آهن. بادشاه جي ساڄي پاسي پندرهن ماڻهو هوندا آهن ۽ کاٻي پاسي به ايترائي ماڻهو هوندا آهن. هنن ماڻهن ۾ فقط وڏا وڏا امير، وزير،

۽ ڪي غير ملڪي شرفا شامل هوندا آهن. مان به ساڄي پاسي وارن اميرن ۾ شامل هوس. بادشاه جي اڳيان پيادا ۽ رهنما هوندا آهن ۽ پٺيان ريشمي ۽ زريدار جهنڊا ۽ اٺن تي وڏا طبل رکيل هوندا آهن، انهن جي پٺيان بادشاه جا غلام ۽ ٻيا خادم، انهن کان پوءِ ٻيا امير ۽ پوءِ عام ماڻهو هوندا آهن. ڪنهن کي به اها خبر نه هوندي آهي ته ڪهڙي هنڌ منزل ٿيندي. پر جڏهن ڪو نديءَ جو ڪنارو يا وڻن جو ڪو جهڳٽو بادشاه کي وڻندو آهي ته بادشاه جو انهيءَ جاءِ تي ترسڻ جو حڪم ٿيندو آهي. جيستائين بادشاه جو تنبو لڳي پورو نه ٿئي، تيستائين ڪو به شخص تنبو نٿو لڳائي سگهي. پوءِ موڪل ڏيندا آهن، ۽ هرهڪ شخص کي سندس جڳهه ٻڌائيندا ويندا آهن. بادشاه جو تنبو وچ ۾ لڳندو آهي. ٻڪري جو گوشت، ٿلهيون متاريون ڪڪڙيون، تتر ۽ بدڪون وغيره اڳ ۾ ئي موجود هونديون آهن.

پوءِ يڪدم اميرن جا ڇوڪرا اچي حاضر ٿيندا آهن، جن مان هرهڪ سيخ هٿ ۾ کڻي، باه ٻاري، گوشت پچائيندو ويندو آهي. هڪ ننڍو تنبو به لڳايو ويندو آهي جنهن ۾ بادشاه پنهنجي خاص خاص اميرن سان اچي ويهندو آهي. پوءِ دستر خوان وڇايو ويندو آهي ۽ بادشاه جنهن کي چاهي تنهن کي پاڻ سان گڏ کائڻ لاءِ سڏيندو آهي.

هڪ ڏينهن بادشاه تنبوءَ ۾ ويٺو هو ۽ پڇا ڪيائين ته ٻاهر ڪير ڪير ويٺا آهن. جنهن تي سيد ناصر الدين مطهراوهريءَ جيڪو بادشاه جو نديم هو، چيو ته فلاڻو مغربي شخص ٻيٺو آهي ۽ ڏاڍو پريشان حال آهي. بادشاه پڇيو ته "ڇو؟" سيد ناصرالدين جواب ڏنو ته هن جا قرض خواهه ساڻس وصوليءَ لاءِ سختي ڪري رهيا آهن، آخوند عالم وزير کي سندس قرض جي ادائگي لاءِ حڪم ڏنو هو، پر وزير ان کان اڳي ئي سفر تي هليو ويو؛

Marfat.com

تنهنکري حضور جن قرض خواهن کي حڪم ڏين ته وزير جي اچڻ تائين هن سان سختي نه ڪن يا ساڻيءَ جن سندس قرض ادا ڪري ڇڏين.

ان وقت ملڪ دولت شاه به موجود هو، جنهن کي بادشاه چاچا ڪري سڏيندو هو، جنهن چيو ته "آخوند عالم! هي شخص هر روز عربيءَ ۾ مون کي ڪجهه چوندو آهي، پر سان سمجهي ڪونه سگهندو آهيان، شايد سيد ناصرالدين هن کي سمجهندو هوندو ته ڇا ڏو چوي". اصل ۾ هن جي ان چوڻ جو مطلب هو ته سيد ناصر الدين وري به منهنجي قرض جي ادائگيءَ جو ذڪر ڇيڙي. تنهن تي سيد ناصرالدين چيو ته "هو انهي قرض جي باري ۾ چوندو رهندو آهي". بادشاه هي ٻڌي فرمايو ته "چاچا، امين جڏهن دارالخلافه ڏانهن واپس هلون تڏهن توهان هن کي خزاني ۾ وڃي اهي پئسا ڏياري ڇڏجو." اني خداوند زادو به حاضر هو، تنهن چيو ته آخوند عالم! هي شخص ڏاڍو خرچائو آهي، سندس اهو ڏي حال ساورالنهر جي سلطان طرمشيرين جي دربار ۾ به هو، جتي منهنجي ساڻس ملاقات ٿي هئي.

اهي گالهيون ختم ٿيون ته بادشاه مون کي دسترخوان تي سڏايو. مون کي خبر ڪانه هئي ته منهنجي باري ۾ کهڙيون گالهيون هليون آهن. جڏهن باهر آياسين تڏهن سيد ناصرالدين مون کي چيو ته "ملڪ دولت شاه جا ٿورا ميڇ." ۽ ملڪ دولت شاه وري چيو ته "خداوند زادي جا ٿورا ميڇ!" انهيءَ ڏي ڏينهن اسان شڪار تي بادشاه سان گڏ هئاسين ۽ بادشاه ڪئمپ سان سوار ٿي پئي لنگهيو، ته سندس گذر منهنجي تنبوءَ وٽان ٿيو. مان به سندس ساڄي طرف ساڻس گڏ هوس. منهنجا ساڻي تنبوءَ ۾ هئا. جڏهن بادشاه اتان اڇي لنگهيو ته هنن اٿي بيهي سلام ڪيو. بادشاه عماد الملڪ ۽ ملڪ دولت شاه کي موڪليو ته انهن ماڻهن کان پڇن ته اهو ڪنهن جو تنبو آهي. هنن موٽي اچي جواب

ڏنو تہ فلاڻي شخص جو (يعني منهنجو) آهي. بادشاه هي ٻڌي مشڪيو ۽ ٻئي ڏينهن مون کي، سيد ناصرالدين بن قاضي مصر ۽ ملڪ صبيح کي حڪم ٿيو تہ شهر ڏانهن موٽي وڃو. پوءِ اسان کي خلعتون ڏنيون ويون ۽ اسين موٽي شهر هليا آياسين.

## بادشاه کي مون هڪ اٺ تحفي طور ڏنو

مون کان هڪ دفعي انهن ڏينهن بادشاه پڇيو تہ "ملڪ ناصر اٺ تي سواري ڪندو آهي يا نہ؟" مون عرض ڪيو تہ حضور! حج جي ڏينهن هو ڏاچيءَ تي سوار ٿي، مصر کان مڪي شريف تائين ڏهن ڏينهن ۾ پهچي ويندو آهي. مون ائين بہ عرض ڪيومانس تہ "اهي اٺ اهڙا ڪين آهن جهڙا هن ملڪ ۾ آهن، ۽ مون وٽ بہ ان ملڪ جو هڪ اٺ موجود آهي." جڏهن مان دارالخلافہ ۾ آيس تڏهن هڪ مصري عرب کي سڏايم جنهن منهنجي لاءِ ڏاچيءَ جي پاکڙي جو نمونو تيار ڪرائي، مون کي ڏنو، جو مون هڪ لوهار کان ٺهرائي ورتو. مون ان تي عمدو پلاڻ وجهائي، ان جي خوبصورتيءَ ۾ ڪائي ڪسر ڪانہ ڇڏيم ۽ ان جي مهار بہ ريشم جي تيار ڪرايم. مون وٽ هڪ يمن جو ماڻهو هو، جيڪو حلوي ٺاهڻ ۾ هوشيار ڪاريگر هو. ان کان مون قسم قسم جو حلوو تيار ڪرايو، جن مان هڪ قسم جو حلوو کجور جي شڪل جهڙو هو ۽ ٻيا بہ ڪي قسم هئا.

پوءِ مون اها ڏاچي ۽ حلوو بادشاه جي خدمت ۾ ڏياري موڪليا ۽ کڻي ويندڙ کي سمجهائي ڇڏيم تہ هي سڀ شيون ملڪ دولت شاه جي حوالي ڪجانءِ، جنهن جي لاءِ بہ مون هڪ گهوڙو ۽ بہ اٺ ڏياري موڪليا هئا. ملڪ دولت شاه اهي شيون بادشاه جي حضور ۾ کڻي ويو ۽ اندر وڃي عرض ڪيائين تہ "آخوند عالم! مون هڪ عجيب شيءِ ڏٺي آهي." بادشاه پڇيو تہ "اها ڪهڙي شيءِ آهي؟" تنهن تي هن جواب ڏنو تہ

Marfat.com

"سائين! آڻ ٿي زين." بادشاه فرمايو تہ "جلد اسان جي سامهون پيش ٿئي." آڻ کي تنبوءَ ۾ اندر پهچايو ويو. بادشاه ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ منهنجي هڪ ماڻهوءَ کي چيائين تہ هن ٿي سوار ٿي ڏيکار. هو يڪدم آڻ ٿي سوار ٿيو ۽ ان کي بادشاه جي سامهون دوڙائي ڏيکاريائين. بادشاه هن کي هڪ سؤ درهم ۽ خلعت انعام ۾ ڏني. هو ماڻهو سون وٺ آيو ۽ اچي سڄو احوال سون کي ٻڌايائين، جو پڌي مان ڏاڍو خوش ٿيس ۽ هن کي ٻه آڻ تحفي طور ڏنم. تنهن کان پوءِ سوڻي دارالخلافہ ۾ آيس.

## بادشاه کي منهنجا ٻه ان ٻيا ۽ حلوو پيش ڪرڻ، ۽ منهنجي قرض جي ادائگي

جڏهن منهنجو ماڻهو ان جو نذرانو ڏيئي واپس آيو ۽ سون کي اچي سڄيءَ حقيقت کان آگاهه ڪيائين، تڏهن سون وري ٻيا ٻہ پلاڙ تيار ڪرايا، جن جي اڳئين ۽ پٺئين حصي تي سون جو پاڻي چڙهيل هو، مٿن چانديءَ جا پتر چاڙهيم ۽ ويهڻ واريءَ جاءِ جا استر ڪمخواب جي ڪپڙي جا لڳارايم، ازانسواءِ پاڻي چڙهيل چانديءَ جا گهنگهرو انهن ٻنهي اڻ جي گوڏن تي ٻڌايم. ان کان سواءِ يارهن ڏاکون حلوي جا تيار ڪرايم. ۽ هر هڪ ڏاکوڻءَ جي مٿان ريشمي رومال رکيم. جڏهن بادشاه شڪار تان واپس آيو ۽ ٻئي ڏينهن عام دربار ۾ اچي ويٺو تڏهن سون اهي ان وچي سندس اڳيان پيش ڪيا. بادشاهہ حڪم ڏنو تہ هن جو پنڊ ڏيکار. سون يڪدم سوار ٿي، انهن کي دوڙائي ڏيکاريو، تہ انهن مان هڪ جو (خلخال) پائيل ڪري ٻيو. بادشاه بهاءُ الدين فلڪيءَ کي حڪم ڏنو تہ "پائيل برداري" يعني پائيل وچي ڪڍ، جيڪو هن وچي ڪنيو.

ٻوءِ بادشاه ڏاکن ڏانهن ڏنو ۽ پڇيائين "چہ داري؟ در آن ظرفها حلوه است!" يعني تو وٽ ٻيو ڇا آهي؟ هن ڏاکن ۾

هلوو آهي چا؟ سون چيو ته "هاڻو حضور" بادشاه فقيہ ناصرالدين ترمذي واعظ کي چيو ته "سون اهڙو حلوو، جيڪو فلاڻي شخص (يعني سون) لشکر ۾ اسان ڏانهن موڪليو هو، کڏهن به کونہ کاڌو آهي." ۽ حڪم ڏنائين هي ڏاکون اسان جي خاص مجلس ۾ موڪليا وڃن. بادشاه ٻوءِ عام دربار مان اٿي هليو ويو ۽ سون کي اندر گهرائي، کاڌي آڻڻ جو حڪم ڏنائين. سون ٻيهر اتيئي کاڌو. بادشاه سون کان پڇيو ته "جيڪو حلوو تو اسان ڏانهن موڪليو هو ان جو نالو چا آهي؟" سون عرض ڪيو ته "آخوند عالم! ان حلوي جا ڪيترائي قسم هئا، خبر نہ آهي حضورجن کهڙي قسم جي حلوي جو نالو پڇي رهيا آهن." بادشاه چيو ته "هي طباخ ڪٽي وڃو." هن ملڪ ۾ طيفور ڪي طباق چوندا آهن. طباق پيش ڪري انهن جا رومال لاٿا ويا. بادشاه هڪ حلوي ڏانهن اشارو ڪري پڇيو ته "هن جو نالو چا آهي؟" سون عرض ڪيو ته هن کي لقيمات القاضي (قاضيءَ جا لقما) ڪري سڏيندا آهن. ان وقت هڪ بغداد جو شيخ، جنهن کي سامري ڪري سڏيندا هئا، پاڻ کي آل عباس ڏانهن منسوب ڪندو هو، هڪ وڏو شاهوڪار هو ۽ بادشاه ڪيس پيءُ ڪري سڏيندو هو، سو حسد جي ڪري، سون کي بادشاه جي اڳيان شرمندو ڪرڻ خاطر چوڻ لڳو ته "اهو لقيمات القاضي نہ آهي." پر هڪ ٻيو قسم ڪٽي، جنهن جو نالو جلد الفرس (گهوڙي جي ڪل) هو، چيائين ته "هي لقيمات القاضي آهي."

سڀڪو سامهون وري ناصر الدين ڪاڦي هروي، جيڪو بادشاه جو نديم هو ۽ هن شيخ سان اڪثر بادشاه جي روبرو ڪل مسخري ڪندو هو، ويلو هو، تنهن چيس ته "خواجہ صاحب توهان ڪوڙ تا ڳالهايو ۽ قاضي سچو آهي." بادشاه پڇيو ته سو وري ڪيئن؟" هن عرض ڪيو ته "آخوند عالم! هي شخص قاضي آهي ۽ پنهنجي لقمن کي ايئن ئي نسبت وڏڪ سمجهي

ٿو سگهي." تنهن تي بادشاه کلي چيو ته "بلڪل صحيح آهي." جڏهين اسان کائي چڪاسين تڏهين فقاع پي ۽ پان وٺي گهر هليا وياسين. تنهن کان ٿورو اڳ ۾ خزانچيءَ اچي چيو ته پنهنجا ماڻهو موڪليو ته پيسا کڻي اچن. مون پنهنجا ماڻهو هن سان گڏ موڪلي ڏنا. شام جو جڏهين گهر آيس ته ڏٺم ته اتي ٽي ڳوٿريون پيون هيون، جن ۾ ڇهه هزار ٻه سؤ ٽيٽيهه (٦٢٢٣) تنڪا رکيا هئا، جن مان پنجونجاهه هزار دينار ته مون کي قرض ۾ ڏيڻا هئا، باقي ٻارهن هزار دينارن جو انعام مليو هوم ۽ مٿين ڪل رقم عشر (ڏهون حصو) دستور موجب ڪاٽڻ کان پوءِ ڏني ويئي هئي. تنڪا مغرب جي اڍائي سؤن دينارن جي برابر ٿيندو آهي.

## بادشاه جو ٻاهر وڃڻ، ۽ مون کي دارالخلافه ۾ رهڻ جو حڪم ڏيڻ

جمادالاول جي نائين تاريخ بادشاه معبر جي ملڪ ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪري اوڏانهن روانو ٿيو، ڇو ته اتي سندس هڪ نائب (سيد حسن شاه) باغي ٿي ويو هو، جنهن کي منهن ڏيڻو هوس. مون پنهنجو سڀ قرض ادا ڪري ڇڏيو هو ۽ سفر جو پڪو ارادو ڪيو ويٺو هوس. ڪيوانين، فراشن، ڪهارن ۽ اڳيان ڊوڙندڙن کي نون مهينن جو پگهار به اڳواٽ ڏيئي ڇڏيو هوم، پر مون کي حڪم مليو ته مان دارالخلافه ۾ رهان ۽ حاجب مون کان ان حڪم نامي تي صحيح به وٺي ڇڏي، جنهن جو مطلب هو ته مون کي حڪم نامو ملي ويو هو. اهو هن ملڪ جو رواج آهي ته متان جنهن کي حڪم نامو پهچايو وڃي، سو ان جي پهچ کان انڪار ڪري ڇڏي.

بادشاه منهنجي لاءِ ڇهن هزارن درهمي دينارن ڏيڻ جو حڪم ڪيو ۽ ابن قاضي مصر لاءِ ڏهن هزارن جو ۽ اهڙيءَ

Marfat.com

طرح جنهن به غير ملكيءَ كي ترسڻ جو حڪم ملیو هو، تنهن كي انعام ڏنو ويو. پر اتي جي ماڻهن كي ڪجهه به ڪونه ڏنو ويو. بادشاه مون كي اهو به حڪم ڏنو ته "توكي سلطان قطب‌الدين جي مقبري جو متولي مقرر ڪيو ويو آهي، تنهنكري ان جو سڄو بندوبست تنهنجي ذمي آهي." بادشاه ان مقبري جي، جنهن جو بيان اڳتي ايندو، تمام گهڻي تعظيم ڪندو هو، ڇو ته، ڪنهن زماني ۾ هو سلطان قطب الدين جي نوكريءَ ۾ رهي چڪو هو. مون كيترائي پيرا ڏنو هو ته بادشاه ان مقبري ۾ اڇي سلطان قطب الدين جا جوتا كڍي، چمي، پنهنجي مٿي تي ركندو هو. هن ملك ۾ اهو به رواج آهي ته بيت جا جوتا سندس قبر جي پرسان هڪ ٻاهين جاءِ تي ركندا آهن.

بادشاه جڏهين به مقبري ۾ ايندو هو تڏهين اهڙيءَ طرح سان نمي سلام ڪندو هو، جهڙيءَ طرح هو بادشاه جي زندگيءَ ۾ ڪندو هو. هن جي بيوه زال جي به ڏاڍي عزت ڪندو هو، ڪيس پيش ڪري سڏيندو هو ۽ هن كي پنهنجي حرم ۾ رهڻ لاءِ هڪ خاص جڳهه، ڏني هٿائين، پوءِ هن جو نڪاح ابن قاضي مصر سان ڪري ڇڏيو هٿائين، جنهن سبب ڪري هن كي به گهڻو نوازيندو رهندو هو ۽ هر جمعي تي بادشاه هن عورت سان ملڻ ويندو هو.

جڏهن بادشاه روانو ٿيڻ وقت اسان كان موكلائڻ لاءِ اسان كي گهرايو، تڏهن ابن قاضي مصر آڏي بيهي عرض ڪيو ته "ان حضور جن كان جدا رهڻ نٿو چاهيان." تنهن تي بادشاه چيس ته "چگهو پلا تون وڃي پنهنجي سفر جو سامان تيار ڪر." اهو هن جي لاءِ ڏاڍو سٺو ٿيو. هن كان پوءِ ان اڳتي وڌيس ۽ شهر ۾ رهڻ ئي چاهيم، سو وري سنهنجي لاءِ مصيبت جو باعث ٿيو.

بادشاه مون كان پڇيو ته "توكي ڪجهه عرض ڪرڻو

Marfat.com

اهي؟" مون يڪدم پنهنجي ياداشت وارو ڪاغذ ڪڍيو، پر بادشاه فرمايو ته "پنهنجي زبان سان چؤ." مون عرض ڪيو ته "آخوند عالم! توهان مون کي قاضي مقرر ڪيو آهي، پر مان اڃا پنهنجي عهدي تي قائم نه ٿيو آهيان. حالانڪ منهنجو مطلب انهي عهدي جي بزرگي قائم رکڻ به آهي. تنهن تي بادشاه منهنجي مقرري ۽ ٻه نائب مقرر ڪرڻ جو حڪم ڏنو. وري پڇيائين ته "ٻيو ڪجهه؟" مون عرض ڪيو ته "سلطان قطب الدين جي مقبري جو ڪم منهنجي حوالي ڪيو ويو آهي، جنهن لاءِ مون چار سؤ سٺ ماڻهو مقرر ڪيا آهن، پر ان جي سڀني وقفن جي آمدني انهن جي کاڌي ۽ خرچ لاءِ پوري ڪانه پوندي." جنهن تي بادشاه وزير ڏانهن منهن ڪري چيو ته "آمدني پنجاه هزار آهي". ۽ حڪم ڏنائينس ته "لک من غله بده" يعني هڪ لک مڻ اناج ڏينس، ۽ مون کي چيائين ته "جيستائين مقبري جو اناج اچي نيستائين اهو اناج هلاءِ." غله جو مطلب ڪڻڪ ۽ چانور آهي.

هن ملڪ جو مڻ مغربي ويهن رطلن جي برابر ٿيندو آهي. تنهن کان پوءِ بادشاه پڇيو ته "ٻيو ڇا عرض ڪرڻو اٿيئي؟" مون عرض ڪيو ته "منهنجا ڪي ساٿي هن ڪري قيد ڪيا ويا آهن ته هنن انهن گوٺن، جن جي عيوض مون کي ٻيا ڳوٺ مليا آهن، جي ڪجهه وصولي ڪئي آهي. هاڻي ديوان وارا ٿا چون ته توکي اتان جيڪا به آمدني ٿي آهي، سا خراني ۾ جمع ڪراءِ يا بادشاه جو حڪم آڻ ته اها تقاضا معاف ڪئي وڃي." بادشاه پڇيو ته اتان توکي ڪيتري آمدني ٿي آهي؟ مون عرض ڪيو ته "پنج هزار دينار". تنهن تي بادشاه فرمايو ته "چڱو اها رقم اسان توکي انعام طور ڏني". پوءِ مون ٻيو عرض ڪيو ته "جيڪو گهر بادشاه سلامت مون کي رهڻ لاءِ ڏنو آهي، سو بالڪل جهونو ٿي ويو آهي ۽ مرمت جوڳو آهي". تنهن تي وزير کي حڪم ڪيائين ته "عمارت کنيد" يعني جڳهه ٺهرائي وڃي. پوءِ مون کي

Marfat.com

چيائين ته ”ٻيو به ڪجهه باقي رهيو اٿيئي ڇا.“ مان عرض ڪرڻ تي هوس ته يڪدم چيائين ته ”وصيت ديگر است....“ يعني مان توکي وصيت ٿو ڪريان ته تون قرض نه کڻندو ڪر، ممڪن آهي ته توکي قرضخواه ڪا تڪليف ڏين ۽ اسان کي خبر ئي نه پهچي سگهي؛ بلڪ مان جيڪي ڪجهه توکي ڏيان ٿو ان کان وڌيڪ خرچ نه ڪر، ڇو ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته ”فلاتجعه يد لڪ مغلولة ولا تبسطها كل البسط و كلوا و اشر بوا ولا تسر فوا و الذين اذا انفقوالم يسر فوا و كان بين ذالڪ قواما.“ هي ٻڌي مون ارادو ڪيو ته بادشاه جا پير چمان، سو جيئن ئي هيٺ نميس ته بادشاه کڻي مون کي مٿي کان جهليو ۽ ائين ڪرڻ کان منع ڪيائين.

پوءِ بادشاه جا هٿ کڻي، چمي، مان ٻاهر نڪتس ۽ شهر ۾ اچي مون پنهنجي جاءِ ٺهرائڻ شروع ڪئي، جنهن تي منهنجا چار هزار دينار خرچ ٿيا، جن مان ڇهه سو دينار مون کي خزاني مان مليا، باقي ٻيا مون پنهنجي هڙان خرچ ڪيا هئا. مون پنهنجي گهر جي سامهون هڪ مسجد به ٺهرائي ڇڏي. ان کان پوءِ سلطان قطب الدين جي مقبري جي انتظام ۾ لڳي ويس. بادشاه حڪم ڏنو هو ته ان تي هڪ سو گز ڊگهو قبو ٺهرايو وڃي، يعني عراق جي بادشاه قاران جي ٺهيل قبي کان ويهه گز زياده اوچو، ۽ اهو به حڪم ڏنائين ته ويهه ڳوٺ خريد ڪري مقبري لاءِ وقف ڪيا وڃن ۽ خريد ڪرڻ جو حڪم به مون کي ڏنو ويو، جيئن عشر (ڏهون حصو) جو فائدو به دستور موجب مون کي ملي.

## مقبري جو انتظام

هندستانين جو اهو به دستور آهي ته مردن جي قبرن تي سڀ شيون جيڪي انهن جي زندگيءَ ۾ ضروري هونديون آهن،

Marfat.com

موجود رکندا آهن. اهڙيءَ طرح سان هاٿي ۽ گهوڙا به اتي اچي ٻڌي ڇڏيندا آهن ۽ قبر کي تمام گهڻو سينگاريندا آهن. مون به ائين ڪيو ۽ ڏيڍ سو قرآن پڙهڻ وارا، جن کي هن ملڪ ۾ ختمين ڪري چوندا آهن، نوڪريءَ ۾ رکيا ۽ اسي طالب علمن جو انتظام ڪيم؛ اٺ مڪررين (١) ۽ مدرس به پگهار تي رکيم، ۽ اسي صوفين جو انتظام ڪيم. ازانسواءِ هڪ امام، ڪيترائي سريلا مؤذن، قاري، مولودن وارا، حاضري نويس ۽ معترف به پگهار تي رکيم. انهن سڀني کي گڏي هن ملڪ ۾ ارباب ڪري چوندا آهن. ٻئي قسم جا ملازم جن کي حاشيا ڪري چوندا آهن، سي به رکيم، جي هئا، فراش، طباخ (پچائڻ ۽ رڌڻ وارا)، روشني ڪرڻ وارا، آبدار (بهشتي يا سقه)، شرب دار يعني شربت پيارڻ وارا، تنبول دار يعني پان وارا، سلحدار، نيزه دار، ڇٽ دار، طشت دار، حاجب ۽ نقيب. اهي ڪل چار سو سٺ ماڻهو هئا.

بادشاه جو حڪم هو ته هر روز ٻارهن مڻ اٽو ۽ ٻارهن مڻ گوشت استعمال ڪيو وڃي. پر مون ڏٺو ته اهو ڪافي نه هو، ۽ زمين جنهن لاءِ حڪم مليو هو سا گهڻي هئي، تنهنڪري مون حڪم ڏنو ته پنجٽيهه مڻ اٽو ۽ پنجٽيهه مڻ گوشت هرروز استعمال ڪيو وڃي، ۽ انهيءَ حساب سان کنڊ، نباتون، گيهه ۽ پان به استعمال ٿيندا هئا جنهن مان مقبري وارن ۽ مسافرن کي کاڌو ڏنو ويندو هو. ڏڪار جي زماني ۾ ماڻهن کي هن لنگر مان تمام گهڻي مدد ملي، تنهن سبب مان تمام گهڻو مشهور ٿي ويس. ايتري قدر جو جڏهن ملڪ صبيح دولت آباد ويو ۽ بادشاه پنهنجي دهليءَ جي نوڪرن بابت هن کان پڇا ڳاڇا ڪئي تڏهن هن عرض ڪيو ته دهليءَ ۾ فلاڻي شخص (يعني مون) جهڙا جيڪڏهن ٻه ٽي ٻيا به ماڻهو هجن ته هوند غريبن کي ڪا به تڪليف ڪا نه پهچي.

---

(١) شايد هي ماڻهو اهي آهن، جيڪي قرآن شريف جي ڪا به هڪ سورة بار بار پڙهندا آهن. — مترجم

Marfat.com

هي هڏي بادشاه ڏاڏي خوش ٿيو ۽ پنهنجي خاص لباسن مان سون کي هڪ خلعت موڪلي ڏنائين.

شب برات، پنهي عيدن تي، عيد ميلاد النبي، عاشوري جي ڏينهن، ۽ سلطان قطب الدين جي وفات جي ڏينهن، هڪ سو من اٺو ۽ هڪ سو من گوشت پچارائي، غريبن ۽ مسڪينن کي کارائيندو هوس. ۽ جن خاص ماڻهن جي گهر کاڌو موڪليو ويندو هو، اهو ان کان سواءِ هو- هن رواج جو بيان مان کولي ٿو لکان.

## ماڻهن کي وليمي مان کاڌي ڏيڻ جو رواج

هندستان ۽ سراءِ جي ملڪن جو اهو دستور آهي ته جڏهن وليمي جو کاڌو کائي بس ڪندا آهن، تڏهن هر هڪ شرفا، فقيه، مشائخ ۽ قاضيءَ جي اڳيان پينگهي جي شڪل جهڙو هڪ خوان، جنهن جي هيٺان چار پاوا هوندا آهن ۽ سچو ڪجيءَ جي پتن جو ٺهيل هوندو آهي، آڻي رکندا آهن. پهريائين ان تي مانيون رکي، انهن جي مٿان هڪري جي پڪل منڊي ۽ گيهه ۽ تريل چار ٽڪيون، جن ۾ حلوو صابونه پريل هوندو آهي، رکندا آهن، ۽ انهن جي مٿان حلوي جا چار ٽڪرا، ۽ هڪ چمڙي جي لنڊي طبق ۾ سموسا ۽ حلوو وجهي رکندا آهن. ۽ جيئن جيئن ماڻهو مرتبي ۾ گهٽ هوندا آهن ته هڪري جي منڊيءَ جو اڌ ۽ ٻيون شيون به انهيءَ حساب سان؛ ۽ اڇا به گهٽ درجي وارن ڏي چوٽون حصو وغيره موڪلي ڏيندا آهن. پوءِ هر هڪ ماڻهوءَ جي اڳيان جڏهن اهو خوان رکو ويندو آهي، تڏهن هو آهو پنهنجي پنهنجي گهر کڻي ويندو آهي. اهو رواج پهريائين سون سلطان ازبوڪ جي دارالخلافه شهر سراءِ ۾ ڏٺو هو. سون پنهنجن ماڻهن کي منع ڪري چڏي هئي ته هو اهو کاڌو نه کڻن، چو ته اهو اسان جي اصول جي خلاف هو. اهڙيءَ طرح سان وڏن وڏن ماڻهن جي گهر اهڙي طريقي سان وليمي جي مالي موڪلي ويندي هئي.

## فصل ٽيون

# هزار امروهه ڏانهن سفر

بادشاه جي حڪم موجب وزير مون کي فقط ڏهه هزار مڻ اناج ڏنو ۽ باقيءَ لاءِ حڪم نامو لکي ڏنائين (١) ته هزار امروهه مان ڏنو وڃي. ان وقت اتي جو والي عزيز خمار هو ۽ اتي جو امير شمس الدين بدخشاني هو. مون پنهنجا ماڻهو اوڏانهن موڪليا، جن وڃي ان مذڪور اناج مان ڪجهه وصول ڪيو ۽ موٽي اچي عزيز خمار جي سخت رويي جي شڪايت ڪيائون. پوءِ رهيل اناج وٺڻ لاءِ مان خود اوڏانهن روانو ٿيس. هي علائقو دهليءَ کان ٽن ڏينهن جي سفر تي آهي. برسات جي موسم هئي، مان ٽيٽيهه ماڻهو پاڻ سان وٺي ويو هوس، ۽ ٻه تمام سٺا ڳائيندڙ، جيڪي ٻيئي ڀائر هئا، به ساڻ کنيا هئم.

اسان جڏهن بجنور (٢) ۾ پهتاسين، تڏهن اتان مون ٽي ڳائڻا ٻيا به پاڻ سان کنيا، هو به ٽيئي ڀائر هئا. مان ڪڏهين ٻن ڀائرن جو راڳ ٻڌندو هوس ته ڪڏهن هنن ٽن ڀائرن جو. آخر اچي امروهه ۾ پهتاسين. هي هڪ ننڍڙو مگر خوبصورت شهر آهي. اتي جا رهواسي اسان جي استقبال لاءِ شهر کان ٻاهر آيا، انهن ۾ شهر جو قاضي شريف علي ۽ خانقاهه جو شيخ به هئا،

---

١- هندستان ۾ هيءُ شهر مراد آباد جي ضلعي ۾ آهي ۽ مراد آباد کان ٣٣ ميل ڏکڻ اولهه طرف آهي. — مترجم

٢- بجنور پڻ هندستان ۾ هڪ قديم شهر آهي. — مترجم

Marfat.com

جن ٻنهي گڏجي منهنجي چڱيءَ طرح سان خاطر تواضع ڪئي. عزيز خمار ان وقت افغان پور ۾ هو، جيڪو سرو درياءُ تي ٻڌل آهي. هي درياءَ اسان جي ۽ افغان پور جي وچ ۾ هو، ان تي ڪابه ٻيڙي ڪانه هئي. تنهنڪري اسان ڪاٺ ۽ گاهه مان هڪ ننڍي ٻيڙي، تيار ڪري، سامان ان تي رکي، پار پهچايو ۽ اسان وري ٻئي ڏينهن درياءُ پار ڪري وياسين.

عزيز خمار جو ڀاءُ نجيب پنهنجا ڪي ماڻهو وٺي اسان جي استقبال لاءِ آيو ۽ اسان جي لاءِ انهن هڪ ڪئمپ ٺاهي. پوءِ هن جو ڀاءُ جيڪو والي هو، سو آيو. هي ظلم جي ڪري مشهور هو. سندس ماتحت ڏيڍ هزار ڳوٺ هئا، جن جي آمدني سٺ لک سالاني هئي ۽ هن کي هن آمدنيءَ جو ويهون حصو ملندو هو. هن درياءَ جي وري هڪ عجيب خاصيت آهي جا هيءَ آهي ته برسات جي موسم ۾ ڪوبه ماڻهو هن جو پاڻي استعمال نه ڪندو آهي ۽ نه ئي وري ڪنهن جانور کي پياريو ويندو آهي.

اسان ٽي ڏينهن ان جي ڪناري تي ترسيل هئاسين، پر اسان مان ڪنهن به ان جو پاڻي نه پيتو ۽ نه ڪوئي ان جي ويجهو ويو. هي درياءُ هماليه جبل مان نڪرندو آهي، جنهن ۾ سون جي کاڻ آهي. هيءُ درياءُ زهريلين ٻوٽين جي مٿان وهي ايندو آهي، تنهنڪري جيڪو به ان جو پاڻي پيئندو آهي سو مري ويندو آهي. هيءُ جبل ٽن مهينن جي سفر جيترو ڊگهو، سڌو ئي سڌو هليو ٿو وڃي ۽ ان جي ٻئي پاسي تبت جو ملڪ آهي جتي مشڪ وارا هرڻ ٿيندا آهن. هن جبل ۾ مسلمانن جي لشڪر جي جيڪا بري حالت ٿي هئي، تنهن جو اڳ ۾ بيان ڪري آيا آهيون.

هن شهر ۾ مون وٽ حيدري فقيرن جي هڪ ٽولي آئي جن پهريائين ته سماع ڪيو، پوءِ هڪ وڏي باهه ٻارائي سڀ ان ۾ گهڙي ويا ۽ انهن کي ڪجهه به نقصان نه رسيو، جنهن جو بيان اڳ به ڪري آيو آهيان. هن علائقي جي امير شمس الدين بدخشانيءَ ۽ والي عزيز خمار جي وچ ۾ ڪجهه اڻبڻت ٿي پيئي

Marfat.com

هڻي تنهنڪري شمس الدين هن سان لڙائي ڪرڻ آيو، پر عزيزخمار گهر ۾ لڪي ويهي رهيو. پوءِ ڪنهي هڪڙي جي شڪايت وزير ڏانهن لکي موڪلي، جنهن مون کي، ملڪ شاهه امير الممالڪ، جنهن جي هٿ هيٺ چار هزار شاهي غلام هئا، ۽ شهاب الدين رومي ۽ کي چوائي موڪليو ته هنن جي جهگڙي جو فيصلو ڪري، جيڪو ڏوهي هجي، تنهن کي پڏي، دارالخلافه ڏانهن موڪليو وڃي.

سڀ اڇي منهنجي گهر ۾ گڏ ٿياه عزيز خمار، شمس الدين تي ڪهڙيون ڏي دعوائون ڪيون جن مان هڪ هي ۽ هڻي ته شمس الدين جو هڪ ملازم رضي ملتاني نالي، سندس (عزيز خمار جي) خزانچي ۽ جي گهر اڇي لٽو ۽ شراب پي خزانچي ۽ جي مال مان پنج هزار دينار چورايائين. مون رضي ۽ کان پڇيو ته جواب ڏنائين ته "مون کي اٺ سال ٿيا آهن، جڏهن ملتان کان آيو آهيان، شراب ڪونه پيتو آهيم". مون پڇيومانس ته "پلا ملتان ۾ تو شراب پيتو هو؟" ته چيائين ته "هائو." مون پڪدم هن کي اسي درا هڻايا ۽ عزيز خمار جي مقدمي ۾ هن کي جيل ۾ وڃهايم.

مان امروهه ۾ ٻه مهينا رهي واپس موٽيس ۽ هر روز پنهنجن ماڻهن لاءِ هڪ ڪٻون ذبح ڪرائيندو هوس. مان پنهنجي سائين کي ٻوڌتي چڏي آيو هوس ته عزيز خمار کان اناج وٺي اچن. هن ڪوٽ وارن کي لکي موڪليو ته ويهه هزار من اناج تن هزارن ڏاندن تي ڏوڙي پهچائي ڏين. هندستان جا ماڻهو ڏاندن تي بار ڏوڙيندا آهن ۽ سفر جو سامان به انهن تي ئي لڏيندا آهن. گڏه تي سواري ڪرڻ عيب سمجهندا آهن. هن ملڪ ۾ گڏهه نندي قد جا ٿيندا آهن. ڪنهن به ماڻهوءَ کي جيڪڏهن خوار خراب ڪرڻو هوندو اڻن ته ان کي موڇڙا هڻي گڏهه تي چاڙهي گهمائيندا آهن.

## ڪن دوستن جي مون سان مهرباني ڪرڻ

سيد ناصرالدين اوهري جڏهن سفر تي وڃو هو تڏهن مون

Marfat.com

وٽ ٻه سو سٺ تنڪه امانت طور ڇڏي ويو هو، جيڪي مون خرچ ڪري ڇڏيا هئا. مان جڏهن امروهه کان واپس آيس تڏهن خبر پيم ته ناصرالدين ان رقم وٺڻ لاءِ خداوند زادي قوام الدين کي چئي ڇڏيو آهي، جيڪو وزير جو نائب ٿي آيو هو. مون کي ائين چوندي شرم ٿي آيو ته مون اها رقم خرچ ڪري ڇڏي آهي. تنهنڪري ان رقم جو ٽيون حصو ته مون هن کي ڏيئي ڇڏيو ۽ ڪجهه ڏينهن گهر کان ٻاهر ڪونه نڪتس، ۽ جلد ئي مشهور ٿي ويو ته مان بيمار ٿي پيو آهيان.

ناصر الدين خوارزمي صدر جهان مون سان ملاقات لاءِ آيو ۽ مون کي ڏسي چيائين ته "تون بيمار ته ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچين". مون جواب ڏنس ته "ٻاطني بيماري اٿم". پڇيائين ته "ڪهڙي؟" تنهن تي مون چيومانس ته "پنهنجي نائب شيخ الاسلام کي مون ڏانهن موڪلجو ته ان کي ٻڌائيندس". جڏهن هو مون وٽ آيو تڏهن مون کيس سڄو حال کولي ٻڌايو. پوءِ هن (صدر جهان) مون ڏانهن هڪ هزار دينار موڪلي ڏنا. هن جا هڪ هزار دينار اڳ ۾ به مون تي قرض هئا. جڏهن خداوند زادي مون کان باقي رقم جي گهر ڪئي، تڏهن سوچيم ته صدر جهان شاهوڪار ماڻهو آهي، اهو ئي هن موقعي تي منهنجي مدد ڪري سگهندو، سو مون هن ڏالهن زين سوڌو گهوڙو، جنهن جي قيمت سورنهن سؤ دينار هئي، ٻه خچر جن جي قيمت ٻارنهن سؤ دينار هئي، هڪ چانديءَ جو ترڪش ۽ ٻه تلوارون جن جي ميانن تي چاندي چڙهيل هئي، موڪلي ڏنا ۽ چوائي موڪليومانس ته هنن جي قيمت ڪٿي، جيڪا رقم ٿئي سا موڪلي ڏئي. هن ڇا ڪيو جو ڪل ٽي هزار دينار قيمت ٺهرائي، پنهنجا مون تي جيڪي ٻه هزار دينار قرض هئس سي ڪاٽي، باقي هڪ هزار دينار موڪلي ڏنائين.

هي (رنگ) ڏسي، مون کي ڏاڍو ارمان ٿيو ۽ انهيءَ ڳڻتي سبب مون کي بخار چڙهي ويو ۽ دل ۾ چيم ته جيڪڏهن وزير

مان ٿو اها شڪايت ڪريان ته پاڻ ڳالهه وڌيڪ کلندي، تنهنڪري کڻي چپ ڪيم. پوءِ پنج گهوڙا، ٻه ٻانهيون ۽ ٻه غلام مغيث الدين محمد بن عماد الدين سمنانيءَ ڏانهن موڪلي ڏنم. جنهن جوان اهي مون ڏانهن واپس موڪلي ڏنا ۽ ٻه سؤ تنڪه به مون کي موڪلي، مون تي وڏي مهرباني ڪيائين. ۽ مون اها رقم خداوند زادي کي ادا ڪري پنهنجي جند آزاد ڪرائي.

## بادشاه جو منزل ڏانهن وڃڻ

جڏهن بادشاه معبر جي ملڪ ڏانهن وڃي رهيو هو ۽ تلنگانه جي ملڪ مان ٿي لنگهيو، ته اتي اچي لشڪر ۾ وبا پيئي، جنهن ڪري بادشاه دولت آباد موٽي آيو ۽ اتان وري گنگا نديءَ جي ڪناري تي اچي ترسيو ۽ ماڻهن کي حڪم ڏنائين ته اتي پنهنجا گهر ٺاهين. مان به انهن ڏينهن اتي ويس ۽ انهيءَ وقت ۾ عين الملڪ جي بغاوت جو واقعو ٿيو هو. مان بادشاه جي خدمت ۾ رهيس. بادشاه پنهنجي خاص گهوڙن مان مون کي هڪ گهوڙو عطا ڪيو ۽ پنهنجي خاص ماڻهن ۾ شامل ڪرڻ فرمايو. پوءِ بادشاه سان عين الملڪ جي لڙائيءَ ۾ شامل ٿيس ۽ گنگا ندي پار ڪيم. ان کان سواءِ سرو ندي پار ڪري صالح البطل سالار مسعود جي قبر جي زيارت لاءِ ويس، ۽ بادشاه جڏهن دارالخلافه دهليءَ کان ٿي موٽيو ته مان ان سان گڏ هوس.

## بادشاه جي ناراضگي ۽ خدا جي فضل سان منهنجي جند آزاد ٿيڻ

هڪ دفعي مان شيخ شهاب الدين ابن شيخ جام سان ملاقات لاءِ سندس غار ۾، جيڪو دهليءَ کان ٻاهر هو، ويو هوس. منهنجو مطلب فقط غار کي ڏسڻ جو هو. پوءِ جڏهن بادشاه هن کي گرفتار ڪيو ۽ هن جي پٽن کان پڇيائين ته

Marfat.com

توهان جي پيءُ سان ڪير ڪير ملڻ ايندا هئا، ته هنن ٻين سان گڏ منهنجو نالو به کنيو. بادشاه يڪدم حڪم ڏنو ته منهنجي ديوان خاني تي چئن غلامن جو پهرو لڳايو وڃي. جڏهن به ائين ٿيندو آهي، تڏهن ان ماڻهوءَ جو، جنهن تي پهرو لڳايو ويندو آهي، بچڻ مشڪل ٿيندو آهي. مون تي جمعي جي ڏينهن کان پهرو بيهي ويو. مون "حسبنا الله و نعم الوڪيل" پڙهڻ شروع ڪيو ۽ انهيءَ ڏينهن مون ٽيٽيهه هزار ڀيرا اهو پڙهيو. رات جو به ديوان خاني ۾ ئي رهندو هوس ۽ پنجن ڏينهن جو هڪ روزو رکيم ۽ هر روز ڪلام الله پورو ڪندو هوس. اتي مان پاڻيءَ سان روزو کوليندو هوس ۽ پنجن ڏينهن کان پوءِ روزو کولي وري چئن ڏينهن جو روزو رکيم. آخر شيخ جي قتل کان پوءِ مون کي آزادي ملي. والحمد الله تعاليٰ.

## منهنجو نوڪري ڇڏي تارڪ الدنيا ٿيڻ

پوءِ منهنجي دل نوڪريءَ مان کٽي ٿي پيئي، تنهنڪري وڃي شيخ امام عالم عابد زاهد خاشع فريد الدهر و جيدالعصر شيخ ڪمال الدين عبدالله غازيءَ جي خدمت ۾ رهيس. هيءُ بزرگ وڏو ولي الله شخص هو، جنهن جون ڪرامتون مشهور هيون، جن جو مان اڳ ۾ بيان ڪري آيو آهيان. مان دنيا ترڪ ڪري، پنهنجو سڀ مال فقيرن ۽ مسڪينن ۾ ورهائي ڏيئي، شيخ وٽ هليو ويس. شيخ ڏهن ڏينهن جو روزو رکندو هو ۽ ڪڏهن ته ويهن ڏينهن جا روزا به رکندو هو. منهنجي دل به چاهيو ته مان به ائين ڪريان، پر شيخ منع ڪندو هو ۽ چوندو هو ته عبادت ۾ پنهنجي نفس تي سختي نه ڪر ۽ دل سان توبهه تائب ٿيڻ واري لاءِ سفر ڪرڻ وقت پيادي هلڻ جي ڪا ضرورت نه آهي. مون وٽ اڃا به ڪجهه مال هو، جنهنڪري منهنجي دل ۾ اڃا به کٽڪو رهندو هو، تنهنڪري جيڪي به مون وٽ

Marfat.com

هو سو ڏيئي ڇڏيم. رڳو جان جا ڪپڙا به هڪ گداگر کي ڏيئي، سندس ڪپڙا وٺي پاڻ پاتم، ۽ پنجن مهينن تائين هن شيخ وٽ رهيس. انهن ڏينهن بادشاه سنڌ جي ملڪ ۾ ويل هو.

## بادشاه جو مون کي واپس نوڪريءَ لاءِ سڏڻ ۽ منهنجو انڪار ڪري عبادت ۾ جهد ڪرڻ

جڏهن بادشاه کي خبر پهتي ته مان تارڪ الدنيا ٿي ويو آهيان، تڏهن مون کي پاڻ وٽ گهرائي ورتائين. ان وقت بادشاه سيوستان (سيوهڻ) ۾ هو. مان فقيرن جي ڪپڙن ۾ بادشاه جي سامهون حاضر ٿيس. مون سان بادشاه تمام نرميءَ سان ٿي ڳالهايو ۽ وري سندس نوڪري ڪرڻ لاءِ مون کي زور ڪرڻ لڳو. پر مون صاف انڪار ڪيو ۽ کائنس حجاز جي سفر لاءِ اجازت گهريم. جيڪا هن منظور ڪئي. پوءِ مان بادشاه وٽان واپس هليو آيس، ۽ هڪ خانقاهه ۾ جيڪا ملڪ شير جي نالي سان منسوب هئي، ترسي پيس. هي جماد الثانيءَ جون آخري تاريخون ۽ سنه ٧٤٢ هجري هو. مان رجب وارو سڄو مهينو ۽ شعبان جي ڏهين تاريخ تائين اتي عبادت ڪندو رهيس. هت مون پنجن پنجن ڏينهن جو روزو رکڻ شروع ڪيو ۽ پنجين ڏينهن ٿورا چانور بنا ٻوڙ جي کائيندو هوس. جنهنڪري پيٽ تي ٻار ٿي پوندو هوم، ۽ جيستائين الٽي نه ڪندو هوس، تيستائين آرام ڪين ايندو هوم. اهڙيءَ طرح سان چاليهه ڏينهن پورا ڪيم.

## بادشاه جو مون تي راضي ٿيڻ ۽ مون کي چين جو سفير ڪري موڪلڻ

جڏهن چاليهه ڏينهن پورا ٿيا، تڏهن بادشاه مون ڏانهن هڪ زين سميت گهوڙو، ٻانهيون، غلام، خرچ ۽ ڪپڙا موڪلي ڏنا.

Marfat.com

پوء مون اهي ڪپڙا پهريا، مون وٽ هڪ سوئي نيري رنگ جو استر پيل جبو هو، جيڪو مان عبادت جي وقت پهريندو هوس؛ سو لاهي جڏهن شاهي ڪپڙا ڏيکيم تڏهن پاڻ کي سڃاڻي ڏي نه پيو سگهان ۽ جڏهن هن جبي ڏانهن پيو ڏسان تہ پنهنجي اندر ۾ نور پيو ڏسان.

اهو جبو مون وٽ ان وقت تائين رهيو، جنهن وقت سمنڊ ۾ هندن امان کي قريو ۽ ڪپڙا به لاهي هليا ويا، جڏهن مان بادشاه وٽ پهتس تڏهن هن منهنجي اڳي کان به وڌيڪ عزت افزائي ڪئي ۽ فرمايائين تہ مان توکي چين جي بادشاه وٽ پنهنجو سفير ڪري ٿو موڪليان، جو تہ مون کي خبر آهي تہ توکي سفر ڪرڻ ۽ گهڻن ڏورڻ جو تمام گهڻو شوق آهي. پوء بادشاه منهنجي سفر جو سامان تيار ڪرايو ۽ مون سان گڏ هلڻ لاء ماڻهو مقرر ڪيائين، جن جو مان پوء بيان ڪندس.

## چين جي بادشاه ڏانهن ٿيڻا موڪلڻ

چين جي بادشاه، هڪ سؤ غلام ۽ هانهيون، پنج سؤ ٽان ڪمخواب جا، جن مان هڪ سؤ ٽان زيتون جي شهر جا نهيل ۽ هڪ سؤ ٽان خنسان جي شهر جا هئا، پنج من مشڪ، پنج وڳا ڪپڙن جا جن تي جواهر لڳل هئا، پنج طلاڪار ترڪش، ۽ پنج تلوارون بادشاه ڏانهن موڪليون هيون، ۽ اهو به لکي موڪليو هئائين تہ ڪيس قراجيل جبل ۾ هڪ جڳهه تي، جنهن کي سمهل ڪري چوندا هئا، بتخاني ٿهرائڻ جي وري اجازت ڏي وڃي. اتي چين جا ماڻهو ياترا لاء ايندا آهن ۽ جڏهن اتي اسلامي لشڪر حملو ڪيو هو، تڏهن ان شهر جي بتخاني کي ٻڌي پوري تباه ڪري ڇڏيو هئائون.

هينئر، جو بادشاه چين اجازت لاء لکيو، تنهن جي جواب ۾ بادشاه جواب موڪليس تہ اسلامي ملڪ ۾ سواء ان ماڻهوء جي

جيڪو جزيه پرڻ قبول ڪري، ٻئي ڪنهن کي به بتخاڻي ناهن جي اجازت نٿي ملي سگهي. جيڪڏهن بادشاهِ چين جزيه ڏيڻ قبول ڪري تہ پوء اجازت ڏي سگهي ٿي. ان سان گڏ بادشاه، جيڪي تحفا هن ڏانهن موڪليا، سي هن جي تحفن کان تمام گهٽا هئا، جي هئا: هڪ سؤ هندو غلام ۽ هڪ سو ٻانهيون، جيڪي راڳ ۽ ناچ ڄاڻنديون هيون، هڪ سؤ بيربيه ڪپڙي جا ٿان، جيڪي ڪپهه سان تيار ڪيل هئا ۽ بينظير هئا جو هڪ هڪ ٿانَ جي قيمت سؤ، سؤ دينار هئي؛ هڪ سؤ ٿان ريشمي ڪپڙي جا، جنهن کي جزّ ڪري چوندا آهن ۽ پنجن رنگن جو ريشم انهن ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي، هڪ سؤ چار ٿان صلاحيه ڪپڙي جا، هڪ سؤ ٿان شيرين باف جا، پنج سؤ ٿان مرغر ڪپڙي جا، جن سان هڪ سؤ ٿان ڪاري رنگ جا، هڪ سؤ ٿان سفيد رنگ جا، هڪ سؤ ٿان گاڙهي رنگ جا، هڪ سؤ ٿان سائي رنگ جا، ۽ هڪ سؤ ٿان نيري رنگ جا هئا، هڪ سؤ ٿان ڪتان رومي جا، هڪ سؤ صدرين نهايت قيمتي ڪپڙي جون، هڪ وڏو تنبو ۽ ڇهه ننڍا تنبو، چار شمعدان سون جا، ۽ ڇهه شمعدان چانديء جا، ۽ چار طشتريون سون جون، اهڙي قسم جي ڪوئرن سميت، ۽ ڇهه طشتريون چانديء جون، ڏهه بادشاه جي لباس مان خلعتون جن تي زريءَ جو ڪم ٿيل هو، ڏهه بادشاه جي پهرڻ جون شاهيه ٽوپيون جن مان هڪ تي جواهر لڳل هئا، ڏهه طلاڪار ترڪش جن مان هڪ تي جواهرات جو ڪم ٿيل هو، ڏهه تلوارون جن مان هڪ جي ميان تي جواهر لڳل هئا، دستانه (دستانہ) جن تي جواهر لڳل هئا ۽ پندرهن نوجوان غلام.

بادشاه اهي سڀ تحفا سون سان گڏ روانا ڪيا ۽ امير ظهير الدين زنجانيءَ کي مون سان گڏ سفر تي هلڻ جو حڪم ڪيائين. هيءُ شخص هڪ وڏو عالم ۽ فاضل هوندو هو. هن هڪ جوان ڪافور شربدار نالي جي نگرانيءَ ۾ اهي تحفا روانا ڪيا ۽ اسان کي سمنڊ تائين پهچائڻ لاءِ اسان سان گڏ امير محمد هرويءَ کي

Marfat.com

هڪ هزار سوارن سان موڪليائين. ازانسواءِ بادشاه چين جي سفارت جا پندرهن ماڻهو هئا ۽ سندس وڏي عملدار (سفير) جو نالو "ترسي" هو ۽ هن سان گڏ هڪ سو نوڪر هئا. انهن سڀني جي هلڻ جي ڪري اسان سان گڏ هڪ وڏي جماعت ٿي پيئي. بادشاه جو حڪم هو ته سفر ۾ سڄي رستي تي اسان جي ضيافت جو انتظام ملڪ جي طرفان ڪيو وڃي.

اسان سنه ٧٤٣ هه ۾ سفر مهيني جي سترهين تاريخ روانا ٿياسين. هن ملڪ ۾ گهڻو ڪري مهيني جي ٻي، ستين، ٻارهين، سترهين، ٻاويهين يا ستاويهين تاريخ تي سفر ڪندا آهن. اسان پهريائين هڪ جاءِ تلپٽ (١) نالي تي منزل ڪئي. هي شهر دارالخلافه دهليءَ کان ٻه يا ٽي فرسخ پري آهي. اتان هلي وري شهر آؤ (٢) ۾ منزل ڪئيسين.

هتان هلي شهر هيلو (٣) ۾ منزل ڪري، اتان روانا ٿي،

---

(١) تلپٽ:- هي مٿرا واري رستي سان لڳ، دهليءَ جي ڀرسان هڪ پراڻي ڳوٺ جو نالو آهي. هت هڪ سرڪاري اسڪول به آهي. تاريخن ۾ هن ڳوٺ جو نالو ٿو اچي، ڇو ته دهليءَ ڏانهن ايندي، هر مسافر کي هتان ضرور لنگهڻو پوندو هو. هي شايد مها ڀارت واري زماني جي پنجن پٽن اِندر پٽ، تلپٽ، سوني پٽ، باغپٽ ۽ پاني پٽ، مان شايد هڪ آهي، تنهنڪري تمام قديم شهر آهي. — مترجم

(٢) آؤ:- هي هڪ پراڻو ڳوٺ مٿرا جي رستي تي آهي، جنهن جو ذڪر 'آئينه اڪبري' ۾ به آيل آهي. — مترجم

(٣) هيلو:- هن جو پتو نٿو پوي ته ڪٿي آهي. پر ڪنهن زماني ۾ ضرور هوندو، ۽ مٿرا جي رستي تي ئي هوندو. — مترجم

Marfat.com

اچي بيانا (۱) ۾ منزل انداز ٿياسين. هي شهر (بيانا) تمام وڏو ۽ مٺڻو شهر آهي. هن جي بازار ڏاڍي رونق واري آهي ۽ جامع مسجد به بي مثال نهيل اٽس، جنهن جون ديواريون ۽ چتيون پٿر جون نهيل آهن.

هتي جو حاڪم بادشاه جي دايي جو پٽ مظفر نالي آهي. هن کان اڳي هتي جو حاڪم ملڪ مجيد ابن ابي الرجاء هو، جيڪو وڏن اميرن مان هڪ هوندو هو، جنهن جو بيان اڳ ۾ ڪري آيو آهيان ته هو پاڻ کي قريشي سڏائيندو هو، ۽ اول درجي جو بي رحم ۽ ظالم هوندو هو. هن شهر جي ڪيترن ماڻهن کي قتل ڪرائي چڏيو هو ۽ گهٽن ئي ماڻهن جا هٿ پير ڪپائي چڏيا هٿائين.

مون هن شهر ۾ هڪ ماڻهو ڏٺو جيڪو ڏاڍو مٺو ٽي لڳو ۽ پنهنجي گهر جي ڏيڏيءَ ۾ ويٺو هو. ۽ سندس هٿ ۽ پير ڪپل هٿ. هڪ دفعي بادشاه هن شهر وٽان اچي لنگهيو هو ته هتي جي باشندن ملڪ مجيد جي اچي شڪايت ڪئي. بادشاه ڏڪدم هن جي گرفتاريءَ جو حڪم ڏنو ۽ هن جي گچيءَ ۾ ڪٽ وجهائي چڏيائين. پوءِ هو ديوان (ڪورٽ) ۾ قاضيءَ جي سامهون اچي ويٺو، ۽ شهر جا ماڻهو اچي سندس ظلم ۽ جبر، جيڪي هن ماڻهن سان ڪيا هٿا، سي هڪ هڪ ڪري لکائيندا ويا. بادشاه تنهن تي حڪم ڪيس ته انهن سيني کي راضي ڪر. جڏهن هن پنهنجو سمورو مال ڏيئي، ماڻهن کي راضي ڪيو، تڏهن بادشاه کيس قتل ڪرائي چڏيو.

شهر جي وڏن عالمن مان هڪ عالم امام غزالدين زبيري

---

(۱) بيانا:- هي شهر دهليءَ کان ۱۰۰ ميل پري ڏکڻ طرف آهي، ۽ ٻرتپور جي ڏکڻ اولهه طرف آهي. تمام قديمي شهر آهي. موجوده حالت ۾ ٻه چڪو آباد آهي، ۽ ڪافي آدمشماري اٽس. هن وقت اهو شهر آگري ۽ بمبئي واري رستي تي ٻرتپور جي رياست ۾ آهي. — مترجم

هو ۽ زبير بن العوام رضہ صحابيءَ جي اولاد مان هو. هن سان منهنجي ملاقات گواليار ۾ ملک عزالدين بنتاني عرف باعظم ملک وٽ ٿي هئي.

پوءِ اسان بيانا سان ڪوچ ڪري اچي شهر ڪول ۾ لٿاسين. هيءُ هڪ سهڻو شهر آهي ۽ منجهس باغ تمام گهڻا آهن. جن ۾ انبن جا وڻ زياده آهن. اسان باهر هڪ ميدان ۾ اچي ترسياسين، جتي مون شيخ صالح عابد شمس‌الدين، جو تاج العارفين جي لقب سان مشهور هو، سان ملاقات ڪئي. هو نابينا هو ۽ عمر ۾ به تمام وڏو هو. ان کان پوءِ بادشاه هن کي گرفتار ڪري جيل ۾ وڌو، جتي هن وفات ڪئي هئي. اهو سڄو قصو سان اڳ ۾ بيان ڪري آيو آهيان.

## ڪول جي پرسان اسان جي ڪافرن سان لڙائي

جڏهن اسين ڪول (۱) جي شهر ۾ پهتاسين، تڏهن خبر آئي ته هندن جلالي (۲) جي شهر کي اچي گهيرو ڪيو آهي. هي شهر ڪول کان ستن ميلن جي مفاصلي تي هو. پوءِ اسان اوڏانهن وڃڻ لاءِ ارادو ڪيو. ان شهر جا باشندا هندن سان لڙي رهيا هئا. ۽ هندو هنن کي قتل ڪري انهن جي شهر کي ڦري برباد ڪري چڏيل هئا. پر هنن کي اسان جي اچڻ جي خبر نه هئي. اسان هنن تي وڃي حملو ڪيو. هو ڪل هڪ هزار سوار ۽ ٽي هزار پيادا هئا. جي سڀ اسان جي هٿان مارجي ويا. ۽ اسان هنن جي گهرن ۽ هٿيارن تي وڃي قبضو ڪيو. اسان جا

---

(۱) (۲) شهر ڪول ۽ جلالي:- جنهن صورت ۾ ابن بطوطہ بيانا کان پوءِ ڪول جو بيان ڪيو آهي. تنهن سان شڪ ٿو پوي ته اهو شهر ضرور بيانا ۽ گواليار جي وچ تي هوندو. پر ان ۾ به ڪجهہ شڪ ڪونهي ته ڪول جو مطلب اها ئي ڪوئل آهي، جنهن کي هن وقت علي ڳڙه سڏبو ٿو وڃي، ۽ ته جلالي نالي هڪ قديمي شهراڃا تائين به علي ڳڙه جي ايرندي طرف تمام ويجهو موجود آهي. -- مترجم

ٽيٽيهه سوار ۽ پنجاهه پيادا مارجي ويا، ۽ ڪافور ساقي يعني شربدار، جنهن جي نگرانيءَ هيٺ چين جا تحفا هئا، به هن لڙائيءَ ۾ شهيد ٿي ويو. اسان هن جي شهادت جي خبر بادشاه کي ڏياري موڪلي ۽ جواب جي انتظار ۾ انهيءَ شهر ۾ ترسي پياسين. هندو جبلن مان نڪري اچي جلالي شهر تي حملا ڪندا هئا. تنهنڪري اسان جو امير هر روز اسان کي انهن جي مقابلي لاءِ وٺي ويندو هو.

ع

—

## فصل ٽيون

# منهنجو مصيبت ۾ پوڻ ۽ هڪ ولي الله جي مدد سان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ

هڪ ڏينهن مان پنهنجي هڪ جماعت سان سوار ٿي ٻاهر ويس. اسان هڪ باغ ۾ لنگهي وياسين. گرميءَ جي موسم هئي. اسان اتي گوڙ ۽ شور جو آواز ٻڌي، ان جي ٽوهه ۾، سوار ٿي، هڪ ڳوٺ ڏانهن وياسين، جنهن تي هندو ڪاهي آيا هئا. اسان اچي انهن جي پٺيان پياسين. هو ٽڙي پکڙي ويا. تنهنڪري منهنجا ساٿي انهن جي پٺ وٺندي، جدا جدا طرفن ڏانهن هليا ويا. ۽ مون وٽ وڃي باقي پنج ماڻهو بچيا. اوچتوئي اوچتو هڪ جهڳٽي مان، ڪجهه سوار ۽ پيادا نڪري ظاهر ٿيا، ۽ اچي اسان تي حملو ڪيائون. اسان تعداد ۾ هنن کان ٿورا هئاسين، تنهنڪري وٺي ڀڳاسين.

انهن مان ڏهه ڄڻا اسان جي پٺيان آيا، اسان باقي وڃي ٽي ماڻهو بچيا هئاسين. زمين هئي پٿريلي، تنهنڪري ڪوبه چارو نظر نٿي آيو. منهنجي گهوڙي جا اڳيان پير پٿرن ۾ گهڙي ڦاسي پيا هئا، تنهنڪري هيٺ لهي، مون هن جا پير ڇڏايا ۽ وري ان تي سوار ٿيس. ان ملڪ ۾ ٻه تلوارون رکندا آهن، جن مان هڪ زين ۾ لٽڪندي رهندي آهي، جنهن کي رڪابي ڪري چوندا آهن، ٻي ترڪش ۾ پيل هوندي آهي. منهنجي رڪابي تلوار مياڻ مان نڪري هيٺ ڪري پيئي. ان جو مٺيو سونو هو. مان ان کي کڻڻ لاءِ وري گهوڙي تان لٿس ۽ ان کي

Marfat.com

ڪٿي زين ۾ لڙڪائي، سوار ٿي اڳتي وڌيس. دشمن به منهنجي پٺيان اچي رهيا هئا. مان هڪ خندق جي ڪپر تي اچي پهتس ۽ ان ۾ [illegible] هنن جي نظر کان غائب ٿي ويس.

انهيءَ خندق ۾ پاڻيءَ جو هڪ رستو هو، جنهن جي ٻنهي ڪپرن تي گهاٽا وڻ هئا، جنهن جي وچان اهو رستو ٿي هليو. مان به اهو رستو وٺي هلندو رهيس پر خبر ڪانه هيم ته ڪٿي پهچندس. اوچتو چالبهارو کن ماڻهو نظر آيا، جن وٽ تير هئا ۽ اچي مون کي گهيرو ڪيائون. مون سوچيو ته جيڪڏهن ڀڄندس، ته انهن مان ڪو تير هڻي ماري نه وجهيم، ڇو ته ان وقت منهنجي بدن تي زرهه ڪان هئي؛ تنهنڪري زمين تي ليٽي پيس ۽ اشاري ۾ چيومان ته مان توهان جو قيدي آهيان. جڏهن ڪو ماڻهو ائين ئي ڪندو آهي ته ان کي هي ماڻهو قتل نه ڪندا آهن. پوءِ انهن اچي مون کي گرفتار ڪيو ۽ منهنجا ڪپڙا لاهي، باقي بدن تي فقط هڪ جبو، پاجامو ۽ قميص ڇڏي ڏنائون.

هو مون کي هڪ جهڳٽي ۾ وٺي ويا، جتي هو هڪ حوض جي ڪناري تي لٿل هئا. اهو حوض وڻن جي وچ ۾ هو. اتي پهچي هنن مون کي ماش جي ماني کائڻ لاءِ ڏني، جيڪا کائي مون پاڻي پيتو. انهن سان گڏ ٻه مسلمان به هئا، جن مون کان پارسيءَ ۾ پڇيو ته مان ڪير آهيان؟ مون هنن کي پنهنجو حال ٻڌايو. پر اهو ڪونه ٻڌايومان ته ڪو مان بادشاه جو طرفدار آهيان. هنن مون کي ٻڌايو ته اهي ماڻهو ضرور مون کي ماري ڇڏيندا ۽ هڪ شخص ڏانهن اشارو ڪري چيائون ته هي شخص هنن جو سردار آهي. مون انهن ٻنهي مسلمانن جي معرفت هن سان گفتگو ڪئي ۽ تمام نرمائيءَ سان خوشامد جون ڳالهيون ڪيو نمانس.

آخر هن مون کي ٽن ماڻهن جي حوالي ڪيو، جن مان هڪ پيرمرد هو ۽ ٻيو ان جو پٽ هو. باقي ٽيون ماڻهو هڪ

ڪارو خبيث پئي لڳو، جنهن هنن سان ڪجهه ڳالهايو، جو مان سمجهي نه سگهيس. پر هن هنن کي منهنجي مارڻ جو حڪم ڏنو هو. پوءِ هو مون کي هڪ غار ڏانهن وٺي ويا، جتي هن ڪاري ماڻهوءَ تي خدا ڏڪئيءَ وارو بخار نازل ڪيو ۽ هن پنهنجا پئي پير ڪٽي منهنجي مٿان رکيا. هو پيرمرد ۽ سندس پٽ به ننڊ ۾ غافل ٿي ويا.

جڏهن صبح ٿيو تڏهن ٻاڻ ۾ ڳالهڙون ڪرڻ لڳا ۽ اشاري سان مون کي چيائون ته حوض ڏانهن هل. مان سمجهي ويس ته هو مون کي اتي قتل ڪرڻ ٿا گهرن، تنهنڪري مون هن پيرمرد کي ڏاڍيون منٿون ڪيون ۽ خوشامد ڪئيمانس. هن کي به مون تي رحم اچي ويو. مون چاڻ ڪيو جو پنهنجي قميص جون پٽي پاڻهون ڦاڙي ڪٽي هن کي ڏنيم، ته جيئن هو پنهنجي ساٿين کي ڏيکاري چئي سگهي ته قيدي زبردستيءَ ڀڄي ويو آهي.

ظهر جو وقت ٿيو ته حوض تي اسان کن ماڻهن جي ڳالهائڻ جو آواز ٻڌو. پير مرد سمجهي ويو ته سندس ساٿي اچي ويا آهن، سو مون کي اشارو ڪيائين ته مون سان هليو آءُ. جڏهن اسان حوض تي آياسين تڏهن اتي ڪيترن ڏي ماڻهن کي موجود ڏٺوسين. انهن پيرمرد کي ڇيو ته اسان سان ڳڏجي هل. پر پيرمرد ۽ ان جي ساٿين، هنن سان وڃڻ کان انڪار ڪيو، ۽ ڪيئي ڇڻا منهنجي ساهون ويهي رهياء پوءِ هنن قنب جي هڪ رسي، جا هنن جي هٿ ۾ هئي، ڪٽي زمين تي رکي. مان هنن کي ڏسي رهيو هوس ۽ دل ۾ پئي چيم ته شايد انهيءَ ٽي رسيءَ سان مون کي لڙڪائي ماريندا. پوءِ انهن مان ٽي ماڻهو، جن مون کي گرفتار ڪيو هو، هن وٽ آيا، ۽ مون اندازو لڳايو ته هنن کانئن پڇيو ته توهان هن شخص (مون) کي ڇو اڇا ڏانهن ڪين ماريو آهي؟ تڏهن پيرمرد هن ڪاري ماڻهوءَ ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌاين ته هي بيمار ٿي پيو هو، تنهنڪري اڇا ڏانين

Marfat.com

هن کي نہ ماريو اٿئون. انهن ٽن ماڻهن مان هڪ نوجوان شڪل ۾ سهڻو ٿي لڳو، تنهن مون ڏانهن اشارو ڪري چيو ته ”تون چاهين ته مان توکي ڇڏي ڏيان“ مون چيو ته توهان جي وڏي نوازش ٿيندي. هن مون کي چيو ته هليو وڃ! مون هن کي پنهنجو جيو، جيڪو مون کي ڍڪيل هو، لاهي ڏنو ۽ هن وري مون کي ڪا شيءِ جيڪا هن وٽ هئي، ڏني. هن مون کي اهو به ٻڌايو ته هو رستو اٿئي، ان رستي تان هليو وڃ.

مان اٿي هليس ۽ ڊڄندو پئي ويس ته متان ڪي ٻيا ماڻهو نہ مون کي ڏسي وٺن. آخر اچي هڪ بانس جي جهنگل ۾ داخل ٿيس، جتي سج لهڻ تائين لڪو رهيس. ان کان پوءِ اتان نڪري اچي، اهو رستو ورتم، جيڪو هن نوجوان مون کي ڏسيو هو ۽ اچي هڪ پاڻيءَ تي پهتس، جتان پاڻي پي وري اٿي هليس، ۽ رات جو ٽيون حصو پنڌ ۾ گذاري، اچي هڪ جبل تي پهتس، مان اتي سمهي پيس. صبح ٿيڻ سان وري اٿي پنڌ پيس. ٻن پهرن جي وقت هڪ اوچيءَ ٽڪريءَ تي اچي پهتس، جتي ٻير ۽ ٻير جا وڻ هئا. اتي مون ٻير کاڌا پر منهنجا پير ڪنڊن هڻي زخمي ڪري ڇڏيا، جنهن جا نشان اڃا تائين بيٺا اٿم.

پوءِ مان ان ٽڪريءَ تان لهي، هڪ گاهه واريءَ زمين ۾ داخل ٿيس. اتي هيرڻ جا وڻ هئا ۽ ويجهو هڪ بائين (ٻانهين؟) هئي- بائين هڪ وڏي کوهه کي چوندا آهن، جنهن هيٺ لهڻ لاءِ ڏاڪڻ ٺهيل هوندي آهي. ان ڏاڪڻ جا ڪي ڏاڪا پاڻيءَ جي اندر ٿيندا آهن. انهن جي چئني پاسن کان قبا، ڇتين وارا گهر ۽ ويهڻ جون جايون ٺهيل هيون. هن ملڪ جا امير ماڻهو، اهڙي قسم جون جايون ۽ کوهه ٺهرائڻ ۾ پنهنجو فخر سمجهندا آهن. هي کوهه گهڻو ڪري اهڙن ملڪن ۾ هوندا آهن، جتي پاڻي ناياب هوندو آهي.

جڏهن مان پاڻيءَ تي پهتس، تڏهن مون پاڻي پيتو. اتي

Marfat.com

سرنهن جا پن ۽ ٽاريون پيون هيون ۽ ائين ٿي معلوم ٿيو، جڻ اتي ڪنهن ويهي سرنهن ڌوتي آهي. مون انهن مان ڪجهه کاڌو ۽ ڪجهه پاڻ وٽ ٻڌي رکي ڇڏيم ۽ هيرڻ جي وڻ هيٺان وڃي سمهي رهيس. ايتري ۾ چاليهه سوار اچي، انهيءَ بائينءَ تي لٿا، جيڪي سڀ زره پوش هئا. انهن مان ڪي ته پوک ڏانهن به آيا، پر خدا تعاليٰ هنن کي انڌو ڪري ڇڏيو، جو ڪنهن به مون کي ڪونه ڏٺو. ان کان پوءِ ٻيا پنجاه ماڻهو بائين تي اچي لٿا، جن مان هڪ ته مون واري وڻ جي بلڪل سامهون اچي لٿو. پر هن به مون کي ڪونه ڏٺو. مان گاه واريءَ زمين ۾ گهڙي پيس ۽ شام تائين اتي لڪو رهيس.

اهي ماڻهو بائين تي لٿا پيا هئا ۽ ان ۾ گهڙي، ڪپڙا ڌوئندا، وهنجندا، رانديون رونديون ڪندا رهيا. رات پوڻ ٽي هنن جو آواز اچڻ بند ٿي ويو. تنهن مان مون سمجهيو ته هو هليا ويا يا ننڊ ۾ پئجي ويا هئا. ان وقت مان ٻاهر آيس ۽ گهوڙن جي تلاش ۾ نڪري پيس. چانڊوڪي رات هئي. مان هلندي هلندي هڪڙيءَ ٻيءَ بائينءَ وٽ، جنهن تي هڪ قبو ٺهيل هو، اچي پهتس. پوءِ مان اتي ترسي پيس ۽ پاڻي پيتم ۽ سرنهن جا پن، جيڪي مون وٽ هئا، سي کائي، انهيءَ قبي ۾ هليو ويس. اتي گاه جو ڍير لڳو پيو هو، جيڪو شايد پکين آڻي اتي گڏ ڪيو هو. مان به ان تي سمهي پيس. رات جي ڪنهن حصي ۾ ائين ٿي محسوس ڪيم ته ڪو ساهوارو انهيءَ گاهه ۾ سري رهيو هو، شايد نانگ هو. پر مون کي ٿڪ ايترو ته گهڻو هو، جو ان جي ڪا به پرواه ڪا نه ڪيم ۽ آخر اچي صبح ٿيو.

مان به هڪ ڪشادي رستي تان اٿي هليس. ٿورو اڳتي وڌيس ته هڪ ويران ڳوٺ آيو. پوءِ مان ٻئي ڳوٺ ڏانهن هليس. اهو به سنسان لڳو پيو هو. اهڙيءَ طرح ڪيترا ئي ڏينهن گذري ويم. هڪ ڏينهن مان هڪ وڻن جي جهڳٽي ڏانهن ويس. جنهن

Marfat.com

جي وچ تي هڪ پاڻيءَ جو حوض هو، جنهن ۾ اندر هڪ گهر ٺهيل هو ۽ سندس پاسن کان کجيءَ جا وڻ هئا. مون ارادو ڪيو ته اتي ويهي رهان ته من ڪو خدا ڪنهن انسان کي هتي موڪلي، جنهن کان آباديءَ جو رستو پڇي سگهان.

منهنجي بدن ۾ ڪجهه طاقت اچي ويئي هئي، تنهنڪري وري اٿي پنڌ پيس. رستي تي مون کي ڏاندن جي کُرن جا نشان ڏسڻ ۾ آيا ۽ هڪ ڏاند به ڏسڻ ۾ آيو، جنهن جي مٿان هڪ ڪمبل ۽ لوهه جو ڪو اوزار رکيل هو. ڇاڪاڻ ته اهو رستو ڪافرن جي علائقي ڏانهن ٿي ويو. تنهنڪري مون وري ٻيو رستو ورتو ۽ هڪ ويران ڳوٺ ۾ اچي نڪتس. اتي مون به ڪاري رنگ جا بلڪل اگهاڙا ماڻهو ڏٺا. مان ڊڄي ويس ۽ هڪ وڻ جي هيٺان وڃي ويهي رهيس.

جڏهن رات ٿي تڏهن انهيءَ ڳوٺ ۾ گهڙي ويس، جتي هڪ ويران جاءِ ۾ هڪ مٽيءَ جي وڏي گندي ڏٺيم، جيڪا اناج ڀرڻ جي ڪم ايندي آهي. ان جي هيٺان هڪ ايترو ته ويڪرو سوراخ هو، جنهن مان هڪ ماڻهو آسانيءَ سان اندر لنگهي وڃي. مان ان ۾ اندر گهڙي ويس. ان جي فرش تي مٽيءَ جو ليپو ڏنل هو ۽ هڪ پٿر به اتي پيو هو، جنهن کي سيراندي ڪري اتي سمهي رهيس. ان جي مٿان سڄي رات ڪنهن پکيءَ جي ڦڙ ڦڙاهٽ جو آواز پئي آيو ۽ ائين ٿي ڀانيم ته هو مون کان ڊڄي رهيو هو، هيڏانهن وري مان هن کان ڊڄي رهيو هوس.

ان ڏينهن مون کي پورا ست ڏينهن گذري ويا هئا ۽ اهو ڇنڇر جو ڏينهن هو. ستين ڏينهن، مان هندن جي هڪ ڳوٺ ۾ پهتس. اتي پاڻيءَ جو هڪ حوض هو ۽ ڪجهه ساوڪ به نظر پئي آئي. مون اتان جي ماڻهن کان کائڻ لاءِ ڪجهه گهريو، پر هنن مون کي ڪجهه به نه ڏنو. اتي کوهه جي ڀرسان، هيڏانهن هوڏانهن ڪجهه موريءَ جا پن پيل ڏٺم، جي کڻي کاڌم ۽ ڳوٺ

Marfat.com

ھ گھڙي ويس. اتي ھندن جو ھڪ مجموعو ڏٺم جن ھ ھڪ انھن جو سردار به ھو. ھن سون کان پڇيو ته تون ڪير آھين؟ سون کوبہ جواب ڪونہ ڏنومانس ۽ هيٺ پٽ تي وڃي رھيس. انھن مان ھڪ تلوار ڪڍي سون ڏانھن وريو، ھن سون کي مارڻ لاءِ تلوار ڪڍي ھٿي، پر سون ھن ڏانھن ڏٺو به ڪين، جو ته مان ڏاڍو ٽکل ھوس.

پوءِ ھن منھنجي تلاشي ورتي ۽ جڏھن سون وڏان ڪجھ به نہ ملڻس، تڏھن سون ھن کي پنھنجي اھا قميص لاھي ڏني، جنھن جون ٻانھون مان ھن پير مرد کي ڏٺي آيو ھوس. ٻيو ڏينھن ٽيو ته سون کي اڇي اڇ ستايو، پر سون کي پاڻي نہ ملي سگھيو. پوءِ ھڪ ويران ڪوٽ ڏانھن ويس، پر اتي کوبہ پاڻي جو تلاءُ ڪونہ ھو. ھن ملڪ ۾ مينھن جو پاڻي، تلاڙن ۾ گڏ ڪري، اتان پيئندا رھندا آھن.

پوءِ مان رستو وٺي، اڳي ھليس، ته ڏورو اڳيان ھڪ ڪڇو ڪوھہ ڏٺم، جنھن تي ھڪ ڪجيءَ جي رسي ٻڌي ھئي، پر ڏول ڪونہ ھوس. سون ان رسيءَ ۾ پنھنجو پڳو اڏڪائي، کوھہ ۾ اندر ڪيو ۽ جيڪو پاڻي ان ۾ لڳو، سو چوسڻ لڳس، ۽ تنھن ھوندي به منھنجي آڇ کانہ لٿي. پوءِ پنھنجو موزو لاھي، رسيءَ ۾ ٻڌي، ٻيو دفعو کوھہ مان پاڻي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيم، پر رسي ڇڇي ٻيئي ۽ موزو وڃي کوھہ ۾ ڪريو. پوءِ سون ٻيو موزو ٻڌي، پاڻي ڪڍيو ۽ خوب پيٽ پري، پاڻي پيتم. ان کان پوءِ انھيءَ موزي کي ڪپي، ان جو مٿيون حصو انھيءَ رسيءَ ۽ ھڪڙي ليڑ جي وسيلي، پير تي ٻڌي ڇڏيم. مان اھو پير تي ٻڌي رھيو ھوس ته ھڪ ماڻھو نظر آيم. سون ان ڏانھن غور سان ڏٺو ته اھو ماڻھو ڪاري رنگ جو ھو. ھن جي ھٿ ۾ ھڪ لٺ ۽ لوڻو ھو ۽ ڪلھي تي جھولي ھيس.

ھن اڳ سان سون کي السلام عليڪم چيو، سون ان جو

Marfat.com

جواب وعليڪم السلام و رحمت الله و برڪاته ڏنوسالس. پوء هن مون کان پارسيءَ ۾ پڇيو "چ ڪسي" يعني ڪير آهين ؟ مون جواب ڏنو ته مان رستو پلجي آيو آهيان. پوء هن لونءَ رسيءَ ۾ ، جڏڪا هن وٽ هئي، ٻڌو ۽ پاڻي ڪيائين. مون ارادو ڪيو ته پاڻي پيڻان پر هن چيو ته ٽورو ڏرس ۽ پنهنجي جهوليءَ مان پگڙا ۽ پگل چانور ڪيي، مون کي ڏنائين، جي مون کائي پاڻي پيتو. هن وضو ڪري ۾ رڪعت نماز پڙهي. مون به وضو ڪري نماز پڙهي.

پوء هن مون کان منهنجو نالو پڇيو، مون چيو ته منهنجو نالو محمد آهي. پوء وري مون هن جو نالو پڇيو، جنهن تي هن پنهنجو نالو "قلب فارح" ٻڌايو. مون چيو ته فال ته نيڪ ڏسجي، ۽ اڄي پنڌ لاءِ سنجريس. هن مون کي چيو ته مون سان گڏجي هل. مون چيو ته چگو. اڇا هن سان ٽورو ٿي اڳيرو ويس ته منهنجا عضوا جواب ڏيڻ لڳا ۽ ٻيهڙ جي ۾ همت نه رهيم ، تنهنڪري وڌيڪ رهيس. هن پڇيو ته ڪهڙو حال اٿئي ؟ مون جواب ڏنو ته تنهنجي ملڻ کان اڳ مان هلي ٿي سگهيس، پر هاڻي هلڻ ٿو ٿيم. هن چيو ته سبحان الله ! اڇي منهنجي ڪلهي تي چڙهي ويهه ! مون چيومانس ته تون خود ضعيف ماڻهو آهين ۽ مون کي ڪٿي ٿو کڻين سگهين! پر هن چيو ته توکي ضرور چڙهڻو پوندو ۽ خدا پاڻهي مون کي طاقت بخشيندو.

پوء مان هن جي ڪلهي تي چڙهي ويٺس. هن مون کي چيو ته حسبنا الله و نعم الوڪيل پڙهندو هل. مون اهو ذڪر شروع ڪيو ته مون کي ننڊ کڻي وئي ۽ ان وقت اڪ ڪلي، جڏهن هن مون کي زمين تي لاٿو. مان جاڳيس ته هن ماڻهوءَ جو پتوڙي نه پيو ته الاجي ڪيڏانهن ويو ! ۽ مون پاڻ کي هڪ آباد ڳوٺ جي پاسي ۾ ڏٺو. مان ان ڳوٺ ۾ لنگهي ويس، جنهن ۾ هندو رهندا هئا، ۽ اهي سڀ بادشاه جي رعيت هئا ۽ انهن

Marfat.com

جو حاڪم مسلمان هو. ماڻهن وچي ان ڪي خبر ڪئي ، ته
يڪدم هو مون ڏانهن هليو آيو. مون هن کان پڇيو ته هن
ڪوٽ جو نالو ڇا آهي؟ هن چيو ته تاج پور، ۽ ڪول هتان
۽ فرسخ پري آهي.

پوء اهو حاڪم مون کي پنهنجي گهر وٽي ويو ۽ مون کي
وهنجاري، گرم گرم کاڌو کارايائين ۽ چيائين ته مون وٽ هڪ
گهوڙو، ڪپڙا ۽ هڪ پٽڪو آهي، جيڪو هڪ مصري ماڻهو ،
مون وٽ ڪول واري ڪئمپ مان اڇي، رکي ويو آهي. مون
چيومانس ته ڪٽي اڇ نه ڪئمپ ۾ پهچڻ ڏاڍن اهي پهريان .
جڏهن هو ڪٽي آيو تڏهن معلوم ٿيو ته اهي منهنجا ئي ڪپڙا
هٿ، جيڪي جڏهن مان ڪئمپ ۾ هوس، تڏهن ان مصري ماڻهوء
کي ڏنا هئم.

مون کي ڏاڍو عجب لڳو ۽ اتي سوچڻ لڳس ته اهو
ماڻهو، جيڪو مون کي ڪلهي تي چاڙهي آيو هو، سو ڪير
هو؟ مون کي ڪجهه ياد آيو ته ولي الله ابو عبدالله مرشديءَ ،
جنهن جو پهرين سفر ۾ بيان ڪري آهيان، مون کي هن کان
اڳ ۾ ٻڌايو هو ته تون هندستان وينديين ، ته اتي تو کي منهنجو
پاءُ ملندو، جيڪو تو کي هڪ مصيبت مان ڇڏائيندو. هينئر
مون کي ياد آيو ته مون هن جو نالو به پڇيو هو ته هن
(ولي الله) سندس نالو "دلشاد" ٻڌايو هو ۽"قلب فارح"جي به
اهائي معني آهي. هاڻي مون کي پڪ ٿي ته هي اهو شخص هو
جنهن جي باري ۾ هن (ابو عبدالله مرشدي) مون کي ٻڌايو هو
۽ هو ضرور ولي الله هو. مون کي ڏاڍو ارمان ٿيو ته مون کي
سندس صحبت ڪڍڻ جو وڏيڪ وقت نصيب ٿي نه سگهيو.

مان ان ڏي رات دوستن وٽ هلي آيس ۽ اڇي انهن کي
پنهنجي سلامتيءَ مان موٽڻ جي خبر ٻڌائي. هو ڏاڍا خوش ٿيا ۽
منهنجو گهوڙو ۽ ڪپڙا آڏاڻون. ان عرصي ۾ بادشاه جو جواب

Marfat.com

به اچي ويو، جنهن ۾ هڪ ٻئي جوان سنبل جامدار نالي کي ڪافور شهيد جي جاءِ تي موڪليو ويو هو ۽ اسان لاءِ حڪم هو ته اڳتي وڌي پنهنجو سفر جاري رکون. اهو به معلوم ٿيو ته هنن منهنجي سڄي خبر بادشاه کي لکي موڪلي هئي، جنهن ۾ ڪافور جي مارجڻ ۽ منهنجي قيد ٿيڻ جي فال بد سمجهي بادشاه کي منهنجي واپس گهرائڻ جي به درخواست ڪئي هئائون.

جڏهن بادشاه سفر جاري رکڻ جو تاڪيد ڪري موڪليو، تڏهن مون به ان جي تائيد ڪري، پنهنجي ارادي کي وڌيڪ مضبوط ڪيو. هنن مون کي چيو هو ته سفر جي شروعات ۾ ئي اسان سان اهڙيون مصيبتون پيش آيون آهن، سو يا اسان کي واپس وڃڻ گهرجي يا گهٽ ۾ گهٽ بادشاه جي جواب تائين ته ترسڻ گهرجي، پر مون چيومان ته ترسڻ مناسب نه آهي. رهيو جواب، سو اسان کي رستي ۾ ئي پهچي ويندو.

پوءِ اسان ڪول مان ڪوچ ڪيو ۽ ٻئي ڏينهن اچي برجپور ۾ منزل ڪئيسين. اتي هڪ خانقاهه هو، جنهن ۾ اسان هڪ شيخ سان، جيڪو صورت ۽ سيرت ٻنهي ۾ سٺو هو ۽ سندس نالو "محمد عريان" هو، ملاقات ڪئي. هي شيخ رڳو هڪ گوڏ ٻڌندو هو ۽ ٻيو سڄو بدن اگهاڙو رکندو هو. هو شيخ صالح ولي الله محمد عريان قاطن قرافه مصر جو شاگرد هو.

## ان شيخ جي ڳالهه

هيءُ شيخ هڪ وڏو ولي الله ۽ بزرگ هوندو هو ۽ مجرد (غير شادي شده) رهندو هو. هو فقط هڪ گوڏ ۾ گذاريندو هو، جيڪا سندس دن کان وٺي پيرن تائين بدن جو حصو ڍڪيندي هئي. چون ٿا ته عشاء جي نماز کان پوءِ هن جي خانقاه ۾، جيڪو به کاڌو يا ان پاڻي هوندو هو، سو هو غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. رڳو ڏئي جي وٽ به ڦٽي ڪري ڇڏيندو

هو ۽ صبح جو توڪل تي ويٺو هوندو هو. هن جي اها به عادت هوندي هئي ته هر صبح جو سوير ماني ۽ دال وڪڻڻ وارا خانقاهه ۾ اچي ويهي رهندا هئا، پوءِ جيتري ضرورت هوندي هئي، شيخ انهن کان خريد ڪندو هو ۽ کين چوندو هو ته توهان اڃا ويٺا رهو، ته پهريائين ڪوبه شخص، جو ڪجهه به تحفي طور آڻيندو، پوءِ ٿورو هجي يا گهڻو، توهان کي ڏنو ويندو.

ڳالهه مشهور آهي ته جڏهن بادشاه قازان تاتاري، پنهنجي لشڪر سميت، شام جي ملڪ ۾ پهتو ۽ دمشق تي قبضو ڪيائين، پر قلعو اڃا هٿ ڪري نه سگهيو هو، تڏهن ملڪ ناصر هن جي مقابلي لاءِ ٻاهر نڪتو. انهن جي لڙائي، دمشق کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي، هڪ جاءِ تي، جنهن کي قشحب ڪري چوندا آهن، لڳي. ملڪ ناصر، ان وقت اڃا نوجوان هو ۽ اڃا تائين هن جو لڙائيءَ سان ڪوبه واسطو ڪونه پيو هو. شيخ عريان به هن سان گڏ هو، تنهن ڇا ڪيو، جو ملڪ ناصر جي گهوڙي جي پيرن ۾ زنجير وجهي ڇڏيائين ته جيئن هو ڀڄي نه سگهي، متان هن جي ڀڄڻ سان مسلمانن جي لشڪر ۾ ڀاڄ نه پوي! پوءِ ڇاڪاڻ ته ملڪ ناصر پنهنجي جاءِ تي مضبوط بيٺو رهيو، تنهنڪري تاتارين جي لشڪر کي سخت شڪست آئي ۽ انهن مان ڪيترا مارجي ويا ۽ باقي درياءَ ۾ ٻڏي مئا. ان کان پوءِ تاتارين ڪڏهن به اسلامي ملڪن تي ڪونه ڪاهيو، ۽ مذڪور شيخ محمد عريان سون کي ٻڌايو ته هو ان شيخ جو شاگرد هو ۽ ان لڙائيءَ ۾ به موجود هو پر عمر ۾ ان وقت ننڍو هو.

پوءِ اسان برج پور مان ڪوچ ڪري، اچي هڪ پاڻيءَ جي ڍنڍ تي پهتاسين، جيڪا آب سياهه (ڪاري پاڻي) جي نالي سان سڏبي آهي، ۽ اتان هلي اچي قنوج جي شهر ۾ پهتاسين. هيءُ هڪ وڏو ۽ خوبصورت عمارتن وارو شهر آهي ۽ هڪ مضبوط قلعو پڻ اٿس هت کنڊ جي پيداوار تمام گهڻي ٿيندي آهي، جيڪا هتان دهليءَ ڏانهن کڻي ويندا آهن. هن جي شهر پناهه به

تمار اوچي آهي. هن شهر جو بيان اسان اڳي ڪري آيا آهيون. هن شهر ۾ شيخ سعدالدين باخرزي ڪري رهندو هو، جنهن اسان جي دعوت ڪئي هئي. هن شهر جو حاڪم فيروز بدخشاني، بهرام ڪور، صاحب ڪسري، جي اولاد مان آهي. هت ڪيترائي صالح ۽ عالم، فاضل شخص، جيڪي حسن اخلاق جي ڪري مشهور آهن ۽ شرف جهان جو اولاد ڪري سڏيا ويندا آهن، رهندا آهن. هتن جو ڏاڏو دولت آباد ۾ قاضي القضاة هوندو هو، جيڪو ڏاڍو نيڪوڪار ۽ سچار هوندو هو. هتي هندستان جي بادشاهي اچي ٿي ختم ٿئي.

## هن قاضيءَ جي ڳالهه

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ دفعي هو پنهنجي عهدي تان معزول ڪيو ويو. هن جا دشمن تمام گهڻا هوندا هئا. انهن مان هڪ ان قاضيءَ وٽ، جيڪو هن جي جاءِ تي مقرر ٿي آيو هو، اچي دعويٰ ڪئي ته اڳيئن قاضيءَ وٽ منهنجا ڏهه هزار دينار آهن، پر منهنجو ڪوبه شاهد وغيره ڪونهي. هن جو مطلب ته قاضي قسم کڻي. نئين قاضيءَ هن کي گهرايو. هن سڏيندڙ کان پڇيو ته هن شخص جي ڪهڙي دعويٰ آهي؟ تنهن تي هن ٻڌايس ته هي شخص تو تي ڏهه هزار دينارن جي دعويٰ ٿو ڪري. ٻوءِ قاضيءَ يڪدم ڏهه هزار دينار هن ڏانهن ڏياري موڪليا ته مدعيءَ کي ڏنا وڃن.

سلطان علاءالدين کي به اها خبر پڄي ويئي ته هيءَ دعويٰ ڪوڙي هئي، تنهنڪري وري هن کي مقدس عهدي تي رکيائين ۽ ڏهه هزار دينار به موڪلي ڏنائينس. اسان هن شهر ۾ ٽي ڏينهن ترسياسين. اتي اسان کي بادشاه جو جواب به پهچي ويو، جنهن ۾ لکيل هو ته جيڪڏهن فلاڻو (ماڻهو) اڃا ٽائين پيدا نه ٿيو هجي، ته مقدس جاءِ تي دولت آباد جي قاضي وجيه الدين کي مقرر ڪيو

Marfat.com

وڃي. پوءِ اسان هن شهر مان ڪوچ ڪري اچي هنول (١) ۾ پهتاسين، جتان وزيرپور، بجالصا شهرن ۾ منزلون ڪندا اچي شهر موري ۾ پهتاسين. هي هڪ ننڍڙو شهر آهي، پر بازارون تمام سٺيون اٿس.

هتي مون شيخ صالح المعمر قطب الدين سان، جنهن کي "خيبر فرغاني" ڪري سڏيندا هئا، ملاقات ڪئي. هو بيمار هو ۽ مون کي هڪ جون جي ماني عنايت ڪيائين. ان ٻڌايو ته سندس عمر ڏيڍ سو سال آهي. ۽ سندس دوست چوندا هتا ته هو هميشه روزو رکندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته ڪيترن ئي ڏينهن کان پوءِ روزو کوليندو آهي، يا گهڻو ڪري اعتڪاف ۽ خلوت ۾ رهندو آهي، ۽ چاليهن ڏينهن ۾ چاليهه ڇوهارا، هڪ ڇوهارو روز، کائيندو آهي. دهليءَ ۾ مون هڪ شيخ رجب برقعي کي ڏٺو ته هو چاليهه ڇوهارا کڻي خلوت ۾ ويٺو هو ۽ چاليهن ڏينهن کان پوءِ هو اٿيو، تڏهن تيرهن ڇوهارا اڃا به هن وٽ بچيا هئا.

هن شهر مان ڪوچ ڪري، اسان شهر مره (مالوه) ۾ اچي پهتاسين، جو هڪ وڏو شهر آهي، جنهن ۾ اڪثر ڪري ذمي هندو رهندا آهن. هت ڪڻڪ تمام اعليٰ قسم جي ٿيندي آهي، جيڪا دهليءَ ڏانهن کڻي ويندا آهن. هن جو داڻو ڊگهو، زوردار ۽ ٿلهو ٿيندو آهي، ۽ مون هن جهڙي ڪڻڪ، چين جي ملڪ کان سواءِ، ٻئي هنڌ ڪٿي ڪانه ڏٺي. هي شهر مالوه قوم ڏانهن منسوب ٿيل آهي. هي (مالوه) هڪ هندن جو قبيلو آهي، جيڪي جسم جا

---

(١) هنول، وزيرپور، بجالصه ۽ موري — هنن شهرن جو پتو نٿو پئجي سگهي ته ڪٿي هئا. هي شهر تمام قديمي آهن، جن جو نالو ۽ نشان به نه رهيو آهي. رڳو بجالصه جي نالي سان، دهليءَ جو هڪ دروازو ڪري سڏيو ويندو هو، تنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته اهو هڪ وڏو شهر هوندو. ٻيا به ان وقت چڱا شهر هوندا، پر هن وقت اهي موجود ڪونه آهن يا ڪي نا معلوم ڳوٺڙا وڃي رهيا هوندا، جن جا نالا به ڦيرائي ڇڏيا هوندائون.

— مترجم

Marfat.com

مضبوط ۽ ڏيک ويک ۾ تمام سهڻا ٿيندا آهن. هنن جون عورتون به حسن واريون، وندرائيندڙ ۽ جماع ۾ لذت واريون ٿينديون آهن- جيئن مرهٽن ۽ جزيره ذيبة المهل (مالديپ) جون عورتون.

پوءِ اسان اتان علاپور جي شهر ڏانهن روانا ٿياسين. هيءُ هڪ ننڍو شهر آهي ۽ گهڻو ڪري هن ۾ هندو رهندا آهن، جيڪي بادشاه جي رعيت آهن. هن شهر کان هڪ ڏينهن جي پنڌ تي هڪ هندو راجا جو علائقو آهي، جنهن جو نالو قشم آهي، ۽ سندس ملڪ کي جنبيل ڪري چوندا آهن. هي اهو راجا آهي، جنهن (ڪياليه) گواليارے جي شهر کي گهيرو ڪيو هو ۽ ان بعد قتل ڪيو ويو هو.

## ڳالهه

ان (قشم) هندو راجا رامريءَ جي شهر تي به حملو ڪيو هو. هي شهر (نهرالجون) جمنا نديءَ جي ڪپ تي آهي. ان نديءَ تي تمام گهڻا ڳوٺ ۽ آباديون آهن. اتي جو حاڪم خطاب افغان هو، جيڪو وڏن بهادرن مان ليکيو ويندو هو. ان هندو راجا سندس وانگر هڪ ٻئي رجو نالي هندو راجا کان، جنهن جي ملڪ کي سلطان پور چوندا هئا، مدد ورتي ۽ اچي رامريءَ جي شهر کي گهيرو ڪيائين. هوڏانهن خطاب وري بادشاه کان مدد گهري، پر ان مدد پهچڻ ۾ دير لڳي، ڇو ته هي شهر دارالخلافه کان چاليهه منزلون پري هو. هو ڊڄي ويو ته متان هندو اسان تي غالب نه ٿي وڃن. سو ڇا ڪيائين، جو پنهنجي قبيلي جا ٽي سو پٺاڻ، ٽي سو غلام ۽ چار سو ٻيا ماڻهو گڏ ڪري، سڀني جا پٽڪا، سندن گهوڙن جي ڪنڌن ۾ ٻڌايائين. هن ملڪ جو دستور آهي ته جڏهن مرڻ ۽ مارائڻ لاءِ تيار ٿيندا آهن، تڏهن ائين ڪندا آهن.

پوءِ صبح جو سوير خطاب، پنهنجن ماڻهن کي وٺي، دروازو

Marfat.com

کولائي، اچي هندن جي لشڪر تي پيو ۽ هنن جي پندرهن هزار ماڻهن جي لشڪر کي شڪست ڏنائين. ٻيئي راجا مارجي ويا. پوءِ سندن سر لاهي، بادشاه ڏانهن دهليءَ موڪليا ويا. ڪافرن جي لشڪر مان، فقط اهي ماڻهو بچي سگهيا، جيڪي ڀڄي ويا.

## علاپور جي حاڪم جي شهادت

علاپور(١) جو حاڪم، بدر حبشي هوندو هو، جيڪو بادشاه جي غلامن مان هو ۽ بهادريءَ ۾ بي مثال هوندو هو. هو هميشه اڪيلي سر وڃي، هندن جي علائقن تي پوندو هو ۽ وڃي انهن کي تاخت و تاراج ڪري، سندن ڪيترائي ماڻهو ماري ۽ قيد ڪري ايندو هو. ايتري قدر تہ سندس نالو مشهور ٿي ويو، جو هندو هن جي نالي کان پيا ڇرڪندا هئا. هو قد جو ڊگهو ۽ ٿلهو متارو هوندو هو ۽ هڪ هنڌ ويهي سڄي ٻڪري کائي اٿي کڙو ٿيندو هو. ائين بہ ٻڌوسين تہ هو حبشين جي رواج موجب ڏيڍ رطل (ٿي پاءُ) گيهہ پي ويندو هو. هن جو پٽ بہ اهڙو ئي بهادر هوندو هو.

هڪ دفعي اهڙو اتفاق ٿيو، جو هن هندن جي هڪ ڳوٺ تي وڃي حملو ڪيو. هن جا غلام بہ هن سان گڏ هئا. اوچتو سندس گهوڙي جو پير هڪ کڏي ۾ ڦاسي پيو، تہ مٿان اچي اهي ڳوٺاڻا ٻيس. انهن مان هڪ هن تي قتارة (ڪٽاري) سان حملو ڪري، کيس ماري وڌو. پوءِ هن جي غلامن، ڳوٺائن سان ڏاڍي لڙائي ڪئي ۽ هنن کي قتل ڪري، سندن زالن کي قيد ڪري، سندس گهوڙي کي صحيح سلامت، سندس پٽ وٽ وٺي آيا. ان کان پوءِ هڪ عجيب اتفاق ٿيو، جو هن جو پٽ بہ انهيءَ ئي گهوڙي تي سوار ٿي، دهليءَ ڏانهن ٿي ويو، تہ رستي ۾ ڪافرن هن تي حملو ڪيو ۽ هو هنن سان مقابلو ڪندي،

---

(١) علاپور: هي شهر گواليار جي ويجهو ئي ڪٿي آباد هو. — مترجم

مارجي ويو ۽ سندس گهوڙو موٽي وري به پنهنجي ماڻهن وٽ آيو هو هن کي وري گهر وٺي آيا، ۽ پوءِ هن (بدر حبشيءَ) جو ناٺي به انهيءَ ساڳي گهوڙي تي سوار هو ته ڪافرن جي هٿان قتل ٿي ويو.

پوءِ اسان گالپور (گواليار) ڏانهن روانا ٿياسين. هن کي گياليو به ڪري چوندا آهن. هي هڪ وڏو شهر آهي، جنهن جو قلعو هڪ ٽڪريءَ جي مٿان نهايت مضبوط ٺهيل آهي. ان جي دروازي تي هاٿي ۽ ان تي فيلبان جا پٿر جا بت رکيل آهن. سلطان قطب الدين واري بيان ۾ ان جو اڳ ۾ بيان ڪري آيو آهيان. هن شهر جو حاڪم احمد بن شير خان فاضل آهي. هن سفر کان اڳ مان ان وٽ اچي ترسيو هوس ۽ منهنجي ڏاڍي خاطر ڪئي هئائين. هڪ ڏينهن مان هن وٽ ويس ته هن هڪ مجرم هندو کي به ٽڪر ڪري مارائڻ ٿي چاهيو؛ مون هن کي خدا جو قسم وجهي چيو ته ائين نه ڪر، ڇو ته مون اڄ تائين پنهنجي سامهون ڪوبه ماڻهو قتل ٿيندي ڪونه ڏٺو آهي.

پوءِ هن ان کي قيد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ انهيءَ سبب (پوءِ) هن کي ڇڏيو ويو. ان کان پوءِ اسان گواليار مان ڪوچ ڪري برون (١) جي شهر ڏانهن روانا ٿياسين. هي هڪ مسلمانن جو ننڍڙو شهر آهي، جو هندن جي ملڪن جي وچ ۾ آهي ۽ هتي جو حاڪم محمد بن بيرم ترڪي الاصل آهي. هن شهر ۾ وحشي جانور تمام گهڻا ٿيندا آهن. هتي جي هڪ رهاڪوءَ مون کي ٻڌايو ته رات جو دروازن بند ٿيڻ کان پوءِ به هڪ وحشي جانور شهر ۾ گهڙي ايندو هو ۽ ڪيترن ئي ماڻهن کي ماري هليو ويندو هو ۽ ڪنهن کي به پتو پئجي نه سگهندو هو ته

---

(١) برون — هن نالي سان هن وقت ڪوبه شهر هندستان ۾ مشهور ڪونهي، پر گواليار جي قريب ڪنهن رستي تي ضرور ڪو ڳوٺ هوندو، جنهن جو نالو به مٽجي ويو هوندو. — مترجم

Marfat.com

اهو جانور ڪهڙيءَ طرح ان شهر ۾ گهڙي ٿو اچي.

محمد توفيري نالي هن شهر جي باشندي مون کي ٻڌايو ته اهو جانور منهنجي هڪ پاڙيسريءَ جي گهر ۾ گهڙي آيو ۽ سندس ٻار کي ماري کٽ تان کڻي هليو ويو. ٻئي هڪ ماڻهوءَ ڳالهه ڪئي ته هو هڪ شاديءَ ۾ گڏ ٿيا هئا ته انهن مان هڪ ماڻهو ڪنهن ڪم سان ٻاهر ويو ته شينهن هن کي ماري وڌو؛ هن جا ساڻي هن جي ڳولا ۾ ويا ۽ لاش کي وڃي بازار ۾ ڏٺائون، ته شينهن هن جو سڄو رت پي ويو هو ۽ سندس گوشت کي چکيو به ڪونه هئائين.

چون ٿا ته ماڻهن سان هو هميشه اها ڪار ڪندو هو. ڪن ماڻهن پئي چيو ته اصل ۾ اهو ڪوبه وحشي جانور ڪونه آهي پر اهو هڪ جادوگر انسان آهي، جنهن کي جوکيه (جوڳي) ڪري چوندا آهن، جيڪو وحشي جانور جي صورت بدلائي ايندو آهي. مون کي يقين نٿي آيو پر مون کي ٻڌايو ويو ته انهن جي هڪ جماعت آهي، جن جي جادوءَ جون ڪي ڳالهيون ڪجن ٿيون.

## جوڳين جي جادوءَ جو بيان

هي جوڳي عجيب عجيب ڪم ڪندا آهن. انهن مان ڪي ته مهينن تائين نه ڪجهه کائيندا آهن ۽ نه پيئندا آهن، ۽ ڪي زمين ۾ کڏ کوٽي، ان جو منهن مٿان بند ڪري فقط هوا لاءِ هڪ سوراخ ڇڏي، ان ۾ رهندا آهن. هو انهن جي اندر مهينن جا مهينا رهندا آهن ۽ ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي ته اهي هڪ سال به اتي رهي سگهندا آهن. منجرور (منگور) جي شهر ۾ مون هڪ مسلمان کي ڏٺو هو، جيڪو هنن جوڳين جي شاگردي ڪندو هو ۽ هڪ اوچي پيچي ۾ بنا کائڻ پيئڻ جي ويٺو هوندو هو. مون هن کي پنجويهن ڏينهن تائين ته اهڙيءَ حالت ۾ ڏٺو هو، پوءِ مان اتان هليو آيو هوس. خبر نه آهي

ته هو اهڙيءَ حالت ۾ ڪيترو وقت رهيو هوندو.

ماڻهو چون ٿا ته هي جوڳي هڪ قسم جون گوليون تيار ٿا ڪن، جن مان هڪ گولي روز کائي ٿا ڇڏين، ته هنن کي کاڌي پيتي جي ڪابه ضرورت محسوس نٿي ٿئي. هي ماڻهو غيب جون ڳالهيون به ٻڌائيندا آهن. بادشاه هنن جي گهڻي عزت ڪندو آهي ۽ کين پنهنجي صحبت ۾ رکندو آهي. انهن مان ڪي ڀاڄيون کائيندا آهن ۽ ڪي گوشت، پر هنن مان گهڻا گوشت نه کائيندا آهن. انهيءَ جو به ظاهري مطلب اهو هوندو آهي ته رياضت ڪري، هو پنهنجي نفس کي انهن ڳالهين جو عادي ڪري ڇڏيندا آهن ۽ دنيا جي زيب ۽ زينت سان هنن جو ڪوبه واسطو نه رهندو آهي.

انهن مان ڪي اهڙا به هوندا آهن، جي رڳو ڪنهن ماڻهوءَ تي نظر وجهن ته يڪدم اهو ماڻهو مري ويندو آهي. عام ماڻهن جي راءِ آهي ته جڏهين ڪو ماڻهو نظر سان مري ٿو وڃي، ته جيڪڏهين ان جي سيني کي چاڪ ڪري ڏٺو وڃي ته ان جي اندر سندس دل ڪانه هوندي آهي، ڇاڪاڻ ته نظر هڻڻ وارو ماڻهو، هن جي دل کائي ڇڏيندو آهي. هي ڪم گهڻو ڪري عورتون ڪنديون آهن - ۽ اهڙي قسم جي عورتن کي ڪفتار ڪري چوندا آهن.

## ڳالهه

جڏهين هندستان ۾ وڏو ڏڪار پيو هو تڏهين بادشاه تلنگانا ۾ هو ۽ سندس حڪم ٿيو هو ته دهليءَ جي هر هڪ باشندي کي ڏيڍ رتل روزانا جي حساب سان کاڌي لاءِ ڏنو وڃي. وزيرن ماڻهن جي آدمشماري ڪري، اميرن ۽ قاضين کي ماڻهن جي هڪ هڪ جماعت سپرد ڪئي ته انهن ۾ کاڌو ورهائين. منهنجي حوالي پنج سؤ ماڻهن جي جماعت هئي، جن جي لاءِ

Marfat.com

سون پنهنجي گهر ۾ صفحا نهرائي چڏيا هئا جن ۾ هو رهندا هئا ۽ پنجن پنجن ڏينهن جو اناج هنن کي پيري پيري سان ورهائي ڏيندو هوس.

هڪ ڏينهن هو سون وٽ هڪ عورت کي وٽي آيا، ۽ سون کي ٻڌايائون ته هيءَ ڏائڻ آهي ۽ پنهنجي ٻاڙي واري گهر جي ماڻهوءَ جي ٻار جي دل کڌي کائي اٿس ۽ ٻار مري ويو آهي. سون کيس حڪم ڏنو ته هن کي نائب سلطان وٽ وٽي وڃو، جنهن سندس آزمائش جو حڪم ڏنو. اها آزمائش هيئن ويٺل آهن، جو چار دلا ٻاڦ جا ٻري هن جي چٽني هٿن ۽ پيرن ۾ ٻڌي کڻي کيس جمنا ندي ۾ وجهندا آهن، ته ٻوءَ جيڪڏهن هوءَ نه ٻڏي، ته سمجهندا ته ڏائڻ آهي، پر جي ٻڏي ويئي ته ڏائڻ نه آهي. آزمائش کان ٻوءَ نائب حڪم ڏنو ته هن کي باهه ۾ ساڙيو وڃي. ٻوءَ شهر جا مرد ۽ زالون هن جي سپ خاڪ ميڙي کڻي ويا، ڇو ته هنن جو خيال آهي ته جوکو ماڻهو انهيءَ خاڪ کي لڳائيندو آهي، اهو هڪ سال تائين ڏائڻ جي نظر کان محفوظ رهي سگهندو.

## ڇهون

مان دارالخلافه ۾ هوس ته هڪ ڏينهن بادشاه مون کي گهرايو. مان وڃي حاضر ٿيس ته بادشاه خلوت ۾ ويٺو هو. خاص خاص امير اتي موجود هئا، ۽ اهي به جوکي به ويٺا هئا جيڪي ولي ۾ ٻاڻ کي ڏکي ويهندا آهن. هو پنهنجن مٿن کي ڏکي چڏيندا آهن، ڇو ته هو مٿي جا وار خاڪ لڳائي پٺي چڏيندا آهن. بادشاه مون کي ويهڻ جي اجازت ڏني. مان ويهي رهيس ته بادشاه هنن کي ڇيو ته هي شخص (مان) تمام ڏورانهين ملڪ کان آيو آهي، تنهنڪري هن کي کا اهڙي نئين شيءَ ڏيکاريو، جيڪا هن اڳ ۾ ڪڏهن به نه ڏني هجي. هنن ڇيو ته ڇڪو.

Marfat.com

پوءِ هنن مان هڪ جوڳي پلٿي ماري ويهي رهيو ۽ آهستي آهستي ويو زمين کان مٿي هوا ۾ بلند ٿيندو، تان جو هو اسان جي مٿان هوا ۾ بيهي ويو. مون کي ڏاڍو عجب لڳو، مٿو ڦرڻ لڳم ۽ زمين تي ڪري پيس. جنهن تي بادشاه مون کي دوا پياري ته ڪجهه فرحت ٿيم ۽ ويهي رهيس، پر هو شخص ائين ئي هوا تي ويٺو رهيو. پوءِ ٻئي جوڳيءَ پنهنجون چاکڙيون کڻي هٿن ۾ کنيون ۽ غصي ۾ اچي گهڻيئي دفعا انهن کي زمين تي سٽ سٽ ڪري هنيائين. پوءِ اهي چاکڙيون به هوا تي مٿي چڙهي وييون ۽ جيڪو جوڳي مٿي هوا تي ويٺو هو، تنهن جي ڪنن تي اهي وسڻ لڳيون جنهن تي هو ٿورؤ ٿورو هيٺ ٿيندو ويو ۽ اچي اسان جي ڀرسان ويٺو.

بادشاه مون کي ٻڌايو ته چاکڙين موڪلڻ وارو استاد هو ۽ هوا ۾ اڏامڻ وارو سندس شاگرد، ۽ ائين به چئي ڏنائين ته جيڪڏهن تنهنجي عقل چرخ ٿي وڃڻ جو انديشو نه هجي ها، ته جيڪر اسان توکي ان کان وڌيڪ تماشا ڏيکاريون ها. تنهن هوندي به مون کي سوداءَ ٿي پيو ۽ بيمار ٿي پيس. بادشاه مون ڏانهن هڪ شربت موڪليو، جنهن جي پيئڻ سان ڪجهه ٺيڪ ٿيس.

شهر برون کان پوءِ اسان امواري (١) وياسين، جتان هلي اچي ڪچراد (ڪجراوية) * جي شهر ۾ پهتاسين. هت هڪ وڏو حوض آهي، جنهن جي ڊيگهه هڪ ميل آهي ۽ ان جي ڪناري تي هڪ مندر آهي، جنهن ۾ بت رکيل آهن ۽ مسلمانن انهن

---

* ڪجراوية يا ڪچراد:- هي هندستان ۾ هڪ شهر آهي، جيڪو ڇترپور کان ٢٧ ميل پري اڀرندي طرف آهي، ۽ شهر پنا کان ٢٥ ميل پري ڏکڻ اولهه ۾ آهي. --- مترجم

(١) امواري:- هن نالي سان هن وقت هندستان ۾ ڪو به اهڙو مشهور شهر ڪونهي. پر ابن بطوطه جي زماني ۾ ضرور ڪو شهر هوندو جيڪو هينئر ميٽجي ويو هوندو يا ڪو ننڊڙو ٻوٺڙو وڃي رهيو هوندو. —مترجم

Marfat.com

بتن جون اکيون، نڪ ۽ ڪن وڍي ڇڏيا آهن. هن حوض جي وچ ۾ ڳاڙهي پٿر جا ٽي قبا ٺهيل آهن. ان جي چئن ڪنڊن تي چار ٻيا قبا بيٺل آهن، جن ۾ جوڳي رهندا آهن. انهن جي وارن ۾ ڌوڙ پيل آهي ۽ پيرن تائين ڊگها وار رکيل اٿن. رياضت جي ڪري هنن جو رنگ زردو ٿي پيو آهي. ڪيترا مسلمان به انهن جي پٺيان ڦرندا وتندا آهن ته من انهن کان هي فن سکي سگهن.

ماڻهو ڳالهه ٿا ڪن ته ڪوڙهه جي بيماريءَ وارا ماڻهو هنن جوڳين وٽ اچي ترسندا آهن، ته خدا جي حڪم سان چڱا ڀلا ٿي ويندا آهن. پهريون دفعو مون جوڳي ماوراءالنهر جي بادشاه طرمشيرين جي ڪئمپ ۾ ڏٺا هئا، جيڪي تعداد ۾ پنجاه هئا ۽ انهن جي لاءِ زمين جي هيٺان هڪ غار کوٽايو ويو هو. هو رات ڏينهن ان ۾ رهندا هئا ۽ رڳو ضروري حاجت لاءِ ٻاهر نڪرندا هئا. هنن وٽ سڱ جي شڪل جهڙي هڪ شيءِ هوندي هئي، جيڪا هو صبح ۽ شام وڄائيندا رهندا هئا.

هنن جا عجيب عجيب طريقا هوندا هئا. انهن مان هڪڙي معبر جي بادشاه، سلطان غياث الدين دمغانيءَ جي لاءِ جماع ۽ قوت باه واسطي هڪڙا حب ٺاهيا هئا، جنهن ۾ فولاد جو جزو به هو. جڏهن انهن جو اثر سٺو ظاهر ٿيو، تڏهن معبر جو بادشاه ان مان وزن کان ڪجهه وڌيڪ کائي ويو ۽ مري پيو. ان کان پوءِ هن جو بادشاه ناصرالدين ٿيو، جو انهيءَ جوڳيءَ جي ڏاڍي عزت ڪندو هو. ان کان پوءِ اسان اتان ڪوچ ڪيو ۽ اچي جنديري* (چنديري) ۾ پهتاسين. هي هڪ وڏو شهر آهي ۽ سندس بازارين ۾ ڏاڍي رونق لڳي پيئي هئي.

---

* چنديري:- هي شهر هينئر ننڍڙو ڳوٺرو وڃي رهيو آهي، جو دهليءَ کان ٢٨٠ ميل پري آهي. ان جي ڀرسان ٽڪريءَ تي اڃا به هڪ شڪسته قلعو بيٺو آهي، جو تنهن زماني ۾ هڪ مضبوط قلعو هوندو هو. — مترجم

Marfat.com

هنن ملڪن جو امير الامراء، عزالدين بنتاني (ملتاني)، جيڪو اعظم ملڪ جي لقب سان مشهور آهي، پڻ هن شهر ۾ رهندو آهي. هو ڏاڍو نيڪ ۽ فاضل شخص آهي ۽ عالمن سان صحبت رکندڙ آهي. فقيهه عزالدين زبيري، وجيه الدين بيانوي جيڪو بيانا جو آهي، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري آيو آهيان، فقيهه قاضي جيڪو قاضي خاصه ڪري سڏبو آهي، ۽ امام شمس الدين هن جي مجلس جا خاص رڪن آهن. هن جو نائب خزانه قمرالدين نالي آهي ۽ سندس نائب فوج سعادت تلنگي آهي، جيڪو هڪ وڏو مشهور بهادر آهي. اهو ئي لشڪر جي ڪمن ڪارين جي خبر لهندو آهي. ملڪ اعظم رڳو جمعي جي ڏينهن ٻاهر نڪرندو آهي يا ڪنهن ڏينهن اتفاقاً ظاهر ٿيندو آهي.

پوءِ اسان چنديريءَ مان هلي اچي ظهار (ڌار) جي شهر ۾ پهتاسين. هيءُ شهر مالوه جو سڀ کان وڏو شهر آهي. هن ملڪ ۾ زراعت جام ٿيندي آهي، جنهن ۾ ڪڻڪ جي پيداوار گهڻي ٿيندي آهي. هتان دهليءَ، جيڪا چوويهه منزلون پري آهي، تائين پان موڪليا ويندا آهن. سڄي رستي تي پٿر جا ٿنڀ بيٺل آهن، جن تي مفاصلو به لکيل آهي، جيئن ڪو مسافر اهو معلوم ڪري سگهي ته هو اڄ ڪيترو پنڌ ڪري آيو آهي يا منزل تائين ڪيترو پنڌ باقي آهي يا جنهن شهر ڏانهن وڃي رهيو آهي سو ڪيترو پري آهي.

هي شهر شيخ ابراهيم (زيتالمهه جي رهاڪو) سالديپي جي جاگير ۾ آهي. هي شيخ ابراهيم پهريائين شهر جي ٻاهران اچي ويٺو هو ۽ اتي گدراپور جي غير آباد زمين کي آباد ڪيو هئائين. هن جا گدرا تمام مٺا هوندا هئا، پر هن جي آسپاس ٻيا ماڻهو جيڪي گدرا پوکيندا هئا سي اهڙا مٺا ڪين ٿيندا هئا. ۽ هو فقيرن ۽ غريبن کي کاڌو به کارائيندو هو. جڏهن بادشاه معبر ڏانهن ٿي ويو ته هن هڪ گدرو اچي بادشاه جي خدمت ۾ پيش ڪيو هو، جيڪو بادشاه کائي ڏاڍو خوش ٿيو هو. هي

Marfat.com

شهر ظهار (۱) هن‌کي ان ڪري جاگير ۽ ڏيڻي ڇڏيو هئائين. ڪيس ڪري ڏنو هئائين ته هڪ دڙو، جيڪو شهر کان ڪجهه ٿيرو هو، تنهن تي هڪ خانقاهه ٺهرائي. پوءِ هن اتي هڪ نهايت سٺو خانقاه ٺهرايو، جنهن ۾ هو غريبن ۽ مسافرن کي کاڌو کارائيندو هو ۽ ڪن سالن تائين اڻين ڪندو رهيو.

هڪ دفعي هن بادشاه وٽ اچي، تيرهن لک دينار ڪيس ڏنرانو ڏنو، ۽ چيائين ته غريبن کي کاڌي کارائڻ کان پوءِ جيڪ مال بچيو آهي، جيڪو شاهي خزاني جي ملڪيت آهي. بادشاه کانئس اهو مال ته ورتو، پر سندس انهيءَ ڪم کي ته هن سيڪجهه غريبن کي ڇو نه ڪارايو، پسند نه ڪيائين. هن شهر ۾ وزير جي پاڻيجي(حسن شاه) پنهنجي مامي خواجه جهان کي گرفتار ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو، ته جيئن سندس سڄو خزانو هٿ ڪري، باغي معبر ڏانهن پڄي وڃي. پر هن جي مامي کي بروقت خبر پنجي ويئي، جنهن يڪدم هن کي گرفتار ڪري ورتو ۽ هن جي رازدار امين کي بادشاه ڏانهن موڪلي ڏنو. بادشاه انهن امين کي ته مارائي ڇڏيو، باقي وزير جي پاڻيجي کي وزير ڏانهن واپس موڪلي ڏنائين، جنهن هن کي قتل ڪرائي ڇڏيو.

## ڳالهه

جڏهن وزير جي پاڻيجي کي واپس وزير وٽ آندو ويو، ته هن کيس قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو هن وٽ (وزير جي

---

(۱) شهر ظهار يا ذار — "آئين اڪبريءَ" ۾ هن شهر جو بيان آيل آهي ته هي شهر راجا پوج جي راج ڌاني هوندو هو. هن وقت ذار هڪ ننڍڙي رياست آهي ۽ ڇڻي آدمشماري اٽس. مسلمانن جي وقت ۾ هيءُ هڪ وڏو شهر هوندو هو، ۽ اڃا تائين به هن ۾ هڪڙي ڳاڙهي پٿر جون مسجدون مرمت جي قابل موجود آهن. - مترجم

Marfat.com

ڀاڻيجي وٽ) هڪ ٻانهي هوندي آهي، جنهن تي هو عاشق هوندو هو، ۽ درخواست ڪيائين ته انهيءَ ٻانهيءَ کي سندس سامهون گهرايو وڃي. پوءِ ان ٻانهيءَ جي هٿان هڪ پان وٺي کاڌائين، ۽ پاڻ به هڪ پان ٺاهي، هن کي ڏنائين، ۽ کيس گلي سان لڳائي، کانئس موڪلاڻي ڪيائين. ان کان پوءِ هن کي هاٿيءَ جي اڳيان اڇلايو ويو، ۽ سندس کل لهرائي، ان ۾ بهه ڀريو ويو. جڏهن رات پئي، تڏهن اها ٻانهي ٻاهر نڪتي ۽ سندس قتل ٿيڻ واريءَ جڳهه جي ڀرسان، هڪ کوهه ۾ ٽپو ڏيئي مري ويئي. ٻئي ڏينهن هن کي مرده ڏٺو ويو، ۽ هن کي اتان ڪڍي، ٻنهي کي هڪڙيءَ قبر ۾ دفن ڪيو ويو. ان قبر کي گور عاشقان (عاشقن جي قبر) ڪري سڏيندا آهن.

ان کان پوءِ اسان ظهار جي شهر مان ڪوچ ڪري اچي اجين (١) ۾ پهناسيز. هيءُ هڪ سهڻو شهر آهي، جنهن ۾ وڏيون وڏيون عمارتون آهن، ۽ ملڪ ناصرالدين بن عين الملڪ، جيڪو هڪ وڏو فاضل، عالم ۽ شريف النفس انسان هوندو هو، به هن شهر ۾ رهندو هو. هو سنداپور جي ٻيٽ (گوا) جي فتح وقت شهيد ٿي ويو هو. مون سندس قبر جي زيارت ڪئي هئي، جنهن جو بيان ڪري آيو آهيان. فقيه ۽ طبيب جمال الدين مغربي غرناطي به هن شهر ۾ رهندو هو.

---

(١) اجين — هي هندستان ۾ هڪ قديمي شهر آهي، جيڪو سپئيرا نديءَ جي ڪناري تي ٻڌل آهي. هيءَ مالوه جو قديم دارالخلافه هوندو هو، پر هاڻي گواليار جي رياست ۾ آهي. پراڻي شهر جا کنڊرات اڃا تائين به نئين اجين جي ڀرسان اٽڪل هڪ ميل جي ايراضيءَ ۾ موجود آهن، جنهن مان ثابت آهي ته هي تمام وڏو شهر هوندو هو. سنه ١٦٥٨ع ۾ اورنگزيب ۽ دارا شڪوه جي لڙائي به هن شهر جي ويجهو لڳي هئي. سنه ١٧٩٢ع ۾ 'هولڪر' هن شهر کي ساڙيو هو ۽ سنه ١٨١٠ع تائين هيءُ شهر سنڌيا جو پايه تخت ڪيو ويو، پر پوءِ 'گواليار' دارالحڪومت رهيو.

— مترجم

Marfat.com

پوءِ اسان اجين مان هلي اچي، دولت آباد ۾ پهتاسين، جو تمام وڏو شهر آهي ۽ دهليءَ جو مقابلو ٿو ڪري. هن جا ٽي حصا آهن؛ هڪ حصي کي دولت آباد ٿا چون، جنهن ۾ بادشاه ۽ ان جو لشڪر موجود آهي، ٻئي حصي کي ڪتڪته چوندا آهن، ۽ ٽئين حصي کي، جيڪو هڪ قلعو آهي، ديوگير چوندا آهن. هي قلعو تمام مضبوط آهي، ايتري قدر جو سندس جهڙو ٻيو مضبوط قلعو سڄي ملڪ ۾ ڪونه آهي. بادشاه جو استاد خان اعظم قتلو خان به هن ئي قلعي ۾ رهندو آهي. ساگر ۽ تلنگانا به هن جي ماتحت آهن ۽ سندس علائقو ٽن مهينن جي پنڌ تائين پکڙيل آهي. هن جي طرفان هر جڳهه نائب ۽ حاڪم رهندا آهن. ديوگير جو قلعو، زمين جي سطح کان مٿي هڪ ٽڪر تي ٺهيل آهي، جنهن جي کوٽائي ڪرائي، ان جي چوٽيءَ تي هي قلعو ٺهرايو ويو آهي.

هن قلعي تي چمڙي جي ڏاڪڻين جي ذريعي چڙهي ويندا آهن ۽ رات جو اهي ڏاڪڻيون مٿي ڇڪي وٺندا آهن. هن قلعي جا محافظ پنهنجي اهل اولاد سميت ان ۾ رهندا آهن. هن قلعي ۾ هڪڙا غار ٺهيل آهن، جن ۾ وڏن وڏن ڏوهارين کي قيد ڪندا آهن. هنن غارن ۾ وري ايڏا ته وڏا ڪئا رهندا آهن، جن کان ٻلي به ڊڄندي آهي ۽ اٽڪل ۽ چالاڪيءَ کان سواءِ انهن کي ڦاسائي نه سگهندي آهي.

'ملڪ خطاب' افغان مون کي ٻڌايو ته هڪ دفعي هن قلعي جي هڪ غار ۾ هو قيد ڪيو ويو هو، جنهن کي ڪئن جو غار ڪري چوندا آهن: "پوءِ رات جو اهي ڪئا گڏجي، اچي مون تي حملو ڪندا هئا ۽ مان سڄي رات انهن سان لڙائي ڪندي گذاريندو هوس. هڪ رات مان سمهيو پيو هوس ته ڪنهن خواب ۾ مون کي چيو ته سورت اخلاص هڪ لک دفعا پڙهه ته الله تعاليٰ توکي هتان ڇڏائيندو. پوءِ مون ايترا ڀيرا سورة اخلاص پڙهي، ته منهنجي آزاديءَ جو حڪم اچي پهتو. منهنجي

Marfat.com

آزادیءَ جو سبب هي هو، جو منهنجي پرواري غار ۾ ملڪ مل قيد هو، تہ سندس آگريون ۽ اکيون اهي ڪنا ڪائي ويا هتا، جنهنکري هو مري ويو هو. بادشاه کي جڏهن اها خبر پهتي، تڏهن چيائين خطاب کي تہ وڃي ڪيو ستان هن کي بہ ڪنا ڪائي وڃن!"

هن ئي قلعي ۾ ناصر الدين بن ملڪ مل ۽ قاضي جلال‌الدين، جڏهن بادشاه کين شڪست ڏني هئي، اچي پناهہ ورتي هئي. دولت آباد جا اصل باشندا مرهٹا آهن، جن جون عورتون تمام سهڻيون تهنديون آهن ۽ سندن ڪ ۽ پيرون خاص طرح سان بي مثال ٿيندا آهن. اهي محبت ڪندڙ ۽ جماع ۾ لذت ڏيندڙ بہ مشهور آهن. هن شهر ۾ گهٹو ڪري هندو واپار ڪندا آهن ۽ جواهرات جي سوداگري بہ ڪندا آهن، تنهنکري ڏاڍا مالدار آهن. انهن کي شاهہ (ساهوڪار) ڪري چوندا آهن، جيئن مصر ۾ واپارين کي "مڪارم" چوندا آهن. دولت آباد ۾ انب ۽ انار جام ٿيندا آهن ۽ سال ۾ بہ دفعا ڦر جهليندا آهن. هن ملڪ جي آمدني بہ سندس آبادي ۽ ڪشادگيءَ سبب بين علائقن کان وڌيڪ آهي. هڪ هندوءَ مون کي ٻڌايو تہ هن سڄي علائقي جو ٽيڪو هڪ هندو واپاريءَ تيرهن ڪروڙ دينارن ۾ کنيو هو، پر هو اهو پورو ڪري نہ سگهيو ۽ ان ڏانهن بقاياڻون رهجي ويون، تنهنڪري هن جو سڄو مال ضبط ڪيو ويو ۽ سندس ڪل لهرائي ويئي.

## گاڏي بجاڻي جي بازار

دولت آباد ۾ گهاٹ ۽ وڃاٹ وارن جي هڪ بازار آهي، جنهن کي طرب آباد ڪري سڏيندا آهن. هيءَ بازار تمام ڪشادي ۽ خوبصورت آهي، جنهن ۾ ڪيترائي دڪان آهن. هر هڪ دڪان جو هڪ دروازو سندس مالڪ جي گهر ڏانهن کلندو آهي، ۽ ٻئي طرف، انهيءَ دروازي کان سواءِ، انهيءَ گهر کي

Marfat.com

ٻيو ٻه دروازو ٿيندو آهي. دڪانن ۾ ڏاڍا عمدا فرش هوندا آهن، ۽ ٽيڪ وچ تي هڪ هندوري جهڙي پينگهه ٽنگيل هوندي آهي، جنهن ۾ گاني واري عورت ويٺل يا ليٽيل هوندي آهي، ۽ سندس ٻانهيون انهيءَ پينگهه کي ٻيون لوڏيندڙيون آهن؛ اهي پينگهون ٻه تمام سينگاريل هوندڙيون آهن.

بازار جي وچ ۾ هڪ وڏو گنبذ ٿهيل آهي، جيڪو فرش فروش سان تمام گهٽو سينگاريل رهندو آهي، ۽ ان ۾ هنن گهمڻ ڦرڻ جو چوڏاري هر خميس جي ڏينهن عصر جي نماز کان پوءِ اچي وهندو آهي. هن جا غلام ۽ خادم ٻه اتي حاضر هوندا آهن. پوءِ هر هڪ گاني واري هن جي سامهون اچي، واري واري سان گهمندي وڃائيندي آهي. اها محفل مغرب تائين هلندي آهي، جنهن کان پوءِ هو اتي، ٻنهنجي گهر هليو ويندو آهي. هن بازار ۾ مسجدون ٻه آهن ۽ اتي رمضان شريف ۾ تراويح جي جماعت ٻه ٿيندي آهي. گهٽو ڪري هندو راجا، جيڪي هيءَ بازار گهمڻ ايندا آهن، سي ان گنبذ ۾ اچي ترسندا آهن، ۽ گاني واريون اچي، انهن جي سامهون گهمائيندڙيون آهن. ڪي مسلمان بادشاه ٻه اڳين ڪندا آهن.

پوءِ اسان دولت آباد جي شهرن سان ڪوچ ڪري اچي نذربار (۱) پهتاسين. هي هڪ نندڙو شهر آهي، جنهن ۾ گهٽو

---

(۱) نذربار- هن وقت هن شهر کي نندو بار ڪري سڏيندا آهن، ۽ خانديش جي پرسان تاپتي نديءَ جي پرسان ڏاکڻي ڪناري تي آهي. 'تاريخ فرشته' موجب جڏهن ملڪ ڪافور ديول ديويءَ جي وٽ لاءِ ويو هو، تہ ان وقت هن سلطان پور ۽ نذربار ۽ شهر آباد ڪيا هئا. موجوده وقت ۾ هيءُ ڪو اهڙو وڏو شهر ڪونهي، پر ڪنهن زماني ۾ ضرور هي هڪ وڏو شهر ۽ تجارت گاه هوندو هو. سنہ ۱۶۶۶ع ۾ هت ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ وارن هڪ ڪوٺي ڪولي هئي، جيڪا پوءِ احمد آباد ۾ کڻي ويا. باجي راءِ جي وقت ۾ ئي هيءُ شهر غير آباد ٿي ويو. هن ۾ اڃا تائين ٻه ڪي جهونيون مسجدون ۽ عمارتون موجود آهن. — مترجم

ڪري مرهٽا رهندا آهن. هو دستڪاريءَ ۾ مشهور آهن ۽ انهن مان ڪي سٺا طبيب ۽ منجم به آهن. شريف خاندان جا مرهٽا، برهمڻ ۽ ڪتري آهن. هنن جي غذا سايون ڀاڄيون ۽ سرنهن جو تيل آهي، ۽ هو گوشت کي ته اصل ويجهو به ڪين وڃن. هو ڪنهن به جانور کي ايذاءُ نه پهچائيندا آهن ۽ نه وري انهن کي ذبح ڪندا آهن. جيئن جنابت کان پوءِ غسل ضروري ٿيندو آهي، تيئن هو کاڌي کائڻ کان اڳ ۾ غسل ضروري ڪندا آهن. ۽ پنهنجي ويجهن عزيزن مان اصل مائٽي نه ڪندا آهن، بلڪ شادين ۾ ستن پيڙهين جي مائٽيءَ جو ضرور فرق ڪندا آهن. هو شراب به ڪونه پين ۽ شراب پيئڻ کي عيب ڪري سمجهندا آهن.

هندستان ۾ مسلمان به شراب پيئڻ کي سخت عيب سمجهندا آهن. ۽ جيڪڏهن ڪو مسلمان شراب پيئندو آهي ته هن کي اسي درا لڳائي، ٽن مهينن تائين تهه خاني ۾ قيد ڪندا آهن ۽ کاڌي جي وقت کان سواءِ هن کي ڪڏهن به ڪونه کوليندا آهن.

ان کان پوءِ اسان اتان هلي اچي ساغر (ساگر) * ۾ پهتاسين. هيءُ هڪ وڏو شهر آهي ۽ ان نالي واري درياءَ ساگر تي ٻڌل آهي. هن درياءَ جي ڪناري تي نار چڙهيل آهن، جن تي انب، ڪيلي ۽ ڪمند جا ڪيترائي باغ آهن. هن شهر جا رهاڪو ڏاڍا ديندار ۽ نيڪ آهن. هنن باغن ۾ خانقاهه ۽ اوطاقون ٺهرائي ڇڏيون آهن، جن ۾ مسافر اچي رهندا آهن. جيڪو به شخص خانقاه ٺهرائيندو آهي ته ان سان گڏ باغ ضرور پوکائيندو آهي ۽ پنهنجي اولاد کي ان جو متولي ڪري ويندو آهي، پر جيڪڏهن اولاد نه هجيس ته ان جو متولي قاضي ٿيندو آهي.

هن شهر ۾ عمارتون تمام گهڻيون آهن، ۽ ڪيترائي ماڻهو هتان جي ماڻهن سان ملڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ ايندا آهن، ڇو ته هت

---

* ساگر- هن نالي وارو هن وقت ڪو به اهڙو مشهور شهر هندستان ۾ ڪونه رهيو آهي. — مترجم

ڪنهن به قسم جو خرچ يا محصول ڪونه ورتو ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي ته هت تمام گهڻا مسافر ايندا آهن. پوءِ اسان ساگر مان هلي، اچي کنڀات ۾ پهتاسين. هي شهر سمنڊ جي هڪ کاريءَ تي ٻڌل آهي، جيڪا هڪ واديءَ جي شڪل جهڙي ٿيندي آهي ۽ ان ۾ جهاز اندر اچي سگهندا آهن. هن ۾ مدوجزر (چنڊ جي ڪشش جي ڪري، پاڻيءَ جو لهڻ ۽ چڙهڻ، جنهن کي هنديءَ ۾ جوار ڀاٽا چوندا آهن) به ٿيندو رهندو آهي.

پاڻيءَ جي لهڻ وقت، مون ڪيترائي ننڍا جهاز گپ ۾ گپيل ڏٺا، ۽ جڏهن سمنڊ جو پاڻي چڙهيو، تڏهن اهي وري تري رهيا هئا. هيءُ شهر، ٻين سڀني شهرن کان مضبوط ۽ خوبصورت ٻڌل آهي. هن ۾ تمام سٺيون سٺيون عمارتون ۽ مسجدون آهن، ۽ گهڻو ڪري، هتان جا رهاڪو پرڏيهي سوداگر آهن، جيڪي گهڻو ڪري عاليشان گهر ۽ وڏيون وڏيون مسجدون ٺهرائڻ ۾ هڪٻئي کان گوءِ کڻي وڃڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

سڀني کان وڏو عاليشان گهر انهيءَ شريف سامريءَ جو آهي، جنهن مون کي حلوي جي نالي ٻڌائڻ وقت بادشاه جي اڳيان شرمندو ڪرڻ ٿي گهريو. ان گهر ۾ جيڪو ڪاٺ استعمال ڪيو ويو آهي، تنهن کان وڌيڪ مضبوط ۽ ٿلهو ڪاٺ مون ٻئي ڪنهن به گهر ۾ استعمال ٿيل ڪونه ڏٺو. هن گهر جو دروازو به ايترو وڏو آهي، جيترا شهر جا ٻيا دروازا آهن، ۽ ان جي ڀرسان هڪ وڏي مسجد آهي، جنهن کي سامريءَ جي مسجد ڪري چوندا آهن. ملڪ التجار گازرونيءَ جو گهر به تمام عاليشان آهي ۽ ان جي ڀرسان به مسجد ٺهيل آهي. ازانسواءِ شمس الدين ڪلاه دوز، يعني ٽوپيون ٺاهيندڙ، جو گهر به تمام وڏو آهي.

جڏهن قاضي جلال جي بغاوت ٿي هئي، تڏهن شمس الدين، ناخدا الياس، جيڪو پهريائين هن ملڪ جو هندو هو، ۽ ملڪ الحڪماءِ، هن شهر ۾ اچي پناه ورتي هئي، ۽ شهر جي چوڌاري خندق

Marfat.com

ڪوٽائڻ شروع ڪئي هئائون، جو هت شهر پناه ڪانه هئي. جڏهن ناڪامياب ٿيا ۽ بادشاه جو لشڪر اچي شهر ۾ داخل ٿيو، تڏهن ٽيئي ڄڻا وڃي هڪ گهر ۾ لڪا ۽ گرفتاريءَ جي ڊپ کان ارادو ڪيائون ته هڪٻئي کي ڪٽار سان پورو ڪري ڇڏين ۽ اهڙيءَ طرح سان انهن سان ٻه ڄڻا ته مري ويا، پر ملڪ الحڪماءُ ڪونه مئو.

هن ئي شهر ۾ نجم الدين جيلاني هڪ وڏو واپاري هوندو هو، جيڪو شڪل ۾ موچارو ۽ وڏو مالدار هو. هن به هڪ وڏو گهر ۽ مسجد ٺهرائي هئي. بادشاه هن کي پاڻ وٽ گهرائي، کيس کنڀات جو حاڪم مقرر ڪري، طبل ۽ علم به بخشيو هو، ۽ اهو ئي سبب هو، جو ملڪ الحڪماءُ باغي ٿيو هو ۽ آخر پنهنجي جان ۽ مال تان هٿ ڌوئڻا پيس. جڏهن اسان کنڀات ۾ پهتاسين، تڏهن اتي جو حاڪم مقبل تلنگي هو. بادشاه هن جو ڏاڍو قدر ڪندو هو. شيخ زادو اصفحاني هن جي صحبت ۾ رهندو هو ۽ هن جي طرفان ملڪ جا معاملا شيخ جي سپرد هوندا هئا. هي شيخ امور سلطنت مان تمام گهڻو واقف هوندو هو، تنهنڪري هو ڏاڍو مالدار ٿي ويو هو ۽ پنهنجي دولت آهستي آهستي پنهنجي ملڪ ڏانهن موڪليندو رهندو هو. آخر هو ڀڄي وڃڻ لاءِ ڪا ترڪيب سوچڻ لڳو، ته بادشاه کي خبر پئجي ويئي.

ڪنهن وڃي بادشاه کي ٻڌايو ته هو ڀڄي وڃڻ ٿو چاهي، تنهنڪري بادشاه مقبل کي لکيو ته هن کي ٽپال (١) جي ذريعي دارالخلافه ڏانهن موڪلي ڏيو. مقبل هن کي موڪلي ڏنو. جڏهن

---

(١) شيخ کي 'ٽپال' ۾ موڪلڻ:- هن کان اڳ هندستان ۾ ٽپال جي عنوان ۾ ابن بطوطه لکي آيو آهي ته رستي تي اهڙيون چونڪيون ٺهيل هونديون هيون، جتي ٽپال پهچائيندڙ ماڻهو، تيار بيٺا هوندا هئا. ان ۾ جلد گهربل ماڻهوءَ کي ٻه کٽ تي کڻي، ڀڄندا ويندا هئا، وغيره.

— مترجم

Marfat.com

هي بادشاه جي روبرو وڃي حاضر ٿيو، تڏهن هن تي پهرو مقرر ڪيو ويو هن ملڪ جو دستور آهي ته جڏهن ڪنهن تي پهرو مقرر ڪيو ويندو آهي ته ان جو بچڻ محال آهي. هن پهريدار سان سازش ڪري هن کي تمام گهڻو سامان ڏيڻو ڪيو. پوءِ ٻيئي چڻا ڀڄي نڪتا. هڪ معتبر ماڻهوءَ مون کي ٻڌايو ته مون هن کي شهر قلهات (قلات) جي مسجد ۾ ڏٺو هو، ۽ پوءِ هو اتان پنهنجي وطن هليو ويو ۽ وڃي پنهنجو سمورو مال هٿ ڪيائين ۽ جان به بچايائين.

## ڳالهه

جڏهن ملڪ مقبل اسان جي دعوت پنهنجي گهر ۾ ڪئي، تڏهن اتي هڪ مزي جي ڳالهه ٿي. ڇا ٿيو جو شهر جو قاضي، جيڪو هڪ اک کان ڪاڻو هو، تنهن جي سامهون شريف بغدادي ويٺو هو. هو شڪل ۾ هوبهو قاضيءَ جهڙو پئي لڳو، پر کاٻيءَ اک کان ڪاڻو هو. شريف، قاضيءَ ڏانهن ڏسي، پئي هن تي کليو. قاضي تنهن تي هن کي ڇڙٻ ڏيڻ لڳو. شريف به ترڪي به ترڪي جواب ڏنس ته "ان ۾ ناراض ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ مان توکان وڌيڪ خوبصورت آهيان." قاضيءَ پڇيس ته سو وري ڪيئن؟ تنهن تي جواب ڏنائينس ته منهنجي کاٻي اک ڪاڻي، پر تنهنجي ته ساڄي اک ڪاڻي آهي. هي ٻڌي امير ۽ سڀ حاضرين اچي کل ۾ پيا ۽ قاضي ڏاڍو شرمندو ٿيو، پر هن کي ڪوبه جواب ڏيئي نه سگهيو، ڇو ته هندستان ۾ شريفن (سيدن) جي تمام گهڻي تعظيم ۽ عزت ڪندا آهن.

هن شهر ۾ هڪ بزرگ الحاج ناصر باربڪر جو رهاڪو جامع مسجد جي هڪ قبي (حجري) ۾ رهندو آهي. اسان هن جي زيارت لاءِ هن وٽ ويا هئاسين، ۽ ماني به هن سان گڏجي کاڌي

هئيسين. جڏهن قاضي جلال کنيات ۾ داخل ٿي، اچي بغاوت کڻي هئي، تڏهن هن بزرگ وٽ اچي حاضر ٿيو هو. بادشاه کي کنهن وڃي ٻڌايو ته هن بزرگ، قاضي جلال لاءِ دعاگهري آهي، تنهنکري هي ويچارو بزرگ، بادشاه جي اچڻ جو ٻڌي، پڇي ويو هو ته کٽي هن جو حال به شيخ حيدريءَ جهڙو نه ٿئي!

هن شهر ۾ ٻيو بزرگ خواجه اسحاق نالي هڪ تاجر آهي، جنهن جي خانقاه ۾ هر مسافر کي کاڌو ملندو آهي ۽ فقيرن ۽ مسڪينن کي روڪ ٽڪا به ڏنا ويندا آهن ۽ چون ٿا ته هن جي ايتري خرچ هوندي به هن جي مال ۾ روز بروز واڌارو ٿيندو ٿو وڃي. پوءِ اسان هن شهر مان کوچ کري کاويءَ (١) ۾ پهتاسين، جيڪو سمنڊ جي هڪ کناريءَ جي کناري تي آهي ۽ هت به پاڻيءَ جو لاهه ۽ چاڙهه ٿيندو آهي ۽ راءِ جالينسي، هندو راجا جي علاقي ۾ آهي، جنهن جو بيان اڳتي کنداسين. پوءِ اسان اتان کوچ کري اچي، 'قندار' جي شهر ۾ پهتاسين، جو هندن جو هڪ آڳاٽو وڏو شهر آهي ۽ سمنڊ جي کناري تي پڌل آهي.

## اڻي جي راجا جو بيان

قندار جي هندو راجا جو نالو جالينسي آهي. هي اسلامي حڪومت جي ماتحت آهي ۽ هر سال هندستان جي بادشاه جي دل پسريندو آهي. اسان جڏهن قندار ۾ پهتاسين تڏهن هي اسان جي استقبال لاءِ ٻاهر آيو ۽ اسان جي ڏاڍي عزت کيائين. هن

---

(١) کاوي (گاوي) ۽ قندار- هي ٻئي بندر هن وقت ڪٿي ويا آهن. قندار هي افغانستان وارو قندار کونهي، پر هندستان ۾ هڪ بندر جو نالو هو، جيڪو نربدا نديءَ جي منهن وٽ هوندو هو. -مترجم

پنهنجو محل اسان لاءِ خالي ڪري ڇڏيو هو، جنهن ۾ اسان وڃي لٿاسين. پوءِ وڏا وڏا مسلمان اسير هن جي طرفان اسان جي استقبال لاءِ آيا، جن ۾ خواجہ بهره جا پٽ ۽ لاخدا ابراهيم پڻ هوءِ هن شخص جا ڇهه جهاز خاص سندس ملڪيت آهن. پوءِ اسان هن شهر مان سمنڊ ۾ سفر شروع ڪيو.

Marfat.com

# باب اڻون

## فصل پهريون

# اسان جي سمند رستي سفر جو بيان

اسان ناخدا ابراهيم جي جهاز "جاگير" (۱) نالي تي چڙهياسين ۽ تحفي جي گهوڙن مان ستر گهوڑا به اسان ان تـي چاڑهيا. تحفي جا ٻيا رهيل گهوڑا ۽ نوڪر چاڪر، ابراهيم جي پاڻ جي جهاز تي، جنهن جو نالو "منورت" هو، سوار ٿياء راء جالينسي اسان کي هڪ ٻيو جهاز ڏنـو، جنهن ۾ ظهيرالدين جا گهوڑا، سنبل ۽ ان جا نوڪر چاڪر چڙهياء جالينسي اسان جي لاء پاڻي، زاد راهه ۽ گهوڙن جي چاري جو پڻ بندوبست ڪيو ۽ پنهنجي پٽ کي "عڪيري" نالي جهاز ۾ چاڑهي اسان سان‌گڏ موڪلياٿين. اهو جهاز غوراب جي شڪل جهڙو هو، پر ان کان گهٽو ڪشادو هو. ان ۾ مضبوط ٽنيا هئا. لڙائيءَ جي وقت ان تي ڇت چاڑهي ڇڏيندا هئا تہ انهيءَ ٽنيائينءَ ڇت کي تير يـا پٿر لڳي نـہ سگهندا هئا.

جهاز جاگير جنهن ۾ اسان چڙهيا هئاسين، تنهن ۾ پنجاهه تير انداز ۽ پنجاهه جنگي حبشي هئا، جيڪي هن سمند جا امير ليکيا ويندا آهن، ۽ جيڪڏهين انهن مان رکو هڪ بـه ڪنهن جهاز تي سوار هوندو آهي، تہ هندو چور ۽ باغي ان کي ڪجهه

(۱) هت اصل متن ۾ جاڪر لکيل آهي، اصل هنديءَ ۾ جاگير صحيح آهي.

Marfat.com

به نه چوندا آهن. ان سان ٻن ڏينهن جي سفر کان پوءِ هڪ بيرم (١) نالي ٻيٽ تي اچي لٿاسين. هيءُ ٻيٽ بلڪل خالي لڳو پيو هو، ۽ خشڪيءَ کان پوءِ صرف چار ميل پري هو. اسان اتي ترسي حوض مان پاڻي کنيو.

ان جي غير آباد هجڻ جو سبب اهو ٿو چيو وڃي ته مسلمانن هتي جي هندن تي حملو ڪيو هو. ان وقت کان پوءِ وري هندن وڃي ان کي آباد نه ڪيو. ملڪ التجار، جنهن جو بيان ڪري آيا آهيون، هن کي آباد ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو ۽ ان کي شهر پناهه ڏياري، ان جي مٿان منجينقون رکائي، مسلمانن کي ان ۾ آباد ڪيو هئائين. پوءِ اسان اتان هلي، ٻئي ڏينهن اچي قوقه (٢) (گهوگها) ۾ پهتاسين. هيءُ هڪ وڏو عاليشان شهر آهي، جنهن ۾ تمام وڏيون بازاريون آهن. اسان شهر کان چار ميل پري اچي لنگر انداز ٿيا هئاسين، ڇو ته اهو جزر جو وقت هو؛ تنهنڪري، پاڻي لهي ويو هو.

پوءِ اسان ننڍين ٻيڙين ۾ چڙهي شهر ڏانهن وياسين. جڏهن شهر کان اڃا هڪ ميل پري هئاسين ته ٻيڙيون پاڻيءَ جي نه هئڻ سبب گپ ۾ گپي پيون. مان پنهنجي ٻن ماڻهن جي مدد سان شهر ڏانهن روانو ٿيس. ماڻهو ڊپ ڏياري رهيا هئا ته جيڪڏهن پاڻي چڙهي ويو ته ڏاڍا مشڪل ۾ پوندؤ ۽ مان ته تري به ڪونه ڄاڻندو هوس. آخر اچي شهر ۾ پهتس ۽ بازاريون گهمي، هڪ مسجد ۾، جيڪا حضرت خضر ۽ حضرت الياس ڏانهن منسوب

---

(١) بيرم - هڪ ميل کن ڊگهو ٻيٽ آهي. هت انگريزن سنه ١٨٦٥ع کان هڪ لائيٽ هائوس ٺهرائي ڇڏيو آهي، جنهن تي سمنڊ جي سطح کان هڪ سو فوٽ مٿي بتيون ٻرنديون هونديون آهن — ڏسو نقشو هندستان ابن بطوط جو سير. — مترجم

(٢) قوقه - ڪاٺياواڙ ۾ بمبئي کان ٩٣ ميل پري هڪ ٻيٽ آهي، هتي جا ماڻهو جهازن تي خلاصي يا لشڪر ۾ ڀرتي ٿيل آهن، ۽ گهڻو ڪري جهازرانيءَ جا شوقين آهن. — مترجم

Marfat.com

هئي، وڃي مغرب جي نماز پڙهيم. ان مسجد ۾ مون حيدري فقيرن جي هڪ جماعت ڏٺي، جن جو شيخ به هنن سان گڏ هو. پوءِ مان جهاز ڏانهن واپس هليو آيس.

## هتي جو راجا

هتي جي راجا جو نالو دنڪول آهي، ۽ رڳو نالي ۾ بادشاه جو مطبع آهي، پر حقيقت ۾ هو نافرمان آهي. پوءِ اسان هن شهر مان هلي، ڏنهن ڪان پوءِ اچي سنداپور (١) جي بيٺ ۾ پهتاسين. هن بيٺ ۾ چٽيهه ڪوٽ آهن. هن جي اردگرد سمنڊ جي هڪ ڪاري آهي، جنهن ۾ پاڻيءَ جي لاهه وقت ته پاڻي منو هوندو آهي، پر چاڙهه وقت لوڻ جهڙو ڪارو هوندو آهي. هن بيٺ جي وچ ۾ به شهر آهن، جن سان هڪ تمام وڏو هندن جو آباد ڪيل آهي، ۽ ٻيو مسلمانن انهيءَ وقت آباد ڪيو هو، جڏهن هنن هن بيٺ کي ٻهريون دفعو فتح ڪيو هو. ان ۾ هڪ جامع مسجد، بغداد جي مسجدن جي نموني تي، نهيل آهي، جيڪا ناخدا حسن سلطان جمال الدين محمد هنوريءَ جي والد ٺهرائي هئي. هن بيٺ کي ٻي دفعي فتح ڪرڻ جي موقعي تي مان به موجود هوس، جنهن جو اڳتي بيان ڪندس. هن بيٺ مان هلي، اسان هڪ ننڍڙي بيٺ تي اچي لنگاسين، جيڪو خشڪيءَ جي بلڪل ويجهو هو. ان ۾ هڪ مندر، هڪ باغ ۽ هڪ حوض هو، ائين مون هڪ جوڳي ڏٺو هو.

## ان جوڳيءَ جي ڳالهه

جڏهن اسان هيٺ بيٺ تي اچي لنگاسين، تڏهن اسان هڪ جوڳيءَ کي ڏٺو، جيڪو هڪ بتخاني ۾ ٻن بتن جي وچ ۾ پنهنجي آسڻ تي ويٺو هو. ان جي منهن مان معلوم پئي ٿيو ته

---

(١) سنداپور- هن کي هاڻي ڪوا ڪري ٿا سڏين. — مترجم

هن ڏاڍي رياضت ۽ جفاڪشي ڪئي آهي. اسان هن سان گهالهاڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن ڪوبه جواب ڪونہ ڏنو. اسان جاچ ڪئي تہ هن وٽ ڪائنہ ٻيٽ لاءِ بہ ڪجهہ آهي يا نہ، پر اسان کي ڪجهہ بہ نظر نہ آيو. ان وقت هن ڪدم وڻي ڏانهن ڪئي، تہ ڪدم هڪ ناريل وڻ مان ڇڇي اڇي هن جي سامهون ڪريو. هن اهو ناريل ڪٽي اسان کي ڏنو. اسان کي ڏاڍو عجب لڳو ۽ هن کي دينار ۽ درهم ڏيڻ لڳاسين، جي هن نہ ورتا. پوءِ هن کي ڪاڏي جون شيون آڇيوسين، پر هن اهي بہ نہ ورتيون.

هن جي سامهون هڪ اٺ جي ڏاس جو چوغو پيو هو، جيڪو مون کڻي اتلائي ڏنو، تہ هن اهو مون کي ڏيئي ڇڏيو. مون وٽ زيلع جي هڪ تسبيح هئي، جيڪا هن غور سان پئي ڏٺي. مون اها تسبيح هن کي ڏيئي ڇڏي، جنهن کي هن هٿ وڌي سنکهيو، ۽ پوءِ پاڻ وٽ رکي، آسمان ڏانهن اشارو ڪيائين. پوءِ وري قبلي ڏانهن اشارو ڪيائين. منهنجا ساڏي ڪجهہ بہ سمجهي نہ سکهيا تہ هن ڇا ٿي چاهيو، پر مان سمجهي ويس تہ هو مسلمان آهي ۽ هن بيٽ جي رهاڪن جي سبب کان پنهنجي مذهب کي مخفي رکيو ٿو اڇي ۽ ناريل کائي پنهنجو گذران ڪندو ٿو رهي.

جڏهن اسان هن کان موڪلايو ٿي، تڏهن مون سندس هٿ ني چمي ڏني، جنهنکري منهنجا دوست ناراض ٿيڻ لڳا. ڪدم هو سمجهي ويو ۽ منهنجو ٻہ هٿ وڌي چميائين. پوءِ مشڪي اسان کي وڃڻ جو اشارو ڪيائين. ويندي وقت مان سيني جي ٻڌيان هوس. هن منهنجي ڪپڙي کان جهلي ٿورو ڇڪيو. مون مڙي ٻڌيان ڏٺو، تہ هن مون کي ڏهہ دينار ڏنا.

جڏهن اسان ٻاهر آياسين، تڏهن منهنجي ساٿين مون کان پڇيو تہ هن جوگيءَ تنهنجي ڪپڙن کان ڇو پٺي ڇڪيو! تنهن تي مون ٻڌايومان تہ هن مون کي ڏهہ دينار ڏنا آهن. انهن دينارن مان ڪي دينار مون ظهيرالدين کي ڏنا ۽ ڪي دينار منبل کي ڏنم.

۽ ان وقت ٻڌايومان ته اهو شخص (جوڳي) مسلمان آهي ڇوته جڏهن هن آسمان ڏانهن آڱر کنئي، تنهن مان سندس مطلب هو ته مان خدا تعاليٰ تي ايمان رکان ٿو ۽ جڏهن قبلي ڏانهن اشارو ڪيائين ته اُن مان سندس پيغمبر تي ايمان رکڻ جو مطلب هو. ازانسواءِ هن جو مون کان تسبيح وٺڻ هن ڳالهه جي تصديق آهي. جڏهن مون هنن کي اهو ٻڌايو، تڏهن هو ٻيئي واپس موٽي ويا ته اتي جوڳيءَ کي ڪونه ڏٺائون.

پوءِ اسان انهيءَ وقت اتان روانا ٿياسين ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو اچي هنور (١) ۾ پهتاسين، هيءُ شهر سمنڊ جي هڪ وڏيءَ کاريءَ تي، جنهن ۾ جهاز وڃي سگهن ٿا، ٻڌل آهي، ۽ سمنڊ کان اڌ ميل جي مفاصلي تي آهي. برسات جي موسم ۾ سمنڊ ڏاڍو چڙهندو آهي، ۽ ان ۾ طوفان ايندو آهي. ان وقت چئن مهينن تائين مڇيءَ جي شڪار ڪندڙن کان سواءِ ٻيو ڪوبه شخص سمنڊ ڏانهن ڪونه ويندو آهي.

جڏهن اسان هنور ۾ پهتاسين، تڏهن هڪ جوڳي اسان وٽ آيو ۽ اچي مون کي ڇهه دينار ڏيئي چيائين ته "جنهن برهمڻ کي تو تسبيح ڏني هئي، تنهن هي ڇهه دينار موڪليا اٿئي." مون هن کان اهي دينار ورتا ۽ انهن مان هن کي هڪ دينار ڏيڻ لڳس، پر هن وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ هليو ويو. مون پنهنجي ساٿين سان اها ڳالهه ڪئي ۽ چيومان ته جي چاهيو ته

---

(١) هنور:- هي شهر بمبئي جي ڏکڻ طرف سمنڊ ۾ ٻه ميل اندر هڪ کاريءَ تي ٻڌل آهي. ۽ چڱو بندر آهي. سورهين صديءَ جي شروع ۾ پورچوگيزن هت هڪ قلعو ٺهرايو هو. پر بيجانگر جي راجا سان لڙائيءَ وقت ان کي ساڙي ڇڏيو هئائون. ان کان پوءِ هن تي بيدنور جي راجا قبضو ڪيو، جنهن کان حيدر عليءَ جي قبضي ۾ آيو ۽ ٽيپو سلطان جي آخري شڪست کان پوءِ، هي شهر ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي قبضي ۾ آيو.

— مترجم

Marfat.com

پنهنجو حصو وٺي سگهو ٿا، پر هنن چيو ته "نه" ۽ ان وقت مون کي ٻڌايائون ته جيڪي ڇهه دينار تو اسان کي ڏنا هئا، انهن ۾ ڇهه دينار پنهنجي کيسي مان ملائي، جنهن جاءِ تي جوڳي ويٺو هو، اتي رکي آيا هئاسين. اهو ٻڌي مون کي اڃا به وڌيڪ حيرت ٿي ۽ اهي دينار مون پاڻ وٽ احتياط سان رکي ڇڏيا.

هنور شهر جا باشندا شافعي مذهب جا آهن ۽ ديندار، نيڪبخت ۽ بحري طاقت کان مشهور آهن، پر سندا پور (گوا) جي فتح ٿيڻ کان پوءِ، زماني هنن کي پست ڪري ڇڏيو، ان جو اڳتي بيان ڪندس.

شيخ محمد ناگوري هن شهر جي عابدن مان هڪ آهي، جنهن پنهنجي خانقاهه ۾ اسان جي دعوت ڪئي هئي. هو پنهنجي ماني پاڻ پچائيندو هو، جيئن غلامن ۽ ٻانهين جا ناپاڪ هٿ ان کي نه لڳن. فقير اسماعيل جيڪو پڙهائيندو آهي ۽ هن شهر جو رهاڪو آهي، سو ڏاڍو پرهيز، خوش خلق ۽ فياض آهي. هن شهر جو قاضي نورالدين علي آهي، ۽ خطيب جو نالو مون کي هينئر ياد نه رهيو آهي.

هن شهر ۽ سڄي ساحل جون عورتون سبيل ڪپڙو ڪونه ڍڪينديون آهن، بلڪ اڻ سبيل ڪپڙو پهرينديون آهن. ڇا ڪنديون آهن جو چادر جي هڪ پلاند سان سڄو بدن ڍڪي، ٻئي پلاند سان ڇاتي ۽ مٿو ڍڪي ڇڏينديون آهن. هي عورتون سهڻيون ۽ پارسا ٿينديون آهن ۽ نڪ ۾ سون جون نٿون پائينديون آهن.

انهن جي خاصيت اها آهي، جو انهن مان هرڪا عورت حافظ قرآن آهي. هن شهرن ۾ تيرهن ڇوڪرين جا ۽ تيرهن ڇوڪرن جا مڪتب آهن. هن شهر کان سواءِ اها ڳالهه مون ٻئي هنڌ ڪٿي به ڪانه ڏٺي. هتي جا ماڻهو رڳو سمنڊ جي واپار تي گذران ڪندا آهن ۽ کيتي ڪونه ڪندا آهن. مليبار (ملبار) جا ماڻهو

Marfat.com

هتي جي بادشاه جمال الدين کي سال ۾ ڪجهه مقرر ڏيندا آهن، چاڪاڻ ته هن وٽ زبردست بحري طاقت ۽ ڇهه هزار پيادل ۽ سوارن جو لشکر آهي، جنهن کان هو ڊڄندا آهن.

## هنور جي بادشاه جو بيان

هتي جي بادشاه جو نالو جمال الدين محمد بن حسن آهي، ۽ هو ڏاڍو نيڪ بخت انسان ۽ طاقت ور آهي. هو هڪ هندو راجا جي ماتحت آهي، جنهن جو نالو آهي هريب. ان جو بيان سان انشا الله تعالي اڳتي ڪندس. هي سلطان جمال الدين هميشه جماعت سان نماز پڙهندو هو. هن جي عادت هئي ته صبح ٽين کان اڳ ۾ مسجد ڏانهن هليو ويندو هو، جتي صبح ٽين تائين ويٺو قرآن شريف جي تلاوت ڪندو هو. پوء فجر جي نماز پڙهي، شهر کان ڏکري ويندو هو ۽ ٻرن مهل واپس مسجد ۾ اچي به رڪعتون نماز پڙهي، پوء پنهنجي محل ڏانهن هليو ويندو هو. هو ايام بيض ۾ روزا به رکندو هو.

جڏهن مان هن وٽ وڃي رهيو هوس، تڏهن هو مون کي افطار جي وقت گهرائيندو هو، فقيه علي ۽ فقيه اسماعيل اڳيئي اتي موجود هوندا هئا. پوء زمين تي چار ڪنديون ڪرسيون رکيون ويندیون هيون، جن مان هڪ تي هو ويهندو هو ۽ باقي ڪرسين تي اسان سان هر هڪ ويهندو هو.

## هن جي ڪاڌي جو نمونو

هن جي ڪاڌي جو طريقو هي هو ته، پهرئين ڪامي جو هڪ دسترخوان جنهن کي خومچو چوندا آهن، آڻيندا آهن، جنهن تي هڪ ڪامي جو طباق آڻي رکندا آهن. ان طباق ۾ ڪري 'طالر' ڪري چوندا آهن، ان کان پوء هڪ خوبصورت هاڻهي ريشمي

Marfat.com

ڪپڙا پهري، پاڻ سان ڪاڏي جون ديگڙيون ۽ ٽامي جا وڏا وڏا چمچا آڻيندي آهي ۽ چانورن جو هڪ هڪ چمچو ڪري طباق ۾ وجهندي ويندي آهي. پوء ان جي مٿان گيهه وجهي، انهيءَ طباق ۾ ٻئي پاسي ڪان مرچن، ادرڪ، ليمي ۽ انب جيا آچار رکندي آهي، جن کي هر هڪ لقمي کان پوء کائيندا رهندا آهن. جڏهن اهي چانور ختم ٿي ويندا آهن، تڏهن وري ٻيو چمچو چانورن مان ڀري طباق ۾ وجهي، ان جي مٿان سرکي ۾ رڌل مرغيءَ جو گوشت رکندي آهي، جنهن سان چانور کائيندا آهن.

هن چانورن جي ختم ٿيڻ تي وري ٽيون چمچو ڀري وجهندي آهي، ۽ ان جي مٿان وري ٻيءَ طرح رڌل مرغيءَ جو گوشت رکندي آهي، ۽ ان کان پوء هر هڪ چمچي سان گڏ نموني نموني جي رڌل مڇي وجهندي ويندي آهي، پوء گيهه ۾ رڌل ماڻي پاڻي آڻيندي آهي، جا به چانورن سان کائي ويندي آهي.

جڏهن اهي سڀ کائڻا پورا ٿي ويندا آهن، تڏهن ڪوشان (۱) ايندو آهي، جنهن تي کائڻو ختم ٿيندو آهي. جڏهن هيءَ ليسي ايندي آهي، تڏهن سمجهو آهي ته هاڻي سڀ طعام ختم ٿي ويا. ان کان پوء گرم پاڻي پيئندا آهن، ڇو ته برسات جي موسم ۾ تڏو پاڻي نقصانڪار ٿيندو آهي.

هن بادشاه وٽ مان ٻيو دفعو پارهن مهينا وڃي رهيو هوس ته ايترن ڏينهن ۾ ڪڏهن به مون ڪڪ جي مانيءَ کائي ڪاڏي، ڇو نه هتي جي ماڻهن جو کائڻو رکو چانور آهن. اهڙيءَ طرح مان جڏهن مان مالديپ، سيلان، ملبار ۽ معبر جي ٻڌن ۽ ملڪن ۾ ڏن سالن تائين وڃي رهيو هوس، ته اني به چانورن کان سواء ٻيو مون ڪجهه به کوڻ کڏو، ايتري قدر جو اهي چانور مون کي نڙيءَ ۾ ڦاسي پوندا هئا، ۽ پاڻيءَ سان انهن کي کهندو رهندو هوس.

---

(۱) ڪوشان - چميل کير يا ڏونڌري سان ٺهيل لسي. - مترجم

هي بادشاه ريشمي باريڪ ڪنان جا ڪپڙا پائيندو آهي. ۽ چيلهه تي چادر ڍڪي، ٻه لحاف هڪٻئي جي مٿان ڪري ڍڪيندو آهي. هو وارن کي ويڙهي، مٿان پٽڪو ٻڌي ڇڏيندو آهي ۽ جڏهن سوار ٿي نڪرندو آهي، تڏهن قباء (ڏي دستار) پهري، ان جي مٿان لحاف به وجهي ڇڏيندو آهي. ان جي اڳيان مائهو نغارا ۽ طبل وڄائيندا هلندا آهن. هن دفعي اسان هنور ۾ ٿي ڏينهن ترسياسين ۽ ويندي وقت هن اسان جي سفر جو سامان وغيره به ڏنو. اتان هلي ٽن ڏينهن کان پوء اچي مليبار (ملبار) جي حد ۾ پهتاسين. هيءُ اهو ملڪ آهي جتي ڪارا مرچ پيدا ٿيندا آهن. ان جي ڊيگهه ٻن مهينن جو رستو آهي، جيڪو درياءَ جو ڪنارو ئي ڪنارو ڏيئي سنداپور (گوا) کان ڪولم تائين هليو ٿو وڃي.

هن رستي جي ٻنهي طرف وڻ آهن ۽ هر هڪ اڌ ميل کان پوء هڪ ڪاٺ جي ٺهيل جاء آهي، جنهن ۾ دڪان ۽ چپوترا ٺهيل آهن، جتي هرڪو هندو يا مسلمان مسافر آرام ڪندو آهي. هر ڪنهن جاء جي ڀرسان وري هڪ کوهه هوندو آهي، جتي هڪ هندو پاڻي پياريندو رهندو آهي. هو هندن کي برتن ۾ پاڻي پياريندو آهي ۽ مسلمانن کي ٻڪ ۾، جيڪو هو پنهنجي ٻنهي هٿن سان وات تي جهلي بيهندا آهن ۽ اهو هندو ان ۾ پاڻي وجهندو رهندو آهي، جڏهن بند ڪرڻ جو ارشاد ملندو اٿس، تڏهن پاڻي وجهڻ بند ڪندو آهي.

ملبار ۾ اهو رواج آهي ته مسلمانن کي گهر ۾ اچڻ ڪونه ڏيندا آهن ۽ نه ئي وري انهن کي پنهنجي ڪنهن برتن ۾ کاڌو ڏيندا آهن. پر اتفاق سان جيڪڏهن ڪنهن کي کاڌو ڏين به کڻي، ته پوء ان کي ڀڃي ڇڏيندا آهن يا ڪنهن مسلمان کي ڏيئي ڇڏيندا آهن، ۽ جنهن جاء تي ڪو مسلمان ڪونه رهندو آهي، اتي هو مسلمان لاء کاڌو تيار ڪري، اهو ڪيوڙي

Marfat.com

جي پن تي رکي، ٻوڙ به ان ۾ وجهي، کيس ڏيندا آهن، ۽ جيڪي بچندو آهي، سو ڪتن ۽ پکين کي وجهي ڇڏيندا آهن.

هن رستي جي سڀني منزلن تي مسلمانن جا گهر آهن، جن وٽ مسلمان مسافر وڃي ترسندا آهن، ۽ هر هڪ شيء خريد ڪري انهن لاء کاڌو تيار ڪندا آهن. جيڪڏهن مسلمانن جا گهر نه هجن ها ته جيڪر مسلمانن لاء هن ملڪ ۾ سفر ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوي ها. هن ٻن مهنن جي رستي ۾ هڪ چپي جيتري زمين به اهڙي ڪانه آهي، جيڪا آباد نه آهي. هت هر هڪ ماڻهوءَ جو گهر الڳ الڳ آهي، جنهن جي چوڌاري باغ رکيل هوندو آهي. ۽ ان جي چؤطرف ڪاٺ جي ڀت ڏنل هوندي آهي. اهڙي طرح سان اهو سڄو رستو هنن باغن جي وچ مان لنگهي ٿو. جڏهن هڪ باغ پورو ٿيندو آهي، تڏهن ان جي ڀت تي ڪاٺ جي ڏاڪڻ رکيل هوندي آهي، جنهن تان چڙهي ٻئي باغ ۾ پهچبو آهي. اهڙيءَ طرح سان ٻن مهينن جو سفر آهي.

هن ملڪ ۾ بادشاه کان سواءِ ٻيو ڪوبه ماڻهو گهوڙي يا ڪنهن ٻئي جانور تي سواري ڪونه ڪندو آهي. گهڻو ڪري ماڻهو ڏوليءَ تي چڙهندا آهن، جنهن کي مزدور يا غلام کڻي هلندا آهن. نه ته هر شخص پنڌ سفر ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ وٽ واپار جو سامان وغيره يا ٻيو ڪو مال متاع وڌيڪ هوندو آهي، ته ان کي مزدور ڀاڙي تي ڪرڻا پوندا آهن، جيڪي اهو سامان پٺيءَ تي کڻي هلندا آهن. ڪي سوداگر اهڙا به ڏسڻ ۾ ايندا آهن، جن سان سامان کڻڻ وارا سوَ سوَ ماڻهو به هوندا آهن. هر هڪ مزدور کي هٿ ۾ هڪ ٿلهي لٺ ٿيندي آهي، جنهن جي هيٺئين پاسي لوهه جي هڪ ڪلي ۽ مٿئين پاسي هڪ لوهه جو انگڙو ٿيندو آهي. جڏهن هو ٿڪجي پوندو آهي ۽ ترسڻ لاء ويجهو ڪوبه دڪان وغيره ڪونه هوندو اٿس، تڏهن اها لٺ زمين ۾ کوڙي، ان تي سامان جي ڀري لڙڪائي ڇڏيندو آهي ۽

Marfat.com

ساهه پٽي، اهو سامان کڻي وري اٿي پنڌ پوندو آهي.

مون هن رستي جهڙو امن ۽ امان ٻئي ڪنهن به رستي تي ڪونه ڏٺو. هن ملڪ ۾ رڳو هڪ ناريل جي چوريءَ تي انهيءَ چور کي ماري ڇڏيندا آهن. جيڪڏهن ڪوبه ميوو زمين تي ڪري پوندو آهي ته ان کي ڪوبه هٿ ڪونه لڳائيندو آهي، ۽ آخر ان جو مالڪ اچي اهو کڻي ويندو آهي. چون ٿا ته هڪ هندوءَ هڪ ناريل کڻي ورتو هو، ته حاڪم کي خبر پئجي وئي، جنهن هڪ ڪاٺ جي ٿنڀي کي زمين ۾ کوڙائي، ان جي مٿان جيڪا لوهه جي چهنبدار سيخ هئي، تنهن مان هڪ تختو لنگهائي، ان تي کڻي هن کي اونڌو ليٽايائين، ته اها سيخ هن جي پيٽ مان آر پار لنگهي، وڃي سندس پٺيءَ کان نڪتي. پوءِ ٻين مائهن کي سبق سيکارڻ لاءِ هن کي اتي ئي اهڙيءَ طرح ٽنگيل ڇڏي ڏنائين.

اهڙي قسم جا ٿنڀا رستي ۾ گهڻن ئي هنڌن تي کتل آهن، جيئن مسافرن کي ان جو مطلب سمجهه ۾ اچي سگهي. رات جي وقت اسان کي ڪيترائي هندو رستي تي ملندا هئا ۽ اسان جي لنگهي وڃڻ کان پوءِ هلڻ شروع ڪندا هئا. هن ملڪ ۾ مسلمانن جي تمام گهڻي عزت ڪئي ويندي آهي، پر ايترو ضرور ٿيندو آهي، جو نه هنن سان گڏ کاڌو ويندو آهي ۽ نه هنن کي گهر ۾ اچڻ ڏنو ويندو آهي.

ملبار جي ملڪ ۾ ڪل ٻارهن راجا آهن، جن مان سڀني کان وڏي راجا جو لشڪر پندرهن هزار آهي ۽ سڀ کان ننڍي راجا رٽ ٽي هزار لشڪر آهي. انهن جي وچ ۾ ڪڏهن به تڪرار ڪو نه ٿيندو آهي ۽ نه وري ڪو ڏاڍو راجا پاڻ کي ضعيف راجا جي ملڪ تي قبضو ڪرڻ چاهيندو آهي. جڏهن هڪ راجا جو علائقو پورو ٿيندو آهي ۽ ٻئي راجا جو علائقو شروع ٿيندو آهي، تڏهن انهيءَ جاءِ تي هڪ ڪاٺ جو دروازو ٺهيل هوندو آهي،

Marfat.com

جنهن تي اڳيان ايندڙ علائقي جي راجا جو نالو لکيل هوندو آهي، جنهن جو مطلب آهي ته اهو فلاڻي راجا جي امان يا پناهه جو دروازو آهي. جيڪڏهن ڪوبه هندو يا مسلمان ڪنهن علائقي ۾ ڪو ڏوهه ڪري ٻئي راجا جي دروازي ۾ داخل ٿي ويندو آهي، ته ان کي ڪنهن به قسم جو ڊپ نه رهندو آهي - پوءِ جيتوڻيڪ اهو راجا کڻي ڏاڍو ڀا وڏي لشڪر وارو سلطان هجي، ته به ان ضعيف راجا کي اچي مجبور ڪري نٿو سگهي ته ڏوهي سندس حوالي ڪيو وڃي.

هنن راجائن جي تخت جا وارث پٽ ڪونه ٿي سگهندا آهن، پر سندن ڀائيجا تخت جا وارث ٿيندا آهن. هن ملڪ جو دستور، الثلم سوڊان ملڪ جي مسوفه قوم کان سواءِ، ٻئي هنڌ مون ڪٿي به ڪونه ڏٺو. هن جو بيان مان اڳتي ڪندس. جيڪڏهن ملبار جي ڪنهن راجا کي ڪنهن به دڪاندار جي خريد و فروخت بند ڪرڻي هوندي آهي، ته سندس غلام وڻن جون ٽاريون آڻي ان دڪان تي ٽنگي ڇڏيندا آهن، پوءِ جيستائين اهي ٽاريون اتي هونديون آهن، ان وقت تائين ڪوبه ان دڪان تي خريد فروخت ڪري نه سگهندو آهي.

## ڪارن مرچن جو بيان

ڪارن مرچن جو ٻوٽو انگور جي ول جي شڪل جهڙو ٿيندو آهي، جنهن کي ناريل جي وڻ جي ڀرسان پوکي ڇڏيندا آهن. پوءِ اهو ٻوٽو ناريل جي وڻ تي ول وانگر چڙهي ويندو آهي. ان کي شاخون ڪونه ٿينديون آهن، جيئن انگور کي ٿينديون آهن، ۽ ان جا پن گهوڙي جي ڪنن جي شڪل جهڙا ٿيندا آهن. ڪن جا پن عليق (هڪ قسم جي گاهه) جي پنن جهڙا ٿيندا آهن. ان جو ميوو ننڍن ننڍن ڇڳن ۾ لڳندو آهي، جنهن کي خريف جي موسم ۾ ڇني، زمين تي ڳوڻين ۾ اِس تي

Marfat.com

سڪائيندا آهن، جيئن ڪشمش ناهڻ لاءِ انگورن کي سڪايو ويندو آهي. ان کي وقت به وقت اٿلائيندا پٿلائيندا رهندا آهن ۽ جڏهن صفا خشڪ ٿي ويندا آهن ۽ رنگ ڪارو ٿي ويندو اٿن، تڏهن سوداگرن کي وڪڻي ڇڏيندا آهن.

اسان جي ملڪ جي ماڻهن جو خيال آهي ته انهن کي باهه تي پچائيندا آهن، تڏهن انهن ۾ سختي پيدا ٿيندي آهي، پر اهو غلط آهي. ان ۾ سختي اس ۾ سڪڻ جي ڪري پيدا ٿيندي آهي. قالقوط (ڪئليڪٽ) جي شهر ۾ مون ڏٺو ته انهن کي ماڻي سان مئي رهيا هئا، جيئن اسان جي ملڪ ۾ جوئر مئيندا آهن. ملبار جو سڀ کان پهريون شهر جنهن ۾ اسين داخل ٿياسين سو هو ابي سرور (١). هي هڪ ننڍڙو شهر آهي، جيڪو هڪ وڏي سمنڊ جي کاريءَ جي ڪناري تي ٻڌل آهي. هت ناريل جا وڻ تمام گهڻا آهن. هت مسلمانن ۾ سڀ کان وڏو ماڻهو شيخ جمعو آهي، جيڪو 'ابي سته' جي نالي سان مشهور آهي. هي شخص ڏاڍو سخي آهي ۽ پنهنجو سڀڪجهه فقيرن ۽ مسڪينن تي خرچ ڪري ڇڏيو اٿائين.

اتان ٻن ڏينهن جي سفر کان پوءِ اچي فاڪنور (٢) جي شهر ۾ پهتاسين. هيءُ شهر به هڪ کاريءَ تي ٻڌل آهي. هت ڪمند جي پوک تمام گهڻي عمدي ٿيندي آهي، جنهن جو مثال

---

(١) ابي سرور - هن شهر جو هن وقت پتو نٿو پوي ته ڪٿي آهي. - مترجم

(٢) فاڪنور - هن وقت هن شهر کي بدڪور ڪري سڏيندا آهن، جيڪو مدراس ۾ آهي. جڏهن ابن بطوطه اتي ويو هو، تڏهن هن شهر کي بيجانگر جي راجائن فتح ڪيو هو، ۽ جڏهن دکن جي مسلمانن بيجانگر جي راجا کي سنه ١٥٦٥ع ۾ مغلوب ڪيو، تڏهن هي علائقو بيدنور جي راجا جي قبضي ۾ اچي ويو. هن نئين شهر کي جيڪو پراڻي بدڪور يا فاڪنور سان ٥ ميلن جي مفاصلي تي آهي، هنگوڪٽه ڪري چوندا آهن. هي شهر سيلا نديءَ جي منهن وٽ آهي. هت اڃا به چانور، ڪپڙي، ناريل ۽ لوڻ جو واپار هلندو آهي. — مترجم

Marfat.com

هن ملڪ جي ڪنهن به ٻئي هنڌ ملي نٿو سگهي. هن شهر ۾ ڪيترائي مسلمان موجود آهن، جن مان سڀني کان وڏو حسين سلاط ليکيو ويندو آهي، جنهن هتي هڪ جامع مسجد به ٺهرائي آهي. هت قاضي ۽ خطيب به رهندا آهن.

## هتي جي راجا جو بيان

هن شهر جي هندو راجا جو نالو باسديو آهي، جنهن وٽ ٽيهه جنگي جهاز آهن ۽ انهن سڀني جو وڏو عملدار ٻولا نالي هڪ مسلمان آهي. هو بهريائين سامونڊي لٽيرو هوندو هو، ۽ سوداگرن کي ڦريندو رهندو هو. جڏهن اسان هن شهر جي ڀرسان اچي لنگرانداز ٿياسين، تڏهن راجا اسان ڏانهن پنهنجي پٽ کي موڪليو، جيڪو اسان وٽ جهاز ۾ بطور رهينه (١) (گروي) اچي رهيو هو. ان کان پوءِ اسين شهر ۾ وياسين، جتي راجا ٽن ڏينهن تائين اسان جي مهماني ڪئي. هيءَ مهماني، هندستان جي بادشاه جي عزت افزائيءَ، پنهنجي مهمانوازيءَ ۽ اسان جي جهازن سان خريد فروخت جي فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪئي ويئي هئي.

هن شهر جو دستور آهي ته جيڪو به جهاز هتي پهچندو آهي، تنهن کي اتي ترسي، راجا کي ڪجهه تحفي طور ڏيڻو پوندو آهي، جنهن کي حق بندر چوندا آهن. پر جيڪڏهن ڪو جهاز ائين نه ڪندو آهي، تنهن کي راجا جا جهاز زبردستيءَ بندر تي

---

(١) رهينه - اڳئين وقت ۾ هن ملڪ ۾ امن امان ڪجهه گهٽ هو، ڇاڪاڻ ته بادشاهه به ڪڏهن شاهوڪار واپارين کي پنهنجي پالتو ڊاڪن هٿان ڦرائيندا رهندا هئا؛ تنهنڪري واپاري ڊڄندا هئا، ۽ انهن وٽ نه ويندا هئا. انهن کي پڪ ڏيارڻ لاءِ راجا پنهنجن پٽن کي هنن وٽ ڏياري موڪليندا هئا، جيڪي وڃي هنن جي ماڻهن وٽ هنن جي جهازن ۾ ضامن طور رهندا هئا، ۽ هنن جي صحيح سلامت موٽڻ تي واپس ويندا هئا. — مترجم

Marfat.com

وڃي ايندا آهن ۽ جيستائين هو اهو حق ادا نه ڪندا آهن، تيستائين ان کي وڃڻ نه ڏيندا آهن. پوءِ اتان ٽئن ڏينهن جي سفر کان پوءِ اچي، بجروز (١) (سنگلور) جي شهر ۾ پهتاسين. هي شهر تمام وڏو آهي ۽ هڪ ڪاريءَ تي، جنهن کي 'دنب' ڪري چوندا آهن، ٻڌل آهي. ملبار جي ملڪ ۾ هيءَ ڪاري وڏي ۾ وڏي آهي. هن شهر ۾ 'فارس' ۽ 'يمن' جا وڏا وڏا واپاري ايندا آهن. هتي سڀني ۽ ڪارا مرچ تمام گهڻي انداز ۾ پيدا ٿيندا آهن.

## هتي جي بادشاهه جو بيان

هتي جو راجا هن ملڪ ۾ وڏي ۾ وڏو راجا آهي، ۽ سندس نالو رامديو آهي. هن شهر ۾ اٽڪل چار هزار ڪن مسلمان رهندا آهن، جڪي شهر کان ٻاهر رهندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن انهن مسلمانن ۽ شهر وارن جي وچ ۾ لڙائي لڳندي آهي، تہ راجا وچ ۾ پيئي صلح ڪرائي ڇڏيندو آهي، ڇاڪاڻ تہ هو واپارين جو هميشہ محتاج رهندو آهي. هن شهر ۾ هڪ شافعي قاضي رهندو آهي، جنهن جو نالو بدرالدين معبري آهي، جڪو تعليم بہ ڏيندو آهي.

اهو قاضي اسان جي جهاز ۾ آيو ۽ اسان کي اچي چيائين تہ اسان جي شهر ۾ هلي رهو. اسان چيس تہ جيستائين راجا پنهنجو پٽ بطور ضمانت اسان وٽ نہ موڪليندو، جيئن فاڪنور جي راجا موڪليو هو، تيستائين اسان جهاز تان نہ لهنداسون. تنهن تي هن جواب ڏنو تہ فاڪنور ۾ مسلمان تمام ٿورا آهن،

---

(١) بجروز - هن کي هاڻي منگلور ڪري چوندا آهن. هن شهر تي اهو نالو شايد منگل ديوي جي نالي تي، جنهن جو مندر هن شهر جي ويجهو آهي، رکيو ويو آهي. هي شهر بہ مدراس ۾ آهي، ۽ تمام آباد، خوبصورت ۽ صفائيءَ وارو آهي. 'گرلے' ۽ ميسور جي قهوه بہ هن بندر تان ٻاهر ويندو آهي. — مترجم

Marfat.com

۽ اتي جي مسلمانن جو ايترو زور به ڪونهي، پر هن شهر جو راجا خود اسان کان ڊڄندو آهي، تنهنڪري ضمانت جي ڪابه ضرورت ڪانهي. اسان سندس ڳالهه نه مڃي. پوءِ آخر راجا پنهنجي پٽ کي اسان جي جهاز تي موڪلي ڏنو، تڏهن اسان جهاز تان لهي شهر ڏي وياسين. هنن اسان جي تمام گهڻي عزت ڪئي ۽ اسان ٽي ڏينهن ان شهر ۾ ترسي پياسين.

ان کان پوءِ اسان 'هيلي' (١) ڏانهن وياسين. ۽ ٻن ڏينهن جي سفر کان پوءِ اتي پهتاسين. هي هڪ وڏو شهر آهي، جنهن ۾ عمديون عمارتون ٺهيل آهن. هيءُ شهر هڪ وڏي ڪاريءَ تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ وڏا وڏا جهاز اچي سگهن ٿا. هن شهر تائين چين جا جهاز ايندا آهن، جيڪي قالقوط (ڪئليڪٽ)، 'ڪولم' ۽ 'هيلي' کان سواءِ ٻئي هنڌ ڪٿي به ڪونه ترسندا آهن. هن شهر کي هندو توڙي مسلمان متبرڪ ڪري سمجهندا آهن، ڇوته هتي هڪ جامع مسجد آهي، جيڪا ڏاڍي برڪت واري آهي. جهازن تي چڙهڻ وارا خير و عافيت سان واپس ورڻ لاءِ هن جامع مسجد جون باسون ياسيندا آهن ۽ وڏيون وڏيون رقمون نذر ڪندا آهن. خطيب حسين جي، جيڪو هتي جي سڀني مسلمانن کان وڏو آهي، نگرانيءَ ۾ هن مسجد جو خزانو رهندو آهي. هن مسجد ۾ طالب علمن کي تعليم به ڏني ويندي آهي، ۽ انهن کي خرچ به مسجد جي مال مان ڏنو ويندو آهي. ازانسواءِ هن مسجد ۾ هڪ بورچيخانو به آهي، جنهن مان مسافرن، مسڪينن ۽ مسلمان فقيرن کي کاڌو ڏنو ويندو آهي.

هن مسجد ۾ منهنجي ملاقات هڪ نيڪ انسان فقيهه سان ٿي، جنهن جو نالو سعيد هو ۽ 'مقدشو' جو رهاڪو هو. هو ڏاڍو نيڪ سيرت ۽ خوش خلق ماڻهو هو، ۽ هميشه روزا رکندو هو. هو چوندو هو ته مان چوڏهن سال مڪي معظم ۽ ايترا ئي سال

---

(١) هيلي- هن وقت هن نالي سان ڪوبه شهر ڪونه آهن. - مترجم

Marfat.com

مدينيءَ منور ۾ رهيو آهيان، ۽ مڪي معظم ۾ امير بانهي ۽ مدينيءَ منور ۾ منصور بن جماز سان مليو آهيان، ان کان سواءِ هندستان ۽ چين جو سفر پڻ ڪري آيو آهيان. پوءِ اسان 'هيلي' مان هلي اچي 'جرفتن' (۱)، ۾ پهتاسين، جيڪو هيلي کان صرف ٽي فرسخ پري آهي. اتي هڪ فقيهه سان مليس، جيڪو بغداد جو رهاڪو هو. ۽ 'صرصري' ڪري سڏبو هو. صرصري بغداد ۽ ڪوفي جي رستي تي، بغداد کان ڏهن ميلن جي مفاصلي تي هڪ شهر آهي. هن شهر ۾ هن جو هڪ پاڻ رهندو هو، جو ڏاڍو مالدار هو، ۽ صغير اولاد ڇڏي مري ويو هو. جڏهن مان اتان روانو ٿيس، تڏهن هو به انهن کي وٺي بغداد وڃي رهيو هو.

هندستان جي ماڻهن جو به سودان جي ملڪ وارو ساڳيو دستور آهي ته جڏهن ڪو مسافر مري ويندو آهي، تڏهن چاهي سندس هزارن جو مال هجي، آهو ڪنهن مسلمان وٽ امانت طور هوندو آهي، ۽ جيستائين ڪو شرعي وارث نه اچي، تيستائين ڪوبه ان مان ڪجهه، صرف ڪري نه سگهندو آهي.

## هتي جي بادشاهه جو بيان

هن شهر جي راجا جو نالو ڪويل آهي، جو ملبار جي وڏن راجائن مان هڪ ليکيو ويندو آهي. هن وٽ ڪيترائي جهاز آهن، جيڪي عمان، فارس ۽ يمن جي ملڪن ڏانهن (واپار لاءِ) ويندا آهن. دهفتن (۲) ۽ بدفتن جن جو اسان هينئر بيان ٿا ڪريون، پڻ هن جا شهر آهن. ان کان پوءِ جرفتن کان دهفتن پهتاسين. هيءُ هڪ وڏو شهر آهي، جيڪو هڪ ڪاريءَ تي ٻڌل

---

(۱) جرفتن- هن وقت ملبار جي ضلعي ۾ هي هڪ ننڍو ڳوٺ آهي. — مترجم

(۲) دهفتن- هنٽر صاحب جي لکڻ موجب هيءُ بندر، 'ٽيلي چري' بندر جي ويجهو موجود هو. ٽيلي چري ملبار جي اتر ۾ هڪ وڏو بندر آهي. — مترجم

Marfat.com

آهي. هن ۾ باغ تمام گهڻا آهن، جن ۾ ناريل، ڪارا مرچ، سوپاريون ۽ پان پيدا ٿيندا آهن.

هتي قلقاص (١) به گهڻي پيدا ٿيندي آهي، جنهن کي گوشت سان گڏ پچائيندا آهن. ڪيلو ته هتي ايترو گهڻو پيدا ٿيندو آهي جيترو مون ڪنهن به ٻئي ملڪ ۾ نه ڏٺو. هن شهر ۾ هڪ وڏي بائين (حوض) آهي، جنهن جي ڊيگهه پنج سؤ قدم ۽ ويڪر ٽي سو قدم ٿيندي. اها سڄي ڳاڙهي پٿر کي تراشي ٺاهي وئي آهي. ان جي ڪنارن تي اٺاويهه وڏا وڏا قبا ٺهيل آهن ۽ هرهڪ قبي ۾ پٿر جون چار ويهڻ جون جايون ٺهيل آهن. هرهڪ قبي تي بائين (حوض) جي هيٺان ڏاڪڻيون ٿيون چڙهن ۽ ان جي وچ تي هڪ وڏو قبو ٺهيل آهي، جنهن کي ٽي طبقا آهن. هرهڪ طبقي ۾ چار ويهڻ جون جايون آهن. چون ٿا ته راجا ڪويل جي پيءُ هيءَ بائين ٺهرائي هئي.

انهيءَ بائين جي سامهون وري هڪ جامع مسجد آهي، جنهن مان هيٺ بائين ۾ ڏاڪڻيون ٿيون وڃن. ماڻهو انهن ڏاڪڻين تان لهي هيٺ بائين ۾ وڃي وضو ۽ غسل ڪندا آهن. فقيهه حسين مون کي ٻڌايو ته هيءَ بائين ۽ جامع مسجد، راجا ڪويل جي هڪ ڏاڏي ٺهرائي هئي، جيڪو مسلمان ٿيو هو. هن جي اسلام ۾ اچڻ جي متعلق به هڪ عجيب قصو مشهور آهي، جيڪو بيان هيٺ ٿا ڪريون.

## جامع مسجد جي سامهون، عجيب شان وارو وڻ

مون به ڏٺو آهي ته جامع مسجد جي سامهون هڪ وڏو وڻ بيٺل آهي، جنهن جا پن انجير جي پتن جهڙا آهن، پر انهن کان ڪجهه قدر وڌيڪ نرم آهن. هن وڻ جي چوڌاري ڀت ڏنل

---

(١) قلقاص - هيءَ هڪ قسم جي سائي ڀاڄي آهي. — مترجم

آهي. انّي هڪ محراب به ٿهيل آهي، جنهن ۾ سون ۾ رڪعتون نفل پڙهيو هو. هن وڻ کي "درخت شهادت" سڏيندا آهن. ۽ گهاڙهه ڪندا آهن ته خريف جي موسم ۾ هن وڻ جو هڪ ڀر پهريائين زرد ٿي، پوءِ گهاڙهو ٿي ويندو آهي. ان کان پوءِ اهو پن هيٺ ڪري پوندو آهي، جنهن تي قدرت جي قلم سان "لا اله الا الله محمد الرسول الله" لکيل هوندو آهي.

فقيهه حسين ۽ معتبر ماڻهن جي هڪ جماعت کان سون ٻڌو ته هنن اهو پن ڏٺو آهي، ۽ ان تي لکيل ڪلمو به پڙهيو آهي. جڏهن اهو پن هيٺ ڪري پوندو آهي، تڏهن ان جو اڌ مسلمان کڻي ويندا آهن ۽ باقي اڌ راجا جي خزاني ۾ رکيو ويندو آهي، ۽ ان سان ڪيترن مريضن کي شفا حاصل ٿيندي آهي. هن ٿي پن جي ذريعي سان، اهو ڪويل راجا مسلمان ٿيو هو، جنهن مسجد ۽ باڻين ٺهرايون هيون. هو عربي اکر پڙهي سگهندو هو، تنهنڪري جڏهن هن پن تي لکيل ڪلمو پڙهيو، تڏهن مسلمان ٿي ويو ۽ وري مسلمان ٻه ڀڪو ٿيو. هيءَ روايت سلسليوار هلندي ٿي اچي. فقيهه، حسين وڏيڪ ٻڌايو ته ان راجا کان پوءِ سندس هڪ پٽ مرتد ٿي ويو هو، جنهن هن وڻ کي ٻاڙان پٽائي، ان جو نشان به ڪونه ڇڏيو هو، پر هي وڻ وري ڄمي ٻيو ۽ اڳي کان به وڌيڪ سرسبز ٿيو ۽ وڌيو. پر اهو راجا جلدي مري ويو.

ان کان پوءِ اسان بدنتن (۱) جي شهر ۾ وياسين. هيءُ هڪ وڏو شهر آهي، جيڪو پڻ هڪ وڏيءَ کاريءَ تي ٻڌل آهي. هن شهر کان ٻاهر سمنڊ جي ڀرسان هڪ مسجد ٺهيل آهي، جنهن ۾ مسلمان مسافر اڇي ترسندا آهن. هن شهر جو بندرگاهه ڏاڍو سهڻو آهي ۽ ٻاڻي به تمام مٺو اٿس. هتي سوداريون تمام گهڻي انداز ۾ پيدا ٿيندڙون آهن، جيڪي هندستان ۽ چين ڏانهن موڪلجون ويندڙون آهن. هت جا باشندا اڪثر ڪري برهمڻ آهن، جن

---

(۱) هن شهر جو پتو نٿو پوي ته هاڻي ڪٿي آهي. — مترجم

جي هندو تمام گهڻي عزت ڪندا آهن، ۽ هو مسلمانن جا سخت دشمن آهن. ٻيو هي سبب آهي، جو هن شهر ۾ ڪوبہ مسلمان ڪونہ ٿو رهي.

## ڪالهم

چون ٿا تہ هنن هن مسجد کي انهيءَ لاءِ برباد ڪرڻ کان سواءِ ڇڏي ڏيو آهي، جو اتي جي هڪ برهمڻ هن مسجد جي ڇت ڪيرائي، ڪٽي وڃي ان مان پنهنجي گهر جي ڇت ٺاهي هٿائين، تہ هن جي گهر ۾ اهڙي تہ باهہ لڳي، جو ان ۾ پاڻ، سندس اهل اولاد ۽ مال متاع سڀڪجهہ، سڙي خاڪ ٿي ويو. ان حادثي کان پوءِ هتي جا ماڻهو انهيءَ مسجد جي تعظيم ڪرڻ لڳا ۽ پوءِ ڪنهن بہ ان جي بي ادبي نہ ڪئي، بلڪ ان جي باهران مسافرن جي پاڻي پيئڻ لاءِ هڪ حوض ٻہ ٺهرائي ڇڏيائون ۽ ان جي درين تي جاريون هٽائي ڇڏيائون، جيئن پکي ان جي اندر نہ وڃي سگهن.

پوءِ اتان هلي، اسان اڇي فندرينا جي شهر ۾ پهتاسين. هيءُ هڪ وڏو شهر آهي ۽ منجهس بازارون ۽ باغ تمام گهڻا آهن. هن ۾ مسلمانن جا ٽي محلا آهن ۽ هرهڪ محلي ۾ مسجد ٺهيل آهي. سمنڊ جي ڪناري تي هڪ جامع مسجد ٺهيل آهي، جنهن ۾ سمنڊ جي طرف کان ويهڻ جون جايون ٺهيل آهن- اتي عجيب نظارو لڳو ٻيو آهي. ان جو قاضي ۽ خطيب عمان جو رهاڪو آهي، جنهن جو پاڻ، جيڪو هڪ وڏو فاضل شخص آهي، پڙهتي ٻڌي رهندو آهي. هت گرميءَ ۾ چين جا جهاز اڇي ترسندا آهن. ان کان پوءِ اسان قالقوط* (ڪٽليڪٽ) ڏانهن روانا ٿياسين. هي ملبار جي ملڪ ۾ تمام وڏو بندر آهي، جتي چين، جاوا، سيلان، مهل (مالديپ)، يمن ۽ فارس جا سوداگر، بلڪ سڄيءَ دنيا جا

---

* قالقوط- جو مطلب ڪٽليڪٽ آهي، جيڪو مدراس ۾ ملبار ضلعي جو هڪ شهر آهي. -مترجم

واپاري اچي گڏ ٿيندا آهن. هيءُ بندرگاه دنيا جي وڏن بندرن مان هڪ آهي.

## هتي جو راجا

هتي جو راجا هندو آهي، جنهن کي ماڻري ڪري چوندا آهن. هو عمر ۾ گهڻو وڏو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ڏاڙهي ڪوڙائيندو آهي، جهڙيءَ طرح سان هتي رهندڙ روم جي ملڪ جي هڪ جماعت جا ماڻهو ڪوڙائيندا آهن. هتي جي امير التجار جو نالو ابراهيم شاه بندر آهي، جيڪو بحرين جوءُ رهاڪو آهي ۽ هڪ وڏو عالم ۽ سخي مرد آهي. هن وٽ هر طرف جا سوداگر اچي گڏ ٿي، مندس دسترخوان تي ماڻي ڪاڏيندا آهن، هتي جو قاضي فخرالدين عثمان ٻڌ هڪ وڏو سخي مرد آهي ۽ خانقاه جو شيخ، شهاب‌الدين گازروني آهي، جيڪي ماڻهو چين ۽ هندستان ۾ شيخ ابو اسحاق گازرونيءَ جي بناس باسيندا آهن، سي هن کي اچي اهو نذر ڏيندا آهن.

نا خدا 'منقال' ٻڌ هن شهر ۾ رهندو آهي، جيڪو هڪ وڏو مالدار ۽ مشهوريءَ وارو ماڻهو آهي، جنهن جا جهاز هندستان، چين، يمن ۽ فارس ۾ واپار ڪندا آهن. جڏهن اسان هن شهر کي ويجهو پهتاسين، تڏهن شيخ شهاب الدين، ابراهيم شاه بندر، وڏا وڏا سوداگر ۽ بادشاه جو نائب جنهن کي 'قلاج' ڪري سڏيندا هئا، اسان جي استقبال لاءِ آيا، ۽ هنن سان گڏ جهازن ۾ نوبت، نغارا ۽ علم ٻڌن هئا. ان ڪري اسان هڪ وڏي جلوس سان بندرگاه ۾ داخل ٿياسين.

هيءُ بندر تمام وڏو ۽ ڪشادو آهي ۽ هن جهڙو بندر مون هن ملڪ ۾ ٻئي هنڌ ڪٿي به ڪونه ڏٺو. اسان اچي انهي لنگر انداز ٿياسين. ان وقت چين جي ملڪ جا تيرهن جهاز انهي ترسيل هئا. اسان جهاز تان لهي، شهر ۾ هڪ هڪ گهر مسواڙ

Marfat.com

ٽي وٺي رهياسين ۽ ٽن مهينن تائين چين ڏانهن وڃڻ لاءِ مناسب موسم جو انتظار ڪندا رهياسين. ايتري وقت تائين اسان جي مهماني راجا جي طرفان ايندي رهندي هئي. چين جي سفر ۾ جيستائين چين جا جهاز ساڻ نه هجن، تيستائين سفر ڪري نٿو سگهجي، جنهن جو اڳتي بيان ٿا ڪريون.

Marfat.com

فصل ٻيو

# چين جا جهاز

چين جي جهازن جا ڪي قسم ٿيندا آهن، ۽ ڏن جهازن کي 'جنوڪ' جنهن جو واحد ٿيندو 'جنڪ' (۱)، وچولي درجي واري کي 'زو' ۽ ننڍي جهاز کي 'ڪڪم' ڪري سڏيندا آهن. وڏن جهازن کي ٻارهن قلعا (مستول) ٿيندا آهن ۽ ننڍن کي فقط ٽي. انهن جا قلعا (مستول) خيرزان (بيد) جي ڪاٺ جا ٺهيل هوندا آهن. انهن جا بادبان وري ڪپهين واڱر اٽيل ٿيندا آهن، جن کي ڪڏهن به هيٺ نه لاهيندا آهن ۽ انهن کي رکو هوا جي رخ ٽي ڦيرائيندا رهندا آهن. جهاز جي لنگر انداز ٿيڻ وقت پٽ اهي بادبان اتيئي ٻڌا، هوا ۾ ڦڙ ڦڙ ڪندا رهندا آهن. هر هڪ جهاز ۾ هڪ هزار ماڻهو هوندا آهن، جن مان ڇهه سؤ ته جهاز کي هلائيندا رهندا آهن ۽ باقي چار سؤ سپاهي هوندا آهن. انهن سپاهين مان ڪي تيراندار ۽ جرخها هوندا آهن، جيڪي فقط (۲) پري هٽندا آهن.

---

(۱) جنڪ — اڄ ڪ، چين ۾ جهاز کي جنڪ ڪري چوندا آهن. - مترجم

(۲) فقط - "بارود يا روغن سياه و سفيد، جيڪو شردان جي زمين مان نڪرندو آهي." (لغات ڪشوري، صفحو ۵۴۰) هي اهي ماڻهو هٿ، جيڪي اهو تيل (روغن)، جيڪو گرم ٿيندو آهي، پچڪارين ۾ پري دشمن جي لشڪر تي ڦٽي ڪندا هٿ. محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ پڻ اهڙا ماڻهو موجود هٿ، جن راجا ڏاهر جي هاٿيءَ تي نفط ڦٽي ڪيو هو، جو پاڻيءَ ڏانهن ڀڄي، وڃي راجا ڏاهر کي ڳپ ۾ ڪيرايو هٿائين. (تاريخ سنڌ، مصنف مولانا عبدالحليم شرر لکنوي.) - مترجم

Marfat.com

هر هڪ وڏي جهاز جي هيٺان ڏي ننڍا جهاز ٿيندا آهن، جن مان هڪ وڏي جهاز جي اڏ جيترو، ٻيو ان جي ٽئين حصي جيترو ۽ ٽيون ان جي چوٿين حصي جيترو. هي جهاز چين جي هڪ شهر زيتون ۾ يا چين ڪلان ۾ ٺاهيا ويندا آهن، ۽ انهن جي ناهڻ جو هي طريقو آهي: پهريائين ڪاٺ جون ٻه پٽيون ٺاهي، انهن کي ڪاٺ جي ٽڪهن ٽڪهن بندن سان ملائيندا آهن: انهن ڪاٺ جي بندن ۾ ڏي ڏي گز ڏگهيون ڪليون هٽندا آهن، جڏهن اهي پٽيون تيار ڪري، اهڙيءَ طرح سان ڪنديون ويندين آهن، تڏهن انهن پٽين جي مٿان وري فرش ٺاهي چڏيندا آهن، جيڪو جهاز جو سڀ کان هيٺيون فرش ٿيندو آهي: پوء ان کي ڪٿي سمنڊ ۾ وجهندا آهن: ۽ هڪ پيرو پاڻيءَ ۾ پاسي تي ٻيو هوندو آهي، جتي هو اچي غسل ۽ رفع حاجات وغيره ڪندا آهن: ۽ انهيءَ ڪاٺ جي پاسن تي انهيءَ جا ونجهه ٺيندا آهن جي ٽنهين واڱر ڏگها هوندا آهن، انهن مان هر هڪ کي ڏهم يا پندرهن ماڻهو ٻيرن تي ٻيهي هلائيندا آهن.

هر هڪ جهاز کي چار چٽيون ٽيندڙون آهن، جن ۾ گهر، مصاري(١) (ڪمرا) ۽ سوداگرن لاء دربون ٺهيل آهن. هي مصاري ۽ رهڻ لاء جڙ گهر هوندا آهن، جن ۾ پاڻيخاڻو پڻ هوندو آهي، ان کي دروازو پڻ ٽيندو آهي، جنهن ۾ تالو ٻڌ لڳي سگهندو آهي. جو ماڻهو مصريو وٺندو آهي، سو اهو دروازو بند ڪري چڏيندو آهي ۽ پاڻ سان عورتون ٻه رکي سگهندو آهي. بعضي مصري جي رهڻ واري کي جهاز وارا يا ٻيا ماڻهو سڃاڻي ٻڌ ڪونه سگهندا آهن، جيستائين انهن جي ملاقات ڪنهن شهر ۾ جتي جهاز لنگر هڻي، نه ٿئي. هي بحري ماڻهو (ملاح) پنهنجي اهل اولاد سميت جهاز ۾ رهندا آهن ۽ ڪاٺ جا حوض ٺاهي

---

(١) 'مصريه' جو جمع آهي، جنهن جي معني آهي ڪٻن، جيڪي اڇڪلهه جي جهازن ۾ عام آهن. - مترجم

Marfat.com

انهن ۾ ڀاڄيون ۽ ادرڪ وغيره پوکي ڇڏيندا آهن.

جهاز جو وڪيل (ڪپتان) هڪ وڏي امير جهڙو شان رکندو آهي. جڏهن هو خشڪيءَ تي ويندو آهي، تڏهين تيرانداز ۽ حبشي ماڻهو هٿيار کڻي هن جي اڳيان هلندا آهن ۽ نوبت نفيرين ۽ نقارن وارا به وڄت ڪندا ساڻس گڏ هلندا آهن. جڏهن هو ڪنهن منزل تي پهچندا آهن ۽ اتي ترسڻو هوندو اٿن ته پنهنجا نيزا ان جاءِ جي ٻنهي طرف کوڙي ڇڏيندا آهن، ۽ جيستائين اتي ترسيل هوندا آهن، اهي اتي کتل هوندا آهن. چين جا ڪي ماڻهو ڪيترن ئي جهازن جا مالڪ هوندا آهن ۽ پنهنجا وڪيل (ڪپتان) انهن تي رکندا آهن. چين جي ماڻهن کان وڌيڪ شاهوڪار سڄيءَ دنيا ۾ ڪنهن به ملڪ ۾ ڪونه آهن.

## اسان جو چين جي سفر تي سنبرڻ ۽ تباهيءَ جو اچڻ

جڏهن چين ڏانهن سفر شروع ڪرڻ جو وقت آيو، تڏهن راجا سامري اسان جي لاءِ انهن تيرهن جنڪ جهازن مان هڪ جهاز تيار ڪرايو، جنهن جو وڪيل (ڪپتان) سليمان صفوي شامي هو. منهنجي ساڻس واقفيت هئي، تنهنڪري چيو مانس ته ”مون کي هڪ الڳ مصريي جي ضرورت آهي، جنهن ۾ ٻيو ڪوبه شامل نه هجي، ڇو ته مون وٽ ڪجهه ٻانهيون آهن، جن کان سواءِ مان سفر ڪري ڪين سگهندس.“ هن جواب ڏنو ته ”چين جي واپارين سڀئي مصريا اڳواٽ بڪ ڪرائي ڇڏيا آهن، جن جو هنن اوٽ موٽ جو ڀاڙو به ڏيئي ڇڏيو آهي. پر منهنجي ناٺيءَ وٽ هڪ مصريو آهي، جيڪو مان توکي ڏيئي سگهندس، پر ان ۾ پائخانو ڪونه آهي، جنهن جو به مان توکي ڪجهه بندوبست ڪري ڏيندس.“

پوءِ مون پنهنجي ماڻهن کي حڪم ڏنو ته منهنجو سامان

Marfat.com

کٹي هلن، جي منهنجي غلامن ۽ ٻانهين سميت وڃي جهاز ۾ چڑهيا. اهو خميس جو ڏينهن هو. مون ارادو ڪيو هو ته ٻئي ڏينهن جمعي جي نماز پڙهي، پوءِ وڃي جهاز ۾ چڑهندس. ظهيرالدين ۽ سنبل به وڃي جهاز ۾ چڑهيا هئا، جن وٽ سفارت جو سڀ سامان ۽ جانور (گهوڙا وغيره) به سانڀ هئا. جمعي جي صبح جو منهنجو غلام هلال اچي مون کي چوڻ لڳو ته "جيڪو مصريو اسان پاڙي ڪيو آهي، سو تمام تنگ آهي، تنهنڪري اسان جي ڪم جو نه آهي."

مون ناخدا کي سڄي ماجرا ٻڌائي، جنهن جواب ڏنو ته "مجبوري آهي ۽ انهيءَ کان وڌيڪ انتظام تي نه سگهندو، پر جيڪڏهين ڪم يعني سڀ کان ننڍي جهاز ۾ مصريو گهرجي، ته بهترين کان بهترين توهان کي ملي سگهندو." مون سندس ڳالهه منظور ڪندي، پنهنجي ساٿين کي چيو ته منهنجي سامان ۽ ٻانهين کي جنڪ جهاز مان لاهي، انهيءَ ڪم جهاز ۾ وڃي وڃن، ۽ تاڪيد ڪيومان ته جمعي جي نماز کان اڳ وڃي اتي پنهنجي جاءِ وٺجو. هن سمنڊ جو قاعدو آهي ته عصر جي وقت کان پوءِ هن ۾ تلاطم ٿيندو آهي، جنهنڪري ان وقت ڪوبه جهاز تي چڑهي ڪين سگهندو آهي.

سڀ جنڪ جهاز اڳي هليا هئا. باقي اهو جنڪ جهاز، جنهن ۾ سفارت جا تحفا هئا، ترسيل هو. هڪ ٻيو جنڪ جهاز، جنهن جو فندرين ۾ ترسڻ جو ارادو هو ۽ هڪ اهو ڪم جنهن ۾ مون گهر ورتو هو، ٻئي پوئتي رهجي ويا هئا. ڇنڇر جي رات اسان سمنڊ جي ڪناري تي ترسي پياسين، ڇو ته ڪم مان لهي ڪو ڪناري تي اچي نٿي سگهيو ۽ نه وري اسان ان تي چڑهي ٿي سگهياسين. مون وٽ بستري کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه هو.

صبح جو جنڪ جهاز ۽ ڪم جهاز ٻيٽي بندرگاهه کان

ڌڪجي، وڃي پري پيا هئا، ۽ اهو جنڪ جهاز جيڪو فندرينا ۾ ترسڻو هو، سو موج سان ٽڪر کائي ڀڄي پيو هو. ان جون ڪي سواريون ٻڏي ويون، ته ڪي بچيون. هڪ سوداگر جي ٻانهي به انهن ۾ شامل هئي، جنهن سان هن کي ڏاڍي محبت هوندي هئي. هن اعلان ڪيو ته جيڪو انهيءَ ٻانهيءَ کي زنده ڪڍي ايندو، تنهن کي هو ڏهه هزار دينار انعام ڏيندو. اها ٻانهي جهاز جي پٺئين حصي ۾ هڪ تختي کي چنبڙي پيئي هئي، جتان هن کي هڪ هرمز جو خلاصي ڪڍي آيو. هن ڏهه هزار دينار وٺڻ کان انڪار ڪندي چيو ته ”مون هيءُ ڪم خدا واسطي ڪيو آهي.“

رات جو سمنڊ جي موج انهيءَ جنڪ جهاز سان به ٽڪر کاڌو، جنهن ۾ سفارت جا تحفا هئا. نتيجو اهو نڪتو، جو جهاز ڀڄي پيو ۽ ان جا سڀ ماڻهو مري ويا. صبح جو اسان سڀني کي ڪناري تي پيل ڏٺو. ظهيرالدين جو مٿو ڦاٽي پيو هو ۽ سندس مغز به نڪري آيو هو. سنبل جي وري ڪن ۾ اهڙي ته سيخ چڀي ويئي هئي، جو ٻئي پاسي کان آر پار نڪري آئي هيس. اسان سندن جنازي نماز پڙهي، کين اتي ئي دفنائي ڇڏيو.

ڪئليڪٽ جو راجا به ڌوتي ٻڌي، هڪڙي ننڍي پڳڙي مٿي تي پائي، ٻيرن اگهاڙو اچي رهيو هو ۽ هڪ غلام سندس مٿان ڇٽ کنيو ٿي آيو. سندس اڳيان باهه ٻرندي پئي آئي ۽ سندس سپاهي ماڻهن تي مارڪٽ ڪري رهيا هئا، ته متان سمنڊ جي ڪناري تي پيل ڪا شيءِ کڻن. ملبار جي ملڪ جو رواج آهي ته اهڙو مال سرڪاري خزاني ۾ ويندو آهي. پر خاص ڪئليڪٽ جو اهو رواج آهي ته اهو سڀ مال جهاز وارن جي ملڪيت ٿيندو آهي. انهيءَ ڪري هيءُ شهر ڏاڍو آباد آهي ۽ هت جهازن جي آمدرفت تمام گهڻي رهندي آهي.

ڪڪم جي جهاز رانن جڏهن جنڪ جهاز جو اهو حال

ڏٺو، تڏهن هو جهاز جا ٻادبان چاڙهي اٿي راهي ٿيا. ان ۾ منهنجو سمورو سامان، ٻانهيون ۽ غلام به هلپا ويا ۽ مان اڪيلو ڪناري تي رهجي ويس. مون وٽ فقط اهي ڏهه دينار وڃي رهيا هئا، جيڪي جوڳيءَ مون کي ڏنا هئا ۽ هڪ بسترو هوم. ماڻهن مون کي چيو ته اهو ڪڪم، ڪنهن به صورت ۾ ڪولم جي بندر تي ضرور وڃي بيهندو. تنهنڪري مون خشڪيءَ جي رستي ڪولم وڃڻ جو ارادو ڪيو.

خشڪيءَ يا پاڻيءَ جي رستي سان ڪولم ڏهه منزلون پري آهي. مون نهر جي رستي سفر ڪيو ۽ هڪ مسلمان مزور پاڻ سان کنيم، جيڪو منهنجو بسترو کڻي هلندو هو. نهر ۾ سفر ڪرڻ وارا رات جو خشڪيءَ جي ڪنهن ويجهو ڳوٺ ۾ وڃي ترسندا آهن ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو وري اچي ٻيڙيءَ ۾ چڙهندا آهن. اسان به اهڙيءَ طرح ڪندا رهياسين. ٻيڙيءَ ۾ انهيءَ مزور کان سواءِ ٻيو ڪوبه مسلمان ڪونه هو. اهو مزور منزل تي پهچي، وڃي هندن سان گڏ شراب پيئندو هو ۽ اچي مون سان وڙهندو هو، جنهنڪري منهنجي طبيعت ڏاڍي خراب ٿيندي هئي. پوءِ اسان اهڙيءَ طرح سفر ڪندي، پنجين ڏينهن اچي ڪنجيگريءَ (١) ۾ پهتاسين. هيءُ شهر جبل جي چوٽيءَ تي آهي، جنهن ۾ يهودي رهندا آهن؛ هنن کي پنهنجو الڳ امير آهي ۽ ڪولم جي راجا جي ڍل ڀريندا آهن.

---

(١) ملبار جي ملڪ ۾ هن وقت هن شهر کي ڊنگ لور ڪري چوندا آهن، — مترجم

## دارچيني ۽ بقم

هن نهر جي ڪناري تي دارچيني ۽ بقم (١) جا وڻ بيٺل آهن ۽ انهن وڻن جون ڪاٺيون ٻارڻ جي ڪم ايندیون آهن. پوءِ ڏهين ڏينهن اسان اچي ڪولم (٢) ۾ پهتاسين.

ملبار جي ملڪ ۾ هيءُ شهر سڀ کان خوبصورت ليکيو ويندو آهي ۽ منجهس تمام سهڻيون بازاريون آهن. هتي جي سوداگرن کي "صولي" ڪري چوندا آهن، جي ڏاڍا مالدار ٿيندا آهن. ڪي سوداگر ته جهازن ڇا جهاز (مال جا ڀريل) خريد ڪري، پنهنجي گهرن ۾ واپار لاءِ رکائي ڇڏيندا آهن. مسلمان سوداگر به هن شهر ۾ ڪافي تعداد ۾ موجود آهن، جن مان سڀ کان وڏو علاءالدين آوجي، عراق جي شهر آوڌ جو رهواسي آهي. هو رافضي آهي ۽ سندس سڀ ساٿي پڻ انهيءَ طريقي جا آهن ۽ ان طريقي جي تبليغ به ڪندا رهندا آهن.

هن شهر جو قاضي قزوين جي شهر جو هڪ فاضل شخص آهي. مسلمانن ۾ تمام وڏو ماڻهو محمد شاهه بندر آهي، جنهن جو ڀاءُ تقيءُ الدين هڪ وڏو فاضل شخص آهي. هن شهر جي جامع مسجد، جيڪا خواجه مهزب ٺهرائي هئي، پڻ عجيب آهي. ملبار جي شهرن ۾ هيءُ شهر چين کي سڀ کان ويجهو آهي، انهيءَ ڪري چين جا ڪيترائي ماڻهو سفر سانگي هت ايندا رهندا آهن. هن شهر ۾ مسلمانن جي ڏاڍي عزت ڪئي ويندي آهي.

---

(١) "مخزن الادويه" ۾ لکيل آهي ته هيءُ هڪ وڏو وڻ ٿيندو آهي، جيڪو ملبار، زنزيبار ۽ سيلان ۾ ٿيندو آهي. ان جا پن بادام جي پنن جهڙا، ۽ گل پيلي رنگ جا ۽ ميوو گول ۽ ڳاڙهو ٿيندو آهي. ان جي ميوي کي ڀڄائي، ان مان رنگ ڪڍندا آهن. — مترجم

(٢) هيءُ شهر هاڻي تراونڪور جي رياست ۾ آهي.

Marfat.com

# هتي جو راجا

هتي جي هندو راجا کي تيروري ڪري چوندا آهن. هو مسلمانن جو گهڻو احترام ڪندو آهي ۽ چورن ۽ بدمعاشن سان تمام گهڻي سختي ڪندو آهي. هڪ واقعو مون ڪولم ۾ ڏٺو ته عراقي تيراندازن مان هڪڙي ٻئي کي ماري وڌو ۽ آوجيءَ جي گهر ۾ وڃي پناهه ورتائين. اهو قاتل تمام مالدار شخص هو. مسلمانن ارادو ڪيو ته مقتول کي وڃي دفن ڪن، پر راجا جي نائب کين ائين ڪرڻ کان منع ڪئي ۽ چيائين ته جيستائين قاتل اسان جي حوالي نه ڪيو ويندو تيستائين مقتول دفن ڪري نٿو سگهجي.

پوءِ ان جو جنازو کڻي وڃي آوجيءَ جي دروازي تي رکيائون. جڏهن بدبوءِ اچڻ لڳي تڏهن آوجيءَ قاتل کي وڃي هنن جي حوالي ڪيو ۽ راءِ ڏنائين ته مقتول جي وارثن کي مال ڏيئي راضي ڪيو وڃي ۽ قاتل کي نه ماريو وڃي. پر راجا جي ماڻهن ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ هن کي قصاص ۾ مارائي ڇڏيائون. تنهن کان پوءِ مقتول وڃي دفن ڪيائون.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ ڏينهن ڪولم جو راجا شهر کان ٻاهر سواريءَ تي نڪتو، ته سندس گذر باغن جي وچ مان ٿيو، هن سان گڏ سندس ناٿي پڻ هو، جيڪو خود ڪنهن راجا جو پٽ هو. هن هڪ وڻ جي هيٺان هڪ پيل انب وڃي کنيو. راجا يڪدم هن ڏانهن ڏسي حڪم ڏنو ته "هن جا ٻه ٽڪرا ڪري هڪ ٽڪر رستي جي هڪ طرف ۽ ٻيو ٽڪر رستي جي ٻئي طرف رکيو وڃي، ۽ اهڙيءَ طرح سان انب جا به ٻه اڌ ڪري، هڪ رستي جي هڪ طرف ۽ ٻيو وري ٻئي طرف رکائي ڇڏيائين، ته جيئن ڏسڻ وارا هن مان سبق سکن.

هڪ ٻي ڳالهه مشهور آهي ته هڪ دفعي ڪئليڪٽ ۾ راجا جي نائب جي ڀائٽي هڪ مسلمان سوداگر کان سندس

Marfat.com

تلوار زبردستيءَ ڦري ورتي، جنهن تي انهيءَ سوداگر وڃي سندس چاچي سان هن جي شڪايت ڪئي، جنهن واعدو ڪيس ته مان تنهنجو انصاف ضرور ڪندس. پوءِ هو پنهنجي گهر جي دروازي تي وڃي ويهي رهيو. جڏهين سندس ڀائٽيو اها تلوار ٻڌي اتي آيو، تڏهين پڇيائينس ته اها فلاڻي مسلمان جي تلوار ته نه آهي؟ هن جواب ڏنو ته هائو، پر مون اها هن کان خريد ڪري ورتي آهي. نائب يڪدم حڪم ڏنو ته هن کي گرفتار ڪري انهيءَ ئي تلوار سان سندس سر وڍيو وڃي.

مان ڪولم جي شهر ۾ شيخ فخرالدين جي خانقاهه ۾ وڃي رهيو هوس. هيءُ بزرگ شخص شيخ شهاب الدين گازرونيءَ جو پٽ آهي، جنهن جو ڪئليڪٽ جي احوال ۾ بيان ڪري آيو آهيان. ڪڪم جهاز جي ڪابه خبر ملي نه سگهي، پر انهيءَ عرصي ۾ چين جي بادشاهه جي سفارت جيڪا دهليءَ مان واپس آئي هئي ۽ اسان سان گڏ هئي، پر ٻئي جنڪ جهاز ۾ سوار هئي، ڪولم پهچي ويئي. انهن جو جهاز پڻ ڀڄي پيو هو. پوءِ چين جي واپارين هنن کي سرد وغيره ڏيئي، اتان پنهنجي ملڪ ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو. ان کان سواءِ انهن سان وري چين ۾ منهنجي ملاقات ٿي هئي.

آخر مون ارادو ڪيو ته هتان دهليءَ واپس وڃي، جيڪو حال مون سان ٿي گذريو آهي، سو سمورو وڃي ٿو بادشاه کي عرض ڪريان. پر مان ان ڳالهه کان ڊڄي ويس ته متان بادشاه مون کان ائين نه کڻي پڇي ته تون اسان جي موڪليل تحفن کان جدا ڇو ٿيو هئين. تنهنڪري مون پڪو ارادو ڪيو ته جيستائين ڪڪم جهاز جي ڪا خبر پوي، تيستائين وڃي ٿو هنوز جي شهر ۾ سلطان جلال الدين وٽ ترسان. جيئن ئي مان ڪئليڪٽ ۾ پهتس ته اتي بادشاه (محمد شاهه تغلق) جا ڪي جهاز بيٺل ڏٺم، جن ۾ هن سيد ابوالحسن پرده دار کي گهڻو ئي

مال ڏيئي موڪليو هو، ته هرمن (١) ۽ قطيف ۾ وڃي، اتان جيتري قدر به عرب ملي سگهن، (هندستان ۾) وٺي اچي، ڇو ته بادشاه عربن سان تمام گهڻي محبت ڪندو هو.

مان سيد ابوالحسن ڏانهن ويس ته معلوم ٿيو ته هن جو ارادو هو ته گرميءَ جي موسم ڪئليڪٽ ۾ گذاري، پوءِ عربستان ڏي سفر ڪري. مون کانئس صلاح ورتي ته بادشاه ڏانهن واپس وڃان يا نه، جنهن تي هن پڻ مون کي وڃڻ جي صلاح نه ڏني. ان کان پوءِ مان وڃي ڪئليڪٽ جي هڪ جهاز ۾ چڙهيس. هي انهيءَ موسم جو سڀ کان آخري سفر هو، جنهن ۾ اڌ ڏينهن اسان سفر ڪندا هئاسين ۽ باقي اڌ ڏينهن لنگر هڻي، بيهي رهندا هئاسين. رستي ۾ اسان کي ڊاڪن جون چار ٻيڙيون مليون، جن مان اسان کي ڏاڍو خوف هو، پر هنن اسان کي ڪا به تڪليف ڪانه ڏني ۽ اسان سلامتيءَ سان هنور جي شهر ۾ پهچي وياسين.

پوءِ مان هنور جي سلطان وٽ لنگهي ويس ۽ وڃي سلام ڪيومانس. هن مون کي هڪ شخص جي گهر ۾ ترسايو، ڇاڪاڻ ته مون وٽ ڪوبه نوڪر ڪونه هو، ۽ اتي مون کي چوائي موڪليائين ته مان ساڻس گڏجي نماز پڙهندو رهان. مان به گهڻو ڪري مسجد ۾ ويٺو هوندو هوس ۽ هر روز هڪ ڪلام الله ختم ڪندو هوس. پوءِ به ڪلام الله ختم ڪرڻ شروع ڪيم، جن مان هڪ صبح کان شروع ڪري ظهر جي وقت تائين ختم ڪندو هوس ۽ ٻيو ظهر کان مغرب تائين. اهڙيءَ طرح سان ٽن مهينن تائين ڪندو رهيس، ۽ انهيءَ عرصي ۾ چاليهه ڏينهن اعتڪاف ۾ به رهيس.

## اسان جو سنداپور تي ڪاهي وڃڻ ۽ فتحياب ٿيڻ

سلطان جمال الدين پاونجاه جهاز تيار ڪيا هئا، ڇو ته هن

(١) هرمن ۽ قطين عربستان جا شهر آهن. — مترجم

Marfat.com

جو ارادو سنداپور تي چڑهائي ڪرڻ جو هو. اتي جي راجا ۽ سندس پٽ جي وچ ۾ ڪجهه اختلاف هو، تنهنڪري راجا جي پٽ سلطان ڏانهن لکيو موڪليو تہ جيڪڏهن سلطان سنداپور کي فتح ڪندو تہ هو مسلمان ٿيندو ۽ پنهنجي پيٽ کيس ورڻائي ڏيندو. جڏهن جهاز تيار ٿي ويا، تڏهن منهنجي دل ۾ ٻہ آيو تہ مان ٻہ جهاد جي ثواب ۾ چو نہ شامل ٿيان. مون ڪلام الله کي کولي، فال (۱) ڏني، تہ هيءَ آيت نڪتي تہ "يذكر فيها اسم الله كثيراً ولينصرن الله من ينصره"۔ جنهن ۾ فتح جي بشارت هئي.

جڏهن سلطان عصر جيءَ نماز لاءِ مسجد ۾ آيو، تہ مون کيس چيو تہ "مان ٻہ هن سفر ۾ شامل ٿيڻ ٿو چاهيان." تنهن تي هن جواب ڏنو تہ "ڏاڍو چڱو، ۽ مان توکي هن جهاد جو امير مقرر ٿو ڪريان." تنهن تي مون ٻڌايوسانس تہ ڪلام الله مان ٻہ هيءَ فال نڪتي آهي. هي ٻڌي، هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ خود ٻہ هلڻ لاءِ تيار ٿي ويو، پر ٻهريائين هن جو اهڙو ارادو بلڪل ڪونہ هو. مان ۽ هو هڪڙي ئي جهاز ۾ سوار هئاسين.

اسان چنچر جي ڏينهن روانا ٿياسين ۽ منگل جي ڏينهن سنداپور پهتاسين. ڪاريءَ ۾ داخل ٿيندي معلوم ٿيو تہ سنداپور جا باشندا لڙائيءَ لاءِ بلڪل تيار ٻيٺا آهن ۽ منجنيقون ٻہ لڳائي چڏيون اٿن. رات جو اسان ترسي پياسين. صبح ٿيڻ شرط نوبت ۽ نقارا وڄڻ شروع ٿيا ۽ جهاز لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيا. دشمن جهازن تي منجنيقن جي ذريعي پٿر اڇلائڻ شروع ڪيا. هڪ پٿر تہ سلطان

---

(۱) هن جا ڪيترا ئي نمونا آهن. ڪي ماڻهو ابجد جي حساب تي فالون وجهندا آهن، ۽ ڪي وري پارسي شعرن ذريعي فال وجهندا آهن. گهڙو ڪري ملا ماڻهو فالنامن جا ڪتاب رکي، وقت بوقت انهن جي ذريعي فال وجهندا آهن، وضو ڪرڻ جي ڪوٺري ۾ ٻہ شڪي چورن جا نالا وجهي پڙهندا آهن. پوءِ جنهن جي نالي تي ڪوٺرو ڦري، اهو چور ٻڌائيندا آهن. اهڙيءَ طرح مان قرآن شريف کولي، ان مان ٻہ فال نيڪ يا بد، جنهن جو نڪتل آيت تي مدار آهي، ٻڌائيندا آهن. — مترجم

جي پرسان بيٹل هڪ ماڻهوءَ کي اڇي لڳو. جهاز وارا هٿن ۾ تلوارون ۽ ڍالون کڻي پاڻيءَ ۾ ٽپي پيا ۽ بادشاه پڻ ان ۾ ڏاڍيءَ بهادريءَ سان ٽپي پيو. مون به پاڻ کي کڻي پاڻيءَ ۾ اڇلايو.

اسان وٽ اهڙا جهاز به هٿا، جن جا پٺيان حصا کليل هٿا ۽ انهن ۾ گهوڙي سوار بيٹل هٿا. اهي جهاز اهڙيءَ طرح ٺهيل هٿا، جو انهن ۾ اندران ڏي اندران ماڻهو گهوڙي تي سوار ٿي، زرهه پهري، گهوڙي تي چڙهيل ڏي باهر نڪري ايندو. اسان به اهڙيءَ طرح ڪيو. خدا مسلمانن جي مدد ڪئي ۽ اسان تلوارون کڻي شهر ۾ گهڙي پياسين. ڪيترن ڏي هندن وڃي راجا جي محل ۾ پناه ورتي. اسان هنن تي باهه وساڏي، آخر هنن کي گرفتار ڪري ورتو. پوءِ سلطان هنن کي امان ڏنو، ۽ سندن عورتون به ڪين واپس ورائي ڏنيون. هي ماڻهو اڪثر ڏهه هزار کن هٿا، جن کي شهر جي باهران رهڻ لاءِ جڳهه ڏني ويئي. سلطان محل ۾ وڃي رهيو ۽ ان جي آسپاس واريون جايون پنهنجن ملازمن ۽ اميرن کي ورهائي ڏنيون ۽ مون کي هڪ مڪيءَ نالي پاڻهي ڏنائين. مون وري هن جو نالو مٹائي کڻي مبارڪ رکيو. هن جو مڙس مون کي ڏيو (عيوض) ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو، پر مون انڪار ڪري ڇڏيو. سلطان مون کي هڪ مصري فرجيه * (چوغو) پڻ ڏنو، جيڪو راجا جي توشه خاني مان مليو هو. مان سندا پور ۾ سلطان وٽ ۱۳ جمادي الاول کان وٺي شعبان جي اڌ مهيني تائين رهيس، ۽ پوءِ سفر ڪرڻ جي اجازت گهريم. سلطان مون کان وعدو ورتو ته مان وري هن وٽ واپس ايندس. پوءِ سان جهاز ۾ سوار ٿي هنور، فاڪنور، منجرور، هيلي، جرفٽن، دهم فٽن، بدفٽن، فندرينا ۽ ڪليڪٽ، جن جو مان اڳ ۾ بيان ڪري آيو آهيان، کان

---

* فرجيه - "آئين اڪبري" ۾ هيئن لکيل آهي "فرجيه يا بند و ڪشاده بيش باشد و برخ لکم افزايند- پيشتر به امير ان جامه پوشند"- جنهن جو مطلب چوغو يا لبادو ٿيو. — مترجم

Marfat.com

ٿيندو اچي شاليات (١) جي شهر ۾ پهتس. هي هڪ خوبصورت شهر آهي. ۽ اهو ڪپڙو، جيڪو ان شهر ڏانهن منسوب آهي، هتي ٺهندو آهي. مان هن شهر ۾ ڪيترائي ڏينهن رهيس ۽ پوءِ ڪئليڪٽ ڏانهن موٽي آيس. اتي مون کي، منهنجا ٻه غلام، جيڪي هڪ ڪڪم جهاز تي ويٺا هئا، انهن مون کي ٻڌايو ته منهنجي اها ٻانهي جيڪا حامله هئي ۽ جنهن جي لاءِ مون کي تمام گهڻو فڪر رهندو هو، مري ويئي. ۽ جاوا جي راجا سڀ ٻانهيون ۽ مال اسباب اسان کان ڦري ورتو، ۽ منهنجا ساٿي، ڪجهه جاوا ۾، ڪجهه چين ۾ ۽ ڪجهه بنگاله ۾ ٽڙي پکڙي ويا.

اهي خبرون ٻڌي مان هنور هليو ويس، جتان وري سنداپور واپس هليو ويس. مان محرم جي آخري تاريخن ۾ اتي پهتس. ربيع الثاني جي ٻيءَ تاريخ تائين اتي رهيس. اتي جو راجا جنهن کان اسان هي شهر فتح ڪيو هو، ڪٿان اچي اتي نڪتو. سڀ هندو وڃي هن وٽ گڏ ٿيا. سلطان جو لشڪر ان وقت ڳوٺن جي طرف ٽڙيو پکڙيو پيو هو، سو هنن اچي سلطان کي گهيرو ڪيو ۽ سڀ آمدورفت بند ڪري ڇڏيائون. مان ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان اٿان کسڪي ڪئليڪٽ ڏانهن هليو ويس، جتان ذيبة المهد * (مالديپ) جي ٻيٽن جي سفر جو ارادو ڪيم.

مان هنن ٻيٽن جون خبرون ٻڌندو رهندو هوس، ۽ ڪئليڪٽ کان سمنڊ رستي هلي، ڏهين ڏينهن اچي هنن ٻيٽن ۾ لٿاسين. هي ٻيٽ دنيا ڀر ۾ عجيب آهن. ۽ تعداد ۾ اٽڪل ٻه هزارکن ٿيندا. هڪ هڪ سؤ يا انهن کان ڪجهه گهٽ ٻيٽن جي هرهڪ مجموعي کي هڪ گول جي صورت هوندي آهي، جنهن کي فقط هڪ دروازو

(١) هن کي هاڻي "شاليا" ڪري سڏيندا آهن ۽ ڪئليڪٽ جي پرسان آهي. — مترجم

* ديبة - ديپ جو واحد ۽ معرب آهي. ديب سنسڪرت ۾ ٻيٽ کي چوندا آهن، ۽ مهل يا مال سڀني کان وڏي ٻيٽ جو نالو آهي. تنهنڪري هنن لفظن کي اڳي پوءِ ڪري، ان کي مال-ديپ ڪري ٿا چون. - مترجم

Marfat.com

ٿيندو آهي، جتان جهاز اندر وڃي سگهندا آهن. جهازن جي رهبريءَ لاءِ هڪ سونهن جي ضرورت ٿيندي آهي، تنهنڪري جيڪڏهن هنن ٻيٽن جي باشندن مان ڪو هجي تہ سڀني ٻيٽ گهمائي سگهي ٿو. هڪ ٻيٽ جو مجموعو ٻئي مجموعي کي ايترو تہ نزديڪ آهي، جو جيڪڏهن هڪ مان نڪرجي تہ ٻئي جي ڪجهن جاوڻ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. پر جيڪڏهن طرفن جي غلطي ٿي وڃي تہ اتي پهچڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، ڇو تہ هوا جهاز کي ڪٽي وڃي ٻملان يا معبر جي ملڪن ۾ ڇڏيندي.

هن ٻيٽ جا سڀ باشندا مسلمان آهن، جيڪي تمام نيڪ بخت ۽ ديانتدار آهن. هنن ٻيٽن ۾ جدا جدا اقليمون آهن ۽ هرهڪ اقليم (ملڪ) ٿي جدا جدا والي آهي، جنهن کي "ڪردوبي" ڪري چوندا آهن. انهن اقليمن جا نالا هي آهن: 'بالپور' (١)، 'ڪنلوس'، 'مهل' (مال)، جنهن جي نالي سان سڄو ٻيٽ مشهور آهي، ۽ ان ۾ اتي جو بادشاه پڻ رهندو آهي. 'نلادهب'، 'ڪرايدو'، 'ٽيم'، 'تلدمتي'، 'هلدمتي'، 'بربدو'، 'ڪندڪل'، 'ملوڪ' ۽ 'سويد'. اهي ٻيٽ هڪٻئي کان ڪجهه پري آهن. هنن ٻيٽن ۾ سويد اقليم کان سواءِ ٻئي هنڌ ڪٿي به ٻوڪ کائڻ ٿيندي آهي.

سويد ۾ هڪ قسم جو اناج ٿيندو آهي، جيڪو انلي (ڪنڪڻي جانورن) جي شڪل جهڙو ٿيندو آهي، جنهن کي انان مهل (مال) جي ٻيٽ ۾ ڪٽي ويندا آهن. هتان جا باشندا هڪ قسم جي مڇي کائيندا آهن، جيڪا ليرون (مڇيءَ جو قسم) جي شڪل جهڙي ٿيندي آهي، ان کي اتي جا ماڻهو قلب الماس (٢)

---

(١) اصل متن ۾ "بالبور" لکيل آهي. پر اصل ۾ "بالپور" هوندو، جو عربيءَ ۾ "پ" جو حرف ڪونہ آهي. — مترجم

(٢) هيءَ هڪ قسم جي خاص مڇي آهي، جنهن کي ابن بطوطہ 'ليرون' جي مشابهہ ٿو لکي ۽ چاڪاڻ تہ ان جو گوشت ڪاڙهو آهي، تنهنڪري قلب (دل) جي رنگ سان سندس ماس کي مشابهت ڏيئي، هن تي اهو نالو ڪٽي رکيو هوندائرن. — مترجم

Marfat.com

ڪري چوندا آهن. هن مڇيءَ جو گوشت ڳاڙهو ٿيندو آهي، جنهن جي بوءِ اهڙي آهي، جهڙي چوپائي مال جي گوشت جي. ان کي ڦاسائي، ان جا چار ٽڪرا ڪري، ٿورو پچائي، پوءِ کجيءَ جي ڦرهن جي ٺهيل تختي تي رکي، ان کي ڌوئندا آهن. ان کان پوءِ ان کي هلڪي باهه تي ٽنگي ڇڏيندا آهن. جڏهن بلڪل خشڪ ٿي ويندي، تڏهن ان کي کائيندا آهن. ان کي هندستان، چين ۽ يمن ۾ به کڻي ويندا آهن.

## فصل ٽيون

# هتي جا وڻ

هنن ٻيٽن ۾ ناريل جا وڻ گهڻي انداز ۾ ٿيندا آهن. تنهنڪري هتي ناريل جام ٿيندو آهي. جنهن کي هتي جا ماڻهو مڇيءَ سان کائيندا آهن. ناريل جو وڻ به عجيب ٿيندو آهي. سال ۾ ٻارهن دفعا ڦر جهليندو آهي. يعني هر مهيني سندس ڦر تيار ٿيندو رهندو آهي. اهي وڻ ڪي ننڍا، ڪي وڏا، ڪي خشڪ، ڪي ساوا ٿيندا آهن. ناريل مان وري کير، تيل ۽ ماکي ٺاهي ويندي آهي. جنهن جو بيان پهرئين حصي ۾ تفصيل سان ڪري آيو آهيان. ناريل جي ماکيءَ مان حلوو ٺاهي، ناريل جي گوري سان گڏ کاڌو ويندو آهي. ناريل جي مٿين سڀني شين ۽ انهيءَ مڇيءَ ۾ جنهن جو بيان مان مٿي ڪري آيو آهيان، عجيب قوت باه ٿيندي آهي ۽ هن ٻيٽ جا ماڻهو به هن ڪم ۾ عجائبات ظاهر ڪندا آهن. خود منهنجي نڪاح ۾ اتي چار زالون هيون ۽ ٻانهيون تنهن کان سواءِ هيم، جن سان رات ڏينهن هم بستري ٿيندو رهندو هئس، ۽ ڏيڍ سال تائين اتي رهندي، مون اهو دستور جاري رکيو.

هنن ٻيٽن ۾ ناسپاتيون، نارنگيون، ليمان ۽ قلقاس (سائي ڀاڄي ءجو قسم) به ٿيندا آهن. قلقاس جي پاڙن کي ڪڍي، ان جو اٽو پيهي، ان مان اطريه (سيون) ٺاهي، ناريل جي کير ۾ رڌيندا آهن، جيڪو ڏاڍو مزيدار کاڌو ٿيندو آهي. مون کي به هي کاڌو ڏاڍو وڻندو هو ۽ اهو گهڻو ڪري کائيندو هوس.

Marfat.com

## هنن ٻيڻن جا ٻاشندا ۽ انهن جي رهاڻش

هن ٻيٽ جا ماڻهو نيڪوڪار، ديندار، پرهيزگار ۽ ايماندار ٿيندا آهن. هو حلال جي روزي ڪائيندا آهن، تنهنڪري هنن جي دعا هميشه قبول ٿيندي آهي. جيڪڏهن ڪوبه ماڻهو هنن ڏانهن ڏسندو آهي ته چوندا آهن، "الله منهنجو رب آهي، محمد ص منهنجو نبي آهي، ۽ ٻيا سڀ غريب جاهل آهيان." هو بدن ۾ ضعيف ۽ هيڻا ٿيندا آهن. لڙائي جهگڙي ۾ ان هو ڪين ڇاڻن، ۽ سندن هٿيار فقط سندن دعا آهي. هڪ دفعي سون هڪ چور جي هٿ ڪپڻ جو حڪم ڏنو، ته اتي ويٺل ماڻ ڪيترائي بيهوش ٿي ويا هئا.

هندستان جا چور ۽ ڏاڪو، هنن کي ڪو نقصان ڪونه پهچائيندا آهن، چو ته هنن کي تجربو ٿي ويو آهي ته جيڪو به هنن جو مال ٿو چورائي يا زبردستيءَ ٿو ڦري، ته يڪدم ان تي مصيبت ٿي نازل ٿئي. جڏهن هندن جا جهاز هن طرف ايندا آهن، تڏهن هنن کان سواءِ ٻيو جيڪو به ماڻهو ملندو اٿن، تنهن کي يڪدم پڪڙي ويندا آهن، باقي هن ٻيٽ جي باشندن کي ڪجهه به ڪين چوندا آهن. جيڪڏهن کو هندو انهن جو رکو هڪ ٻيڙيءَ ۾ چورائيندو آهي، ته سندن سردار عذاب الاهيءَ جي خوف کان هن کي سخت سزا ڏيندو آهي. جيڪڏهن هنن کي اهو خوف نه هجي ها، ته روءِ هنن ويچارن جو خدا حافظ هجي ها، چو ته هي ماڻهو بدن جا ضعيف ٿي ڪري، اصل سندن مقابلو ڪري ڪين سگهن ها.

هر هڪ ٻيٽ ۾ مسجدون آهن، جيڪي گهٽو ڪري ڪاٺ جون ٺهيل آهن. هي ماڻهو هميشه پاڪ ۽ صاف رهندا آهن. ۽ هر روز ۾ دفعا غسل ڪندا آهن، چو ته اتي گرمي تمام گهڻي ٿيندي آهي، تنهنڪري پگهر گهٽو نڪرندو آهي. هو خوشبوءِ ۽

Marfat.com

عطرن جو استعمال تمام گهٹو ڪندا آهن. مقدشو (١) مان جيڪو غاليه (٢) ايندو آهي، سو لڳائيندا آهن. هنن ۾ رواج آهي ته صبح جو نماز کان پوءِ هر هڪ عورت پنهنجي مڙس يا پٽ وٽ سرمي داني، گلاب ۽ غاليو ڪٽي ايندي آهي ۽ هن جي اکين ۾ سرمون پائي، گلاب ۽ غاليي سان هن جو بدن ۽ منهن مهٽيندي آهي، جنهنڪري هن جي ٻگڙيل چهري تي رونق ۽ بدن ۾ سينگار اچي ويندو آهي.

هو فقط هڪ چادر، سلوار جي ٻجاءِ، چيلهه، تي ٻڌندا آهن ۽ ٻئي ۾ ڪڙو ڪپڙو رکندا آهن، جيڪو احرام جي شڪل جهڙو ٿيندو آهي. انهن مان ڪي مٿي تي عمامو (پٽڪو) رکندا آهن ۽ ڪي انهيءَ جي بدران رکو رومال ٻڌي چڏيندا آهن. جيڪڏهن انهن مان کو ماڻهو، خطيب يا قاضيءَ مان رستي ۾ ملندو آهي، ته ڪاهن ڏان ڪپڙو لاهي، ٻئي اگهاڙي ڪري، هن کي گهر تائين پهچائي ايندو آهي.

هنن جو اهو به دستور آهي ته جيڪڏهن ڪنهن جو نڪاح ٿيندو آهي ۽ پنهنجي زال جي گهر ويندو آهي، تڏهن سندس زال جي گهر جي ٻاهرئين دروازي کان اندرئين دروازي تائين ڪپڙو وڇايو ويندو آهي ۽ هن جي ساڃي ۽ ڪاهي پاسي ڪوڏين جون ڏيريون ناهيون ويندیون آهن. سندس زال وري اندرئين دروازي وٽ سندس انتظار ڪندي آهي. پوءِ جڏهن اهو گهوٽ هن وٽ پهچندو آهي، تڏهن هو سندس پيرن تي ڪپڙو رکندي آهي، جيڪو گهوٽ يا خادم کڻي وڃندا آهن. وري جڏهن کا زال پنهنجي گهوٽ جي گهر ۾ ايندي آهي ته به اهڙيءَ طرح فرش وڇائي، ڪوڏين

---

(١) مقدشو- عربستان ۾ عدن جي طرف هڪ علاقي جو نالو. - مترجم

(٢) غاليو- "مخزن" ۾ لکيل آهي ته هي هڪ قسم جي عطر وانگر خوشبوءِ آهي، جڪا عنبر، لوبان ۽ ٻيون ڪي خوشبوئدار گڏي ناهيندا آهن. - مترجم

Marfat.com

جون ڍيريون ٺاهيون وينديون آهن. ان وقت به زال پنهنجي مڙس جي پيرن تي ڪپڙو رکندي آهي.

هن جا گهر ڪاٺ جا ٺهيل هوندا آهن، ۽ سندن گهرن جا فرش زمين جي سطح کان ڪجهه اوچا رکيل هوندا آهن. ڇاڪاڻ ته اتي جي زمين هميشه مرطوب رهندي آهي، تنهنڪري سيمي وغيره کان بچڻ لاءِ ٽي گز ڊگها پٿر تراشي، انهن جي قطار ٺاهي، انهن جي پٺيان ناريل جو ڪاٺ وڇائيندا آهن، جنهن تي وري ڪاٺ جون ڀتيون کڙيون ڪري بيهاريندا آهن. هو پنهنجي گهرن ٺاهڻ وقت ڪمال درجي جي صنعت ڪندا آهن. هو ڏيڍيءَ تي هڪ ڪوٺو ٺاهيندا آهن، جنهن کي "مالم" چوندا آهن. ان جو هڪ دروازو ڏيڍيءَ طرف هوندو آهي، ته ٻيو گهر جي طرف. ان جي دروازي تي ناريل جي کوپي جو ٺهيل هڪ ڏول رکيل هوندو آهي. ان ڏول ۾ ٻه گز ڊگهي رسي به ٻڌل هوندي آهي. ان ڏول کي 'ولنج' ڪري چوندا آهن، جنهن سان کوه مان پاڻي پڻ ڀريندا آهن.. ڇو ته هتي کوه گهڻا اونها ڪونه ٿيندا آهن.

هتان جا سڀ ماڻهو اگهاڙين پيرين گهمندا آهن. هو وڏ گهراڻا هجن يا ڪم ذات، پر پنهنجا گهر ۽ گهٽيون بلڪل صاف رکندا آهن، جن ۾ ٻهاري ڏنل ۽ ٻنهي طرفن کان وڻ رکيل هوندا آهن، جن جي ڇانوَ ۾ هلڻ وارو ائين سمجهندو آهي ته ڄڻڪ ڪو باغ مان پيو وڃي. انهيءَ صفائيءَ کان پوءِ به گهر ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ۾ هر شخص انهيءَ رکيل مٽ مان پاڻي ڪڍي، پنهنجا پير ڌوئي، ناريل جي وارن مان ٺهيل ٿلهيءَ ٻهاري سان، جيڪو اتي ٻيو هوندو آهي، پنهنجي پيرن کي چڱيءَ طرح سان رڳڙيندو آهي. مسجد ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ۾ به ائين ڪندا آهن.

هن ملڪ ۾ اهو به دستور آهي ته جڏهن ڪو جهاز هتي ايندو آهي تڏهن هتي جا ماڻهو ننڍين ٻيڙين، جن کي ڪندره

ڪري چوندا آهن، ۽ ويهي جهاز وارن جو استقبال ڪندا آهن. پوء پان ۽ ناريل جا گورا به ساڻ ڪڍي ويندا آهن ۽ جنهن شخص کي وڃين، تنهن کي ڏيندا آهن. پوء اهو شخص ان جو مهمان سمجهيو ويندو آهي. پوء هن جو سامان پنهنجي گهر ڪڍي ويندا آهن، ڇڙ ته هو ڪو سندن ويجهو عزيز آهي، جيڪڏهن اهو مسافر نڪاح ڪرڻ گهرندو آهي ته سندس نڪاح به ڪري ڇڏيندا آهن ۽ جڏهن هو واپس ويندو آهي ته ان زال کي طلاق ڏيئي ويندو آهي، ڇو ته هن ٻيٽ جون زالون پنهنجي ملڪ کان ٻاهر ڪونه وڃن. پر جيڪڏهن ڪو نڪاح ڪرڻ نه چاهيندو آهي ته سندس ميزبان جي زال ان مسافر لاءِ ماڻي ڪندي آهي ۽ سندس خدمت به اها ئي زال ڪندي آهي. جڏهن هو سفر تي ويندو آهي ته اها عورت رستي لاءِ ماڻي به ڏيندي ائس ۽ ان جي بدلي ۾ جيڪي ٽورو گهٽو هو ڪيس ڏيندو آهي، سو وٺي ڏاڍي خوش ٿيندي آهي. جيڪڏهن ڪو ڪجهه به نه ڏئي ته ان مان جيڪو فائدو خزاني کي ٿئي، تنهن کي ئي کاڻي سمجهندا آهن.

خزاني کي "بندر" چوندا آهن. جهاز جي مال جو ڪجهه حصو هڪ مقرر رقم جي عيوض خواه اهو مال جو حصو ان قيمت جو هجي يا ان کان وڌيڪ، بندر جي لاءِ خريد ڪيو ويندو آهي ۽ ان کي "شروع بندر" ڪري چوندا آهن. سڀ ڪنهن ٻيٽ ۾ بندر جي لاءِ ڪاٺ جو ٺهيل گهر ٿيندو آهي جنهن کي "بجم قبا" ڪري چوندا آهن. ان ۾ والي، جنهن کي "ڪردوزي" چوندا آهن، سڀ سامان گڏ ڪري رکندو آهي؛ پوء اتي ئي ان جي خريد فروخت ٿيندي آهي.

هنن ٻيٽن جا باشندا مرغين جي عيوض مٽيءَ جا برتن خريد ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح سان هڪ ڪنيءَ جي قيمت پنج، يا ڇهه مرغيون هوندي آهي جهاز هنن ٻيٽن مان مڇيءَ جو گوشت، ناريل، چادرون، دايان (ڪپڙي جو قسم)، ست جا عصا (پٽڪا)، تامي جا برتن، ڪوڏيون ۽ ڪنبر يعني ناريل جون سڙون ٻاهر

ڪٽي ويندا آهن. ناريل جون شيون ڪلون لاهي، سمنڊ جي ڪناري تي پاڻيءَ ۾ پسائي، پوءِ انهن کي سوڻن سان ڪٽيندا آهن. ان بعد عورتون ان کي ڪٽي ان سان جهازن جي لاءِ رسيون ٺاهيندڙيون آهن، جيڪي هندستان، چين ۽ يمن ۾ وڪامڻ لاءِ ويندڙيون آهن. هيءَ رسي قنب (ڏڪ گاه جو قسم) جي رسيءَ کان سٽي ٿي ٿي، تنهنڪري انهن ۾ لوه جون ڪليون استعمال ڪرڻ ڪندا آهن. ڇو ته لوه جون ڪليون پٿر سان ٽڪرائجي پيڄي پوندڙيون آهن. پر رسين سان جڪڙيل تختن کي، خواه جهاز کي ڪيترو به ٽڪر لڳي، نقصان پهچي نٿو سگهي.

هنن ٻيٽن ۾ ڪوڏيون (خريد فروخت لاءِ) هلندڙيون آهن. ڪوڏي هڪ جانور آهي، جنهن کي سمنڊ مان ڪڍي، ڪناري تي هڪ غار ۾ گڏ ڪندا آهن. جڏهن اهو سڪي وينڊو آهي، تڏهن ان جي سفيد هڏي وڇي پچندي آهي. هڪ سؤ ڪوڏين کي 'سباه'، ست سؤ ڪوڏين کي 'قال'، ٻارهن هزارن ڪوڏين کي 'کي' ۽ هڪ لک ڪوڏين کي 'بستو' ڪري چوندا آهن. اهڙا چار بستو هڪ طلائي دينار جي عيوض وڪڻندا آهن؛ ۽ ڪڏهن ته اهڙيون سستيون ٿيندڙيون آهن، جو ڏهه بستو به ڏيئي ڇڏيندا آهن. بنگالي جا ماڻهو وري انهن جي عيوض جانور ڏيندا آهن. بنگالي جي ملڪ ۾ به ڪوڏيون هلندڙيون آهن. يمن جا ماڻهو پڻ ڪوڏيون خريد ڪندا آهن ۽ پنهنجن جهازن تي اهي رهتيءَ جي بجاءِ وڇائي ڇڏيندا آهن. سودان جي ملڪ ۾ به اهي ڪوڏيون هلندڙيون آهن، ۽ 'مالي' ۽ 'جوجو' جي ملڪ ۾ ته هڪ طلائي دينار جي عيوض ٻارهن سؤ پنجاه ڪوڏيون وڪامندڙيون آهن.

## هتي جون عورتون

هنن ٻيٽن جون عورتون پنهنجو مٿو ڪين ڍڪين، ايتري قدر جو سندن ملڪ ۾ مٿو ڪاڻ ڍڪي. هو وارن کي ڦٽي

Marfat.com

ڏيندڀون آهن، ۽ وارن جو جوڙو مٿي جي هڪ پاسي ٻڌي ڇڏيندڀون آهن. انهن مان ڪيتريون فقط چادر ڍڪيندڀون آهن، جنهن سان دن کان وٺي هيٺ پيرن تائين جسم ڍڪي ڇڏيندڀون آهن ۽ باقي سڄو بدن اگهاڙو رکندڀون آهن. هو بازارين ۽ گهٽين ۾ به اهڙيءَ طرح سان گهمندڀون رهندڀون آهن. جڏهن مان اتي جو قاضي مقرر ٿيو هئس، تڏهن مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته هنن کان اهو رواج ڇڏايان ۽ هنن کي لباس پهرڻ جو حڪم به ڏنم، پر مان ڪامياب ٿي نه سگهيس. آخر مون حڪم ڏنو ته مون وٽ ڪا به عورت مقدمي جي حاضريءَ وقت ننگي بدن نه اچي، ۽ انهيءَ کان وڌيڪ مان ڪجهه ڪري نه سگهيس.

ڪي عورتون ساڙهيءَ جي مٿان ننڍڙين ۽ سوڙهين ٻانهن سان ننڍڙي چولي به پائيندڀون آهن. منهنجين ٻانهين جو لباس دهليءَ جي باشندن جهڙو هوندو هو ۽ هو پنهنجو مٿو به ڍڪيندڀون هيون. پر اتي جون عورتون انهيءَ کي عيب ڪري سمجهندڀون هيون. انهن جو زيور ڪنگڻ آهي، جنهن سان هو ٻيئي ٻانهون ڪرائيءَ کان وٺي ٿونٺ تائين ڀري ڇڏيندڀون آهن. اهي ڪنگڻ چانديءَ جا ٺهيل هوندا آهن، ڇو ته بادشاه ۽ ان جي عزيزن جي عورتن کان سواءِ ٻي ڪا به عورت سون جا ڪنگڻ پهري نٿي سگهي. هو پيرن ۾ ڇيريون ٻڌندڀون آهن، جنهن کي پايل ڪري چوندا آهن. هن ٻيٽ ۾ هڪ عجيب رسم آهي ته هتي جون عورتون فقط پنج دينار يا اڃا به گهٽ رقم وٺي، کاڌي ۽ ڪپڙي تي گهرن ۾ پورهيو ڪندڀون آهن؛ ۽ انهيءَ کي عيب ڪين سمجهندڀون آهن ته ان جي قيمت پيشگي وٺي پاڻ گروي ڪري ڇڏين. جيڪڏهن هو هڪ گهر ڇڏي ٻئي گهر ۾ وڃڻ چاهيندڀون آهن ته جيڪو گهر انهن کي حاصل ڪرڻ گهرندو آهي، سو پهرئين گهر واري کي اهي دينار جن جي عيوض هوءَ گروي هوندي آهي، يعني (پيشگي رقم) ڀري ڏيندو آهي ۽ آئينده لاءِ

Marfat.com

اها رقم هن عورت تي قرض سمجهيو ويندو آهي. اهڙي قسم جون عورتون گهڻو ڪري 'ڪنبر' يعني ناريل جو رسيون ڪتڻ جو ڪم ڪنديون آهن.

هن ٻيٽ ۾ نڪاح تمام آسانيءَ سان ٿي سگهندو آهي، ڇو ته حق مهر تمام ٿورو آهي ۽ هي عورتون حسن معاشرت جي ڪري مشهور آهن. گهڻو ڪري ماڻهو سندن مهر مقرر ڪندا آهن ۽ اهڙيءَ صورت ۾ کين واجبي مهر ڏياريو ويندو آهي. جڏهن ڪو جهاز هتي ايندو آهي ته جهاز وارا هتي جي عورتن سان نڪاح ڪندا آهن ۽ واپس وڃڻ وقت انهن عورتن کي طلاق ڏيئي ويندا آهن. هي هڪ قسم جو متعو ٿيندو آهي. هي عورتون پنهنجي ملڪ کان ٻاهر بلڪل ڪونه وڃن.

هتي جي عورت پنهنجي خاوند جي رڳو هڪ ئي خدمت ڪانه ڪندي آهي، بلڪ اها ئي هن لاءِ کاڌو آڻيندي ۽ (برتن) کڻي ويندي آهي، سندس هٿ ڌئاريندي آهي، وضوءَ جي لاءِ پاڻي آڻيندي آهي ۽ سمهڻ وقت کيس زور به ڏيندي آهي. هتي عورتون پنهنجي خاوند سان ڪڏهن به ڪين کائين. نه رڳو ايترو پر خاوند کي خبر به ڪين پوندي آهي ته هوءَ ڇا ئي کائي. مون به اتي ڪيترين عورتن سان نڪاح ڪيو هو، جن مان ڪن تي زوربار آڻڻ کان پوءِ هنن مون سان کائڻ منظور به ڪيو هو، پر ڪن ته اصل نه کاڌو. مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته هنن کي کائيندي ڏسان پر ناڪام رهيس.

## هنن ٻيٽن ۾ اسلام پکڙڻ جو سبب
## ۽
## هڪ خوفناڪ جن جي ڳالهه جنهن سڀني
## شهرن کي تباه ڪيو هو

هنن ٻيٽن جي ڪن معتبر ماڻهن جهڙوڪ فقيهه عيسيٰ يمني،

Marfat.com

فقيهه معلم علي ۽ قاضي عبدالله وغيره مون کي ٻڌائيندا هئا تہ، اصل ۾ هن ٻيٽ جا ماڻهو بت پرست هوندا هئا، ۽ هر مهيني سمنڊ جي طرف کان هک جن ايندو هو، جنهن جي شڪل اهڙي هوندي هئي جو جڙ کو جهاز آهي ۽ ان ۾ ٻتيون ٻون ٻرن. هتي جي ماڻهن جو دستور هو تہ هک ڪنواريءَ چوڪريءَ کي ٻنائي سينگاري هک بت خاني ۾ جيڪو سمنڊ جي ڪناري تي هوندو هو، وڃي ڇڏي ايندا هئا ۽ صبح جو ان چوڪريءَ کي مثل ڏسندا هئا. نہ رڳو ايترو پر سندس عصمت بہ لٽيل هوندي هئي. هو هر مهيني ٻاڻ ۾ ڪٽان وجهندا هئا ۽ جنهن جو نالو نڪرندو هو، تنهن کي پنهنجي ڏيءُ موڪلڻي پوندي هئي.

هک دفعي هنن ٻيٽن ۾ هک مغربي البرڪات ٻرٻريءَ نالي، مسافري ڪندي اچي نڪتو. هيءُ شخص قرآن شريف جو حافظ هو. ۽ مهل (مال) جي ٻيٽ ۾ هک پوڙهيءَ زال جي گهر ۾ اچي ترسيو. هک ڏينهن جيڪڏهن ڏي هو گهر ۾ گهڙيو تہ ڏٺائين تہ اها پوڙهي زال ۽ ان جا مائٽ روئي پٽي رهيا آهن، جڏ تہ ڪو ماتم ٿي ڪيائون. هن حال احوال پڇيو، پر هن کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ آيو. آخر ترجمان گهرايو ويو، جنهن هن کي سڄو حال ٻڌائيندي چيو تہ هن پوڙهيءَ زال جو نالو ڪٽي ٻر آيو آهي ۽ هن کي رڳو اها هڪڙي ڏيءُ آهي، جنهن کي هاڻي جن ماري ڇڏيندو. اتي ابوالبرڪات انهيءَ زال کي چيو تہ، تنهنجي ڏيءُ جي بدران مان ويندس.

هو ڪجهہ، ڇڄي هو، تنهنکري ڏاڙهي ۽ مڇون ڪونہ رکندو هو ۽ حسب دستور هن کي وٺي وڃي انهيءَ بت خاني ۾ ڇڏي آيا. هن اتي ڇا ڪيو، جو وضو ڪري، ڪلام الله ڪٽي ويهي، پڙهڻ لڳو. جڏهن جن ظاهر ٿيو ۽ هن کي ڪلام الله پڙهندي ڏٺائين، تڏهن سمنڊ ڏانهن واپس هليو ويو. صبح ٿيو تہ بہ مغربي ساڳئي حال ۾ رهيو. جڏهن پوڙهي زال ۽ ان جا عزيز

Marfat.com

حسب معمول هن جو لاش کڻڻ آيا، تڏهن مغربيءَ کي زنده ڏٺائون.

پوءِ هن کي پنهنجي بادشاه وٽ، جنهن جو نالو 'شنورازه' هو، وٺي ويا، ۽ هن کي سمورو حال وڃي ٻڌايائون. بادشاه کي اهو پڌي ڏاڍو عجب لڳو. اتي مغربيءَ هن کي مسلمان ٿيڻ جي ترغيب ڏني، جنهن تي هن جواب ڏنس ته ايندڙ مهيني تائين ترس، ۽ جيڪڏهن ايندڙ مهيني به تون اهڙيءَ طرح سلامت رهئين ته پوءِ مان مسلمان ٿيندس. ان کان پوءِ مغربي اتي ترسي پيو ۽ اڃا مهينو به پورو ڪونه ٿيو هو، ته بادشاه جي دل ۾ اسلام لاءِ محبت پيدا ٿي. پوءِ هو ٻاڻ، پنهنجي خاندان ۽ اميرن سميت، مسلمان ٿيو.

جڏهن مهينو پورو ٿيو، تڏهن مغربيءَ کي وري وڃي انهيءَ بتخاني ۾ ڇڏي آيا. 'جن' هن دفعي به سندس ويجهو ڪونه آيو ۽ هو صبح تائين ويٺو قرآن شريف پڙهندو رهيو. جڏهن بادشاه ۽ عوام اتي آيا، تڏهن مغربيءَ کي تلاوت قرآن ۾ محو ڏٺائون. هنن انهيءَ دم سڀ بتخانا ڀڃي ڇڏيا ۽ ٻيٽ جا سڀ ماڻهو مسلمان ٿي ويا. انهن پوءِ ٻين ٻيٽن جي ماڻهن کي به مسلمان ڪري ڇڏيو. هي ماڻهو مغربيءَ جي تمام گهڻي تعظيم ۽ تڪريم ڪندا هئا ۽ هن جي ڪري هي سڀ ماڻهو به امام مالڪ جي مذهب جا پيروي ڪندڙ ٿي رهيا.

هي ماڻهو اڃا تائين به 'مغرب' جي ماڻهن جي تمام گهڻي عزت ڪندا آهن. هنن ان وقت هڪ مسجد به تعمير ڪرائي هئي، جيڪا اڃا به ان شخص جي نالي سان مشهور آهي ۽ انهيءَ مسجد جي محراب تي هي ڪتبو اڪريل آهي: "سلطان احمد شنورازه ابوالبرڪات مغربيءَ جي هٿ تي مسلمان ٿيو." ان بادشاه پوءِ هنن ٻيٽن جي آمدنيءَ جو ٽيون حصو مسافرن جي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته هن جي مسلمان ٿيڻ جو سبب به هڪ مسافر هو، ۽ اڃا تائين به اهو دستور هليو ٿو اچي.

Marfat.com

انهيءَ 'جن' جي سبب کان ڪيترائي ٻيٺ غيرآباد ٿــي ويا هئا ۽ جڏهن مان انهن ٻيٺن ۾ ويس تہ هڪ رات مون ڏٺو تہ ماڻهو ٽکيرون ۽ ڪلما وڏي آواز سان پــڙهي رهيا هئا، ٻار متن تي ڪلام الله ڪنيو ٻيٺا هئا ۽ زالون وري ڳالهيون ۽ ٽامي جا برتن وڄائي رهيون هيون. مون ڪانئن انهيءَ جو سبب پڇيو، تہ جواب ڏنائون تہ "سمنڊ ڏانهن نهار." مون ڏٺو تہ هڪ وڏو جهاز جنهن ۾ چراغ ۽ مشعلون ٻري رهيون هيون، اچي رهيو هو. هنن چيو تہ اهو 'جن' مهيني ۾ هڪ دفعو ايندو آهي ۽ اسان اهڙيءَ طرح ڪندا آهيون تہ واپس هليو ويندو آهي ۽ ڪوبہ نقصان ڪونہ ڪندو آهي.

## هنن ٻيٺن جي حڪمران ملڪہ

هيءَ بہ هڪ عجيب گالهہ آهي تہ هنن ٻيٺن جي حڪمران خديجہ نالي هڪ عورت آهي. هوءَ سلطان جلال الدين عمر بن سلطان صلاح الدين صالح بنگاليءَ جي ڏيءَ آهي. هن جو ڏاڏو بادشاه هو. پوءِ سندس پيءُ بادشاه ٿيو. جڏهن هن جو پيءُ مري ويو، تڏهن سندس ڀاءُ شهاب الدين بادشاه ٿيو، جيڪو اڃا صغير هو، تنهنڪري وزير عبدالله بن محمد خذريہ هن جي ماءُ سان نڪاح ڪري، سلطنت جي سمورن ڪمن ڪارين ۾ خود مختار ٿي ويو. تنهن ڪان پوءِ هن وزير جمال الدين جي مرڻ ڪان پوءِ هن ملڪہ خديجہ سان پڻ نڪاح ڪيو هو، جنهن جو اڳتي بيان ڪنداسين.

جڏهن شهاب الدين بلوغت کي پهتو، تڏهن وزير عبدالله کي سندس عهدي تــان هٽائي، سويد جي بيٺ ڏانهن جلا وطن ڪري ڇڏيائين ۽ پاڻ مستقل بادشاه ٿي، پنهنجي غلام 'ڪافي' کي ڪٽي وزير ڪيائين. ڏهن سالن ڪان پوءِ ان کي بہ جلا وطن ڪري ڇڏيائين.

ڪالهہ، ڪنداآهن تہ هي شهاب الدين، پنهنجي امير ۽ مصاحبن

جي گهرن ۾ رات جو گهڙي پوندو هو، تنهنڪري هن کي معزول ڪري هلرمتيءَ جي بيٽ ۾ موڪليو ويو، جتي هڪ ساڍهوءَ کي موڪلي کيس قتل ڪرايو ويو.

هاڻي شاهي خاندان ۾ فقط ٻي ٻيٽون وڃي رهيون، جي هيون: خديجه، مريم ۽ فاطمه. ساڻهن خديجه کي پنهنجي ملڪ منتخب ڪيو. جيڪا سندن خطيب جمال الدين جي نڪاح ۾ هئي، جنهن ڇا ڪيو جو پنهنجي پٽ محمد کي پنهنجي جاءِ تي خطيب مقرر ڪري، پاڻ بادشاه بنجي، حڪومت جي سڄي ڪاروبار تي قابض ٿي ويو. ۽ تنهن هوندي به ٻيٽي حڪمرانا ڪجيءَ جي نالي سان جاري ٿيندا هئا. هن بيٽ ۾ سڀ حڪمرانا ڪجيءَ جي پٽرن تي، هڪ لوهه جي ڏنگي ڪپ سان لکندا آهن ۽ ڪاغذ تي فقط ڪلام الله ۽ نوان ڪتاب لکندا آهن. خطيب اهي جمعي يا ٻئي ڪنهن ڏينهن پڙهي ٻڌائيندو آهي، جنهن جي شروعات هن طرح ڪندو آهي: "او خدا! پنهنجي بنديءَ جي مدد ڪر، جنهن کي تو سندس علم جي طفيل سڄي عالم جي ماڻهن کان بلند مرتبي ڪيو آهي ۽ ان کي سڀني مسلمانن جي لاءِ ذريعو رحمت جو بنايو آهي. اها ڪير آهي! سلطانه خديجه سلطان جلال الدين جي ڏيءُ، جيڪو سلطان صلاح الدين جو پٽ هو."

هن ملڪ ۾ اهو به دستور آهي ته جيڪڏهن ڪو مسافر هتي ايندو آهي، تڏهن شاهي محل ۾ ٻه ڪپڙا ساڻ ڪٽي ايندو آهي. جن سان هڪ ملڪ کي سلام ڪرڻ وقت سندس پيرن تي رکندو آهي ۽ ٻيو جمال الدين وزير کي سلام ڪرڻ وقت سندس پيرن تي رکندو آهي. هن ملڪ جو لشڪر اٽڪل هڪ هزار کن سپاهين جو آهي، جيڪي گهٽو ڪري غير ملڪي آهن ۽ انهن ۾ کي ٿورا هن ملڪ جا باشندا به آهن. هو هر روز شاهي محل ۾ ايندا آهن ۽ سلام ڪري وري هليا ويندا آهن. هنن کي پگهار جي عيوض چانور ملندا آهن، جيڪي هنن کي هر مهيني سرڪاري

Marfat.com

خزاني مان ڏنا ويندا آهن. جڏهن مهينو پورو ٿيندو آهي تڏهن لشڪر وارا شاهي محل ۾ ايندا آهن ۽ سلام کان پوء وزير کي چوندا آهن ته، اسان جا سلام وڃي ملڪ، کي پهچاء ۽ پڌاڻيمس ته اسان پنهنجي پگهار گهرڻ آيا آهيون. پوء وزير حڪم ڏيندو ته هنن جو مقرر ماهيانو کين ڏنو وڃي. اهڙيءَ طرح قاضي ۽ سپ وزير به هر روز ايندا هئا. غلام انهن جا سلام ملڪ، ڏانئين پهچائيندا هئا ۽ پوء هو موڪي ويندا هئا.

## وزير، ان جون خلعتون ۽ ٻيا عهديدار

هتي جي وزير اعظم کي، جيڪو ملڪ جو نائب ٿئي آهي، "ڪاڪي" ڪري چوندا آهن. قاضيءَ کي "فند يار قالوا" چوندا آهن. قاضيءَ جو عهدو سڀني کان وڏو آهي ۽ هن جو حڪم بادشاه کان به وڌيڪ هلندو آهي، جو هميشه شاهي محل ۾ هڪ مسند تي ويهندو آهي. ۽ قاضيءَ جي ڏڻ ٻڌڻ جي ديل، سلطان احمد شنورازه جي وقت کان وٺي، معاف رهندي ٿي اچي. خطيب کي "هنديجري"، ديوان کي "فاملداري"، صاحب اشغال (فوجدار) کي "مانايڪ" مافاڪلوا، حاڪم کي "فيتايڪ"، ۽ امير البحر کي "ڪاري چوندا آهن، ۽ اهي سڀ عهديدار وزير سڏبا آهن. هن ملڪ ۾ قيد خانا ڪونه ٿين، پر جيڪڏهن گهڻا قيدي گڏ ٿي وڃن ته، انهن کي ڪاٺ جي جابن ۾ جيڪي سوداگرن جي مال رکڻ لاء ٺهيل آهن، بند ڪري چڏيندا آهن. جيڪڏهن ڪو هڪ قيدي هوندو آهي ته ان کي اهڙيءَ طرح ڪاٺ ۾ وجهي چڏيندا آهن، جهڙيءَ طرح اسان جي ملڪ ۾ روسي قيدين کي بند ڪيو ويندو آهي.

## مان هنن ٻيڙن ۾ ڪيئن آيس

پهريائين مان ڪنلوس جي ٻيڙ ۾ پهتو هوس، جيڪو

Marfat.com

ڏاڍو سهڻو ٻيٽ آهي ۽ منجهس مسجدون تمام گهڻيون آهن. اڄ مان هڪ نيڪ انسان جي گهر ۾ وڃي ترسيو هوس، جتي فقيهه ملي ۽ جيڪو هڪ وڏو فاضل هو، منهنجي مهماني ڪئي. هن جا ٻئ طالب العلم آهن، هن ٻيٽ ۾ سون کي "طفار" جو باشندو ملیو، جنهن جو نالو محمد هو. هن ٻئ منهنجي مهماني ڪئي ۽ سون کي ٻڌايائين ته جيڪڏهن تون مهل (مال) جي ٻيٽ وڃين ته وزير تو کي اڄي ضرور رکندو، ڇو ته اڇلهه هن وٽ ڪوبه قاضي ڪونه آهي.

منهنجو ارادو هو ته هي ٻيٽ ڏسندو معبر، سراندیپ ۽ بنگالہ کان ٽپندو، چين هليو وڃان، ۽ هتي ناخدا عمر هنوري ۽ جي جهاز ۾ آيو هئس، جيڪو هڪ حاجي ۽ فاضل شخص هو. هو 'ڪنلوس' جي ٻيٽ ۾ ڏهه ڏينهن ترسيو، پوء هن هڪ 'ڪنوره' ٻيڙي ڀاڙي ڪئي، جنهن ۾ ملڪ ۽ وزير لاء تحفا ڪڍي ٽي ويو. سون هن سان گڏ وڃڻ جو ارادو ظاهر ڪيو، جنهن تي هن چيو ته تنهنجي ساٿين جي لاء جڳهه جو انتظام ٽي ڪونہ سگهندو، باقي جيڪڏهن تون اڪيلو هلڻ گهرين ته هليو هل. سون اڪيلو وڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ هو هليو ويو. پر مخالف هوا جي تڪليف جي ڪري، هو چوڏين ڏينهن وري موڻي آيو ۽ اچي سون سان عذر ڪرڻ لڳو. آخر هو سون کي ۽ منهنجي ساٿين کي وڻي هليو.

اسان صبح کان ٻن ٻهرن ٽائين سفر ڪندا هئاسين ۽ ٻيهر ڪنهن ٻيٽ تي لهي، سڄي رات اتي ترسندا هئاسين. پوء ٻئي ڏينهن سفر ڪندا هئاسين. اهڙي طرح هلندي هلندي، اسان چوٽين ڏينهن اچي "ليمر" جي ٻيٽ تي پهتاسين. اتي جو والي جلال نالي هو، جنهن سون کي سلام ڪيو ۽ منهنجي مهماني ڪئي. جڏهن سون وٽ آيو، تڏهن هن سان گڏ چار ساٿهو هئا، جن سان ٻن جي ڪلهن تي هڪ لٽ هئي، جنهن ۾ چار مرغيون لٽڪيل

Marfat.com

هيون. ٻين ٻن ماڻهن جي ڪلهن تي پڻ هڪ لٺ هئي، جنهن ۾ وري ڏهه ناريل ٽنگيل هئا. مون کي ڏاڍو عجب لڳو ته هيءَ ڪهڙي نه خسيس شيءِ آندي اٿن. پر پوءِ معلوم ٿيو ته هيءَ هن ملڪ ۾ تمام وڏي مان ۽ شان رکڻ جي نشاني سمجهي ٿي وڃي.

ان کان پوءِ ڇهين ڏينهن اسان عثمان جي ٻيٽ ۾ پهتاسين. هيءُ شخص وڏو فاضل ۽ نيڪ بخت هو. هن اسان جي مهماني به ڪئي. اٺين ڏينهن اسين وزير جي ٻيٽ ۾ پهتاسين، جنهن کي "تلمدي" چوندا آهن ۽ ڏهين ڏينهن اچي مهل (مال) جي ٻيٽ ۾ پهتاسين، جتي ملڪ ۽ ان جو وزير رهندا هئا. اسان اتي اچي لنگر هنيو. هتي جو دستور آهي ته اجازت کان سواءِ ڪوبه شخص جهاز تان لهي نٿو سگهي. جڏهن اجازت اچي ويئي تڏهن مون ڪنهن مسجد ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو، پر خادمن چيو ته پهريائين توکي وزير وٽ وڃڻو پوندو.

مون ناخدا کي اڳئي سمجهائي ڇڏيو هو ته جيڪڏهن توکان منهنجي باري ۾ ڪجهه پڇن، ته تون لاعلمي ظاهر ڪجانءِ، ڇو ته مون کي ڊپ هو ته ڪٿي مون کي هن ٻيٽ ۾ ترسائي نه ڇڏين. پر مون کي اها خبر ئي نه رهي ته منهنجي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي، ڪنهن فضول شخص هنن کي اهو لکي موڪليو هو ته هيءُ فلاڻو شخص آهي ۽ دهليءَ ۾ قاضي رهي چڪو آهي. جڏهن اسان شاهي محل ۾ پهتاسين، تڏهن ٽئين دروازي واريءَ جاءِ ۾ ترسي پياسين.

قاضي عيسيٰ يمني مون وٽ آيو ۽ اچي مون کي سلام ڪيائين. پوءِ مون وزير کي سلام ڪيو. ناخدا ابراهيم پاڻ سان ڏهه ڪپڙا کڻي آيو هو، جن مان هڪ ملڪ جي تعظيم ڪرڻ وقت سندس پيرن تي وڌائين. پوءِ وزير جي تعظيم ڪري، ان جي پيرن تي پڻ ڪپڙو رکيائين. اهڙيءَ طرح جڏهن واري واري

Marfat.com

سان ڪپڙا وجهي پورا ڪيائين، تڏهن ڪانئس سون بابت پڇيو ويو، جنهن تي هن چيو تہ "سون کي ڪا به خبر ڪانہ آهي." پوء هنن مون ڏانهن پان ۽ گلاب جو پاڻي موڪليو، جو هن ملڪ ۾ وڏي تعظيم سمجهي ويندي آهي. پوء مان شاهي محل ۾ ڏي ترسي ويس. ان کان پوءِ مون لاء کاڏو آيو. وڏي ٿالهيءَ جي وچ ۾ چانور پيل هئا، جنهن جي چوڌاري ڪيترائي پيالا هئا، جن ۾ خليع گوشت (١)، ڪڪڙ جو گوشت، گيهه ۽ مڇي وغيره هئا.

ٻئي ڏينهن مان نا خدا ۽ قاضي عيسيٰ يمنيءَ سان گڏ، هڪ خانقاه جي زيارت لاء ويٺ جي هڪ هنڌ ويس، هيءُ خانقاه شيخ نجيب جو ٺهرايل آهي. رات جو اسان اتان واپس آياسين ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو سوير وزير مون ڏانهن خلعت ۽ مهماڻي موڪلي، جنهن ۾ چانور، گيهه، خليع گوشت ۽ ناريل جي ماکي خاص شيون هيون. ناريل جي ماکيءَ کي هتي جا ماڻهو "قوباني" ڪري سڏيندا آهن، جنهن جي معني آهي ڪنڌ جو پاڻي. ان کان سواء خرچ لاء مون ڏانهن هڪ لک ڪوڏيون ۽ موڪليون هئائين.

ڏهين ڏينهن کان پوء سيلان جي ٻيٽ مان هڪ جهاز آيو، جنهن ۾ عرب ۽ عجم جا فقير ٻڌ هئا، جيڪي مون کي سڃاڻندا هئا. هنن وزير جي نوڪرن کي سڃي گالهه ٻڌائي ڇڏي. ان کان پوء هو منهنجي عزت اڳي کان وڌيڪ ڪرڻ لڳو. رمضان جي چنڊ واريءَ رات وزير مون کي پاڻ وٽ گهرايو. مان ويس تہ اتي سڀ امير ۽ وزير موجود هئا. کاڏو آيو تہ دسترخوان تي ٻڌ ڪيترائي ماڻهو موجود هئا. وزير مون کي پنهنجي پر ۾ ڪٿي ويهاريو ۽ هن وٽ قاضي عيسيٰ يمني، وزير "فاملداري" ۽ وزير "ڪريهري" يعني سڀ، سالار ۽ موجود هئا. پوء چانور، ڪڪڙ، گيهه، مڇي، خليع گوشت ۽ ڪيلي جي پاڇي آڻي دسترخوان تي رکيون ويون. کاڏي کان پوء هتي جا ماڻهو ناريل جي ماکي،

---

(١) خليع گوشت - پڪل گوشت جو قسم يا نمونو. — مترجم

Marfat.com

جنهن ۾ خوشبوء ملايل هوندیون آهن، پيئندا آهن، جيڪا ڪاڏي
ڪي هضر ڪندي آهي.

رمضان جي ڏاڍين تاريخ وزير جو ڏاڻي مري ويو. ان چوڪريء
جو پهريون مڙس سلطان شهاب الدين هو ۽ ان کان پوءِ هن شخص
سان نڪاح ٿيو هو، پر هيءَ چوڪري اڃا ڏاڍين بلوغت کي نه
پهتي هئي. هن جي پيءِ هن کي پنهنجي گهر موڪلي ڏنو ۽ اهو
گهر رهڻ لاءِ ڏيئي چڏيائين. هيءُ گهر ڏاڍو مٺو هو. سون وزير
کان اجازت گهري ته جيڪي فقير ميلان کان واپس آيا آهن،
تن جي مان مهماني ڪرڻ ٿو گهران. وزير ڪڏهن اجازت ڏني
۽ پنج ڏينهون، جيڪي هن ملڪ ۾ گهريءَ قيمت واريون هوندیون
آهن، چو ته اهي معبر، سلبار ۽ مقدش مان آندیون ويندیون آهن،
موڪلياٿين. ازانسواءِ چانور، گيهه ۽ گرم مصالحا به سون کي
موڪلي ڏناٿين. اهي سڀ شيون سون امير البحر سليمان جي گهر
موڪلي ڏنائين، جنهن تمام عمدو ڪاڏو تيار ڪرايو ۽ ڪجهه
پنهنجي طرفان به ان ۾ وڌيڪ شامل ڪيو هٿائين. وزير سون
کي گلم ۽ تامي جا برتن به موڪلي ڏنا هٿا.

دستور موجب اسان شاهي محل ۾ وزير سان گڏ روزو
افطار ڪيو. سون وزير کي عرض ڪيو ته هو فقيرن کي هن
مهمانيءَ ۾ شامل ٿيڻ جي اجازت ڏئي. هن اجازت ڏيندي چيو
ته "سان به ايندس." جنهن تي سون سندس شڪرانا ادا ڪيا ۽
پنهنجي گهر هليو آيس. ڪجهه وقت کان پوءِ وزير، پنهنجي پين
وزيرن سان گڏ، اچي نڪتو ۽ کاڻ جي هڪ اوچي حجري ۾
اچي ويٺو. جيڪو به امير يا وزير آيو ٿي، سو وزير اعظم کي
سلام ڪندو، دستور موجب سندس پيرن تي ڪپڙو وجهندو ٿي
ويو. اهڙيءَ طرح سان هڪ سؤ ڪپڙا گڏ ٿي ويا، جيڪي فقيرن
کي ڏنا ويا. پوءِ ڪاڏو آيو ۽ سڀني گڏجي ڪاڏو. ان کان سواءِ
قارين تمام سهڻي آواز ۾ ڪلام الله پڙهيو ۽ تنهن کان پوءِ سماع

Marfat.com

۽ رقص شروع ٿيو، جنهن لاءِ باهه ٻاري ويئي. فقير ان باهه ۾ ٽپي ٿي پيا ۽ پيرن سان ٽانڊن کي لتاڙيائون ٿي؛ ڪي وري اهي کڻي اهڙي طرح وات ۾ وجهڻ لڳا ته ڪو حلوو هو، ايتري قدر جو اهي ٽانڊا وسامجي ٿي ويا.

## وزير جا مون تي ڪي احسان

جڏهن رات ختم ٿي، تڏهن وزير پنهنجي گهر ڏانهن واپس ويو ۽ مان هن سان گڏ ويس. اسان بيت المال جي هڪڙي باغ وٽان ٿي لنگهياسين ته وزير مون کي چيو ته هي باغ مون توکي ڏنو ۽ هن ۾ تنهنجي لاءِ هڪ گهر به ٺهرائيندس. مون هن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ هن لاءِ دعا گهريم. ٻئي ڏينهن هن منهنجي لاءِ هڪ ٻانهي موڪلي ۽ چوائي موڪليائين ته جيڪڏهن هيءَ ٻانهي توکي پسند اچي ته رکجاءِ، نه ته هڪ ٻي مرهٽي ٻانهي توڏانهن موڪلي ڏيندس. مون کي مرهٽي ٻانهيون تمام گهڻيون وئنديون هيون، تنهنڪري مون چيو ته مون کي مرهٽي ٻانهي موڪلي ڏيو ۽ وزير مون کي اها موڪلي ڏني، جنهن جو نالو "گلبستان" هو ۽ پارسي پڻ ڳالهائي سگهندي هئي. مان هنن ٻيٽ وارن جي ٻولي سمجهي ڪونه سگهندو هوس. ٻئي ڏينهن وري مون کي معبري ٻانهي موڪليائين، جنهن جو نالو 'عنبري' هو.

ٽينءَ رات عشا جي نماز کان پوءِ وزير پنهنجي چند مصاحبن سان گڏ منهنجي گهر آيو ۽ هن سان گڏ ٻه ننڍيءَ عمر وارا غلام هئا. مون هن کي سلام ڪيو. هن مون کان حال احوال پڇيو، جنهن جي جواب ۾ مون کيس دعا ڪئي. ان کان پوءِ هڪ غلام منهنجي اڳيان هڪ 'بفشة' جيڪا سنية (ڳوٿري) جي شڪل جهڙي هئي، آڻي رکي. هن انهيءَ مان ريشمي ڪپڙن ۾ ڍڪيل هڪ داٻلو ڪڍيو، جنهن ۾ موتي زيورات پيل هئا. هن اهو سمورو مال منهنجي حوالي ڪندي چيو ته هي شيون جيڪڏهن توکي

Marfat.com

پالهين سان گڏ موڪلي ڏيان ها، تہ هو (پالهيون) سمجهن ها تہ اهو مال هنن جو آهي ۽ اسان جي آقا اهو اسان کي عطا ڪيو آهي. هاڻي هيءُ مال تنهنجو آهي ۽ تون پنهنجي طرفان هنن کي ڏيئي ڇڏ. سون هن جي حق ۾ دعا گهري ۽ سندس شڪرانا ادا ڪيا، جو تہ هو شڪريي جو مستحق هو- خدا هن تي رحمت ڪري.

# فصل چوٽون

## وزير جو رخ بدلجڻ ۽ منهنجو اڃان هليو وڃڻ جو ارادو ڪرڻ

وزير سليمان 'مالايڪ' (اميرالبحر) مون ڏانهن پيغام موڪليو ته مان سندس ڏيءُ سان نڪاح ڪريان. مون وزير جمال‌الدين کان ان جي اجازت گهري، ته هن ناراضگي ظاهر ڪئي ۽ چوائي موڪليائين ته مان خود پنهنجي ڏيءُ، جيڪا سلطان شهاب‌الدين جي ٻيواه آهي، تو کي ڏيڻ ٿو گهرڻ ۽ سندس عدت پوري ڪرڻ کان پوءِ توسان ان جو نڪاح ڪرائيندس. مون اڃان ڪرڻ کان انڪار ڪيو، ڇو ته مان هن کي صحيح سمجهندو هوس. هن جا ٻه مڙس ته اڳيئي سري چڪا هئا ۽ هن وقت مون کي به بخار اچڻ لڳو هو.

هن ٻيٽ ۾ جيڪو به نئون مسافر ايندو آهي، تنهن کي بخار اچڻ ته ضروري آهي. تنهنڪري مون سفر ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو. مون کي زيور ڪوڏين جي عيوض وڪڻي ڇڏيا ۽ بنگال، وڃڻ لاءِ هڪ جهاز ۾ پاڙي ڪري ڇڏيم. جڏهن مان وزير کان موڪلائڻ لاءِ ويس، تڏهين قاضيءَ اچي مون کي وزير جو نياپو ڏنو ته جيڪڏهن تون سفر ڪرڻ تو گهرين ته جيڪي ڪجهه اسان تو کي ڏنو آهي، سو واپس ڪر. مون جواب ڏنو ته "کي زيور وڪڻي مون ڪوڏيون خريد ڪيون آهن، مي پلي ڪٽي وڃو." قاضي وري مون وٽ موٽي آيو ۽ چيائين ته "وزير

تو چوي تہ اسان تو کي سون ڏنو هو، تنهنکري کوڏيون اسان
ڏ ونڏاسين." تنهن تي سون جواب ڏنو تہ "سان کوڏيون وکڻي
وري توهان کي سون وٺي تو ڏيان." پوء سان سوداگرن ڏانهن
لنگهي ويس تہ کوڏيون سون کان وٺو وزير اڳيئي آنهن کي
چوائي موکليو هو تہ هن شخص کان کوڏيون هرگز نہ وٺجو،
هن سان وزير جو ارادو هو تہ سان نہ وڃان. پوء هن سون ڏانهن
پنهنجو هڪ مصاحب موکليو ۽ ان جي معرفت چوائي موکليائين
تہ جيڪڏهن اسان وٽ ترسندين تہ جيکي يہ گهرندين سو تنهنجي
لاء حاضر کنداسين.

سون دل ۾ خيال کيو تہ هن وقت سان انهن جي حڪومت
۾ آهيان ۽ جيڪڏهن خوشيءَ سان رهڻ منظور کندس تہ اهو
انهيءَ کان بهتر آهي، جو رهڻ لاء مجبور کيو وڃان. تنهنکري
سون ان مصاحب کي چيو تہ چگو سان ترسي تو پوان، هن وڃي
وزير کي ٻڌايو، جو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪدر سون کي پاڻ وٽ
گهرايائين. جڏهن سان هن وٽ ويس، تڏهن منهنجي تعظيم لاء
هو اٿي بيٺو ۽ سون سان پاکر پائي، ملندي، چيائين تہ "سان
تو کي پنهنجي قريب آڻڻ ڏسا گهرون، ۽ر تون چو اسان کان
دور ٿيڻ تو چاهين؟" تنهن تي سون کجهہ عذر کيو، جو هن
منظور کيو.

ان بعد سون هن کي چيو تہ "جيڪڏهن سون کي هتي
ترسائڻ تو گهرين تہ منهنجا کي شرط آهن." وزير جواب ڏنو
تہ "تنهنجا سڀ شرط منظور آهن. ٻڌاء اهي کهڙا آهن؟" سون
چيو تہ "سان پيدل هلي نٿو سگهان، ۽ هن ملڪ جو دستور
آهي تہ وزير کان سواء، ٻي کنهن بہ شخص کي گهوڙي تي
سوار ٿيڻ جي اجازت نہ آهي." جنهن تي وزير سون کي هڪ
گهوڙي ڏياري. جڏهن سان ان گهوڙي تي سوار ٿيندو هوس،
تڏهن عام ماڻهن جا ٻار سون کي تماشو ٻنائڻ لاء اڇي منهنجي

Marfat.com

پٺيان پوندا هئا. مان اها شڪايت وڃي وزير سان ڪئي، جنهن 'دنقرة' (ڍنڍورو) گهمارايو ته ڪوبه شخص منهنجي پٺيان نه هلي. هي دنقرة هڪ وڏو پتل يا ٽامي جو ٺهيل ٿالهه آهي، جنهن تي هڪ لوهه جي سيخ هڻندا ته ان جو آواز تمام ٻري ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن شخص کي ڪو اعلان ڪرڻو هوندو آهي ته هو اهڙيءَ طرح ڍنڍورو گهمارائيندو آهي.

پوءِ وزير مون کي چيو ته "جيڪڏهن تون ڏوليءَ ۾ سوار ٿيڻ چاهين ته اها به موجود آهي، نه ته گهوڙو يا گهوڙي ٻنهي مان جيڪو تون پسند ڪرين، سو ڀلي رک." مون هڪ گهوڙي پسند ڪئي، جيڪا انهي وقت حاضر ڪئي ويئي ۽ ان سان گڏ خلعت به کڻي آيا. ان کان پوءِ مون وزير کي چيو ته "هي ڪوڏيون مان ڪيڏانهن ڪريان؟" هن جواب ڏنو ته "پنهنجي ساٿين مان ڪنهن کي کڻي بنگاله موڪل ته اتي وڃي اهي وڪڻي اچي." مون چيو ته "چڱو." پوءِ انهي ئي وقت مون پنهنجي هڪ رفيق ابو محمد بن فرحان کي بنگاله روانو ڪيو ۽ ان سان گڏ حاجي عليءَ نالي هڪ شخص کي پڻ موڪليو.

اتفاق اهڙو ٿيو، جو سمنڊ ۾ طوفان اچي ويو. تنهنڪري جيڪي ڪجهه به هنن وٽ هو، سو سمنڊ ۾ ڦٽي ڪري ڇڏيائون. ايتري قدر جو کاڌي پيتي جون شيون، پاڻي، مستول ۽ مشڪ وغيره به اڇلائي ڇڏيائون، ۽ سڄا سارا سورهن ڏينهن بغير بادبانن ۽ لنگر جي سمنڊ ۾ هئا. ان کان پوءِ سيلان جي ٻيٽ تي وڃي پهتا. هو اهو سمورو وقت بک ۽ اڃ جي سخت تڪليف سهندا رهيا. هڪ سال کان پوءِ ابو محمد، حضرت آدم جي قدم جي زيارت ڪري واپس موٽي آيو ۽ پوءِ وري به مون سان گڏ ٻئي دفعي زيارت ڪيائين.

## منهنجي هنن سان عيد ڪرڻ

جڏهن رمضان جو مهينو پورو ٿيو، تڏهين وزير مون ڏانهن

Marfat.com

هڪ خلعت موڪلي. ان بعد اسان عيدگاه ڏانهن وياسين. وزير جي گهر کان عيدگاه تائين سڄو رستو سينگاريو ويو هو. ان تي ڪپڙا وڇائي ان جي ساڄي ۽ کاٻي ڪوڏين جا ديئر لڳايا ويا هئا. رستي ۾ جتي به ڪنهن امير جو گهر هو، اتي ان جي درواري تي ناريل، سوپاري ۽ ڪيلي جا ڍڳ لڳايا ويا هئا ۽ هڪ ڍڳ کان ٻئي ڍڳ تائين رسيون ٻڌي انهن ۾ سبز ناريل ٽنگايا ويا هئا ۽ هر هڪ گهر جو مالڪ وري پنهنجي دروازي تي بيٺو هو ۽ وزير ڇڏهين اتان لنگهيو ٿي، تڏهن ريشمي يا سوڻي ڪپڙو سندس پيرن تي وڇهندو ٿي ويو.

رستي تي جيڪي ڪپڙا ۽ ڪوڏيون پيل هيون، سي سڀ غلامن ٻڌي ڪنيون. وزير پيادو ٿي هليو ۽ هن کي 'سرڪز' جو ٿهيل مصري چوغو ۽ مٿي تي وڏو پٽڪو ٻڌريل ۽ حمائل جي بدران هڪ ريشمي چادر پيل هئس. هن جي ٻنهن چار چٽ هئا. ۽ پيرن ۾ جتي هئس. ٻيا سڀ ماڻهو اگهاڙا-ن پيرا-ن ٻڌي هليا. هن جي اڳيان نوبت، نقارا ۽ نفيريون وڄندیون ٻڌي هليون ۽ لشڪر ۾ اڳيان اڳيان ٻڌي هليس. سڀ ماڻهو تڪبيرون پڙهندا ٿي هليا. عيدگاه ۾ وزير جي پٺ نماز کان پوءِ خطبو پڙهيو. ان کان پوءِ وزير وڃي محفل ۾ ويٺو ۽ سيني وزيرن ۽ امير سندس تعظيم بجا آڻيندي، دستور موجب سندس پيرن تي ڪپڙا وڌا. هن کان اڳ ۾ هي وزير ڪڏهين به محفي تي سوار ڪونہ ٿيو هو، چو ته بادشاه کان سواءِ ٻيو ڪو به محفي تي سوار ٿي نٿو سگهي.

پوءِ اهو محفو کڻي هليا ۽ سان وري گهوڙي تي سوار ٿي، محل ڏانهن ويس. اتي وزير هڪ مٿانهين جاءِ تي وڃي وڏو ۽ ان وٽ امير ۽ وزير به اچي ويٺا. پوءِ غلام تلوارون، ڍالون ۽ لٽيون کڻي بيهي ويا. ان بعد کاڏو آيو، تنهن کان پوءِ پان ۽ سوپاريون آندائون. آخر ۾ هڪ ٽالهيءَ ۾ مقاصري صندل پيل

Marfat.com

هو، آڻي رکيائون ۽ جڏهن ڪا جماعت کاڌو کائي بس ٻئي ڪري ته انهن تي اهو صندل مليو ٿي ويو.

ان ڏينهن مون ٻين کاڌي جي قسمن ۾ هڪ 'سر ذين' جي قسم جي لوڻيل مڇي ڏٺي، جيڪا ڪچي هئي. هيءَ مڇي ڪولم مان ڪنهن سوکڙيءَ طور موڪلي هئي، ڇو ته ملبار جي ملڪ ۾ هيءَ مڇي جام ٿيندي آهي. وزير اها مڇي مون کي ڏيندي چيو ته "هيءَ کاءُ." مون جواب ڏنو ته "هيءُ ته ڪچي آهي. تنهنڪري ڪيئن کائبي." پر وزير ضد ڪري چيو ته "نه پڪل آهي." تنهن تي مون جواب ڏنو مانس ته "مون کي هن جي سڄي خبر آهي، ڇاڪاڻ ته اها منهنجي ملڪ ۾ به گهڻي انداز ٿيندي آهي."

## منهنجي شادي ڪرڻ، ۽ منهنجو قاضي مقرر ٿيڻ

شوال جي ٻي تاريخ وزير سليمان (امير البحر) سان سندس ڌيءُ جي سڱ جي باري ۾ منهنجي ڳالهه ٻولهه ٿي، جنهن چيو ته اڄ ئي نڪاح ٿي وڃڻ گهرجي. مون وزير کي چوائي موڪليو ته سندس محل ۾ هن جي روبرو نڪاح پڙهيو وڃي، جيڪو وزير منظور ڪيو. اتي دستور موجب پان ۽ صندل آندو ويو ۽ ماڻهو به اچي گڏ ٿيا، پر وزير سليمان کي دير ٿي ويئي. هن پنهنجي جلد اچڻ جو چوائي موڪليو، پر تڏهين به نه آيو. اسان ٻيو دفعو هن ڏانهن ماڻهو موڪليو ته هن چوائي موڪليو ته سندس ڌيءُ جي طبيعت ٺيڪ نه آهي. وزير مون کي ڪن ۾ چيو ته "اصل ۾ سندس ڌيءُ نڪاح ڪرڻ کان انڪار ٿي ڪري، ڇاڪاڻ ته هوءَ پنهنجي نفس جي مالڪياڻي آهي. پر جنهن صورت ۾ ماڻهو گڏ ٿي ويا آهن، تنهنڪري جي تنهنجي مرضي هجي ته ملڪ جي پيءُ جي بيوه سان جنهن جي ڌيءُ سان منهنجي پٽ جو نڪاح ٿيو آهي، کڻي ٿا تنهنجو نڪاح ڪريون." منهنجي هائو ڪرڻ

Marfat.com

تي وزير انهيءَ وقت قاضي ۽ گواهن کي گهرايو ۽ نڪاح ٿي ويو، جنهن ۾ منهنجي طرفان وزير مهر جي ادائگي ڪري ڇڏي، هوءَ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ منهنجي گهر آئي. هوءَ نهايت ٻيڪ بخت ۽ سليقي شعار زال هئي ۽ پهرئين ئي ڏينهن هن منهنجي بدن تي خوشبوءِ ملي، منهنجي ڪپڙن کي خوشبوءِ جو واس ڏنو. هوءَ هميشه ڪلمڪ رهندي هئي ۽ ڪڏهن به ان جي منهن مان زنج معلوم نه ٿيو.

هن نڪاح کان پوءِ وزير سون کي قاضي ٿيڻ لاءِ مجبور ڪيو، جنهن جو سبب هي هو، جو اڳي جو قاضي ترڪي جي ملڪيت جي ورهاست وقت ان ملڪيت جو ڏهون حصو پاڻ کڻندو هو. سون هن گالهه تي اعتراض ڪندي، ڪيس چيو ته "تنهنجو اهو حق آهي، جيڪو وارث خوشيءَ سان توکي ڏين." ازانسواءِ هو چگيءَ طرح سان ڪم به هلائي ڪين سگهندو هو،

جڏهن مان قاضي ٿيس تڏهين شرعي ڪمن جي لاءِ تمام گهٽو تاکيد ڪيم، هن بيٺ ۾ اسان جي ملڪ واڪر گهٽا جهيڙا جهگڙا ڪونه ٿين. هن ملڪ جو هڪ دستور هو ته طلاق کان پوءِ به عورتون ان وقت تائين پنهنجي اڳئين مڙس جي گهر ۾ رهنديون هيون، جيستائين کو ٻيو سائن نڪاح نه ڪري. سون اهڙا پنجويهه ماڻهو پنهنجي روبرو گهرائي، انهن کي درا هڻائي، سندن شهرت ڪرائي، ۽ عورتن کي سندن گهرن مان ڪيرائي ڇڏيو. نماز جي پابنديءَ ۾ سختي ڪيم ۽ حڪم ڪيم ته جمعي جي نماز جي اذان کان پوءِ جيڪو به ماڻهو بازار يا گهٽيءَ ۾ ڏسو، تنهن کي هڪدم گرفتار ڪيو وڃي. پوءِ امامن ۽ پانگن جون پگهارون مقرر ڪيم ۽ سڀني ٻڌن ۾ اهڙيءَ طرح حڪم جاري ڪيم. عورتن کي به ڪپڙن بابت جو حڪم ڏنم، ان ۾ ڪامياب ٿي نه سگهيو آن.

Marfat.com

## وزير عبدالله بن محمد الحرضرميءَ، جنهن کي سلطان شهاب الدين "سويد" جي ٻيٽ ۾ جلاوطن ڪري موڪليو هو، جو اچڻ، ۽ منهنجي ۽ هن جي وچ ۾ اڻبڻت ٿيڻ

هن وزير عبدالله جي زال جي ڌيءُ منهنجي نڪاح ۾ هئي، تنهنڪري مان ساڻس تمام گهڻي محبت رکندو هوس. جڏهن وزير جمال الدين هن کي مهل (مال) جي ٻيٽ ۾ واپس گهرايو، تڏهن مون هن ڏانهن تحفا موڪليا هئا، ۽ سندس استقبال لاءِ وڃي، محل تائين ساڻس گڏ ويو هوس. وزير مون کي سلام ڪيو، ۽ هن کي هڪڙي سهڻي گهر ۾ ترسايائين، جتي هن وٽ مان ايندو ويندو هوس. اتفاق سان رمضان شريف جي مهيني ۾ مان اعتڪاف ۾ ويس ته سڀ ماڻهو مون سان ملڻ لاءِ آيا، وزير عبدالله نه آيو، ۽ ٻوءِ جڏهن وزير جمال الدين آيو، تڏهن ان سان گڏجي آيو. ان ڪري مون کي ڏاڍو رنج ٿيو. جڏهن مان اعتڪاف مان ٻاهر آيس، تڏهن منهنجي زال، جيڪا جمال الدين سنجريءَ جي ڌيءُ هئي، جو مامو، جنهن جو سنڀاليندڙ وزير عبدالله هو، مون وٽ شڪايت کڻي آيو، ته اسان جي ڪجهه ملڪيت اڃا به هن وٽ (وزير عبدالله وٽ) رهيل آهي ۽ ڇاڪاڻ ته هاڻي اسين بالغ ٿي ويا آهيون، تنهنڪري اها اسان کي ڏياري وڃي.

مون هيءُ قاعدو مقرر ڪري ڇڏيو هو ته ڪو به متولي گهرائڻ وقت، هن کي هڪ ڪاغذ جو ٽڪر موڪليندو هوس، جنهن ۾ لکيل هوندو هو ته "جنهن وقت اهو ڪاغذ توکي ملي، تنهن وقت هڪدم اچي حاضر ٿي." پوءِ جيڪڏهن هو ائين حاضر نه ٿيندو هو، ته ان کي سزا ڏيندو هوس. اهڙيءَ طرح سان هن ڏانهن پڻ مون اهڙو ڪاغذ موڪليو، جنهن تي هو ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ منهنجو دشمن ٿي پيو، پر هن اها ڳالهه دل ۾ رکي، ۽

Marfat.com

پنهنجي طرفان هڪ وڪيل ڏياري موڪليو. مون کي اها به خبر پئي ته هو مون کي گهٽ وڌ گهاٽيندو ٿو رهي.

ماڻهو به هن جي اهڙي ڏي تعظيم ڪندا هئا، جهڙي وزير جي. هن پيٽ ۾ تعظيم جو قاعدو آهي ته تعظيم ڪرڻ وارو پنهنجي ڏسڻي آگر زمين تي رکي، اها چمي کڻي مٿي تي رکندو آهي. پر مون پڙهو ڏياريو هو ته "کو به شخص وزير کان سواء ٻئي کنهن به شخص جي اهڙي تعظيم نه ڪري، ۽ کوبه شخص جيڪڏهن وزير عبدالله جي اهڙي تعظيم کندو ته ان کي سزا ڏني ويندي." هن کي به حڪم موڪليم ته پنهنجي سامهون اهڙي تعظيم کنهن کي به ڪرڻ نه ڏي. ان کان پوءِ دشمني اڳي کان به وڌي ويئي.

ان بعد مون ٻئي هڪ وڏي وزير جي ڏيءَ سان پي شادي ڪئي. ان وڏي وزير جو ڏاڏو سلطان داؤد، سلطان احمد شنورازه جو ڏوهٽو هو، ۽ ان کان پوءِ مون سلطان شهاب الدين جي ٻيوه سان به نڪاح ڪري ڇڏيو. مون ان باغ ۾، جيڪو وزير مون کي ڏنو هو، ئي گهر ٺهرايا ۽ منهنجي ڇوٽين زال، جيڪا وزير عبدالله جي زال جي ڏيءَ هئي، پنهنجي گهر ۾ الڳ رهندي هئي. هيءَ زال مون کي مٺي کان وڌيڪ پياري هوندي هئي. جڏهن مون آهي سڀ ماڻهون ڪيون، تڏهن وزير ۽ ان پيٽ جا سڀ ماڻهو مون کان بچڻ لڳا ۽ وزير سان منهنجون شڪايتون ڪرڻ ۽ مون تي چغليون هڻڻ لڳا. هن گهاٽ ۾ سڀ کان وڌيڪ بهرو وزير عبدالله ورتو ۽ آخر اسان جي وچ ۾ بغض پيدا ڪرائي ڇڏيائين.

## منهنجي هنن کان جدائي ۽ ان جو سبب

هڪ دفعي اهڙو اتفاق ٿيو، جو وزير جي زال هن سان سلطان جلال الدين جي غلامن مان هڪ غلام جي شڪايت ڪئي

Marfat.com

تہ هو سلطان جي هڪ ٻانهيءَ وٽ ويندو آهي ۽ هن سان زنا ڪندو آهي. وزير يڪدم شاهد موڪليا جي وڃي ان ٻانهيءَ جي گهر ۾ گهڙيا تہ ڏٺائون تہ غلام ۽ ٻانهي هڪ ئي بستري تي آرام ڪري رهيا هئا. هنن کي گرفتار ڪيو ويو. جڏهن صبح ٿيو ۽ مون کي اها خبر پئي، تڏهن شاهي محل ۾ وڃي پهتجي بيٺک تي ويهي رهيس.

مون ان غلام ۽ ٻانهيءَ جي باري ۾ ڪابہ گالهہ ڪانہ پڇي. پوءِ مون وٽ هڪ خاص ماڻهو آيو ۽ اچي مون کان پڇيائين تہ وزير صاحب چوي ٿو تہ توهان کنهن کي سان آيا آهيو؟ مون جواب ڏنومانس تہ نہ. اصل ۾ هن جي پڇڻ جو مطلب هو تہ سان ان غلام ۽ ٻانهيءَ جي ڪيس جي باري ۾ ڪجهہ چوان، چو تہ منهنجو دستور هو تہ جيستائين سان حڪم نہ ڏيان، تيستائين کنهن بہ ڪيس جو فيصلو ٿيڻ نہ ڏيندو هوس. پر چاڪاڻ تہ سان ناراض هوس، تنهنڪري فقط اڏون چئي پنهنجي گهر ڏانهن واپس آيس ۽ پنهنجي ڪچهريءَ ۾ وڃي ويٺس. پوءِ وزير مون ڏانهن هڪ ٻئي وزير هتان چوائي موڪليو تہ ڪالهہ رات هيءُ واقعو ٿي گذريو آهي، ان ۾ جيڪو بہ شرعي حڪم هجي، سو ٻڌايو. مون هن کي چيو تہ هن ڪيس جو فيصلو شاهي محل ۾ ٿيڻ گهرجي. سان بہ اوڏانهن ويس. ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. مون حڪم ڏنو تہ ٻنهي کي هڪ پاسي وٺي وڃي درا هڻو، ان بعد عورت کي چڏي ڏنر ۽ غلام کي قيد ڪرڻ جو حڪم ڏيئي گهر هليو آيس.

وزير مون ڏانهن کي وڏا وڏا ماڻهو موڪليا جن اچي سفارش ڪئي تہ هن غلام کي بہ چڏيو وڃي. جنهن تي مون چومان تہ وزير هڪ انهيءَ بدڪار غلام جي سفارش تو ڪري، جنهن پنهنجي مالڪ جي عزت جو بہ خيال نہ ڪيو ؟ اڃا ڪالهہ جي ڳالهہ آهي، جو نوهان سلطان شهاب الدين کي رکو

انهيءَ کري تخت تـان لاهي قتل ڪري ڇڏيو هو، جـو هو پنهنجي هڪ غلام جي گهر ۾ گهڙي ويو هو. سون يڪدم حڪم ڏنو تہ غلام کي بيد هنيا وڃن. جيڪي دري کان وڌيڪ سخت ٿيندا آهن، ۽ سندس ڪنڌ ۾ رسي وجهائي، سڄي بيٺ ۾ سندس تشهير ڪرايم. امير وڃي وزير کي ٻڌايو، جو ٻڌي غصي کان ڪڍهن اٿيو ٿي تہ ڪڍهن ويٺو ٿي ۽ انهيءَ وقت پنهنجي سڀني وزيرن ۽ فوج جي سردارن کي گڏ ڪري، سون کي بہ اتي گهرايائين.

مان اوڏانهن ويس ۽ دستور موجب، ان جي تعظيم نہ ڪري، فقط السلام عليڪم چئي ويهي رهيس. پوءِ سون سڀني حاضرين کي چيو تہ "توهان سڀئي شاهد هجو تہ اڄ کان سون قاضيءَ جي عهدي تان استعيفا ڏني ۽ پنهنجي پاڻ کي معزول ٿو ڪريان، چو تہ منهنجو حڪم هلي نٿو سگهي." تنهن تي وزير ڪجهہ چيو، پر مان سندس مقابلي ۾ هڪ سٽانهين جاءِ تي وڃي ويٺس ۽ سخت لفظن ۾ کيس ان جو جواب ڏنم. ايتري ۾ مغرب جي اذان آئي ۽ وزير هيٺ چوندي پنهنجي محلي ۾ هليو ويو تہ "مان هن جو بادشاه آهيان. سون هن شخص کي انهيءَ لاءِ گهرايو هو تہ هن تي مان پنهنجو غصو ظاهر ڪريان، پر اڏلو هو سون تي غصو چنڊي ويو." هتي جا ماڻهو منهنجي انهيءَ ڪري بہ گهٽي عزت ڪندا هٿا جو کين معلوم هو تہ مان هندستان جي بادشاه جـو مقرب آهيان، جيتوڻيڪ هنن جـو بيٺ هـن کان گهڻو پري هو، ۽ ڪڍهن بہ هو ڏچندا هٿا. وزير پنهنجي گهر وڃي سون ڏانهن اڳهين معزول ٿيل قاضيءَ کي سوکليو، جيڪو ڏاڍو زبان دراز هـو. هن اچي سون کي چيو تہ وزير چيو آهي تہ تـو پريءَ درٻار ۾ منهنجي تعظيم چو نہ ڪئي. سون جواب ڏنومانس تہ جيستائين منهنجي دل صاف هئي، تيستائين تعظيم ڪندو رهيس؛ ڪڍهن اها صفائي نہ رهي، تڏهن تعظيم نہ ڪيم ۽ فقط مسلمانن وارو معمولي

منهنجا سهرا ۽ ساٿي مون سان ملي ڪري بغاوت نہ مچائين. پوءِ مان اتان هلي وزير، عليءَ، جي ٻيٽ ۾ پهتس، جتي پهچندي ئي، منهنجي زال کي اچي سخت سور پيو، تنهنڪري هن واپس وڃڻ جي خواهش ڏيکاري. مون هن کي طلاق ڏيئي، اتي ڇڏي ڏنو ۽ وزير کي هن مضمون جو هڪ خط لکيم تہ مون انهيءَ زال کي بہ طلاق ڏني، جنهن لاءِ معياد مقرر ڪري آيو هوس. مون پاڻ سان فقط اها ٻانهي کنئي جنهن سان مون کي ڏاڍو پيار هوندو هو. ان کان پوءِ اقليم مان ٿيندا سفر ڪندا رهياسين.

## هڪ پستانءَ واري عورت

هنن ٻيٽن مان هڪ ٻيٽ ۾ مون هڪ پستان واري عورت ڏٺي، جنهن کي ٻہ ڌيئرون هيون. انهن مان هڪڙي هڪ پستان واري هئي ۽ ٻيءَ جا ٻہ پستان تہ هئا پر هڪ پستان ننڍو هوس. مون کي هيءُ ڏسي ڏاڍو عجب لڳو. هڪڙو ٻيٽ وري تمام ننڍو ڏٺوسين، جنهن ۾ فقط هڪ گهر هو. ان گهر جو مالڪ ڪم ڪار ڪندو هو، ۽ هن کي زال ۽ ٻارڙا بہ هئا. هن اتي ناريل جا وڻ پوکيا هئا ۽ هڪ ننڍي ٻيڙي پڻ هيس، جنهن تي چڙهي هو مڇيون ڦاسائيندو هو ۽ ڪيڏانهن وڃڻو هوندو هوس تہ ان ۾ سفر ڪندو هو.

هن ٻيٽ ۾ ڪيلي جا وڻ بہ هئا ۽ اتي خشڪيءَ جي پکين مان، سواءِ ٻن ڪانگن جي ٻيو ڪوبہ پکي ڪونہ هو. اهي ٻئي ڪانگ اسان جي جهاز کي ڏسي، ان جي ڀرسان اچي چوڌاري ڦرڻ لڳا. مان ان شخص جي پر امن زندگي بسر ڪرڻ تي رشڪ ڪرڻ لڳس ۽ دل ۾ چيم تہ جيڪڏهن هيءُ ٻيٽ مون کي ملي وڃي تہ جيڪر مان ان ۾ گوشہ نشين ٿي ويهي رهان ۽ اتي ئي مري وڃان.

Marfat.com

پوء اسان 'ملوڪ' جي بيٺ ۾ پهتاسين، جتي ناخدا ابراهيم جو جهاز بيٺو هو، جنهن ۾ چڙهي سون معبر ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو. ناخدا سان گڏ منهنجا ساٿي پڻ هئا، جن گڏجي منهنجي دعوت ڪئي. وزير هن بيٺ ۾ اڳيئي لکي موڪليو هو تہ جڏهن مان هن بيٺ ۾ پهچان، تڏهن سون کي هڪ سؤ ويهه، بستو ڪوڏيون، ٽيهه ٻيالا ماکي، پان، سوپاري، ۽ مڇي هر روز ڏني وڃي. مان هن بيٺ تي ستر ڏينهن رهيس ۽ اتي ٻن عورتن سان نڪاح ڪيم. هيءُ بيٺ ايتري قدر تہ سرسبز آهي، جو وڻ مان ٽاري پڻي ڪٽي زمين يا پٽ ۾ هٽجي تہ، ان ۾ بہ پن نڪري ايندا ۽ هڪ وڻ ٽي ويندو.

هتي ڏاڙهون ٻارهن ڀي مهينا قر ڏيندو آهي. هن بيٺ جي ماڻهن کي دپ هو تہ ڪٽي ناخدا ابراهيم هنن کي قري نہ وڃي، تنهنڪري هنن چيو تہ جهاز وارن جا سڀ هٿيار هنن وٽ رکيا وڃن ۽ هو وڃڻ وقت واپس وڏي وڃن. هن ڪالهہ تي جهگڙو ٽي ٻيو ۽ پوء وري اسان مهل (سال) جي بيٺ ڏانهن واپس ويلسون، ۽ بيٺ ۾ داخل ڪونہ ٿياسون. مون هٿيارن جي باري ۾ وزير کي هڪ خط لکي موڪليو. وزير جواب موڪليو تہ هٿيار ضرور رکيا ويندا، تنهنڪري اسان 'ملوڪ' جي بيٺ ڏانهن واپس هليا آياسون، جتان پندرهين ربيع الثاني سن ٧٠٥ هجري جي روانا ٿياسين.

الهيءَ سال شعبان جي مهيني ۾ وزير جمال الدين سري ويو. خدا ان تي رحمت ڪري. ملڪ حاملہ هئي، تنهن کي هن جي سرڻ کان پوء ٻار ٿيو ۽ وزير عبدالله هن سان شادي ڪئي.

جڏهن اسان اتان روانا ٿياسين، تڏهن اسان سان ڪوبہ سونهون ڪونہ هو. هنن ٻيڙن کان سڀر فقط ڏن ڏينهن جي سفاصلي تي آهي. ۽ اسان پورا نوَ ڏينهن سفر ڪندا رهياسون ۽ نائين ڏينهن

سيلان جي ٻيٽ ۾ وڃي اڪتاسين. سر انديپ جو جبل، جنهن جي چوٽي آسمان سان گسندي پئي نظر آئي، پري کان ائين ٿي ڏٺو، ڄڻ ته ڪو دونهين جو ٿنڀو هو. جڏهن اسان اتي پهتاسون، تڏهن جهاز وارن چيو ته هيءُ بندرگاه انهيءَ راجا جو ڪونهي، جتي واپاري ماڻهو بنا خوف يا خطري جي وڃي ٿا سگهن، پر هيءُ شهر هڪ ڊاڪن جي سردار جو آهي، جنهن جا جهاز سمنڊ ۾ ڦريون ڪندا آهن.

اسان اتي لنگر هڻڻ کان پئي ڊناسين، پر هوا تيز ٿي ويئي هئي، تنهنڪري ٻڏڻ جو خوف هو. اتي مون نا خدا ابراهيم کي چيو ته مون کي ڪناري تي لاهي ڇڏيو، مان ڪافر راجا وٽ وڃي، توهان جي لاءِ امن گهري اچان. هنن مون کي ڪناري تي لاهي ڇڏيو. مون ڏانهن ڪيترائي ڪافر آيا ۽ پڇڻ لڳا ته "تون ڪير آهين." مون چيومان ته "مان معبر جي بادشاه جو شريڪ آهيان ۽ راجا سان ملڻ آيو آهيان." اهو به ٻڌايومان ته "هن جهاز ۾ راجا جي لاءِ تحفا ڀري آيو آهيان." هنن وڃي بادشاه کي اها خبر ڪئي، جنهن مون کي گهرائي موڪليو ۽ مان بطاله جي شهر ۾ هن سان ملڻ لاءِ ويس. هيءُ شهر هن راجا جو تخت گاه آهي، ۽ هڪ ننڍڙو شهر آهي، جنهن جي چوڌاري ڪاٺ جي شهر پناه آهي، جنهن جا برج به ڪاٺ جا ئي ٺهيل آهن. سمنڊ جي ڪناري تي فرقه (دارچيني) جي ڪاٺين جا ڍير لڳا پيا آهن. هي ڪاٺيون سمنڊ رستي لڙهي، هت اچي پونديون آهن، جن کي معبر ۽ ملبار جا ماڻهو قيمت ادا ڪرڻ کان سواءِ کڻي ويندا آهن. پر ان جي عيوض راجا کي ڪپڙا وغيره نذراني طور ڏيندا رهندا آهن. معبر ۽ هن ملڪ جي وچ ۾ فقط هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات جو رستو آهي. هن ملڪ ۾ بقم (١) جو

---

(١) هن ڪاٺ مان ڳاڙهو رنگ نڪرندو آهي — "لغات ڪشوري" صفحو ٧١.
— مترجم

کاٽ به گهڻي انداز ۾ ٽيندو آهي. ازانسواء عود هندي، جنهن کي کلخي چوندا آهن، ۽ جهجهو ٽيندو آهي، ۽ اهو قافلي ۾ قمار جي عود کان گهٽ درجي جو ٽيندو آهي.

## باب ڏاڻون

## فصل ڇهريون

# سيلان جو راجا

هن راجا جو نالو "اريئ چڪر ورتي" آهي. هن راجا جي سامونڊي طاقت تمام مضبوط آهي. هن ڏنعي مان معبر ۾ هوس، ته هن جا هڪ سؤ ننڍا ۽ وڏا جهاز اتي موجود ڏٺم. انهيءَ وقت معبر جي بادشاهه جا اٺ جهاز ٻن يمن ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار هئا. بادشاهه حڪم ڏنو ته مقابلي لاءِ تيار ٿي وڃو. يڪدم ٻيا ساٺهو ۽ پنهنجي پنهنجي ٻيڙين جي مدد لاءِ گڏ ٿي وياه. جڏهن راجا جي جهازن ڏنو ته. کين وڃهه ملي نه سگهيو، تڏهن چوڻ لڳا ته "امان ڏ، يمن ڏانهن وڃي رهيا آهيون ۽ هت انهيءَ لاءِ آيا هئاسين ته سلطان جي جهازن جي حمايت سان اوڏانهن وڃون."

سان جڏهن هن راجا وٽ ويس تڏهن منهنجي تعظيم ڪرڻ لاءِ اٿي بيٺو ۽ مون کي پنهنجي پر ۾ ويهاريائين. پوءِ مون سان نرمائيءَ ۽ مهربانيءَ سان گفتگو ڪرڻ لڳو ۽ اٽين ۾ چيائين ته "تنهنجا ساٿي بنا ڪنهن دپ جي ٻلي جهاز تان لهن، ۽ جيستائين رهندا منهنجا مهمان هوندا، چو ته معبر جي بادشاهه ۽ منهنجي گهاڻي دوستي آهي." سان هن وٽ تي ڏينهن رهيس. هو هر روز منهنجي پهرڻن ڏينهن کان وڌيڪ تعظيم ۽ تڪريم ڪرڻ لڳو. هو پارسي زبان ۾ سمجهي سگهندو هو. مون جڏهن هن کي سينگي ملڪن ۽ شهرن جون گالهيون ٻڌايون تڏهن هو ڏاڍو خوش ٿيو.

هڪ ڏينهن سان هن وٽ ويس ته ڏٺم ته سندس اڳيان

سٺن سٺن موتين جو ڍير لڳو پيو هو، ڇاڪاڻ ته هن جي علائقي ۾ ٽوٻا سمنڊ مان موتي ڪڍندا آهن. اتي پرکڻ وارا به ويٺا هئا، جيڪي سٺا موتي جدا ڪندا ٿي ويا. هن چيو ته ”تو به ڪٿي موتي نڪرندي ڏٺا آهن؟“ مون جواب ڏنو ته هائو، قيس ۽ ڪش جي ٻيٽن ۾، جتي حاڪم ابن السواملي آهي. هن چيو ته ”برابر مون به ائين ٻڌو آهي.“ پوءِ ڪي داڻا کڻي چيائين ته ”ڇا! هنن جيڏا وڏا وڏا موتي به اتي لڀندا آهن؟“ مون جواب ڏنو ته ”نه، آهي ننڍا ٿيندا آهن.“ اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين ته ”هي داڻا مان توکي ٿو ڏيان.“ تنهن کان پوءِ مون کي چيائين ته ”تون ڪنهن به قسم جو حجاب نه ڪر ۽ جيڪي ڪجهه به توکي گهرجي سو هڪدم مون کان گهري وٺ.“ مون جواب ڏنو ته ”منهنجو هتي اچڻ جو مطلب هو ته قدم شريف جي زيارت ڪريان.“ سيلان ۾ آدم کي باوا ۽ حوا کي ماما چوندا آهن. راجا چيو ته ”اها ڪا مشڪل ڳالهه ڪانه آهي ۽ مان توکي ماڻهو ڏيندس، جيڪي توکي اتي پهچائيندا.“ مون چيومانس ته ”جنهن جهاز ۾ مان آيو آهيان، تنهن کي معبر ڏانهن وڃڻو آهي ۽ متان مون کي دير ٿي وڃي، تنهنڪري تون مون کي پنهنجي جهازن ۾ اتي پهچائي ڇڏجانءِ.“ تنهن تي چيائين ته ”چڱو.“

مون جڏهن جهاز جي مالڪ سان اها ڳالهه ڪئي، تڏهن هن چيو ته ”مان توکان سواءِ ڪونه ويندس ۽ تون جيڪڏهين هڪ سال جي عرصي ۾ به واپس ايندين، ته به مان ترسيو پيو هوندس.“ مون اهو راجا کي ٻڌايو ته هن جواب ڏنو ته ”جيستائين تون موٽي اچين، تيستائين سڀ جهاز وارا منهنجا مهمان ٿي رهندا.“ پوءِ راجا مون کي هڪ ڏولي ۽ ڪي غلام ڏنا، جيڪي مون کي کڻي اٿي هليا. ازانسواءِ چار جوڳي، جيڪي هن سال قدم شريف جي زيارت لاءِ وڃي رهيا هئا، ٽي برهمڻ، ڏهه پنهنجا ڪم ڪار وارا ماڻهو ۽ منهنجي رستي جو راشن کڻي هلڻ وارا

Marfat.com

پندرهن ماڻهو پڻ مون سان گڏ موڪليائين.

هن رستي تي پاڻي تمام گهڻو ملي سگهندو آهي. پهرئين ڏينهن اسان هڪ درياءَ تي پهتاسين، جتان بيد جي ڪاٺين مان ٺهيل ٻيڙيءَ جي وسيلي پار اڪرياسين. اتان هلي اسان اچي 'منار منڊلي' ۾ پهتاسين. هي هڪ چڱو سهڻو شهر آهي ۽ هن راجا جي عملداريءَ جي حد تي ٻڌل آهي. اتي راجا جي عملدارن اسان جي ڏاڍي سٺي دعوت ڪئي. دعوت ۾ هو جهنگلي ڳئن جا گابا، جن کي هو اتي جي جهنگلن مان شڪار ڪري، زنده پڪڙي ايندا آهن، ۽ چانور، گيهه، مڇي، مرغيون ۽ کير موجود ڪري ڏيندا آهن.

هن شهر ۾ سواءِ هڪ خراسانيءَ جي ٻيو ڪوبه مسلمان ڪونه هو، جيڪو بيمار ٿي، رستي ۾ ئي ترسي پيو هو. اهو پڻ اسان سان گڏجي اٿي هليو. پوءِ اسان سلاوات جي بندر ۾ پهتاسين، جيڪو هڪ ننڍڙو شهر آهي، جتان هلي هڪ جهنگل ۾ پهتاسين. اتي پاڻي تمام گهڻو هو ۽ هاٿي به رهندا هئا. هي هاٿي پرديسين ۽ زيارت لاءِ ويندڙن کي ڪابه تڪليف نٿا رسائين. اها سڀ شيخ عبدالله بن خفيف جي برڪت آهي. هن ئي شيخ شروع شروع ۾ اهو دستور ڳولي ڪڍيو هو، نه ته اتي جا ڪافر مسلمانن کي ان رستي سان وڃڻ کان روڪيندا هئا ۽ انهن کي طرح طرح جون تڪليفون ڏيندا هئا.

اهي ڪافر نه مسلمانن سان گڏ کائيندا هئا، ۽ نه وري انهن کي ڪا شيءِ وڪڻندا هئا. پوءِ جڏهن انهيءَ شيخ جا ساٿي هڪ هاٿيءَ جي ٻچي کي ماري کائڻ لڳا، تڏهن شيخ ان مان ڪجهه به نه کاڌو. نتيجي ۾ رات جو هاٿي انهن سڀني کي ماري ويا، پر شيخ کي ڪجهه به تڪليف نه پهچايائون، اٿلندو هڪ هاٿي هن کي پنهنجي پٺي تي چاڙهي، وڃي هڪ آباديءَ ۾ ڇڏي آيو. ان وقت کان وٺي ڪافر مسلمانن جي تعظيم ڪرڻ لڳا ۽ هنن کي پنهنجي گهر ۾ ترسائڻ ۽ هنن سان گڏ

Marfat.com

کائن لڳا. نہ رڳو ايترو پر هنن کي پنهنجي اهـل و عيال ۽ يارن ٻچن ۾ بہ اطمينان سان ڇڏي ڏيندا آهن ۽ پٺ جو ڪوبہ ذکر ڪرڻ ڏيندو اٿن. هو اڃا تائين بہ شيخ عبدالله خفيف جي تمام گهڻي تعظيم ڪندا آهن ۽ هـن کـي شيخ ڪبير ڪري سڏيندا آهن.

ان کان ٻوءِ اسان ڪنڪار جـي شهر ۾ پهتاسين. هـي شهر هن ملڪ (سيلان) ۾ سڀ کان وڏي راجا جو دارالخلافـو آهي ۽ ان جبلن جي وچ تي هڪ خندق ۾، درياءَ جي ڪناري تي ٻڌل آهي. ان درياءَ جو نالو درياءُ ياقوت آهي، ڇاڪاڻ تہ ان مان ياقوت لهندا آهن. شهر جي ٻاهران شيخ عثمان شيرازي (جيڪو شاوش جي نالي سان مشهور آهي) جـي مسجد آهـي. هن شهر جو راجا ۽ ان جا باشندا هن جي قبر تـي زيارت لاءِ ايندا آهن ۽ هن جي تعظيم ڪندا آهن. هو قدم ڏانهن وڃـڻ وارن جو رهبر هوندو آهي. آخر جڏهن سندس هٿ ۽ پير ڪپيا ويا، تڏهن سندس پٽ، پوٽا ۽ غلام ۾، اهوئي ڪم ڪندا رهيا. هن جا هٿ ۽ پير الهيءَ ڪري ڪپيا ويا هئا، جو هـن هڪ ڪٻون ذبح ڪئي هئي، جنهن لاءِ هندن جو قاعدو نهرايل هو تہ يا تہ ان شخص کي بہ ذبح ڪري ڇڏيندا هئا يا ان ڪٻون جي ڪل ۾ وجهي، ڪيس زندهہ جلائي ڇڏيندا هئا، پر شيخ عثمان سان رعايت ڪرڻ کي منظور هئي، تنهنڪري هـن جـو فقط هڪ هٿ ۽ هڪ پير وڍي سندس گذاري لاءِ ڪن زمينن جـي ڏل معاف ڪري ڇڏيائون.

## اٺين جو بادشاهہ

هن شهر جي راجا کي 'ڪنار' (ڪنور) ڪري چوندا آهن. هن وٽ هڪ اڇي رنگ جو هاٿي آهي، جنهن جهڙو اڇو هاٿي، ان کان سواءِ، دنيا ۾ ٻيو ڪونہ ڏٺو. هيءُ راجا هرڪنهن

وڏي ڏينهن ان تي سوار ٿيندو آهي ۽ ان جي مٿي تي وڏن وڏن ياقوتن جو هار پهرائيندو آهي. اتفاق سان هن راجا جا عملدار هن کان باغي ٿي بيهي رهيا، تنهنڪري هن جون اکيون ڪڍي، هن جي پٽ کي کڻي پنهنجو راجا بنايائون ۽ هاڻي اهو راجا انڌو آهي.

## ياقوت

اهو ياقوت جنهن کي 'بهرمان' ڪري چوندا آهن، هن شهر ۾ لڀندو آهي، ڪي ياقوت پاڻيءَ مان نڪرندا آهن ته ڪي وري کوٽي ڪڍندا آهن. سيلان جي ٻيٽ ۾ گهڻو ڪري هرهنڌ ياقوت لڀندو آهي. جيڪي ماڻهو ياقوت ڪڍندا آهن، سي هڪ زمين جو ٽڪر خريد ڪري، ان ۾ ياقوت ڳوليندا آهن ۽ جتي به اڇو شاندار پٿر ملندو ائن سو گڏ ڪندا ويندا آهن، ڇاڪاڻ ته ان جي اندران ياقوت نڪرندو آهي. پوءِ هو اهو پٿر سنگتراشن وٽ کڻي ويندا آهن، جو ان کي تراشي اندران ياقوت ڪڍي وٺندو آهي.

ڪي ياقوت ڳاڙها، ڪي پيلا ۽ ڪي وري نيري رنگ جا ٿيندا آهن. نيري رنگ واري ياقوت کي 'نيلم' چوندا آهن. هتي دستور آهي ته جيڪو ياقوت، هڪ سؤ 'فنم' جي قيمت کان وڌيڪ ٿيندو آهي ته راجا ان جي قيمت ادا ڪري، اهو خريد ڪندو آهي، پر جيڪڏهن ان قيمت کان گهٽ وارو ٿيو ته اهو ياقوت جو مالڪ پاڻ وٽ رکندو آهي. هڪ سو فنم ڇهن سونن دينارن جي برابر ٿيندا آهن.

سيلان جون عورتون رنگ رنگ جي ياقوتن جا هار پهريندیون آهن ۽ هٿن ۽ پيرن ۾ به ان جا ڪنگڻ ۽ پازيب پائينديون آهن. راجا جون ٻانهيون وري ياقوتن جي ڄاري ٺاهي مٿي تي رکنديون آهن. اڇي هاٿيءَ جي مٿي تي جيڪي ياقوت پهريل آهن تن مان ست ياقوت ته مرغيءَ جي بيضن کان به وڏا آهن. مان راجا

ٻري چڪروتيءَ وٽ هڪ ياقوت جي پيالي ڏني هئي، جيڪا هٿ جي تريءَ جيتري هئي ۽ ان ۾ عود جو تيل رکيل هو. مان ان ني عجب کائڻ لڳس تہ هن (راجا) چيو تہ اسان وٽ انهيءَ کان ٻہ وڏا ياقوت آهن.

ٻوءِ اسان ڪنڪار کان هلي اچي هڪ غار وٽ پهتاسين، جنهن کي آستاد محمود لوريءَ جو غار ڪري سڏيندا آهن. هو هڪ ولي شخص هوندو هو، جنهن هيءُ غار جبل تي هڪ ننڍڙي چشمي جي پرسان ٺاهيو هو. اتان هلي اسان اچي هڪ درياءَ تي پهتاسين، جنهن کي 'خوربوزنه' يعني باندرن جو درياءُ ڪري سڏيندا آهن.

## باندر

هن جبل تي باندر تمام گهڻي انداز ۾ آهن، هنن جو رنگ سياهيءَ ڏي مائل آهي ۽ ڇپ ڏگها اٿن. نر باندر کي ڏاڙهي ٻہ ٽيندي آهي. شيخ عثمان، سندس پٽ ۽ ٻين ڪيترن ماڻهن کان پڇم تہ هڪ باندر انهن جو سردار ٽيندو آهي، جنهن کي هو پنهنجو بادشاه ڪري سڏيندا آهن. ان سردار جي مٿي تي وڻن جي پنن مان ٿهيل هڪ ٽواڻ پهريل هوندي آهي. هو هٿ ۾ لٺ ڪٽي هلندو آهي ۽ سندس ساڄي پاسي ۽ کاپي ۾ ٻہ باندر هلندا آهن، جن جي هٿن ۾ ٻہ ٻيون هوندیون آهن. جڏهن باندر سردار ويهندو آهي، تڏهن اهي ڇار ڏي باندر سندس پٺيان بيهي ويندا آهن. ٻوءِ هن جي باندري ۽ ٻچا اچي سندس سامهون ويهي رهندا آهن. ٻيا باندر وري اچي ٻوري مقاصلي تي ويهي رهندا آهن. ان کان ٻوءِ ڇٽن باندرن (بادي گاردن) مان هڪ ڪجهہ ڇوندو آهي، جو ٻڌي سڀ باندر کنهن پاسي هلڻا ويندا آهن ۽ هرهڪ باندر ٻاڻ مان ليمون، ڪيلو يا ڪا بي شيءِ کڻي موٽندو آهي. اهي شيون، باندر سردار، ان جي باندري ۽ ٻچا ۽ چار باندر کائيندا آهن.

Marfat.com

هڪ جوڳيءَ مون سان گالهه ڪئي تہ هڪ دفعي مون انهن باندرن کي ڏٺو آ هو هڪ ٻئي باندر کي لڻين سان ماري رهيا هئا ۽ ان مار بعد سندس وار پٽي رهيا هئا.

هڪ معتبر ماڻهوءَ اسان کي ٻڌايو تہ جيڪڏهن انهن باندرن مان ڪنهن کي جيڪڏهن کا چوڪري ملي وڃي ۽ هوءَ پنهنجو بچاءُ ڪري نہ سگهي تہ آهو باندر ساڻس جماع ڪندو آهي. هن ٻيٽ جي هڪ ماڻهوءَ اسان کي ٻڌايو تہ سندس گهر ۾ هڪ باندر هوندو هو. هڪ دفعي سندس چوڪري ڪنهن ڪم سان هڪ ڪوٺيءَ ۾ ويئي تہ باندر ٻہ اندر گهڙي ويو. چوڪريءَ گهٽيون ٽي دانهون ڪيون ۽ مدد لاءِ پڪاريائين، پر باندر اصل نہ ڇڏيس. آخر جڏهن هو اندر ويا تہ ڏٺائون تہ ويچاري چوڪري هن جي ٻنهي ٽنگن جي وچ ۾ پيئي هئي.

ان کان پوءِ اسان هيزان درياءَ تي پهتاسين. هيءُ اهو درياءُ آهي، جنهن سان شيخ عبدالله خفيف کي ۽ ياقوت ملیا هئا، جيڪي هن ٻيٽ جي راجا جي حوالي ڪيا هئا. اهو سمورو بيان سان ٻهڙين سفر واري جلد ۾ ڪري آيو آهيان. پوءِ اسان هڪ هنڌ پهتاسين، جنهن کي 'پوڙهيءَ جو گهر' ڪري ٽي سڏيائون ۽ اهو آبادي‌ءَ جو آخري هنڌ هو، جتان هلي اسان 'بابا طاهر'، جيڪو ولي الله هو، جي غار وٽ پهتاسين. ان کان پوءِ اسان 'سيبڪ' جي غار ڏانهن روانا ٿياسين. سيبڪ هڪ هندو راجا هوندو هو، جو دنيا ترڪ ڪري، عبادت جي لاءِ هتي اچي رهيو هو.

## اڏامندڙ ڇوڙ

هن هنڌ اسان اڏامندڙ ڇوڙ ڏٺي، جنهن کي 'زلو' ڪري ٽي سڏيائون. اها ڇوڙ ٻاڦ‌ءَ جي پرسان، ڪنهن وڻ تي يا اتي جيڪو گاه ٿيندو آهي، ان تي ويٺي هوندي آهي. جڏهن کو

Marfat.com

انسان ان جي پرسان لنگهندو آهي، تڏهن يڪدم ٽپو ڏيڻي ان کي چنبڙي ويندي آهي ۽ جنهن جاءِ تي چهنڊي آهي، تنهن جاءِ تان ڪيترو ئي رت پي ويندي آهي. اڃي ماڻهو پاڻ سان ليمون تيار رکندا آهن ۽ يڪدم ان جي مٿان ليمي جي رس نچوڙي وجهندا آهن ته اها هيٺ ڪري پوندي آهي ۽ ڪاٺ جي چڙي جيڪا تيار هوندي اٿن، تنهن سان ان جاءِ کي يڪدم صاف ڪري ڇڏيندا آهن.

ڳالهه ٻاڪن ته هڪ زاهد شخص جيڪو ئي انهيءَ هنڌان پئي لنگهيو، تيڪن هن کي هڪ ڇوڙ چنبڙي ويئي ۽ ان جي سڄي چمڙي لاهي ڇڏيائين. هن ويچاري وٽ ليمون ڪونه هيو، تنهن ڪري اها ڇوڙ هن جو سمورو رت پي ويئي ۽ اهو ويچارو مري ويو. هن شخص جو نالو 'بابا خوزي' هو، جنهن جي نالي سان هتي هڪ غار مشهور آهي. ان کان پوءِ 'سبع غارات' ڏانهن وياسين. جتان 'عقبه اسڪندر' ۽ 'غار اصفهاني' کان ٿيندا، هڪ چشمي ڏانهن وياسين. اڃي هڪ غير آباد قلعو آهي جنهن جي هيٺان هڪ درياءُ ٽو وهي، جنهن کي 'غوطگاه عرفان' ڪري چوندا آهن. انهيءَ هنڌ نارنج نالي هڪ غار آهي ۽ اڃي ئي هڪ ٻيو غار پڻ آهي، جنهن کي 'راجا جو غار' ڪري چوندا آهن. ان جي پرسان جبل (سراندیپ) جو دروازو آهي.

## فصل ٻيو

# سرانديپ جو جبل

هيءُ جبل دنيا جي بلند ترين جبلن مان هڪ آهي. اسان سمنڊ مان ان کي ڏٺو هو، حالانڪ اهو ڪناري کان نون منزلن جي مفاصلي تي هو. جڏهن اسان جبل تي مٿي چڙهياسين، تڏهين ڪڪر اسان کي هيٺ پئي نظر آيا ۽ جبل جي پاڙ ۽ اسان جي وچ ۾ پئي هليا. هن جبل ۾ ڪيترائي اهڙا وڻ موجود آهن، جن جا پن، جيڪي رنگ برنگي ٿيندا آهن، ڪڏهين به ڪونه ڇٽندا آهن. اتي سرخ گلاب جا گل هٿ جي تريءَ جيترا آهن، جن لاءِ ماڻهن جو خيال آهي ته انهن تي قدرت جي قلم سان محمد جو نالو لکيل آهي.

هن جبل تان قدم شريف تائين وڃڻ لاءِ ٻه رستا آهن، جن مان هڪ کي 'بابا جو رستو' ۽ ٻئي کي 'ماما جو رستو' ڪري سڏيندا آهن، يعني آدم ۽ حوا جا رستا. ماما جو رستو آسان آهي جتان زيارتي موٽندا آهن. جيڪڏهين ڪو شخص ان رستي کان ويندو آهي، ته سمجهيو ويندو آهي ته ڄڻ هن زيارت ئي ڪانه ڪئي. پر بابا جو رستو ڏاڍو اڻانگو ۽ پيچيده آهي، جنهن تي چڙهڻ ڏاڍو مشڪل ڪم آهي. جبل جي هيٺان جتي ان جو دروازو آهي، اتي هڪ غار آهي، جنهن کي 'سڪندر' جي نالي سان منسوب ڪيو ويندو آهي، ۽ اتي هڪ پاڻيءَ جو چشمو به آهي.

اڳئين زماني جي ماڻهن هن جبل ۾ ڏاڪڻيون پڻ کوٽائي، ٺهرائي ڇڏيون آهن. انهن جي وسيلي مٿي چڙهي سگهبو آهي. انهن ڏاڪڻين ۾ وري لوهي ڪلا کوڙي، انهن سان زنجيرون

Marfat.com

ٻڌي ڇڏيون اٿن، جيئن چڙهڻ وارو انهن کي جهليندو مٿي وڃي سگهي. هي ڪل ڏهه زنجيرون آهن، جن مان ٻه جبل جي هيٺان دروازي وٽ موجود آهن، باقي ست انهن کان پوءِ واري واري سان اڳتي ايندیون آهن. ڏهينءَ زنجير کي 'شهادت' چوندا آهن، ڇاڪاڻ ته انسان اتي پهچي، کڻي جو هيٺ نهاريندو آهي ته ان جا حواس باخته ٿي ويندا آهن ۽ هيٺ ڪرڻ جي خوف کان ڪلمون شهادت پڙهڻ شروع ڪندو آهي.

جڏهن هيءَ زنجير پوري ٿيندي آهي تڏهن اڳتي رستو ملندو آهي. ڏهين زنجير کان وٺي 'غار خضر' تائين ستن ميلن جو مفاصلو آهي. اهو غار هڪ ڪشادي ميدان تي آهي، جنهن جي ڀرسان هڪ چشمو پڻ آهي. اهو چشمو به حضرت خضر جي نالي سان سڏبو آهي، جنهن ۾ مڇيون تمام گهڻي انداز ۾ موجود آهن، پر ڪوبه شخص انهن مڇين کي پڪڙي نٿو سگهي. ان جي ڀرسان جيڪو رستو آهي تنهن جي ٻنهي پاسي جبل ۾ ٻه حوض کوٽائي ڪرائي، ٺهرايا ويا آهن. سڀ زيارتي غار خضر ۾ جيڪي ڪجهه به هنن وٽ هوندو آهي سو ڇڏي ويندا آهن ۽ پوءِ ٻه ميل مٿي، جتي قدم شريف آهي، چڙهندا آهن.

## قدم شريف

هي قدم ڏاڏي آدم جي پير جو نشان آهي، جيڪو زمين جي سطح کان مٿي رکيل هڪ سخت ۽ ڪاري رنگ واري پٿر ۾ آهي. اهو پٿر انهيءَ ميدان تي پيل آهي. قدم مبارڪ انهي پٿر تي اچي پيو هو، جنهن جو ان تي نشان ڄمي ويو هو. قدم جي ڊيگهه ٻارهن گرانٺ ٿيندي، جنهن مان چيني ماڻهو، جيڪي شروع ۾ هتي ايندا هئا، سي آگوٺي واري جاءِ پٿر مان ڀڃي کڻي ويا هئا ۽ وڃي زيتون جي شهر ۾ هڪ مندر ۾ رکي هئائون. اتي به چين جا ماڻهو سڄي ملڪ مان زيارت لاءِ ويندا آهن.

قدم جي ڀرسان پٿر ۾ نوَ ننڍا کڏا کوٽيل آهن، جن ۾

هندو زيارتي سون، جواهرات ۽ ياقوت پري ويندا آهن. اهو ئي سبب آهي، جو فقير 'غار خضر' تي پهچندي ئي جلدي جلدي سيني کان اڳي اتي پهچڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، جيئن جيڪي ڪجهه، انهن کڻڻ ۾ هجي سو کڻي سگهن. اسان جڏهن اتي پهتاسين تڏهن تمام ٿورو سون ۽ جواهرات اتي موجود هئي، جيڪا اسان پنهنجي رهبر کي ڏيئي ڇڏي. هتي دستور آهي ته غار خضر ۾ ئي ڏينهن ترسڻو پوندو آهي، جتان ئي ڏينهن برابر صبح ۽ شام قدم جي زيارت لاء وڃبو آهي. اسان به اڻين ڪيو. جڏهين ئي ڏينهن پورا ٿيا تڏهين اسان ماڻا حوا جي رستي مان واپس موٽياسين. اسان جي پهرين منزل 'غار شيث' ۾ ٿي، ۽ پوء 'درياء سمڪ' تي پهتاسين، ان کان پوء 'ڪرملہ' جي ڳوٺ ۽ 'جبرگاوان' مان ٿي، 'دل دينوہ' جي ڳوٺ ڏانهن روانا ٿياسين، جتان 'ات قلنجہ' ۾ پهتاسين. هتي شيخ ابو عبدالله بن خفيف گرميء جا ڏينهن گذارينڊو هو. هي سڀ ڳوٺ ۽ منزلون جبل ۾ آهن. جبل جي پاڙ وٽ هن رستي ۾ هڪ درخت 'روان' نالي آهي. هيءُ هڪ وڏو وڻ آهي، جنهن جا ٻن ڪڏهن ڪونہ ڇڻن ۽ نہ ڪنهن شخص ڪڏهن ان جو پن ٿي ڏٺو آهي. هن کي 'روان' ان لاء چوندا آهن، جو جيڪڏهن ان کي متان کان ڏسبو ته اهو اتان کان پري ۽ پاڙ وٽ ويجهو معلوم ٿيندو آهي.

هتي ڪيترائي جوگي ترسيل آهن، جيکي هن وڻ جي پنن جي ڪرڻ جو انتظار ڪندا رهندا آهن. پر هنن جي اها اميد پوري ٿيندي نظر نٿي اچي. هن وڻ جي پنن بنسبت اهي جوگي ڪيترين ئي ڪوڙين ڳالهين ناهي ٻڌائيندا آهن ۽ چوندا آهن ته ڪوبہ شخص جيڪڏهين هي پن کائي ته ڪٿي يف ڪراڙو ڇو نہ هجي، هڪ وار وري جوان ٿي ويندو. هن جبل جي هيٺان اهو درياء آهي، جنهن مان ياقوت نڪرندا آهن ۽ ان جو پاڻي بلڪل ڏيرو نظر اينڊو آهي.

Marfat.com

اتان هلي اسان ٻن ڏينهن جي سفر بعد اچي 'ديبن ور' (١) ۾ پهتاسين. هيءُ سمنڊ جي ڪناري تي هڪ وڏو شهر آهي، جنهن ۾ سوداگر رهندا آهن. هتي هڪ وڏي بت خاني ۾ هڪ بت رکيل آهي، جنهن جو نالو 'ديبور' آهي. ان بت خاني ۾ ڏهي هزار ڪن برهمڻ ۽ جوگي رهندا آهن. ازانسواءِ پنج سو هندن جون ڏيئرون ٻڌ هر روز بت جي سامهون نچڻ ۽ گائڻ لاءِ رهنديون آهن. هن شهر جو سمورو محصول هن بت خاني لاءِ وقف ٿيل آهي، جنهن سان بت خاني وارن ۽ مسافرن کي کاڌو ڏنو ويندو آهي. هيءُ بت سڄو سون جو ٺهيل آهي، ۽ آدم قد جيترو آهي، جنهن کي اکين جي جاءِ تي ٻه وڏا ياقوت لڳل آهن، جيڪي رات جو قنديلن وانگر روشني ڏيندا آهن.

ٻوءِ اتان اسان 'ڪالي' جي شهر ۾ پهتاسين. هي 'ديبور' کان ڇهن فرسخن جي مفاصلي تي هڪ ننڍڙو شهر آهي، جنهن ۾ ناخدا ابراهيم نالي هڪ مسلمان رهندو آهي، جنهن اسان جي مهماني ۾ ڪئي هئي. ان کان ٻوءِ اسان ڪلنبو (ڪولمبو) ڏانهن وياسين. سراندیپ ۾ هي سڀ کان وڏو ۽ سهڻو شهر آهي. هتي راجا جو وزير، جيڪو حاڪم بحر آهي ۽ جالستي سڏبو آهي، رهندو آهي. هن سان گڏ پنج سو حبشي ٻڌ رهندا آهن. ٻوءِ اتان هلي، ڪن ڏينهن کان ٻوءِ اچي 'بطالہ' ۾ پهتاسين ۽ اتي جي راجا، جنهن جو اڳ ۾ بيان ڪري آيو آهيان، سان ملياسين. ناخدا ابراهيم کي اتي موجود ڏٺم جيڪو منهن جو انتظار ڪري رهيو هو.

---

(١) هن شهر جو قديم نالو "ديوان ديره" لکيل آهي ۽ هاڻي هن کي "دوندرا" ڪري چوندا آهن پر اڇڪلهه هتي ڪوبہ شهر آباد ڪين آهي ۽ فقط سمنڊ ۾ نڪتل هڪ راس آهي. سرولیم ٽينٽ پنهنجي ڪتاب سيلان جلد ١ صفحي ١١٣ تي لکي ٿو ته دوندرا پهريائين هڪ تمام وڏو مندر هوندو هو، جنهن جي ڪري هيءُ شهر تمام متبرڪ ڪري ليکيو ويندو هو، پر آخر سنہ ٨٧٥ع ۾ پورچوگيزن هن کي لٽي برباد ڪري ڇڏيو.

Marfat.com

پوءِ اسان معبر (١) روانا ٿياسين. واٽ تي هوا تمام تيز ٿي ويئي ۽ پاڻي جهاز ۾ چڙهڻ لڳو. اسان جي جهاز ۾ ڪوبه رئيس (ڪپتان) ڪونه هو، تنهنڪري اسين پٿرن ۾ وڃي نڪتاسين ۽ قريب هو ته جهاز انهن پٿرن سان ٽڪرائجي ڀڄي پوي، پر اسان هڪ ننڍڙيءَ ڪاريءَ ۾ (لڙهي) وڃي پياسين. جهاز به آهستي آهستي هيٺ ٿيندو ٿي ويو ۽ موت اسان جي اڳيان نچي رهيو هو. پوءِ مائهن وٽ جيڪي ڪجهه هو، سو ڦٽو ڪري ڇڏيائون ۽ لڳا وصيتون ڪرڻ.

اسان جهاز جا مستول به ڪپي کڻي ڦٽا ڪيا. هوڏانهن جهاز وارن ڪاٺ جي هڪ ٻيڙي ٺاهي ورتي. خشڪي اتان کان به فرسخ پري هئي. مون پڻ انهيءَ ٻيڙيءَ ۾ وڃڻ جو ارادو ڪيو، پر مون سان جيڪي ٻه ٻانهيون ۽ ساٿي هئا تن مون کي چيو ته "اسان کي ڪيڏانهن ٿو ڇڏي وڃين." هنن جي ڳالهه ٻڌي مون تي ڏاڍو اثر ٿيو ۽ چيومان ته توهان ۽ ٻانهي (جنهن کي مان پسند ڪندو هوس) هليا وڃو ۽ مان هتي جهاز ۾ ٿو ترسان. تنهن تي انهيءَ ٻانهيءَ چيو ته "مان چڱي تارو آهيان ۽ ٻيڙيءَ سان هڪ رسي ٻڌي ان کي جهلي ترندي وينديس." پوءِ 'محمد بن فرمان'، هڪ مصري شخص ۽ هڪ ٻانهي ٻيڙيءَ ۾ وڃي ويٺا ۽ ٻي ٻانهي ترندي ويئي. ٻيا جهاز وارا پڻ ٻيڙيءَ ۾ رسيون ٻڌي ترندا ويا. مون پنهنجو سمورو قيمتي سامان جواهرات ۽ عنبر وغيره انهن سان گڏ موڪلي ڏنو.

هوا بلڪل موافق پئي لڳي، تنهنڪري هو سڀ صحيح ۽ سالم وڃي ڪناري تي ڀيڙا ٿيا. جهاز جو مالڪ به ڏاڍيءَ تڪليف سان وڃي خشڪيءَ تائين پهتو، پر مان خود جهاز ۾ رهيس. جهاز وارن ٻيون ٻيڙيون ٺاهڻ شروع ڪيون، پر سندن ڪم پوري ٿيڻ کان اڳ ئي رات پئجي ويئي. پاڻي جهاز ۾ چڙهندو رهيو.

---

(١) معبر:- هن کي هاڻي ڪارو منڊل ۽ ڪرناٽڪ ڪري چوندا آهن.
— مترجم

مان وڃي جهاز جي پٺئين حصي ۾ ويهي رهيس ۽ صبح تائين اتي ئي رهيس. صبح جي وقت ڪيترائي هندو هڪ ٻيڙي وٺي آيا، جن اسان کي کڻي وڃي ڪناري تي لاٿو. مون هنن کي ٻڌايو ته "مان سندن بادشاهه جو عزيز آهيان." هو سڀ بادشاهه جي رعيت جا ماڻهو هئا سو هنن يڪدم بادشاهه کي لکي موڪليو.

بادشاهه اتان کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي غزو ۾ آيل هو. مون ٻڻ هن ڏانهن پنهنجو حال لکي موڪليو. پوءِ اهي ماڻهو اسان کي هڪ جهنگل ۾ وٺي وبا ۽ هڪ گدري جهڙو ميوو کڻي آيا، جو (١) مقل جي وڻ ۾ لڳندو آهي.

ان جي ميوي جي اندران هڪ ڪپهه جهڙي شيءِ نڪرندي آهي. جنهن مان ماکيءَ وانگر هڪ پاڻيٺ نڪرندي آهي. ان پاڻيٺ کي ڪڍي ان مان کنڊ جهڙو 'تل' نالي هڪ حلوو ٺاهيندا آهن. هو هڪ عمدي قسم جي مڇي پڻ کڻي آيا هئا.

اتي اسان ٽي ڏينهن ترسياسين ۽ ٽن ڏينهن بعد بادشاهه جي طرفان قمرالدين نالي هڪ امير چند سوارن ۽ پيادن کي ساڻ وٺي آيو. هنن ڏهه گهوڙا ۽ هڪ ڏولي ٻه آندي هئي. پوءِ مان ۽ منهنجا ساٿي، جهاز جو مالڪ ۽ هڪ ٻانهي (گهوڙن تي) سوار ٿياسين ۽ پنهنجي ٻيءَ ٻانهيءَ کي ڏوليءَ ۾ سوار ڪيم. پوءِ اسان اچي 'هرڪاتوجي' قلعي ۾ پهتاسين جتي رات گذاري، مون پنهنجون ٻانهيون، غلمان ۽ ساٿي اتي ڇڏيا ۽ ٻئي ڏينهن اچي بادشاهه جي ڪئمپ ۾ پهتس.

---

(١) مقل:- هنديءَ ۾ هن کي "گوگل" پارسيءَ ۾ "بوئي يهودان" ڪري چوندا آهن، ڇاڪاڻ ته يهودي قوم هن جو گهڻو استعمال ڪندي آهي. هن جو وڻ وڏو ٿيندو آهي، جو گهڻو ڪري عمان حضرموت ۽ ڏکڻ هندستان ۾ ٿيندو آهي، باهه ۾ وجهڻ سان خوشبوءِ ڏيندو آهي ۽ پاڻيءَ ۾ ڳري ويندو آهي (مخزن الادويه). —مترجم

Marfat.com

## فصل ٽيون

# معبر جي ملڪ جو بادشاه

معبر جو بادشاه غياث الدين دامغاني آهي، جيڪو پهريائين ملڪ مجيد بن ابي الرجا جي سوارن ۾ نوڪر هو ۽ هي امير وري سلطان محمد تغلق جي خادمن مان هڪ هو. ان بعد هي (غياث الدين دامغاني) سلطان سيد جلال الدين جي پٽ سيد حاجيءَ جي نوڪريءَ ۾ آيو هو، جتان بادشاه بنجي ويهي رهيو. هن کي پهريائين سراج الدين ڪري چوندا هئا، پر پوءِ جڏهن بادشاه ٿيو تڏهن سلطان غياث الدين جو لقب اختيار ڪيائين. هي ملڪ پهريائين دهليءَ جي بادشاه جي ماتحت هوندو هو، جنهن کان منهنجو سهرو شريف جلال الدين احسن شاهه باغي ٿي ويو هو ۽ پنج سال خود مختيار ٿي حڪومت ڪيائين، ان بعد کيس قتل ڪيو ويو ۽ سندس هڪ امير علاءُ الدين ان جي نالي بادشاه ٿيو.

هڪ سال کان پوءِ هن ڪنهن هندو راجا تي چڙهائي ڪئي، جتان ڪيتروئي لٽ جو سامان هٿ ڪري، پنهنجي ملڪ موٽي آيو. وري به ان تي ڪاهي ويو ۽ ڪيترن ئي هندن کي ماري انهن کي شڪست ڏنائين. ان لڙائيءَ ۾ هڪ ڏينهن پاڻي پيٽڻ لاءِ جيئن ئي (فولادي) خول مٿي تان لاٿائين ته هڪدم تير اچي لڳس ۽ مري ويو. ان کان پوءِ سندس ناٺي قطب الدين کي بادشاه بنايائون، پر هن جون عادتون چڱيون ڪين هيون، تنهنڪري ڇاليهن ڏينهن کان پوءِ کيس ماري ڇڏيائون. ان کان پوءِ سلطان غياث الدين بادشاه ٿيو، جنهن سلطان شريف جلال الدين جي ڌيءَ

Marfat.com

سان، جنهن جي پٽ سان دهليءَ ۾ منهنجو نڪاح ٿيو هو، شادي ڪئي هئي.

## منهنجو سلطان غياث الدين وٽ پهچڻ

جڏهن مان ڪنڀ جي پرسان پهتس، تڏهن هن منهنجي استقبال لاءِ هڪ حاجب موڪليو. هو (ان وقت) هڪ ڪاٺ جي برج ۾ ويٺو هو. اتي دستور آهي ته بادشاه جي سامهون ڪوبه شخص بنان موزن پهرڻ جي وڃي نٿو سگهي. مون وٽ موزا ڪونه هئا، تنهنڪري هڪ هندوءَ مون کي پنهنجا موزا ڏنا، جيتوڻيڪ اتي ڪيترائي مسلمان موجود هئا (پر ڪنهن ڪان به ڪين وريو). مون کي ان هندوءَ جي مروت تي ڏاڍو عجب لڳو. پوءِ مان بادشاه جي سامهون ويس، جنهن مون کي ويهي رهڻ جو حڪم ڏنو ۽ هڪدم قاضي حاجي صدر زمان بهاءُ الدين کي گهرائي، سندس پرسان رهائش لاءِ مون کي لي خيما ڏيارياڻين. ازانسواءِ فرش (گلم وغيره) ۽ ڪاڏو يعني چانور ۽ گوشت به موڪلياڻين. هن ملڪ ۾ ٻڌ اسان جي ملڪ وانگر ڪاڏي ڪان پوءِ ڪير جي لسي پيئندا آهن.

پوءِ مان بادشاه وٽ ويس ۽ هن کي مالديپ ڏانهن لشڪر موڪلڻ جي صلاح ڏيڻ. هن ان جو پڪو ارادو ڪري، جهاز به مقرر ڪري ڇڏيا ۽ اتي جي ملڪ جي لاءِ تحفا ۽ امير ۽ وزير لاءِ خلعتون به تيار ڪرايائين، ۽ مون کي، ملڪ جي ٻيڙ سان نڪاح ڪرڻ لاءِ، وڪيل مقرر ڪندي، حڪم ڏنائين، ته ان بيت جي محتاجن لاءِ تن جهازن ۾ صدقو روانو ڪيو وڃي. پوءِ مون کي چيائين ته تون پنجن ڏينهن ڪان پوءِ وري مون سان ملجانءِ، پر اميرالبحر خواجه سرلڪ چيو ته، مالديپ ڏانهن ڏهن مهينن تائين سفر ڪرڻ ناممڪن آهي، تنهن تي بادشاه مون کي چيو ته تون پٽن ڏانهن هليو وڃ ۽

جڏهن اهو عرصو ختم ٿئي تڏهن دارالخلافه مترا ۾ اچي انسان روانو ٿي وڃجانءِ. سان ڪجهه وقت هن وٽ ترسيس ۽ انهيءَ عرصي ۾ منهنجيون ٻانهيون ۽ ساڻي به اچي سون سان ملياءِ.

## انسان جو سفر زالن ۽ ٻارن جي قتل جو وحشتناڪ نظارو ڏسڻ

جنهن زمين تي انسان سفر ڪري رهيا هئاسين، تنهن ۾ رڳو جهنگل لڳو پيو هو ۽ منجهس وڻ ۽ ٻانس ايتري قدر گهاڻا هئا، جو پيادو هاڻ تمام ڏکيو هوءِ تنهن لاءِ بادشاه حڪم ڏنو ته لشڪر جو هر هڪ ماڻهو پاڻ سان هڪ هڪ تير ڪٽي، جنهن سان جهنگل کي ڪپندو وڃي. انسان جتي به لهندا هئاسين تہ انان هو سپڻي سوار ٿي جهنگل ۾ هليا ويندا هئا ۽ صبح کان شام تائين وڻ ڪپندا رهندا هئا. پوءِ هر هڪ جماعت (واري واري سان) مالي ڪاڻي وري وٽن ڪپڻ جو ڪم شروع ڪندي هئي ۽ شام تائين اڌمن ڪندا رهندا هئا. جيڪڏهن جهنگل ۾ ڪو هندو ملندو هو تہ ان کي گرفتار ڪري هڪ ڪاڻيءَ جنهن جا ٻئي سنهن نمز گهڙيل هوندا هئا، هن جي ٻنهي ڪلهن سان لنگهائي ڪيس ڪئمپ ۾ ڪٽي ايندا هئا ۽ هن سان گڏ هن جي زال ۽ ٻار به هوندا هئا.

هنن جو دستور هوندو هو تہ ڪئمپ جي چوڌاري کاٽ جي هڪ پٽ ناهي ڇڏيندا هئا، جنهن کي چار دروازا هوندا هئا ۽ ان کي "ڪٽ گهر" ڪري چوندا هئا. ان ۾ جيڪو بادشاه جو تنبو هوندو هو، تنهن جي چوڌاري وري ٻيو ڪٽ گهر تيار ڪندا هئا ۽ ان ڪٽ گهر جي ٻاهران انسائي قد جي اڌ جيترا اوچا چبوترا ناهي، رات جو انهن تي باهه ٻاري روشني ڪندا هئا. ازانسواءِ پيادا ۽ غلام جاڳندا رهندا هئا ۽ جڏهن رات جي وقت هندو ڪئمپ تي حملو ڪرڻ لاءِ ايندا هئا، تڏهن هر هڪ

Marfat.com

ماڻهوءَ جي هٿ ۾ بانس جي لڪڻ هوندي هئي سا کڻي ٻاريندو هو ته انهن مان اهڙي ته روشني نڪرندي هئي جو ڄڻ ته ڏينهن ٿي ويو آهي.

پوءِ گهوڙي سوار يڪدم دشمن جي پٺيان نڪري پوندا هئا ۽ شام تائين جيڪي به قيدي پڪڙي ايندا هئا، انهن کي چئن جماعتن ۾ ورهائيندا هئا، ۽ هر هڪ جماعت کي ڪٽ گهر جي چئني دروازن تي وٺي ويندا هئا. هر هڪ دروازي جي ڀرسان وري اها ڪاٺي، جيڪا سڀئي قيدي جهنگل مان پنهنجن ڪلهن تي کڻي ايندا هئا، کوڙي ان ۾ هر هڪ قيدي کي پوئيندا ويندا هئا، پوءِ هنن جي زالن جا وار انهيءَ ڪاٺيءَ سان ٻڌي، سندن ڪڇن تي، جيڪي ٻار هوندا هئا تن کي اتي ئي ذبح ڪري ڇڏيندا هئا.

ان بعد، انهن کي اتي ڇڏي، سڀ اچي ڪئمپ ۾ وڻن ڪپڻ جي ڪم ۾ مشغول ٿي ويندا هئا. هي بي رحميءَ جي ۽ قابل نفرت ڪارروائي، مون ڪنهن به ٻئي بادشاه کي ڪندي ڪانه ڏٺي هئي. اهوئي سبب هو جو هن ظلم جي ڪري، هي بادشاه جلد ئي مري ويو. هڪ ڏينهن مان بادشاه جي هڪ طرف ويٺو هوس ۽ ٻئي طرف قاضي هو. اسان ماني کائي رهيا هئاسين، ته هڪ هندو کي، زال ۽ پٽ سوڌو وٺي آيا. هن جي پٽ جي عمر ست سال کن هئي. هن جلادن کي حڪم ڏنو ته هن قيديءَ کي ماري ڇڏيو ۽ ائين به چيائين ته هن جي زال ۽ پٽ کي

Marfat.com

به ماريو. پوءِ هنن جون سسيون لاٿيون ويون. مون ان وقت پنهنجو منهن کڻي ٻئي طرف ڪيو ۽ جڏهن اٿيس تڏهن ڏٺم ته هنن جا سر مٽي ۾ پيل هئا. ٻئي ڏينهن پڻ مان ان وٽ موجود هوس ته وري هڪ هندو کي وٺي آيا. بادشاه ڪجهه چيو پر مون نه سمجهيو. يڪدم جلادن تلوارون کڻي ڪڍيون، مان جلدي جلدي اٿي هلڻ لڳس. بادشاه مون کان پڇيو، ”ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“ مون جواب ڏنو ته اسر جي نماز پڙهڻ ٿو وڃان. هو سمجهي ويو ۽ کلي ڏنائين. پوءِ هنن جي هٿن ۽ پيرن ڪپڻ جو حڪم ڏنائين، ۽ مان جڏهن واپس آيس تڏهن ڏٺم ته هو مٽيءَ ۽ رت ۾ ڦٿڪي رهيو هو.

## ڪافرن سان لڙائي ۽ اسلام جي شاندار فتح

هن بادشاه جي آس پاس ۾، بلال ديو نالي هڪ راجا هوندو هو. هو هڪ وڏي شان وارو راجا هو ۽ اٽڪل هڪ لک کن لشڪر هوس. هن وٽ ويهه هزار کن مسلمان پڻ هئا، جن مان گهڻو ڪري چور، ڊاڪو ۽ روپوش غلام هئا. ان راجا معبر تي حملو ڪيو. ان وقت بادشاه وٽ فقط ڇهه هزار کن ماڻهن جي فوج هئي، جن جو اڌ تعداد نه تجربيڪار سپاهين جو هو ۽ باقي سڀ فضول ۽ بي سامان ماڻهو هئا. ڪيان، شهر جي ٻاهران مقابلو ٿيو، جنهن ۾ معبر جي لشڪر شڪست کاڌي ۽ سڀ ڀڄي اچي دارالخلافه مترا کان نڪتا.

هوڏانهن راجا ’ڪيان‘ کي گهيرو ڪيو. هي شهر تمام وڏو ۽ مضبوط هو. تنهنڪري هن ڏهن مهينن تائين گهيرو جاري رکيو، تان جو قلعي وارن وٽ وڃي فقط چوڏهن ڏينهن جو کاڌو رهيو. راجا هنن کي پيغام موڪليو ته ”جيڪڏهن توهان قلعو ڇڏي وڃو ته توهان کي امان آهي.“ پر هنن چيو ته اسان پنهنجي بادشاه کان ان جي اجازت گهرائينداسين، پوءِ ائين ڪنداسين.

تنهن تي راجا چيو ته "چگو، الهن چوڏهن ڏينهن جي عرصي ۾ اجازت گهرائي وڃو." راجا به سلطان غياث‌الدين کي لکي موڪليو، جنهن جمعي جي ڏينهن اهو خط سڀني کي ٻڌايو. حاضرين ٻڌي روئڻ لڳا ۽ چيائون ته، اسان پنهنجيون جانيون خدا جي راه ۾ وقف ٿا ڪريون، چو ته جيڪڏهن راجا اهو شهر ورتو، ته پوءِ يڪدم اسان جي شهر تي چڙهي ايندو، تنهنڪري گرفتار ٿيڻ کان تلوارن جي چاڙو ۾ مرڻ بهتر آهي.

پوءِ هڪ ٻئي سان واعدو ڪيائون ته ڪوبه نه پڇندو. ٻئي ڏينهن سڀ باهر نڪتا ۽ پنهنجا پڪا گهوڙن جي ڪنڌن سان ڪٽي ڇڏائون، جنهن سان ظاهر هو ته سرندا سگهر پٺ تي نه هڻندا. هنن سان جيڪي ٿي سو ڪن دلير ۽ بهادر هٿا، سي سڀني کان اڳي اڳتي وڌيا. ميمنه (ساڄي) پاسي سيف‌الدين بهادر کي ڪڙو ڪيائون، جيڪو هڪ وڏو عالم، پرهيزگار ۽ بهادر شخص هو. ميسره (کاٻي) پاسي ملڪ محمد سلحدار، ۽ وچ ۾ بادشاه پاڻ هو، جنهن سان هن جي ٿي هزار فوج هئي، باقي ٿي هزار ماڻهو پنهنجي پٺيان بيهاريائون جن تي اميرالدين ڪيخسرو کي سردار مقرر ڪيائون.

شام جي مهل هنن سفر شروع ڪيو، جنهن کان دشمن بلڪل غافل رهيو ۽ سندن گهوڙا پٺ چراگاه ۾ چرڻ لاءِ ويا هئا. اوچتو ئي اوچتو اميرالدين هنن تي حملو ڪيو. راجا سمجهيو ته کي چور آهن، تنهنڪري بنا ڪنهن تياريءَ جي هنن سان مقابلي کرڻ لاءِ باهر نڪتو. مقابلي هلندي بادشاه غياث‌الدين به اڇي پهتو. راجا سخت شڪست کاڌي ۽ ارادو ڪيائين ته سوار ٿي پڇي وڃان. ان وقت هن جي عمر اسي سال هئي. ناصرالدين جيڪو غياث‌الدين جو پائٽيو هو تنهن اڇي هن کي پڪڙيو ۽ کيس قتل کرڻ ٿي چاهيائين ته سندس هڪ غلام ٻڌايس ته هي راجا آهي، تنهنڪري هن کي قيد ڪري پنهنجي چاچي وٽ وٺي آيو. بادشاه ظاهر ۾ ته هن جي ڏاڍي تعظيم ڪئي ۽ خراج ۾ هن کان هاٿي،

Marfat.com

گھوڑا ۽ ٻيو ساڻان ورتائين، چاڪاڻ تہ هن کي چڏي ڏيڻ جو انجام ڏنو هٿائين، پر جڏهين هن وٽ ڪجهہ بہ ڪونہ رهيو تڏهين ڪيس ساراڻي چڏيائين ۽ سندس ڪل لاهراڻي، ان ۾ بهہ پراڻي، مترا جي فصيل تي لٽڪاراڻي چڏيائين، جتي سون بہ هن کي اتي لٽڪيل ڏٺو هو.

هاڻي مان پنهنجي اصل مطلب تي ٿو اچان. سرن ڪنهپ مان ڪوچ ڪيو ۽ اڇي پٽڻ (۱) شهر ۾ پهتس. هيءُ هڪ وڏو شهر آهي، جنهن جو هڪ عجيب بندرگاه آهي. ان جي بندرگاه ۾ ڪاٺ جو هڪ وڏو برج ٺهيل آهي، جڪو ٽلهن ۽ مضبوط ڪاٺ جي بندن تي ٽاهيو ويو آهي. ان جي مٿان ڇت آهي ۽ ڪاٺ جي ڏاڪڻ پڻ رکيل آهي. جڏهين دشمن جو خوف ٽيندو اٿن ۽ جهاز بندر ۾ هوندا آهن تہ اهي ان جي پرمان آڏي پاڻ جهاز وارا، برج تي چڙهي، دشمن کان بي خوف ٽي وڃي ويهي رهندا آهن.

هن شهر ۾ هڪ مسجد پٿر جي ٺهيل آهي، جنهن ۾ انگور ۽ ڏاڙهون جام ٽيندا آهن. اتي مان شيخ صالح محمد نشاپوريء مان مليس، جڪو انهن مجذوب فقيرن مان آهي، جڪي ڪلهن تائين وار رکائيندا آهن. هن وٽ سٺ لومڙيون پٽ هيون، جڪي فقيرن سان گڏ ڪائيندڙيون هيون ۽ انهن سان گڏ ويلهون هوندڙيون هيون. هن سان ويهارو ڪن ٻيا بہ فقير هٿا، جن سان هڪ وٽ هڪڙي هڙي هٿي جڪا شينهن جي پرسان وڃي ويهندي هٿي، تہ شينهن ڪيس ڪجهہ بہ ڪري چوندو هو.

---

(۱) اصل متن ۾ فتن آهي پر اصل پتن آهي، جو تہ عربيءَ ۾ پ حرف ڪونهي، تنهن جي بجاءِ ف ڪ آندل آهي. هي ڪاويري نديءَ جي سنهن وٽ هڪ وڏو بندرگاه هوندو هو، جنهن جي باري ۾ پٽجي ٿو تہ سنہ ۱۳۰۰ء جي لڳ پڳ درياءَ جي چاڑهہ سبب برباد ٿي ويو هو، پر معلوم ٿو ٿئي تہ ان جي بربادي ابن بطوطہ جي زماني کان پوءِ ٿي، ڇاڪاڻ تہ سنہ ۱۳۴۵ع يا سنہ ۱۳۴۶ء تاري اهو شهر موجود هو.

Marfat.com

مان پتن جي شهر ۾ ترسيل هوس ته سلطان غياث الدين جي لاءِ هڪ جوڳيءَ قوت باهه جو گوليون تيار ڪيون هيون، جنهن ۾ هڪ جزو ڪشتو فولاد پڻ هو؛ ان کي هو وزن کان وڌيڪ کائي ويو؛ تنهنڪري بيمار ٿي پيو؛ ۽ جڏهين پتن ۾ آيو تڏهين مان ساڻس ملڻ ويس ۽ ڪجهه تحفا نذراني طور به پيش ڪيامانس؛ پوءِ هو پتن ۾ ڪجهه وقت ترسيو ۽ اميرالبحر (خواجا سرور) کي گهرائي چيائين ته جيڪي جهاز اسان مالديپ جي ٻيٽن ڏانهن موڪلڻ لاءِ مقرر ڪيا آهن تن کي ٻئي ڪنهن ڪم تي نه لڳائجانءِ، ۽ ارادو ڪيائين ته مون کي منهنجن تحفن جي قيمت ادا ڪري ڇڏي، پر مون وٺڻ کان انڪار ڪيو؛ مان پنهنجي ان انڪار تي پوءِ ڏاڍو پشيمان ٿيس، ڇاڪاڻ ته جلدي بادشاه مري ويو ۽ مون کي ڪجهه به حاصل ڪونه ٿيو.

بادشاه پتن ۾ اڌ مهينو ترسي، پنهنجي دارالخلافه "مترا" (١) ڏانهن هليو ويو. ان کان پوءِ مان پڻ اتي اڌ مهينو ترسي، دارالخلافه ڏانهن هليو ويس. هي هڪ وڏو شهر آهي جنهن جون گهٽيون ۽ رستا تمام ڪشادا آهن. شروع شروع ۾ هن شهر کي منهنجي سهري سيد جلال الدين احسن شاهه پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڪيو هو ۽ دهليءَ جي نموني تي هن جو بنياد رکائي منجهس سٺيون سٺيون عمارتون ٺهرايون هئائين. جڏهن مان اتي ويو هوس، تڏهن وبا جو مرض پکڙيل هو، ايتري قدر جو جڏهن ڪو هن مرض ۾ مبتلا ٿيندو هو ته ٻئي يا ٽئين ڏينهن مري ويندو هو. گهڻي ۾ گهڻو چار ڏينهن دير لڳندي هئي ۽ انهيءَ کان وڌيڪ ڪوبه شخص بيماري ڪونه ڪاٽيندو هو.

مان جڏهن ٻاهر نڪرندو هوس، ته ڪو مريض يا جنازو ضرور نظر ايندو هوم. مون هڪ ٻانهي خريد ڪئي هئي، جيڪا

---

(١) مترا- هن شهر کي هاڻي متڊورا ڪري سڏيندا آهن، جو مدراس ۾ آهي ۽ اڃا تائين به هڪ وڏو شهر آهي. — مترجم

Marfat.com

بلکل صحیح ۽ سالم هئي، پر ٻئي ڏينهن سري ويئي. هڪ ڏينهن مون وٽ هڪ عورت آئي جنهن جو مڙس سلطان احسن شاهه جو وزير هو. هن سان گڏ هڪ ستن سالن جو ڇوڪرو پڻ هو، جيڪو ڏاڍو ذهين ۽ هوشيار پڻ معلوم ٿيو. هن عورت اچي پنهنجي غريبيءَ جو حال ٻڌايو، جنهن تي ڪيس مون ڪجهه ڏيئي روانو ڪيو. انهيءَ وقت مٿاءُ ۽ پٽ ٻئي بلکل تندرست هئا، ٻئي ڏينهن هوءَ موڪي آئي ۽ پنهنجي پٽ جي ڪفن لاءِ ڪجهه گهريائين، جنهن مان معلوم ٿيو ته هو سري ويو. مان ڏسندو هوس ته هر روز سلطان جي محل ۾ سوين عورتون مرندیون رهنديون هيون. اهي عورتون انهن ڇانورن ڇڙڻ لاءِ آندیون ويندیون هيون، جيڪي بادشاه جي ڪاڏي کان علاوه بين ماڻهن جي ڪاڏي ۾ به صرف ڪيا ويندا هئا. هو جڏهن مرض ۾ مبتلا ٿيندیون هيون تڏهن وڃي اس ۾ ليٽنديون هيون ۽ سري ويندیون هيون.

بادشاه جڏهن مترا ۾ آيو، تڏهن سندس مٿاءُ زال ۽ پٽ بيمار هئا، تنهنڪري لقط ڪي ڏينهن شهر ۾ نرسي، ٻوءِ هڪ ڏور ڏانهن، جيڪا شهر کان ڪي ميل پري هئي، هليو ويو. اتي هندن جو هڪ مندر پڻ هو. مان به خميس جي ڏينهن وڃي اتي پهتس. مون کي حڪم ملیو ته تون وڃي قاضيءَ جي ٻر واري خيمي ۾ رهه. ان وقت سون ماڻهن جي ڏکڻ ۽ ڏوڻ جا آواز پڌا، جن مان کي چوندا ٻڌي ويا ته بادشاه سري ويو؛ ته کي وري چوندا ويا ته سندس پٽ سري ويو. آخر صحيح خبر اها ملي ته بادشاه جو پٽ سري ويو. ۽ ان کان پوءِ بادشاه جي مٿاءُ پڻ خميس جي ڏينهن سري ويئي.

بادشاه جو فوت ٿيڻ ۽ سندس پائڻئي جو تخت ڏي ويهڻ ۽ مانهجو اتان روانو ٿيڻ

ٽئين خميس جي ڏينهن سلطان غياث الدين هٽ فوت ڏي

ويو. مان اها خبر ٻڌي فساد جي خوف کان شهر ۾ هليو آيس، ته بادشاه جو ڀائٽيو ناصرالدين شهر کان ٻاهر نڪري ڪٽمپ ڏانهن ايندي مليم. بادشاه هن کي پنهنجو ولي عهد بنائي ويو هو، ڇاڪاڻ ته بادشاه کي ٻيو ڪوبه اولاد ڪونه هو. هن مون کي چيو ته "مون سان گڏ واپس هل." جنهن تي پهرين مون انڪار ڪيو ۽ اها ڳالهه هن پنهنجي دل ۾ رکي ڇڏي. هيءُ ناصرالدين دهليءَ ۾ بادشاه جو ملازم هوندو هو. پوءِ جڏهن سندس چاچو معبر جو بادشاه بنجي ويٺو. تڏهن هي دهليءَ مان فقيرن جو ويس بدلائي، هتي ڀڄي آيو هو. هن جي تقدير ۾ ڪو غياث الدين جي مرڻ پڄاڻان بادشاه ٿيڻ لکيل هو.

جڏهن هن جي بيعت ڪئي ويئي، تڏهن شاعرن هن جي تعريف ۾ قصيدا پڙهيا، جن لاءِ هن هنن کي وڏا انعام ڏنا. سڀ کان اڳ قاضي صدرالدين هن جي مبارڪباديءَ جا شعر پڙهيا، جنهن کي پنج سو دينار ۽ خلعت ڏنائين. پوءِ وزير، جنهن کي قاضي چوندا آهن، کي ٻه هزار دينار ۽ مون کي ٽي سو دينار ۽ خلعت ڏنائين. ان بعد فقيرن ۽ مسڪينن کي گهڻي انداز ۾ خيرات ڏني ويئي، ۽ جڏهن خطيب سندس نالي جو خطبو پڙهيو تڏهن مٿس دينار ۽ درهم، جيڪي سون ۽ چانديءَ جي ٿالهين ۾ پيل هئا، نثار ڪيا ويا. ازانسواءِ سلطان غياث الدين جي قبر تي قاضي مقرر ڪيا ويا، جيڪي هر روز قبر تي قرآن شريف ختم ڪندا هئا. پوءِ عشر خوان اچي پڙهندا هئا ۽ ان بعد کاڌو ايندو هو، جيڪو سڀ ماڻهو کائيندا هئا. ان بعد هرهڪ شخص کي سندس مرتبي آهر درهم ڏنا ويندا هئا. ۽ اهڙيءَ طرح سان چاليهه ڏينهن ائين ڪندا رهيا. تنهن کان پوءِ هر سال هن جي وفات جي ڏينهن اهڙيءَ طرح ڪندا هئا، جهڙيءَ طرح وفات واري ڏينهن ڪيو هئائون.

ناصرالدين تخت تي ويهڻ شرط پنهنجي چاچي جي وزير کي

Marfat.com

موقوف ڪري، ان جو سمورو مال هن کان گهريو، ۽ ملڪ بدرالدين کي پنهنجو وزير مقرر ڪيائين. هيءُ اهو شخص هو، جنهن کي سندس چاچي منهنجي استقبال لاءِ پتن ۾ موڪليو هو؛ پر هو جلدي مري ويو، تنهنڪري (خواجه سرور) امير البحر کي وزير مقرر ڪيائين ۽ حڪم ڏنائين ته هن کي خواجه جهان سڏيو وڃي، جيئن ديوي جو وزير سڏيو ويندو آهي ۽ جيڪو وزير کي خواجه جهان نه چوندو، ان تي هيترو ڏنڊ ڪيو ويندو. ان کان پوءِ ناصرالدين پنهنجي پڦيءَ جي پٽ کي، جنهن سان سلطان غياث الدين جي ڌيءَ پرڻيل هئي، قتل ڪرائي، هن جي بيوه سان پاڻ شادي ڪئي. جڏهن هن کي خبر ملي ته ملڪ مسعود جيل ۾ هن جي پڦيءَ جي پٽ سان ملاقات ڪئي هئي ته ان کي به مارائي ڇڏيائين. ملڪ بهادر جيڪو هڪ وڏو سخي مرد، فاضل ۽ بهادر هو، تنهن کي به قتل ڪرائي ڇڏيائين.

هن منهنجي لاءِ حڪم ڪيو ته جيڪي جهاز سندس چاچي مالديپ جي پيٽن لاءِ مقرر ڪيا هئا، سي مون کي ساڻ ڏنا وڃن. انهيءَ عرصي ۾ مون کي به اهو بخار ٿي پيو، جيڪو خون خوار وبا جي ڪري پکڙيل هو. مون سمجهيو ته، بس، هاڻي منهنجو زنده رهڻ ڪونهي، پر خدا تعاليٰ منهنجي دل ۾ هيءَ ڳالهه وڌي جو اڌ سير گدامڙي پاڻيءَ ۾ ڳاري، پي ڇڏيم، جنهن کان مون کي ٿي ڏينهن سانده دست ايندا رهيا ۽ پوءِ تندرست ٿيڻ لڳس. مون هن شهر کي ڇڏڻ چاهيو ۽ سفر لاءِ بادشاه کان اهڙي اجازت گهريم، جنهن جواب ڏنو ته ”تنهنجي مالديپ وڃڻ ۾ فقط هڪ مهينو وڃي رهيو آهي، تنهنڪري تون هتي ترسي پؤ؛ ته جيئن مان آخوند عالم جي حڪم جي تعميل ڪري سگهان ۽ جيڪي تو هٿان موڪلڻ جي لاءِ مقرر ڪري ويو آهي، سو تنهنجي سپرد ڪريان.“ پر مون چيو ته ”مان وڌيڪ ترسي نٿو سگهان.“ پوءِ هن پٽن ۾ پنهنجي عملدارن کي حڪم نامو لکي

موڪليو تہ جنهن بہ ۾ جهاز ۾ سمان وڃڻ چاهيان، تنهن ۾ سون
ڪي ونې وڃن.
سمان پڻ ۾ آيس تہ اتي يمن وڃڻ لاءِ اٺ جهاز تيار بيٺا
هئا، جنهن سمان هڪ جهاز ۾ سون سفر ڪيو. رستي ۾ اسان ڪي
چار (ڏاڪڻ جا) جهاز مليا، جن سمان ڏورو مقابلو ٿيو ۽ هو واپس
هليا ويا. پوءِ اسان اڳي 'ڪولم' ۾ پهتاسين. اڃا ٽائين سون ۾
اهو مرض باقي هو، تنهنڪري سمان اتي ئي مهينا ترسي پيس. پوءِ
هڪ جهاز ۾ چڙهي، سلطان جمال الدين هنوري ڏانهن روانو ٿيس،
تہ 'هنور' ۽ فاڪنور جي وچ تي هندن اسان تي حملو ڪيو.

Marfat.com

## فصل چوٿون

# هندو ڊاڪن جو اسان کي ڦرڻ

جدهن اسان 'هنور ۽ فلڪنور' جي وچ تي هڪ ننڍڙي ٻيٽ تي پهتاسين، تڏهن هندن اسان تي حملو ڪيو. هندن وٽ ٻارهن جنگي جهاز هئا، تنهنڪري هنن جي اسان سان سخت لڙائي ٿي، جنهن ۾ اسان هارايو. جيڪي ڪجهه هو، جو مون ڪنهن اوکيءَ ويل لاءِ لڪائي رکيو هو، سو سڀ ڦري ويا.... ايتري قدر جو جواهرات ۽ ياقوت جيڪي سيلان جي راجا مون کي ڏنا هئا، منهنجا ڪپڙا ۽ ٻيا تبرڪات، جيڪي اولياءالله مون کي عطا ڪيا هئا وغيره، مطلب ته ڪجهه به نه ڇڏيائون ۽ منهنجي بدن تي فقط هڪ پاجامو وڃي بچيو. اهڙيءَ طرح سان سڀني جهاز وارن کي ڦري صاف ڪري، سڀني کي ڪناري تي لاهي ڇڏيائون.

پوءِ مان ڪئليڪٽ ۾ واپس هليو ويس ۽ هڪ مسجد ۾ لنگهي ويس، جتي هڪ فقيهه منهنجي لاءِ ڪپڙو موڪليو، قاضيءَ پٽڪو موڪليو ۽ هڪ سوداگر ڪو ٻيو ڪپڙو ڏياري موڪليم. هتي اچي مون کي معلوم ٿيو ته وزير عبدالله جمال الدين جي وفات بعد ملڪه خديجه سان نڪاح ڪيو هو، ۽ جنهن زال کي مان حامله ڇڏي آيو هوس، تنهن کي پٽ ڄائو هو. منهنجي پڻ دل ۾ آيو ته مان به مالديپ جي ٻيٽن ڏانهن وڃان، پر انهيءَ سان گڏ عبدالله جي (پراڻيءَ) دشمنيءَ جو به خيال ٿيم. آخر

Marfat.com

ڪلام الله کولي فال ڏٺيم ته هيءَ آيت نڪتي - ”تتنزل عليهم الملئكة ان لا اتخا فوولا تعزنو!“ مان ان کي نيڪ فال سمجهي اوڏانهن روانو ٿيس. ڏهن ڏينهن کان پوءِ مان مالديپ جي ٻيٽن ۾ پهتس، ۽ ’ڪنلوس‘ جي ٻيٽ تي اچي لٿس.

اتي جو حاڪم عبدالعزيز مقيدشاوي هو، جنهن منهنجي ڏاڍي خاطر تواضع ڪئي ۽ مهماني به موڪليائين. هڪ ٻيڙي پڻ ساڻ ڏنائين، جنهن جي ذريعي مان ’هيلي‘ جي ٻيٽ ۾ پهتس اتي هن ٻيٽ جي ملڪ ۽ ان جون ڀينرون سير ڪرڻ لاءِ ايندیون هيون ۽ جهازن ۾ وبهي سمنڊ ۾ وڃي رانديون رونديون ڪنديون هيون. هن موقعي تي وزير ۽ امير ملڪ جي لاءِ تحفا پڻ موڪليندا هئا. هن هنڌ ملڪ جي ڀيڻ ۽ ان جو مڙس محمد بن جمال‌الدين خطيب ۽ سندس (ملڪ جي) ماءُ، جيڪا منهنجي زال هئي، سڀ موجود هئا. خطيب مون سان ملڻ آيو ۽ کاڌو به کڻي آيو.

ڪنهن شخص وڃي عبدالله کي منهنجي اچڻ جي خبر ڪئي، جنهن تي هن پڇيو ته ”هو اڪيلو آهي يا هن سان گڏ ٻيو به ڪو آهي؟“ هن شخص ٻڌايس ته ”هو پنهنجي پٽ کي وٺڻ لاءِ آيو هو.“ اهو ان وقت ٻن سالن جي عمر جو هو، تنهنڪري سندس ماءُ اچي وزير سان شڪايت ڪئي، جنهن تي وزير جواب ڏنس ته ”مان ان کان کيس روڪي نٿو سگهان.“ پوءِ هن، ٻيٽ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ مون تي سختي ڪئي ۽ پنهنجي محل جي سامهون هڪ ننڍڙي برج ۾ مون کي ترسايائين، جيئن منهنجي هر ڪنهن ڪم جي کيس خبر ملي سگهي. پوءِ هن مون ڏانهن هڪ مڪمل خلعت، پان ۽ عرق گلاب موڪليو. مان سلام وقت سندس پيرن تي رکڻ لاءِ ٻه ريشمي ڪپڙا کڻي آيو هوس، جي هن مون کان گهرائي ورتا.

پوءِ سارو ڏينهن وزير مون وٽ ڪونه آيو، پر منهنجي پٽ کي مون ڏانهن موڪلي ڏنائين. هن کي ڏسڻ کان پوءِ مون

Marfat.com

سنڌس اتي هجڻ بهتر ڄاڻي، ڪيس وري پنهنجي ملڪ جي حوالي ڪري ڇڏيو. مان اتي پنج ڏينهن ترسيس، تنهن کان پوء مون انان جلدي ڪوچ ڪرڻ مناسب سمجهيو، جنهن لاء مون اجازت گهري. وزير مون کي پاڻ وٽ گهرايو، جنهن تي مان هن وٽ ويس ۽ اهي به ڪپڙا جيڪي مان سنڌس پيرن تي رکڻ لاءِ ڪڍي آيو هوس، سي هن مون کي ڏنا، جي دستور موجب سلام ڪري مون سنڌس پيرن تي رکيا. هن مون کي پاڻ سان گڏ ويهاريو ۽ مون کان حال احوال پڇيائين. مون هن سان گڏ مافي ڪاڏي ۽ هڪ ڏي طشت ۾ انسان نهي هٿ ڏوتا. نه ته هي وزير ٻئي ڪنهن جي به تعظيم نه ڪندو هوو. پوء پان وٽي مان گهر واپس آيس. پوء هن مون ڏانهن ڪپڙن جا ٽان ۽ ڪوڏيون موڪليون ۽ مون سان ٻيا به ڪيترائي احسان ڪيائين. پوء مان انان روانو ٿيس ۽ ڏيٽاليهه راتيون سمنڊ ۾ سفر ڪرڻ کان پوء اچي بنگالي ۾ پهتس.

بنگالو ڏڪ تمام ڪشادو ملڪ آهي، جنهن ۾ چانورن جي پيداوار تمام گهڻي ٿيندي آهي، ايتري قدر جو ٻئي ڪنهن به ملڪ ۾ سون ايتري پيداوار کان ڏني. هي ملڪ اونداهي هجڻ سبب سٺو نه آهي. تنهنڪري خراسان وارا هن کي "دوزخست براو "نعمت" ڪري چوندا آهن: جنهن جي معني آهي "دوزخ تي نعمت." هتي جي بازارين ۾ هڪ چانديء جي دينار جي عيوض پنجويهه دهلوي رتل چانور ٻئي وڪاڻا. چانديء جو دينار انهن درهمن جي برابر آهي ۽ درهم ساڳيا چانديء جي درهمن جهڙا ٿيندا آهن: وري دهليء جو رتل مغرب جي ويهن رتلن جي برابر ٿيندو آهي.

چون ٻڌا ته ان ملڪ مهانگائي هئي. محمد مسعودي مغربي جيڪو هڪ ولي الله شخص هو ۽ دهليء ۾ منهنجي گهر جي پرسان رهندو هو، مون کي ٻڌائيندو هو ته منهنجي هڪ زال ۽

هڪ نوڪر هوندو هو ۽ اسان ٽيئي ڄڻا هڪ سال جو کاڌو هڪ ئي دفعي اٺن درهمن ۾ خريد ڪري ڇڏيندا هئاسين ۽ چوندو هو ته انهن ڏينهين اٺن درهمن ۾ اسي رتل دهلوي چانور ايندا هئا، جن کي صاف ڪرڻ کان پوءِ ان مان پنجاهه رتل چانور ملندا هئا، جيڪي وڃي ٿيا ڏهه قنطار. کير واري مينهن هتي ٽن چانديءَ جي دينارن ۾ وڪامندي آهي. هن ملڪ ۾ ڳئون ڪانه ٿئي. ازان سواءِ چڱيون متاريون مرغيون هڪ درهم جون اٺ، ڪبوتر جا ٻچا هڪ درهم جا پندرهن، هڪ موٽو تازو دنبو ٻن درهمن ۾، کنڊ رطل (١) دهلوي چئن درهمن ۾، عرق گلاب جو رطل اٺن درهمن ۾، گيهه رطل چئن درهمن ۾، مٺي تيل جو رطل ٻن درهمن ۾، سوٽي ڪپڙو ٽي وال ڊگهو ٻن درهمن ۾ ۽ هڪ خوب صورت ٻانهي هڪ سوني دينار، جيڪو مغرب جي اڍائي دينارن جي برابر ٿيندو آهي، پيئي وڪامي، انهيءَ ساڳيءَ قيمت ۾ مون پڻ هڪ عاشوره نالي ٻانهي خريد ڪئي هئي، جيڪا ڏاڍي سهڻي هئي، ۽ منهنجي هڪڙي ساڻيءَ وري هڪ ننڍيءَ عمر وارو "لولو" نالي هڪ غلام صرف ٻن دينارن ۾ خريد ڪيو هو.

بنگالي جو پهريون شهر، جنهن ۾ اسين داخل ٿياسين، 'سدگاون' (٢) هو. هي شهر سمنڊ جي ڪناري تي هڪ وڏو

---

(١) ابن بطوطه جيڪو رطل دهلويءَ جو بيان ٿو ڪري سو ٿيو هڪ مڻ، پر "تاريخ فرشته" موجب موجوده وقت ۾ اهو مڻ موجوده وزن ۾ ساڍا ٻارهن سير آهي ۽ "مسالڪ الابصار" جو مصنف وري ان جا ساڍا چوڏهن سير ٿو لکي، ۽ چاندي جو دينار وري اڄڪلهه جي روپئي جي برابر هوندو هو، جنهن حساب سان مهانگائيءَ جي زماني ۾ اتي چانور هڪ روپيه جا ساڍا ست مڻ وڃي ٿيا ۽ سستائيءَ جي زماني ۾ هڪ روپيه جا وڃي پڪا پندرهن مڻ ٿيا. اهڙيءَ طرح سان ٻين شين جو به حساب ڪري سگهجي ٿو.

(٢) سدگاوان مان ابن بطوطه جو مطلب ساتگام آهي ۽ نه چٽگانگ هي شهر هوگلي جي ڀرسان بندرگاهه هوندو هو. آئين اڪبري ۾ پڻ هوگلي ۽ ساتگام جي وچ ۾ هڪ ميل جو مفاصلو ڏنل آهي. — مترجم

Marfat.com

شهر آهي، جتي گنگا ندي ۽ جمنا ندي گڏجي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪن ٿيون، هن شهر جي بندر ۾ ڪيترا ئي جهاز آهن جن جي ذريعي، هتي جا ماڻهو لکنوتيءَ (١) جي باشندن سان مقابلو ڪندا رهندا آهن.

## بنگال جو بادشاهه

بنگالي جو بادشاهه فخرالدين آهي جيڪو فخره جي نالي سان وڌيڪ مشهور آهي. هيءُ بادشاهه وڏو فاضل آهي ۽ غير ملڪين، فقيرن ۽ صوفين سان گهڻي محبت رکندو آهي. اصل ۾ هتي جو بادشاهه سلطان ناصرالدين هو، جنهن جو پٽ معزالدين دهلي ۾ بادشاهه هو، جن جي مقابلي ۽ ملاقات جو بيان اڳ ۾ ڪري آيو آهيان. جڏهن اهو (ناصرالدين) مري ويو، تڏهن سندس پٽ شمس‌الدين بادشاهه ٿيو ۽ ان کان پوءِ شهاب‌الدين، جنهن کي غياث‌الدين بهادر پورو مغلوب ڪري پاڻ بادشاهي ڪرڻ لڳو. شهاب‌الدين وري سلطان غياث‌الدين تغلق کان مدد گهري، جنهن هن کي قيد ۾ آڻي قابو ڪيو هو. پر سندس پٽ سلطان محمد تغلق وري هن کي ڇڏي ڏنو. جڏهن ساڪ جي ورهاڱي ۾ هن وعده خلافي ڪئي تڏهن بادشاهه هن تي چڙهائي ڪئي، جنهن ۾ هو مارجي ويو ۽ پوءِ سندس ڏاڏي بادشاهه ٿيو جنهن کي سندس لشڪر قتل ڪري ڇڏيو.

انهن ۾ينهين علي شاهه، لکنوتيءَ ۾ بادشاهه ٿيڻ ويهي رهيو.

---

(١) لکنوتي- هڪ شهر هن وقت بلڪل اجڙ ٿي ويو آهي، پر ڪنهن زماني ۾ بنگال جي هندو راجائن جو تخت گاهه هوندو هو. سنه ١٢٠٤ع ۾ جڏهن مسلمانن هي شهر فتح ڪيو، تڏهن کان هن شهر کي ئي پنهنجو تخت گاهه بنائيندا آيا ۽ ٽي سؤ سال کن هن ئي شهر ۾ رهيا. هي شهر اصل ۾ انهيءَ وقت برباد ٿيو، جنهن وقت شاهه شجاع راج محل کي بنگال جو تخت گاهه بنايو. ان کان پوءِ وري هي شهر آباد ٿي نه سگهيو. —مترجم

فخرالدين جڏهن ڏٺو ته سندس آقا ناصرالدين جي خاندان کان حڪومت ٽي وڃي، تڏهن هن سدگاون ۽ بنگالي جي ملڪ ۾ وٽي بغاوت مچائي. پوء هن جي ۽ علي شاهه جي وچ ۾ سخت لڙائي لڳي. گرميءَ ۽ برسات جي موسم ۾ ناصرالدين جهازن جي ذريعي لکنوتيءَ تي حملو ڪيو، ڇو ته علي شاهه کان سندس بحري طاقت وڌيڪ هئي، ۽ جڏهن برسات ختم ٿي، تڏهن وري علي شاهه بنگالي تي حملو ڪيو، ڇاڪاڻ ته هن وٽ وري بري فوج وڌيڪ هئي.

## ڳالهه

فخرالدين فقيرن ۽ صوفين سان ايتري قدر محبت رکندو هو، جو هڪ دفعي هن "شيدا" نالي هڪ صوفيءَ کي سدگاون ۾ پنهنجو نائب مقرر ڪري، پاڻ هڪ دشمن جي مقابلي ۾ لڳي ويو. شيدا وري سندس عدم موجودگيءَ ۾ وٽي بغاوت ڪئي ۽ مستقل بادشاه ٿيڻ جو ارادو ڪري، بادشاه جي پٺ کي قتل ڪري ڇڏيائين. فخرالدين به جلدي اچي دارالخلافه ۾ پهتو، ۽ "شيدا" ۽ سندس ساٿي سنارگاؤن ڏانهن پڇي ويا، جيڪا هڪ مضبوط جڳهه هئي. بادشاه اتي پنهنجي فوج موڪلي ته اتي جا باشندا ڏڇي ويا ۽ 'شيدا' کي پڪڙي شاهه جي لشڪر ڏانهن ڏياري موڪليائون.

لشڪر وارن بادشاه کي لکي موڪليو ته ڇا ڪيو وڃي؟ تنهن تي بادشاه، حڪم ڪيو ته "سندس سر ڪپي موڪليو وڃي." اهڙيءَ طرح سان سندس سر موڪليو ويو ۽ سندس ڪيترائي فقير قتل ڪيا ويا.

جڏهن سان سدگاون پهتس تڏهن سون اتي جي بادشاه سان ملاقات نه ڪئي، ڇاڪاڻ ته هن جي ۾ دهليءَ جي بادشاه جي هاڻ ۾ الجهت هئي، جنهن لاءِ سون کي خوف ٿيو ته متان ملاقات جو نتيجو خراب نڪري، پوء سدگاؤن کان سان "ڪامرو" جي جبل

Marfat.com

ڏانهن روانو ٿيس. هيءُ ملڪ سدگاون کان هڪ مهيني جي پنڌ تي آهي. هڪ وڏو جابلو ملڪ آهي، جو چين ۽ تبت جي ملڪن سان وڃي ٿو ملي، جتي مشڪ وارا هرڻ ٿيندا آهن. هن جابلو ملڪ جا باشندا ترڪن جي شڪل جهڙا ٿيندا آهن ۽ اهڙا ته نوڪري ڪرڻ جا اوڇ ٿيندا آهن، جو هتي جو هڪ غلام ٻئي ملڪ جي ڪيترن ئي غلامن کان وڌيڪ ڪم ڪري سگهندو آهي. هو جادوگريءَ ۾ ٻڌ مشهور آهن. انهن جبلن ۾ مان انهيءَ مقصد سان ويو هوس ته اتي هڪ مشهور اولياءُ الله "شيخ جلال الدين" تبريزيءَ سان وڃي ملاقات ڪريان.

## شيخ جلال الدّين جو بيان

هي شيخ وڏن اوليائن مان هڪ آهي ۽ ماڻهن ۾ هن جون ڪيتريون ئي ڪرامتون مشهور آهن. هو عمر ۾ به تمام وڏو آهي، ۽ ڳالهه ٻئي ڪيائين ته "مون خليفي مستعصم باالله عباسيءَ کي بغداد ۾ ڏٺو هو ۽ جنهن وقت هن کي قتل ڪيو ويو، تنهن وقت به مان اتي موجود هوس." هن جي دوستن ٻوءِ مون کي ٻڌايو هو ته هن هڪ سو پنجاهه ورهين جي عمر پوري ڪري وفات ڪئي هئي. هو چاليهن سالن کان روزا رکندو ايندو هو ۽ ڏهن ڏهن ڏينهن کان ٻوءِ روزو کوليندو هو. هن وٽ هڪ ڪڪون هوندي هئي، جنهن جي کير تي هو گذران ڪندو هو، ۽ سڄي رات ويٺو هوندو هو. هو بدن جو هلڪو ۽ قد جو ڊگهو هوندو هو ۽ ڳل ڪجهه اندر تي پيٽل هوندا هئس. هن ملڪ جي ڪيترن باشندن سندس هٿ تي اسلام قبول ڪيو هو، تنهنڪري هن جي تمام گهڻي عقيدتمندي هوندي هئي.

## سندس ڪرامت

سندس هڪ دوست مون سان ڳالهه ڪئي ته مرڻ کان هڪ ڏينهن اڳي، هن پنهنجي سڀني دوستن کي گهرائي وصيت

Marfat.com

ڪئي ته خدا تعاليٰ کان هميشه ڊڄندا رهجو ۽ انشاءَ الله سڀاڻي مان توهان کان موڪلائيندس ۽ مون کان پوءِ توهان جو سنڀاليندڙ الله آهي جنهن کان سواءِ ٻيو ڪو معبود ڪونه آهي.

پوءِ ٽئين ڏينهن ظهر جي نماز جي آخري سجدي ۾ هن دم ڏنو. پوءِ جنهن غار ۾ هو رهندو هو، جنهن جي ڀرسان هڪ کوٽيل قبر لڌائون، جنهن تي ڪفن ۽ خوشبوءِ وغيره به پيل هئي. پوءِ هن کي غسل ۽ ڪفن ڏيئي ان ۾ دفن ڪري ڇڏيائون. رحمة الله تعاليٰ.

## سندس ٻي ڪرامت

مان جڏهن شيخ جي زيارت لاءِ پئي ويس، تڏهن شيخ جي جاءِ رهائش کان ٻه منزلون اورتي، سندس چار ساٿي مون کي مليا، جن ڳالهه ڪئي ته "شيخ ڪيترن فقيرن کي چيو هو ته هڪ مغربي سياح اسان وٽ اچي رهيو آهي، تنهن جو وڃي استقبال ڪريو." تنهنڪري اسان شيخ جي حڪم سان آيا آهيون. اصل ۾ هن کي منهنجي باري ۾ ڪابه خبر ڪانه هئي ۽ اهو سڀ ڪجهه هن کي ڪشف جي ذريعي معلوم ٿيو هو. پوءِ مان هنن سان گڏجي اچي شيخ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. مان سندس خانقاه ۾ پهتس، جيڪو سندس غار جي ٻاهران هو ۽ ٻي اتي ڪابه آبادي ڪانه هئي. هن ملڪ جا هندو ۽ مسلمان سڀ هن شيخ جي زيارت لاءِ ايندا هئا ۽ هن جي لاءِ تحفا ۽ نذر آڻيندا هئا، جنهن جي آمدنيءَ مان فقير ۽ مسڪين کائيندا هئا. پر شيخ فقط پنهنجي هڪ ڳئون جي کير تي گذارو ڪندو هو. مان جڏهن سندس خدمت ۾ حاضر ٿيس، تڏهن هو اٿي بيهي، مون کي ڀاڪر پائي مليو ۽ منهنجي وطن ۽ منهنجي سفرن بابت مون کان پڇڻ لڳو. جنهن تي مون کيس سمورو حال احوال ٻڌايو. پوءِ فرمايائين ته "تون عرب جو مسافر

Marfat.com

آهين." اتي حاضرين مان ڪنهن چيو ته "هي عجم جو مسافر ٿ آهي." تنهن تي شيخ به فرمايو ته "هائو هي عجم جو مسافر به آهي، تنهنڪري هن جي خاطر تواضع ڪئي وڃي." پوء مسون کي خانقاه ۾ وٺي ويا ۽ ٻي ڏينهن منهنجي مهماني ڪيائون.

## شيخ جون ٻيون عجيب ڪرامتون

پهريائين جڏهن مان شيخ جي زيارت لاء ويو هوس تڏهن شيخ کي مرڪ (اوني ڪپڙي جو نالو) جي ڪپڙي جو هڪ چوغو پهريل ڏٺم، جو مون کي ڏاڍو وڻيو ۽ دل ۾ چيم ته جيڪڏهن شيخ اهو مون کي ڏيئي ڇڏي ته کڻي نه ڇگو ٿئي. جڏهن وري مان ڪائنس موڪلائڻ لڳس، تڏهن شيخ غار جي ٻرسان بيهي، اهو چوغو بدن نان لاهي، ڪٽي مون کي ڏيارايو، ۽ پنهنجي مٿي تان طاقيه (ٽوپ) لاهي اهو به ڪٽي منهنجي مٿي تي رکيائين. پوء فقيرن مون کي ڏاڍو ته شيخ ڪڏهن به چوغو کين ڏيکندو آهي، پر تنهنجي اڇ جي خبر پڌڻ کان پوء اهو چوغو ڏيکيو هٽائين ۽ چيائين ٿي ته مغربي اهو چوغو مون کان گهرندو، جو وري ڪافر بادشاه هن کان کسي وٺندو ۽ اهو وري منهنجي پاءُ برهان‌الدين کي ڏيئي ڇڏيندو. مون جڏهن اها گالهه فقيرن جي واڻان ٻڌي، تڏهن پڪو ارادو ڪيم ته شيخ مون کي پنهنجو لباس عطا ڪيو آهي، سو منهنجي لاء هڪ وڏي نعمت آهي ۽ اهو چوغو پائي مان ڪڏهن به ڪنهن مسلمان يا ڪافر بادشاه جي سامهون کين ويندس.

ان کان پوء مان شيخ کان موڪلائي هليو ويس ۽ گهڻي عرصي کان پوء منهنجو چين وڃڻ جو اتفاق ٿيو. اتي "خنسا" جي شهر ۾ پنهنجن ساڻين سان ٻئي گهميس، ته هڪ هنڌ ماڻهن جي هجوم جي ڪري مان هنن کان جدا ٿي ويس. ان وقت اهو چوغو مون کي پهريل هو. رستي ۾ اوچتو مون کي وزير ملي ويو، جيڪو

Marfat.com

مون کي پاڻ وٽ سڏي، منهنجي هٿ کان وٺي مون کان حال احوال پڇڻ لڳو ۽ ڳالهيون ڪندا بادشاه جي محل تائين پهتاسين. مون هن کان سوڪل گهري، پر هن اجازت نه ڏني ۽ مون کي بادشاهه وٽ وٺي ويو. جنهن مون کان مسلمان بادشاهن جون ڳالهيون پڇيون، جن جو مون مناسب جواب ڏنومانس، پر سندس نظر وڃي منهنجي چوغي تي پيئي ۽ ان جي ڏاڍي تعريف ڪيائين.

وزير مون کي چيو ته اهو چوغو لاهه، ان وقت مجبوراً اهو حڪم مڃڻو پيم. بادشاهه اهو چوغو وٺي رکيو ۽ ان جي عيوض مون کي ڏهه خلعتون، هڪ سنجيل گهوڙو ۽ خرچ لاءِ روڪڙا پيسا عطا ڪيائين. مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ شيخ جي ڳالهه ياد ايندي ئي مون کي ڏاڍو عجب لڳو. ٻئي سال مان چين جي دارالخلافه، خان بالق، ۾ ويس ته شيخ برهان‌الدين ساغر جي خانقاه ۾ اتفاق سان منهنجو وڃڻ ٿيو. اتي مون ڏٺو ته شيخ ڪو ڪتاب پڙهي رهيو هو ۽ اهو ئي چوغو پهريل هوس. مان عجب ۾ پئجي ويس ۽ چوغي کي اٿلائي پٿلائي ڏسڻ لڳس، تنهن تي شيخ چيو ته ”تون هن کي ائين ڇو ڏسي رهيو آهين، سڃاتو اٿيئي ڇا؟ مون جواب ڏنو ته، ”هائو هي چوغو ‘خنسا’ جي بادشاه مون کان ورتو هو.“

شيخ فرمايو ته شيخ جلال‌الدين هي چوغو منهنجي لاءِ تيار ڪيو هو ۽ مون کي خط ۾ لکيو هئائين ته هي چوغو فلاڻي ماڻهوءَ جي معرفت توکي ملندو. پوءِ شيخ اهو خط مون کي ڏيکاريو، جيڪو پڙهي منهنجي عجب جي حد ئي نه رهي. ان کان پوءِ مون سمورو قصو شيخ برهان‌الدين جي اڳيان بيان ڪيو. تنهن تي شيخ چيو ته منهنجي ڀاءُ شيخ جلال‌الدين جو مرتبو انهيءَ لاءِ بلند ليکيو ٿو وڃي، جو ان کي دنيا جي سڀني معاملات ۾ دخل آهي. پر هاڻي هو فوت ٿي ويو آهي. وري چوڻ لڳو ته هو هر روز صبح جي نماز مڪه معظم ۾ پڙهندو هو ۽ هر سال حج ڪندو

هو، عرفه ۽ عيد جي ڏينهن ته اهڙيءَ طرح غائب ٿي ويندو هو جو ڪنهن کي خبر به نه پوندي هئي. پوءِ شيخ جلال‌الدين کان موڪلائي مان شهر 'جنق' (١) ڏانهن روانو ٿيس. هيءُ هڪ وڏو شهر آهي، جنهن جي وچ مان هڪ درياءُ ٿو وهي. اهو درياءُ 'ڪامرو' جي جبلن مان نڪري ٿو ۽ ان کي 'درياءُ ارزق' ڪري چوندا آهن. هن جي رستي سان ماڻهو بنگال ۽ لکنوتيءَ ويندا آهن. هن درياءَ جي ٻنهي پاسي باغ بستان ۽ ڳوٺ نظر ايندا آهن، جهڙيءَ طرح مان مصر جي درياءَ نيل تي هوندا آهن. هتي جا باشندا ڪافر آهن، پر سڀ بادشاهه جي رعيت آهن. تنهنڪري سندن پيدائش جو اڌ ڍل طور ورتو ويندو آهي ۽ تحفا وغيره تنهن کان سواءِ هوندا آهن. اسان ان درياءَ ۾ پندرهن ڏينهن سفر ڪيو. رستي سان ڳوٺ ۽ باغ ايترا ته گهڻا هئا جو ڄڻ ته ڪنهن بازار جي وچ ۾ پئي لنگهياسون.

هن درياءَ ۾ بي‌انداز جهازن جي آمدرفت جاري آهي. هرهڪ جهاز کي نقارو هوندو آهي، جو جڏهن به ٻه جهاز هڪٻئي جي سامهون ايندا آهن، تڏهن وٺي اهي نقارا وڄائيندا آهن. هي هنن جو هڪٻئي کي سلام جو نمونو آهي. سلطان فخرالدين جو وري حڪم آهي ته "هن درياءَ ۾ فقيرن کان ڪنهن به قسم جو محصول نه ورتو وڃي ۽ جنهن وٽ کاڌي لاءِ ڪجهه نه هجي ان کي کاڌو ڏنو وڃي. جڏهن به ڪو فقير ڪنهن شهر ۾ لهندو آهي ته بادشاهه جي طرفان ان کي اڌ دينار ملندو آهي.

---

(١) هن نالي سان، هن وقت ڪوبه شهر موجود ڪين آهي. هيءُ لفظ شايد خبنق (خ ب ن ق) هوندو، جنهن جو مطلب ٿيندو ڪيمخيا (ڪ م خ ي ا) جتي هن وقت تائين وڏو ميلو لڳندو آهي ۽ نه فقط آسام مان پر ڀوتان کان به هتي ماڻهو اچي گڏ ٿيندا آهن. - مترجم

Marfat.com

اهڙيءَ طرح سان پندرهن ڏينهن جي سفر کان پوءِ اچي سنرگاؤن(۱) ۾ پهتاسين. هن ڏي شهر جي ساڻهن شيدا کي پڙي سلطان جي حوالي ڪيو هو.

## خاتمو

[اڳتي ابن بطوط، جاوا ۽ سوماترا مان ٽيندو، چين ڏو وڃي، جتان وري واپس سوماترا ۾ اچي، چاليهن ڏينهن سفر کان پوءِ وري ڪولم تو پهچي. جتان سنہ ۷۴۸ هجري محرم جي مهيني ۾ هربستان جي ظفار شهر ۾ تو پهچي. جتان مسقط، شيراز، يزد ۽ اصفهان وغيره کان ٽيندو، بصره ۽ ڪوفه جو سير ڪندي، شوال سنہ ۷۴۸ هجريءَ ۾ بغداد پهچي ٿو. اتان شام ڏانهن روانو ٿئي ٿو. جتان مصر، تيونس، ساردينيه ۽ اسپين مان ٽيندو، سنہ ۷۵۰ هجري ۾ فاس ۾ پهچي ٿو، جيڪو انهن ڏينهين موراکو جي گاديءَ جو هنڌ هو. يعني الڪل پنجويهه سال کن سفر ڪري پنهنجي وطن واپس وريو. پر هن سفر جي شوقين لاءِ اڃا سودان جو ملڪ رهجي ويو هو. سو محرم سنہ ۷۵۴ هجريءَ ۾ اتان ٽيندو، سنہ ۷۵۵ هجري جي آخر ۾ اچي پنهنجي وطن ڪان ڪتو. ان کان پوءِ ابن بطوطه بابت ڪجهه به معلوم ٿي نٿو سگهي، سواءِ ان جي جو هن سنہ ۷۷۸ هجريءَ ۾ وفات ڪئي.]

(وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو ديباچو ۽ به اکر. — مترجم)

---

(۱) ڪنهن زماني ۾ خاص طرح هندن جي زماني ۾ هيءُ شهر مشرقي بينگال جي گاديءَ جو هنڌ هوندو هو ۽ منجهس ڪپڙو تمام عمدو ٺهندو هو، جنهن جي تعريف "آئين اڪبريءَ" ۾ پڻ آيل آهي. هن وقت هتي جا اڻب ۽ پٺان مشهور آهن. — مترجم

Marfat.com